بسم الله الرحمن الرحيم

مهاڳ

تعريف سڀ الله جي، ۽ درود ۽ سلام اسان جي پياري پيغمبر سائين تي. ان کان پوءِ عرض ته :

اي مسلمان ڀاءُ ۽ مسلمان ڀيڻ! - الله تعاليٰ توهان تي رحمت ڪري- ڄاڻڻ گهرجي ته اسان تي ڇئن مسئلن جي ڄاڻ ضروري آهي :

پهريون : علم : يعني الله تعالىٰ جي سڃاڻ، پيغمبر ﷺ جي سڃاڻ، دين اسلام جي معرفت. **ڇاڪاڻ ته الله تعالىٰ جي عبادت بنا علم جي جائز نه آهي**، ۽ جيڪو ائين ڪندو سو گمراه ٿيندو ۽ عيسائين جهڙو ڇئبو.

ٻيو : عمل : جيڪو پڙهي ۽ ان تي عمل نه ڪري ته يهودين جهڙوڇئبو، انهن به پڙهيو پر عمل نه ڪيائون، ۽ هي شيطاني حيلو آهي، ته اهو انسان کي علم کان نفرت ڏيارڻ لاءِ ڪيس اهو بانور ڪرائيندو آهي ته هو ناڄاڻائي جي ڪري الله سائين وٽ معذور آهي، اهو نڙو سمجهي ته پڙهي سگهڻ جي باوجود نه پڙهيو، ته مٿس حجت قائم ٿي پئي. اهو قوم نوح جو حيلو آهي، جو: ﴿جَعَلُوٓاْ أَصَٰبِعَهُمۡ فِيٓ ءَاذَانِهِمۡ وَٱسۡتَغۡشَوۡاْ ثِيَابَهُمۡ﴾ پنهنجون آڱريون پنهنجي ڪنن ۾ ٿي وڌائون ۽ پاڻ تي ڪپڙا ٿي ويڙهيائون، ته جيئن مٿن حجت قائم نه ٿي.

ٽيون : علم جي دعوت ڏيڻ : ڇاڪاڻ ته عالم سڳورا نبين جا وارث آهن ۽ الله سائين بني اسرائيل تي هن ڪري لعنت وڌي جو : ﴿كَانُواْ لَا يَتَنَاهَوۡنَ عَن مُّنكَرٖ فَعَلُوهُۚ لَبِئۡسَ مَا كَانُواْ يَفۡعَلُونَ﴾ اهي برائي ۾ پوندا هئا ته ان کان باز نه ايندا هئا. اها وڏي خرابي هئي جا هو ڪندا هئا، دين جي دعوت ۽ تعليم ڏيڻ فرض ڪفايه آهي، جيڪڏهن ڪن ماڻهن ان تي عمل ڪيو ته ڪو به گنهگار نه ٿيندو، ۽ جيڪڏهن ڪنهن به ان تي عمل نه ڪيو ته سڀئي گنهگار ٿيندا.

چوٿون : تڪليف تي صبر ڪرڻ : علم پڙهڻ، ان تي عمل ڪرڻ ۽ دعوت جي راه ۾ تڪليف برداشت ڪرڻ.

جهالت جي خاتمي ۽ ضروري علم جي طلب آسان ڪرڻ خاطر هن مختصر ڪتاب ۾ بقدر ضرورت حاصل ڪرڻ جهڙي شرعي علمن کي آخري ٽن سيپارن جي تفسير سميت گڏ ڪري رهيا آهيون ڇاڪاڻ ته انهن سيپارن جي تلاوت عام طرح بار بار ڪئي ويندي آهي، عربيءَ ۾ چوٽي آهي ته : "جيڪا شيء سڃي حاصل ڪري نه سگهجي ته ان جي ڪجهه پانگي کي نه ڇڏجي".

اسان هن ڪتاب ۾ اختصار کي مد نظر رکندي صحيح حديثن کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، درجءِ ڪمال کي پهچڻ جي دعويٰ نه ٿا ڪري سگهون، ڇا ڪاڻ ته اهو درجو الله تعالىٰ لاءِ خاص آهي، باقي وس آهر ڪوشش ڪئي اٿئون، سو جيڪڏهن صحيح آهي ته اها الله تعاليٰ جي توفيق، ۽ جيڪڏهن ڪا غلطي رهجي وئي آهي ته اها اسان جي ڪوتاهي ۽ شيطاني ڀل ڇڄجي. الله ۽ ان جو رسول ﷺ ان کان بري آهن، الله تعاليٰ جي رحمت ٿي تن تي جيڪي سچي نيت سان اسان جي عيبن کي اسان تائين پهچائڻ ۾ تعاون ڪن .

الله سائين انهن کي جزاءِ خير عطا فرمائي جن هن ڪتاب جي سهيڙڻ، سمورهڻ، ڇپائڻ، ورهائڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ هٿ ونڊايو، شال سندن محنت کي قبول فرمائي، ۽ اجر ۽ ثواب کي وڌائي. آمين.

www.tafseer.info snd@tafseer.info



1

قرآن مجيد جي تلاوت جي فضيلت

قرآن شريف الله سائين جو ڪلام آهي، ان جي فضيلت پوري دنيا جي ڪلام تي ائين آهي جيئن الله تعالىٰ جي فضيلت پنهنجي مخلوق تي، ان جو پڙهڻ زبان جي پيلي ۾ پيلي ڇرپُر آهي.

قرآن شريف جي سکڻ، سيکارڻ ۽ تلاوت ڪرڻ جون تمام گهڻيون فضيلتون آهن، جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون :

قرآن شريف پڙهائڻ جو ثواب: پاڻ ﷺ جن فرمايو آهي ته: «خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْآنَ وَعَلَّمَهُ» (پلارن مان پلارو اهو ماڻهو آهي، جيڪو قرآن شريف سکي ۽ سيکاري) بخاري شريف .

قرآن شريف پڙهڻ جو ثواب: پاڻ ﷺ جن فرمايو ته: « مَنْ قَرَأَ حَرْفًا مِنْ كِتَابِ اللهِ فَلَهُ بِهِ حَسَنَةٌ والحَسَنَةُ بعَشْرِ أَمْثَالِهَا » (جنهن الله جي ڪتاب (قرآن شريف) مان هڪ حرف ب پڙهيو، ته ان کي هڪ نيڪي ملندي ۽ اها هڪ نيڪي ڏهن نيڪين برابر هوندي). ترمذي.

قرآن شريف سکڻ، ياد ڪرڻ ۽ ان جي تلاوت ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي فضيلت: پاڻ ﷺ جن فرمايو ته: « مَثَلُ الذيْ يَقْرَأُ القُرْآنَ وَهُوَ حَافِظٌ لَهُ مَعَ السَّفَرَةِ الكِرَامِ البَرَرَةِ ، وَمَثَلُ الذيْ يَقْرَأُ القُرْآنَ وَهُوَ يَتَعَاهَدُهُ وَهُوَ عَلَيْهِ شَدِيْدٌ فَلَهُ أَجْرَانِ » (جيڪو قرآن شريف پڙهندو ۽ اهو کيس ياد ب هوندو ته اهو سڳورن پيلارن ملائڪن سان گڏ هوندو، ۽ جيڪو ڏکئي لڳڻ جي باوجود لاڳيتو قرآن شريف پڙهندو رهي ته ان کي ب ثواب ملندا. متفق عليه.

۽ پاڻ ﷺ جن فرمايو آهي ته: « يُقَالُ لِصَاحِبِ القُرْآنِ:اقْرَأْ وارْتَقِ وَرَتِّلْ كَمَا كُنْتَ تُرَتِّلُ في الدُّنيا فَإِنَّ مَنْزِلَتَكَ عِنْدَ آخِرِ آيَةٍ تَقْرَأُ بِهَا» قرآن واري کي - قيامت ۾- چيو ويندو ته : پڙهندو هل ۽ مٿي چڙهندو هل ۽ ترتيل سان پڙهه جيئن دنيا ۾ ترتيل سان پڙهندو هئين، ڇا ڪاڻ ته : تنهنجي جاءِ اتي آهي جتي آخري آيت پڙهي پوري ڪندين. ترمذي.

امام خطابيؒ فرمائي ٿو : روايت آهي ته قرآن شريف جي آيتن جو ڳاڻاٽو جنت جي ڏاڪن جيترو آهي، سو پڙهندڙ کي - آخرت ۾- چيو ويندو ته : ايترا ڏاڪا مٿي چڙهه جيترين قرآن شريف جون آيتون - دنيا ۾- پڙهندو هئين، سو جنهن سڄو قرآن پڙهي پورو ڪيو هوندو ته آخرت ۾ اهو جنت جي آخري ڏاڪي تائين وڃي پهندو، ۽ جنهن ڪجهه حصو پڙهيو هوندو ته اهو اوترا ڏاڪا مٿي چڙهندو، سو جيتري تلاوت ڪندو اوترو ثواب ملندس.

اولاد کي قرآن شريف پڙهائڻ جو ثواب : پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو ته: « مَنْ قَرَأَ القُرْآنَ وَتَعَلَّمَهُ وَعَمِلَ بِهِ أُلْبِسَ وَالِدَاهُ يَوْمَ القِيَامَةِ تَاجًا مِنْ نُوْرٍ ضَوْؤُهُ مِثْلُ ضَوْءِ الشَّمْسِ، وَيُكْسَى وَالِدَاهُ حُلَّتَيْنِ لا يَقُوْمُ لَهُمَا الدُّنيا، فَيَقُوْلانِ: بِمَ كُسِيْنَا هَذِهِ؟ فَيُقَالُ: بِأَخْذِ وَلَدِكُمَا القُرْآنَ » (جنهن قرآن شريف پڙهيو ۽ سکيو ۽ ان تي عمل ڪيو، ته قيامت ڏينهن سندس والدين کي نور جو اهڙو تاج پهرايو ويندو، جنهن جي روشني سج جي روشني جيان هوندي، ۽ کين ب اهڙا پلا پهراڻ پهرايا ويندا جو سڄي دنيا انهن جي آڏو هيچ هوندي. حيران ٿي چوندا ته: هي ڇا جي ڪري اسان کي پارايا ويا آهن؟ چئبن ته: توهانجي ٻار جي قرآن شريف پڙهڻ جي ڪري). حاڪم.

آخرت ۾ قرآن شريف جي ڪيس پڙهندڙ لاءِ شفاعت: پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو ته: « اقْرَءُوْا القُرْآنَ فَإِنَّهُ يَأْتِي يَوْمَ القِيَامَةِ شَفِيْعًا لأَصْحَابِهِ » (قرآن پڙهو، ڇاڪاڻ ته قيامت ڏينهن اهو پنهنجي دوستن لاءِ سفارشي ٿي ايندو). مسلم.

۽ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ « الصِّيَامُ وَالقُرْآنُ يَشْفَعَانِ لِلعَبْدِ يَوْمَ القِيَامَةِ.... » (روزا ۽ قرآن قيامت ڏينهن ٻانهي لاءِ شفاعت ڪندا) احمد- حاڪم.

قرآن جي تلاوت ۽ درس لاءِ گڏ ٿيندڙن جو ثواب: نبي سائين ﷺ فرمايو تہ: « مَا اجْتَمَعَ قَوْمٌ فِي بَيْتٍ مِنْ بُيُوْتِ اللهِ تَعَالَى يَتْلُوْنَ كِتَابَ اللهِ وَيَتَدَارَسُوْنَهُ بَيْنَهُمْ إِلا نَزَلَتْ عَلَيْهِمُ السَّكِيْنَةُ، وَغَشِيَتْهُمُ الرَّحْمَةُ وَحَفَّتْهُمُ الملائِكَةُ وَذَكَرَهُمُ اللهُ فِيْمَنْ عِنْدَهُ » (جڏهن بہ ڪي ماڻهو الله سائين جي گهرن مان ڪنهن گهر ۾ قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ ۽ ان کي سکڻ خاطر گڏ ٿين ٿا تہ مٿن سڪنيت نازل ٿئي ٿي ۽ کين رحمت ڍڪي ٿي ۽ کين ملائڪ وکوڙي وجن ٿا، ۽ الله تعالىٰ انهن جو تذڪرو انهن ملائڪن سان ڪري ٿو جيڪي وٽس آهن) ابو داود.

قرآن پڙهڻ جا آداب: علامة ابن ڪثيرؒ جيڪي آداب ذڪر ڪيا آهن تن مان هي تہ : قرآن شريف کي ناپاڪائيءَ سان نہ هٿ لائجي ۽ نہ پڙهجي. تلاوت کان اڳ ڏندڻ ڪجي. سٿو لباس پائجي. قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهجي. اوباسي اچي تہ تلاوت بند ڪجي.تلاوت دوران بنا ضرورت نہ ڳالهائجي. حاضر دماغ رهجي. ثواب واري آيت تي وقف ڪري ثواب طلب ڪرڻ گهرجي. ۽ عذاب کان ڊيڄارڻ واري آيت تي ٻيهي پناهہ گهرجي. قرآن شريف کليو نہ رکجي ۽ نہ مٿس کا شيءِ رکجي. پڙهندڙ تلاوت ڪرڻ مهل هڪ ٻئي کان ڏاڍيان نہ پڙهن. بازار ۽ لڙ واري جاين ۾ تلاوت نہ ڪجي.

قرآن ڪيئن پڙهجي؟: حضرت انس رضی اللہ عنہ کان نبيءَ ﷺ جي تلاوت بابت پڇيو ويو. چيائين تہ: ڇڪي ڇڪي پڙهندا هئا، بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهندا هئا تہ بِسْمِ اللهِ کي ڇڪيندا هئا ۽ اَلرَحْمٰنِ کي ڇڪيندا هئا ۽ اَلرحِيْمِ کي ڇڪيندا هئا. بخاري.

تلاوت جي ثواب جي ٻيٽائي: جيڪو بہ قرآن جي تلاوت الله خاطر ڪندو. تنهن کي اجر ملندو. پر اهو اجر دل جي حاضري. سوچ ۽ سمجهہ سان تلاوت ڪرڻ ڪري وڌي ويندوآهي. جو هڪ حرف جي بدلي ڏهہ نيڪيون ... ويندي ست سؤ نيڪين تائين وڌنديون آهن.

ڏينهن رات ۾ قرآن پڙهڻ جو مقدار: نبي ڪريم ﷺ جا اصحاب سڳورا روزانو تلاوت ڪرڻ جو حصو مقرر ڪندا هئا. ستن ڏينهن کان اڳ ختم پوري ڪرڻ تي هميشگي نہ ڪندا هئا. بلڪ ٽن ڏينهن کان اڳ ختم پوري ڪرڻ کان منع آئي آهي.

سو منهنجا پيارا پاڻ! ڪوشش ڪر تہ قرآن پڙهڻ لاءِ ڪجهہ وقت مقرر ڪر. روزانو تلاوت جو پاڻ لاءِ مقدار طئي ڪر. ڪجهہ بہ ٿي پئي ان کي نہ ڇڏ.ٿوري محنت هميشگي سان ڪرڻ واري ان گهٽي محنت کان بهتر آهي جيڪا ڪري وري ڇڏي ڏجي. غفلت ۽ ننڊ جي صورت ۾ ٻئي ڏينهن ان کي قضاء ڪجي. پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو تہ: « مَنْ نَامَ عَنْ حِزْبِهِ أَوْ عَنْ شَيْءٍ مِنْهُ فَقَرَأَهُ فِيْمَا بَيْنَ صَلاةِ الفَجْرِ وَصَلاةِ الظُّهْرِ كُتِبَ لَهُ كَأَنَّمَا قَرَأَهُ مِنَ اللَّيْلِ » (جيڪو تلاوت جي مقرر ڪيل سڃي ورد يا ان جي ڪجهہ حصي تلاوت ڪرڻ کان اڳ سمهي پيو ۽ ٻئي ڏينهن فجر ۽ ظهر نمازن جي وچ ۾ پڙهي ڇڏيائين تہ ان کي رات جي تلاوت وارو ثواب ملندو. مسلم. قرآن کي ڇڏڻ يا ڪنهن بہ طريقي وسارڻ، جيئن تلاوت نہ ڪرڻ، يا ترتيل سان نہ پڙهڻ، غور سان نہ پڙهڻ، يا ان تي عمل نہ ڪرڻ، يا ان سان روحاني شفا حاصل نہ ڪرڻ وارن مان نہ ٿيڻ.

سورة الفاتحة

هن سورت جو نالو "فاتحة" (شروعات) رکيو ويوآهي، جاکاڻ ته قرآن شريف جي شروعات انهيءَ سان ٿئي ٿي، ۽ قرآن شريف لکندڙ به پهريون اها ئي سورت لکندو آهي، تلاوت کندڙ به پهريون اها ئي سورت پڙهندو آهي،حالانڪ اها نزول جي اعتبار سان پهرين سورت نه آهي، ڪي چون ٿا ته اها مکي ۾ لٿي، ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته مديني ۾ نازل ٿي، انهيءَ کي (فاتحة الڪتاب) قرآن جو مهاڳ، (ام الڪتاب) قرآن جو اصل، (السبع المثاني) بار بار پڙهجندڙ ست آيتون، (سورة الحمد) ساراه واري سورت (سورة الصلوٰة) نماز واري سورت، (الواقية) حفاظت کندڙ، به چئبو آهي، هن جي فضيلت ڪئي حديثن ۾ بيان ٿيل آهي، انهن مان هڪ هيءَ ته : نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته: «الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ هِيَ السَّبْعُ الْمَثَانِي، وَالْقُرْآنُ الْعَظِيْمُ الَّذِيْ أُوْتِيْتُهُ » (الحمد لله رب العالمين ئي بار بار پڙهجندڙ ست آيتون ۽ وڏي عظمت وارو قرآن آهي، جيڪو مون کي عطا ڪيو ويو آهي) بخاري ۽ احمد.

(1) (بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ) (الله بيحد مهربان، نهايت ٻاجهاري جي نالي سان شروع) . (بسم الله) هر سورت جي مهاڳ ۾ ان سورت جي آيت نه آهي بلڪ اها سورتن جي وچ ۾ فاصلي جي نشاني آهي، هر سورت جي منڊ ۾ ان جو پڙهڻ مستحب آهي، سورت توبه جي شروع ۾ مڪروه آهي.

(الله) الله سائين جو ذاتي نالو آهي، ان ذات کان سواءِ ڪنهن ٻئي تي نه ڳالهائبو آهي. (الاٰلٰه) معنئ: "معبود" کان ورتل آهي، اڳ هر حق ۽ باطل معبود لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو، پر پوءِ پهرين لام کان بعد واري الف کي ختم ڪري (الله) چوڻ سان رڳو سچي ٻر حق معبود لاءِ مخصوص ٿي ويو.

(اَلرَّحْمٰنِ الرحيم) (معنئ: وڏو مهربان، نهايت ٻاجهارو) رحمت مان ورتل ٻه نالا آهن، (رحمن) ۾ (رحيم) کان وڌيڪ مبالغي واري معنئ آهي، ۽ (رحمن) الله سائين کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي نه چئبو آهي.

(2) (الحمد لله) (سڀ ساراه الله کي جڳائي) الحمد: جي معنئ آهي: هر ڳڻائي ۽ ٻلاڻي تي زبان سان ساراه ڪرڻ، (الحمد) رڳو زباني ساراه ڪرڻ کي چئبو آهي، باقي (شڪر) زبان، دل ۽ ٻين عضون سان ٻه ٿيندو آهي ۽ شڪر نعمت جي بدلي ٿيندو آهي، باقي (حمد) ساراهيل جي ڪمالين جي ڪري ٿيندو آهي، پل ان جي بدلي نعمت نه ٻه هجي، الله سائين لاءِ حمد ۽ شڪر ٻئي استعمال ڪبا آهن.

(رب العالمين) (سڀني جهانن جو پالڻهار) رب: الله سائين جي مبارڪ نالن مان هڪ نالو آهي، غير الله لاءِ نسبت سان چئبو آهي، جيئن چئجي : هي ماڻهو جاءِ جو مالڪ آهي. رب: معنئ: مالڪ ــ سائين ــ اصلاح ڪندڙ ــ تدبير ڪندڙ ــ معبود. (العالمين) : (عالَم) جو جمع آهي، يعني الله کان سواءِ باقي سڀ ڪائنات، ۽ عالَم چئن سمجهه وارن جنسن : انسان ــ جن ــ ملائڪ ۽ شيطان لاءِ ڳالهائبو آهي.

(3) (اَلرَّحْمٰنِ الرحيم) جيئن ته الله سائين جي صفت (رب العالمين) ۾ ترهيب (ڊيڄاري) واري معنئ هئي، تنهن ڪري ان جي پنڌيان ترغيب خاطر (اَلرَّحْمٰنِ الرحيم) (وڏو مهربان، نهايت ٻاجهارو) چئي ترهيب ۽ ترغيب ٻنهي صفتن کي ملائي بيان ڪيائين ته جيئن سندس فرمانبرداري لاءِ مدد گار ثابت ٿين.

(4) (مالك يوم الدين) (بدلي جي ڏينهن جو مالڪ آهي) ٻنهنجي فعل ۽ پنهنجي ذات پاڪ سان، (يوم الدين) مالڪ پاڻ ٻنهنجي ٻانهن جي بدلي وارو ڏينهن، حضرت قتادهؒ فرمائي ٿو ته: "يوم الدين" اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن الله سائين پنهنجي ٻانهن کي سندن عملن جو بدلو ڏيندو. يعني جزا يا سزا ڏيندو.

(5) (إياك نعبد وإياك نستعين) (تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ تو کان ئي مدد گهرون ٿا) ڪنهن ٻئي جي نه عبادت ٿا ڪريون ۽ نه ڪائنس مدد ٿا گهرون. ۽ (عبادت) عربيءَ ۾ انتهائي درجي جي نوڙت ۽ انڪساري سان ٻانهپ کي چئبو آهي، ۽ شريعت ۾ ڪامل محبت، نوڙت ۽ ڊپ جي ميلاپ جو گڏيل نالو آهي، هتي عبادت کي استعانت کان پهريون آندو ويو آهي، جاکاڻ ته اها ئي مدد گهرڻ جو ذريعو ۽ وسيلو آهي، حضرت ابن عباس رضی اللہ عنہ (وإياك نستعين) جوتفسير بيان ڪندي فرمايو آهي ته : اي اسانجا پالڻهار! تنهنجي ئي توحيد ٿا بيان ڪريون ۽ توکان ئي ڊڄون ٿا، ڪنهن ٻئي کان هرگز نه، ۽ تنهنجي فرمانبرداري ۽ پنهنجي سيني ڪمن لاءِ توکان ئي مدد ٿا گهرون.

(6) (اهدنا الصراط المستقيم) (اسان کي سنئين راهه ڏيکار) هدايت به قسم آهي : ۱- هدايت توفيق : اها الله سائين سان خاص آهي. جيئن فرمايائين: ﴿إِنَّكَ لَا تَهْدِي مَنْ أَحْبَبْتَ وَلَكِنَّ اللَّهَ يَهْدِي مَن يَشَاءُ﴾ (اي پيغمبر! جنهن کي تون گهرين، تنهن کي هدايت نٿو ڏئي سگهين، پر الله ئي جنهن کي وٽيس هدايت ٿو ڏئي) سورت القصص : ۵۶. ۲- ڏس ڏيڻ ۽ راهنمائي ڪرڻ واري هدايت: اها پيغمبرن ۽ سندن تابعدار عالمن ۽ تبليغ ڪرڻ وارن ياران هوندي آهي، جيئن فرمايائين: ﴿وَإِنَّكَ لَتَهْدِي إِلَى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ﴾ (اي پيغمبر! بيشڪ تون سنئين راهه ڏانهن راهنمائي ڪندو آهين) سورت شوریٰ۵۲.

هيءَ - فاتحه واري - آيت ٻنهي قسمن واري هدايت جي معنئ تي دلالت ڪري رهي آهي، جاکاڻ ته الله سائين ئي پلائي جي توفيق ڏيندڙ آهي ۽ اهو ئي اسانجي راهنمائي لاءِ پيغمبر موڪليندڙ آهي، عربيءَ ۾ "الصراط المستقيم" اهڙي راه کي چئبو آهي جنهن ۾ ڪوڙ ڪڙ نه هجي، ۽ هتي مراد: اسلام وارو رستو آهي.

(7) (صراط الذين أنعمت عليهم) (انهن واري راهِ جن تي تو نعمت ڪئي) جن جو ذڪر: ﴿وَمَن يُطِعِ اللَّهَ وَالرَّسُولَ فَأُوْلَـئِكَ مَعَ الَّذِينَ أَنْعَمَ اللَّهُ عَلَيْهِم مِّنَ النَّبِيِّينَ وَالصِّدِّيقِينَ وَالشُّهَدَاء وَالصَّالِحِينَ وَحَسُنَ أُولَـئِكَ رَفِيقًا﴾ سورت النساء: ۶۹ واري آيت ۾ آيو آهي، اهي آهن پيغمبر، صديق، شهيد ۽ صالح.

(غير المغضوب عليهم) (نه ڏمر هيٺ آيلن واري واٽ) اهي آهن يهودي، جن حق سڃاڻي ڪيس ڇڏي ڏنو ۽ ڄاڻي واڻي ان کان هٽي ويا، ان ڪري الله جي ڏمر جا حقدار ٻڌيا.

سُورَةُ المجادلة
ترتيبها ٥٨ | آياتها ٢٢

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

قَدْ سَمِعَ اللَّهُ قَوْلَ الَّتِي تُجَادِلُكَ فِي زَوْجِهَا وَتَشْتَكِي إِلَى اللَّهِ وَاللَّهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَكُمَا ۚ إِنَّ اللَّهَ سَمِيعٌ بَصِيرٌ ﴿١﴾ الَّذِينَ يُظَاهِرُونَ مِنكُم مِّن نِّسَائِهِم مَّا هُنَّ أُمَّهَاتِهِمْ ۖ إِنْ أُمَّهَاتُهُمْ إِلَّا اللَّائِي وَلَدْنَهُمْ ۗ وَإِنَّهُمْ لَيَقُولُونَ مُنكَرًا مِّنَ الْقَوْلِ وَزُورًا ۚ وَإِنَّ اللَّهَ لَعَفُوٌّ غَفُورٌ ﴿٢﴾ وَالَّذِينَ يُظَاهِرُونَ مِن نِّسَائِهِمْ ثُمَّ يَعُودُونَ لِمَا قَالُوا فَتَحْرِيرُ رَقَبَةٍ مِّن قَبْلِ أَن يَتَمَاسَّا ۚ ذَٰلِكُمْ تُوعَظُونَ بِهِ ۚ وَاللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ خَبِيرٌ ﴿٣﴾ فَمَن لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ مِن قَبْلِ أَن يَتَمَاسَّا ۖ فَمَن لَّمْ يَسْتَطِعْ فَإِطْعَامُ سِتِّينَ مِسْكِينًا ۚ ذَٰلِكَ لِتُؤْمِنُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ ۚ وَتِلْكَ حُدُودُ اللَّهِ ۗ وَلِلْكَافِرِينَ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٤﴾ إِنَّ الَّذِينَ يُحَادُّونَ اللَّهَ وَرَسُولَهُ كُبِتُوا كَمَا كُبِتَ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ ۚ وَقَدْ أَنزَلْنَا آيَاتٍ بَيِّنَاتٍ ۚ وَلِلْكَافِرِينَ عَذَابٌ مُّهِينٌ ﴿٥﴾ يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللَّهُ جَمِيعًا فَيُنَبِّئُهُم بِمَا عَمِلُوا ۚ أَحْصَاهُ اللَّهُ وَنَسُوهُ ۚ وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ شَهِيدٌ ﴿٦﴾

(ولا الضالين) (۽ نہ گمراهن واري واٽ) اهي آهن عيسائي، جاڪاڻ تہ اهي پنهنجي اڻ ڄاڻائي جي ڪري حق کان پاسيرا ٿيا، تنهن ڪري عيسىٰ عليه السلام جي شان ۾ پڌري گمراهي ۽ ٻل ۾ هئا. (آمين) جي معنيٰ آهي:" اي الله! تون قبول فرماءِ"، مسند احمد ۽ ابن ماجہ جي روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ: يهودي توهانجي سلام چوڻ ۽ آمين چوڻ تي وڌ ۾ وڌ توهان سان ساڙ ڪندا آهن.

سورة المجادلة

(1) (پڌي ورتي الله ان عورت جي ڳالهہ جيڪا پنهنجي مڙس بابت توسان تڪرار ڪري رهي هئي) يعني پنهنجي مڙس جي باري ۾ توسان گفتگو ڪري رهي هئي. (۽ الله کي دانهن ڏئي رهي هئي) بيبي عائشہ رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ : "مبارڪ آهي اها ذات جنهن جو ٻڌڻ هر شيءِ تي وسعت رکي ٿو، مون خولہ بنت ثعلبہ جو ڳالهائڻ ٻڌي رهي هيس، پرڪي گفتا سمجهہ ۾ نہ ٿي آيا، پنهنجي مڙس جي دانهن ڏيندي نبي ڪريم ﷺ کي چئي رهي هئي تہ : "اي الله جا پيغمبر! انهيءَ منهنجي جواني ڳاري ڇڏي، مون (ٻار ڄڻي) ڪيس پيٽ ڏنا، هينئر جڏهن مڙهي ٿي آهيان، ۽ ٻار ٿيڻ بند ٿي ويا آهن، تہ مونکي پنهنجي ماءُ جيان حرام سمجهڻ لڳو آهي! اي منهنجا الله! آئون توکي دانهن ڏئي رهي آهيان". چيائين تہ : اڃان اتي ئي ويني هئي جو جبريل هي آيتون ڪٽي نازل ٿيو : ۽ سندس مڙس اوس بن صامت انصاري هو". (۽ الله ٻڌو ٿي توهان ۾نهي جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ) يعني جنهن باري ۾ هڪبئي سان ڳالهايو ٿي. (بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي).

(2) (جيڪي ماءُ ٿا چون توهان مان پنهنجي زالن کي) "ظهار" جي معنيٰ آهي تہ : مڙس پنهنجي زال کي چوي تہ: تون مون لاءِ منهنجي ماءُ جي پنيءَ وانگر آهين" . يعني ماءُ وانگر حرام آهين، ان کي سيئي عالم ظهار ٿا چون. (اهي سندن مائرون نہ آهن) اهو انهن جو ڪوڙ آهي، انهيءَ جملي ۾ ظهار ڪرڻ وارن لاءِ ڏمڪي ۽ ڪين ماڻ ڪرائڻ آهي. (سندن مائرون رڳو اهي آهن جن ڪين جڻيو آهي) يعني جڻيندڙين کان سواءِ ٻيون سندن مائرون نہ ٿيون ٿي سگهن. (اهي بلڪل خراب ڳالهہ ٿا چون ۽ ڪوڙ ٿا هڻن)، يعني انهن جو ائين چوڻ تمام بري ڳالهہ آهي، جنهن جي شريعت مذمت ڪري رهي آهي، جو اهي سندن جن زالن سان همبستر ٿيندا آهن تن کي ماءُ سان مشابهت ڏئي رهيا آهن، انهيءَ ۾ ماءُ جي وڏي توهين آهي، (زور): معنيٰ: ڪوڙ. (۽ بيشڪ الله معاف ڪندڙ، بخشيندڙ آهي) جو اهڙي برائيءَ کان بچائڻ خاطر ڪفارو مقرر ڪيائين.

(3) (۽ جيڪي پنهنجين زالن کي (پاڻ تي) ماءُ وانگر ٿا چون، وري پنهنجي چئي کان ڦري ٿا وڃن) يعني وري صحبت ڪرڻ جو ارادو ٿا ڪن. (تہ (مٿن) هڪ ٻانهو آزاد ڪرڻ آهي) يعني ٻانهو هجي يا ٻانهي، سندس اهڙي چوڻ جي ڪري. (هڪبئي کي هٿ لائڻ کان اڳ) هٿ لائڻ کان اڳ مان مراد : همبستر ٿيڻ آهي، تنهن ڪري ظهار ڪندڙ کي ڪفاري ڏيڻ کان اڳ ميلاپ ڪرڻ جائز نہ آهي. (اهو) مٿي بيان ٿيل حڪم (نصيحت ڪجي ٿي توهان کي آن سان) يعني توهان کي ان جو حڪم ٿا ڪريون، يا وري ظهار ڪرڻ کان توهان کي جهٽڪيون ٿا. (۽ توهان جيڪي ڪجهہ ڪريو ٿا تنهن جي الله چڱيءَ طرح خبر رکندڙ آهي).

(4) (پوءِ جيڪو ٻانهو نہ لهي تہ روزا رکي ۽ مهينا لاڳيتو، هٿ لائڻ کان اڳ) يعني جنهن ماڻهوءَ وٽ پنهنجو ٻانهو نہ هجي ۽ خريد ڪرڻ جيتري قيمت ۾ نہ هجيس، يا وري ٻانهو مليو ئي نہ جو کيس خريد ڪري، تہ مٿس ٻہ مهينا لاڳيتو روزا رکڻ واجب آهي، جيڪڏهن وچ ۾ بنا عذر جي روزو نہ رکيائين تہ وري ٻيهر شروع ڪري، ۽ جيڪڏهن انهيءَ وچ ۾ رات جو يا ڏينهن جو ساڻس همبستر ٿيو تہ ٻہ ٻيهر موڪلائي شروع ڪري. (پوءِ جنهن کي طاقت نہ هجي) يعني ٻہ مهينا لاڳيتو روزن رکڻ جي سگهہ نہ هجيس، (تہ پوءِ ست مسڪينن کي کاڌو کارائڻ آهي) هر مسڪين کي اڌ ٽويو (تقريبا پوڻا ٻہ ڪلو گرام) ڪڻڪ يا کجور يا چانور وغيره ڏئي، يا هر هڪ کي تيار ٿيل کاڌو ڏؤ ڪري کارائي، يا ڪين ايترو ڪجهہ ڏئي جو ڏؤ ڪري سگهن. (اهو هن ڪري آهي تہ جيئن الله ۽ سندس رسول جي حڪم کي اوهين مڃيو) يعني اهو حڪم اسان هن ڪري لاڳو ڪيو تہ جيئن اوهان يقين ڪريو تہ اهو الله جو حڪم ۽ ان جي شريعت آهي ۽ سندس شرعي حدود جو خيال رکو ۽ انهن کي نہ اورانگهيو ۽ "ظهار" - جنهن جي بيڄڑائي ۽ ڪوڙ هجڻ بيان ٿي ڪڍريو - ان ڏانهن وري نہ موٽو. (۽ اهي) بيان ٿيل حڪم (الله جون حدون آهن) تہ جيئن ان جي مقرر ڪيل حدن کي نہ اورانگهيو ۽ چٽو ڪري اوهان کي ٻڌايو تہ ظهار ڪرڻ گناهہ آهي ۽ ان جو بيان ٿيل ڪفارو معافي ۽ بخشش جو ڪارڻ آهي. (۽ منڪرن لاءِ) جيڪي الله جي حدن جي پاسداري نہ ٿا ڪن (دردناڪ عذاب آهي) اهو دوزخ وارو عذاب آهي.

(5) (بيشڪ جيڪي الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ٿا ڪن)، (يحادون) جي معنيٰ آهي : جهڪڙو ڪرڻ، يا دشمني رکڻ ۽ مخالفت ڪرڻ. (خوار ڪيا ويا جيئن انهن کان اڳيان خوار ڪيا ويا) يعني

أَلَمْ تَرَ أَنَّ ٱللَّهَ يَعْلَمُ مَا فِى ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَمَا فِى ٱلْأَرْضِ ۖ مَا يَكُونُ
مِن نَّجْوَىٰ ثَلَٰثَةٍ إِلَّا هُوَ رَابِعُهُمْ وَلَا خَمْسَةٍ إِلَّا هُوَ سَادِسُهُمْ
وَلَآ أَدْنَىٰ مِن ذَٰلِكَ وَلَآ أَكْثَرَ إِلَّا هُوَ مَعَهُمْ أَيْنَ مَا كَانُوا۟ ۖ ثُمَّ يُنَبِّئُهُم
بِمَا عَمِلُوا۟ يَوْمَ ٱلْقِيَٰمَةِ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيمٌ ﴿٧﴾ أَلَمْ تَرَ إِلَى ٱلَّذِينَ
نُهُوا۟ عَنِ ٱلنَّجْوَىٰ ثُمَّ يَعُودُونَ لِمَا نُهُوا۟ عَنْهُ وَيَتَنَٰجَوْنَ بِٱلْإِثْمِ
وَٱلْعُدْوَٰنِ وَمَعْصِيَتِ ٱلرَّسُولِ وَإِذَا جَآءُوكَ حَيَّوْكَ بِمَا لَمْ يُحَيِّكَ
بِهِ ٱللَّهُ وَيَقُولُونَ فِىٓ أَنفُسِهِمْ لَوْلَا يُعَذِّبُنَا ٱللَّهُ بِمَا نَقُولُ ۚ حَسْبُهُمْ
جَهَنَّمُ يَصْلَوْنَهَا ۖ فَبِئْسَ ٱلْمَصِيرُ ﴿٨﴾ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓا۟ إِذَا
تَنَٰجَيْتُمْ فَلَا تَتَنَٰجَوْا۟ بِٱلْإِثْمِ وَٱلْعُدْوَٰنِ وَمَعْصِيَتِ ٱلرَّسُولِ وَتَنَٰجَوْا۟
بِٱلْبِرِّ وَٱلتَّقْوَىٰ ۖ وَٱتَّقُوا۟ ٱللَّهَ ٱلَّذِىٓ إِلَيْهِ تُحْشَرُونَ ﴿٩﴾ إِنَّمَا ٱلنَّجْوَىٰ
مِنَ ٱلشَّيْطَٰنِ لِيَحْزُنَ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ وَلَيْسَ بِضَآرِّهِمْ شَيْـًٔا
إِلَّا بِإِذْنِ ٱللَّهِ ۚ وَعَلَى ٱللَّهِ فَلْيَتَوَكَّلِ ٱلْمُؤْمِنُونَ ﴿١٠﴾ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ
ءَامَنُوٓا۟ إِذَا قِيلَ لَكُمْ تَفَسَّحُوا۟ فِى ٱلْمَجَٰلِسِ فَٱفْسَحُوا۟ يَفْسَحِ
ٱللَّهُ لَكُمْ ۖ وَإِذَا قِيلَ ٱنشُزُوا۟ فَٱنشُزُوا۟ يَرْفَعِ ٱللَّهُ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟
مِنكُمْ وَٱلَّذِينَ أُوتُوا۟ ٱلْعِلْمَ دَرَجَٰتٍ ۚ وَٱللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ خَبِيرٌ ﴿١١﴾

ذليل ۽ رسوا ٿيندا. (۽ بيشڪ اسان چٽيون آيتون لاٿيون سي) . (۽ ڪافرن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي).

6 (جنهن ڏينهن الله انهن مڙني کي (جيئرو ڪري) اٿارينڊو) يعني: سڀني کي گڏي هڪئي حالت ۾ اهڙيءَ ريت اٿارينڊو جو به ڪائنس پنتي نه رهندو (پوءِ ڪين سندن عملن جي خبر ڏينڊو) دنيا ۾ جيڪي برا عمل ڪري آيا، ته جيئن متن حجت پوري ٿئي. (الله ان جو ڳاڻاٽو ڪري ڇڏيو آهي) سڀ عملن جو اهڙو ڳاڻاٽو ڪري ڇڏيو اٿس جو ڪو به عمل رهجي نه ويو آهي. (۽ انهن ان کي وساري ڇڏيو آهي) ياد ئي نه رکيائون، پوءِ ان کي پنهنجي اعمال نامن ۾ پورو پنو آڏو لکيل ڏسندا. (۽ الله هر شي تي شاهد آهي). يعني باخبر ۽ ڏسندڙ آهي.

7 (اي پيغمبر! توکي خبر نه آهي ڇا ته الله هر ان شيء کي ڄاڻي ٿو جيڪا آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪا زمين ۾ آهي)؟ يعني: جو ڪجهه انهن پنهي ۾ آهي تنهن کي هو اهڙيءَ ريت ڄاڻي ٿو جو ڪا به شيء ان مان ڪائنس ڳجهي نه آهي. (ناهي ڪن به ٽن جڻن جي ڪا ڳجهي صلاح)، يعني ڪن به ٽن ماڻهن جي ڪا به راز جي ڳالهه هولهه ٿئي ئي نه ٿي (مگر هو (الله) انهن ۾ چوٿون آهي) ان راز جي ڄاڻڻ ۾. (۽ نڪي پنج ڇٽا مگر هو ڇهون آهي) انگ گهٽ هجي يا وڌ، الله هر ڳاڻاٽي سان گڏ آهي، هر ڳجهه ۽ ظاهر کي ڄاڻي ٿو، ڪائنس ڪا به شيء ڳجهي ناهي. (۽ نه ان کان گهٽ ۽ نه وڌ) يعني انهيءَ انگ کان نه گهٽ، جيئن هڪ يا ٻه، ۽ نه ان کان وڌيڪ، جيئن ڇهه يا ست (مگر هو انهن سان گڏ آهي) جيڪو به راز ڪن ٽا ان کي ڄاڻي ٿو، ڪا به شيءِ ان کان لڪل نه آهي (جتي به هجن) يعني ڪهڙي به هنڌ هجن. (پوءِ ڪين ٻڌائيندو) يعني خبر ڏينڊو (سندن عملن جي، قيامت جي ڏينهن) يعني جيئن ڄاڻن ته سندن ڪو به راز ڪائنس ڳجهو نه هو ۽ جيڪي بريون صلاحون ڪن ٽا تن لاءِ پل اهو ڄاڻائڻ ڏمڪي، ماڻ ڪرائڻ ۽ الزامي حجت هجي. (بيشڪ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي).

8 (اي پيغمبر! ڇا تو انهن کي نه ڏٺو آهي جن کي ڳجهي رازن ڪرڻ کان روڪيو ويو پر وري اهي ڳالهيون ڪن پيا جن کان کين روڪيو ويو)؟ يهودين جي عادت هئي ته جڏهن ڪو مسلمان پر مان گذرندو هين ته پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳندا هئا، ته جيئن هو ڪو شر پائين، سو الله کين اهڙي سس پس ڪرڻ کان جهليو، پر هو نه مڙيا، تنهن تي اها آيت نازل ٿي. (۽ ڏوهه جون صلاحون پيا ڪن) يعني مسلمانن جي گلا غيبت ڪرڻ، ڪين تڪليف ڏيڻ، ڪوڙ مڙهڻ ۽ متن ظلم ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ. (۽ ڏاڍائي) جون صلاحون ڪرڻ جنهن ۾ مسلمانن تي ظلم ڪرڻ جو ارادو هجي. (۽ پيغمبر جي نافرماني) ان جي مخالفت جون صلاحون ڪرڻ. (۽ جڏهن تو وٽ اچن ڏا ته سلام ڏا ڪن تو تي اهڙن لفظن سان جن سان الله تو تي سلام نه ڪيو آهي) انهن مان مراد اهي يهودي آهن، جيڪي نبي ڪريم ﷺ وٽ اچي بظاهر سلام ڪندي چوندا هئا "السام عليڪ" (يعني تو تي موت هجي). ۽ نبي ڪريم ﷺ ورائندي رڳو: "وعليڪم" : (۽ توهان تي به هجي) چوندا هئا. (۽ پنهنجي دلين ۾ چون ٿا) يعني: پاڻ ۾ هڪٻئي کي چوندا هئا ته : (جو ڪجهه اسان چئون ٿا ان تي الله اسانکي عذاب ڇو نه ڏي)؟ يعني: جيڪڏهن محمد ﷺ پيغمبر هجي ها ته الله اسانکي ان چوڻ تي سزا ڇو نه ڏني جنهن ۾ سندس گستاخي آهي؟ يا هي مراد آهي ته: جيڪڏهن پيغمبر هجي ها ته سندس بد دعا (وعليڪم) چوڻ قبول ٿي ها ۽ اسان تي موت تنهن گهڙي اچي وڃي ها. (دوزخ ئي ڪافي اٿن) يعني هينئر جي موت ڪان دوزخ جو عذاب ئي ڪافي اٿن. (ان ۾ پوندا) (پوءِ ڪيڏي نه بيڇڙي موٽڻ جي جاءِ آهي) موٽ واري جاءِ يعني دوزخ.

9 (اي مؤمنو! جڏهن پاڻ ۾ ڪا سرگوشي ڪريو ته، گناهه، ڏاڍائي ۽ پيغمبر جي نافرماني بابت نه ڪريو) جيئن يهودي ۽ منافق ڪندا آهن. (۽ پلائي ۽ پرهيزگاري واري سرگوشي ڪريو) يعني فرمانبرداري ڪرڻ ۽ گناهه ڇڏڻ جهڙي ڳالهه ڪريو. (۽ ان الله ڪان ڊڄو، جنهن ڏانهن (قيامت ۾) گڏ ڪيا ويندؤ) پوءِ اتي توهانکي توهانجي عملن جو بدلو ڏينڊو.

10 (بس اها سس پس) يعني: اهڙي گناهه، ڏاڍ ۽ پيغمبر جي نافرماني واري سرگوشي (شيطان پاران آهي) ڪنهن پئي پاران نه آهي، يعني انهيءَ جي ٻٽايل سينگاريل آهي. (جيئن مؤمن ڏکائتا ٿين) يعني ڪين اهڙي پريشاني ۽ غم ۾ ٿي جو پائين ته اها پڪ ڪا سندن خلاف سازش ڪئي پئي وڃي. (جيتوڻيڪ کين ڪو به نقصان رسائيندڙ ناهي) يعني شيطان، يا اها سازش جيڪا شيطان کين سينگاري ٿو ڏئي، سا مؤمنن کي ڪو به نقصان نه ٿي رسائي سگهي. (الله جي حڪم کان سواءِ) يعني ان جي مرضي کان سواءِ. (۽ مؤمن کي الله تي ئي پروسو ڪرڻ گهرجي)، يعني ان تي پروسو ڪن ۽ کين پنهنجا سڀ معاملا ان جي حوالي ڪرڻ گهرجن، ۽ شيطان کان الله جي پناهه گهرن، ۽ شيطان جي سينگاريل سرگوشين جي پرواهه نه ڪن، بخاري، مسلم ۽ حديث جي بين ڪتابن ۾ ابن مسعود کان روايت آهي ته: نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته " إِذَا كُنْتُمْ ثَلَاثَةً فَلَا يَتَنَاجَى اثْنَانِ دُونَ الثَّالِثِ ، فَإِنَّ ذَلِكَ يُحْزِنُهُ" متفق عليه. (جيڪڏهن اوهين ٽي جڻا هجو ته، ۾ جڻا ٽئين کان الڳ ٽي ڪا سس پس نه ڪن، ڇاڪاڻ ته اهو کيس دلگير ڪندو).

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓاْ إِذَا نَٰجَيۡتُمُ ٱلرَّسُولَ فَقَدِّمُواْ بَيۡنَ يَدَيۡ نَجۡوَىٰكُمۡ صَدَقَةٗۚ ذَٰلِكَ خَيۡرٞ لَّكُمۡ وَأَطۡهَرُۚ فَإِن لَّمۡ تَجِدُواْ فَإِنَّ ٱللَّهَ غَفُورٞ رَّحِيمٌ ﴿١٢﴾ ءَأَشۡفَقۡتُمۡ أَن تُقَدِّمُواْ بَيۡنَ يَدَيۡ نَجۡوَىٰكُمۡ صَدَقَٰتٖۚ فَإِذۡ لَمۡ تَفۡعَلُواْ وَتَابَ ٱللَّهُ عَلَيۡكُمۡ فَأَقِيمُواْ ٱلصَّلَوٰةَ وَءَاتُواْ ٱلزَّكَوٰةَ وَأَطِيعُواْ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥۚ وَٱللَّهُ خَبِيرُۢ بِمَا تَعۡمَلُونَ ﴿١٣﴾ ۞ أَلَمۡ تَرَ إِلَى ٱلَّذِينَ تَوَلَّوۡاْ قَوۡمًا غَضِبَ ٱللَّهُ عَلَيۡهِم مَّا هُم مِّنكُمۡ وَلَا مِنۡهُمۡ وَيَحۡلِفُونَ عَلَى ٱلۡكَذِبِ وَهُمۡ يَعۡلَمُونَ ﴿١٤﴾ أَعَدَّ ٱللَّهُ لَهُمۡ عَذَابٗا شَدِيدًاۖ إِنَّهُمۡ سَآءَ مَا كَانُواْ يَعۡمَلُونَ ﴿١٥﴾ ٱتَّخَذُوٓاْ أَيۡمَٰنَهُمۡ جُنَّةٗ فَصَدُّواْ عَن سَبِيلِ ٱللَّهِ فَلَهُمۡ عَذَابٞ مُّهِينٞ ﴿١٦﴾ لَّن تُغۡنِيَ عَنۡهُمۡ أَمۡوَٰلُهُمۡ وَلَآ أَوۡلَٰدُهُم مِّنَ ٱللَّهِ شَيۡـٔٗاۚ أُوْلَٰٓئِكَ أَصۡحَٰبُ ٱلنَّارِۖ هُمۡ فِيهَا خَٰلِدُونَ ﴿١٧﴾ يَوۡمَ يَبۡعَثُهُمُ ٱللَّهُ جَمِيعٗا فَيَحۡلِفُونَ لَهُۥ كَمَا يَحۡلِفُونَ لَكُمۡۖ وَيَحۡسَبُونَ أَنَّهُمۡ عَلَىٰ شَيۡءٍۚ أَلَآ إِنَّهُمۡ هُمُ ٱلۡكَٰذِبُونَ ﴿١٨﴾ ٱسۡتَحۡوَذَ عَلَيۡهِمُ ٱلشَّيۡطَٰنُ فَأَنسَىٰهُمۡ ذِكۡرَ ٱللَّهِۚ أُوْلَٰٓئِكَ حِزۡبُ ٱلشَّيۡطَٰنِۚ أَلَآ إِنَّ حِزۡبَ ٱلشَّيۡطَٰنِ هُمُ ٱلۡخَٰسِرُونَ ﴿١٩﴾ إِنَّ ٱلَّذِينَ يُحَآدُّونَ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥٓ أُوْلَٰٓئِكَ فِي ٱلۡأَذَلِّينَ ﴿٢٠﴾ كَتَبَ ٱللَّهُ لَأَغۡلِبَنَّ أَنَا۠ وَرُسُلِيٓۚ إِنَّ ٱللَّهَ قَوِيٌّ عَزِيزٞ ﴿٢١﴾

(11) (اي مؤمنو! جيڪڏهن اوهانکي ڪچهرين ۾ جاءِ ڪري ويهڻ لاءِ چيو وڃي) الله سائين پاران ڪچهري ۾ ويهڻ دوران هڪٻئي جي ادب جو لحاظ رکندي جاءِ ڪري ويهڻ ۾ سوڙهه نه ڪرڻ جو حڪم آهي، قتادة ۽ مجاهد چون ٿا ته: صحابہ ڪرام نبيءَ ڪريم ﷺ جي ڪچهري ۾ ويهڻ خاطر آڪراڻي ڪندا هئا، سو ڪين حڪم ڪيو ويو ته سري پري هڪٻئي لاءِ جاءِ ڪري ويهندا ڪرن. (ته جاءِ ڪري ويهندا ڪريو، الله اوهان لاءِ ڪشادگي ڪندو) يعني ڪشادا ٿي ويهو، ته الله به اوهان لاءِ جنت ۾ ڪشادگي ڪندو، اهو حڪم هر انهيءَ مجلس لاءِ عام آهي جنهن ۾ مسلمان ڪنهن به خير جي ڪم ۽ ثواب خاطر گڏجاڻي ڪن، پل اها گڏجاڻي دشمن سان جنگ ڪرڻ يا الله جي ذڪر يا جمعي جي خطبي ٻڌڻ لاءِ هجي، جيتوٽيڪ جيڪو اڳ اچي ويهي، اهو ان جو وڏيڪ حقدار آهي، پر مسلمان ٻاءُ لاءِ سري پري ويهي، نبيءَ ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته: «لا يُقِم الرجلُ الرجلَ من مجلسِهِ ثمَّ يجلسُ فيهِ، ولكِنْ تفسّحُوا وتوسّعوا» (ڪو به ماڻهو ڪنهن ٻئي کي اٺاري پاڻ اتي نه ويهي، پر سري پري ويڪرا ٿي ويهندا ڪريو). متفق عليه. (۽ جڏهن اوهانکي اٿي وڃڻ لاءِ چئجي ته اٿي ويندا ڪريو) يعني ڪچهري ۾ ويندڙ مان جيڪڏهن ڪن کي پنهنجي جاءِ کان اٿڻ لاءِ چئجي، ته جيئن اتي کي مان وارا، ديندار ۽ عالم سڳورا ويهن ته ڪين اٿڻ گهرجي. (ته الله توهان مان مؤمنن ۽ علم وارن جا درجا بلند ڪندو) يعني توهان مان جن کي علم عطا ڪيو ويو آهي تن کي دنيا ۽ عزت ۽ ڪرامت ۽ آخرت ۾ ثواب ڏئي بلند درجا عطا ڪندو، سو جنهن ڪي ايمان سان گڏوگڏ علم جي نعمت به ڏني وئي، تنهن کي الله پهريون ايمان جي درجن سان مٿانهون ڪيو ۽ وري علم جي فضيلت سان به مٿانهون ڪيائنس، انهيءَ ڪري ڪچهرين ۾ به اهڙي ڪي مٿانهون ڪيو ويو. (۽ توهان جو ڪجهه به ڪريو ٿا تنهن جي الله کي چڱيءَ طرح خبر آهي).

(12) (اي مؤمنو! جڏهن پيغمبر سان ڪا چپاتي ڳالهه ڪريو ته انهيءَ رازداني کان اڳ صدقو ڪيندا ڪريو) يعني ڪنهن مامري لاءِ نبيءَ ڪريم ﷺ سان ڪا ڪنائتي ڳالهه ڪريو ته ان کان اڳ صدقو ڪيو ۽ خير خيرات ڪريو، جڏهن الله تعاليٰ اها آيت نازل فرمائي ته ڪوڙن ماڻهن جي نبيءَ ڪريم ﷺ سان سرگوشي بند ٿي وئي، چاڪاڻ ته اهي خير خيرات نه پيا ڏيڻ گهرن ۽ ايمان وارن لاءِ به ڳري ڳالهه ٿي پئي چو ته انهن مان گهڻن ۾ صدقي ڪيڻ جي سگهه نه هئي، انهيءَ ڪري ڪنهن به راز جي ڳالهه ڪرڻ کان رکجي ويا، تنهن ڪري الله تعالىٰ ايندڙ آيت نازل فرمائي انهيءَ حڪم ۾ نرمي آندي، حضرت مقاتلؒ چئي ٿو ته: اهو حڪم رڳو ڏهه راتيون هيو پوءِ منسوخ ٿي ويو. (اهو) رازداني کان اڳ صدقو ڏيڻ. (توهان لاءِ بهتر ۽ پاڪيزه ڪم آهي) چاڪاڻ ته انهيءَ ۾ الله تعاليٰ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري آهي. (پوءِ جيڪڏهن (خيرات ڏيڻ لاءِ ڪجهه به) نه هجيو ته پوءِ الله بخشيندڙ، مهربان آهي) يعني جيڪڏهن ڪنهن ۾ صدقي ڏيڻ جي سگهه نه هجي ته پوءِ بنا صدقي رازداني ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

(13) (ڇا اوهان سرگوشي ڪرڻ کان پهريان خيراتن ڏيڻ کان ڊڄو پيا)؟ يعني ڪجهه ڏيڻ ڪري سڀائي ۽ ڪنگالي‌ءَ جو ڊپ اٿو؟ (پوءِ جيڪڏهن ائين نه ٿا ڪري سگهو) يعني جيڪو توهان کي حڪم ڪيو ويو آهي ته رازداني کان اڳ صدقو ڪيو ۽ ان کي پوجهه ٿا پائنيو (۽ الله اوهان کي معاف ڪري ڇڏيو) جو صدقي نه ڏيڻ جي معافي ڏني ڇڏيائين. (پوءِ نماز پڙهندا ۽ زڪات ڏيندا رهو) ﴿وَأَطِيعُواْ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥۚ﴾ (۽ الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪندا رهو)، يعني جيڪڏهن راز جي ڳالهه ڪرڻ کان اڳ صدقي پيش ڪرڻ کي گهرو ٿا پائنيو ته نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪات ڏيڻ ۽ الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداريءَ تي ثابت قدم رهو (۽ الله کي چڱيءَ طرح خبر آهي جيڪي ڪجهه اوهان ڪريو ٿا)، اهو ئي اوهانکي ان جو بدلو ڏيندو.

(14) (ڇا نه ڏٺو اٿئي انهن ماڻهن کي جن ناتو ڳنڍيو آهي اهڙي قوم سان) يعني انهن سان دوستي رکيائون، انهيءَ مان منافق مراد آهن، جن يهودين سان لاڳاپا ڳنڍيا. (جن تي الله ڏمريل آهي) اهي يهودي آهن. (اهي نه توهان مان آهن ۽ نه انهن مان) جيئن الله سائين سندن باري ۾ فرمايو آهي: ﴿مُّذَبۡذَبِينَ بَيۡنَ ذَٰلِكَ لَآ إِلَىٰ هَٰٓؤُلَآءِ وَلَآ إِلَىٰ هَٰٓؤُلَآءِ﴾ (انهيءَ وچ ۾ ٻڏتر ۾ آهن، نه هنن (مؤمنن) ڏانهن آهن ۽ نه هُنن (ڪافرن) ڏانهن) ۽ انهن مان يهودي به مراد ٿي سگهن ٿا، يعني مؤمنن کي فرمايائين ته: يهودي نه توهان جا آهن ۽ نه منافقن جا، ته پوءِ منافق انهن کي پنهنجو سڃڻ چو ٿا سمجهن؟ (۽ ڪوڙ تي قسم ٿا کڻن) ته اهي مسلمان آهن، يا قسم ٿا کڻن ته هو يهودن کي توهانجون خبرون ڪو نه ٿا ٻڌائين. (حالانڪ هو ڄاڻن ٿا) ته جنهن ڳالهه تي قسم ٿا کڻن اها نسورو ڪوڙ آهي، ان جي ڪا حيثيت ئي ناهي.

(15) (الله انهن لاءِ سخت عذاب تيار ڪيو آهي) انهيءَ دوستي رکڻ ۽ ڪوڙي قسمن کڻڻ جي ڪري. (اهي جو ڪجهه ڪندا هئا سو بلڪل برو آهي).

(16) (پنهنجي قسمن کي ڍال بنايو اٿن) يعني پنهنجي مسلمان هجڻ جا جيڪي ڪوڙا قسم کڻندا هئا ته جيئن ڪفر جي ڪري

لَّا تَجِدُ قَوْمًا يُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ يُوَادُّونَ مَنْ حَادَّ اللَّهَ وَرَسُولَهُ وَلَوْ كَانُوا آبَاءَهُمْ أَوْ أَبْنَاءَهُمْ أَوْ إِخْوَانَهُمْ أَوْ عَشِيرَتَهُمْ ۚ أُولَٰئِكَ كَتَبَ فِي قُلُوبِهِمُ الْإِيمَانَ وَأَيَّدَهُمْ بِرُوحٍ مِّنْهُ ۖ وَيُدْخِلُهُمْ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا ۚ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمْ وَرَضُوا عَنْهُ ۚ أُولَٰئِكَ حِزْبُ اللَّهِ ۚ أَلَا إِنَّ حِزْبَ اللَّهِ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٢٢﴾

سُورَةُ الْحَشْرِ

(نازل ٹيل ٩٩ آيتون ٢٤)

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

سَبَّحَ لِلَّهِ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ ۖ وَهُوَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ﴿١﴾ هُوَ الَّذِي أَخْرَجَ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ أَهْلِ الْكِتَابِ مِن دِيَارِهِمْ لِأَوَّلِ الْحَشْرِ ۚ مَا ظَنَنتُمْ أَن يَخْرُجُوا ۖ وَظَنُّوا أَنَّهُم مَّانِعَتُهُمْ حُصُونُهُم مِّنَ اللَّهِ فَأَتَاهُمُ اللَّهُ مِنْ حَيْثُ لَمْ يَحْتَسِبُوا ۖ وَقَذَفَ فِي قُلُوبِهِمُ الرُّعْبَ يُخْرِبُونَ بُيُوتَهُم بِأَيْدِيهِمْ وَأَيْدِي الْمُؤْمِنِينَ فَاعْتَبِرُوا يَا أُولِي الْأَبْصَارِ ﴿٢﴾ وَلَوْلَا أَن كَتَبَ اللَّهُ عَلَيْهِمُ الْجَلَاءَ لَعَذَّبَهُمْ فِي الدُّنْيَا ۖ وَلَهُمْ فِي الْآخِرَةِ عَذَابُ النَّارِ ﴿٣﴾

قتل ٿيڻ کان بچي وڃن، سو اهڙي قسمن کي خون ٿيڻ کان ڏال ۽ بچاء بنايائون ۽ مرڻ جي ڊپ کان زباني ايمان آندائون، دليون ايمان کان خالي هين. (پوءِ روکيائون الله جي راه کان) يعني ماڻهن کي مسلمان ٿيڻ کان روکيندا ۽ پري ڪندا رهيا، مسلمانن جي معاملن کي ڪمزور ڪندا رهيا ۽ سندن وڌندڙ شان وشوکت ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. (سو انهن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي) يعني ذليل ۽ رسوا ڪندن.

17 (اصل نہ ٹارينڈو کائنئن سندن مال ۽ نہ سندن اولاد الله کان ڪا به شيء) يعني الله جي عذاب کان کين ڪا به شيءِ بچائي نہ سگهندي. (اهي دوزخي آهن) (اهي منجهس سدائين پيا هوندا) نہ اتان باهر نڪري سگهندا ۽ نہ مٿن موت ايندو.

18 (جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي اٿارينڈو، پوءِ قسم ڪٹندا سندس آڏو، جيئن توهان جي آڏو قسم ڪٹندا آهن). يعني قيامت جي ڏينهن الله آڏو ڪوڙو قسم ڪٹندا جيئن دنيا ۾ توهان آڏو قسم ڪٹندا آهن پوءِ چوندا تہ : اي اسان جا رب! تنهنجي ذات جو قسم آهي تہ اسان اهو ڪم نہ ڪيو هو. اها انهن جي وڏي بدبختي چئبي، ڇاڪاڻ تہ قيامت جي ڏينهن سڀئي حقيقتون پڌريون ٿي پنديون ۽ سڄا مامرا اکين ڏٺل، ڄاتل سڃاتل ٿي پوندا. (۽ پائيندا تہ هو ڪنهن ڳالهه تي آهن) يعني آخرت ۾ پائيندا تہ اهڙن ڪوڙن قسمن ڪٹڻ سان پاڻ کي ڪو نہ ڪو فائدو پهچائي سگهندا يا کا تڪليف دور ڪري سگهندا، جيئن دنيا ۾ اهڙا گمان ڪندا هئا. (پڌو! دراصل اهي ئي ڪوڙا آهن) يعني انهن کان وڌيڪ ٻيو ڪو ڪوڙو ٿي نہ ٿو سگهي.

19 (شيطان مٿن غالب ٿي ويو آهي) يعني ان جو مٿن غلبو آهي ۽ هو ڪائنئن مٿانهون، ڏاڍو ٽيل، ۽ کين گهيراؤ ڪري ويل آهي. (۽ الله جي يادگيري کائنئن وسارائي ڇڏي اٿس) يعني احڪامن تي هلڻ ۽ فرمانبرداري ڪرڻ ڇڏي ڏنائون. (اهي شيطان جو ٽولو آهن) يعني ان جو لشڪر ۽ ان جا تابعدار ۽ ان جي پارٽي جا آهن. (پڌو! بيشڪ شيطان جي ٽولي وارا ئي خساري وارا آهن) ڇاڪاڻ تہ انهن جنت دوزخ جي عيوضي، ۽ هدايت گمراهي عيوضي وڪٹي ڇڏي، ۽ الله ۽ سندس پيغمبر تي ڪوڙا ناهيائون، سو سگهو دنيا ۽ آخرت ۾ئي وڃائي ويهندا.

20 (۲۰) (جيڪي الله ۽ سندس پيغمبر سان مهاڏو اٽڪائين ٿا)، (محادّة) يعني: مهاڏو اٽڪائڻ. ان جي معنيٰ سورت جي منڊ ۾ گذري چڪي آهي. (اهي ذليل مان آهن) يعني الله جن قومن کي دنيا ۽ آخرت ۾ خوار خراب ۽ ذليل ڪيو آهي انهن مان آهن.

21 (الله لکي ڇڏيو آهي تہ آءٌ پاڻ ۽ منهنجا رسول ضرور سوپارا ٿيندا سي) يعني حجت ۽ طاقت سان ضرور ڏاڍا ٿيندا سي. (بيشڪ الله سگهارو، زبردست آهي) پنهنجي دوستن جي مدد ڪرڻ جي وڏي سگهه رکندڙ ۽ سندس دشمنن تي غالب آهي، ڪو به ڪائنس ڏاڍو نہ آهي.

22 (نہ لهندين کا به اهڙي قوم جيڪا الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃي، وري الله ۽ سندس رسول جي دشمنن سان دوستي رکي) يعني الله ۽ سندس رسول جي دشمنن ۽ مخالفن سان کين دوستي يا ميل ملاپ رکندڙ نہ ڏسندين. (چو تہ اهي سندن پيئر يا سندن پٽ يا سندن پائر يا سندن ڪٹنب قبيلي جا هجن) يعني الله ۽ سندس رسول جا دشمن پل دوستي رکندڙن جا پيئر ڏاڏا وغيره چو نہ هجن، ڇاڪاڻ تہ ايمان ساڻن دوستي رکڻ کان روڪي ٿو ۽ ايمان جي رعايت ڪرڻ پيءُ پٽائي، پائپي مائٽي جي لحاظ رکڻ کان وڌيڪ اهم ۽ مضبوط آهي. (اهي) يعني جيڪي الله ۽ سندس رسول جي مخالفن سان دوستي نہ رکندا آهن. (سندن دلين ۾ ايمان لکي ڇڏيائين) يعني ثابت ڪري، يا پيدا ڪري، يا گڏ ڪري ڇڏيو اٿس. (۽ مدد ڪيائين انهن جي پنهنجي طاقت سان) يعني پنهنجي مدد سان دنيا ۾ سندن دشمنن تي ڏاڍو ڪيائين، هتي الله تعالىٰ پنهنجي مدد کي (روح) فرمايو آهي، ڇا ڪاڻ تہ انهيءَ سان ئي سندن معاملا زنده ٿيندا آهن. (۽ هو کين اهڙي باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون پيون وهنديون، منجهن سدائين رهندا). (الله انهن کان راضي ٿيو) يعني سندن عمل قبول ڪيائين ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت واري رحمت جي آثار کان فيضياب بنايائين. (۽ هو ان کان راضي ٿيا) يعني الله جي دنيا ۽ آخوتر واري عطا تي خوش ٿيا. (اهي الله جي جماعت آهن) يعني ان جو لشڪر آهن، جو سندس حڪمن جي بجا آواري ڪندا آهن ۽ سندس دشمنن سان جنگ ڪندا آهن، ۽ سندس دوستن جي مدد ڪندا آهن. (ياد رکو الله جي جماعت وارائي سوپ ماڻيندڙ آهن) دنيا ۽ آخرت جي سعادت واري ڪاميابي حاصل ڪندڙ آهن. ابن ابي حاتم، طبراني ۽ حاڪم جي روايت آهي تہ: بدر جي لڙائي واري ڏينهن ابوعبيده رضی الله عنه جو پيءُ سندس گهاڙ رکي پيڇو ڪندو رهيو ۽ ابوعبيده کائنس لهرائيندو ڪترائيندو رهيو، پوءِ جڏهن گهٽو پيڇو ڪرڻ لڳس تہ نيٺ ابو عبيده کيس قتل ڪري ڇڏيو، جنهن تي هيءَ آيت لٿي.

ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ شَآقُّوا۟ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥ ۖ وَمَن يُشَآقِّ ٱللَّهَ فَإِنَّ ٱللَّهَ شَدِيدُ ٱلْعِقَابِ ﴿٤﴾ مَا قَطَعْتُم مِّن لِّينَةٍ أَوْ تَرَكْتُمُوهَا قَآئِمَةً عَلَىٰٓ أُصُولِهَا فَبِإِذْنِ ٱللَّهِ وَلِيُخْزِىَ ٱلْفَٰسِقِينَ ﴿٥﴾ وَمَآ أَفَآءَ ٱللَّهُ عَلَىٰ رَسُولِهِۦ مِنْهُمْ فَمَآ أَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَلَا رِكَابٍ وَلَٰكِنَّ ٱللَّهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهُۥ عَلَىٰ مَن يَشَآءُ ۚ وَٱللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَىْءٍ قَدِيرٌ ﴿٦﴾ مَّآ أَفَآءَ ٱللَّهُ عَلَىٰ رَسُولِهِۦ مِنْ أَهْلِ ٱلْقُرَىٰ فَلِلَّهِ وَلِلرَّسُولِ وَلِذِى ٱلْقُرْبَىٰ وَٱلْيَتَٰمَىٰ وَٱلْمَسَٰكِينِ وَٱبْنِ ٱلسَّبِيلِ كَىْ لَا يَكُونَ دُولَةًۢ بَيْنَ ٱلْأَغْنِيَآءِ مِنكُمْ ۚ وَمَآ ءَاتَىٰكُمُ ٱلرَّسُولُ فَخُذُوهُ وَمَا نَهَىٰكُمْ عَنْهُ فَٱنتَهُوا۟ ۚ وَٱتَّقُوا۟ ٱللَّهَ ۖ إِنَّ ٱللَّهَ شَدِيدُ ٱلْعِقَابِ ﴿٧﴾ لِلْفُقَرَآءِ ٱلْمُهَٰجِرِينَ ٱلَّذِينَ أُخْرِجُوا۟ مِن دِيَٰرِهِمْ وَأَمْوَٰلِهِمْ يَبْتَغُونَ فَضْلًا مِّنَ ٱللَّهِ وَرِضْوَٰنًا وَيَنصُرُونَ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥ ۚ أُو۟لَٰٓئِكَ هُمُ ٱلصَّٰدِقُونَ ﴿٨﴾ وَٱلَّذِينَ تَبَوَّءُو ٱلدَّارَ وَٱلْإِيمَٰنَ مِن قَبْلِهِمْ يُحِبُّونَ مَنْ هَاجَرَ إِلَيْهِمْ وَلَا يَجِدُونَ فِى صُدُورِهِمْ حَاجَةً مِّمَّآ أُوتُوا۟ وَيُؤْثِرُونَ عَلَىٰٓ أَنفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ۚ وَمَن يُوقَ شُحَّ نَفْسِهِۦ فَأُو۟لَٰٓئِكَ هُمُ ٱلْمُفْلِحُونَ ﴿٩﴾

سورة الحشر

1 ﴿سَبَّحَ لِلَّهِ مَا فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَمَا فِي ٱلْأَرْضِ﴾ (جو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جو ڪجهه زمين ۾ آهي سو سڀ الله جي پاڪائي ٿو بيان ڪري). ﴿وَهُوَ ٱلْعَزِيزُ ٱلْحَكِيمُ﴾ (۽ اهو ئي زبردست حڪمت وارو آهي).

2 (اهو ئي آهي جنهن اهل ڪتاب مان ڪافرن کي سندن گهرن کان پهرين ئي ويڑهه ۾ ٻاهر ڪڍي ڇڏيو) اهي بنو نضير نالي هارون عليه السلام جي پونئرن مان يهودين جو هڪ ٽولو آهي، جيڪي اسرائيلين جي فتنن واري دور ۾ اچي مديني ۾ آباد ٿيا هئا، ۽ نبي ڪريم ﷺ سان معاهدي ڪرڻ بعد غداري ڪيائون ۽ مشرڪن سان ملي سندن خلاف ٿي ٻيٺا، تنهن تي نبي ڪريم ﷺ سندن گهيراؤ ڪيو، ايتري تائين جو جلا وطني تي راضي ٿيا، امام ڪلبيؒ چئي ٿو ته: اهي اهل ڪتاب مان پهريان ماڻهو آهن جيڪي عربن جي ٻيٺ مان جلا وطن ڪيا ويا، ۽ انهن مان آخري ماڻهو حضرت عمر جي دور ۾ جلا وطن ڪيا ويا، تنهن ڪري مدينيي مان سندن جلا وطني ڪي (اول الحشر) چيو ويو، ۽ آخري جلا وطني حضرت عمر رضي الله عنه جي دور واري. ڪي چون ٿا ته: آخري حشر مان قيامت جي ڏينهن محشر جي ميدان ڏانهن سڀني ماڻهن جو گڏ ڪرڻ مراد آهي. يعني اي مسلمانو! (توهان جي وهم ۽ گمان ۾ به نه هو ته هو - يعني بنو نضير سندن طاقت ۽ ڏيڍي جي ڪري پنهنجن گهرن مان - نڪري ويندا) جو ته هو مضبوط قلعن، وڏي زرعي ايراضي ۽ ڪجن جي باغن جا مالڪ، ۽ وڏي آدمشماري ۽ گهٽي اسلحي وارا هيا. (۽ پانيئو ٿي ته سندن قلعا الله کان بچائي ونندا) يعني بنو نضير واري يهودين اهو ٿي پانيو ته سندن قلعا الله جي عذاب کان بچائي ونندا! (پوءِ الله جو امر مٿن اهڙي هنڌان آيو جتان ڪين گمان ئي نه هو) ته ڪو اتان اهو امر ايندو، اهو هيئن ته الله تعالىٰ پنهنجي پيغمبر ﷺ کي ساڻن جنگ ڪرڻ ۽ ڪين جلاوطن ڪرڻ جو حڪم فرمايو، ۽ اهو ڪين گمان ئي نه هو ته ڳالهه کا ايتري حد تائين وڃي پهچندي، بلڪ پنهنجي پَر ۾ پاڻ کي وڏي ڏيڍي ۽ طاقت وارا سمجهندا هيا. (۽ سندن دلين ۾ وڏي دهشت وڌائين) (رعب) معنىٰ: ڊپ، نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته: (نُصِرْتُ بِالرُّعْبِ مَسِيْرَةُ شَهْرٍ) (منهنجي هڪ مهيني جي پنڌ جيڏي مفاصلي تان رعب جي ذريعي مدد ڪئي وئي آهي) (جو پنهنجا گهر پنهنجن هٿن ۽ مسلمانن جي هٿن سان ڊاهڻ لڳا) يعني جڏهن ڪين جلاوطن ٿيڻ جي پڪ پئي تڏهن مسلمانن جي سندن گهرن ۾ رهڻ واري حسد ۽ ساڙ ڪان پنهنجا گهر اندريان پاڻ ڊاهڻ لڳا ته ٻاهريان وري مسلمانن پئي ڊاٽا، امام زهريؒ ۽ حضرت عروة بن زبيرؒ چون ٿا ته: جڏهن نبي ڪريم ﷺ ساڻن هن ڳالهه تي صلح ڪيو، ته جو ڪجهه توهان جا اٺ ڪٽي سگهن سو ڪٽو، ته ان تي سندن گهرن ۾ لڳل هر ڪاٺ ڪلي ۽ شهتير وغيره جيڪو ڪين چڱو ٿي نظر آيو سو گهر ڊاهي انن تي پئي ڪنيائون، ۽ باقي گهرن کي مسلمانن پئي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو. (تنهن ڪري اي اکين وارو! عبرت وٺو) يعني ڇاٽو ته جيڪو به غداري ڪندو ۽ الله سائين جو دشمن ٿيندو، ته ان جو حشر به اهڙوئي ٿيندو.

3 (۽ جيڪڏهن الله مٿن سندن گهرن مان اهڙي ريت ديس نيڪالي نه لکي ڇڏي ها ته ڪين دنيا ۾) قتل ۽ قيدي بنائڻ جو عذاب ڪري ها جيئن بنو قريظ کي سزا ڏني وئي. (ولهم في الآخرة عذاب النار) ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ باهه وارو عذاب آهي.

4 (اهو هن ڪري جو انهن الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪئي) يعني الله ۽ ان جي رسول سان ويڑ رکڻ ۽ معاهدي ٽوڙڻ جي ڪري اهڙي سزا جا حقدار بڻيا. ﴿وَمَن يُشَآقِّ ٱللَّهَ فَإِنَّ ٱللَّهَ شَدِيدُ ٱلْعِقَابِ﴾ (۽ جيڪو الله جو ويري ٿيندو ته پوءِ بيشڪ الله سخت سزا ڏيڻ وارو آهي).

5 (توهان جيڪي کجين جا وڻ وڍيا، يا انهن کي پنهنجي پاڙن تي ڇڏي ڏنو، سو سڀ الله جي حڪم سان ٿيو) ڪي مسلمان بنونضير جي ويڑهه ۾ يهودين کي ساڙ ڏيارڻ خاطر سندن کجيون ڪٽڻ لڳا، تنهن تي بنو نضير - جيڪي اهل ڪتاب هيا- چوٽ لڳا ته: اي محمد ﷺ ! تون ته پاڻ کي سڌاري لاءِ آيل نبي ٿو سڏائين؛ پوءِ پيلا کجيون ڪٽڻ ۽ وڻ ساڙڻ سڌاري جو ڪو ڪم آهي ڇا؟ جيڪو دين توتي نازل ٿيو آهي ان ۾ ڏرتيءَ تي وگوڙ پيدا ڪرڻ جهڙا احڪام آهن ڇا؟ اها ڳالهه الله جي رسول ﷺ تي گري گذري ۽ مسلمان به پشيمان ٿيڻ لڳا، تنهن تي اها آيت نازل ٿي. (۽ جيئن بدڪارن کي خوار خراب ڪري). يعني نافرمانن کي ذليل ڪري، اهي يهودي هيا، کجين کي ڪٽڻ ۽ وڍڻ مان مطلب ڪين ساڙ ڏيارڻ هو، جڏهن سندن ملڪيت ۾ مسلمانن کي سندن مرضي مطابق تصرف ڪندي ڏسن پيا، ته وڌيڪ سڙن ۽ خوار ٿين پيا.

6 (۽ سندن مال مان جو ڪجهه الله سندس رسول کي موڪلائي ڏياريو، تنهن تي اوهان نه کي گهوڙا ڊوڙايا ۽ نه کي اٺ هڪليا هئا) (ايجاف) معنىٰ: سوار جو گهوڙي کي تيز ڊوڙائڻ، يعني بنونضير جي مال ملڪيت مان الله سائين جو ڪجهه پنهنجي پيغمبر کي ڏياريو، تنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ اوهان نه کي گهوڙا ڊوڙايا ۽ نڪي اٺ هڪليا، ۽ نه کا تڪليف برداشت ڪئي ۽ نه وري کا ويڑهه ڪيو، مدينيي کان ٻن ميلن جي پنڌ تي ته هئا،

وَٱلَّذِينَ جَآءُو مِنۢ بَعۡدِهِمۡ يَقُولُونَ رَبَّنَا ٱغۡفِرۡ لَنَا
وَلِإِخۡوَٰنِنَا ٱلَّذِينَ سَبَقُونَا بِٱلۡإِيمَٰنِ وَلَا تَجۡعَلۡ فِي قُلُوبِنَا
غِلّٗا لِّلَّذِينَ ءَامَنُواْ رَبَّنَآ إِنَّكَ رَءُوفٞ رَّحِيمٌ ﴿١٠﴾ ۞ أَلَمۡ تَرَ إِلَى
ٱلَّذِينَ نَافَقُواْ يَقُولُونَ لِإِخۡوَٰنِهِمُ ٱلَّذِينَ كَفَرُواْ مِنۡ أَهۡلِ
ٱلۡكِتَٰبِ لَئِنۡ أُخۡرِجۡتُمۡ لَنَخۡرُجَنَّ مَعَكُمۡ وَلَا نُطِيعُ فِيكُمۡ
أَحَدًا أَبَدٗا وَإِن قُوتِلۡتُمۡ لَنَنصُرَنَّكُمۡ وَٱللَّهُ يَشۡهَدُ إِنَّهُمۡ لَكَٰذِبُونَ
﴿١١﴾ لَئِنۡ أُخۡرِجُواْ لَا يَخۡرُجُونَ مَعَهُمۡ وَلَئِن قُوتِلُواْ لَا يَنصُرُونَهُمۡ
وَلَئِن نَّصَرُوهُمۡ لَيُوَلُّنَّ ٱلۡأَدۡبَٰرَ ثُمَّ لَا يُنصَرُونَ ﴿١٢﴾
لَأَنتُمۡ أَشَدُّ رَهۡبَةٗ فِي صُدُورِهِم مِّنَ ٱللَّهِۚ ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمۡ قَوۡمٞ
لَّا يَفۡقَهُونَ ﴿١٣﴾ لَا يُقَٰتِلُونَكُمۡ جَمِيعًا إِلَّا فِي قُرٗى
مُّحَصَّنَةٍ أَوۡ مِن وَرَآءِ جُدُرِۭۚ بَأۡسُهُم بَيۡنَهُمۡ شَدِيدٞۚ تَحۡسَبُهُمۡ
جَمِيعٗا وَقُلُوبُهُمۡ شَتَّىٰۚ ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمۡ قَوۡمٞ لَّا يَعۡقِلُونَ ﴿١٤﴾
كَمَثَلِ ٱلَّذِينَ مِن قَبۡلِهِمۡ قَرِيبٗاۖ ذَاقُواْ وَبَالَ أَمۡرِهِمۡ وَلَهُمۡ عَذَابٌ
أَلِيمٞ ﴿١٥﴾ كَمَثَلِ ٱلشَّيۡطَٰنِ إِذۡ قَالَ لِلۡإِنسَٰنِ ٱكۡفُرۡ فَلَمَّا كَفَرَ
قَالَ إِنِّي بَرِيٓءٞ مِّنكَ إِنِّيٓ أَخَافُ ٱللَّهَ رَبَّ ٱلۡعَٰلَمِينَ ﴿١٦﴾

انهيءَ کري الله تعالىٰ بنو نضير جي مال ملکيت کي پنهنجي پيغمبر لاءِ خاص کيو. ڇاڪاڻ ته صلح سان فتح ٿيڻ تي مال غنيمت حاصل ٿيو هيو، تنهن کري مجاهدن ۾ نه ورهايو ويو.

﴿ وَلَٰكِنَّ ٱللَّهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهُۥ عَلَىٰ مَن يَشَآءُ ﴾ (پر الله پنهنجي پيغمبر کي، جنهن تي وٽيس غالب کندو آهي).

﴿ وَٱللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيۡءٖ قَدِيرٞ ﴾ (۽ الله هر شيء تي وس وارو آهي).

7 (جو کجهه الله پنهنجي پيغمبر کي انهن ڳوٺن وارن کان مال ڏياريو) هن حقيقت بيان ڪرڻ کان بعد ته (فيء) جو مال الله جي پيغمبر لاءِ خاص آهي، هتان ان جي خرچ جون مدون بيان ڪيون پيون وڃن، ۽ اهو حڪم هر انهيءَ ڳوٺ جو آهي، جنهن کي نبي ڪريم ﷺ پاڻ، يا ان کان بعد ويندي قيامت تائين مسلمان صلح سان - بنا ويڙهه جي - فتح ڪن ۽ انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ کين جنگ جوٽڻي نه پئي هجي. (سو الله لاءِ آهي) جيئن ڪيس وٽي، تيئن ان ۾ حڪم هلائي. (۽ پيغمبر لاءِ آهي) سندس ملکيت ۾ رهندو، ۽ ان کان بعد مسلمانن جي فلاح بهبود لاءِ خرچ ڪيو ويندو. (۽ سندس مائٽن لاءِ) هاشم ۽ مطلب جي اولاد لاءِ، يعني سندن غريبن لاءِ، ڇاڪاڻ ته کين صدقو ڏيڻ منع آهي، تنهن کري فيء جي مال ۾ سندن حق ڇاٽايو ويو آهي. (۽ يتيمن لاءِ) اهڙا ننڍڙا ٻار، جن جي بالغ ٿيڻ کان اڳ سندن پيءُ ماءُ فوت ٿي ويا هجن. (۽ مسڪين لاءِ). يعني غريبن فقيرن لاءِ. (۽ مسافر لاءِ) جنهن جو خرچ پڪو سفر دوران ختم ٿي ويو هجي. (ته جيئن رڳو توهان جي شاهوڪارن جي وچ ۾ نه ڦرندو رهي) پوءِ آسودا غريبن تي غالب اچي وڃن ۽ رڳو پاڻ ۾ ان مال جي ڦير گهير کندا رهن. (۽ جو کجهه توهانکي پيغمبر ڏئي، تنهن کي وٺو، ۽ جنهن کان توهان کي جهلي، تنهن کان رڪجي وڃو) يعني جو کجهه توهانکي فيء جي مال مان ڏئي، سو وٺو ۽ جنهن جي وٺڻ کان توهانکي روڪي، تنهن کان رڪجي وڃو ۽ اهو نه وٺو.

﴿ وَٱتَّقُواْ ٱللَّهَۖ إِنَّ ٱللَّهَ شَدِيدُ ٱلۡعِقَابِ ﴾ (۽ الله کان ڊڄو، بيشڪ الله سخت سزا ڏيڻ وارو آهي).

8 (انهن غريب مهاجرن لاءِ آهي، جن کي سندن گهرن مان ڪڍي ٻاهر ڪيو ويو) يعني جن کي مڪي مان نڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو پوءِ نڪري هليا ويا، سندن لاءِ به فيء جي مال ۾ حق ڇاٽايو ويو. جيئن پنهنجو گذارو ڪري سگهن.

﴿ وَأَمۡوَٰلِهِمۡ ﴾ (۽ سندن مال ملکيت مان به)، محروم ڪيو ويو. (دنيا ۾ الله کان رزق ۽ آخرت ۾ سندس رضا مندي طلب ڪن ٿا) ڪافرن سان جهاد ڪري (الله ۽ سندس رسول جي مدد ڪن ٿا). (اهي ئي سچا آهن) يعني سچائي ۾ پڪا پختا آهن.

9 (۽ جيڪي ان جاءِ تي رهيل هيا ۽ ايمان آندائون انهن مهاجرن کان اڳ) انهن مان مراد انصاري صحابي آهن، جيڪي مهاجرن کان اڳ مدينو جا رهاڪو هئا ۽ الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻي چڪا هئا. (محبت رکن ٿا انهن سان جيڪي تن وٽ هجرت ڪري آيا آهن) مهاجرن سان تمام سهڻو برتاؤ ڪيائون ۽ کين پنهنجي مال ملکيت ۽ رهڻي سهڻي ۾ گڏ ڪري ڇڏيائون. (۽ پنهنجي دلين ۾ ڪا تنگي نٿا لهن) کو حسد يا کينو يا تنگي نه ٿا پائنين. (ان مان جيڪو ڏنو ويو) مهاجرن کي فيء جي مال مان انصارن کان سواءِ جو کجهه ڏنو ويو، بلڪ اهو ڏسي اڃان سندن دليون ٽڏيون ٿي پيون، ۽ مهاجر انصارن جي گهرن ۾ رهندا هئا، پوءِ جڏهن نبي ڪريم ﷺ کي بنو نضير جي مال مان غنيمت حاصل ٿي، تڏهن انصارن کي سڏ ڪرايائين ۽ سندن مهاجرن سان پلي برتاؤ ۽ کين پنهنجي گهرن ۾ رهائڻ ۽ پنهنجي مال ملکيت ۾ پاڻ سان گڏ ڪرڻ تي سندن شڪريو ادا ڪيائين، پوءِ پاڻ فرمايائين ته : "جي گهرو ته مان توهان ۽ مهاجرن ۾ اهو مال برابر ورهايان جيڪو بنو نضير کان غنيمت ۾ حاصل ٿيو آهي ۽ مهاجر هاٿوڪي حال تي رهڻي سهڻي ۽ مال ملکيت ۾ توهان سان گڏئي رهن، ۽ جي چاهيو ته اهو مال انهن کي ڏئي ڇڏيان ۽ هو توهان جي گهرن مان نڪري وڃن"؟ مهاجرن لاءِ اهڙي ورهانگي تي انصاري ڏاڍا خوش ٿيا ۽ سندن دليون ٽڏيون ٿي پيون. (۽ اڳرو ٿا رکن پاڻ تي) مهاجرن کي دنيوي معاملات ۾. (جيتوڻيڪ پاڻ کي ضرورت هجين). (۽ جيڪو پنهنجي نفس جي بخيليءَ کان بچايو ويو، سي ئي ڪامياب آهن) يعني جنهن کي الله سندس نفساني حرص ۽ بخل کان بچائي ۽ اهو سندس مال ملکيت ۾ زڪات وغيره جهڙا شرعي حقوق ۽ واجبات ادا ڪري، ته اهو ئي ڪامياب آهي، ۽ جيڪو بخل ڪندو ۽ نفس جي لالچ ۽ حرص کان نه بچندو، ته اهو ڪامياب نه ٿي سگهندو.

10 (۽ جيڪي ڪائنات پوءِ آيا آهن) انهيءَ مان قيامت تائين ايندڙ چڱائي ۾ سندن پوئلڳ مراد آهن. دعا گهرندي (اهي چون ٿا ته : اي اسان جا پالڻهار ! اسان کي ۽ اسان جي انهن پائرن کي بخش جن اسان کان اڳ ايمان آندو) ، جيڪي آڪاڻي مهاجرن ۽ انصارن سان محبت رکندا آهن ۽ سندن لاءِ بخشش جي دعا گهرندا آهن. (۽ مؤمن لاءِ اسان جي دلين ۾ ڪا کوٽ نه وجهه) يعني ڪا ميل ۽ ڪينو ۽ ساڙ وغيره، انهيءَ ۾ صحابي سڳورا سڀ کان پهريون شامل آهن، ڇو ته اهو سڀني مؤمنن کان وڌيڪ شرف وارا آهن، ۽ هتي ڳالهه به انهن جي پئي هلي، سو جيڪڏهن ڪو به سندن لاءِ پنهنجي دل ۾ ڪا کوٽ رکندو ـ جيئن رافضي شيعا رکندا آهن ـ ته اهو جڻ شيطان جي ور

فَكَانَ عَٰقِبَتَهُمَآ أَنَّهُمَا فِى ٱلنَّارِ خَٰلِدَيْنِ فِيهَا ۚ وَذَٰلِكَ جَزَٰٓؤُا۟ ٱلظَّٰلِمِينَ ﴿١٧﴾ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ ٱتَّقُوا۟ ٱللَّهَ وَلْتَنظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۖ وَٱتَّقُوا۟ ٱللَّهَ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ خَبِيرٌۢ بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿١٨﴾ وَلَا تَكُونُوا۟ كَٱلَّذِينَ نَسُوا۟ ٱللَّهَ فَأَنسَىٰهُمْ أَنفُسَهُمْ ۚ أُو۟لَٰٓئِكَ هُمُ ٱلْفَٰسِقُونَ ﴿١٩﴾ لَا يَسْتَوِىٓ أَصْحَٰبُ ٱلنَّارِ وَأَصْحَٰبُ ٱلْجَنَّةِ ۚ أَصْحَٰبُ ٱلْجَنَّةِ هُمُ ٱلْفَآئِزُونَ ﴿٢٠﴾ لَوْ أَنزَلْنَا هَٰذَا ٱلْقُرْءَانَ عَلَىٰ جَبَلٍ لَّرَأَيْتَهُۥ خَٰشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ ٱللَّهِ ۚ وَتِلْكَ ٱلْأَمْثَٰلُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُونَ ﴿٢١﴾ هُوَ ٱللَّهُ ٱلَّذِى لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ عَٰلِمُ ٱلْغَيْبِ وَٱلشَّهَٰدَةِ ۖ هُوَ ٱلرَّحْمَٰنُ ٱلرَّحِيمُ ﴿٢٢﴾ هُوَ ٱللَّهُ ٱلَّذِى لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ٱلْمَلِكُ ٱلْقُدُّوسُ ٱلسَّلَٰمُ ٱلْمُؤْمِنُ ٱلْمُهَيْمِنُ ٱلْعَزِيزُ ٱلْجَبَّارُ ٱلْمُتَكَبِّرُ ۚ سُبْحَٰنَ ٱللَّهِ عَمَّا يُشْرِكُونَ ﴿٢٣﴾ هُوَ ٱللَّهُ ٱلْخَٰلِقُ ٱلْبَارِئُ ٱلْمُصَوِّرُ ۖ لَهُ ٱلْأَسْمَآءُ ٱلْحُسْنَىٰ ۚ يُسَبِّحُ لَهُۥ مَا فِى ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضِ ۖ وَهُوَ ٱلْعَزِيزُ ٱلْحَكِيمُ ﴿٢٤﴾

سُورَةُ الْمُمْتَحَنَة (نبيها ٦٠) (اياتها ١٣)

چڙهيو ۽ الله جي ولين ۽ سندس رسول ﷺ جي امت جي پيارن ماڻهن سان دشمني جي ڪري الله جي نافرماني جو جهجهو پاڻگو سندس نصيب ۾ آيو، ۽ اهڙي ماڻهوءَ جو فيءِ جي مال ۾ ڪو حق ئي ناهي، اهڙيءَ ريت اهي ماڻهو به جيڪي صحابہ ڪرام کي برو ڀلو چون ۽ کين اذيت پهچائڻ يا سندن شان ۾ گستاخي ڪن.

﴿11﴾ ﴿أَلَمْ تَرَ إِلَى ٱلَّذِينَ نَافَقُوا۟ يَقُولُونَ لِإِخْوَٰنِهِمُ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ مِنْ أَهْلِ ٱلْكِتَٰبِ﴾ (اي پيغمبر! ڇا نه ڏٺو اٿئي انهن منافقن کي، جيڪي چون ٿا پنهنجن پائرن مان انهن کي جن ڪفر ڪيو اهل ڪتاب مان) عبد الله بن ابي ۽ سندس ساٿي مراد آهن، جن بنو نضير جي يهودن ڏانهن چورائي موڪليو ته مضبوط ٽجو ۽ پنهنجو دفاع ڪجو، اسان توهانکي سندن حوالي نه ڪندا سون، جيڪڏهن توهان سان ويڙهه ٿي ته توهان سان گڏجي وڙهندا سون. (جيڪڏهن توهان کي تڙايو ويو ته اسان به توهان سان گڏجي نڪرندا سون) يعني توهان جا ساٿي بڌجي پنهنجن گهرن مان نڪري هلندا سون. (۽ توهان جي باري ۾ چيو نه وڻندا سي) يعني توهان جي حق ۾ ۽ توهان لاءِ. (ڪنهن هڪ جو به) جو اسان کي توهان سان گڏجي نڪرڻ کان روڪي. (ڪڏهن به) ڇو نه وڏي مدت گذري وڃي. (۽ جيڪڏهن توهان سان ويڙهه ڪئي وئي، ته اسان توهان جي ضرور مدد ڪنداسون) يعني توهان جي دشمن جي مقابلي ۾ توهان جو ساٿ ڏينداسون. پوءِ الله سائين سندن دعويٰ کي ڪوڙو ڪندي فرمايو ته: (۽ الله شاهدي ٿو ڏئي ته اهي ڪوڙا آهن) پنهنجي انهيءَ واعدي ۾ جيڪو سندن گڏجي نڪرڻ ۽ مدد ڪرڻ جو ڪيو اٿئون.

﴿12﴾ (جيڪڏهن کين تڙايو ويو ته ساٿن گڏجي نه نڪرندا ۽ جيڪڏهن ساٿن ويڙهه ڪئي وئي ته سندن مدد نه ڪندا) ۽ ٿيو ايئن، بنو نضير ۽ انهن سان گڏ ٻين يهودين جن کي تڙايو ويو، منافق ساٿن گڏجي نه نڪتا، اهڙيءَ ريت بنو قريظہ ۽ خيبر جي جن يهودين سان جنگ ڪئي وئي تن جي به مدد نه ڪيائون. (۽ جيڪڏهن سندن مدد ڪيائون به، ته پٺي ڏئي پڇندا) شڪست کاڌا ٿي. (پوءِ مدد نه ڪئي ويندن) انهن منافقن جي انهيءَ کان پوءِ، بلڪ الله سائين خوار ڪندن ۽ منافقي مان ڪو فائدو نه ملندن.

﴿13﴾ (توهان سندن دلين ۾ الله کان به وڌيڪ دهشت وارا آهيو) يعني اي مسلمانو! توهان انهن منافقن يا يهودين جي دلين ۾ الله کان به وڌيڪ ڊپ ۽ دهشت وارا آهيو. .(اهو هن ڪري، جو اهي نا سمجهه آهن) جيڪڏهن کين عقل هجي ها، ته سمجهن ها ته الله سائين ئي توهان کي مٿن غلبو ڏنو آهي، ته ڊڄڻ جو به اهو ئي وڌيڪ حقدار آهي.

﴿14﴾ (اهي سڀ گڏجي هڪ هنڌ آهون سامهون ڪڏهن به توهان سان نه وڙهندا) (مگر قلعه بند ڪوٽن ۾) يعني واهن ۽ گهٽين گهرن ۾. (يا پٽين جي اوٽ ۾) يعني ڊپ ۽ دهشت جي ڪري پٽين جي اوٽ وٺي وڙهندا. (پاڻ ۾ سخت ويڙهه پيل اٿن) يعني هڪٻئي سان ڏاڍي سختي ۽ برائي سان پيش اچڻ وارا آهن. (تون کين هڪٻئي سان متحد ٿو سمجهين، پر سندن دليون ڌار ڌار آهن) يعني ظاهر ۾ گڏيل ٿا نظرن، باقي اندر ۾ دليون ڇڄل اٿن، راين ۽ خواهشن ۾ هڪٻئي جا مخالف آهن. (اهو هن ڪري، جو اهي بي عقل ماڻهو آهن) ۽ جيڪڏهن عقل هجين ها، ته حق سڃاڻي ان جي پيروي ڪن ها ۽ متحد ٿين ها، هڪٻئي جا مخالف نه ٿين ها.

﴿15﴾ (اهي انهن وانگر آهن، جيڪي ڪائنڊ اڳ گذري چڪا آهن) يعني ڪافر ۽ مشرڪ. (ويجهڙائي ۾) يعني قريبي زماني ۾ گذري چڪا آهن. (جن پنهنجي ڪرتوتن جي سزا چکي) يعني پنهنجي ڪفر جي خراب عاقبت دنيا ۾ ئي ڏنائون، جو بدر واري جنگ ۾ ماريا ويا، ۽ اها بنونضير واري جنگ کان ڇهه مهينا ڪن اڳ ٿي گذري هئي.

﴿16﴾ پاڙي ٽيٺ ۽ ساڻ نه ڏيڻ ۾ انهن جو مثال (شيطان جي مثال وانگر آهي جو انسان کي چوي ته ڪفر ڪر!) يعني ڪيس ڪفر ڪرڻ تي اڪسائي ۽ ان کي سينگاري ڏي ۽ ان تي ڪيس هلڻ لاءِ چوي. (پوءِ جڏهن اهو انسان شيطان جي پوئلڳي ۾ سندس سينگاريل ڳالهه کي قبول ڪندي ڪفر ڪري ويهي ته شيطان ڪيس چوي ته ، آءٌ ته توکان بيزار آهيان) (آءٌ جهانن جي پالڻهار کان ڊڄان ٿو)، يعني هي جملو به شيطان جي چوٽي مان آهي، انسان کان بيزاري جي سبب ڄاڻائڻ بابت.

﴿17﴾ ﴿فَكَانَ عَٰقِبَتَهُمَآ أَنَّهُمَا فِى ٱلنَّارِ خَٰلِدَيْنِ فِيهَا﴾ (پوءِ انهن ٻنهي جي عاقبت هيءَ ٿيندي جو اهي ٻئي جهنم جي باهه ۾ هميشه لاءِ وڃي پوندا). ﴿وَذَٰلِكَ جَزَٰٓؤُا۟ ٱلظَّٰلِمِينَ﴾ (۽ اهائي ظالمن جي سزا آهي).

﴿18﴾ (اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو) يعني جيڪي حڪم توهان کي فرمايا اٿس، تن تي عمل ڪندي ۽ جن عملن کان روڪيو اٿس، تن کي ڇڏيندي، سندس سزا کان بچو. (۽ پل سوچي هر شخص ته سياڻپ لاءِ ڪهڙي شيءِ پيش ڪئي اٿس) يعني هر ماڻهوءَ کي سوچڻ گهرجي ته قيامت جي ڏينهن لاءِ ڪهڙا عمل گڏ ڪيا اٿس. ﴿وَٱتَّقُوا۟ ٱللَّهَ﴾ (۽ الله کان ڊڄو). ﴿إِنَّ ٱللَّهَ خَبِيرٌۢ بِمَا تَعْمَلُونَ﴾ (جو ڪجهه اوهين ڪندا آهيو تنهن جي الله بلڪل پوري خبر رکندڙ آهي).

﴿19﴾ (۽ انهن جهڙا نه ٿيو، جن الله کي وساري ڇڏيو) يعني سندس حڪمن کي ڇڏي ڏنائون ۽ سندس فرمانبرداري جي پرواهه نه ڪيائون.

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ لَا تَتَّخِذُواْ عَدُوِّي وَعَدُوَّكُمۡ أَوۡلِيَآءَ تُلۡقُونَ إِلَيۡهِم بِٱلۡمَوَدَّةِ وَقَدۡ كَفَرُواْ بِمَا جَآءَكُم مِّنَ ٱلۡحَقِّ يُخۡرِجُونَ ٱلرَّسُولَ وَإِيَّاكُمۡ أَن تُؤۡمِنُواْ بِٱللَّهِ رَبِّكُمۡ إِن كُنتُمۡ خَرَجۡتُمۡ جِهَٰدٗا فِي سَبِيلِي وَٱبۡتِغَآءَ مَرۡضَاتِيۚ تُسِرُّونَ إِلَيۡهِم بِٱلۡمَوَدَّةِ وَأَنَا۠ أَعۡلَمُ بِمَآ أَخۡفَيۡتُمۡ وَمَآ أَعۡلَنتُمۡۚ وَمَن يَفۡعَلۡهُ مِنكُمۡ فَقَدۡ ضَلَّ سَوَآءَ ٱلسَّبِيلِ ١ إِن يَثۡقَفُوكُمۡ يَكُونُواْ لَكُمۡ أَعۡدَآءٗ وَيَبۡسُطُوٓاْ إِلَيۡكُمۡ أَيۡدِيَهُمۡ وَأَلۡسِنَتَهُم بِٱلسُّوٓءِ وَوَدُّواْ لَوۡ تَكۡفُرُونَ ٢ لَن تَنفَعَكُمۡ أَرۡحَامُكُمۡ وَلَآ أَوۡلَٰدُكُمۡۚ يَوۡمَ ٱلۡقِيَٰمَةِ يَفۡصِلُ بَيۡنَكُمۡۚ وَٱللَّهُ بِمَا تَعۡمَلُونَ بَصِيرٞ ٣ قَدۡ كَانَتۡ لَكُمۡ أُسۡوَةٌ حَسَنَةٞ فِيٓ إِبۡرَٰهِيمَ وَٱلَّذِينَ مَعَهُۥٓ إِذۡ قَالُواْ لِقَوۡمِهِمۡ إِنَّا بُرَءَٰٓؤُاْ مِنكُمۡ وَمِمَّا تَعۡبُدُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ كَفَرۡنَا بِكُمۡ وَبَدَا بَيۡنَنَا وَبَيۡنَكُمُ ٱلۡعَدَٰوَةُ وَٱلۡبَغۡضَآءُ أَبَدًا حَتَّىٰ تُؤۡمِنُواْ بِٱللَّهِ وَحۡدَهُۥٓ إِلَّا قَوۡلَ إِبۡرَٰهِيمَ لِأَبِيهِ لَأَسۡتَغۡفِرَنَّ لَكَ وَمَآ أَمۡلِكُ لَكَ مِنَ ٱللَّهِ مِن شَيۡءٖۖ رَّبَّنَا عَلَيۡكَ تَوَكَّلۡنَا وَإِلَيۡكَ أَنَبۡنَا وَإِلَيۡكَ ٱلۡمَصِيرُ ٤ رَبَّنَا لَا تَجۡعَلۡنَا فِتۡنَةٗ لِّلَّذِينَ كَفَرُواْ وَٱغۡفِرۡ لَنَا رَبَّنَآۖ إِنَّكَ أَنتَ ٱلۡعَزِيزُ ٱلۡحَكِيمُ ٥

سورة الممتحنة

1 (اي مؤمنو! منهنجي دشمن ۽ پنهنجي دشمن کي دوست نہ بڻايو) هيءَ آيت حاطب بن ابي بلتعہ جي باري ۾ نازل ٿي، جڏهن مکي جي مشرک قريشن ڏانهن خط اماڻي کين نبي کريم ﷺ جي فتح مکي جي دوران سن اٺين هجريءَ ۾ مٿن ڪاهہ بابت خبر ٿي ڏنائين. ۽ هيءَ آيت ڪافرن سان ڪنهن بہ نموني دوستي ۽ تعلق رکڻ کان روڪڻ جو وڏو ثبوت آهي. (توهان انهن ڏانهن دوستيءَ جا پيغام ٿا موڪليو) يعني توهان ۽ سندن درميان جيڪا دوستي آهي ان کي پاڻيندي انهن ڏانهن پيغمبر ﷺ جي خبرن جا پيغام ٿا اماڻيو. (جڏهن تہ هو ان حق جو انکار کري چڪا آهن جيکو توهان وٽ آيو آهي) يعني الله ۽ سندس رسول ۽ قرآن جي ذريعي جيکا توهان وٽ هدايت الاهي آئي آهي، تنهن جو نسورو انکار کري چڪا آهن. (پيغمبر ۽ توهان کي ڪڍي چڪا آهن) يعني توهان وٽ آيل سچي دين جو انکار ڪندي، رسول ۽ توهانکي مکي مان لوڏي چڪا آهن، ان جي باوجود توهان ساڻن دوستي ٿا رکيون اڇو؟ هن کري (جو توهان پنهنجي پالڻهار الله تي ايمان آندو آهي) يعني توهان کي ان کري لوڏيائون، جو توهان الله تي ايمان آندو، يا توهان جي ايمان کي ناپسند ڪندي توهانکي ڪڍيائون. (جيڪڏهن توهان منهنجي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ ۽ منهنجي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ نڪتا هيؤ) تہ پوءِ منهنجي ۽ پنهنجي دشمنن کي دوست نہ بڻايو. (ڳجها پيغام ٿا موڪليو انهن ڏانهن دوستيءَ جي کري) يعني دوستيءَ جي کري ڳجهن رازن جون خبرون ٿا ڪين پهچايو؟ (۽ آءٌ ڄاڻان ٿو جيکو (پوءِ ڪائنڊ پنهنجا وجودئي وساراي ڇڏيائين) يعني کيس وسرائڻ جي کري پنهنجو پاڻ کي ئي وساري وينا، جو پنهنجي نفس کي عذاب ڪان بچائڻ لاءِ ڪي عمل ئي نہ ڪيائون، ۽ پڻ هي بہ مراد ٿي سگهي ٿو تہ: الله کي خوشحالي ۾ وساري ڇڏيائون، تہ هن وري ڏکي ڏينهن ۾ ڪائنڊ پنهنجا وجود ئي وسرائي ڇڏيا. (اهي ئي فاسق آهن) يعني الله جي فرمانبرداري ڪان نڪتل آهن.

20 ﴿ لَا يَسۡتَوِيٓ أَصۡحَٰبُ ٱلنَّارِ وَأَصۡحَٰبُ ٱلۡجَنَّةِ ﴾ (دوزخ وارا ۽ بهشت وارا هڪ جهڙا نہ ٿا ٿي سگهن). (بهشت وارا ئي ڪامياب آهن)، يعني هر مراد ماڻيندڙ ۽ هر ڏکيائي کان ڇٽڪاري وارا آهن.

21 (جيڪڏهن اسان هيءُ قرآن ڪنهن جبل تي لاهيون ها، تہ ان کي الله جي ڊپ ڪان عاجزي ڪندڙ، ڦاٽي پوندڙ ڏسين ها) يعني قرآن جو شان، عظمت ، بلاغت ۽ دلين کي نرم ڪندڙ واعظن تي شامل هجڻ ايڏي بلند درجي تي پهتل آهي جو ڪيس جيڪڏهن جبلن مان ڪنهن هڪ جبل تي نازل ڪيو وڃي ها تہ اهو جبل تمام سخت، مضبوط ۽ ايڏي وڏي جسامت واري هجڻ جي باوجود الله جي عذاب جي ڊپ کان ۽ هن ڏر کان تہ متان الله جي ڪلام جي تعظيم جو حق ادا نہ ٿي سگهي، ڏاروڻن ڏئي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڦاٽي پئي ها. (۽ اهي مثال اسان هن ڪري ٿا ماڻهن لاءِ ڏيون، تہ جيئن سوچ ويچار ڪن) اهڙن شين ۾ جن ۾ غور وفڪر ڪرڻ ضروري آهي، پوءِ واعظن مان نصيحتون ونڻ ۽ ڊيڄارينڊ گالهين جي کري ڊڄي وڃن.

22 ﴿ هُوَ ٱللَّهُ ٱلَّذِي لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ﴾ (اهو ئي آهي الله، جنهن کان سواءِ پيو ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي).

(هر ڳجهہ ۽ ظاهر کي ڄاڻيندڙ آهي) يعني جيڪي شيون اسان جي ظاهري حواس کان ڳجهيون آهن تن کي بہ ڄاڻي ٿو، باقي جيڪي آڏو آهن سي تہ اکين سان ئي ڏسڻ ۾ آيندیون آهن. ﴿ هُوَ ٱلرَّحۡمَٰنُ ٱلرَّحِيمُ ﴾ (اهو ئي ٻاجهارو، مهربان آهي).

23 (اهو ئي آهي الله، جنهن کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي) تاڪيد ڪرڻ ۽ ذهن نشين ڪرائڻ خاطر انهيءَ جملي کي ورهايائين. (بادشاهہ، پاڪ ذات آهي) يعني هر عيب کان پاڪ.

﴿ ٱلسَّلَٰمُ ﴾ (هر عيب کان آجو)، يا هي تہ : مخلوق کي پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ کان سلامتي ڏيندڙ. (امن ڏيندڙ) يعني پنهنجي ٻانهن کي ظلم کان امن بخشيندڙ، يا پنهنجي پيغمبر کان معجزن جو اظهار ڪرائي سندس صديق ڪندڙ. (نگهباني ڪندڙ) يعني پنهنجي ٻانهن تي سندن عملن سميت گواهہ ۽ مٿن نگراني ڪندڙ. (ڏاڍو) غالب، مغلوب نہ ٿيندڙ. (زبردست) الله سائين جو جبروت سندس عظمت کي چٽبو آهي، يا جنهن جي ڏاڍ ۽ ڏبدبي برداشت ڪرڻ جي همت ئي نہ رکي سگهجي. (وڏائيءَ وارو)، يعني جيڪو هر عيب کان مٿانهون هجي ۽ جو ڪجهہ ڪيس نہ جڳائي تنهن کان اعليٰ شان وارو. ۽ ڪبريائي الله تعالىٰ جي حق ۾ سندس تعريفي صفتن مان آهي ۽ مخلوق جي حق ۾ مذمتي صفتن مان آهي. ﴿ سُبۡحَٰنَ ٱللَّهِ عَمَّا يُشۡرِكُونَ ﴾ (جيڪو شرڪ ڪن ٿا، تنهن کان الله پاڪ آهي).

24 (اهو ئي آهي الله، خلقڻهار) يعني پنهنجي ارادي ۽ مشيت مطابق هر شيءِ جو خاص اندازو ڪندڙ. (ناهيندڙ) يعني نئين تخليق ڪندڙ، اٿوند مان هوند ڪندڙ، شين جو موجد. (صورت ناهيندڙ) يعني نيون نيون شڪليون ناهيندڙ، مختلف اندازن ۾ صورتون ٻڌائيندڙ. ﴿ لَهُ ٱلۡأَسۡمَآءُ ٱلۡحُسۡنَىٰ ﴾ (ان جا سڀ نالا سهڻا آهن).

(جيڪي بہ آسمانن توڙي زمين ۾ آهي، سو سڀ ان جي پاڪائي بيان ٿو ڪري) يعني جو ڪجهہ انهن ۾ آهي سو سڀ زبان حال يا قال سان ان جي پاڪائي ٿو بيان ڪري. ﴿ وَهُوَ ٱلۡعَزِيزُ ٱلۡحَكِيمُ ﴾ (اهو ئي غالب، وڏي حڪمت وارو آهي).

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيهِمْ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَن كَانَ يَرْجُو اللَّهَ وَالْيَوْمَ الْآخِرَ ۚ وَمَن يَتَوَلَّ فَإِنَّ اللَّهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيدُ ﴿٦﴾ عَسَى اللَّهُ أَن يَجْعَلَ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ الَّذِينَ عَادَيْتُم مِّنْهُم مَّوَدَّةً ۚ وَاللَّهُ قَدِيرٌ ۚ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٧﴾ لَّا يَنْهَاكُمُ اللَّهُ عَنِ الَّذِينَ لَمْ يُقَاتِلُوكُمْ فِي الدِّينِ وَلَمْ يُخْرِجُوكُم مِّن دِيَارِكُمْ أَن تَبَرُّوهُمْ وَتُقْسِطُوا إِلَيْهِمْ ۚ إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِينَ ﴿٨﴾ إِنَّمَا يَنْهَاكُمُ اللَّهُ عَنِ الَّذِينَ قَاتَلُوكُمْ فِي الدِّينِ وَأَخْرَجُوكُم مِّن دِيَارِكُمْ وَظَاهَرُوا عَلَىٰ إِخْرَاجِكُمْ أَن تَوَلَّوْهُمْ ۚ وَمَن يَتَوَلَّهُمْ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الظَّالِمُونَ ﴿٩﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِذَا جَاءَكُمُ الْمُؤْمِنَاتُ مُهَاجِرَاتٍ فَامْتَحِنُوهُنَّ ۖ اللَّهُ أَعْلَمُ بِإِيمَانِهِنَّ ۖ فَإِنْ عَلِمْتُمُوهُنَّ مُؤْمِنَاتٍ فَلَا تَرْجِعُوهُنَّ إِلَى الْكُفَّارِ ۖ لَا هُنَّ حِلٌّ لَّهُمْ وَلَا هُمْ يَحِلُّونَ لَهُنَّ ۖ وَآتُوهُم مَّا أَنفَقُوا ۚ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ أَن تَنكِحُوهُنَّ إِذَا آتَيْتُمُوهُنَّ أُجُورَهُنَّ ۚ وَلَا تُمْسِكُوا بِعِصَمِ الْكَوَافِرِ وَاسْأَلُوا مَا أَنفَقْتُمْ وَلْيَسْأَلُوا مَا أَنفَقُوا ۚ ذَٰلِكُمْ حُكْمُ اللَّهِ ۖ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ ۚ وَاللَّهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿١٠﴾ وَإِن فَاتَكُمْ شَيْءٌ مِّنْ أَزْوَاجِكُمْ إِلَى الْكُفَّارِ فَعَاقَبْتُمْ فَآتُوا الَّذِينَ ذَهَبَتْ أَزْوَاجُهُم مِّثْلَ مَا أَنفَقُوا ۚ وَاتَّقُوا اللَّهَ الَّذِي أَنتُم بِهِ مُؤْمِنُونَ ﴿١١﴾

كجھ توهان لكائي ٿا كريو ۽ جيكو كجھ ظاهر ظهور ٿا كريو) يعني توهان مان هر ماڻهو جيكي بہ خبرون انهن ڏانهن موكلي ٿو، انهن سيني كي آڳاٽان ٿو. (۽ توهان مان جيكو بہ لائين كندو، سو پك سان سڌي رستي كان پٽكي ويو) حق واري سڌي راه كان ڦٽڻي ويو ۽ سنئين واٽ كان هٽي ويو.

2 (جيكڏهن كٽي بہ توهانكي لڏائون تہ توهان جا دشمن ٿي پوندا) يعني جيكڏهن كٽي بہ توهان سان ملاقات ٿين يا اوچتي كٽي توهان سندن ور چڙهي ويا تہ سندن دلين ۾ جيكا دشمني پريل آهي سا سڀ ظاهر كري ٻيهندا. (۽ ڊگهيريندا توهان ڏانهن پنهنجا هٿ ۽ پنهنجون زبانون بريءَ طرح) يعني وڍهڻ لاءِ الرون كندي هٿ ڊگهيريندا ۽ گاريون گند كڍندي زبان درازي كندا. (۽ هو چاهين ٿا تہ جيكر توهان بہ كافر ٿي وڃو) توهان جي مرتد ٿيڻ ۽ كفر ڏانهن موٽڻ جي تمنا ٿا كرن.

3 (توهانجا مٽ مائٽ توهانكي كو فائدو نہ ڏيندا ۽ نكو توهانجي اولاد) جو انهن جي كري توهان كافرن سان لاڳاپا ركو، جيئن حاطب واري واقعي مان ثابت ٿيو. پر توهانكي فائدو انهيءَ مان پوندو جنهن جو توهانكي الله حكر فرمايو آهي، تہ كافرن سان دشمني ركو ۽ انهن سان جهاد كريو ۽ انهن سان دوستيون ٽوڙي ڇڏيو. (قيامت جي ڏينهن توهانجي وچ ۾ فيصلو كندو) پوءِ فرمانبردار ٻانهن جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ نافرمان جهنم ۾ وڌا ويندا. ﴿وَاللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ﴾ (۽ جيكو كجھ توهان كريو ٿا، تنهن كي الله چگيءَ طرح ڏسندڙ آهي).

4 (بيشك توهان لاءِ سهڻي پيروي آهي) يعني سهڻو نمونو ۽ مثال آهي جنهن جي توهان كي پيروي كرڻ جڳائي. (ابراهيم ۽ سندس ساٿين ۾) الله سائين فرمائي ٿو تہ اي حاطب! تون ابراهيم ؑ جي پيروي نہ كئي، جو پنهنجي خاندان كان بيزاريءَ جو اعلان كرين ها، جيئن ابراهيم ؑ پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم كان بيزاريءَ جو اعلان كري ڇڏيو هو. (جڏهن پنهنجي قوم كي چيائون تہ اسان توهان كان لا تعلق آهيون) يعني توهان كان بيزار آهيون، نہ اسان توهان جا ۽ نہ توهان اسان جا، ڇاكاڻ تہ اوهان الله جا منكر آهيو. (۽ الله كان سواءِ جن جي توهان عبادت ٿا كريو) تن بتن كان بہ بيزار آهيون. (اسان توهان جا انكاري آهيون) يعني توهان جي دين ۽ توهان جي افعالن جا انكاري آهيون. (۽ اسان ۽ توهان جي وچ ۾ هميشه لاءِ ويڑ ۽ كينو پڌرو ٿي چكو آهي) يعني جيتوڻيڪ اوهان كفر تي آهيو تہ اسان جي هلت توهان سان اها ئي رهندي. (جيسين هك الله تي ايمان آڻيو) ۽ شرك كرڻ هميشہ لاءِ ڇڏي ڏيو، پوءِ جيكڏهن ائين كندؤ تہ دشمني دوستي ۾ بدلجي ويندي ۽ كينو پيار ۾ بدلجي ويندو. (پر ابراهيم جو پنهنجي پيءُ كي چوڻ تہ آءٌ ضرور تو لاءِ بخشش گهرندس) يعني ابراهيم جي هر ڳالهہ ۾ توهان لاءِ سهڻو نمونو آهي، پر سندس پيءُ كي پنهنجي انهيءَ چوٽي ۾ نہ، سو ان ڏس ۾ توهان سندس پيروي نہ كريو، جومشركن لاءِ بخشش جون دعائون گهرندا وتو، ڇاكاڻ تہ اهو سندس پيءُ سان هك واعدو ٿيل هيو، جنهن جي وفائي ٿي كيائين. ﴿فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهُ أَنَّهُ عَدُوٌّ لِّلَّهِ تَبَرَّأَ مِنْهُ﴾ (پر جڏهن پك پيس تہ هو الله جو نسورو ويري آهي، تڏهن قري ان كان لا تعلقي جو اظهار كيائين) ۽ چيائينس: (۽ آءٌ تولاءِ الله كان كنهن شيءِ جو حق نٿو ركان) يعني الله جي عذاب مان كا بہ شيءِ تو كان ٽاري نٿو سگهان.

﴿رَّبَّنَا عَلَيْكَ تَوَكَّلْنَا وَإِلَيْكَ أَنَبْنَا وَإِلَيْكَ الْمَصِيرُ﴾

(اي اسانجا رب! اسان توتي ئي توكل كئي آهي ۽ توڏانهن ئي ورڻا آهيون، ۽ توڏانهن ئي موٽڻو آهي).

5 (اي اسان جا رب! اسان كي كافرن لاءِ آزمائش نہ بناءِ) امام مجاهدؒ چوي ٿو تہ معنىٰ: اسانكي نہ انهن جي هٿان تكليف ڏيار ۽ نہ پاڻ پنهنجي آزمائش ۾ وجهہ، جو اهي وري چون تہ: جيكڏهن اهي حق تي هجن ها، تہ هوند اها تكليف نہ رسين ها!. ﴿وَاغْفِرْ لَنَا رَبَّنَا﴾ (۽ اسانكي معاف كر اسانجا پالٹهار). ﴿إِنَّكَ أَنتَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ﴾ (بيشك تون ئي غالب، وڏي حكمت وارو آهين).

6 (يقينن توهان لاءِ انهن ۾ ئي سهڻي پيروي آهي) يعني ابراهيم ۽ سندس ساٿين ۾ ئي سهڻو مثال آهي. (انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ جيكو الله ۽ قيامت جي ڏينهن جي اميد ركندو هجي) يعني اهو سهڻو نمونو رڳو انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ آهي جيكو دنيا ۽ آخرت ۾ الله كان پلائي جي آس ۽ لالچ ركندو هجي. (۽ جيكو منهن موڙيندو) يعني اهڙي پيروي كان منهن ڦيرينده تہ: (پوءِ بيشك الله ئي بي پرواه) پنهنجي ساري مخلوق كان. (ساراهيل آهي) پنهنجي دوستن وٽ.

7 (ٿي سگهي ٿو تہ الله توهان جي ۽ جن سان توهانجي دشمني آهي تن جي وچ ۾ محبت پيدا كري) يعني توهان ۽ مكي جي مشركن جي وچ ۾، جو مسلمان ٿي پوءِ توهان جي دين وارا ٿي پون، ۽ ٿيو بہ ائين، جو فتح مكي كان پوءِ انهن مان گهڻا ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿيا ۽ پكا پختا مسلمان ٿي پيا، پوءِ انهن ۽ كائنڪ اڳ مسلمان ٿيلن ۾ دوستي ٿي وئي، ۽ جهاد كيائون ۽ الله سائين جي قرب حاصل كرڻ وارا كم كيائون، ۽ نبي كريم ﷺ ابوسفيان جي نياٽي ام حبيبہؓ سان شادي كئي، ان سان دوستي

فتح مکي واري ڏينهن اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ ٿي هئي، ابوسفيان ﺑ نبيءَ ڪريم ﷺ سان پنهنجي دشمني ڇڏي ڏني، ابوهريرة ڪان روايت آهي ته : الله جي دين قائم ڪرڻ خاطر مرتدن سان پهريون جنهن ٺڙائي ڪئي اهو ابوسفيان بن حرب هيو، انهيءَ ئي جي باري ۾ اها مٿين آيت نازل ٿي آهي. (ﺀ الله وڏي سگهه وارو آهي) دشمنن جي دلين کي سنئون ڪري پنهنجي بخشش ﺀ رحمت ۾ داخل ڪرڻ ٿي ﺑ وڏي سگهه رکڻ وارو آهي. ﴿وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ﴾ (ﺀ الله بخشڻهار، وڏو مهربان آهي).

8 (الله توهان کي انهن کان نه ٿو روکي، جن توهان سان نه دين ۾ جنگ ڪئي ﺀ نه وري توهانکي توهانجي گهرن مان ڪڍيائون). (جو توهان انهن سان نيڪي ڪريو) جيئن صلي رحمي، پاڙيسريءَ کي فائدو پهچائڻ ﺀ مهمانوازيءَ جهڙا نيڪيءَ جا ڪم. (ﺀ انهن سان انصاف ڪريو) سندن حق حقوق هجن ته انهن جي ادائگي ۾ انصاف سان هلو، واعدي وفائي ڪريو، امانتون واپس ڪريو، ڪائنڪ کا ﺑ شيءِ خريد ڪريو ته ان جي بنا کوٽ جي پوري قيمت ادا ڪريو. (بيشڪ الله انصاف ڪندڙن کي پسند ٿو ڪري) يعني: الله سائين انهن ڪافرن سان نيڪي ڪرڻ ﺀ انهن سان عدل ﺀ انصاف واري برتاؤ ڪرڻ کان نه ٿو جهلي، جن مسلمانن سان ويڙهه نه ڪرڻ ﺀ سندن مقابلي ۾ ڪافرن جي مدد نه ڪرڻ جو معاهدو ڪيو آهي.

9 (بس رڳو انهن کان الله توهانکي جهلي ٿو جن توهان سان دين جي باري ۾ ويڙهه ڪئي ﺀ توهانکي توهانجي گهرن مان ڪڍيو) انهن مان مراد قريشن جا ڪافر سردار ﺀ سندن ساٿاري جيڪي هميشه مسلمانن جا ويري آهن. (ﺀ مدد ڪيائون توهان جي ڪڍڻ ۾) يعني جن توهان سان جنگ ڪئي ﺀ توهانکي ديس نيڪالي ڏني، تن سان انهيءَ ۾ ساٿ ڏنائون، انهن مان مکي وارا سيئي ڪافر مراد آهن ﺀ جيڪي ساٺن اهڙي معاهدي ۾ داخل ٿيا. (جو دوستي رکو انهن سان) يعني کين پنهنجو دوست ﺀ مددگار بنايو. (ﺀ جيڪي انهن سان دوستي رکندا ته اهي ئي ظالم آهن) ڇاڪاڻ ته انهن ماڻهن سان دوستي رکيائون جيڪي دراصل دشمني جا حقدار آهن، جو اهي الله، سندس رسول ﺀ سندس ڪتاب (قرآن) جا دشمن آهن.

10 (اي ايمان وارو! جيڪڏهن توهان وٽ مؤمنياٽيون هجرت ڪري اچن) يعني ڪافر سماج ڇڏي توهان وٽ اچن، نبي ڪريم ﷺ حديبية واري ڏينهن جڏهن قريش سان هن ڳالهه تي صلح ڪيو ته جيڪڏهن منجهائن ڪو مسلمان ٿي وٽن ايندو، ته کيس ڪافرن ڏانهن موڪليو ويندو، پوءِ جڏهن انهن مان ڪي عورتون هجرت ڪري مدينې پهتيون، ته ان تي الله سائين کين مشرڪن ڏانهن موڪلڻ کان انڪار فرمائيندي کين پرکڻ جو حڪم فرمايو. (ته پوءِ انهن کي پرکيو) معنيٰ انهن جو امتحان وٺو ته جيئن انهن جي اسلام ۾ رغبت جو اندازو لڳائي سگهو، سو ان تي انهن کان الله جو قسم کٽايو ويندو هيو ته: هو پنهنجي مڙس جي ڪاوڙ وغيره جي ڪري نه نڪتيون آهن ﺀ نه وري هڪ ماڳ کي ڇڏي ٻي ماڳ وڃڻ لاءِ ﺀ نه دنيا جي لالچ جي ڪري نڪتيون آهن، بلڪ الله ﺀ سندس رسول ﺀ ان جي دين جي محبت خاطر آيون آهن، پوءِ جڏهن کا اهڙو قسم کٽندي هئي، ته نبي ڪريم ﷺ سندس مڙس کي مهر واپس ڪري ڏيندا هئا ﺀ ان عورت کي ان ڏانهن موڪلينداهئا. (سندن ايمان کي الله ڇڪيءَ طرح ڄاڻي ٿو) يعني سندن ايمان جي حقيقت حال کي الله کان سواءِ ٻيو ڪو ﺑ نٿو ڄاڻي، توهان انهيءَ جا مڪلف نه آهيو، توهانکي رڳو هن جي تڪليف ڏجي ٿي ته کين آزمايو، ته جيئن سندن اسلام ۾ رغبت جي دعويٰ جي توهان کي تصديق ٿئي. (پوءِ جيڪڏهن توهان کين سمجهو ته مؤمنياٽيون آهن) ظاهري اعتبار کان، يعني ڏنل حڪم مطابق امتحان وٺڻ کان پوءِ. (ته پوءِ نه موٽايو کين ڪافرن ڏانهن) يعني پوءِ توهان کين ڪافر مڙسن جي حوالي نه ڪريو. (نه اهي ــ مؤمنياٽيون ــ انهن ــ ڪافرن - لاءِ حلال آهن ﺀ نه اهي ــ ڪافر ــ انهن ــ مؤمنياٽين ــ لاءِ حلال آهن) مؤمنياٽي ڪافر لاءِ حلال ناهي، رڳو هجرت ڪرڻ جي ڪري نه، پر دراصل عورت جو مسلمان ٿيڻ سندس ڪافر مڙس کان جدائي جو سبب آهي. (ﺀ کين ڏيو جيڪو ڪجهه انهن خرچ ڪيو هجي) مسلمان ٿي هجرت ڪري ايندڙ عورتن جي مڙسن کي اوترو موٽائي ڏيو، جيترو انهن مٿن مهر وغيره تي خرچ ڪيو هجي. (ﺀ ڪو گناهه ناهي توهان تي انهن سان شادي ڪرڻ ۾) يعني عدت گذرڻ کان پوءِ، ڇاڪاڻ ته اهي هينئر توهان جي دين ۾ داخل ٿي چڪيون آهن. (جڏهن کين سندن ڪابين ڏيو) يعني بشرطيڪ سندن مهر ادا ڪريو ﺀ اهو حڪم عدت پوري ٿيڻ کان بعد جو آهي. (ﺀ ڪافرياٽين جون عزتون پاڻ وٽ نه جهليو) يعني جيڪڏهن ڪنهن جي زال ڪافرياٽي آهي، ته اها ان جي زال نه رهي، الگ دين هجڻ جي ڪري سندس رشتو ٽٽي ويو، انهيءَ زماني ۾ ڪافر مسلمانن کي پرٽائيندا هئا، ﺀ مسلمان ﺑ مشرڪياٽيون پرٽيا هئا، هن آيت سان اهو طريقو ختم ڪيو ويو، ﺀ هي حڪم مشرڪياٽين سان خاص آهي، اهل ڪتاب جي ڪافرياٽين سان لاڳو نه آهي. (ﺀ گهري وٺو جيڪو توهان خرچ ڪيو هجي) يعني توهان پنهنجي زالن کي جيڪا مهر ڏني هئي، سا انهن کان موٽائي وٺو، جيڪڏهن مسلمان نه ٿين ته. (ﺀ پل گهري وٺن اهي ﺑ، جيڪو انهن خرچ ڪيو هجي) مفسر چون ٿا انهيءَ جو مطلب هي آهي ته: جيڪڏهن ڪا عورت اسلام کان ڦري معاهدي ٽيل ڪافرن ڏانهن هلي وڃي، ته پوءِ انهن ڪافرن کان سندس مهر جي گهر ڪئي وڃي ﺀ جيڪڏهن ڪا ڪافرن جي عورت مسلمان ٿي اچي، ته ان جي ڪابين سندس ڪافر مڙس کي موٽائي ڏني وڃي. (اهو) يعني ٻنهي طرفن کان مهر جي واپسي. (الله جو حڪم آهي) يعني صلح حديبية کان پوءِ مشرڪن سان ٽيل معاهدي مطابق، ﺀ جن مشرڪن سان ڪو معاهدو ٽيل نه هجي، ته انهن لاءِ اهو حڪم نه آهي، ﺀ هي حڪم منسوخ ٿي چڪو آهي، امام قرطبيؒ چوي ٿو ته: اهو مهرن موٽائي ڏيڻ وارو حڪم رڳو انهيءَ وقت کنهن خاص واقعي سان مخصوص هيو، باقي جيڪڏهن ٻنهن مان ڪو هڪ مسلمان ٿئي ته زال مڙس ۾ جدائي ڪرڻ وارو حڪم مراد نه آهي. ﴿يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ﴾ (فيصلو ٿو ڪري توهان جي وچ ۾). ﴿وَاللَّهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ﴾ (ﺀ الله وڏو ڄاڻندڙ، وڏي حڪمت وارو آهي).

11 (ﺀ جيڪڏهن اوهانجي زالن مان ڪا ﺑ ڪافرن ڏانهن هلي وڃي) يعني مرتد ٿي دارالڪفر هلي وڃي، پل اهي اهل ڪتاب ڇو نه هجن. (پوءِ توهان پنهنجو بدلو ورتو) يعني سوپ ماٹي مال غنيمت حاصل ڪيو. (پوءِ جن جون زالون هليون ويون هيون تن کي اوترو ڏيو جيترو انهن خرچ ڪيو هجي) حڪم ڏنو ٿو وڃي ته جن مسلمانن جون زالون ڪافرن ڏانهن ڀڄي ويون هيون ﺀ مشرڪن انهن جي ڪابين واپس نه ڪئي هئي، تڪين غنيمت مان مهر جيترو مال ڏنو وڃي. (ﺀ ڊڄندا رهو انهيءَ الله کان، جنهن تي توهان ايمان آندو آهي) يعني اهڙن ڪمن کان بچندا رهو، جن جي ڪرڻ سان متان توهان تي ڪا سزا لاڳو ٿي پوي.

12 (اي نبي! جڏهن تو وٽ مؤمنياٽيون اچي توسان بيعت ڪن) يعني اسلام تي بيعت ڪرڻ جي ارادي سان اچن. (هن تي ته الله سان ڪنهن کي ﺑ شريڪ نه ڪندیون) ڪجهه ﺑ ٿي پوي، فتح مکي جي ڏينهن ائين ٿيو، جو مکي وارن جون عورتون نبي ڪريم ﷺ وٽ بيعت ڪرڻ آيون، ته الله تعالیٰ کيس حڪم فرمايو ته پهريائين ڪائنڪ شرڪ نه ڪرڻ جو عهد وٺو. ﴿وَلَا

يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّبِيُّ إِذَا جَآءَكَ ٱلْمُؤْمِنَٰتُ يُبَايِعْنَكَ عَلَىٰٓ أَن لَّا يُشْرِكْنَ
بِٱللَّهِ شَيْـًٔا وَلَا يَسْرِقْنَ وَلَا يَزْنِينَ وَلَا يَقْتُلْنَ أَوْلَٰدَهُنَّ وَلَا يَأْتِينَ
بِبُهْتَٰنٍ يَفْتَرِينَهُۥ بَيْنَ أَيْدِيهِنَّ وَأَرْجُلِهِنَّ وَلَا يَعْصِينَكَ
فِى مَعْرُوفٍ فَبَايِعْهُنَّ وَٱسْتَغْفِرْ لَهُنَّ ٱللَّهَ إِنَّ ٱللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ
﴿١٢﴾ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ لَا تَتَوَلَّوْا۟ قَوْمًا غَضِبَ ٱللَّهُ عَلَيْهِمْ
قَدْ يَئِسُوا۟ مِنَ ٱلْءَاخِرَةِ كَمَا يَئِسَ ٱلْكُفَّارُ مِنْ أَصْحَٰبِ ٱلْقُبُورِ ﴿١٣﴾

سُوْرَةُ الصَّفِّ

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

سَبَّحَ لِلَّهِ مَا فِى ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَمَا فِى ٱلْأَرْضِ ۖ وَهُوَ ٱلْعَزِيزُ ٱلْحَكِيمُ
﴿١﴾ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ لِمَ تَقُولُونَ مَا لَا تَفْعَلُونَ ﴿٢﴾
كَبُرَ مَقْتًا عِندَ ٱللَّهِ أَن تَقُولُوا۟ مَا لَا تَفْعَلُونَ ﴿٣﴾ إِنَّ
ٱللَّهَ يُحِبُّ ٱلَّذِينَ يُقَٰتِلُونَ فِى سَبِيلِهِۦ صَفًّا كَأَنَّهُم
بُنْيَٰنٌ مَّرْصُوصٌ ﴿٤﴾ وَإِذْ قَالَ مُوسَىٰ لِقَوْمِهِۦ يَٰقَوْمِ لِمَ
تُؤْذُونَنِى وَقَد تَّعْلَمُونَ أَنِّى رَسُولُ ٱللَّهِ إِلَيْكُمْ ۖ فَلَمَّا
زَاغُوٓا۟ أَزَاغَ ٱللَّهُ قُلُوبَهُمْ ۚ وَٱللَّهُ لَا يَهْدِى ٱلْقَوْمَ ٱلْفَٰسِقِينَ ﴿٥﴾

يَسْرِقْنَ وَلَا يَزْنِينَ ﴾ (ع نه چوري كنديون ع نه زنا كنديون). (ع نه پنهنجي اولاد کي قتل كنديون) جيئن جاهليت واري زماني ۾ نياڻين کي جيئري پوري ڇڏيندا هئا. (ع نه اهڙو بهتان هٿنديون جنهن کي پنهنجي هٿن ع پيرن سان گهڙيو هجين) يعني ڏاڑي ٻار جي نسبت پنهنجي مڙس ڏانهن نه كنديون. امام فراءُ چئي ٿو ته: عورت کنهن هٿ ٽوڪئي ٻار کي کٽي اڳي مڙس کي چوندي هئي ته مونکي هي ٻار تو مان ٿيو آهي، حضرت ابن عباس فرمائي ٿو ته: کنهن عورت کي ڏيءَ ڄمندي هئي ته، ان جي بدلي ڏاريو پٽ کٽي اڳي رکندي هئي. (ع نه کنهن نيکيءَ جي کم ۾ تنهنجي نافرماني كنديون) يعني کو به اهڙو کم جنهن ۾ الله تعالىٰ جي فرمانبرداري هجي اهو كنديون، نافرماني نه كنديون، جيئن پٽکو کرڻ، کپڑا ڦاڙڻ، وار پٽڻ، گريبان چاڪ کرڻ، منهن مٿو زخمي کرڻ، گهل گهوڙا کرڻ... (ته پوءِ ساڻن بيعت کر ع سندن لاءِ الله کان بخشش گهر) يعني اهڙي اصولن تي بيعت کرڻ کان پوءِ، تون سندن لاءِ الله کان بخشش طلب کر. ﴿إِنَّ ٱللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ (بيشڪ الله بخشڻهار، وڏي رحم وارو آهي).

13 (اي ايمان وارو! اهڙي قوم سان لاڳاپا نه رکو، جن تي الله جو ڏمر آهي) انهن مان هر ڪافر قوم مراد آهي، کي چون ٿا ته رڳو يهودي مراد آهن. (آخرت کان صفا نا اميد ٿيا آهن) يعني ڪفر جي ڪري آخرت تي بلڪل يقين ئي نه اٿن. (جيئن ڪافر قبر وارن کان نا اميد ٿيا آهن) جيئن اهي پنهنجي اعتقاد مطابق سندن مردن جي آخرت ۾ پيهر جيئري ٿيڻ کان نا اميد آهن.

سورة الصف

1 ﴿ سَبَّحَ لِلَّهِ مَا فِى ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَمَا فِى ٱلْأَرْضِ ﴾ (هر اها شيءِ جيڪا آسمانن ۾ آهي ع جيڪا زمين ۾ آهي سا سڀ الله جي پاڪائي ٿي بيان کري). ﴿ وَهُوَ ٱلْعَزِيزُ ٱلْحَكِيمُ ﴾ (ع اهو غالب، حڪمت وارو آهي.

2 (اي ايمان وارو! اها ڳالهه چو ٿا چئو، جيڪا نه ٿا کريو)؟ حضرت ابن عباس رضي الله عنه فرمائن ٿا ته: جهاد فرض ٿيڻ کان اڳ کي مؤمن چوندا هئا ته: اسان چاهيون ٿا ته جيڪر الله سائين اسان کي پلي ۾ پلو کر ٻڌائي ته اهو اسان کريون، پوءِ جڏهن الله سائين کين ٻڌايو ته سڀ کان پلو عمل سندس وٽ جهاد آهي، ته ان کي کي مؤمن ناپسند کرڻ ع گرو پائڻ لڳا، تنهن تي هيءَ آيت نازل ٿي.

3 (وڏي ڪاوڙ جهڙي ڳالهه آهي جو چئو اهو جيڪو کريو نه ٿا) يعني الله تعالىٰ اهڙي ڳالهه کي ڏاڍو سخت نا پسند ٿو کري، چيو ٿو وڃي ته اها آيت انهن ماڻهن جي باري ۾ لٿي آهي جن مان کي نبي کريم ﷺ وٽ اچي ٻڌاڪ هٽندي چوندا هئا ته: مان پنهنجي تلوار سان اهڙي ويڙهه کيرا! ع کيترن کي ڏکي کري وڌم ...! هوڏانهن کيو کجهه ئي نه هيائين.

4 (بيشڪ الله انهن ماڻهن سان محبت ٿو رکي جيکي ان جي راهه ۾ وڙهن ٿا) الله تعالىٰ کين هن مان پڏرو کري ٻڌائي ٿو ته سندس راهه ۾ جهاد کرڻ سندس ٻانهن جي عملن مان وڏ ۾ وڏ پسنديده عمل آهي ع حديث ۾ آيو آهي ته: "رأس الأمر الإسلام، وعموده الصلاة، وذروة سنامه الجهاد في سبيل الله" (هن دين جو سرچشمو اسلام آهي، ع ان جو ٿنبو نماز آهي، ع ان جي ترقيءَ جي چوٽي الله جي راهه ۾ جهاد کرڻ آهي) (صفون ٻڌي) يعني هڪٻئي سان ملي، صفون ٻڌي وڙهن ٿا. (جڏ ته اهي شيهو پيتل پٿ آهن) هڪ ٻئي سان ڪٽل هڪ جسم وانگر هوندا آهن، ع سندن اهو شان الله جي دين جي باري ۾ سندن شدت ع قوت جي کري آهي، ان ڏس ۾ نه منجهن کا تفرقو بازي هوندي آهي ع نه دشمن کي کو اڪٽني وڏڻ جو گهٽ ملندو آهي.

5 (ع جڏهن موسىٰ پنهنجي قوم کي چيو ته: اي منهنجي قوم!) جڏهن متي الله تعالىٰ اهو ذکر کيو ته سندس راهه ۾ جهاد کندڙ ئي ان جا پيارا آهن، ته هت وري بيان کيائين ته موسىٰ ع عيسىٰ عليهما السلام به توحيد جو حڪم فرمايو ع الله جي واٽ ۾ جهاد کيائون ع جن ماڻهن سندن مخالفت کئي، تن تي عذاب نازل ٿيو... ته جيئن امت محمديه ﷺ خبردار ٿئي ته متان اهي به پنهنجي نبيءَ سان اهڙي هلت هلن جهڙي موسىٰ ع عيسىٰ جي قومن ساڻن هلي. (جو ٿا ايذايو مون کي)؟ انهن شرعي احڪامن جي مخالفت کري، جيکي الله تعالىٰ توهان تي فرض کيا آهن ع مان توهانکي متن عمل کرڻ جو حڪم کري رهيو آهيان، يا هي مراد آهي ته: بد شد ڳالهائي ع منهنجي توهين کري مون کي چو ٿا ايذايو؟ (جڏهن ته توهان چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا ته آءٌ اوهان ڏانهن الله جو موڪليل رسول آهيان) معنىٰ ته: هن حقيقت جي ڄاڻڻ جي باوجود ته آءٌ الله جو پيغمبر آهيان، مونکي کيئن ٿا ايذايو؟ پيغمبر ته معزز ع محترم شخص هوندو آهي، توهان کي ته منهنجي پيغمبر هئڻ ۾ کو شڪ شبهو ئي نه آهي جو اهڙن معجزن جو مشاهدو کري چڪا آهيو جن جي ڏسڻ سان منهنجي پيغمبري جو اقرار کرڻ توهان تي واجب ٿي چڪو آهي ع اهي معجزا توهانکي انهيءَ پيغمبري جو يقيني علم ٿا ڏيارن. (پوءِ جڏهن ڏنگا هليا ته، الله به سندن دلين کي ڏنگو کري ڇڏيو) يعني جڏهن پنهنجي پيغمبر کي ايذائڻ تي سندرو ٻڌي ٻيهي رهيا ع حق کي ڇڏي ڏنائون ته، الله تعالىٰ به سندن دلين کي سندن

وَإِذْ قَالَ عِيسَى ٱبْنُ مَرْيَمَ يَٰبَنِىٓ إِسْرَٰٓءِيلَ إِنِّى رَسُولُ ٱللَّهِ إِلَيْكُم مُّصَدِّقًا
لِّمَا بَيْنَ يَدَىَّ مِنَ ٱلتَّوْرَىٰةِ وَمُبَشِّرًۢا بِرَسُولٍ يَأْتِى مِنۢ بَعْدِى ٱسْمُهُۥٓ أَحْمَدُ ۖ فَلَمَّا
جَآءَهُم بِٱلْبَيِّنَٰتِ قَالُوا۟ هَٰذَا سِحْرٌ مُّبِينٌ ﴿٦﴾ وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ ٱفْتَرَىٰ
عَلَى ٱللَّهِ ٱلْكَذِبَ وَهُوَ يُدْعَىٰٓ إِلَى ٱلْإِسْلَٰمِ ۚ وَٱللَّهُ لَا يَهْدِى ٱلْقَوْمَ ٱلظَّٰلِمِينَ
﴿٧﴾ يُرِيدُونَ لِيُطْفِـُٔوا۟ نُورَ ٱللَّهِ بِأَفْوَٰهِهِمْ وَٱللَّهُ مُتِمُّ نُورِهِۦ وَلَوْ كَرِهَ
ٱلْكَٰفِرُونَ ﴿٨﴾ هُوَ ٱلَّذِىٓ أَرْسَلَ رَسُولَهُۥ بِٱلْهُدَىٰ وَدِينِ ٱلْحَقِّ لِيُظْهِرَهُۥ
عَلَى ٱلدِّينِ كُلِّهِۦ وَلَوْ كَرِهَ ٱلْمُشْرِكُونَ ﴿٩﴾ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ هَلْ أَدُلُّكُمْ
عَلَىٰ تِجَٰرَةٍ تُنجِيكُم مِّنْ عَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿١٠﴾ تُؤْمِنُونَ بِٱللَّهِ وَرَسُولِهِۦ وَتُجَٰهِدُونَ
فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ بِأَمْوَٰلِكُمْ وَأَنفُسِكُمْ ۚ ذَٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ إِن كُنتُمْ تَعْلَمُونَ ﴿١١﴾
يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوبَكُمْ وَيُدْخِلْكُمْ جَنَّٰتٍ تَجْرِى مِن تَحْتِهَا ٱلْأَنْهَٰرُ وَمَسَٰكِنَ
طَيِّبَةً فِى جَنَّٰتِ عَدْنٍ ۚ ذَٰلِكَ ٱلْفَوْزُ ٱلْعَظِيمُ ﴿١٢﴾ وَأُخْرَىٰ تُحِبُّونَهَا ۖ نَصْرٌ
مِّنَ ٱللَّهِ وَفَتْحٌ قَرِيبٌ ۗ وَبَشِّرِ ٱلْمُؤْمِنِينَ ﴿١٣﴾ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ كُونُوٓا۟
أَنصَارَ ٱللَّهِ كَمَا قَالَ عِيسَى ٱبْنُ مَرْيَمَ لِلْحَوَارِيِّۧنَ مَنْ أَنصَارِىٓ إِلَى ٱللَّهِ ۖ
قَالَ ٱلْحَوَارِيُّونَ نَحْنُ أَنصَارُ ٱللَّهِ ۖ فَـَٔامَنَت طَّآئِفَةٌ مِّنۢ بَنِىٓ إِسْرَٰٓءِيلَ
وَكَفَرَت طَّآئِفَةٌ ۖ فَأَيَّدْنَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ عَلَىٰ عَدُوِّهِمْ فَأَصْبَحُوا۟ ظَٰهِرِينَ ﴿١٤﴾

ڪرتوتن جي ڪري حق کان ٽيڙي ڇڏيو. ﴿ وَٱللَّهُ لَا يَهْدِى ٱلْقَوْمَ ٱلْفَٰسِقِينَ ﴾ (ءِ الله بدڪار قوم کي هدايت نه ڪندو آهي).

6 (ءِ جڏهن عيسىٰ پٽ مريم جي چيو ته: اي بني اسرائيلو! آءٌ توهان ڏانهن الله جو موڪليل رسول آهيان، جيڪا توراةَ مونکان اڳ آيل آهي تنهن جي تصديق ڪندڙ آهيان) يعني الله تعالىٰ مونکي انجيل ڏئي توهان ڏانهن رسول ڪري موڪليو آهي، مون کا اهڙي شيءِ نه ڪئي آيو آهيان جيڪا توراة جي خلاف هجي، بلڪ خود انهيءَ ۾ منهنجي اچڻ جي خوشخبري بيان ٿيل آهي، سو ڪيئن ٿا مون کان نفرت ڪريو ۽ منهنجي مخالفت ڪريو؟ (ءِ هڪ اهڙي رسول جي خوشخبري ڏيندڙ آهيان جيڪو مون کان بعد ايندو، سندس نالو احمد هوندو) جڏهن حقيقت اها ئي آهي ته پوءِ توهان وٽ مونکي کوڙي سمجهڻ جو ڪو جواز ئي ڪو نهي، ءِ "احمد" اسانجي پيغمبر ﷺ جو نالو آهي. جيڪو پنهنجن سهٽين خصلتن جي ڪري سڀ کان وڌيڪ ساراهيو ويڃي تنهن کي "احمد" چئبو آهي. (پوءِ جڏهن وٽن پڌرين نشانين سان آيو، ته چيائون : هي ته پڌرو جادو آهي) يعني جڏهن وٽن عيسىٰ عليه السلام معجزن سان آيو ته، چوٽ شروع ڪيائون ته، جيڪي شيون هي شخص پيش ڪري ٿو، اهي ته پڌرو جادو آهن. پٽ چيو ويو آهي ته، انهيءَ مان مراد حضرت محمد ﷺ به ٿي سگهن ٿا، يعني جڏهن وٽن معجزن سان آيا ته، ڪيس جادوگر چوڻ لڳا.

7 (ءِ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي، جيڪو الله تي کوڙو بهتان هڻي، جڏهن ته ڪيس اسلام جي دعوت ڏني ٿي وڃي)؟ يعني اهو دين اسلام جيڪو سڀني دينن کان افضل، اشرف ۽ بهترين آهي، ڇاڪاڻ ته جنهن شخص جو ڪردار اهڙو هجي، اهو ته درحقيقت پنهنجي غير تي به کوڙ نٿو مڙهي سگهي، پوءِ ڀلا اهو الله تي ڪيئن کوڙ هٽندو؟ (ءِ الله ظالم قوم کي هدايت نه ڪندو آهي) جن ۾ اهي ماڻهو به شامل آهن، جن جو بيان مٿي ٿي گذريو.

8 (ڳهرن ٿا ته الله جي نور کي پنهنجي وات (جي ڦوڪن) سان وسائي ڇڏين) يعني سندن سمورين ڪوششن ۽ ڪاوشن جو تت هي آهي ته، اسلام جي وات کي روڪين ٿا ۽ پنهنجين کوڙين ڳالهين وسيلي الله جي هدايت جي انهيءَ ڏيئي کي وسائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جيئن عام طرح انهن ماڻهن جو حال هوندو آهي جيڪي الله تعالىٰ جي عظيم نور کي روڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن. (ءِ الله پنهنجي نور کي پورو ڪرڻ وارو آهي) يعني دين اسلام کي سڀني دينن تي ۽ پوري دنيا ۾ غالب ڪندو. ﴿ وَلَوْ كَرِهَ ٱلْكَٰفِرُونَ ﴾ (پل ڪافرن کي بچان لڳي).

9 (اهو ئي آهي، جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچو دين ڏئي موڪليو ته، جيئن ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري) يعني جيئن ان کي هر قسم جي مذهب ۽ ملت تي ظاهر، مٿانهون، غالب ۽ فتحياب ڪري. (پل مشرڪن کي بچان لڳي) هر حال ۾ ائين لازمًا ٿيڻو آهي.

10 (اي ايمان وارو! ڇا توهان کي اهڙي واپار جو ڏس ڏيان، جيڪو توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب کان چوٽڪارو ڏياري)؟ جهاد جي عمل کي الله تعالىٰ "واپار" فرمايو آهي، ڇاڪاڻ ته جيئن واپار ۾ فائدو ٿيندو آهي تيئن (جانين جا نذرانا پيش ڪرڻ وارا به) جنت ۾ داخل ٿي ۽ جهنم کان نجات حاصل ڪري، زبردست فائدو ماڻيندا. تنهن ڪري هنن پنهي آيتن ۾ جنهن واپار جو ذڪر آهي، ان جو مطلب هي ٿيو ته : الله تعالىٰ جي طرفان ايمان ۽ جهاد جو ملهه جنت آهي ۽ اهو وڏو فائدي وارو سودو آهي.

11 ﴿ تُؤْمِنُونَ بِٱللَّهِ وَرَسُولِهِۦ وَتُجَٰهِدُونَ فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ بِأَمْوَٰلِكُمْ وَأَنفُسِكُمْ ﴾ (الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو ۽ پنهنجي مالن ۽ جانين سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪريو). ﴿ ذَٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ إِن كُنتُمْ تَعْلَمُونَ ﴾ (جيڪڏهن ڄاڻو ته اهو اوهان لاءِ بهتر آهي).

12 (بخشيندو) الله تعالىٰ (توهان کي، توهان جا گناهه) پهريائين انهيءَ واپار جي موڙيءَ جو ذڪر ٿيو، هاڻي ان جي قيمت ٻيان ڪئي پئي وڃي، جنهن جو ساڻن واعدو ڪيائين ته، جيڪڏهن توهان ايمان آڻيندؤ ته الله توهان کي بخشيندو. ﴿ وَيُدْخِلْكُمْ جَنَّٰتٍ تَجْرِى مِن تَحْتِهَا ٱلْأَنْهَٰرُ ﴾ (ءِ توهان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون پيون وهنديون). ﴿ وَمَسَٰكِنَ طَيِّبَةً فِى جَنَّٰتِ عَدْنٍ ﴾ (ءِ سدائين رهندڙ باغن ۾ رهڻ جون پاڪ جايون به) يعني توهان هميشه لاءِ انهن جاين ۾ رهندا، جتي نه موت ايندو ۽ نه اتان توهان کي ڪڍيو ويندو. (اها ئي وڏي ڪاميابي آهي) يعني اها بخشش ۽ انهن جنتن جو حاصل ٿيڻ جن جو ذڪر ٿيو، اها ئي عظيم ڪاميابي آهي، جنهن کان مٿي ڪا ڪاميابي نه آهي.

13 ﴿ وَأُخْرَىٰ تُحِبُّونَهَا ﴾ (ءِ پيو ڪجهه به، جنهن کي توهان پسند ڪريو ٿا) يعني توهان کي پيو فائدو به ملندو، جنهن کي يقيناً پسند ڪندا آهيو، سو آهي: (الله وٽان مدد) يعني توهان لاءِ خاص خدائي مدد ايندي. (ءِ ويجهي فتح) توهان کي نصيب ٿيندي. الله تعالىٰ توهان جي دشمن، مڪي جي قريش جي مٿان توهان کي سوپ عطا ڪندو. حضرت عطاءُ چوي ٿو ته: "ان مان فارس ۽ روم جي فتح مراد آهي".(ءِ مؤمنن کي خوشخبري ڏي) يعني اي محمد ﷺ! مؤمنن کي دنيا ۾ فتح ۽ مدد ۽ آخرت ۾ جنت جي عطا ٿيڻ جي خوشخبري ڏئي ڇڏ.

14 (اي ايمان وارو! الله جا ساٿي ٿيو) يعني جنهن دين جي مدد ۾ لڳا پيا آهيو، سدائين ان دين جا مددگار ٿي رهو.

(جيئن مريم جي پٽ عيسىٰ پنهنجن حوارين کي چيو ته: الله جي راهه ۾ منهنجا مددگار ڪير آهن)؟ يعني الله جي دين جي ائين مدد ڪريو.

سُورَةُ الجُمُعَةِ (ترتيبها ٦٢) (آياتها ١١)

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

يُسَبِّحُ لِلَّهِ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ الْمَلِكِ الْقُدُّوسِ الْعَزِيزِ الْحَكِيمِ ﴿١﴾ هُوَ الَّذِي بَعَثَ فِي الْأُمِّيِّينَ رَسُولًا مِّنْهُمْ يَتْلُوا عَلَيْهِمْ آيَاتِهِ وَيُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ وَإِن كَانُوا مِن قَبْلُ لَفِي ضَلَالٍ مُّبِينٍ ﴿٢﴾ وَآخَرِينَ مِنْهُمْ لَمَّا يَلْحَقُوا بِهِمْ ۚ وَهُوَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ﴿٣﴾ ذَٰلِكَ فَضْلُ اللَّهِ يُؤْتِيهِ مَن يَشَاءُ ۚ وَاللَّهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيمِ ﴿٤﴾ مَثَلُ الَّذِينَ حُمِّلُوا التَّوْرَاةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوهَا كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ أَسْفَارًا ۚ بِئْسَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِ اللَّهِ ۚ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظَّالِمِينَ ﴿٥﴾ قُلْ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ هَادُوا إِن زَعَمْتُمْ أَنَّكُمْ أَوْلِيَاءُ لِلَّهِ مِن دُونِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ ﴿٦﴾ وَلَا يَتَمَنَّوْنَهُ أَبَدًا بِمَا قَدَّمَتْ أَيْدِيهِمْ ۗ وَاللَّهُ عَلِيمٌ بِالظَّالِمِينَ ﴿٧﴾ قُلْ إِنَّ الْمَوْتَ الَّذِي تَفِرُّونَ مِنْهُ فَإِنَّهُ مُلَاقِيكُمْ ۖ ثُمَّ تُرَدُّونَ إِلَىٰ عَالِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُم بِمَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٨﴾

جيئن حوارين ان جي مدد ڪئي هئي. جڏهن ڪين عيسيٰ عليه السلام چيو ته (الله جي واٽ ۾ منهنجا مددگار ڪير آهن)؟ ﴿قَالَ الْحَوَارِيُّونَ نَحْنُ أَنصَارُ اللَّهِ﴾ (حوارين چيو ته اسان الله جا مددگار آهيون) يعني توهان مان ڪير آهي جيڪو اهڙي ڪم ۾ منهنجو ساٿي ۽ منهنجو مددگار ٿئي، جنهن جي ڪري ڪيس الله جو قرب حاصل ٿئي؟ مسيح عليه السلام جي مخلص ساٿين کي "حواري" چئجي ٿو، جن سبب کان پهريان مٿس ايمان آندو ۽ اهي ٻارنهن ڄڻا هئا. (پوءِ بني اسرائيل مان هڪ ٽولي ايمان آندو) يعني عيسيٰ عليه السلام تي ايمان آندائون. (۽ ڪفر ڪيو) ان جو (هڪ ٽولي، پوءِ جن ايمان آندو تن جي اسان سندن دشمنن تي مدد ڪئي) يعني باطل پرستن جي مقابلي ۾ حق تي هلندڙن جي مدد ڪئي سون. (پوءِ اهي غالب ٿي پيا) يعني مٿانهان ۽ سوپارا ٿي پيا. مفسر قتادة جي تفسير ۾ چوي ٿو ته : الحمد لله، اهو ائين ٿيو جو مديني مان ستر ڄڻا آيا، جن منڌ ۾ "عقبة" وٽ پاڻ سڳورن ﷺ سان بيعت ڪئي ۽ ڪين - مديني ۾ - پناهه ڏنائون ۽ سندس مدد ڪيائون، ايتري تانجو الله تعالىٰ پنهنجي دين کي غالب ڪيو، جنهن ٽولي عقبه وٽ اچي ملاقات ڪئي، تن کي رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: پاڻ مان ٻارنهن ڄڻا چونڊيو، جيڪي پنهنجي قوم جي نمائندگي ڪن، جيئن ٻارنهن حوارين عيسيٰ پٽ مريم عليه السلام لاءِ نمائندگي ڪئي هئي. پوءِ انهن نمائندن کي فرمايائون ته : عيسيٰ پٽ مريم جي حوارين وانگر توهان پنهنجي قوم جا ذميوار آهيو، ۽ آءٌ پنهنجي قوم پاران ضامن آهيان. چيائون ته : هائو اسانکي قبول آهي.

سورة الجمعة

﴿١﴾ ﴿يُسَبِّحُ لِلَّهِ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ﴾ (جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، سو سڀ الله جي پاڪائي ٿو بيان ڪري). (جيڪو بادشاهه، پاڪ ذات آهي) جيڪا هستي هر عيب کان پاڪ هوندي آهي، تنهن کي "قدوس" چئبو آهي. ﴿الْعَزِيزِ الْحَكِيمِ﴾ (غالب، وڏي حڪمت وارو آهي).

﴿٢﴾ (اهو ئي آهي، جنهن اٽ پڙهيلن ۾ انهن مان هڪ رسول ڪي موڪليو) "اميين" مان مراد عرب قوم آهي، چاهي انهن مان ڪو لکڻ پڙهڻ ڄاڻتي يا نه ڄاڻتي، ڄاڻاڻ ته اهي اهل ڪتاب نه هئا. جيڪو شخص نه لکڻ ڄاڻتي، نه پڙهڻ ڄاڻتي، تنهن کي "امي" چوندا آهن. اڪثر عربن جي اها حالت هئي. (ڪين سندس آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو) مراد قرآن مجيد جو پڙهڻ آهي. يعني پڙهڻ، لکڻ نه ڄاڻڻ، امي هئڻ ۽ ڪنهن کان سکيا نه وٺڻ جي باوجود کين قرآن پڙهي ٻڌائي ٿو. (۽ کين پاڪ ڪري ٿو) يعني ڪفر، گناهن ۽ بداخلاقي جي گندگيءَ کان کين پاڪ ڪري ٿو. پٽ چيو ويو آهي ته سندن دلين کي ايمان سان پاڪ صاف ڪري ٿو. (۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو) ڪتاب مان مراد قرآن مجيد ۽ حڪمت مان مراد سنت رسول آهي. هي به چيو ويو آهي ته (ڪتاب) يعني قلم سان لکڻ ۽ (حڪمت) يعني دين جي سمجهه پيدا ڪرڻ آهي. اهو مالڪ بن انس جو قول آهي. (۽ جيتوڻيڪ اهي هن کان اڳ پڌري گمراهيءَ ۾ هئا) يعني شرڪ ۾ هئا ۽ حق کان اٽ واقف هئا.

﴿٣﴾ (۽ انهن مان ٻيا به، جيڪي اڃا ساٿن ناهن مليا) يعني هن وقت ساٿن ناهن مليا، بعد ۾ سڳهوئي ساٿن ملندا. آيت جو مطلب هي آهي ته : الله جو رسول ﷺ انهن مؤمنن جي دلين کي به پاڪ صاف ڪري ٿو ۽ بعد ۾ جيڪي ماٺهو دين اسلام کي قبول ڪندا، تن جي دلين کي به پاڪ صاف ڪندو. مراد قيامت تائين ايندڙ عرب ۽ غير عرب مسلمان آهن. صحيح بخاري ۾ ابوهريرة کان روايت آهي ته : اسان نبيءَ ﷺ جن جي خدمت ۾ وينا هياسين جو هيءَ سورت جمعة نازل ٿي، ته پاڻ سڳورن اسان کي پڙهي ٻڌائي، جڏهن هن آيت تي پهتا ته هڪ شخص عرض ڪيو ته اي الله جا رسول ﷺ! اهي ڪير ماٺهو آهن، جيڪي اڃا اسان سان ناهن مليا؟ پاڻ سلمان فارسيءَ تي هٿ رکي فرمايائون ته : الله جو قسم! جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، جيڪڏهن ايمان ثريا (ڪتيءَ) تي هجي ها، تڏهن به هن شخص جي قوم مان ڪي ماٺهو ان کي حاصل ڪن ها. (۽ اهو زبردست، حڪمت وارو آهي) يعني انتهائي قوت ۽ حڪمت وارو آهي.

﴿٤﴾ ﴿ذَٰلِكَ فَضْلُ اللَّهِ يُؤْتِيهِ مَن يَشَاءُ﴾ (اهو الله جو فضل آهي، جنهن کي وٺيس تنهن کي ڏئي ٿو). ﴿وَاللَّهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيمِ﴾ (۽ الله وڏي فضل وارو آهي).

﴿٥﴾ (انهن ماٺهن جو مثال جن کي توريت کڻايو ويو) الله تعالىٰ اهو مثال يهودين جو بيان ڪيو آهي، جن توريت تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو، يعني کين مٿس قائم رهڻ ۽ عمل ڪرڻ جو مڪلف ٻڌايو ويو، پر ان تي عمل نه ڪيائون. (پوءِ ان کي نه ڪنيائون) يعني ان جي احڪامن تي عمل نه ڪيائون ۽ جن ڳالهين کان توريت ۾ منع ڪئي وئي هئي، تن کان باز نه آيا. (تن جو مثال انهيءَ گڏهه وانگر آهي، جيڪو وڏا ڪتاب کنيون وتي) "الاسفار" ــ "سِفْر" جو جمع آهي، يعني : وڏو ڪتاب. گڏهه کي معلوم نه هوندو آهي ته ان جي پٺيءَ تي ڪتابن جو بار رکيل آهي يا ڪن ڪچري جو ڍير! (جن ماٺهن الله جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو، تن جو مثال ڏاڍو بيڇڙو آهي) يعني پين تڪذيب ڪندڙن جي پيٽ ۾، رڳو يهودين کي گڏهه سان مشابهت

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓاْ إِذَا نُودِىَ لِلصَّلَوٰةِ مِن يَوْمِ ٱلْجُمُعَةِ
فَٱسْعَوْاْ إِلَىٰ ذِكْرِ ٱللَّهِ وَذَرُواْ ٱلْبَيْعَ ۚ ذَٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ إِن كُنتُمْ
تَعْلَمُونَ ﴿٩﴾ فَإِذَا قُضِيَتِ ٱلصَّلَوٰةُ فَٱنتَشِرُواْ فِى ٱلْأَرْضِ
وَٱبْتَغُواْ مِن فَضْلِ ٱللَّهِ وَٱذْكُرُواْ ٱللَّهَ كَثِيرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ
﴿١٠﴾ وَإِذَا رَأَوْاْ تِجَٰرَةً أَوْ لَهْوًا ٱنفَضُّوٓاْ إِلَيْهَا وَتَرَكُوكَ قَآئِمًا ۚ قُلْ
مَا عِندَ ٱللَّهِ خَيْرٌ مِّنَ ٱللَّهْوِ وَمِنَ ٱلتِّجَٰرَةِ ۚ وَٱللَّهُ خَيْرُ ٱلرَّٰزِقِينَ ﴿١١﴾

سُورَةُ الْمُنَافِقُونَ

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

إِذَا جَآءَكَ ٱلْمُنَٰفِقُونَ قَالُواْ نَشْهَدُ إِنَّكَ لَرَسُولُ ٱللَّهِ ۘ وَٱللَّهُ يَعْلَمُ
إِنَّكَ لَرَسُولُهُۥ ۗ وَٱللَّهُ يَشْهَدُ إِنَّ ٱلْمُنَٰفِقِينَ لَكَٰذِبُونَ ﴿١﴾
ٱتَّخَذُوٓاْ أَيْمَٰنَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّواْ عَن سَبِيلِ ٱللَّهِ ۚ إِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُواْ
يَعْمَلُونَ ﴿٢﴾ ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ ءَامَنُواْ ثُمَّ كَفَرُواْ فَطُبِعَ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ
فَهُمْ لَا يَفْقَهُونَ ﴿٣﴾ ۞ وَإِذَا رَأَيْتَهُمْ تُعْجِبُكَ أَجْسَامُهُمْ ۖ
وَإِن يَقُولُواْ تَسْمَعْ لِقَوْلِهِمْ ۖ كَأَنَّهُمْ خُشُبٌ مُّسَنَّدَةٌ ۖ يَحْسَبُونَ كُلَّ
صَيْحَةٍ عَلَيْهِمْ ۚ هُمُ ٱلْعَدُوُّ فَٱحْذَرْهُمْ ۚ قَٰتَلَهُمُ ٱللَّهُ ۖ أَنَّىٰ يُؤْفَكُونَ ﴿٤﴾

ڏيڻ، اها ڏاڍي بچڻي مشابهت آهي. يعني اي مسلمانو! خبردار!! توهان انهن وانگر نه ٿجو. هتي الله تعاليٰ اهو مثال مقدمي طور انهن ماڻهن لاءِ بيان ڪيو آهي، جن رسول الله ﷺ کي منبر تي خطاب ڪندي بينل حالت ۾ ڇڏي ڏنو ۽ تجارتي قافلي ڏانهن وڃي ويڳا. پر حڪم عام آهي ۽ هر اهو شخص انهيءَ ۾ شامل آهي، جيڪو امام جو خطبو ٻڌڻ جي بجاءِ اتان ٻي هليو وڃي، جيئن حديث شريف ۾ آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته : "من تكلم يوم الجمعة والإمام يخطب فمثله كمثل الحمار يحمل أسفارًا، والذي يقول له أنصت؛ ليس له جمعة". (جمعي جي ڏينهن جڏهن امام خطاب ڪري، انهيءَ وقت جيڪو ڳالهائيندو، تنهن جو مثال گڏهه جهڙو آهي جنهن تي ڪتاب ڏوئجن ۽ جيڪو شخص ٻئي کي چوي ته "خاموش رهه!" تنهن جو جمعو ئي نه ٿيو). ﴿ وَٱللَّهُ لَا يَهْدِى ٱلْقَوْمَ ٱلظَّٰلِمِينَ ﴾ (۽ الله ظلم ڪندڙن ماڻهن کي هدايت نه ڪندو آهي).

6 (چؤ ته اي يهوديو! جيڪڏهن دعويٰ ڪريو ٿا ته سڀني ماڻهن کان سواءِ رڳو توهان ئي الله جا دوست آهيو) اهي يهودي مراد آهن، جن يهوديت کي اختيار ڪيو ۽ جن جي دعويٰ آهي ته ڪين پين ماڻهن مٿان فضيلت آهي. اهي ئي اولياءَ الله آهن، اهي ئي الله جو اولاد آهن، اهي ئي الله جا محبوب آهن. ان تي الله تعاليٰ پنهنجي رسول کي فرمائي ٿو ته: جيڪو شخص انهن مان اها کوڙي دعويٰ ڪري تنهن کي چؤ ته (پوءِ موت جي تمنا ڪريو) جيئن توهان کي اها عزت ۽ شان حاصل ٿئي جنهن جي هام پيا هٿو. (جيڪڏهن سچا آهيو ته) پنهنجي انهيءَ هام ۾. ڇاڪاڻ ته جنهن شخص کي يقين هوندو ته هو پڪو جنتي آهي، سو ته هن جهان مان جان ڇڏائڻ کي پسند ڪندو.

7 (اهي ڪڏهن ب اها خواهش نه ڪندا، انهن ڪمن جي ڪري جيڪي انهن پنهنجن هٿن سان پاڻ اڳتي موڪليا آهن) ان جو سبب هي آهي ته انهن ڪفر، نافرماني ۽ الله جي ڪتاب ۾ منّا سَتا جا گناهه ڪيا آهن. ﴿ وَٱللَّهُ عَلِيمٌۢ بِٱلظَّٰلِمِينَ ﴾ (۽ الله ظالمن کي چڱيءَ طرح سڃاڻي ٿو).

8 (چؤ ته جنهن موت کان پيڇو ٿا، سو ته ضرور توهان تي اچڻ وارو آهي) يعني اهو توهان وٽ انهيءَ طرف کان ايندو جنهن طرف کان توهان پڇو ٿا ۽ توهان جي آمهون سامهون اچي بيهندو. (پوءِ توهان کي ڪجهه ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ (الله) ڏانهن موٽايو ويندو) ۽ ائين قيامت جي ڏينهن ٿيندو. (پوءِ جيڪي عمل توهان ڪريو ٿا، تن جي توهان کي خبر ڏيندو) يعني توهان جي پڇڻ ڪرتوتن جو توهان کي بدلو ڏيندو.

9 (اي ايمان وارؤ! جڏهن جمعي جي ڏينهن نماز لاءِ اذان ڏجي) مراد اها اذان آهي، جيڪا جمعي جي خطبي لاءِ امام جي منبر تي ويهڻ وقت ڏني ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ هڪ اذان هئي. جمعي جي ڏينهن پهرين اذان حضرت عثمان رضي الله عنه اصحابن جي مشوري سان انهيءَ وقت وڌائي، جڏهن مدينو وڏي وڏو شهر ٿي ويو. (پوءِ الله جي ذڪر لاءِ اچڻ جو سعيو ڪريو) يعني الله جي ذڪر لاءِ جلد از جلد مسجد ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪريو. مراد امام جو خطبو ٻڌڻ، جامع مسجد ۾ جمعي جي نماز پڙهڻ ۽ انهيءَ مقصد لاءِ پيا اسباب اختيار ڪرڻ آهي، جيئن غسل ڪرڻ، وضو ڪرڻ ۽ نماز لاءِ الله ڏانهن متوجه ٿيڻ. (۽ واپار کي ڇڏي ڏيو) يعني ڏيتي ليتي ڇڏي ڏيو. ان ۾ هر قسم جا معاملا اچي وڃن ٿا، تنهن ڪري جمعي جي ڏينهن امام جي خطبي لاءِ اذان اچي ته ڪنهن ب قسم جي خريد، فروخت جائز نه آهي. (اهو توهان جو) الله جي ذڪر ڏانهن جلد از جلد اچڻ ۽ واپار کي ڇڏي ڏيڻ (توهان لاءِ بهتر آهي) يعني واپاري مشغوليت کان اهو عمل وڌيڪ بهتر آهي، ڇاڪاڻ ته ان حڪم تي عمل ڪرڻ جو وڏو اجر ۽ بدلو آهي.

10 (پوءِ جڏهن نماز ٿي وڃي) يعني جڏهن نماز ادا ڪري فارغ ٿيو. (ته پوءِ زمين ۾ پکڙجي وڃو) يعني پلي پوءِ معاشي معاملن کي نبيرڻ لاءِ ڏيتي ليتي ۾ مشغول ٿيو. (۽ الله جي فضل جي ڳولا ڪريو) يعني الله جو رزق تلاش ڪريو، ڪم ڪار ۽ محنت مزدوري ڪري فائدا حاصل ڪريو. ﴿ وَٱذْكُرُواْ ٱللَّهَ كَثِيرًا ﴾ (۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو) يعني واپار ۽ ڏيتي ليتيءَ جي مشغوليت ۾ الله کي نه وساريو، بلڪ وڌ ۾ وڌ سندس ذڪر ڪريو ۽ سندس شڪر بجا آڻيو، جو دنيا ۽ آخرت جي معاملن ۾ توهان جي رهبري فرمائي ٿو. ساڳيءَ طرح اهي ذڪر اذڪار ڪندا رهو، جن سان توهان کي سندس قرب حاصل ٿئي. مثلاً : الحمد لله، سبحان الله، الله اكبر، استغفر الله، وغيره پڙهڻ. (من توهان کامياب ٿيو) يعني جيئن توهان پنهي جهانن ۾ ڪاميابي حاصل ڪريو.

11 (۽ جڏهن ڪو واپار يا راند روند ڏسن ٿا، ته ان ڏانهن ڊوڙي هليا ٿا وڃن) هن آيت جي نازل ٿيڻ جو سبب هي آهي ته مديني وارا فقر فاقو ۽ محتاجيءَ جي حالت ۾ هئا. هڪ ڀيري جنهن وقت نبي ﷺ جن جمعي جو خطبو ارشاد فرمائي رهيا هئا، عين انهيءَ وقت شام کان تجارتي قافلو آيو، ته سڀ ماڻهو ان طرف اتي هليا ويا ۽ مسجد ۾ رڳو ٻارنهن ڄڻا بچيا. پي روايت مطابق انهن سان ست عورتون ب گڏ هيون. اهڙيءَ طرح سڀني ڇڙوڇڙ ٿي ويا! يعني مسجد مان ٻاهر نڪري ويا! ﴿ ٱنفَضُّوٓاْ إِلَيْهَا ﴾ جي معنيٰ اها آهي. (۽ توکي بينل ڇڏي ڏنائون) يعني توهان کي منبر تي ڇڏيون هليا ويا. (چؤ ته جيڪي ڪجهه الله وٽ آهي) يعني الله وٽ جيڪو عظيم بدلو آهي، مراد جنت آهي. (راند روند ۽ واپار کان وڌيڪ پلو آهي) اها راند روند ۽ کيڏ تماشو ۽ واپار، جنهن جي ڇڪ ۽ ڪشش سبب توهان الله جي رسول ﷺ کي مسجد ۾ ڇڏي هليا ويا ۽ سندن خطبو ٻڌڻ ڇڏي ڏنو. (۽ الله سڀ کان پلو روزي ڏيندڙ آهي).

وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ تَعَالَوْا يَسْتَغْفِرْ لَكُمْ رَسُولُ اللَّهِ لَوَّوْا رُءُوسَهُمْ
وَرَأَيْتَهُمْ يَصُدُّونَ وَهُم مُّسْتَكْبِرُونَ ﴿٥﴾ سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ
أَسْتَغْفَرْتَ لَهُمْ أَمْ لَمْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ لَن يَغْفِرَ اللَّهُ لَهُمْ ۚ إِنَّ
اللَّهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفَاسِقِينَ ﴿٦﴾ هُمُ الَّذِينَ يَقُولُونَ
لَا تُنفِقُوا عَلَىٰ مَنْ عِندَ رَسُولِ اللَّهِ حَتَّىٰ يَنفَضُّوا ۗ وَلِلَّهِ
خَزَائِنُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَلَٰكِنَّ الْمُنَافِقِينَ لَا يَفْقَهُونَ
﴿٧﴾ يَقُولُونَ لَئِن رَّجَعْنَا إِلَى الْمَدِينَةِ لَيُخْرِجَنَّ الْأَعَزُّ
مِنْهَا الْأَذَلَّ ۚ وَلِلَّهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُولِهِ وَلِلْمُؤْمِنِينَ وَلَٰكِنَّ
الْمُنَافِقِينَ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٨﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تُلْهِكُمْ
أَمْوَالُكُمْ وَلَا أَوْلَادُكُمْ عَن ذِكْرِ اللَّهِ ۚ وَمَن يَفْعَلْ
ذَٰلِكَ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْخَاسِرُونَ ﴿٩﴾ وَأَنفِقُوا مِن مَّا رَزَقْنَاكُم
مِّن قَبْلِ أَن يَأْتِيَ أَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُولَ رَبِّ لَوْلَا أَخَّرْتَنِي
إِلَىٰ أَجَلٍ قَرِيبٍ فَأَصَّدَّقَ وَأَكُن مِّنَ الصَّالِحِينَ ﴿١٠﴾ وَلَن
يُؤَخِّرَ اللَّهُ نَفْسًا إِذَا جَاءَ أَجَلُهَا ۚ وَاللَّهُ خَبِيرٌ بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿١١﴾

سُورَةُ التَّغَابُنِ — ترتيبها ١٠٤ — آياتها ١٨

سورة المنافقون

1 (جڏهن تو وٽ منافق اچن ٿا) يعني جڏهن توهان جي مجلس ۾ حاضر ٿين ٿا. (چون ٿا ته، شاهدي ڏيون ٿا ته بيشڪ تون الله جو رسول آهين) يعني نبي ڪريم ﷺ جن جي رسول هئڻ بابت تاڪيد سان پنهنجي شاهدي پيش ڪن ٿا، ته جيئن ڪين پڪ پوي ته دل جي خلوص سان انهيءَ عقيدي جو اظهار ڪري رهيا آهن. هتي "نشهد" معنيٰ "نعلم" آهي، يعني اسان ڄاڻون ٿا. (ءِ الله ڄاڻي ٿو ته بيشڪ تون سندس رسول آهين) سندن قول جي تائيد ۽ تصديق ڪندي الله تعاليٰ ۽ رسالت محمدي ﷺ جي حق ۾ گواهي ڏئي ٿو، ته جيئن منافقن کي ڪوڙي ڪرڻ واري ايندڙ جملي جي نسبت سندن مٿين گواهيءَ ڏانهن نه سمجهي وڃي. (ءِ الله شاهدي ڏئي ٿو ته پڪ سان منافق ڪوڙا آهن) يعني سندن اها دعويٰ بلڪل ڪوڙي آهي ته اهي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي دل جي اخلاص ۽ قلبي اعتقاد سان الله تعاليٰ جو نبي مڃي رهيا آهن، بلڪ رڳو زباني اقرار ڪري رهيا آهن. باقي سندس رسول هجڻ ته حق سچ آهي، انهيءَ حقيقت ۾ هو ڪوڙا نه آهن.

2 (انهن پنهنجن قسمن کي ڍال بنايو آهي) يعني پنهنجي جان بچائڻ يا قيد ٿيڻ جي خطري کان محفوظ رهڻ لاءِ پنهنجن قسمن کي ڍال، ڍڪ ۽ اوٽ بنايو اٿن. (پوءِ الله جي رستي کان روڪيائون) يعني ماڻهن کي ايمان آڻڻ ۽ جهاد ۽ نيڪيءَ جي ٻين ڪمن ڪرڻ کان روڪين ٿا ۽ حضرت محمد ﷺ جن جي رسالت جي باري ۾ شڪ شبها پيدا ڪن ٿا. (بيشڪ اهي ڏاڍو بڇڙو ڪم ڪن ٿا) يعني منافقت ۽ دين اسلام کان روڪڻ جا سندن ڪم ڏاڍا خراب آهن.

3 (اهو هن ڪري، جو انهن ايمان آندو) يعني منافقانه طرح ايمان آندائون. (ورڀي ڪفر ڪيائون) اندر ۾، پٽ چيو ويو آهي ته هيءَ آيت انهن مرتدن جي حق ۾ لٿي آهي، جن ايمان آندو، پوءِ دين کان ڦري ويا. (پوءِ سندن دلين تي مهر هنئي ويئي) يعني الله تعاليٰ سندن ڪفر سبب سندن دلين تي مهر هڻي ڇڏي، تنهن ڪري سندن دلين ۾ ايمان داخل نٿو ٿئي. (پوءِ اهي نٿا سمجهن) ته ڪهڙن ڪمن ۾ سندن اصلاح ۽ درستي ۽ هدايت آهي؟

4 (ءِ جڏهن ڪين ڏسندين ته سندن جسم توکي پيا وٽندا) يعني جيڪو به سندن شڪل صورت، سندن مال، منصب ۽ سندن ظاهري ٺٽ ٺاڪر ڏسندو، تنهن کي سهڻا سيبتا، ڏيل ڏيک پيا نظر ايندا ۽ بارونق، پيارا پيا لڳندا. (ءِ جيڪڏهن ڳالهائيندا، ته سندن ڳالهه کي پيو پڌندين) يعني فصاحت ۽ رواني ۽ سبب توکي سندن ڳالهه بولهه به پياري لڳندي ۽ ٿون چوندين ته اهي واقعي سچي ۽ صحيح ڳالهه ڪري رهيا آهن. منافقن جو سردار، عبد الله بن اُبيّ به ڏاڍو فصيح، بليغ، بادي بلڊر ۽ سهڻو سيبتو انسان هو.

(جڏ ته اهي سڪا بند ٿيڪ ڏٺي ٻيهاريل آهن) رسول الله ﷺ جن جي مجلس ۾ سندن ويهڻ واري حالت کي پٽ سان ٽيڪ ڏياري ٻيهاريل ٿوڙين ۽ بند سان مشابهت ڏني وئي آهي، جن ۾ نه سمجهه هوندي آهي ۽ نه ڄاڻ، ساڳيءَ طرح منافق به فائديمند علم ۽ فهم کان واڌا ۽ عاري هوندا آهن. (هر قسم جي رڙ کي پنهنجي خلاف پائيندا آهن) چيو ويو آهي ته منافقن کي سڏائين خوف رهندو هو، ته متان کو اهڙو واقعو ظاهر ٿي پئي، جنهن جي ڪري سندن پول پڌرا ٿين ۽ سندن جانيون ۽ مال مباح ٿي پون. (اهي ئي دشمن آهن، پوءِ انهن کان بچاءِ ڪر) متان فرصت مان فائدو وٺي توهان جا راز چورائين، ڇاڪاڻ ته اهي تنهنجي ڪافر دشمن جا ايجنٽ آهن. (الله جي مار پوين) مٿن الله جي ڦٽ لعنت آهي، يا وري مؤمنن کي سيکٽ ڏني پئي وڃي ته ائين چون ته: "توهان تي الله جي ڦٽڪار هجي". (ڪيڏانهن ٿا ڦيرايا وڃن) ؟ ڪيئن ٿا حق کان ڪفر ڏانهن ڦري وڃن؟

5 (ءِ جڏهن ڪين چئجي ٿو، ته اچو ته الله جو رسول توهان لاءِ بخشش گهري، ته پنهنجا مٿا ٿا موڙين) يعني نٽول ڪندي ۽ بخشش گهرڻ کان لنوائيندي، پنهنجا ڪنڌ ٿا ڇنڊين. (ءِ ڪين ڏسندين ته پرڪي ٿا وڃن) يعني رسول الله ﷺ جن وٽ اچڻ کان مهن ٿا موڙين. (ءِ اهي تڪبر ڪندڙ آهن) يعني هن ڳالهه کان وڏائي ڪن ٿا ته الله جي رسول ﷺ وٽ حاضر ٿين ۽ ڪائنس بخشش جي درخواست ڪن. پاڻ کي ان ڪمن ۾ خيال ڪن ٿا ۽ خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيڻ ۾ پنهنجي توهين ٿا سمجهن.

6 (انهن تي هڪجهڙو آهي ته سندن لاءِ معافي گهرين يا سندن لاءِ معافي نه گهرين) يعني منافقت تي اصرار ڪرڻ ۽ ڪفر تي ڏڪجي ويهڻ جي ڪري ڪين توهان جو استغفار به فائدو نه ڏيندو. (الله ڪين ڪڍهن به معاف نه ڪندو) يعني جيستائين منافقت تي قائم آهن. (بيشڪ الله بدڪار قوم کي هدايت نٿو ڪري) يعني جيڪي ماٺهو اطاعت کان مڪمل طور نڪتل آهن، الله جي نافرمانين ۾ منهمڪ آهن، تن کي هدايت نه ٿو ڏئي. منجهن منافق سڀ کان اول شامل آهن.

7 (اهي آهي آهن، جيڪي چون ٿا ته جيڪي ماٺهو الله جي رسول وٽ آهن، تن جي تي خرچ نه ڪريو، جيئن ڏڏي پڪڙي وڃن) يعني غريب مهاجرن تي خرچ نه ڪريو، جيئن پاڻ سڳورن ﷺ کي ڇڏي ڇڄي وڃن. (ءِ آسمانن ۽ زمين جا خزانا الله جا ئي آهن) يعني انهن مهاجرن کي به اهوئي رزق ڏيندو. (پر منافق نه ٿا سمجهن) ته رزق جا خزانا الله جي هٿ ۾ آهن، سو انهن پانيو ته الله تعاليٰ مؤمنن لاءِ ڪشادگي نه فرمائيندو.

8 (چون ٿا ته جيڪڏهن مديني موٽياسون ته وڌيڪ طاقت وارو، وڌيڪ هيٺي کي اتان ضرور لوڏي ڪڍندو) اها گالهه چوندڙ منافقن جو سردار عبد الله بن اُبَيّ هو. پاڻ کي ۽ پنهنجن ساٿين کي "وڌيڪ

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

يُسَبِّحُ لِلَّهِ مَا فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَمَا فِي ٱلۡأَرۡضِۖ لَهُ ٱلۡمُلۡكُ وَلَهُ ٱلۡحَمۡدُۖ وَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَيۡءٖ قَدِيرٌ ١ هُوَ ٱلَّذِي خَلَقَكُمۡ فَمِنكُمۡ كَافِرٞ وَمِنكُم مُّؤۡمِنٞۚ وَٱللَّهُ بِمَا تَعۡمَلُونَ بَصِيرٞ ٢ خَلَقَ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضَ بِٱلۡحَقِّ وَصَوَّرَكُمۡ فَأَحۡسَنَ صُوَرَكُمۡۖ وَإِلَيۡهِ ٱلۡمَصِيرُ ٣ يَعۡلَمُ مَا فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضِ وَيَعۡلَمُ مَا تُسِرُّونَ وَمَا تُعۡلِنُونَۚ وَٱللَّهُ عَلِيمُۢ بِذَاتِ ٱلصُّدُورِ ٤ أَلَمۡ يَأۡتِكُمۡ نَبَؤُاْ ٱلَّذِينَ كَفَرُواْ مِن قَبۡلُ فَذَاقُواْ وَبَالَ أَمۡرِهِمۡ وَلَهُمۡ عَذَابٌ أَلِيمٞ ٥ ذَٰلِكَ بِأَنَّهُۥ كَانَت تَّأۡتِيهِمۡ رُسُلُهُم بِٱلۡبَيِّنَٰتِ فَقَالُوٓاْ أَبَشَرٞ يَهۡدُونَنَا فَكَفَرُواْ وَتَوَلَّواْ وَّٱسۡتَغۡنَى ٱللَّهُۚ وَٱللَّهُ غَنِيٌّ حَمِيدٞ ٦ زَعَمَ ٱلَّذِينَ كَفَرُوٓاْ أَن لَّن يُبۡعَثُواْۚ قُلۡ بَلَىٰ وَرَبِّي لَتُبۡعَثُنَّ ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا عَمِلۡتُمۡۚ وَذَٰلِكَ عَلَى ٱللَّهِ يَسِيرٞ ٧ فَـَٔامِنُواْ بِٱللَّهِ وَرَسُولِهِۦ وَٱلنُّورِ ٱلَّذِيٓ أَنزَلۡنَاۚ وَٱللَّهُ بِمَا تَعۡمَلُونَ خَبِيرٞ ٨ يَوۡمَ يَجۡمَعُكُمۡ لِيَوۡمِ ٱلۡجَمۡعِۖ ذَٰلِكَ يَوۡمُ ٱلتَّغَابُنِۗ وَمَن يُؤۡمِنۢ بِٱللَّهِ وَيَعۡمَلۡ صَٰلِحٗا يُكَفِّرۡ عَنۡهُ سَيِّـَٔاتِهِۦ وَيُدۡخِلۡهُ جَنَّٰتٖ تَجۡرِي مِن تَحۡتِهَا ٱلۡأَنۡهَٰرُ خَٰلِدِينَ فِيهَآ أَبَدٗاۚ ذَٰلِكَ ٱلۡفَوۡزُ ٱلۡعَظِيمُ ٩

طاقتور” ۽ نبي ڪريم ﷺ ۽ سندس ساٿين کي “وڌيڪ هيٺو” ٿي پانيائين. “موتڪ” مان سندس مراد انهيءَ جنگ کان مديني موتڪ اهي، جنهن ۾ شريڪ هئا. زيد بن ارقم رضي الله عنه جي روايت آهي ته : انهيءَ جهاد دوران آءٌ نبي اڪرم ﷺ سان گڏ هيس، عبد الله بن ابيّ چيو ته : “جيڪڏهن مديني موٽياسون ته اسان مان وڏي مانوارو، ڪهٽيا درجي واري شخص کي اتان ضرور لوڏي ڪڍيندو”. مون اها ڳالهه پاڻ ڪريمن ﷺ کي ٻڌائي. موٽ ۾ عبد الله قسم کٽي چوڻ لڳو ته : انهيءَ ته اهڙي کا ڳالهه ئي نه چئي آهي. منهنجي قوم جي ماڻهن مون کي ملامت ڪندي چيو ته، آخر انهيءَ (شخص سان مهاڏو اٽڪائڻ) ۾ تنهنجو مقصد ڪهڙو آهي؟ آءٌ غمگين ۽ رنجيده حالت ۾ وڃي سمهي پيس. ايتري ۾ مون کي نبي ڪريم ﷺ جن طلب ڪيو ۽ فرمايائون ته الله تعاليٰ تنهنجي ڳالهه کي سچو ثابت ڪيو ۽ هيءَ آيت نازل ٿي. ﴿ وَلِلَّهِ ٱلۡعِزَّةُ وَلِرَسُولِهِۦ وَلِلۡمُؤۡمِنِينَ وَلَٰكِنَّ ٱلۡمُنَٰفِقِينَ لَا يَعۡلَمُونَ ﴾ (جڏهن ته عزت الله ۽ سندس رسول ۽ مؤمنن لاءِ آهي، پر منافق نه ٿا ڄاڻن).

9 (اي ايمان وارو! توهان کي، توهان جا مال ۽ توهان جو اولاد، الله جي ياد کان غافل نه ڪري ڇڏين) الله تعاليٰ مؤمنن کي منافقت وارن اخلاقن کان خبردار فرمائي ٿو. جن کي سندن مال ۽ اولاد جي محبت الله جي ياد کان غافل ڪري ڇڏيو هو. “الله جي ذڪر” مان اسلام جا فرض ادا ڪرڻ مراد آهن. پڻ ڇيو ويو آهي ته قرآن مجيد پڙهڻ مراد آهي. (۽ جيڪو ائين ڪندو) يعني دين کي ڇڏي دنيا جي ڪمن ۾ مشغول رهندو. (ته پوءِ اهي ئي نقصان پوڳ وارا آهن) يعني اهي ئي ڪامل خساري ۽ نقصان وارا آهن.

10 (۽ جيڪو رزق اسان توهان کي ڏنو آهي، تنهن مان خرچ ڪريو) يعني اسان جي ڏنل رزق مان ڪجهه مال خير جي ڪمن ۾ خرچ ڪندا رهو. ڇيو ويو آهي ته فرض ڪيل زڪوٰة جي ادائيگي مراد آهي. (هن کان اڳ جو توهان مان ڪنهن هڪ تي موت اچي ويجي) جو موت جا اسباب ۽ نشانيون ڏسي. (پوءِ چوي ته اي منهنجا رب! مون کي ڪجهه وڌيڪ مدت تائين مهلت چو نه ڏنئي)؟ يعني رب سائين! چو نه مونکي ڪجهه ڏيڙ ڏنئي، ۽ مون لاءِ موت کي ڪجهه مدت تائين پنتي چو نه فرمايئي؟ (ته صدقو ڏيان ها) يعني جيڪر پنهنجي مال مان خير خيرات ڪريان ها ۽ زڪوٰة ۽ صدقات ڏيان ها. (۽ صالحن مان ٿيان ها).

11 (۽ الله ڪنهن به ساهواري کي بالڪل مهلت نه ڏيندو آهي، جڏهن سندس وقت اچي ويندو آهي) يعني جڏهن سندس عمر عزيز ختم ٿي ۽ مقرر وقت تي مٽس موت اچي پهتو ته پوءِ ڪيس کا مهلت نه ملندي. (۽ جيڪي ڪم ڪريو ٿا، الله انهن جي خبر رکندڙ آهي) الله لاءِ ڪا به ڳالهه ڳجهي نه آهي، پوءِ ضرور توهان کي توهان جي عملن جو بدلو ڏيندو.

سورة التغابن

1 ﴿ يُسَبِّحُ لِلَّهِ مَا فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَمَا فِي ٱلۡأَرۡضِ ﴾ (جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله جي پاڪائي ٿو بيان ڪري). ﴿ لَهُ ٱلۡمُلۡكُ وَلَهُ ٱلۡحَمۡدُ ﴾ (بادشاهي به انهيءَ جي آهي، ۽ ساراه به انهيءَ جي آهي). ﴿ وَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَيۡءٖ قَدِيرٞ ﴾ (۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي).

2 (اهو ئي آهي، جنهن توهان کي پيدا ڪيو، پوءِ توهان مان ڪو ڪافر آهي ۽ ڪو توهان مان مؤمن آهي) الله تعاليٰ ڪافر کي پيدا ڪيو، پر ڪفر ڪرڻ ڪافر جو پنهنجو فعل ۽ پنهنجي ڪمائي آهي. ۽ مؤمن کي به پيدا ڪيائين، ۽ ايمان آڻڻ سندس ذاتي فعل ۽ سندس ڪمائي آهي. ڪافر کي اختيار آهي ته ڪفر تي هلي. ۽ مؤمن کي اختيار آهي ته ايمان تي هلي. ۽ هر شيءِ الله جي حڪم سان آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو: ﴿ وَمَا تَشَآءُونَ إِلَّآ أَن يَشَآءَ ٱللَّهُ رَبُّ ٱلۡعَٰلَمِينَ ﴾ (۽ توهان نه ٿا چاهي سگهو، مگر جيسين جهانن جو رب الله نه گهري). ﴿ وَٱللَّهُ بِمَا تَعۡمَلُونَ بَصِيرٞ ﴾ (۽ جيڪي به توهان ڪريو ٿا، تنهن کي الله چڱيءَ طرح ڏسي پسي ٿو).

3 ﴿ خَلَقَ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضَ بِٱلۡحَقِّ ﴾ (آسمانن ۽ زمين کي پوري رڻ سان خلقيو اٿس). (۽ توهان جون صورتون بنايائين، پوءِ ڏاڍو سهڻو ڪيائين توهان جي صورتن کي) يعني الله تعاليٰ توهان کي ڪامل تصوير، خوب صورت شڪل بخشي، ۽ توهان کي انتهائي سهڻي قد ڪاٺ سان نوازيائين. حسن وجمال جي اعتبار کان ماڻهن ۾ جيڪو سڄي مخلوقات کان امتيازي فرق آهي، سو واضح آهي، جنهن ۾ عقلمندن لاءِ روشن نشاني آهي ته الله تعاليٰ پنهنجي تخليق جي عمل تي زبردست قدرت رکندڙ، حڪمت جو صاحب ۽ عظمت وارو آهي. اهڙيءَ طرح انسان کي، نفسياتي ۽ حسي صورتون ۽ بي پناه ذهني ڪمالات حاصل آهن، جنهن ۾ ان کان به وڌيڪ رهبري ۽ قلبي بصيرت آهي، جيئن ارشاد فرمائي ٿو: ﴿ وَفِي ٱلۡأَرۡضِ ءَايَٰتٞ لِّلۡمُوقِنِينَ ٢٠ وَفِيٓ أَنفُسِكُمۡۚ أَفَلَا تُبۡصِرُونَ ﴾ (۽ يقين رکڻ وارن لاءِ زمين ۾ اڪيچار نشانيون آهن، ۽ خود توهان جي وجودن ۾ پڻ؛ ڇا پوءِ بصيرت کان ڪم نٿا وٺو)؟ ﴿ وَإِلَيۡهِ ٱلۡمَصِيرُ ﴾ (۽ ان ڏانهن ئي موٽي هلڻو آهي).

4 ﴿ يَعۡلَمُ مَا فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضِ ﴾ (جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ ڄاڻي ٿو). ﴿ وَيَعۡلَمُ مَا تُسِرُّونَ وَمَا تُعۡلِنُونَ ﴾ (۽ جيڪو اوهان لڪايو ٿا يا ظاهر ڪريو ٿا، سو به سڀ ڄاڻي ٿو). ﴿ وَٱللَّهُ عَلِيمُۢ بِذَاتِ ٱلصُّدُورِ ﴾ (۽ الله ته دلين جا راز به ڄاڻندڙ آهي).

5 (ڇا توهان وٽ انهن ماڻهن جي خبر نه پهتي آهي، جن اڳ ۾ ڪفر ڪيو) مراد اڳيون ڪافر امتون آهن، جهڙوڪ قوم نوح، عاد،

وَٱلَّذِينَ كَفَرُواْ وَكَذَّبُواْ بِـَٔايَٰتِنَآ أُوْلَٰٓئِكَ أَصۡحَٰبُ ٱلنَّارِ خَٰلِدِينَ فِيهَاۖ وَبِئۡسَ ٱلۡمَصِيرُ ﴿١٠﴾ مَآ أَصَابَ مِن مُّصِيبَةٍ إِلَّا بِإِذۡنِ ٱللَّهِۗ وَمَن يُؤۡمِنۢ بِٱللَّهِ يَهۡدِ قَلۡبَهُۥۚ وَٱللَّهُ بِكُلِّ شَيۡءٍ عَلِيمٞ ﴿١١﴾ وَأَطِيعُواْ ٱللَّهَ وَأَطِيعُواْ ٱلرَّسُولَۚ فَإِن تَوَلَّيۡتُمۡ فَإِنَّمَا عَلَىٰ رَسُولِنَا ٱلۡبَلَٰغُ ٱلۡمُبِينُ ﴿١٢﴾ ٱللَّهُ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَۚ وَعَلَى ٱللَّهِ فَلۡيَتَوَكَّلِ ٱلۡمُؤۡمِنُونَ ﴿١٣﴾ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓاْ إِنَّ مِنۡ أَزۡوَٰجِكُمۡ وَأَوۡلَٰدِكُمۡ عَدُوّٗا لَّكُمۡ فَٱحۡذَرُوهُمۡۚ وَإِن تَعۡفُواْ وَتَصۡفَحُواْ وَتَغۡفِرُواْ فَإِنَّ ٱللَّهَ غَفُورٞ رَّحِيمٌ ﴿١٤﴾ إِنَّمَآ أَمۡوَٰلُكُمۡ وَأَوۡلَٰدُكُمۡ فِتۡنَةٞۚ وَٱللَّهُ عِندَهُۥٓ أَجۡرٌ عَظِيمٞ ﴿١٥﴾ فَٱتَّقُواْ ٱللَّهَ مَا ٱسۡتَطَعۡتُمۡ وَٱسۡمَعُواْ وَأَطِيعُواْ وَأَنفِقُواْ خَيۡرٗا لِّأَنفُسِكُمۡۗ وَمَن يُوقَ شُحَّ نَفۡسِهِۦ فَأُوْلَٰٓئِكَ هُمُ ٱلۡمُفۡلِحُونَ ﴿١٦﴾ إِن تُقۡرِضُواْ ٱللَّهَ قَرۡضًا حَسَنٗا يُضَٰعِفۡهُ لَكُمۡ وَيَغۡفِرۡ لَكُمۡۚ وَٱللَّهُ شَكُورٌ حَلِيمٌ ﴿١٧﴾ عَٰلِمُ ٱلۡغَيۡبِ وَٱلشَّهَٰدَةِ ٱلۡعَزِيزُ ٱلۡحَكِيمُ ﴿١٨﴾

سُوۡرَةُ الطَّلَاقِ

(ترتيبها ٦٥) (آياتها ١٢)

ثمود. الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو ته، قرآن مجيد ۾ سندن باري ۾ خبرون اڇي چڪيون آهن ته، ڪيئن ڪين سندس پيغمبرن، الله جي توحيد ۽ سندس عبادت جي دعوت ڏني ۽ ڪيئن ڪين غير الله جي عبادت کان روڪيو، پر انهن مخالفت تي سندرو ٻڌو: پوءِ ڏس ته ڪهڙيءَ طرح ڪوڙو ڪندڙن جي عاقبت، هلاکت جي صورت ۾ نڪتي ۽ ڪهڙيءَ طرح رسولن ۽ مؤمنن جي عاقبت نجات جي صورت ۾ ظاهر ٿي؟ (پوءِ پنهنجن ڪرتوتن جي سزا پوگيائون). "وبال" يعني بار، سختي ۽ سوڙ. جنهن مان مراد دنياوي عذاب واري مصيبت آهي. (۽ سندن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي) مراد آخرت ۾ دوزخ وارو عذاب آهي.

6 (اهو) يعني پنهي جهانن ۾ سندن لاءِ عذاب. (هن ڪري ته سندن پيغمبرَ وٽن پڌريون نشانيون آڻيندا رهيا) ڪين سندن رسولن ظاهر ظهور معجزا ڏيکاريا. (پوءِ چيائون ته ڇا اسان کي جهڙا ماڻهو هدايت جي واٽ ڏيکارينداڻ) يعني هر پيغمبرؑ جي قوم انهيءَ ڳالهه تي تعجب ڪندي رهي، تنهن ڪري سندن انڪار ڪيائون تہ ڇا ڪو بشر به رسول ٿي سگهي ٿو؟ (پوءِ ڪفر ڪيائون ۽ منهن موڙيائون) يعني رسولن ۽ سندن آندل تعليم جو ڪفر ڪيائون ۽ ان جي ميڙ ڪان منهن موڙيائون ۽ جيڪي معجزات وغيره انهن آندا، تن ۾ غور، فڪر نہ ڪيائون. (۽ الله به بي پرواهي ڏيکاري) يعني الله سندن ايمان ۽ عبادت کان بي پرواه آهي. (۽ الله بي پرواه، ساراهيل آهي) يعني الله نہ دنيا وارن جو محتاج آهي ۽ نہ ڪيس سندن عبادت جي ڪا پرواه آهي. هر قسم جي مخلوق پنهنجي زبان قال سان يا زبان حال سان سندس ثنا ساراهه ڪري ٿي، تنهن ڪري سندس ذات ساراهيل آهي.

7 ﴿ زَعَمَ ٱلَّذِينَ كَفَرُوٓاْ أَن لَّن يُبۡعَثُواْ ﴾ (جن ڪفر ڪيو، سي پائڻين ٿا ته، ڪين ڪڏهن به ٻيهر نہ اٿاريو ويندو).

(چؤ ته هائو! منهنجي رب جو قسم! توهان کي ضرور اٿاريو ويندو) الله تعاليٰ پنهنجي نبيءَ کي حڪم فرمايو ته، ڪين خبر ڏي ته، سگهوئي الله ڪين موت کان پوءِ جيارينداو ۽ انهيءَ عقيدي جي سچائيءَ جو يقين ڏيارڻ لاءِ قسم کڻو. هن ريت ته : الله جو قسم! توهان کي ضرور توهان جي قبرن مان جياري اٿاريو ويندو. (پوءِ جيڪي ڪم ڪريو ٿا، تن جي ضرور توهان کي خبر ڏني ويندي) يعني حجت قائم ڪرڻ لاءِ ضرور توهان کي انهن جي باري ۾ خبر ڏني ويندي. پوءِ ضرور توهان کي انهن جو بدلو به ڏنو ويندو. (۽ اهو) موت کان پوءِ جيارڻ ۽ عملن جي جزا ۽ سزا جو ڏيڻ (الله تي آسان آهي).

8 ﴿ فَـَٔامِنُواْ بِٱللَّهِ وَرَسُولِهِۦ ﴾ (سو الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو). ﴿ وَٱلنُّورِ ٱلَّذِيٓ أَنزَلۡنَاۚ ﴾ (۽ ان نور تي جنهن کي اسان نازل ڪيو آهي) ۽ اهو قرآن پاڪ آهي، جاکاڻ ته قرآن مجيد گمراهيءَ جي اوندهاهيءَ ۾ نور هدايت آهي. ﴿ وَٱللَّهُ بِمَا تَعۡمَلُونَ خَبِيرٞ ﴾ (۽ جيڪي به توهان ڪريو ٿا، الله ان جي خبر رکندڙ آهي).

9 (جنهن ڏينهن توهان کي گڏ ڪندو، گڏ ڪرڻ ڏينهن ۾) يعني قيامت جي ڏينهن، محشر جي ميدان ۾ مخلوق کي سزا ۽ جزا ڏيڻ لاءِ گڏ ڪندو، اتي هر شخص ۽ سندس عمل کي گڏ ڪندو، هر نبي ۽ سندس امت کي، هر مظلوم ۽ ظالم کي، سڀني اڳين ۽ پوين امتن کي آڻي حاضر ڪندو. (اهو ئي ڪٽڻ هارائڻ وارو ڏينهن آهي) يعني محشر جي ميدان وارا هڪ ٻئي کان ڪٽيندا هارائيندا. حق وارا باطل پرستن کان ڪٽيندا. هن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي هار، جو جنت وارا جهنم وارن کي هارائيندا. اتي دوزخي پلائي کي برائيءَ ۾، عمدي شيءِ کي خراب شيءِ ۾ ۽ نعمتن کي عذاب ۾ تبديل ڪيل ڏسندا. ان جي بلڪل ابتڙ جنتين جو معاملو هوندو. عرب چوندا آهن ته: (غَبَنْتُ فُلَانًا) : "مون فلاڻي هارايو". پوءِ هارايل اهو آهي جيڪو جنت ۾ پنهنجو گهر ۽ اهل وعيال سڀ ڪجهه وڃائي ويهندو . (۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ۽ نيڪ ڪم ڪندو، الله ان جون مدايون ميٽي ڇڏيندو) يعني جنهن شخص الله ۽ سندس رسول سڳوري ﷺ جي تصديق ڪئي ۽ چڱا ڪم ڪيا، سو هن ڳالهه جو حقدار آهي ته سندس گناهن جي نيڪين ۾ مٽا سٽا ڪئي وڃي. ﴿ وَيُدۡخِلۡهُ جَنَّٰتٖ تَجۡرِي مِن تَحۡتِهَا ٱلۡأَنۡهَٰرُ خَٰلِدِينَ فِيهَآ أَبَدٗا ﴾ (۽ کيس اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو، جن جي هيٺان نهرون پيون وهنديون، جن ۾ هو سدائين رهندا). ﴿ ذَٰلِكَ ٱلۡفَوۡزُ ٱلۡعَظِيمُ ﴾ (اهائي وڏي ڪاميابي آهي).

10 ﴿ وَٱلَّذِينَ كَفَرُواْ وَكَذَّبُواْ بِـَٔايَٰتِنَآ أُوْلَٰٓئِكَ أَصۡحَٰبُ ٱلنَّارِ خَٰلِدِينَ فِيهَا ﴾ (۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڏيو، اهي دوزخي آهن، سدائين ان ۾ رهندا). ﴿ وَبِئۡسَ ٱلۡمَصِيرُ ﴾ (۽ اها ڏاڍي بيڪڙي موٽڻ جي جاءِ آهي).

11 (ڪا به مصيبت نہ ٿي پهچي، الله جي حڪم کان سواءِ) يعني سندس فيصلي ۽ تقدير مطابق ئي ٿئي ٿو. چيو ويو آهي ته : هن آيت جي نازل ٿيڻ جو سبب هي آهي ته : ڪافرن چوڻ شروع ڪيو ته جيڪڏهن واقعي مسلمان حق تي هجن ها ته ضرور الله تعاليٰ کين دنيا جي مصيبتن کان بچائي ها. (۽ جيڪو الله تي ايمان رکندو، الله سندس دل کي هدايت ڏيندو) يعني جيڪو هن ڳالهه جي تصديق ڪندو، ۽ پڪ ڄاڻندو ته مصيبت جو پهچڻ الله جي تقدير هيٺ آهي، ته الله تعاليٰ سندس دل کي مصيبت وقت روشني عطا ڪندو. پوءِ ڪيس يقين ٿيندو ته هر مصيبت الله جي طرفان هوندي آهي ۽ جيڪا مصيبت ڪيس پهچڻي هوندي آهي، تنهن کان بچي نٿو سگهجي ۽ جيڪا مصيبت پهچڻي ناهي، تنهن ۾ مبتلا ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. تنهن ڪري پاڻ کي الله جي تقدير جي حوالي ڪري ڇڏجي ۽ ﴿ إِنَّا لِلَّهِ وَإِنَّآ إِلَيۡهِ رَٰجِعُونَ ﴾ پڙهجي. جڏهن کا مصيبت اچي ته صبر

ڪجي، ۽ ڪا نعمت ملي تہ شڪر ڪجي. (۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي) يعني ڪامل علم وارو آهي، ڪا بہ شيءِ ان کان ڳجهي ناهي.

12 (۽ فرمانبرداري ڪريو الله جي ۽ فرمانبرداري ڪريو رسول جي) يعني الله ۽ سندس رسول جي اطاعت ۾ هميشہ پاڻ کي مشغول رکو. (پوءِ جيڪڏهن توهان منهن موڙيندؤ) يعني جيڪڏهن توهان الله ۽ سندس سڳوري رسول ﷺ جي فرمانبرداريءَ کان منهن موڙيندؤ تہ ياد رکو تہ ان جو وبال ۽ جنجال توهان کي پوڳٽو پوندو. ۽ الله جي رسول ﷺ کي ڪو نقصان نہ پهچندو. (پوءِ بيشڪ اسان جي رسول تي رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ آهي) ان کان سواءِ مٿس پي ڪا ذميواري نہ آهي ۽ پاڻ سڳورن اهو فرض چڱيءَ طرح نپايو.

13 ﴿ ٱللَّهُ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ﴾ (الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ معبود ناهي). ﴿ وَعَلَى ٱللَّهِ فَلۡيَتَوَكَّلِ ٱلۡمُؤۡمِنُونَ ﴾ (۽ مؤمن کي ڇڪائي تہ هو الله تي پروسو ڪن).

14 ﴿ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓاْ إِنَّ مِنۡ أَزۡوَٰجِكُمۡ وَأَوۡلَٰدِكُمۡ ﴾ (اي ايمان وارو! توهانجي زالن ۽ توهان جي اولاد مان کي) (توهان جا دشمن آهن) يعني اهي توهان کي پلائيءَ جي ڪم کان غافل ڪن. هن آيت جي نازل ٿيڻ جو سبب هي آهي تہ : مڪي ۾ ڪي ماڻهو مسلمان ٿيا ۽ هجرت ڪرڻ جو ارادو ڪيائون، پر سندن زالن ۽ ٻارن کين نہ ڇڏيو. امام مجاهد چئي ٿو تہ : الله جو قسم! دنياوي اعتبار سان تہ اهي سندن دشمن نہ هئا، پر سندن پيار محبت جي ڪري جيڪو حرام ڪم انهن طلبين، تنهن جو ارتڪاب ڪري وينا. (سو انهن کان بچو) يعني زالن ۽ ٻارن جي محبت ۽ شفقت کي ترجيح ڏئي، الله جي حڪمن جي پيڇڙي کان بچو ۽ کين خوش ڪرڻ لاءِ رزق ڪمائڻ ۾ الله جي نافرماني نہ ڪريو. (۽ جيڪڏهن توهان معاف ڪندؤ ۽ درگذر ڪندؤ ۽ بخشيندؤ) يعني جيڪي غلطيون ڪيون اٿن، جيڪڏهن اهي معاف ڪندؤ ۽ انهن تي لعنت ملامت ڪرڻ کي ڇڏي ڏيندؤ ۽ سندن عيبن کي لڪائيندؤ تہ (پوءِ بيشڪ الله بخشڻهار رحم ڪندڙ آهي) يعني توهان تي بہ رحم ڪندو ۽ انهن تي بہ. ڇيو ويو آهي تہ هڪ شخص جڏهن ڏٺو تہ سندس زال ۽ ٻارن کيس هجرت کان روڪيو آهي ۽ ڏٺائين تہ ماڻهو هجرت ڪرڻ ۽ دين جي سمجهہ حاصل ڪرڻ ۾ ڪائنس اڳ ڪڍي ويا تہ، ارادو ڪيائين تہ جيڪر سندس زال ۽ ٻارن کي سزا ڏئي.

15 (دراصل توهان جا مالَ ۽ توهان جو اولاد توهان لاءِ آزمائش آهن) يعني آزمائش، امتحان ۽ پرک آهن، جو توهان کي حرام ڪمائڻ تي مجبور ڪن ٿا ۽ الله تعالىٰ جي حق ادا ڪرڻ کان روڪين ٿا. (۽ الله وٽ اجر عظيم آهي) يعني انهيءَ لاءِ جيڪو رب ڪريم جي فرمانبرداري ڪري ۽ پنهنجي مال ۽ اولاد جي محبت سبب سندس نافرمانيءَ کان باز رهي.

16 (پوءِ جيترو تي سگهيوَ، الله کان ڈجو) يعني جيتري سگهہ ۽ طاقت توهان ۾ هجي. (۽ ٻڌو ۽ اطاعت ڪريو) يعني الله ۽ سندس رسول جي طرفان ڏنل حڪمن احڪامن کي ٻڌو ۽ مڃي عمل ڪريو. (۽ پنهنجي پلائيءَ لاءِ خيرات ڪريو) يعني جيڪو رزق الله تعالىٰ توهان کي عطا فرمايو آهي، تنهن مان خير جي رستن ۾ خرچ ڪندا رهو. ۽ انهيءَ ڏس ۾ بخيلي نہ ڪريو ۽ پنهنجي جانين جي پلائي لاءِ ڪجهہ اڳتي موڪليو. (۽ جيڪي پنهنجي نفس جي بخيليءَ کان بچايا ويا، تہ بيشڪ اهي ئي ڪامياب آهن) يعني جنهن شخص کي بخيليءَ جي بيماريءَ کان بچايو ويو، پوءِ ان الله جي واٽ، ۽ پلائيءَ جي رستن ۾ مال خرچ ڪيو تہ دراصل اهڙا ماڻهو ئي هر قسم جي پلائيءَ ۽ هر قسم جي مطلب ۾ ڪامياب ماڻڻ وارا آهن.

17 (جيڪڏهن توهان الله کي قرض ڏيندا، سهڻو قرض ڏيڻ) يعني پنهنجا مال پلائيءَ جي رستن ۾ اخلاص ۽ دل جي سچائيءَ سان خرچ ڪندا. (تہ اهو توهان کي پيٽو ڪري ڏيندو) يعني هڪ نيڪيءَ جو بدلو ڏهن کان ... ويندي ... ست سؤ نيڪين تائين عطا ڪندو. (۽ توهان کي بخشيندو) يعني ايترو گهڻو اجر ڏيڻ جي باوجود توهان جي بخشش پڻ فرمائيندو. (۽ الله نهايت قدردان، وڏي سهپ وارو آهي) تنهن ڪري جيڪو سندس اطاعت ڪري ٿو، تنهن کي وڏو ۾ وڏو ثواب ۽ اجر عطا فرمائي ٿو ۽ پنهنجي بردباريءَ جي ڪري جيڪو سندس نافرماني ڪري ٿو، تنهن کي هڪدم سزا نٿو ڏئي.

18 ﴿ عَٰلِمُ ٱلۡغَيۡبِ وَٱلشَّهَٰدَةِ ٱلۡعَزِيزُ ٱلۡحَكِيمُ ﴾ (الڪل ۽ پڌري هر شيءِ جو ڄاڻندڙ، زبردست، وڏي حڪمت وارو آهي.

سورة الطلاق

1 (اي نبي! جڏهن زالن کي توهان طلاق ڏيو) پهريائين پاڻ ڪريم جن ﷺ کي مانائتي انداز ۾ (نبي) جي لفظ سان خطاب فرمايو ويو، تنهن کان پوءِ سندن امت سان گڏي مخاطب ڪيو ويو. يعني جڏهن زالن کي طلاق ڏيڻ جو ارادو ۽ پڪو پهہ ڪريو (تہ کين سندن عدت ۾ طلاق ڏيو) يعني کين سندن عدت شروع ٿيڻ وقت يا ان کان اڳ ۾ طلاق ڏيو. يعني جڏهن عورت ماهواريءَ کان پاڪ صاف ٿئي تہ مڙس صحبت ڪرڻ کان اڳ کيس هڪ طلاق ڏئي. وري کيس ڇڏي ڏئي، تانجو پي ماهواري بہ گذري وڃي، پوءِ وري بہ سائس جماع کان اڳ طلاق ڏئي. انهيءَ نموني طلاق ڏيندو تہ شرعي اصول مطابق "عدت" ۾ طلاق ٿيندي. حضرت ابن عمر کان روايت آهي تہ انهيءَ پنهنجي زال کي حيض جي حالت ۾ طلاق ڏني. اهو ٻڌي رسول الله ﷺ جن جي منهن مبارڪ جو رنگ متجي ويو. ارشاد فرمايائون تہ : زال کي پنهنجي گهر وٽي وڃ، پوءِ کيس روڪي رک، تانجو پاڪ ٿئي. وري کيس ماهواري اچي ۽ وري پاڪ ٿئي. پوءِ جيڪڏهن کيس طلاق ڏيڻ گهرين تہ پاڪ حالت ۾ صحبت ڪرڻ کان اڳ کيس طلاق ڏي. اها ئي اُها "عدت" آهي، جنهن مطابق الله تعالىٰ مؤمنن کي حڪم فرمايو آهي تہ ان ۾ پنهنجي زالن کي طلاق ڏئي سگهن ٿا. (۽ عدت جو ڳاڻاٽو ڪريو) يعني جنهن ڏينهن ۽ جنهن وقت طلاق ڏني وئي آهي، ان کان ويندي تن ماهوارين تائين ڏينهن ڳڻيندا رهو. خطاب مڙس کي آهي. (۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڈجو) ۽ سندس نافرماني نہ ڪريو ۽ زالن کي نہ ايذايو. (کين سندن گهرن مان نہ ڪڍو) يعني جن گهرن ۾ توهان کين طلاق ڏني هجي، اتي ئي کين عدت گذرڻ تائين رهڻ ڏيو. هتي "سندن گهرن" چئي، گهر جي نسبت عورت ڏانهن ڪئي وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ عدت جي ڏينهن ۾ کين پورو پورو حق حاصل آهي تہ اتي رهن، تانجو زالن کي بہ اتان نڪرڻ کان روڪيو ويو. ارشاد فرمائي ٿو تہ (۽ نہ اهي پاڻ اتان نڪرن) يعني جيسين عدت ۾ آهن تيسين انهن گهرن مان ضروري ڪم کان سواءِ ٻاهر نہ نڪرن (مگر هي تہ پڌري بي حيائيءَ جو ڪم ڪن) يعني کين سندن گهرن مان ايتري تائين نہ ڪڍو، جيتري تائين ڪا زنا جهڙي بيحيائيءَ جو ڪم نہ ڪن. پڻ ڇيو ويو آهي تہ ان – بيحيائيءَ - مان مراد ان گهر ۾ ساٿس گڏ رهندڙن سان، سندس زبان درازي ۽ بڪواس بازي ڪرڻ آهي. (۽ اهي الله جون حدون آهن) يعني الله تعالىٰ پنهنجن ٻانهن لاءِ جيڪي حڪم احڪام بيان ڪيا آهن، اهي ئي اهي حدون آهن، جن کي انهيءَ مقرر فرمايو آهي. ٻانهن لاءِ جائز نہ آهي تہ انهن کي ڇڏي، غيرن جي قاعدن ۽ ضابطن ڏانهن واجهائيندا وتن. (۽ جيڪو الله جي حدن کي اورانگهيندو تہ پوءِ بيشڪ انهيءَ پاڻ تي ظلم ڪيو) جو پاڻ کي هلاڪت واري هنڌ تي آندائين.

(تون نٿو ڄاڻين تہ شايد الله ان کان پوءِ ڪو نئون معاملو پيدا ڪري) يعني ئي سگهي ٿو تہ جيڪڏهن اها زال ساڻئي گهر ۾ رهي تہ الله تعالىٰ پنهي جي دلين ۾ پيار محبت وجهي، پوءِ ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن رجوع ڪن.

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّبِيُّ إِذَا طَلَّقۡتُمُ ٱلنِّسَآءَ فَطَلِّقُوهُنَّ لِعِدَّتِهِنَّ وَأَحۡصُواْ ٱلۡعِدَّةَۖ وَٱتَّقُواْ ٱللَّهَ رَبَّكُمۡۖ لَا تُخۡرِجُوهُنَّ مِنۢ بُيُوتِهِنَّ وَلَا يَخۡرُجۡنَ إِلَّآ أَن يَأۡتِينَ بِفَٰحِشَةٖ مُّبَيِّنَةٖۚ وَتِلۡكَ حُدُودُ ٱللَّهِۚ وَمَن يَتَعَدَّ حُدُودَ ٱللَّهِ فَقَدۡ ظَلَمَ نَفۡسَهُۥۚ لَا تَدۡرِي لَعَلَّ ٱللَّهَ يُحۡدِثُ بَعۡدَ ذَٰلِكَ أَمۡرٗا ﴿١﴾ فَإِذَا بَلَغۡنَ أَجَلَهُنَّ فَأَمۡسِكُوهُنَّ بِمَعۡرُوفٍ أَوۡ فَارِقُوهُنَّ بِمَعۡرُوفٖ وَأَشۡهِدُواْ ذَوَيۡ عَدۡلٖ مِّنكُمۡ وَأَقِيمُواْ ٱلشَّهَٰدَةَ لِلَّهِۚ ذَٰلِكُمۡ يُوعَظُ بِهِۦ مَن كَانَ يُؤۡمِنُ بِٱللَّهِ وَٱلۡيَوۡمِ ٱلۡأٓخِرِۚ وَمَن يَتَّقِ ٱللَّهَ يَجۡعَل لَّهُۥ مَخۡرَجٗا ﴿٢﴾ وَيَرۡزُقۡهُ مِنۡ حَيۡثُ لَا يَحۡتَسِبُۚ وَمَن يَتَوَكَّلۡ عَلَى ٱللَّهِ فَهُوَ حَسۡبُهُۥٓۚ إِنَّ ٱللَّهَ بَٰلِغُ أَمۡرِهِۦۚ قَدۡ جَعَلَ ٱللَّهُ لِكُلِّ شَيۡءٖ قَدۡرٗا ﴿٣﴾ وَٱلَّٰٓـِٔي يَئِسۡنَ مِنَ ٱلۡمَحِيضِ مِن نِّسَآئِكُمۡ إِنِ ٱرۡتَبۡتُمۡ فَعِدَّتُهُنَّ ثَلَٰثَةُ أَشۡهُرٖ وَٱلَّٰٓـِٔي لَمۡ يَحِضۡنَۚ وَأُوْلَٰتُ ٱلۡأَحۡمَالِ أَجَلُهُنَّ أَن يَضَعۡنَ حَمۡلَهُنَّۚ وَمَن يَتَّقِ ٱللَّهَ يَجۡعَل لَّهُۥ مِنۡ أَمۡرِهِۦ يُسۡرٗا ﴿٤﴾ ذَٰلِكَ أَمۡرُ ٱللَّهِ أَنزَلَهُۥٓ إِلَيۡكُمۡۚ وَمَن يَتَّقِ ٱللَّهَ يُكَفِّرۡ عَنۡهُ سَيِّـَٔاتِهِۦ وَيُعۡظِمۡ لَهُۥٓ أَجۡرًا ﴿٥﴾

2 (پوءِ جڏهن پنهنجي عدت کي پهچن) يعني پنهنجي عدت پوري ڪري چڪيون هجن يا پوري ڪرڻ واريون هجن. (ته پوءِ سهڻي طريقي مطابق کين جهليو) يعني سهڻي زندگي گذارڻ جي جذبي سان کين عزت ۽ احترام سان پاڻ وٽ رکو ۽ کين نقصان پهچائڻ جو ارادو نه ڪريو. (يا سهڻي طريقي مطابق کين جدا ڪريو) يعني عدت ۽ مدت پوري ڪرڻ تائين انهن کي ڇڏي ڏيو، تانجو (نڪاح جي بندڻ کان) آزاد ٿين. توهان تي سندن جيڪي حق آهن، اهي پوري طرح ادا ڪريو ۽ کين نه ايذايو. يعني عدت پوري ٿي وڃي ته هاڻي توهان لاءِ رڳو به رستا آهن: ۱- کين سهڻي نموني سان پاڻ وٽ رکو ۲- يا سهڻي نموني سان کين ڇڏي ڏيو. رهيو انهن کي تڪليف ڏيڻ جي مقصد سان روڪڻ، يا ايذاءَ رساني ۽ حق تلفيءَ جي خيال سان کين ڇڏي ڏيڻ، ته لئين ڪرڻ توهان لاءِ جائز نه آهي. (۽ پاڻ مان بن انصاف وارن کي شاهد ڪريو) يعني جڏهن کين ڇڏي ڏيو، يا جڏهن کين پاڻ وٽ روڪيو ته جهيڙي جهٽي جي جڙ کي پٽڻ لاءِ پاڻ مان انصاف پسند بن جڻن کي گواهه بنايو. (۽ الله لڳ شاهدي پوري ڏيو) هي حڪم شاهدن لاءِ آهي ته رڳو رب ڪريم جي رضامندي ۽ قرب حاصل ڪرڻ جي جذبي سان صحيح ۽ سچي شاهدي ڏيو. (توهان مان اها نصيحت ان کي ڪجي ٿي، جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃي ٿو) اها نصيحت خاص مؤمن لاءِ آهي، ڇاڪاڻ ته نصيحت رڳو ايمان وارن کي ئي فائدو ڏيندي آهي. (۽ جيڪو الله کان ڊڄندو) يعني جيڪو الله کان ڊڄندي انهن حدن کي قائم ڪندو، جيڪي الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن لاءِ قائم ڪيون آهن ته (الله سندس لاءِ مشڪل مان نڪرڻ جو ڪو نه ڪو رستو پيدا ڪندو) يعني جيڪا مشڪل ان تي ايندي، تنهن کي رفع دفع فرمائيندو.

3 (۽ کيس اتان روزي ڏيندو، جتان گمان به نه هوندس) يعني اهڙي هنڌان کيس روزي ڏيندو جو نه سندس دل ۾ هوندو ۽ نه سندس حساب ڪتاب ۾ هوندو. تنهن ڪري جنهن طلاق ڏنل زال کان عدت پوري ڪرائي، ڇڏڻ يا موٽائڻ وقت عدل انصاف کان ڪم ورتو ۽ قدم قدم تي خدا جو خوف ڪيائين ته الله ان لاءِ انهيءَ مصيبت کان نجات جي صورت پيدا ڪندو. تنگي ته رڳو انهيءَ شخص لاءِ آهي، جيڪو طلاق ڏيڻ ۾ يا طلاق ڏنل عورت کي موٽائڻ ۾ الله تعالىٰ جي حڪمن جي مخالفت ڪندو. (۽ جيڪو الله تي پروسو ڪندو، تہ آهوئي ان لاءِ ڪافي آهي) يعني جنهن مصيبت ۾ الله تي پروسو ڪيو ته بوقت ضرورت الله تعالىٰ ان لاءِ ڪافي ٿيندو. (بيشڪ الله پنهنجو ڪم توڙ رسائيندو آهي) يعني سندس حڪم کي پوري ٿيڻ کان کو نٿو روڪي سگهي ۽ نه ان جي گهربل شيءِ جي تڪميل ۾ کيس کو عاجز ڪري سگهي ٿو. (بيشڪ الله هر شيءِ جو اندازو مقرر ڪري ڇڏيو آهي) الله تعالىٰ هر سختي ۽ سور جي ختم ٿيڻ ۽ هر آساني ۽ خوشيءَ جي ختم ٿيڻ لاءِ هڪ وقت مقرر ڪيو آهي. سدي رحمه الله چوي ٿو ته: ان مان ماهواري ۽ عدت جا مقرر ٿيل ڏينهن مراد آهن.

4 (توهان جي زالن مان جيڪي حيض کان مايوس آهن) اهي زالون مراد آهن، جن جي عمر وڌي وئي آهي ۽ هاڻي حيض اچڻ کان بلڪل مايوس آهن. (جيڪڏهن توهان کي شڪ هجي) يعني سندن عدت جي باري ۾ توهان نٿا ڄاڻو، يا توهان کي ان بابت شڪ شبهو آهي. (ته پوءِ انهن جي عدت ٽي مهينا آهي، ۽ جن کي حيض نه آيو هجي) يعني جيڪي زالون ايان بالغ نه ٿيون آهن ۽ حيض جي مدت کي نه پهتيون آهن ته انهن جي عدت به ٽي مهينا آهي.

(۽ جيڪي زالون پيٽ سان هجن، تن جي عدت هيءَ آهي ته ٻار ڄڻين) يعني ٻار ڄڻڻ مهل سندن عدت پوري ٿي چڪي.

(۽ جيڪو الله کان ڊڄندو، تنهن لاءِ سندس ڪم ۾ آساني فرمائيندو) ضحاڪ جو قول آهي ته: يعني جيڪو مڙس، زال کي سنت مطابق طلاق ڏيندو، ته الله تعالىٰ سندس لاءِ طلاق کان رجوع جي عمل کي آسان ڪندو.

5 ﴿ ذَٰلِكَ أَمۡرُ ٱللَّهِ أَنزَلَهُۥٓ إِلَيۡكُمۡۚ ﴾ (اهو الله جو امر آهي جيڪو اوهان ڏانهن لاٿو اٿس). ﴿ وَمَن يَتَّقِ ٱللَّهَ يُكَفِّرۡ عَنۡهُ سَيِّـَٔاتِهِۦ ﴾ (۽ جيڪو الله کان ڊڄندو ته اهو ان جون مدايون ڪائنس ميٽي ڇڏيندو). ﴿ وَيُعۡظِمۡ لَهُۥٓ أَجۡرًا ﴾ (۽ ان کي اجر وڏائي ڏيندو) يعني ڪيس آخرت ۾ جنت جي صورت ۾ اجر عظيم عطا ڪندو.

6 (جتي پاڻ رهو ٿا، انهن کي به اتي رهايو) طلاق ڏنل زال لاءِ رهائش جي حقوق جو بيان ٿي رهيو آهي، ته پنهنجي ئي گهر جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ کين رهايو. (پنهنجي هوندَ آهر) يعني پنهنجي بچت مان جيتري توهان کي طاقت هجي. هيءُ حڪم انهيءَ عورت جي باري ۾ آهي جنهن کي رجعي طلاق ڏني وئي هجي، باقي جنهن کي ٽي طلاقون اڇي چڪيون هجن، تنهن لاءِ مڙس تي نه خرچ آهي ۽ نه رهائش.

(۽ کين تنگ ڪرڻ خاطر نه ستايو) رهائش يا خرچ پکي جي باري ۾.

(۽ جيڪڏهن پيٽ پريون هجن ته ٻار پيدا ٿيڻ تائين مٿن خرچ ڪندا رهو) جيڪا طلاق ڏنل زال پيٽ پري هجي، تنهن جي خرچ ۽ رهائش جي واجب هئڻ ۾ عالمن جو پاڻ ۾ ڪو اختلاف نه آهي. (پوءِ جيڪڏهن ٻڌ ڏارائن توهانجي چوڻ ڪري) يعني طلاق اچڻ کان بعد به اهي توهان جي اولاد کي توهانجي چوڻ مطابق کير پيارين ته (کين سندن اجورو ڏيو) ٻڌ ڏارائڻ جو اجورو.

(۽ پاڻ ۾ سهڻي نموني مشورو ڪريو) هي خطاب انهيءَ زال ۽ مڙس کي آهي، جن ۾ طلاق سبب جدائي ٿي چڪي هجي. يعني پاڻ ۾ سهڻي نموني صلاح مصلحت سان نبيرو ڪريو ۽ جيڪا ڳالهه ٻار جي

أَسْكِنُوهُنَّ مِنْ حَيْثُ سَكَنتُم مِّن وُجْدِكُمْ وَلَا تُضَآرُّوهُنَّ لِتُضَيِّقُوا۟ عَلَيْهِنَّ ۚ وَإِن كُنَّ أُو۟لَٰتِ حَمْلٍ فَأَنفِقُوا۟ عَلَيْهِنَّ حَتَّىٰ يَضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۚ فَإِنْ أَرْضَعْنَ لَكُمْ فَـَٔاتُوهُنَّ أُجُورَهُنَّ ۖ وَأْتَمِرُوا۟ بَيْنَكُم بِمَعْرُوفٍ ۖ وَإِن تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ لَهُۥٓ أُخْرَىٰ ﴿٦﴾ لِيُنفِقْ ذُو سَعَةٍ مِّن سَعَتِهِۦ ۖ وَمَن قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهُۥ فَلْيُنفِقْ مِمَّآ ءَاتَىٰهُ ٱللَّهُ ۚ لَا يُكَلِّفُ ٱللَّهُ نَفْسًا إِلَّا مَآ ءَاتَىٰهَا ۚ سَيَجْعَلُ ٱللَّهُ بَعْدَ عُسْرٍ يُسْرًا ﴿٧﴾ وَكَأَيِّن مِّن قَرْيَةٍ عَتَتْ عَنْ أَمْرِ رَبِّهَا وَرُسُلِهِۦ فَحَاسَبْنَٰهَا حِسَابًا شَدِيدًا وَعَذَّبْنَٰهَا عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٨﴾ فَذَاقَتْ وَبَالَ أَمْرِهَا وَكَانَ عَٰقِبَةُ أَمْرِهَا خُسْرًا ﴿٩﴾ أَعَدَّ ٱللَّهُ لَهُمْ عَذَابًا شَدِيدًا ۖ فَٱتَّقُوا۟ ٱللَّهَ يَٰٓأُو۟لِى ٱلْأَلْبَٰبِ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ ۚ قَدْ أَنزَلَ ٱللَّهُ إِلَيْكُمْ ذِكْرًا ﴿١٠﴾ رَّسُولًا يَتْلُوا۟ عَلَيْكُمْ ءَايَٰتِ ٱللَّهِ مُبَيِّنَٰتٍ لِّيُخْرِجَ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ وَعَمِلُوا۟ ٱلصَّٰلِحَٰتِ مِنَ ٱلظُّلُمَٰتِ إِلَى ٱلنُّورِ ۚ وَمَن يُؤْمِنۢ بِٱللَّهِ وَيَعْمَلْ صَٰلِحًا يُدْخِلْهُ جَنَّٰتٍ تَجْرِى مِن تَحْتِهَا ٱلْأَنْهَٰرُ خَٰلِدِينَ فِيهَآ أَبَدًا ۖ قَدْ أَحْسَنَ ٱللَّهُ لَهُۥ رِزْقًا ﴿١١﴾ ٱللَّهُ ٱلَّذِى خَلَقَ سَبْعَ سَمَٰوَٰتٍ وَمِنَ ٱلْأَرْضِ مِثْلَهُنَّ ۖ يَتَنَزَّلُ ٱلْأَمْرُ بَيْنَهُنَّ لِتَعْلَمُوٓا۟ أَنَّ ٱللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَىْءٍ قَدِيرٌ ۙ وَأَنَّ ٱللَّهَ قَدْ أَحَاطَ بِكُلِّ شَىْءٍ عِلْمًا ﴿١٢﴾

پلي ۽ مفاد ۾ هجي، تنهن کي قبول ڪريو. اها ساڳي ڳالهه آهي، جيڪا الله تعاليٰ بئي هنڌ هن طرح بيان فرمائي ٿو تہ: ﴿ فَإِنْ أَرَادَا فِصَالًا عَن تَرَاضٍ مِّنْهُمَا وَتَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا ﴾ (پوءِ جيڪڏهن باهمي رضا خوشي ۽ مشوري سان ٻڌ ڇڏائڻ ڪهڙن تہ مٿن ڪو گناهه نہ آهي) (۽ جيڪڏهن هڪ ٻئي سان تنگ پئجي وڃو) يعني ٻار کي ٻڌ ڏارائڻ جي اجوري بابت، جو پيءُ ٻار جي ماءُ کي ڪير پيارڻ جو ايترو اجورو ٻڌو ڏيڻ چاهي ۽ ماءُ ان کان گهٽ اجوري تي ڪير پيارڻ تي راضي ٿئي ٿئي (تہ پوءِ پل ان کي ڪا ٻي ٻڌ ڏارائي) يعني پيءُ ڪنهن ٻي عورت جو انتظام ڪري، جيڪا سندس ٻار کي ڪير پياري.

7 (سَرنديءَ وارو پل پنهنجي وسعت آهر خرچ ڪري) اهو سرنديءَ وارن مالوندن لاءِ حڪم آهي تہ هو پنهنجي وسعت مطابق دل کولي پنهنجي اولاد کي ڪير پيارينڈ عورتن تي مال خرچ ڪن. (۽ جنهن جو رزق تنگ هجي) يعني تنگ دست ۽ محتاج ماڻهو هجي. (تہ جيڪي ڪجهه الله ڪيس عطا ڪيو آهي، تنهن مان خرچ ڪري) يعني جيڪا روزي، رزق ڪيس ميسر آهي، ان کان وڌيڪ مٿس بار نہ آهي. (الله جنهن کي جيترو ڏنو آهي، ان کان وڌيڪ کيس تڪليف نہ ٿو ڏئي) يعني جيڪو رزق عطا فرمائيندو آهي، ان مطابق ڏميواريون وجهندو آهي. تنهن ڪري تنگ دست تي اها تڪليف نٿو وجهي تہ پنهنجي وٽ ۽ وَسَ کان وڌيڪ، ڪير پيارينڈ عورت تي شاهوڪار وانگر خرچ ڪر. (سگهو الله تنگي کان پوءِ آساني ڪندو) يعني تنگي ۽ سختيءَ کان بعد ڪشادگي ۽ آساني پيدا ڪندو.

8 (۽ ڪيترا ڳوٺ هئا، جن پنهنجي رب ۽ سندس رسولن جي حڪم کان وڌائي ڪئي) يعني گهٽن ڳوٺن جي رهاڪن الله ۽ ان جي پيغمبرن سگورن جي نافرماني ڪئي، ۽ حق کان منهن موڙيائون. (پوءِ اسان انهن جو محاسبو ڪيو، سخت محاسبو ڪرڻ) جيڪي ڪم دنيا ۾ ڪيائون، انهيءَ جي بنياد تي الله تعاليٰ سندن محاسبو ڪيو. (۽ کين سزا ڏني سون، سخت سزا ڏيڻ) يعني انهن وسندين وارن کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڏاڍو ڀڄڙو عذاب ڏنوسون. دنيا ۾ مٿن هي عذاب آيا: بک، ڏڪر، زمين ۾ ڌهجي وڃڻ، غرق ٿيڻ ۽ شڪلين جو مٽجڻ.

9 (پوءِ انهن پنهنجي ڪئي جو وبال چکيو) يعني پڇاڙيءَ ۾ سخت عذاب ٿيو ڀوڳيائون، جيڪو سندن ڪفر جو لازمي نتيجو هو. (۽ سندن ڪئي جي پڇاڙي هاڃيڪار هئي) يعني دنيا ۾ هلاڪت ۽ آخرت ۾ عذاب ڏٺائون. آخرڪار پنهنجا مال، پنهنجو اولاد ۽ پنهنجيون جانيون ٻه وڃائي ويٺا.

10 (الله سندن لاءِ سخت عذاب تيار ڪري رکيو آهي) اهو دوزخ جي باهه وارو عذاب آهي. (پوءِ اي عقلمندؤ! الله کان ڊجو!) يعني اي صحيح سالم عقل وارو! ۽ مراد امت محمديه آهي. (جن ايمان آندو) جيڪي الله خاطر مسلمان ٿيا ۽ حضرت محمد ﷺ جي تابعداري ڪيائون، تنهن ڪري پنهنجي ايمان ۾ سچائيءَ تي قائم رهو ۽ نافرماني ۽ سرڪشي ڪندڙ اڳين امتن وانگر نہ ٿيو، جن جو قدرت جي طرفان سخت محاسبو ٿيو ۽ اهڙي ئي قسم جو کين عذاب ڏنو ويو. (بيشڪ الله توهان ڏانهن هڪ نصيحت موڪلي آهي) "ذڪر" مان مراد قرآن ڪريم آهي. پٽ چيو ويو آهي تہ هتي پاڻ سگورا ﷺ مراد آهن، انهيءَ ڪري الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ :

11 (هڪ رسول کي) يعني توهان ڏانهن قرآن ۽ لاٿائين ۽ ان سان گڏ پنهنجو هڪ رسول ۽ موڪليائين. (جيڪو توهان کي الله جون چٽيون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو) اهڙيون آيتون جيڪي ماڻهن کي اهي احڪام چٽيءَ طرح بيان ڪري ٻڌائن ٿيون جن جي کين ضرورت آهي. (تہ جيئن انهن ماڻهن کي اوندهين مان ڪڍي نور ڏانهن آڻي، جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا) يعني الله تعاليٰ پنهنجين آيتن جي ذريعي نيڪ عمل ڪندڙ مؤمنن کي گمراهيءَ جي اوندهين مان ڪڍي هدايت جي نور ڏانهن آڻي ٿو ۽ ڪفر جي انڌيرن مان ڪڍي ايمان واري نور ۾ آڻي ٿو. ﴿ وَمَن يُؤْمِنۢ بِٱللَّهِ وَيَعْمَلْ صَٰلِحًا يُدْخِلْهُ جَنَّٰتٍ تَجْرِى مِن تَحْتِهَا ٱلْأَنْهَٰرُ خَٰلِدِينَ فِيهَآ أَبَدًا ﴾ (۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو تنهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون ڀيون وهنديون، اهي آڻي سدائين رهندا) ﴿ قَدْ أَحْسَنَ ٱللَّهُ لَهُۥ رِزْقًا ﴾ (الله اهڙي ماڻهوءَ لاءِ تمام ڀلو رزق رکيو آهي).

12 (الله اهو آهي، جنهن ست آسمان ۽ اوتريون ئي زمينون پيدا ڪيون آهن) يعني آسمانن وانگر زمينون به ست خلقيائين. صحيح مرفوع حديث مان ان جي تائيد ثابت آهي. نبي ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ "من ظلم شبرًا من الأرض طُوِّقَهُ من سبع أرضين" (جنهن گرانءَ جيتري زمين به ظلم سان ڦٻائي، تہ الله ان کي ستن زمينن جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ وجهندو) (انهن جي وچ ۾ حڪم لهندو رهي ٿو) يعني ستن آسمانن کان ستن زمينن ڏانهن الله جو حڪم لهي ٿو، آسمان تان پاڻي لهي ٿو ۽ زمين مان سلا ڦوٽڻا ٿا پيدا ٿين، رات ۽ ڏينهن، گرمي ۽ سردي آڻي ٿو.

سورة التحريم

1 (اي نبي! جيڪا شيءِ الله تنهنجي لاءِ حلال ڪئي آهي، تنهن کي حرام ڇو ٿو ڪرين)؟ چيو ويو آهي تہ پاڻ سگوراﷺ ام المؤمنين زينب بنت جحش رضي الله عنها وٽ ايندا هئا تہ ماکي پيئندا هئا. ام المؤمنين عائشة ۽ حفصة رضي الله عنهما کي اها ڳالهه نہ وڻندي هئي. انهن کين ان کان روڪڻ لاءِ تدبير ڪئي تہ پنهي مان جنهن وٽ پاڻ اچن، سا عرض ڪندي تہ اسان کي توهان جي منهن مان بوءِ اچي رهي آهي. پوءِ پاڻ تي ماکيءَ کي حرام

سُورَةُ التَّحْرِيمِ

(ترتيبها ٦٦) (آياتها ١٢)

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

يَا أَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَا أَحَلَّ اللَّهُ لَكَ ۖ تَبْتَغِي مَرْضَاتَ أَزْوَاجِكَ ۚ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿١﴾ قَدْ فَرَضَ اللَّهُ لَكُمْ تَحِلَّةَ أَيْمَانِكُمْ ۚ وَاللَّهُ مَوْلَاكُمْ ۖ وَهُوَ الْعَلِيمُ الْحَكِيمُ ﴿٢﴾ وَإِذْ أَسَرَّ النَّبِيُّ إِلَىٰ بَعْضِ أَزْوَاجِهِ حَدِيثًا فَلَمَّا نَبَّأَتْ بِهِ وَأَظْهَرَهُ اللَّهُ عَلَيْهِ عَرَّفَ بَعْضَهُ وَأَعْرَضَ عَن بَعْضٍ ۖ فَلَمَّا نَبَّأَهَا بِهِ قَالَتْ مَنْ أَنبَأَكَ هَٰذَا ۖ قَالَ نَبَّأَنِيَ الْعَلِيمُ الْخَبِيرُ ﴿٣﴾ إِن تَتُوبَا إِلَى اللَّهِ فَقَدْ صَغَتْ قُلُوبُكُمَا ۖ وَإِن تَظَاهَرَا عَلَيْهِ فَإِنَّ اللَّهَ هُوَ مَوْلَاهُ وَجِبْرِيلُ وَصَالِحُ الْمُؤْمِنِينَ ۖ وَالْمَلَائِكَةُ بَعْدَ ذَٰلِكَ ظَهِيرٌ ﴿٤﴾ عَسَىٰ رَبُّهُ إِن طَلَّقَكُنَّ أَن يُبْدِلَهُ أَزْوَاجًا خَيْرًا مِّنكُنَّ مُسْلِمَاتٍ مُّؤْمِنَاتٍ قَانِتَاتٍ تَائِبَاتٍ عَابِدَاتٍ سَائِحَاتٍ ثَيِّبَاتٍ وَأَبْكَارًا ﴿٥﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا قُوا أَنفُسَكُمْ وَأَهْلِيكُمْ نَارًا وَقُودُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ عَلَيْهَا مَلَائِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُونَ اللَّهَ مَا أَمَرَهُمْ وَيَفْعَلُونَ مَا يُؤْمَرُونَ ﴿٦﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ كَفَرُوا لَا تَعْتَذِرُوا الْيَوْمَ ۖ إِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٧﴾

ڪيائون. جنهن تي هيءَ آيت نازل ٿي. (پنهنجين زالن جو راضپو ٿو طلبين)؟ جو پاڻ تي اها شيءِ حرام ڪئي اٿئي، جيڪا الله تعالىٰ تو لاءِ حلال فرمائي آهي. (ءِ الله بخشڻهار، مهربان آهي) جو توهان جي اها لغزش معاف فرمائي ڇڏيائين. ڇيو ويو آهي ته اهو صغيره گناهه هو، تنهن ڪري الله تعالىٰ کين ڏوراپو ڏنو.

(2) (بيشڪ الله توهان لاءِ توهان جي قسمن جو کولڻ فرض ڪري ڇڏيو آهي) يعني ڪفارو ادا ڪري قسمن کي کولڻ جو طريقو مقرر ڪري ڇڏيو آهي. جيئن ٻئي هنڌ فرمائي ٿو: ﴿فَكَفَّارَتُهُۥٓ إِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسَٰكِينَ مِنْ أَوْسَطِ مَا تُطْعِمُونَ أَهْلِيكُمْ أَوْ كِسْوَتُهُمْ أَوْ تَحْرِيرُ رَقَبَةٍ فَمَن لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلَٰثَةِ أَيَّامٍ﴾ (پوءِ ان جو ڪفارو ڏهن مسڪينن کي وچولو کاڌو کارائڻ آهي، جيڪو توهان پنهنجن پارن کي کارائيندا آهيو، يا کين لباس ڏيڪائڻو آهي، يا هڪ غلام آزاد ڪرڻو آهي، پوءِ جيڪو ان جي قدرت نه رکي، سو ٽي روزا رکي) ڪنهن شخص کي حق نه آهي ته جنهن شيءِ کي الله تعالىٰ حلال ڪيو آهي، تنهن کي حرام ڪري، اهڙي شخص جو ڪوبه اهڙو فعل مٿس لاڳو ۽ لازم نه ٿيندو، جيڪا ٿ حلال ڪرڻ، يا حرام ڪرڻ رڳو الله تعالىٰ جو حق آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن شخص ائين ڪيو، جو پاڻ تي ڪپڙو، لباس، کاڌو، پيتو يا ڪا بي اهڙي شيءِ حرام ڪيائين، جنهن کي الله تعالىٰ حلال ڪيو آهي ته ڪن فقيهن جي قول مطابق سندس اهو فعل قسم جي درجي ۾ آهي. جيڪڏهن اهڙي ڪا شيءِ حرام ڪرڻ کان پوءِ استعمال ڪندو ته مٿس قسم جو ڪفارو ڏيڻ واجب ٿيندو. جيڪڏهن ان جو ڪفارو ڏنائين ته ان جو قسم کليو پوندو. اهو حڪم هر حلال شيءِ جو آهي، تانجو گهر واريءَ کي حرام ڪرڻ جي باري ۾ به لاڳو ٿيندو. ڪي فقيه فرمائن ٿا ته جيڪڏهن پاڻ تي زال کي حرام ڪيائين ۽ سندس نيت طلاق جي هئي ته طلاق واقع ٿي ويندي، والله اعلم. (ءِ الله توهان جو سائين آهي) يعني توهان جو مددگار ۽ سرپرست آهي. (ءِ اهوئي چڱيءَ طرح ڄاڻيندڙ آهي) ته ڪهڙي شيءِ ۾ توهان جي مصلحت ۽ ڪاميابي آهي. (وڏي ڏاهپ وارو آهي) پنهنجي هر فعل ۽ قول ۾.

(3) (ءِ جڏهن نبيءَ پنهنجي هڪ گهر واريءَ کي راز جي هڪ ڳالهه ٻڌائي) اها ام المؤمنين حفصة رضي الله عنها هئي، جيئن مٿي گذريو. ڳالهه مان مراد ماڪيءَ کي حرام قرار ڏيڻ آهي. مفسر ڪلبي فرمائي ٿو ته پاڻ کين اهو راز ٻڌايائون ته : تنهنجو پيءُ ۽ عائشة جو پيءُ مون کان پوءِ منهنجي امت جا خليفا ٿيندا. (پوءِ جڏهن ان جي خبر ڪري ويئي) يعني جيڪا ڳالهه ساٿس راز طور پاڻ ﷺ جن کئي هئي سا ظاهر ڪري وڌائين. ﴿وَأَظْهَرَهُ اللَّهُ عَلَيْهِ عَرَّفَ بَعْضَهُ وَأَعْرَضَ عَن بَعْضٍ﴾ (ءِ الله کيس ان ڳالهه کان آگاهه ڪيو، ته ان جو ڪجهه حصو جاڻايائين ۽ ڪجهه نظر انداز ڪيائين)، يعني الله تعالىٰ پنهنجي نبيءَ سڳوري کي ان راز فاش ٿيڻ جي خبر ڏني ڇڏي، پوءِ پيغمبر ان جو ڪجهه حصو سندس ان گهر واريءَ کي ٻڌايو، ﴿فَلَمَّا نَبَّأَهَا بِهِ﴾ (پوءِ جڏهن ان ڳالهه کان کيس آگاهه ڪيائين)، يعني پاڻ ڪريم جن ﷺ کيس ٻڌايو، ته توهان اهو راز آڻوٽ ڪري چڪيون آهيو، تنهن تي هوءَ حيران ٿي چوڻ لڳي : (چيائين ته توهان کي اها خبر ڪنهن ٻڌائي)؟ يعني توهان کي اُهو اطلاع ڪٿان مليو؟ (چيائين ته مون کي اها خبر سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ هرڪا خبر رکندڙ ڏني آهي) يعني مون کي اها ڳالهه الله عليم ٻڌائي آهي، جنهن لاءِ ڪا ڳجهي ڳالهه، ڳجهي نه هوندي آهي.

(4) (جيڪڏهن توهان ٻئي الله وٽ توبه ڪريو (ته چڱو)، جو توهان پنهي جون دليون لڙي چڪيون آهن) توبه ڏانهن، هيءُ خطاب عائشة ۽ حفصة رضي الله عنهما کي آهي. يعني توهان لاءِ چڱو آهي ته الله جي بارگاهه ۾ توبه تائب ٿيو ڇاڪاڻ ته توهان جون دليون به نبي ﷺ جن کي خلاف ايڪي ڪرڻ بدران توبه ڏانهن لاڙو ڪري چڪيون آهن. (ءِ جيڪڏهن توهان ٻئي ڪڏجي ڏاڍ ڪنديون ان تي) جيڪڏهن اهڙيءَ طرح پاڻ ڪريمن ﷺ جي خلاف ايڪو، سندن زالن سان اٺسهائي، ۽ سندن رازن کي ظاهر ڪنديون رهنديون ته : (پوءِ بيشڪ الله سندس پرجهلو آهي، ۽ جبريل ۽ نيڪ مؤمن به) يعني الله تعالىٰ سندن مدد فرمائيندو، اهڙيءَ ريت جبريل[4] ۽ نيڪ صالح بندن مان ابوبڪر، عمر رضي الله عنهما جهڙا ساٿن سهڪار ڪندا رهندا، سو ائين نه پانيو ته ڪو ساڻ ڏيڻ وارو ئي نه ملندس. (ءِ ان کان پوءِ فرشتا به) يعني الله تعالىٰ، جبريل امين، ۽ صالح مؤمن کان بعد ملائڪ به سندس (ساٿي آهن) جيڪي پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي پٺ پراڻي ڪندا. ڇيو ويو آهي ته : پاڻ ڪريم ﷺ جن تي اها اڳرائي ام المؤمنين عائشة ۽ حفصة رضي الله عنهما جن خرچ پڪي جي مسئلي تي ڪنٽرول ڪرڻ خاطر ڪئي هئي.

(5) (جيڪڏهن هو توهان کي طلاق ڏئي ڇڏي ته، پري ناهي جو سندس رب، کيس بدلي ۾ توهان کان پلاريون زالون بخشي) نبي ﷺ جن جي گهر وارين کي، قادر مطلق پنهنجي قدرت جي باري ۾ آگاهه فرمائي رهيو آهي، ته جيڪڏهن منهنجو حبيب ﷺ توهان کي طلاق ڏئي ڇڏيندو، ته ڪا ڳالهه ناهي، الله تعالىٰ توهان جي بدلي ۾ کيس ٻيون پلاريون زالون عطا ڪندو، جيئن کين ڪجهه خوف ۽ حذر ٿئي. (پڪيون مسلمان، مؤمنياٽيون) يعني فرمانبردار، اسلام جي فرضن کي قائم ڪندڙ، الله تعالىٰ، سندس فرشتن، سندس ڪتابن ۽ سندس رسولن کي دل سان مڃيندڙ هوندڙيون. (فرمانبردار) الله ۽ ان جي رسول جون تابعدار هونديون. (توبه تائب) يعني گناهن کان توبه

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ تُوبُوٓاْ إِلَى ٱللَّهِ تَوۡبَةٗ نَّصُوحًا عَسَىٰ رَبُّكُمۡ
أَن يُكَفِّرَ عَنكُمۡ سَيِّـَٔاتِكُمۡ وَيُدۡخِلَكُمۡ جَنَّٰتٖ تَجۡرِي
مِن تَحۡتِهَا ٱلۡأَنۡهَٰرُ يَوۡمَ لَا يُخۡزِي ٱللَّهُ ٱلنَّبِيَّ وَٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ
مَعَهُۥۖ نُورُهُمۡ يَسۡعَىٰ بَيۡنَ أَيۡدِيهِمۡ وَبِأَيۡمَٰنِهِمۡ يَقُولُونَ رَبَّنَآ
أَتۡمِمۡ لَنَا نُورَنَا وَٱغۡفِرۡ لَنَآۖ إِنَّكَ عَلَىٰ كُلِّ شَيۡءٖ قَدِيرٞ ٨
يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّبِيُّ جَٰهِدِ ٱلۡكُفَّارَ وَٱلۡمُنَٰفِقِينَ وَٱغۡلُظۡ عَلَيۡهِمۡۚ
وَمَأۡوَىٰهُمۡ جَهَنَّمُۖ وَبِئۡسَ ٱلۡمَصِيرُ ٩ ضَرَبَ ٱللَّهُ مَثَلٗا
لِّلَّذِينَ كَفَرُواْ ٱمۡرَأَتَ نُوحٖ وَٱمۡرَأَتَ لُوطٖۖ كَانَتَا تَحۡتَ
عَبۡدَيۡنِ مِنۡ عِبَادِنَا صَٰلِحَيۡنِ فَخَانَتَاهُمَا فَلَمۡ يُغۡنِيَا عَنۡهُمَا
مِنَ ٱللَّهِ شَيۡـٔٗا وَقِيلَ ٱدۡخُلَا ٱلنَّارَ مَعَ ٱلدَّٰخِلِينَ ١٠
وَضَرَبَ ٱللَّهُ مَثَلٗا لِّلَّذِينَ ءَامَنُواْ ٱمۡرَأَتَ فِرۡعَوۡنَ إِذۡ
قَالَتۡ رَبِّ ٱبۡنِ لِي عِندَكَ بَيۡتٗا فِي ٱلۡجَنَّةِ وَنَجِّنِي مِن فِرۡعَوۡنَ
وَعَمَلِهِۦ وَنَجِّنِي مِنَ ٱلۡقَوۡمِ ٱلظَّٰلِمِينَ ١١ وَمَرۡيَمَ ٱبۡنَتَ
عِمۡرَٰنَ ٱلَّتِيٓ أَحۡصَنَتۡ فَرۡجَهَا فَنَفَخۡنَا فِيهِ مِن رُّوحِنَا
وَصَدَّقَتۡ بِكَلِمَٰتِ رَبِّهَا وَكُتُبِهِۦ وَكَانَتۡ مِنَ ٱلۡقَٰنِتِينَ ١٢

ڪندڙ هوندیون (عبادت گذار) دل جي نوڙت سان الله جي ٻانهپ ڪرڻ واريون هوندیون. (روزیدار) يعني روزا رکڻ واريون هوندیون. (رنڊ ۽ ڪنوارین) "ثَيِّب" : رنڊ : يعني جنهن عورت کي شاديءَ کان پوءِ طلاق ملي هجي يا سندس مڙس فوت ٿي ويو هجي. "بِكْر" : ڪنواري، جنهن جي ايجان شادي نه ٿي هجي.

6 (اي ايمان وارو! بچايو پاڻ کي) يعني پنهنجي جانين جي حفاظت ڪريو، الله تعالىٰ جنهن ڪم جو ٽوهان کي حڪم ڪيو آهي، ان تي پابنديءَ سان عمل ڪريو ۽ جنهن برائيءَ کان روڪيو آهي، ان کان بچندا رهو. (۽ پنهنجي گهر پاتين کي) جو ڪين الله جي اطاعت جو حڪم ڪريو، ۽ سندس نافرمانيءَ کان روڪيندا رهو. (ان باهه کان، جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر هوندا) يعني اها وڏي باهه جنهن جو مچ انسانن ۽ پٿرن سان ٿيندو مچائيو، جيئن عام طرح دنيا ۾ ڪاٺين سان باهه جو مچ مچائيو آهي. ابن جرير فرمائي ٿو ته : يعني اسان تي لازم آهي ته پنهنجي اولاد کي دين، پرلائي، ادب ۽ اخلاق جي تعليم ڏيون. (ان تي سنگدل ۽ ڪٹور فرشتا مقرر آهن) يعني دوزخ تي اهڙا فرشتا مقرر آهن، جيڪي عذاب ڏيڻ لاءِ خلقيا ويا آهن ۽ دوزخين لاءِ تمام ڪٹور ۽ سنگدل آهن. جڏهن انهن کان رحم جي اپيل ڪندا ته مٿن رحم نه ڪندا، چاڪاڻ ته ڪين عذاب ڏيڻ جي مقصد سان پيدا ڪيو ويو آهي. (جيڪي الله جي حڪم جي نافرماني نه ڪندا آهن) يعني سندس ڪنهن حڪم جي پيڇڪڙي نٿا ڪن. (۽ جيڪو ڪين حڪم ڪيو آهي سو ڪندا آهن) يعني بنا ڪنهن دير ۽ هيڪاڻاهٽ جي هڪدم ادا ڪندا آهن، ان ۾ ڪنهن به قسم جي تاخير نه ڪندا آهن، ۽ ان جي تڪميل جي قدرت رکندڙ آهن، ڪهڙو به حڪم هجي ان جي ڪرڻ کان عاجز نه ٿيندا آهن.

7 (اي ڪافرو! اڄ معذرت خواهي نه ڪريو) اها ڳالهه ڪين دوزخ ۾ داخل ٿيڻ وقت، ڪين هميشه لاءِ نا اميد ڪرڻ جي غرض سان چئي ويندي. (جيڪي عمل ٽوهان ڪندا هيو، بس انهن جو ئي بدلو ٽوهان کي ڏنو ويندو) يعني دنيا ۾ جيڪي ڪم ٽوهان ڪندا هئا.

8 (اي ايمان وارو! الله جي در توبه ڪريو، سچي توبه) سچي، پڪي ۽ خالص توبه، ۽ اها هيئن ته : ڪيل گناه تي دل ۾ پشيمان ٿئي، زبان سان بخشش گهري، پنهنجي وجود مان ان کي هميشه لاءِ ڪڍي ڇڏي ۽ پڪو ارادو ڪري ته وري اهو گناه نه ڪندو. ﴿عَسَىٰ رَبُّكُمۡ أَن يُكَفِّرَ عَنكُمۡ سَيِّـَٔاتِكُمۡ﴾ (اميد آهي ته ٽوهان جو رب ٽوهان جون مدايون ٽوهان کان ميٽي ڇڏيندو). ﴿وَيُدۡخِلَكُمۡ جَنَّٰتٖ تَجۡرِي مِن تَحۡتِهَا ٱلۡأَنۡهَٰرُ﴾ (۽ ٽوهان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون پيون وهنديون). ﴿يَوۡمَ لَا يُخۡزِي ٱللَّهُ ٱلنَّبِيَّ وَٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ مَعَهُۥۖ﴾ (ان ڏينهن الله نبيءَ کي ۽ جن ان سان گڏ ايمان آندو آهي تن کي خوار نه ڪندو)، يعني نه ڪين کا رسوائي ڏيندو ۽ نه ئي کين عذاب ڪندو، بلڪ هٿوٺن سندن شان مٽائهون ڪندو. ﴿نُورُهُمۡ يَسۡعَىٰ بَيۡنَ أَيۡدِيهِمۡ وَبِأَيۡمَٰنِهِمۡ﴾ (سندن نور سندن اڳيان ۽ سندن ساڄي پاسي پيو ڊوڙندو) يعني جڏهن پلصراط تان لنگهندا ته روشني پاڻ سان ساڻ هوندن، اڳيان پنڌيان پئي قرندن. ﴿يَقُولُونَ رَبَّنَآ أَتۡمِمۡ لَنَا نُورَنَا وَٱغۡفِرۡ لَنَآ﴾ (چئي رهيا هوندا ته : اي اسانجا رب ! اسانجو نور اسان لاءِ ڪامل ڪري ڇڏ ۽ اسان کي بخشي ڇڏ). يعني نور ڪامل ڪر ته جيئن پلصراط پار ڪري جلد وڃي جنت رسئون. ﴿إِنَّكَ عَلَىٰ كُلِّ شَيۡءٖ قَدِيرٞ﴾ (بيشڪ تون هر شيءِ تي وس وارو آهين).

9 (اي نبي! ڪافرن سان جهاد ڪر) يعني جنگ جي ذريعي ساڻن جهاد ڪر. (۽ منافقن سان ٻ) يعني مٿن اسلامي حدون لاڳو ڪر، چاڪاڻ ته اهي اهڙا ڏوهه ڪندا رهندا آهن، جن لاءِ شريعت ۾ حدون آهن. ﴿وَٱغۡلُظۡ عَلَيۡهِمۡ﴾ (۽ مٿن سختي ڪر) ٻنهي ڏرين تي پنهنجي هيبت ۽ ديدبو قائم ۽ برقرار رکڻ خاطر سختيءَ سان پيش اچ.

﴿وَمَأۡوَىٰهُمۡ جَهَنَّمُۖ وَبِئۡسَ ٱلۡمَصِيرُ﴾ (۽ انهن جي جاءِ جهنم آهي، ۽ اهو ڏاڍو بڇڙو ٺڪاڻو آهي).

10 ﴿ضَرَبَ ٱللَّهُ مَثَلٗا لِّلَّذِينَ كَفَرُواْ ٱمۡرَأَتَ نُوحٖ وَٱمۡرَأَتَ لُوطٖ﴾ (الله ڪافرن لاءِ نوح جي زال ۽ لوط جي زال جو مثال ٿو ڏئي). يعني ڪافرن جي مسلمانن سان لهه وڇڙ ۽ اٺڻ ويهڻ جو مثال، ته ڪين انهيءَ مان ڪو فائدو نه رسندو، جيئن نوح ۽ لوط عليهما السلام جي زالن کي پنهنجن مڙسن کان ــ سندن پيغمبر هئڻ جي باوجود ــ ڪو فائدو نه رسيو. ﴿كَانَتَا تَحۡتَ عَبۡدَيۡنِ مِنۡ عِبَادِنَا صَٰلِحَيۡنِ﴾ (جيڪي اسان جي بن نيڪ بانهن جي هيٺان هيون). يعني سندن نڪاح هيٺ هيون. ﴿فَخَانَتَاهُمَا﴾ (پوءِ انهن پنهي انهن سان خيانت ڪئي) يعني انهن پنهي زالن پنهنجن پيغمبر مڙسن جي پٺ ۾ رکي ۽ ساڻن خيانت ڪئي. چيو وڃي ٿو ته : نوح عليه السلام جي زال ماڻهن کي چوندي هئي ته : اهو چريو آهي، ۽ لوط عليه السلام جي زال پنهنجي قوم کي، پنهنجي مڙس جي مهمانن جي اچڻ جي خبر ڏيندي هئي. (پوءِ اهي پئي پيغمبر انهن پنهي کي الله کان بچائي نه سگهيا) يعني نوح ۽ لوط عليهما السلام جهڙا مانائتا، پيارا پيغمبر، انهن جي مڙس هجڻ جي باوجود، نه انهن کي ڪو فائدو ڏئي سگهيا ۽ نڪي انهن کي الله جي عذاب کان بچائي سگهيا. (۽ چيو وين ته دوزخ ۾ داخل ٿيندڙن سان گڏ داخل ٿيو) يعني جن ڪفر ۽ نافرماني ڪئي، انهن سان شامل ٿيو.

11 (۽ الله مؤمنن لاءِ فرعون جي گهر واريءَ جو مثال بيان ڪيو آهي) يعني ڪفر جي طاقت، ڪين کي نقصان نه ڏيندي، جيئن فرعون جي زال کي فرعونيت کي نقصان نه ڏنو. جيڪا دنيا جي سڀ کان ڪٹي ڪافر جي زال هئي، پر پنهنجي ايمان سبب نعمتن واري جنت جي

سُوْرَةُ الْمُلْكِ

(ترتيبها ٧٧) (اياتها ٣٠)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ ۙ﴿١﴾ الَّذِيْ خَلَقَ
الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ ۙ﴿٢﴾
الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ۭ مَا تَرٰى فِيْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ
تَفٰوُتٍ ۭ فَارْجِعِ الْبَصَرَ ۙ هَلْ تَرٰى مِنْ فُطُوْرٍ ۝﴿٣﴾ ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ
يَنْقَلِبْ اِلَيْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّهُوَ حَسِيْرٌ ۝﴿٤﴾ وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَاۗءَ
الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ وَجَعَلْنٰهَا رُجُوْمًا لِّلشَّيٰطِيْنِ وَاَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابَ
السَّعِيْرِ ۝﴿٥﴾ وَلِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ ۭ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ
﴿٦﴾ اِذَآ اُلْقُوْا فِيْهَا سَمِعُوْا لَهَا شَهِيْقًا وَّهِيَ تَفُوْرُ ۝﴿٧﴾ تَكَادُ تَمَيَّزُ
مِنَ الْغَيْظِ ۭ كُلَّمَآ اُلْقِيَ فِيْهَا فَوْجٌ سَاَلَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَذِيْرٌ ۝﴿٨﴾
قَالُوْا بَلٰى قَدْ جَاۗءَنَا نَذِيْرٌ ۙ فَكَذَّبْنَا وَقُلْنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۚ اِنْ اَنْتُمْ
اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ كَبِيْرٍ ۝﴿٩﴾ وَقَالُوْا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ
السَّعِيْرِ ۝﴿١٠﴾ فَاعْتَرَفُوْا بِذَنْۢبِهِمْ ۚ فَسُحْقًا لِّاَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ۝﴿١١﴾
اِنَّ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ۝﴿١٢﴾

حقدار ٿي. (جڏهن چيائين ته : اي منهنجا رب! پاڻ وٽ جنت ۾ منهنجي لاءِ هڪ گهر بناءِ) يعني پنهنجي رحمت جي ويجهو، پنهنجي مقرب بانهن جي طبقي ۾ مون لاءِ به هڪ گهر ٺاهه. (۽ مون کي فرعون ۽ ان جي ڪرتوتن کان بچاءِ) يعني خود پاڻ کان ۽ ان جي ڪڏي ڪرتوتن کان مون کي نجات ڏيار. (۽ مون کي ظالم قوم کان نجات ڏي) يعني مصري، قبطي قوم جي ڪافرن کان به بچاءِ.

12 (۽ عمران جي ڌيءُ مريم) جو مثال بيان ڪيو آهي، جنهن کي الله تعالىٰ دنيا ۽ آخرت ۾ عزت عطا فرمائي ۽ کيس سچي جهانن جي عورتن تي چونڊيائين. هن حقيقت جي باوجود جو پاڻ هڪ نافرمان قوم (بني اسرائيل) جي وچ ۾ رهندي هئي. (جنهن پنهنجي لڄ جي حفاظت ڪئي) يعني برائيءَ کان پاڻ کي بچايائين. (پوءِ ان ۾ پنهنجي طرفان روح ڦوڪيوسون) هن نموني جو جبرئيلؑ سندس گريبان ۾ ڦوڪ ڏني، ته عيسيٰؑ سان پيٽ واري ٿي پئي. (۽ پنهنجي رب جي ڪلمن جي تصديق ڪيائين) يعني انهن شرعي اصولن جي پابندي ڪيائين، جيڪي الله تعالىٰ پنهنجن بانهن لاءِ مقرر فرمايا آهن ۽ جبرئيل امينؑ جيڪا ڳالهه کيس چئي، ان جي به تصديق ڪيائين. جبرئيل عليه السلام کيس چيو ته : آءٌ تنهنجي رب طرفان پيغام پهچائيندڙ آهيان، ۽ کيس عيسيٰ عليه السلام جي پيدا ٿيڻ ۽ سندس مقرب رسول ٿيڻ جي بشارت به ڏنائين. (۽ سندس ڪتابن جي) تصديق ڪيائين، يعني جيڪي ڪتاب نبين سڳورن تي لٿا آهن. (۽ اها فرمانبردارن مان هئي) رب تعالىٰ جي فرمانبردار بانهن مان هئي. سندس خاندان ئي نيڪ ۽ فرمانبردار گهراٽو هو.

سورة الملك

1 (برڪت وارو آهي الله، جنهن جي هٿ ۾ بادشاهي آهي) يعني الله وڏي ۽ گهڻي خير ۽ پلائيءَ وارو آهي. ۽ "ملڪ" مان مراد سندس دنيا ۽ آخرت ۾ آسمان ۽ زمين جي بادشاهي آهي. ﴿وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ ۙ﴾ (۽ اهو هر شيءِ تي وڏي وس وارو آهي).

2 (جنهن موت ۽ زندگيءَ کي خلقيو) جسم سان روح جي تعلق ختم ٿيڻ ۽ ان کان جدا ٿيڻ جو نالو موت آهي. ۽ جسم سان روح جي تعلق قائم ٿيڻ ۽ ان سان ڳنڍجڻ جو نالو زندگي آهي. تنهن ڪري زندگيءَ جو مطلب هي ٿيندو ته، الله تعالىٰ انسان کي پيدا فرمايو ۽ منجهس روح کي خلقيو. (جيئن توهان کي آزمائي ته توهان مان سڀ کان سهڻا عمل ڪرڻ وارو ڪير آهي)؟ يعني جيئن توهان کي مڪلف بڻائي، پوءِ آزمائي، پوءِ انهيءَ مطابق توهان کي بدلو ڏي. انهيءَ آزمائش مان اصل مقصد نيڪي ۽ فرمانبرداري ڪندڙن جي احسان ۽ پلائيءَ جي ڪمال کي ظاهر ڪرڻ آهي.

4 (اهو الله، جنهن هڪبئي مٿان ستن آسمانن کي پيدا ڪيو) يعني اهي هڪبئي جي مٿان طبقا بطبقا ڪري خلقيا اٿس. (تون الله جاجهاري جي خلقت ۾ ڪو فرق نه ڏسندين) کي تضاد، ڪو فرق، ڪا ڏنگائي ۽ ڪو اختلاف نه ڏسندين، بلڪ اهي برابر ۽ سڌا قائم آهن، جيڪي الله تعالىٰ جي خالق هجڻ تي دلالت ڪري رهيا آهن. (پوءِ اڪ ڪٽي نهار، ڇا تون ڪا ڏار ڏسين ٿو)؟ يعني آسمان ۾ بار بار پنهنجي نگاهه ڊوڙائي ڏس ۽ غور ڪر، ڇا تو کي ان جي عظمت ۽ ڪشادگيءَ ۾ ڪا ڦوٽ ۽ ڪا ڏار نظر اچي ٿي؟

3 (پوءِ بار بار نظر ڪٽي نهار) يعني هڪ ڀيرو نه، پر بار بار پنهنجي نگاهه ڊوڙائيندين ته به ويتر توتي الله تعالىٰ جي حجت ئي قائم ٿيندي، ۽ ڪنهن به قسم جي معذرت ڪرڻ جو ڪو چارو نه لهندو. (نيٺ تنهنجي نظر تو ڏانهن ناڪام ٿي موٽي ايندي) (خاسئا) معنيٰ: ذليل، ناڪام ٿي توڏانهن واپس ورندي، پر تو کي آسمان جي تخليق ۾ ڪو عيب نظر نه ايندو. (۽ اها ٽڪيل هوندي) (حسير) معنيٰ : ٽڪيل، ساڻي ۽ ڪمزور ٿيل.

5 (بيشڪ اسان ويجهڑي آسمان کي فانوس سان سينگاريو آهي). يعني ان کي تارن سان سينگاريو آهي. (۽ اسان انهن کي شيطانن جي چٽڻ جو ذريعو بنايو آهي) يعني انهن تارن کي اسان شيطانن جي تڙڻ لاءِ چوچڙي بنايو آهي. ۽ اهو دنياوي آسمان جي سينگار هجڻ کان علاوه تارن جي وجود جو بيو فائدو آهي. قتادهؒ جو قول آهي ته الله تعالىٰ تارن کي ٽن مقصدن لاءِ پيدا فرمايو آهي: ۱- آسمان لاءِ زينت، ۲- شيطانن کي چٽڻ. ۳- اهي بر ۽ بحر ۾ مسافرن لاءِ نشانيون آهن، جن سان رستي جو ڏس ٽو ملي. (۽ سندن لاءِ برندڙ مچ جو عذاب تيار ڪيو آهي) يعني شيطانن کي ستارن جي ذريعي دنيا ۾ ساڙڻ کان پوءِ، اسان سندن لاءِ آخرت ۾ برندڙ باهه جو عذاب تيار ڪيو آهي.

6 (۽ جن پنهنجي رب سان ڪفر ڪيو تن لاءِ دوزخ جو عذاب آهي) ﴿وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ۭ﴾ (۽ اها موٽڻ جي ڏاڍي بيڻڙي جاءِ آهي).

7 (جڏهن منجهس اڇلايا ويندا) يعني جڏهن کين انهيں اڇلائيو، جيئن ڪاٽين کي باهه ۾ اڇلائيو آهي. (ته ان جي گجڻ جو آواز ٻڌندا) اهڙو آواز، جيئن گڏهه جي هينگ ۾ پهريون آواز هوندو آهي. (۽ اها اياميءَ رهي هوندي) يعني انهيں ٿهڪندي پئي هوندي، جيئن هنڊيءَ ۾ پاڻي ٿهڪندو آهي.

8 (ويجهو آهي جو ڪاوڙ کان ڦاٽي پوي) يعني جڏ ته اجهو ٿي ڪافرن تي پنهنجي ڪاوڙ ظاهر ڪرڻ سبب اها ڦاٽي ۽ هڪبئي کان ڌار ٿي پوي. (جڏهن به منجهس ڪا ٽولي اڇلائي ويندي) (فوج) معنيٰ: ماڻهن جو ڪو ٽولو. (ته سندس داروغا انهن کان پڇندا) يعني ان تي مقرر ٿيل فرشتا، دوزخين کي جهڪندي

وَأَسِرُّوا۟ قَوْلَكُمْ أَوِ ٱجْهَرُوا۟ بِهِۦٓ ۖ إِنَّهُۥ عَلِيمٌۢ بِذَاتِ ٱلصُّدُورِ ﴿١٣﴾ أَلَا
يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ وَهُوَ ٱللَّطِيفُ ٱلْخَبِيرُ ﴿١٤﴾ هُوَ ٱلَّذِى جَعَلَ لَكُمُ
ٱلْأَرْضَ ذَلُولًا فَٱمْشُوا۟ فِى مَنَاكِبِهَا وَكُلُوا۟ مِن رِّزْقِهِۦ ۖ وَإِلَيْهِ ٱلنُّشُورُ
﴿١٥﴾ ءَأَمِنتُم مَّن فِى ٱلسَّمَآءِ أَن يَخْسِفَ بِكُمُ ٱلْأَرْضَ فَإِذَا هِىَ
تَمُورُ ﴿١٦﴾ أَمْ أَمِنتُم مَّن فِى ٱلسَّمَآءِ أَن يُرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ۖ
فَسَتَعْلَمُونَ كَيْفَ نَذِيرِ ﴿١٧﴾ وَلَقَدْ كَذَّبَ ٱلَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ
كَانَ نَكِيرِ ﴿١٨﴾ أَوَلَمْ يَرَوْا۟ إِلَى ٱلطَّيْرِ فَوْقَهُمْ صَٰٓفَّٰتٍ وَيَقْبِضْنَ ۚ مَا
يُمْسِكُهُنَّ إِلَّا ٱلرَّحْمَٰنُ ۚ إِنَّهُۥ بِكُلِّ شَىْءٍۭ بَصِيرٌ ﴿١٩﴾ أَمَّنْ هَٰذَا ٱلَّذِى
هُوَ جُندٌ لَّكُمْ يَنصُرُكُم مِّن دُونِ ٱلرَّحْمَٰنِ ۚ إِنِ ٱلْكَٰفِرُونَ إِلَّا فِى غُرُورٍ
﴿٢٠﴾ أَمَّنْ هَٰذَا ٱلَّذِى يَرْزُقُكُمْ إِنْ أَمْسَكَ رِزْقَهُۥ ۚ بَل لَّجُّوا۟ فِى عُتُوٍّ
وَنُفُورٍ ﴿٢١﴾ أَفَمَن يَمْشِى مُكِبًّا عَلَىٰ وَجْهِهِۦٓ أَهْدَىٰٓ أَمَّن يَمْشِى سَوِيًّا
عَلَىٰ صِرَٰطٍ مُّسْتَقِيمٍ ﴿٢٢﴾ قُلْ هُوَ ٱلَّذِىٓ أَنشَأَكُمْ وَجَعَلَ لَكُمُ ٱلسَّمْعَ
وَٱلْأَبْصَٰرَ وَٱلْأَفْـِٔدَةَ ۖ قَلِيلًا مَّا تَشْكُرُونَ ﴿٢٣﴾ قُلْ هُوَ ٱلَّذِى ذَرَأَكُمْ
فِى ٱلْأَرْضِ وَإِلَيْهِ تُحْشَرُونَ ﴿٢٤﴾ وَيَقُولُونَ مَتَىٰ هَٰذَا ٱلْوَعْدُ إِن كُنتُمْ
صَٰدِقِينَ ﴿٢٥﴾ قُلْ إِنَّمَا ٱلْعِلْمُ عِندَ ٱللَّهِ وَإِنَّمَآ أَنَا۠ نَذِيرٌ مُّبِينٌ ﴿٢٦﴾

ڏڪا ڏئي پڇندا تہ : (ڇا توهان وٽ نہ آيو هو)؟ يعني دنيا ۾ (ڪو ڊيڄاريندڙ)؟ جيڪو توهان کي هن ڏينهن جي آڇ ڪان ڊيڄاري ۽ ان کان خبردار ڪري؟

9 (چوندا تہ هائو! بيشڪ اسان وٽ ڊيڄاريندڙ تہ آيو هيو) يعني اسان جي رب، الله تعاليٰ جو پيغمبر آيو، جنهن اسان کي الله تعاليٰ جي عذاب کان ڊيڄاريو، خوف ڏياريو ۽ هن ڏينهن جي اڇ جي باري ۾ اسان کي خبردار ڪيائين. (پوءِ اسان ڪوڙو ڪيو) انهيءَ الله جي عذاب کان ڊيڄاريندڙ کي اسان ڪوڙو سڏيو ۽ ان جي تڪذيب ڪئي سون. (۽ چيوسون تہ، الله تعاليٰ ڪا شيءِ نہ لاٿي آهي) يعني توهان پنهنجي زبان سان غيب ۽ آخرت جون جيڪي خبرون بيان ڪريو ٿا ۽ شريعت جي نالي الله تعاليٰ جا جيڪي اسان لاءِ فرمان ظاهر ڪريو ٿا. (توهان رڳو وڏي گمراهيءَ ۾ آهيو) يعني رسولن کي چيوسون تہ توهان حق ۽ سچ کان صفا پري آهيو.

10 (۽ چيائون تہ جيڪڏهن اسان ٻڌون ها يا سمجهون ها تہ جيڪر اسان دوزخين مان نہ ٿيون ها) يعني جيڪڏهن هوش جي ڪنن سان ٻڌون ها ۽ عقل ۽ سمجهه کان ڪم وٺون ها، جنهن ۾ غور فڪر شامل هجي ها، تہ جيڪر دوزخي نہ ٿيون ها، بلڪ جو ڪجهه الله نازل فرمايو آهي ان تي ايمان آڻيون ها ۽ رسول جي اطاعت ڪريون ها.

11 (پوءِ پنهنجو ڏوهه ميڃائون) جنهن جي ڪري عذاب جا حقدار ٿيا ۽ اهو آهي سندن ڪفر ڪرڻ ۽ نبين سڳورن کي تڪذيب ڪرڻ . (پوءِ ڦٽڪار هجي دوزخين تي) يعني انهن لاءِ الله کان ۽ سندس رحمت کان دوري آهي، يعني جڏهن پنهنجو گناهه باسيائون، تڏهن الله تعاليٰ مٿن عذاب کي لازم ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ اقرار جي ڪري انسانن تي الله جي حجت قائم ٿيندي آهي، ۽ سندن لاءِ ڪو عذر باقي نہ رهندو آهي.

12 (جيڪي پنهنجي رب کان پر پٺ ڏجن ٿا تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي).

13 (۽ پنهنجي ڳالهه آهستي ڪريو يا ڏاڍيان ڪريو) هر صورت ۾ الله تعاليٰ هر ڳالهه کي ڄاڻي ٿو، سندس لاءِ ڪا به ڳالهه ڳجهي نہ آهي. (بيشڪ الله سينن جا راز ڄاڻندڙ آهي) يعني جيڪي خيالات دلين ۾ اچن ٿا، انهن جو به علم رکي ٿو.

14 (ڇا نہ ٿو ڄاڻي اهو، جنهن پيدا ڪيو آهي) ڇا اها هستي دلين جي رازن ۽ ڳجهن کي نہ ڄاڻندي، جيڪا خالق آهي؟ پوءِ اهو الله وڏي شان وارو آهي، جنهن پنهنجي هٿ سان انسان کي پيدا ڪيو آهي، ۽ ڪنهن به نهيل شيءِ کي ان جو ناهيندڙ ٿي وڌيڪ ڄاڻيندو آهي. (۽ اهو باريڪ بين، وڏو خبر رکندڙ آهي) جيڪو دلين جي ڳجهي کان ڳجهي ڳالهه کي به ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ڪجهه اهي لکائن ڇپائن ٿيون، تنهن جي ڇڪيءَ طرح خبر رکي ٿو، جو سندس لاءِ ڪو به ڳجهه، ڳجهه نہ آهي.

15 (اهو ئي آهي، جنهن زمين کي توهان لاءِ مسخر ڪيو آهي) الله تعاليٰ زمين کي توهان لاءِ آسان ۽ نرم بنايو آهي، جيئن توهان ان تي سکون ۽ آرام سان هلو ڦرو. ۽ ان کي سخت نہ بنايو اٿس، جو توهان لاءِ ان تي رهڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ناممڪن هجي.(پوءِ ان جي رستن ۾ گهمو ڦرو) (مناڪب) معنيٰ: ان جي رستن ۽ ڪنڊن پاسن ۾. (۽ ان جي روزي مان ڪائو) يعني جيڪو رزق زمين ۾ توهان لاءِ پيدا ڪيائين، سو ڪائو. هتي الله تعاليٰ اولاد آدم تي پنهنجو احسان ڄاڻائي ٿو تہ ڪين هن زمين ۾ آباد ڪيائين، ۽ ڪين آهي صلاحيتون عطا ڪيائين، جن جي ذريعي زمين جون برڪتون ۽ ان جو خير حاصل ڪري سگهون ٿا. پر مٿن ضروري آهي تہ هن حقيقت کي سامهون رکن تہ ڪين الله وٽ واپس وڃڻو آهي، تنهن ڪري فرمائي ٿو: (۽ توهان کي ان ڄاڻهن ئي جيئرو تي هلڻو آهي) يعني قبرن مان اٿي توهان کي ان ڄاڻهن ئي هلڻو آهي، نہ ڪنهن ٻئي ڄاڻهن وڃڻو نہ آهي.

16 (ڇا توهان ٻي پوا ٽيا آهيو ان کان جيڪو آسمان ۾ آهي)؟ يعني الله تعاليٰ کان. (جو توهان کي زمين ۾ ڳهائي ڇڏي) هن حقيقت جي باوجود تہ انهيءَ زمين کي توهان جي تابع ڪيو آهي، جو توهان ان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گهمي ڦري سگهو ٿا، پوءِ به توهان کي ان ۾ ڳهائي سگهي ٿو، جيئن قارون کي زمين ۾ ڳهائي ڇڏيائين. (پوءِ اها اوچتي ڌڙ لڳي) يعني خاموش ۽ تابعدار رهڻ جي بجاءِ، اچانڪ ان ۾ ڇرپُر ۽ حرڪت پيدا ٿي پوي ۽ ڌڙ لڳي؟.

17 (يا توهان ان کان بي پوا ٽيا آهيو، جيڪو آسمان ۾ آهي، تہ توهان تي پٿر وسائي)؟ يعني توهان تي آسمان مان پٿر وسائي، جيئن لوط عليه السلام جي قوم ۽ هاٿين وارن تي وسايائين؟ پيو قول هي آهي تہ : توهان تي پٿريون وسائيندڙ طوفان موڪلي. (پوءِ سگهوئي ڄاڻيندؤ تہ منهنجو ڊيڄارڻ ڪيئن آهي) يعني جڏهن توهان اهڙو عذاب اکين سان ڏسندؤ، تڏهن توهان کي منهنجي ڊيڄارڻ جي خبر پوندي، پر ان وقت توهان کي اها ڄاڻ فائدو نہ ڏيندي.

18 (جيڪي ڪائنہ اڳ هٿا، تن به تڪذيب ڪئي هئي). (پوءِ منهنجي سزا ڪيئن هئي)؟ يعني جڏهن ڪين خوفناڪ عذاب ۾ مبتلا ڪيم، تڏهن ڄاتائون تہ منهنجي سزا ڪهڙي نہ خطرناڪ ۽ پوائتي آهي؟

19 (پنهنجي مٿان پکين کي پر ڪندڙيرندي نٿا ڏسن ڇا)؟ يعني ڪيئن فضا ۾ اڏامندي پنهنجن پرن کي پکيڙين ۽ ڪنڊيرين ٿا؟ (۽ بند ڪن ٿا) ۽ ڪيئن سندن پرن کي سميڙين ٿا؟ (نٿو جهلين) هوا ۾ اڏرڻ وقت سندن پرن جي بند ڪرڻ ۽ کولڻ مهل (مگر رحمان)

فَلَمَّا رَأَوْهُ زُلْفَةً سِيٓـَٔتْ وُجُوهُ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ وَقِيلَ هَٰذَا ٱلَّذِى كُنتُم بِهِۦ تَدَّعُونَ ﴿٢٧﴾ قُلْ أَرَءَيْتُمْ إِنْ أَهْلَكَنِىَ ٱللَّهُ وَمَن مَّعِىَ أَوْ رَحِمَنَا فَمَن يُجِيرُ ٱلْكَٰفِرِينَ مِنْ عَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٢٨﴾ قُلْ هُوَ ٱلرَّحْمَٰنُ ءَامَنَّا بِهِۦ وَعَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا ۖ فَسَتَعْلَمُونَ مَنْ هُوَ فِى ضَلَٰلٍ مُّبِينٍ ﴿٢٩﴾ قُلْ أَرَءَيْتُمْ إِنْ أَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَن يَأْتِيكُم بِمَآءٍ مَّعِينٍ ﴿٣٠﴾

سُورَةُ القَلَمِ

ترتيبها ٦٨ — آياتها ٥٢

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

نٓ ۚ وَٱلْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُونَ ﴿١﴾ مَآ أَنتَ بِنِعْمَةِ رَبِّكَ بِمَجْنُونٍ ﴿٢﴾ وَإِنَّ لَكَ لَأَجْرًا غَيْرَ مَمْنُونٍ ﴿٣﴾ وَإِنَّكَ لَعَلَىٰ خُلُقٍ عَظِيمٍ ﴿٤﴾ فَسَتُبْصِرُ وَيُبْصِرُونَ ﴿٥﴾ بِأَيِّيكُمُ ٱلْمَفْتُونُ ﴿٦﴾ إِنَّ رَبَّكَ هُوَ أَعْلَمُ بِمَن ضَلَّ عَن سَبِيلِهِۦ وَهُوَ أَعْلَمُ بِٱلْمُهْتَدِينَ ﴿٧﴾ فَلَا تُطِعِ ٱلْمُكَذِّبِينَ ﴿٨﴾ وَدُّوا۟ لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُونَ ﴿٩﴾ وَلَا تُطِعْ كُلَّ حَلَّافٍ مَّهِينٍ ﴿١٠﴾ هَمَّازٍ مَّشَّآءٍۭ بِنَمِيمٍ ﴿١١﴾ مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ أَثِيمٍ ﴿١٢﴾ عُتُلٍّۭ بَعْدَ ذَٰلِكَ زَنِيمٍ ﴿١٣﴾ أَن كَانَ ذَا مَالٍ وَبَنِينَ ﴿١٤﴾ إِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِ ءَايَٰتُنَا قَالَ أَسَٰطِيرُ ٱلْأَوَّلِينَ ﴿١٥﴾

جيڪو هر شيءِ تي وس وارو آهي. يعني سندن جسمن کي هلڪو ڦلڪو ڪري، مٽي ڪنهن ۾ پرن سان ڍڪي، ۽ انهن کي خاص طريقي سان پکيڙي ڪندپري پنهنجي عجيب ڪاريگريءَ جو مظاهرو فرمايو اٽئين، جو جڏهن پنهنجا پر پکيڙين تڏ ته فضا ۾ اڏرڻ شروع ڪن ٿا ۽ اڳتي وڌڻ لڳن ٿا: پوءِ پاڪ آهي سندن خالق الله. (بيشڪ اهو هر شيءِ کي چگيءَ طرح ڏسندڙ آهي) کا به شيءِ ان کان لکل نه آهي.

21 (يا توهان جو اهڙو ڪو لشکر آهي، جيڪو رحمان جي مقابلي ۾ توهان جي مدد ڪري سگهي)؟ يعني توهان وٽ ته اهڙو ڪو لشڪر ئي نه آهي، جيڪو توهان کي الله جي عذاب کان بچائي سگهي، بلڪ جيڪڏهن الله تعاليٰ توهان کي پنهنجي مدد ۽ رحمت عطا نه ڪري، ته ڪير آهي جيڪو توهان جي مدد ڪندو؟ (ڪافر ته رڳو ڏوکي ۾ آهن) يعني زبردست شيطاني فريب ۾ قائل آهن.

20 (يا جيڪڏهن هو پنهنجو رزق روکي ڇڏي، ته پوءِ اهو ڪير آهي، جيڪو توهان کي رزق ڏئي)؟ يعني جيڪڏهن الله تعاليٰ پنهنجي رزق جي انهن خزانن کي روڪي ۽ بند ڪري ڇڏي ته ڪير آهي جيڪو توهان تي مينهن وغيره جي صورت ۾ رزق جا آهي خزانا کولينڊو؟ (بلڪ اهي سرڪشي ۽ حق کان پري پڇڻ ۾ ڪاهي پيا آهن) يعني حق کان وڏائي، ان سان دشمني ۽ ڪانئس نفرت ۾ لاهي پاهي پيا آهن. نه عبرت حاصل ڪن ٿا ۽ نه غورفڪر کان ڪم وٺن ٿا.

22 (ڇا پلا جيڪو پنهنجي منهن ۾ اونڌو هلي، اهو وڌيڪ هدايت وارو آهي)؟ مراد ڪافر آهي، جيڪو دنيا ۾ الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ تي سندرو پڌري ٻيهندو آهي، تنهن ڪري الله تعاليٰ ڪيس قيامت جي ڏينهن اونڌي منهن اٽاريندو. (يا جيڪو سئون سڌو هلي رهيو آهي)؟ وچولي واٽ وٺيو پنهنجي آڏو هر شيءِ کي ڏسندي هلي رهيو آهي. (سڌي واٽ تي) يعني اهڙي سنئين رستي تي هلي رهيو آهي، جنهن ۾ نه ڪا ڏنگائي آهي ۽ نه ڦير گهير. انهيءَ مان مراد مؤمن آهي، جيڪو دنيا ۾ هدايت ۽ بصيرت سان الله جي رستي تي هلي رهيو آهي، تنهن ڪري محشر جي ميدان ۾ سڌي واٽ تي هلندو، تانجو جنت ۾ پهچندو.

23 (چؤ ته اهو ئي آهي جنهن اوهانکي نئين سر پيدا ڪيو ۽ اوهان لاءِ ڪن، اکيون ۽ دليون خلقيائين). (پر توهان ٿورو شڪر ڪيو).

24 (چؤ ته اهو ئي آهي، جنهن زمين ۾ توهان کي پکيڙيو) يعني جنهن کين خلقيو ۽ زمين ۾ پکيڙيو. پوءِ زمين تي مختلف قومن ۽ جماعتن ۾ ورهائي ڇڏيائين. (۽ ان ڏانهن ئي گڏ ڪيا ويندؤ).

25 (۽ چون ٿا ته جيڪڏهن توهان سچا آهيو، ته ٻڌايو ته اهو انجام ڪڏهن پُڌندو)؟ يعني ڪافر پڇن ٿا، ته ٻڌايو ته اوهين جنهن قيامت واري ڏينهن ڪان اسان کي ڊيڄاريو پيا، اها ڪڏهن ايندي؟ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اسانکي ان جو وقت ٻڌايو.

26 (چؤ ته اهو علم ته رڳو الله وٽ آهي) يعني قيامت جي اچڻ جو وقت فقط الله کي ئي معلوم آهي، ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي ان جي ڄاڻ ئي نه آهي. (۽ آءٌ ته رڳو ڈيڄارندڙ آهيان) توهان کي توهان جي ڪفر جي عاقبت کان خبردار ڪريان ٿو ۽ ڈيڄاريان ٿو ۽ توهان کي اهي ڳالهيون ٻڌايان ٿو، جن جو مون کي منهنجي رب حڪم فرمايو آهي. الله تعاليٰ مون کي اها ڳالهه نه ٻڌائي آهي ته قيامت ڪڏهن ايندي، جو توهان کي ان جو وقت ٻڌايان.

27 (پوءِ جڏهن ان کي ويجهو ڏسندا) يعني جڏهن عذاب کي پنهنجي قريب ڏسندا. (ته ڪافرن جا منهن ڪارا ٿي ويندا) يعني منهن ڪارا ٿي ويندن، غم وکوڙي ويندن، ذلت مٽن چانيل هوندن. (۽ چيو ويندو ته هي آهي اهو، جنهن جي توهان طلب ڪندا هئا) يعني اهو عذاب جنهن لاءِ دنيا ۾ ٺٺوليون ڪندي توهان جلدي اچڻ لاءِ گهر ڪندا هئا.

28 (چؤ ته مون کي ٻڌايو، ته جيڪڏهن مون کي الله هلاڪ ڪري ڇڏي) موت سان يا قتل ٿي وڃڻ سان، جيئن توهان منهنجي باري ۾ اهڙي تمنا ڪري رهيا آهيو ۽ منهنجي باري ۾ انتظار ڪري رهيا آهيو ته مون تي مصيبت يا هلاڪت اچي. (۽ جيڪي مون سان گڏ آهن) مؤمنن ۽ مسلمانن مان. (يا اسان تي رحم ڪري) يعني پنهنجي وقت تي موت اچڻ تائين اسان کي مهلت عطا فرمائي. فرض ڪريو ته جيڪڏهن اسان سان ائين ٿئي. (ته پوءِ ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب کان ڪير بچائيندو)؟ يعني الله تعاليٰ جيڪڏهن کٽي پنهنجي رسول سڳوري ۽ مؤمنن کي ڪافرن جي تمنا مطابق ماري ڇڏي يا کين مهلت ڏي، تڏهن به بهرحال ڪافر ته الله جي ڏکوئيندڙ عذاب کان بچي نه سگهندا.

29 (چؤ ته اهو وڏو مهربان آهي، اسان ان تي ايمان آندو آهي، ۽ مٿس ئي پروسو ڪيو سون. ﴿فَسَتَعْلَمُونَ مَنْ هُوَ فِى ضَلَٰلٍ مُّبِينٍ﴾ (پوءِ سگهو ئي خبر پوندو ته ڪير پڌري گمراهي ۾ پيل آهي).

30 (چؤ ته مون کي ٻڌايو ته جيڪڏهن توهان جو پاڻي تري ۾ هليو وڃي) يعني مون کي ٻڌايو ته توهان جو اهو پاڻي، جيڪو الله تعاليٰ جي نعمت سبب چشمن، کوهن ۽ نهرن جي صورت ۾ توهان وٽ موجود آهي، جيڪڏهن زمين ۾ هيٺ اونهو هليو وڃي يا زمين ان کي ڇڪي ڇڏي، جو اصل ان جو وجود ئي باقي نه رهي، يا زمين جي اندر ايترو هيٺ هليو وڃي، جتان ان جو ڈولن يا مشينن جي ذريعي ڪڍڻ توهان لاءِ ناممڪن ٿي پئي. (ته پوءِ توهان وٽ صاف شفاف پاڻي ڪير آڻيندو)؟ يعني اهڙو صاف، شفاف، گهٽو وهندڙ پاڻي، جيڪو ختم ٿيڻ وارو نه هجي؟ يعني الله کان سواءِ ڪو به توهان جي لاءِ

مينهن يا نهرن جي صورت ۾ پاڻي نڏو آڻي سگهي، جو توهان انهيءَ قدرتي نعمت مان فائدو وٺي سگهو.

سورة القلم

1 (ن) حروف هجاء مان هڪ حرف آهي. جيئن پين سورتن جي شروع ۾ اهڙا شروعاتي حرف آيل آهن. (قسم آهي قلم جو) هتي الله تعاليٰ قلم جو قسم کنيو آهي، ڇاڪاڻ ته ان سان به بيان ٿيندو آهي، ۽ مراد هر اهو قلم آهي، جنهن سان لکبو آهي. (۽ جو ڪجهه لکن ٿا) يعني ماڻهو جيڪي به ان قلم سان علمي ڳالهيون لکن ٿا.

2 (تون پنهنجي رب جي فضل سان چريو نه آهين) يعني اي محمد ﷺ ! تون الله تعاليٰ جي فضل ۽ نعمت سبب جيڪي توتي ڪيون اٿس چريو نه آهين، بلڪ تو ڪي الله تعالىٰ جي طرفان نبوت ۽ رهبريءَ جي نعمت عطا ٿيل آهي.

4 (۽ بيشڪ تنهنجي لاءِ اجر آهي) يعني نبوت جا بار ڪٽڻ ۽ مختلف قسم جون سختيون سهڻ سبب توهان لاءِ ثواب آهي. (ان ڪنڊ) يا توهان لاءِ اهڙو اجر ۽ ثواب آهي، جيڪو ماڻهن طرفان احسان طور توهان کي نه ڏنو ويو آهي.

3 (۽ بيشڪ تون اخلاق جي وڏي مرتبي تي آهين) يعني تون انهيءَ عظيم اخلاق تي آهين، جنهن جو الله تعاليٰ توکي قرآن ۾ حڪم فرمايو آهي. صحيح حديث مان ثابت آهي ته عائشه رضي الله عنها کان نبي ﷺ جن جي اخلاق جي باري ۾ پڇيو ويو، انهيءَ فرمايو ته: سندن اخلاق قرآن آهي.

5 6 (پوءِ سگهوئي تون به ڏسندين ۽ اهي به ڏسندا، ته ڪير توهان مان چريو آهي)؟ يعني جڏهن حق واضح ٿيندو ۽ پردو کڄندو، ان وقت اي محمد ﷺ ! تون به ڏسندين ۽ اهي ڪافر به ڏسندا ۽ ائين قيامت جي ڏينهن ٿيندو، تڏهن ڪين خبر پوندي ته پنهي ڌرين مان ڪير چريو آهي. هن ۾ سندن هن باطل گمان جي تردید آهي، جو اهي چوندا هئا ته محمد ﷺ چريو ۽ گمراه آهي. تنهن ڪري فرمايائين :

7 (بيشڪ تنهنجي رب کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته ڪير سندس واٽ کان پلل آهي) يعني اهو جاڻي ٿو ته حقيقت ۾ گمراه ڪير آهي. تون گمراه آهين يا جيڪي ماڻهو توتي گمراهيءَ جي تهمت هڻن ٿا؟ يعني درحقيقت اهي ئي گمراه آهن، جو دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي فائدي واري ڳالهه جي مخالفت ڪري رهيا آهن. ۽ انهيءَ واٽ کي اختيار ڪيو اٿن، جنهن ۾ سندن لاءِ پنهي جهانن جو نقصان آهي. (۽ اهوئي سنئين واٽ تي هلندڙن کي چڱيءَ طرح جاڻي ٿو) ته ڪير آهي جيڪو پنهي جهانن جي سعادت واري واٽ تي هلي رهيو آهي.

8 (پوءِ تون انهن کوڙڙن جي چئي تي نه لڳ).

9 (چاهين ٿا ته جيڪر تون ڪجهه نرمي ڪرين، ته اهي به نرمي ڪن.) يعني ڪافر ته گهرن ٿا ته جيڪر تون سندن لاءِ ڪجهه نرم دل ٿئين ته موٽ ۾ اهي به توهان لاءِ پنهنجي اندر نرم گوشو پيدا ڪن. پئي معنىٰ هي آهي ته، ڪافر گهرن ٿا ته جيڪر توهان انهن ڏانهن لاڙو ڪريو ۽ جيڪو حق توهان وٽ آيو آهي، ان کي ڇڏي ڏيو ته اهي به توهان سان ميل ميلاپ وڌائين ۽ توهان سان نرميءَ جو سلوڪ ڪن.

10 (۽ تون ڪنهن به گهٽي قسم ڪنڊڙ جو چيو نه مڃ) يعني جيڪو اکثر ڪوڙا قسم ڪنڊڙ آهي. (ذليل آهي) يعني جيڪو حقير شخص آهي.

11 (منهن تي بدشڪل ڳالهائيندڙ ۽ هٿ هُت گلا ڪندڙ آهي) جيڪو شخص ماڻهن جي روبرو بدشڪل ڳالهائي، تنهن کي "هماز" ، ۽ جيڪو پين جي پرپٽ گلا غيبت ڪري، تنهن کي "لماز" چوندا آهن. ۽ جيڪو ماڻهن ۾ فتنو فساد وجهڻ لاءِ هٿ هُت چغلي هڻندو وتي، تنهن کي "مشاء بنميم" چوندا آهن.

13 (بد اخلاق آهي) يعني هڏو ڪٺو، ڏُڌ، اخلاق جو ڪنو ۽ سختدل آهي. امام زجاجؒ چوي ٿو ته يعني جيڪو ڪنور دل، خشڪ مزاج هجي. (ان کان پوءِ حرامي به آهي) يعني بيان ڪيل عيبن کان سواءِ حرام جو اولاد به آهي. جيڪو شخص دعويٰ ڪري ته اهو هن قوم مان آهي، پر انهن مان نه هجي، تنهن کي "زنيم" چوندا آهن.

12 (هن ڪري جو مال ۽ اولاد وارو آهي) يعني سندس مال وند ۽ اولاد وند هجڻ جي ڪري سندس چيو نه مڃ. چيو ويو آهي ته اهڙيءَ طرح انهيءَ شخص کي ڏڪي داب هيڻان رکڻ مقصود آهي، جو الله تعاليٰ جي عطا ڪيل نعمتن يعني مال ۽ اولاد جو شڪرڪرڻ جي بجاءِ، الله، سندس رسول ۽ سندس آيتن جو ڪفر ڪيائين.

15 14 (جڏهن ڪيس اسان جون آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون، ته چوي ٿو : اهي ته اڳين جون آکاڻيون آهن).

16 (سگهوئي سندس سونڊ تي ڏنب ڏيندا سون) يعني سگهوئي سندس نڪ جي چوٽيءَ تي ڪارو نشان ڪنداسون. يعني دوزخ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ سندس منهن ڪارو ڪيو ويندو، اهڙيءَ ريت جو سندس نڪ تي نشان ٿي پوي، ۽ ڪيس اهڙو عيب ڪري ڇڏيندا سي جنهن سان جاتو سڃاتو ويندو ۽ اهو ڪائنس هرگز جدا نه ٿيندو.

17 (بيشڪ اسان کين آزمائش ۾ وڌو آهي) نبي ﷺ جن جي بد دعا جي ڪري الله تعاليٰ مڪي جي ڪافرن ۽ مشرڪن کي ڇهه، ۽ ڏڪر ۾ مبتلا ڪيو. (جيئن باغ وارن کي آزمائش ۾ وڌو هيوسين) جن جي خبر قريش ۾ مشهور ۽ معروف هئي. چيو ويو ٿو ته يمن جي شهر صنعا کان ٻن فرسخن جي مفاصلي تي هڪ شخص جو باغ هو، جيڪو انهيءَ جي اپت مان الله تعاليٰ جو حق ادا ڪندو هو. جڏهن مري ويو ته ان جي اولاد ان مان خيرخيرات ڪڍڻ ڇڏي ڏنو ۽ الله جي حق ۾ بخيلي ڪرڻ شروع ڪيائون. چوڻ لڳا ته مال گهٽ ۽ اهل عيال گهڻو آهي ۽ ايتري ڪشادگي نه آهي جو ان مان خيرخيرات به ڏيون، جيئن اسان جو ابو خير خيرات ڪندو هو. غرض ته مسڪينن کي محروم رکڻ جو پڪو پهه پچايائون. جنهن جي ڪري سندن پچاڙي اها ٿي، جيڪا الله تعاليٰ هت پنهنجي ڪتاب ۾ بيان فرمائي آهي. (جڏهن قسم کنيائون ته ضرور صبح سوير ميوا پٽيندا سون) يعني قسم کنيائون ته ضرور صبح ٿيندي ئي ساجهر وڃي ميوا پٽيندا سون.

18 (۽ استثناء نه ڪيائون) يعني انشاءَ الله نه چيائون. پٽ چيو ويو آهي ته، يعني مسڪينن جو حصو جدا نه ڪيائون، جيڪو سندن پيءُ ڏيندو هو.

19 (پوءِ اهي ستل ئي هئا ته سندن باغ کي تنهنجي رب جي طرفان ڪا ڦرٽي ڦري وئي) يعني الله تعاليٰ جي طرفان ان باغ تي باهه جو عذاب آيو، جنهن سان سڙي رک ٿي ويو.

20 (پوءِ لٽيل پوک وانگر ٿي پيو) يعني اهڙي باغ وانگر ٿي پيو، جنهن جو لاب ڪري، ان کي پيلبو آهي. تانجو ان جي ميوي مان ڪا شيءِ باقي نه بچي.

21 (پوءِ صبح جو هڪ ٻئي کي سڏيائون) صبح ٿي ته هڪ ٻئي کي سڏي چوڻ لڳا ته:

22 (ساجهر هلو پنهنجي پوک ڏانهن) فقيرن ۽ غريبن جي اچڻ کان اڳ هڪدم پنهنجي باغ ۽ پوک ۾ پهچي وڃو. ﴿إِن كُنتُمْ صَٰرِمِينَ﴾ (جيڪڏهن ميوو پٽڻو اٿو ته) يعني جيڪڏهن لاب ڪرڻو اٿو ته ساجهر نڪري هلو.

23 (پوءِ هلي پيا، ۽ هڪ ٻئي کي آهستي چوندا هليا).

24 (ته هن ۾ اڄ کو مسڪين توهان وٽ اندر داخل نه ٿئي) رازداريءَ سان هڪ ٻئي کي ائين چئي رهيا هئا ته خبردار! متان اڄ توهان وٽ هن باغ ۾ اندر کو مسڪين ۽ سوالي اچي، توهان کان سوال ڪري، جيئن توهان جي پيءُ کان سوال ڪندا هئا.

25 (۽ سوير نڪتا اکيلائي ۾) يعني: پنهنجي قوم کان اڪيلا ٿي اهڙي طرح نڪتا جو کين سُڌ به نه پئي. (قادر ٿي ڪري) يعني پنهنجي پَر ۾ هيءُ پائيندي ته هو پنهنجي باغ مان ميون پٽڻ تي وس وارا آهن.

سَنَسِمُهُۥ عَلَى ٱلْخُرْطُومِ ﴿١٦﴾ إِنَّا بَلَوْنَٰهُمْ كَمَا بَلَوْنَآ أَصْحَٰبَ ٱلْجَنَّةِ إِذْ أَقْسَمُوا۟
لَيَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِينَ ﴿١٧﴾ وَلَا يَسْتَثْنُونَ ﴿١٨﴾ فَطَافَ عَلَيْهَا طَآئِفٌ مِّن رَّبِّكَ
وَهُمْ نَآئِمُونَ ﴿١٩﴾ فَأَصْبَحَتْ كَٱلصَّرِيمِ ﴿٢٠﴾ فَتَنَادَوْا۟ مُصْبِحِينَ ﴿٢١﴾ أَنِ
ٱغْدُوا۟ عَلَىٰ حَرْثِكُمْ إِن كُنتُمْ صَٰرِمِينَ ﴿٢٢﴾ فَٱنطَلَقُوا۟ وَهُمْ يَتَخَٰفَتُونَ ﴿٢٣﴾
أَن لَّا يَدْخُلَنَّهَا ٱلْيَوْمَ عَلَيْكُم مِّسْكِينٌ ﴿٢٤﴾ وَغَدَوْا۟ عَلَىٰ حَرْدٍ قَٰدِرِينَ ﴿٢٥﴾ فَلَمَّا
رَأَوْهَا قَالُوٓا۟ إِنَّا لَضَآلُّونَ ﴿٢٦﴾ بَلْ نَحْنُ مَحْرُومُونَ ﴿٢٧﴾ قَالَ أَوْسَطُهُمْ أَلَمْ أَقُل
لَّكُمْ لَوْلَا تُسَبِّحُونَ ﴿٢٨﴾ قَالُوا۟ سُبْحَٰنَ رَبِّنَآ إِنَّا كُنَّا ظَٰلِمِينَ ﴿٢٩﴾ فَأَقْبَلَ
بَعْضُهُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ يَتَلَٰوَمُونَ ﴿٣٠﴾ قَالُوا۟ يَٰوَيْلَنَآ إِنَّا كُنَّا طَٰغِينَ ﴿٣١﴾ عَسَىٰ
رَبُّنَآ أَن يُبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَآ إِنَّآ إِلَىٰ رَبِّنَا رَٰغِبُونَ ﴿٣٢﴾ كَذَٰلِكَ ٱلْعَذَابُ ۖ وَلَعَذَابُ
ٱلْءَاخِرَةِ أَكْبَرُ ۚ لَوْ كَانُوا۟ يَعْلَمُونَ ﴿٣٣﴾ إِنَّ لِلْمُتَّقِينَ عِندَ رَبِّهِمْ جَنَّٰتِ ٱلنَّعِيمِ
﴿٣٤﴾ أَفَنَجْعَلُ ٱلْمُسْلِمِينَ كَٱلْمُجْرِمِينَ ﴿٣٥﴾ مَا لَكُمْ كَيْفَ تَحْكُمُونَ ﴿٣٦﴾ أَمْ
لَكُمْ كِتَٰبٌ فِيهِ تَدْرُسُونَ ﴿٣٧﴾ إِنَّ لَكُمْ فِيهِ لَمَا تَخَيَّرُونَ ﴿٣٨﴾ أَمْ لَكُمْ أَيْمَٰنٌ
عَلَيْنَا بَٰلِغَةٌ إِلَىٰ يَوْمِ ٱلْقِيَٰمَةِ ۙ إِنَّ لَكُمْ لَمَا تَحْكُمُونَ ﴿٣٩﴾ سَلْهُمْ أَيُّهُم
بِذَٰلِكَ زَعِيمٌ ﴿٤٠﴾ أَمْ لَهُمْ شُرَكَآءُ فَلْيَأْتُوا۟ بِشُرَكَآئِهِمْ إِن كَانُوا۟ صَٰدِقِينَ ﴿٤١﴾
يَوْمَ يُكْشَفُ عَن سَاقٍ وَيُدْعَوْنَ إِلَى ٱلسُّجُودِ فَلَا يَسْتَطِيعُونَ ﴿٤٢﴾

(26) (پوءِ جڏهن ان کي ڏنائون، چيائون تہ پک اسان رستو پلجي چڪا آهيون) هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ رستو پلجي ويا آهيون، هيءُ تہ اسان جو باغ نہ آهي! وراثي جڏهن غور سان ڏنائون ۽ پک پين تہ باغ ساڳيو اسان جو ئي آهي پر الله تعاليٰ ان کي پيلي اسان کي سزا ڏني آهي، تہ چوڻ لڳا:

(27) (بلڪ اسان محروم ٿي چڪا آهيون) يعني الله تعاليٰ اسان جي باغ تي آفت آڻي، اسان کي ان جي ميون کان محروم ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ تہ مسڪينن کي خير خيرات ڏيڻ کان انڪاري هئاسون.

(28) (سندن ڇڪي مڙس چيو :) جيڪو منجهن موچارو، پلارو ۽ دانائ هو : (اڇا مون توهان کي نہ چيو هو تہ الله جي ساراهہ بيان ڇو نٿا ڪريو) ؟ يعني مون تہ اڳ ۾ ئي توهان کي روڪيو نہ هو تہ مسڪينن کي سندن حق کان محروم رکڻ درحقيقت مٿن ظلم آهي. ڇا ايڏا الله تعاليٰ جي تعريف نہ ڪندؤ؟ بيشڪ اهو ظالمن جي تاڙ ۾ آهي.

(29) (چيائون تہ پاڪ آهي اسان جو رب، بيشڪ اسان ئي ظالم هئا سون) يعني اسان جي باغ جي جيڪا اها حالت ٿي آهي، سا درحقيقت اسان جي مسڪينن کي ڪجهہ نہ ڏيڻ واري ظلم جو نتيجو آهي. الله تعاليٰ هر قسم جي ظلم کان پاڪ آهي.

(30) (پوءِ سامهون ٿي هڪٻئي کي ملامت ڪرڻ لڳا).

(31) (چيائون تہ هاءِ افسوس! اسان سرڪش ٿي ويا هئا سون).

(32) (اميد آهي تہ اسان جو رب، اسان کي ان جي بدلي ان کان بہ پلو باغ عطا ڪندو). (بيشڪ اسان پنهنجي رب ۾ اميد رکندڙ آهيون) يعني ڪائنس پلائيءَ جا طلبگار ۽ سندس بخشش جا اميدوار آهيون.

(33) (اڻين هوندو آهي عذاب) يعني جيئن کين عذاب ڏئي آزمايو سون، تيئن دنيا ۾ ڪافرن کي بہ عذاب ڏئي آزمائيندا رهندا آهيون. (۽ آخرت جو عذاب البت تمام وڏو آهي، جيڪر اهي ڄاڻن ها) ۽ پر اهي نٿا ڄاڻن.

(34) (بيشڪ پرهيزگارن لاءِ سندن رب وٽ نعمتن وارا باغ آهن).

(35) (ڇا پوءِ اسان مسلمانن کي ڏوهارين وانگر ڪنداسون)؟ قريش جا ڪافر سردار چوندا هئا تہ جيڪڏهن محمد (ﷺ) جي دعويٰ مطابق واقعي قيامت اچڻي آهي، تڏهن بہ مسلمانن جي مقابلي ۾ آتي بہ اسان جي اهائي حالت هوندي، جيڪا اڄ هن دنيا ۾ آهي. آخرت ۾ بہ دنيا وانگر الله تعاليٰ اسان کي جنت جي نعمتن سان مالا مال ڪندو. مگر موٽ ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو تہ، اها انصاف ۽ عدل جي تقاضا نہ آهي تہ، جيڪو پنهنجي رب جو فرمانبردار هجي ۽ جيڪو سندس فرمانبردار نہ هجي، بلڪ اهو فاسق، فاجر ۽ ڏوهي هجي، انهن ٻنهي ۾ برابري ڪجي.

(36) (توهان کي ڇا ٿيو آهي، ڪيئن ٿا فيصلو ڪريو)؟ اهڙو اڍنگو فيصلو ڇو ٿا ڪريو؟ ڇڙ تہ جزا ۽ سزا جو معاملو توهان جي حوالي ٿيل آهي!

(37) (يا توهان وٽ ڪو ڪتاب آهي، جنهن ۾ پڙهو ٿا)؟ يعني ڇا توهان وٽ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ لکيل آهي تہ فرمانبردار ۽ نافرمان ٻئي برابر آهن؟

(38) (جنهن ۾ آهي تہ جيڪي ڪجهہ توهان پسند ٿا ڪريو، سو توهان کي نصيب ٿيندو)؟ يعني ڇا انهيءَ ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ آخرت ۾ بہ توهان کي اهوئي ملندو، جو ڪجهہ توهان پاڻ اختيار ڪريو؟

(39) (يا وري قيامت تائين توهان اسان کان قسم ورتا آهن تہ واقعي توهان لاءِ اهو آهي، جنهن جو توهان پاڻ ٿا فيصلو ڪريو)؟ يعني ڇا توهان الله تعاليٰ کان ساڪ تي پڪو پختو وعدو ورتو آهي، تہ هو قيامت جي ڏينهن ضرور توهان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو؟ ۽ اهو قيامت تائين پنهنجي عهد جي پڇڪڙي نہ ڪندو، بلڪ انهيءَ عهد مطابق توهان جي فيصلي جي پاسداري فرمائيندو؟

(40) (انهن کان پڇ تہ ان ڏس ۾ سندن ڪير ذميدار آهي) ؟ يعني اي محمد! ڪافرن کان دڙڪو داب ڏئي پڇ تہ انهيءَ دعويٰ لاءِ توهان جو ڪير ضامن ۽ ذميدار آهي؟

(41) (يا سندن کي شريڪ آهن، پوءِ کين گهرجي تہ پنهنجا شريڪ آڻي پيش ڪن، جيڪڏهن اهي سچا آهن) يعني ڇا سندن کي شريڪ آهن، جيڪي سندن گمان مطابق اهڙي قدرت رکن ٿا جو آخرت ۾ مسلمانن وانگر کين جنت ۾ اماڻي ڇڏين؟

(42) (جنهن ڏينهن پني کولي ويندي) الله جل جلاله پنهنجي پني مبارڪ کوليندو، مراد معاملي جي سختي ظاهر ڪرڻ آهي. صحيح بخاري وغيره ۾ حضرت ابوسعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ : مون رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو تہ : "يكشف ربنا عن ساقه فيسجد له كل مؤمن ومؤمنة، ويبقى من كان يسجد في الدنيا رياء وسمعة، فيذهب ليسجد، فيعود ظهره طبقًا واحدًا". (اسان جو رب پنهنجي پني مبارڪ کوليندو، پوءِ هر مؤمن مرد ۽ عورت ان کي سجدو ڪندا ۽ جيڪو دنيا ۾ رياڪاري ۽ ڏيکاءَ خاطر سجدو ڪندو هو، سو سجدو ڪرڻ گهرندو، پر سندس پني هڪ پُڙ ٿي ويندي) يعني جهُڪي نہ سگهندو. (۽ کين سجدي لاءِ سڏيو ويندو، پوءِ سجدو ڪري نہ سگهندا) سموري مخلوق الله کي هڪ ٿي سجدو ڪندي، ڪافر ۽ منافق رهجي ويندا، سجدو ڪرڻ گهرندا، پر ان جي طاقت نہ ٿيندن، ڇاڪاڻ تہ سندن پٺيون سُڪي ويندين. پوءِ سجدي لاءِ جهڪي نہ سگهندا، جو انهن دنيا ۾ نہ الله تي ايمان آندو ۽ نہ ڪيس سجدو ڪيائون.

(43) ﴿ خَٰشِعَةً أَبْصَٰرُهُمْ ﴾ (سندن اکيون هيٺ هونديون). (خواري مٿن ويڙهيل هوندي) سخت قسم جي ذلت ۽ خواري، حسرت ۽ ندامت سندن چهرن تي چانيل هوندي. (۽ کين سجدي لاءِ سڏيو ويندو هو) يعني

خَٰشِعَةً أَبۡصَٰرُهُمۡ تَرۡهَقُهُمۡ ذِلَّةٞۚ وَقَدۡ كَانُواْ يُدۡعَوۡنَ إِلَى ٱلسُّجُودِ وَهُمۡ سَٰلِمُونَ ﴿٤٣﴾ فَذَرۡنِي وَمَن يُكَذِّبُ بِهَٰذَا ٱلۡحَدِيثِۖ سَنَسۡتَدۡرِجُهُم مِّنۡ حَيۡثُ لَا يَعۡلَمُونَ ﴿٤٤﴾ وَأُمۡلِي لَهُمۡۚ إِنَّ كَيۡدِي مَتِينٌ ﴿٤٥﴾ أَمۡ تَسۡـَٔلُهُمۡ أَجۡرٗا فَهُم مِّن مَّغۡرَمٖ مُّثۡقَلُونَ ﴿٤٦﴾ أَمۡ عِندَهُمُ ٱلۡغَيۡبُ فَهُمۡ يَكۡتُبُونَ ﴿٤٧﴾ فَٱصۡبِرۡ لِحُكۡمِ رَبِّكَ وَلَا تَكُن كَصَاحِبِ ٱلۡحُوتِ إِذۡ نَادَىٰ وَهُوَ مَكۡظُومٞ ﴿٤٨﴾ لَّوۡلَآ أَن تَدَٰرَكَهُۥ نِعۡمَةٞ مِّن رَّبِّهِۦ لَنُبِذَ بِٱلۡعَرَآءِ وَهُوَ مَذۡمُومٞ ﴿٤٩﴾ فَٱجۡتَبَىٰهُ رَبُّهُۥ فَجَعَلَهُۥ مِنَ ٱلصَّٰلِحِينَ ﴿٥٠﴾ وَإِن يَكَادُ ٱلَّذِينَ كَفَرُواْ لَيُزۡلِقُونَكَ بِأَبۡصَٰرِهِمۡ لَمَّا سَمِعُواْ ٱلذِّكۡرَ وَيَقُولُونَ إِنَّهُۥ لَمَجۡنُونٞ ﴿٥١﴾ وَمَا هُوَ إِلَّا ذِكۡرٞ لِّلۡعَٰلَمِينَ ﴿٥٢﴾

سُورَةُ الحَاقَّة

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

ٱلۡحَآقَّةُ ﴿١﴾ مَا ٱلۡحَآقَّةُ ﴿٢﴾ وَمَآ أَدۡرَىٰكَ مَا ٱلۡحَآقَّةُ ﴿٣﴾ كَذَّبَتۡ ثَمُودُ وَعَادُۢ بِٱلۡقَارِعَةِ ﴿٤﴾ فَأَمَّا ثَمُودُ فَأُهۡلِكُواْ بِٱلطَّاغِيَةِ ﴿٥﴾ وَأَمَّا عَادٞ فَأُهۡلِكُواْ بِرِيحٖ صَرۡصَرٍ عَاتِيَةٖ ﴿٦﴾ سَخَّرَهَا عَلَيۡهِمۡ سَبۡعَ لَيَالٖ وَثَمَٰنِيَةَ أَيَّامٍ حُسُومٗا فَتَرَى ٱلۡقَوۡمَ فِيهَا صَرۡعَىٰ كَأَنَّهُمۡ أَعۡجَازُ نَخۡلٍ خَاوِيَةٖ ﴿٧﴾ فَهَلۡ تَرَىٰ لَهُم مِّنۢ بَاقِيَةٖ ﴿٨﴾

دنيا ۾. (ءِ اهي چڱا پلا هوندا هئا) يعني هر قسم جي بيماريءَ کان آجا هئا، هر قسم جو ڪم ڪري سگهندا هئا. ابراهيم تيمي ڇوي ٿو ته: يعني ڪين دنيا ۾ اذان ۽ اقامت ذريعي سجدي لاءِ سڏبو هو، پر نه ڪندا هئا.

44 (پوءِ ڇڏي ڏي مون کي ۽ ان کي جيڪو هن ڪالهه کي ڪوڙو ياڻئي ٿو) يعني هٿي وڃ منهنجي ۽ انهيءَ جي وچ مان ۽ سندس معاملو منهنجي حوالي ڪري ڇڏ. ان جي ڪري پنهنجي دل کي سوچ ويچار ۾ نه وجهه. آءٌ سندس معاملي ۾، تنهنجي لاءِ ڪافي آهيان.

﴿هَٰذَا ٱلۡحَدِيثِ﴾ - هن ڪالهه - مان مراد : قرآن آهي. (سگهوئي ڪين در ڏئي اتان وڃ ڪنداسون، جتان خبر ئي نه پوندن) اسان آهستي آهستي در ڏئي ڪين عذاب ڏانهن اهڙيءَ ريت ڇڪيندا سون، جو وڃي منجهس پوندا! خبر ئي نه پوندن ته اهو ڪو سندن لاءِ در ۽ "استدراج" هو! ڇاڪاڻ ته ماڻهو انعام ۽ اڪرام ۾ مدهوش هوندا آهن ۽ ان جي عاقبت ۾ سوچ ويچار نه ڪندا آهن ته سندس پڇاڻي ڪهڙي ٿيڻي آهي.

45 (ءِ آءٌ ڪين در ڏيان ٿو) يعني ڪين ڇڏي ڏيان ٿو ته، پلي گناهن ۾ ڪاهي پون. (بيشڪ منهنجي رڻ ڏاڍي مضبوط آهي) يعني ڪين عذاب ۾ آڻڻ لاءِ منهنجي تدبير ڏاڍي سخت ۽ طاقتور آهي، جنهن کان ڪا شيءِ بچي نٿي سگهي.

46 (يا ڪائنڪو اجورو ٿو گهرين) يعني ڇا تون انهن کان الله تي ايمان آڻڻ جي دعوت تي ڪو اجر ۽ ثواب طلب ڪري رهيو آهين؟ (پوءِ اهي چٽيءَ جي بار کان ڳرا ٿي پيا آهن) (مغرم) يعني: جيڪو چٽيءَ جو بار کڻي. يعني اهي انهيءَ چٽيءَ کي ڳرو سمجهندي بخل جي ڪري مٽس پنهنجو مال خرچ ڪرڻ نه ٿا گهرن، تنهن ڪري منهنجي دعوت کي قبول ڪرڻ کان انڪاري آهن ڇا جو تون ڪائنڪو ڪو عيوض اجورو طلب ڪيو هجي؟

47 (يا وٽن ڳجهه جو علم آهي، پوءِ اهي ان کي لکن ٿا) يعني : ڇا وٽن ڪو غيب جو علم آهي، جتان پنهنجي من گهڙت دعويٰ لاءِ دليل لکن ٿا ۽ پنهنجي لکيءِ مطابق تو سان جهيڙو جهٽو ڪري رهيا آهن؟

48 ﴿فَٱصۡبِرۡ لِحُكۡمِ رَبِّكَ﴾ (ڇڪو تون پنهنجي رب جي فيصلي اڇٽ تائين صبر ڪر). ﴿وَلَا تَكُن كَصَاحِبِ ٱلۡحُوتِ﴾ (ءِ مڇيءَ واري وانگر نه ٿيءُ) يونس عليه السلام مراد آهي. يعني ماڻهن تي ڪاوڙ ڪرڻ ۽ دڙڪي داب ڏيڻ ۾ انهيءَ وانگر نه ٿيءُ. (جڏهن انهيءَ پڪاريو) يعني الله کي پڪاريائين. الله تعالىٰ پنهنجي نبيءَ کي تسلي ڏئي رهيو آهي ۽ صبر جي تلقين ڪري رهيو آهي ته مڇيءَ واري وانگر جلد بازي نه ڪر. يونس عليه السلام جو قصو، سورة الانبياء ۾ يونس ۽ الصافات ۾ گذري چڪو. سندس دعا هي آهي: ﴿لَآ إِلَٰهَ إِلَّآ أَنتَ سُبۡحَٰنَكَ إِنِّي كُنتُ مِنَ ٱلظَّٰلِمِينَ﴾ (توکان سواءِ ڪوئي معبود ناهي، تون پاڪ ذات آهين، پڪ آءٌ ظالمن مان آهيان) (ءِ اهو غمگين هو) غمگين، ڏاڪاريل هو، هي به مراد ٿي سگهي ٿو ته مڇيءَ جي پيٽ ۾ بند ٽيل هو.

49 (جيڪڏهن سندس رب جي مهرباني ساڻي نه ٿئيس ها) اها هيءَ ته الله تعالىٰ ڪيس توبه ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ توبه قبول ۽ فرمايائينس. (ته برپٽ ۾ اڇلايو وڃي ها) يعني مڇيءَ جي پيٽ مان ڪڍي، ان کي رڻ پٽ ۾ اڇلائجي ها، جتي نه ڪا واهر ۽ وسم ۽ نه ڪا پوک پاڻي هجي ها. (ءِ اهو ملامتي هجي ها) يعني سندس انهيءَ گناهه سبب مذمت ۽ ملامت ڪئي وڃي ها ۽ الله جي رحمت کان پري هجي ها.

50 (پوءِ ڪيس سندس رب چونڊيو) يعني ڪيس خالص ڪيائين، چونڊيائين ۽ نبوت عطا ڪيائين. (پوءِ ڪيس صالحن مان ڪيائين) يعني جيڪي ماڻهو نيڪيءَ ۾ ڪامل آهن، تن ۾ ڪيس شامل ڪيائين. چيو ويو آهي ته پوءِ ڪيس سندس نبوت موٽائي ڏني وئي. ۽ سندس شفاعت پنهنجي ۽ پنهنجي قوم جي حق ۾ قبول ڪئي وئي ۽ هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن ڏانهن رسول ٻڌائي موڪليو ويو، پوءِ سڀني مٽس ايمان آندو.

51 (ءِ ويڇهو آهي جو ڪافر توڪي پنهنجين نگاهن سان ترڪائي ڇڏين) (جڏهن قرآن ٿا ٻڌن). جڏهن تون قرآن پڙهندو آهين ته هو پنهنجي دشمني ۽ ساڙ جي ڪري اهڙي تيز نگاهن سان تو ڏانهن ڏسندا آهن، جو اجهو ٿا تنهنجا پير ڪڍي توڪي زمين تي ڪيري اڇلائين. ﴿وَيَقُولُونَ إِنَّهُۥ لَمَجۡنُونٞ﴾ (چون ٿا ته هيءُ ته پڪ چريو آهي).

52 ﴿وَمَا هُوَ إِلَّا ذِكۡرٞ لِّلۡعَٰلَمِينَ﴾ (هوڏانهن اهو رڳو نصيحت آهي جهان وارن لاءِ)، يعني قرآن سڄي جهان جي ماڻهن لاءِ نصيحت وارو ڪلام آهي.

سورة الحاقة

1 (حق ۽ سچ بيان ڪندڙ شيءِ) جيئن ته قيامت جي ڏينهن حقيقتون ظاهر ٿينديون، تنهن ڪري ان کي "الحاقة" چيو ويو آهي.

2 ﴿مَا ٱلۡحَآقَّةُ﴾ (ڇا آهي حق ۽ سچ بيان ڪندڙ شيءِ)؟

3 (ءِ تو ڪي ڪهڙي خبر ته ڇا آهي حق ۽ سچ بيان ڪندڙ شيءِ)؟

4 (ثمود ۽ عاد قيامت کي ڪوڙو ڪيو) هتي قيامت کي "القارعة" (ڪڙڪائيندڙ) فرمايو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته ماڻهن کي هاڃيڪار ۽ هولناڪ انجام لاءِ ڪڙڪائيندي.

5 (پر پوءِ ثمود وارن کي ته زبردست رڙ سان هلاڪ ڪيو ويو) ثمود، صالح عليه السلام جي قوم هئي. "الطاغية" يعني زوردار رڙ.

6 (ءِ باقي رهي قوم عاد، ته کين سرڙاٽ ڪندڙ هوا سان هلاڪ ڪيو ويو) عاد، هود عليه السلام جي قوم آهي. (ريح صرصر) : يعني تيز ٽڏي هوا. (عاتية) : يعني حد کان وڌيڪ تيز ٽڏي هوا، جيڪا ڇهن زماني تائين هلي، تنهن ڪري (عاتية) چوندا آهن.

7 (ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن انهن تي اها هوا مسلط ڪيائين) اها

وَجَآءَ فِرْعَوْنُ وَمَن قَبْلَهُۥ وَٱلْمُؤْتَفِكَٰتُ بِٱلْخَاطِئَةِ ﴿٩﴾ فَعَصَوْا۟ رَسُولَ
رَبِّهِمْ فَأَخَذَهُمْ أَخْذَةً رَّابِيَةً ﴿١٠﴾ إِنَّا لَمَّا طَغَا ٱلْمَآءُ حَمَلْنَٰكُمْ فِى ٱلْجَارِيَةِ
﴿١١﴾ لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً وَتَعِيَهَآ أُذُنٌ وَٰعِيَةٌ ﴿١٢﴾ فَإِذَا نُفِخَ فِى ٱلصُّورِ
نَفْخَةٌ وَٰحِدَةٌ ﴿١٣﴾ وَحُمِلَتِ ٱلْأَرْضُ وَٱلْجِبَالُ فَدُكَّتَا دَكَّةً وَٰحِدَةً ﴿١٤﴾
فَيَوْمَئِذٍ وَقَعَتِ ٱلْوَاقِعَةُ ﴿١٥﴾ وَٱنشَقَّتِ ٱلسَّمَآءُ فَهِىَ يَوْمَئِذٍ وَاهِيَةٌ
﴿١٦﴾ وَٱلْمَلَكُ عَلَىٰٓ أَرْجَآئِهَا ۚ وَيَحْمِلُ عَرْشَ رَبِّكَ فَوْقَهُمْ يَوْمَئِذٍ ثَمَٰنِيَةٌ
﴿١٧﴾ يَوْمَئِذٍ تُعْرَضُونَ لَا تَخْفَىٰ مِنكُمْ خَافِيَةٌ ﴿١٨﴾ فَأَمَّا مَنْ أُوتِىَ
كِتَٰبَهُۥ بِيَمِينِهِۦ فَيَقُولُ هَآؤُمُ ٱقْرَءُوا۟ كِتَٰبِيَهْ ﴿١٩﴾ إِنِّى ظَنَنتُ أَنِّى مُلَٰقٍ
حِسَابِيَهْ ﴿٢٠﴾ فَهُوَ فِى عِيشَةٍ رَّاضِيَةٍ ﴿٢١﴾ فِى جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿٢٢﴾
قُطُوفُهَا دَانِيَةٌ ﴿٢٣﴾ كُلُوا۟ وَٱشْرَبُوا۟ هَنِيٓـًٔۢا بِمَآ أَسْلَفْتُمْ فِى ٱلْأَيَّامِ
ٱلْخَالِيَةِ ﴿٢٤﴾ وَأَمَّا مَنْ أُوتِىَ كِتَٰبَهُۥ بِشِمَالِهِۦ فَيَقُولُ يَٰلَيْتَنِى لَمْ أُوتَ كِتَٰبِيَهْ
﴿٢٥﴾ وَلَمْ أَدْرِ مَا حِسَابِيَهْ ﴿٢٦﴾ يَٰلَيْتَهَا كَانَتِ ٱلْقَاضِيَةَ ﴿٢٧﴾ مَآ أَغْنَىٰ
عَنِّى مَالِيَهْ ﴿٢٨﴾ هَلَكَ عَنِّى سُلْطَٰنِيَهْ ﴿٢٩﴾ خُذُوهُ فَغُلُّوهُ ﴿٣٠﴾ ثُمَّ ٱلْجَحِيمَ
صَلُّوهُ ﴿٣١﴾ ثُمَّ فِى سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُونَ ذِرَاعًا فَٱسْلُكُوهُ ﴿٣٢﴾ إِنَّهُۥ
كَانَ لَا يُؤْمِنُ بِٱللَّهِ ٱلْعَظِيمِ ﴿٣٣﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلَىٰ طَعَامِ ٱلْمِسْكِينِ ﴿٣٤﴾

هوا لڳاتار، برابر ۽ هڪجهڙي، بيان ڪيل مدت تائين انهن جي مٿان ڪڙڪاٽ ڪندي رهي ۽ پٿر اڇلائي، اڇلائي ڪين ماريندي رهي. (برباد ڪندڙ هئي) يعني ڪين ختم ۽ فنا ڪري رهي هئي. (پوءِ آتي ماٺهن کي ڏسين ها) يعني سندن وسندين ۾. (ڊير ٽيل)، زمين تي ڪريل، مٽل، ڊير ٽيل هڻا. (جڏ تہ اهي ڪجين جا پُتا ٽٽڻ آهن). ڪجين جا ڪاڏل ۽ ڪوريل ڪريل پتا وڻ آهن.

8 (ڇا پوءِ انهن مان ڪنهن کي پچيل ڏسين ٿو؟) يعني انهن مان ڪا ٽولي يا ڪو شخص، باقي ڏسين ٿو؟ بلڪ ڪو هڪ شخص بہ انهن مان باقي نہ بچيو.

9 (۽ آيو فرعون ۽ جيڪي ان کان اڳ هئا) يعني ڪافر قومون (۽ اونڌيون ڪيل وسنديون) لوط عليه السلام جي قوم جا ڀوڳ مراد آهن. (گناهه سان) مراد شرڪ ۽ نافرماني آهي.

10 ﴿ فَعَصَوْا۟ رَسُولَ رَبِّهِمْ ﴾ (پوءِ پنهنجي رب جي رسول جي نافرماني ڪيائون) (پوءِ اللہ ڪين پڪڙيو، ڏاڍو سخت پڪڙ) يعني ڪين ٻين جي مقابلي ۾ وڏيڪ سختيءَ سان پڪڙيائين ۽ اها پڪڙ هيءَ هئي تہ ڪين اٺلائي پٽلائي اونڌو ڪري مٽان سٽيو ويو، پوءِ مٽن پٽرن جو مينهن وسايو ويو.

11 (بيشڪ ڄڏهن پاڻي حد کان لنگهي ويو) يعني مٿانهين سطح تي پهتو. (تہ اسان توهان کي ٻيڙي ۾ چاڙهيوسون) يعني ڄڏهن توهان پنهنجن ابن ڏاڏن جي ٻيڙهين ۾ هئا. "الجارية" نوح عليه السلام جي ٻيڙي آهي، ڇاڪاڻ تہ ماڻهن کي طوفان دوران ڪٽي هلي رهي هئي.

12 (جيئن بٽايون انهيءَ کي توهان لاءِ) يعني اي امت محمديه! نوح عليه السلام جي قوم جي هلاڪت واري واقعي کي. (هڪ نصيحت) يعني عبرت، وعظ ۽ يادگيري. جنهن مان توهان الله تعاليٰ جي عظيم قدرت ۽ سندس سخت پڪڙ جو اندازو ڪري سگهو. (۽ ياد رکندڙ ڪَن ان کي يادرکن) انهيءَ واقعي کي ٻڌڻ ڪان پوءِ گوش هوش رکندڙ انسان ياد رکن.

13 ﴿ فَإِذَا نُفِخَ فِى ٱلصُّورِ نَفْخَةٌ وَٰحِدَةٌ ﴾ (پوءِ جڏهن هڪ ڦيرو صور ڦوڪي ويندي).

14 ﴿ وَحُمِلَتِ ٱلْأَرْضُ وَٱلْجِبَالُ فَدُكَّتَا دَكَّةً وَٰحِدَةً ﴾ (پوءِ جڏهن زمين ۽ جبلن کي کڻي کٽيو ويندو، هڪ ڦيري کڻڻ) يعني انهن کي هڪئي ڦيري ڏک هٽي سٽيو، کٽيو ۽ ڇيهون ڇيهون ڪيو ويندو. يا مراد هي آهي تہ انهن کي هڪئي ڦيري کڻي پکيڙيو ويندو.

15 (پوءِ انهيءَ ڏينهن واقع ٿيندڙ شيءِ واقع ٿيندي) يعني قيامت قائم ٿيندي.

16 (۽ آسمان ڦاٽي پوندو، پوءِ اهو ان ڏينهن ڪمزور هوندو) يعني فرشتن جي هيٺ لهڻ سبب آسمان ٽڪر ٽڪر ٿي پوندو. تنهن ڪري انهيءَ ڏينهن انتهائي ڪمزور هوندو.

17 (۽ فرشتا ان - آسمان - جي ڪنارن تي هوندا) يعني فرشتا رب جي حڪم سان پنهنجن پرن سان زمين تي لهي ايندا ۽ زمين ۽ ان ۾ جيڪا بہ مخلوق هوندي، تنهن کي وکوڙي وٺندا. (۽ انهيءَ ڏينهن اٺ فرشتا تنهنجي رب جو عرش پنهنجي مٿان کٽي ايندا) يعني الله تعاليٰ جا مقرب اٺ فرشتا.

18 (ان ڏينهن توهان کي پيش ڪيو ويندو) يعني پاڻهن کي حساب ڪتاب لاءِ الله جي آڏو پيش ڪيو ويندو. (توهان جي ڪا ڳجهي ڳالهه، ڳجهي نہ رهندي) الله سبحانه وتعاليٰ تي توهان جي ذات، توهان جا قول ۽ توهان جا افعال، ڇاهي ڪيترا بہ ڳجها هجن، هرگز ڳجها رهي نہ سگهندا.

19 (پوءِ جنهن کي سندس اعمالنامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويو) (پوءِ چوندو تہ اچو) يعني وڻو. (پڙهو منهنجو اعمالنامو) پنهنجي اعمالنامي ۾ صحيح عقيدا ۽ چڱا عمل ڏسي خوشيءَ وچان اها ڳالهه چوندو.

21 (بيشڪ مون کي يقين هو تہ منهنجو حساب ٿيڻو آهي) يعني دنيا ۾ مون کي يقين هو تہ آخرت ۾ منهنجو حساب ڪتاب ضرور ٿيندو.

20 (پوءِ اهو خوشيءَ جي زندگي گذاريندو) رضا خوشيءَ جي اهڙي زندگي گذاريندو، جنهن ۾ ڪڏهن ڪو ڏک سور اصل نہ ڏسندو.

22 (جنت جي مٿانهين ماڙين ۾ هوندو) بلند محلات ۾ هوندو، ڇاڪاڻ تہ اهي آسمان ۾ هوندڙ يا وري مطلب هي آهي تہ انتهائي قدر ۽ قيمت واريون وڏيون بلڊنگون هونديون.

23 (جنهن جي ميون جا ڇڪا جهڪيل هوندا) يعني ان جا ميوا ايترا ويجها هوندا، جو اڻندي، ويهندي، ليٽندي، جڏهن بہ گهرندو، انهن کي پٽي سگهندو.

24 (مزي سان کائو ۽ پيئو، انهن عملن جي نتيجي ۾ جيڪي توهان گذريل زندگي ۾ اڳتي موڪليا هئا) يعني دنيا جي حياتيءَ ۾ آخرت لاءِ جيڪي چڱا عمل توهان ڪيا هئا، انهن جي بدلي ۾ عيش ڪريو.

25 (۽ جنهن شخص کي سندس اعمالنامو، سندس کاٻي هٿ ۾ ڏنو ويندو) اهو پنهنجا بيڊاعمل ڏسي انتهائي غمگين ۽ رنجيده حالت ۾ هوندو.

(پوءِ چوندو تہ جيڪر مون کي منهنجو اعمالنامو نہ ڏنو وڃي ها).

26 (۽ نہ کي آءٌ ڄاڻان ها تہ منهنجو حساب ڪتاب ڇا آهي؟) ڇاڪاڻ تہ سندس حساب، سندس وبال ۽ جنجال ٿيندو، تنهن ڪري اهڙي حسرت ظاهر ڪندو.

27 (هاءِ ! جيڪر) (موت ئي) مون کي ختم ڪري ڇڏي ها) يعني ڪاش! مري، وري جيئرو ئي نہ ٿيان ها. بيڊڙن عملن جو عذاب ڏسي هميشه لاءِ مري وڃڻ جي اميد ڪندو.

28 (مون کي منهنجو مال بچائي نہ سگهيو) يعني جيڪو مال متاع مون ڪمايو ۽ جمع ڪيو، اهو الله جي عذاب کان مون کي بلڪل بچائي نہ سگهيو.

29 (مون کان منهنجي بادشاهي بہ ڇڏ ٿي وئي) يعني منهنجا حيلا

۽ حجتون سڀ اجايا ۽ بيڪار ويا. پڻ "سلطان" مان منصب، مرتبو ۽ بادشاهي ۽ مراد ورتي وئي آهي. انهيءَ وقت الله تعاليٰ حڪم فرمائيندو:

(30) (کيس پکڑيو، پوءِ ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهوس) يعني سندس هٿن کي ورائي ڳاٽي ۾ ڳٽ وجهي ڏيو.

(31) (پوءِ جهنم ۾ اڇلايوس) پوءِ کيس دوزخ ۾ اڇلايو تہ جيئن ان جي سانڍ جو مزو چکي.

(32) (پوءِ ستر هٿ ڊگهي زنجير ۾ ٻڌوس) (سلسلة) يعني : زنجير. (ذرعها) يعني : سندس ڊيگهہ. سفيان ثوري فرمائي ٿو تہ اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ انهن جي دبر مان زنجير وجهي، انهن جي وات مان ڪڍيو ويندو (نعوذ بالله!).

(33) ﴿إِنَّهُۥ كَانَ لَا يُؤْمِنُ بِٱللَّهِ ٱلْعَظِيمِ﴾ (اهو الله عظيم کي نہ مڃيندو هو).

(34) (۽ نہ کي مسڪين کي کاڌي کارائڻ لاءِ همٿائيندو هو).

(35) (پوءِ اڄ سندس لاءِ هتي نہ کو گهٽ گهرو دوست آهي) يعني آخرت ۾ کو عزيز قريب، ڪنهن عزيز قريب کي نہ کو فائدو ڏيندو ۽ نہ سندس شفاعت ڪندو. جو اهو اهڙو ڏينهن هوندو، جنهن ۾ عزيز قريب پنهنجي مٿ مائٽ کان ۽ پياروپنهنجي پياري کان پڇندو وتندو.

(36) (۽ نہ وري سندس لاءِ دوزخين جي پوڻ ۽ کان سواءِ کو کاڌو آهي) جسر جي ڪٽن ڦرڙين مان جيڪا پوڻ ۽ وهندي آهي، اها مراد آهي.

(37) (جنهن کي گنهگارن کان سواءِ ٻيو کو به نہ کائيندو) يعني رڳو خطاڪار ۽ نافرمان ماڻهوئي اهو کاڌو کائيندا.

(38) (پوءِ مون کي قسم آهي انهن شين جو، جن کي توهان ڏسو ٿا ۽ جن کي توهان نٿا ڏسو) يعني انهن سڀني شين جو قسم کڻان ٿو، جيڪي ڏسڻ ۾ اچن يا نہ اچن.

(40) (تہ بيشڪ اهو عزت واري رسول جو فرمان آهي) يعني قرآن مانائتي پيغمبر يعني حضرت محمد ﷺ جو پڙهيل آهي. يا رسول مان جبرئيل عليه السلام ۽ مراد ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هو ان جو پهچائيندڙ آهي.

(41) (۽ اهو ڪنهن شاعر جو ڪلام نہ آهي) جيئن توهان پائيو ٿا. ڇاڪاڻ تہ قرآن مجيد شعر جي ڪنهن ۽ قسم ۽ صنف مان نہ آهي.

(توهان ٿورڙو ڪي ايمان آڻيو ٿا) يعني الله ۽ رسول کي مڃيندڙ ۽ آن جي تصديق ڪندڙ، گهٽ ۽ ٿورڙا ماڻهو ۽ گهٽ يقين رکندڙ آهن.

(42) (۽ نہ وري ڪنهن پوپي جو ڪلام آهي) جيئن توهان گمان ڪريو ٿا. ڇاڪاڻ تہ ڪهانت ۾ ڪهانت جي هڪجهڙي سان ڪا مناسبت ئي نہ آهي. (توهان ٿورڙي ئي نصيحت پرايو ٿا) يعني گهٽ نصيحت ونندا آهيو.

(43) (جهانن جي پالڻهار جي پاران نازل ڪيل آهي) معنيٰ هي ۽ آهي تہ اهو قرآن سڳوري ۽ عزت واري رسول جو فرمان مبارڪ آهي، جنهن جي زباني جهانن جي رب تعاليٰ انسانن تائين پهچايو آهي.

(44) (۽ جيڪڏهن اهو پاڻ اسان تي ڪي ڳالهيون گهڙي مڙهي ها) يعني جيڪڏهن اهو پيغمبر پاڪ، مراد حضرت محمد ﷺ يا جبرئيل امين آهي، جيئن اڳ ۾ بيان ٿيو، پنهنجي طرفان کا شيءِ ٺاهي، ان جي نسبت الله ڏانهن ڪري ها.

(45) (تہ يقيناً کيس ساڄي هٿ کان پڪڑيون ها).

(46) (پوءِ سندس شہ رڳ ڪپيون ها) پنيءَ کان دل تائين ويندڙ رڳ مراد آهي. يعني پوءِ بادشاهن جي معمول مطابق سخت ڪاوڙ سبب، پوئاتي طريقي سان کيس قتل ڪري ڇڏيون ها.

(47) (پوءِ توهان مان کو کيس بچائڻ وارو نہ هجي ها) يعني توهان مان کو به اسان کي انهيءَ کان جي ڪرڻ کان روڪي نہ سگهي ها. پوءِ پلا سوچيو تہ سهي! توهان جي ڪري ڪيئن اهو سڳورو انسان الله تي ڪوڙ مڙهيندو؟

(48) (۽ بيشڪ اهو پرهيزگارن لاءِ هڪ نصيحت آهي) يعني قرآن پرهيزگارن لاءِ نصيحت جو ڪتاب آهي، جنهن مان اهي ئي فائدو ونندا آهن.

(49) (۽ بيشڪ اسان ڄاڻون ٿا تہ توهان مان کي ڪوڙو ڪندڙ آهن)

فَلَيْسَ لَهُ ٱلْيَوْمَ هَٰهُنَا حَمِيمٌ ﴿٣٥﴾ وَلَا طَعَامٌ إِلَّا مِنْ غِسْلِينٍ ﴿٣٦﴾ لَّا يَأْكُلُهُۥٓ
إِلَّا ٱلْخَٰطِـُٔونَ ﴿٣٧﴾ فَلَآ أُقْسِمُ بِمَا تُبْصِرُونَ ﴿٣٨﴾ وَمَا لَا تُبْصِرُونَ ﴿٣٩﴾
إِنَّهُۥ لَقَوْلُ رَسُولٍ كَرِيمٍ ﴿٤٠﴾ وَمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ ۚ قَلِيلًا مَّا تُؤْمِنُونَ ﴿٤١﴾
وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ ۚ قَلِيلًا مَّا تَذَكَّرُونَ ﴿٤٢﴾ تَنزِيلٌ مِّن رَّبِّ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿٤٣﴾ وَلَوْ
تَقَوَّلَ عَلَيْنَا بَعْضَ ٱلْأَقَاوِيلِ ﴿٤٤﴾ لَأَخَذْنَا مِنْهُ بِٱلْيَمِينِ ﴿٤٥﴾ ثُمَّ لَقَطَعْنَا
مِنْهُ ٱلْوَتِينَ ﴿٤٦﴾ فَمَا مِنكُم مِّنْ أَحَدٍ عَنْهُ حَٰجِزِينَ ﴿٤٧﴾ وَإِنَّهُۥ لَتَذْكِرَةٌ
لِّلْمُتَّقِينَ ﴿٤٨﴾ وَإِنَّا لَنَعْلَمُ أَنَّ مِنكُم مُّكَذِّبِينَ ﴿٤٩﴾ وَإِنَّهُۥ لَحَسْرَةٌ عَلَى
ٱلْكَٰفِرِينَ ﴿٥٠﴾ وَإِنَّهُۥ لَحَقُّ ٱلْيَقِينِ ﴿٥١﴾ فَسَبِّحْ بِٱسْمِ رَبِّكَ ٱلْعَظِيمِ ﴿٥٢﴾

سُورَةُ المَعَارِجِ

(ترتيبها ٧٠) (آياتها ٤٤)

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

سَأَلَ سَآئِلٌۢ بِعَذَابٍ وَاقِعٍ ﴿١﴾ لِّلْكَٰفِرِينَ لَيْسَ لَهُۥ دَافِعٌ ﴿٢﴾ مِّنَ
ٱللَّهِ ذِى ٱلْمَعَارِجِ ﴿٣﴾ تَعْرُجُ ٱلْمَلَٰٓئِكَةُ وَٱلرُّوحُ إِلَيْهِ فِى
يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهُۥ خَمْسِينَ أَلْفَ سَنَةٍ ﴿٤﴾ فَٱصْبِرْ صَبْرًا جَمِيلًا ﴿٥﴾
إِنَّهُمْ يَرَوْنَهُۥ بَعِيدًا ﴿٦﴾ وَنَرَىٰهُ قَرِيبًا ﴿٧﴾ يَوْمَ تَكُونُ ٱلسَّمَآءُ كَٱلْمُهْلِ
﴿٨﴾ وَتَكُونُ ٱلْجِبَالُ كَٱلْعِهْنِ ﴿٩﴾ وَلَا يَسْـَٔلُ حَمِيمٌ حَمِيمًا ﴿١٠﴾

يعني توهان مان کي قرآن کي ڪوڙو ڪن ٿا، پوءِ کين ان جو بدلو ڏيندا سون.

(50) (۽ بيشڪ اهو ڪافرن لاءِ حسرت آهي) يعني قرآن قيامت جي ڏينهن ڪافرن لاءِ حسرت ۽ پشيمانيءَ جو ڪارڻ هوندو.

(51) (۽ بيشڪ قرآن يقيني سچائي آهي) ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ جي طرفان آيل آهي، تنهن ڪري ان جي باري ۾ ڪنهن قسم جو شڪ شبهو پيدا ٿئي.

(52) (پوءِ تون پنهنجي رب عظيم جي نالي جي پاڪائي بيان ڪر).

سورة المعارج

(1) (هڪ گهرندڙ عذاب جي گهر ڪئي، جيڪو اچڻ وارو آهي) يعني هڪ مطالبو ڪندڙ شخص، انهيءَ اينڊڙ عذاب جو مطالبو ڪيو، مراد نضر بن حارث آهي، جنهن چيو هو تہ : ﴿ٱللَّهُمَّ إِن كَانَ هَٰذَا هُوَ ٱلْحَقَّ مِنْ عِندِكَ فَأَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ ٱلسَّمَآءِ أَوِ ٱئْتِنَا بِعَذَابٍ أَلِيمٍ﴾ (اي الله! جيڪڏهن هيءُ تنهنجي طرفان واقعي حق آهي تہ پوءِ آسمان تي آسمان مان پٿر وساءِ يا اسان تي ڏکوئيندڙ عذاب ڪر).

(2) (ڪافرن لاءِ) يعني جيڪي ڪافر ٿي ڇڪا آهن يا جيڪا ڪافر ٿيڻ وارا آهن. (ان کي کو به ٽارڻ وارو نہ آهي) الله جي طرفان اينڊڙ انهيءَ عذاب کان انهن ڪافرن ۽ مشرڪن کي کو به بچائي نہ سگهندو.

(3) (آسماني رستن واري الله کان) اهو الله، جنهن ڏانهن فرشتا، هر وقت چڙهندا رهندا آهن. يا "المعارج" مان الله تعاليٰ جي عظمت ۽ شان جلالي مراد آهي.

(4) (فرشتا ۽ روح القدس ان ڏانهن چڙهندا) يعني انهن ڏاڪڻن جي ذريعي، جيڪي الله تعاليٰ سندن لاءِ مقرر ڪيون آهن، فرشتا ۽ جبرئيل امين الله تعاليٰ ڏانهن لهندا چڙهندا آهن. (هڪ ڏينهن ۾،

يُبَصَّرُونَهُمْ ۚ يَوَدُّ ٱلْمُجْرِمُ لَوْ يَفْتَدِى مِنْ عَذَابِ يَوْمِئِذٍۭ بِبَنِيهِ ﴿١١﴾
وَصَٰحِبَتِهِۦ وَأَخِيهِ ﴿١٢﴾ وَفَصِيلَتِهِ ٱلَّتِى تُـْٔوِيهِ ﴿١٣﴾ وَمَن فِى ٱلْأَرْضِ
جَمِيعًا ثُمَّ يُنجِيهِ ﴿١٤﴾ كَلَّآ ۖ إِنَّهَا لَظَىٰ ﴿١٥﴾ نَزَّاعَةً لِّلشَّوَىٰ ﴿١٦﴾ تَدْعُوا۟
مَنْ أَدْبَرَ وَتَوَلَّىٰ ﴿١٧﴾ وَجَمَعَ فَأَوْعَىٰٓ ﴿١٨﴾ ۞ إِنَّ ٱلْإِنسَٰنَ خُلِقَ هَلُوعًا
﴿١٩﴾ إِذَا مَسَّهُ ٱلشَّرُّ جَزُوعًا ﴿٢٠﴾ وَإِذَا مَسَّهُ ٱلْخَيْرُ مَنُوعًا ﴿٢١﴾ إِلَّا
ٱلْمُصَلِّينَ ﴿٢٢﴾ ٱلَّذِينَ هُمْ عَلَىٰ صَلَاتِهِمْ دَآئِمُونَ ﴿٢٣﴾ وَٱلَّذِينَ فِىٓ
أَمْوَٰلِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُومٌ ﴿٢٤﴾ لِّلسَّآئِلِ وَٱلْمَحْرُومِ ﴿٢٥﴾ وَٱلَّذِينَ يُصَدِّقُونَ
بِيَوْمِ ٱلدِّينِ ﴿٢٦﴾ وَٱلَّذِينَ هُم مِّنْ عَذَابِ رَبِّهِم مُّشْفِقُونَ ﴿٢٧﴾ إِنَّ عَذَابَ
رَبِّهِمْ غَيْرُ مَأْمُونٍ ﴿٢٨﴾ وَٱلَّذِينَ هُمْ لِفُرُوجِهِمْ حَٰفِظُونَ ﴿٢٩﴾ إِلَّا عَلَىٰٓ
أَزْوَٰجِهِمْ أَوْ مَا مَلَكَتْ أَيْمَٰنُهُمْ فَإِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُومِينَ ﴿٣٠﴾ فَمَنِ ٱبْتَغَىٰ وَرَآءَ
ذَٰلِكَ فَأُو۟لَٰٓئِكَ هُمُ ٱلْعَادُونَ ﴿٣١﴾ وَٱلَّذِينَ هُمْ لِأَمَٰنَٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رَٰعُونَ
﴿٣٢﴾ وَٱلَّذِينَ هُم بِشَهَٰدَٰتِهِمْ قَآئِمُونَ ﴿٣٣﴾ وَٱلَّذِينَ هُمْ عَلَىٰ صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُونَ
﴿٣٤﴾ أُو۟لَٰٓئِكَ فِى جَنَّٰتٍ مُّكْرَمُونَ ﴿٣٥﴾ فَمَالِ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ قِبَلَكَ مُهْطِعِينَ
﴿٣٦﴾ عَنِ ٱلْيَمِينِ وَعَنِ ٱلشِّمَالِ عِزِينَ ﴿٣٧﴾ أَيَطْمَعُ كُلُّ ٱمْرِئٍ مِّنْهُمْ
أَن يُدْخَلَ جَنَّةَ نَعِيمٍ ﴿٣٨﴾ كَلَّآ ۖ إِنَّا خَلَقْنَٰهُم مِّمَّا يَعْلَمُونَ ﴿٣٩﴾

جنهن جو مقدار پنجاهه هزار سال آهي) ان مان قيامت جو ڏينهن مراد آهي. انهيءَ عرصي ۾ محشر وارن جو حساب ڪتاب ٿيندو. ان کان پوءِ جنتي جنت ۾، ۽ دوزخي دوزخ ۾ ويندا.

5 (پوءِ تون صبر ڪر، سهائيندڙ صبر) يعني اهڙو صبر، جنهن ۾ نه ڪهل ڪوڙا هجي ۽ نه غير الله وٽ ڪا شڪايت ۽ حڪايت هجي.

6 (بيشڪ اهي ان کي پري ٿا ڏسن) ان کي بعيد ۽ ناممڪن سمجهن ٿا.

7 (۽ اسان ان کي ويجهو پيا ڏسون).

8 (انهيءَ ڏينهن آسمان ٿهڪندڙ ٽامي وانگر ٿي پوندو) (المهل) : پگهريل ٽامو، سيهو ۽ چاندي مراد آهي. پٽ تيل جي گيرٽ ۾ مراد ورتي وئي آهي.

9 (۽ جبل پڇيل اُنَ جهڙا ٿي پوندا) يعني اهي رنگيل اُن وانگر ٿي پوندا.

10 (ڪو ۽ گهاٽو سنگتي پنهنجي گهاٽي سنگتي کان پڇندو ۽ نه) يعني قيامت جي ڏينهن جون سختيون ۽ سور ڏسي ويجهي مان ويجهو عزيز قريب ۽ ٻئي کان سندس حالت نه پڇندو.

12 11 (جيتوڻيڪ کين ڏسندا ۽ پيا هوندا) يعني هر انسان پنهنجي عزيز قريب کي ڏسندو ۽ سڃاڻندو. ڪو ڪنهن کان لڪل ۽ نه رهندو. پر تڏهن ۽ نه هڪ ٻئي کان پڇا ڳاڇا ڪندا ۽ نه پاڻ ۾ ڳالهائي سگهندا، ڇاڪاڻ ته نفسا نفسيءَ جي حالت هوندي. (ڏوهاري چاهيندو) اهڙو گنهگار مراد آهي، جيڪو دوزخ جو حقدار هوندو. (ته جيڪر ان ڏينهن جي عذاب کان بچڻ لاءِ فديي ۾ پيش ڪري) يعني قيامت جي ڏينهن جي عذاب کان بچڻ لاءِ، جيڪو واقع ٿي چڪو هوندو. (پنهنجن پٽن کي) (۽ پنهنجي زال) يعني پنهنجي گهر واريءَ کي (۽ پنهنجي پاءُ کي) دنيا ۾ اهي ئي مٽ مائٽ سڀ کان وڌيڪ عزيز ۽ پيارا هوندا آهن، سو جيڪڏهن ان ڏينهن واري عذاب کان سندس جان خلاصي جي عيوض سندس اهي عزيز، قريب قبول پون ها هوند ڏيئي پنهنجي جان بچائي ها.

13 (۽ سندس اهو ڪٽنب قبيلو جيڪو کيس پناهه ڏيندو آهي) يعني اهو خاندان، جيڪو ساٿس نسب ۾ شامل هوندو آهي، ۽ سختين ۽ ڏکن ۾ ان جي پناهه ونندو آهي.

14 (۽ روءِ زمين ۾ جيڪي ڪجهه آهي سو سڀ) يعني ڏوهاري گهرندو ته جيڪر روءِ زمين تي جيڪي انسان، جنات ۽ ٻي مخلوق رهي ٿي، انهن سڀني کي چٽيءَ ۾ پيش ڪري. (پوءِ کيس نجات ملي) يعني جيئن کيس اها چٽي دوزخ جي عذاب کان بچائي، ته هوند سڀ ڪجهه ڏئي.

15 ۞ (ڪلا) (ڪڏهن به نه) (بيشڪ اها پڙڪندڙ باهه آهي) (لظى) دوزخ جو هڪ نالو آهي، پڙڪندڙ باهه جي ڪري ان تي اهو نالو پيو آهي.

16 (جيڪي ڪل لاهيندڙ آهي) مٿي جي ڪل چمڙي ٽپيندي آهي.

17 (پڪاريندي انهيءَ شخص کي جنهن پٺي ڏني) يعني جيڪو دنيا ۾ حق کان پٺي ڦيرائيندو، تنهن کي دوزخ قيامت ڏينهن واڪا ڪري پئي پڪاريندي. (۽ منهن موڙيو)، يعني جنهن (الله ۽ سندس رسول ﷺ کان) منهن موڙيو.

18 (۽ مال گڏ ڪيائين، پوءِ ان کي سانڍي رکيائين) يعني تجوڙين ۾ مال گڏ ڪري رکي ٿو ۽ ان کي الله جي واٽ ۾ خرچ نٿو ڪري.

19 (بيشڪ انسان بي همت پيدا ڪيو ويو آهي) يعني وڏي حرص وارو ۽ مصيبت ۾ بي صبري ڪندڙ ۽ بدشد گالهائيندڙ آهي.

21 20 (جڏهن کيس مصيبت پهچندي آهي ته بي صبرو ٿيندو آهي ۽ جڏهن کيس پلائي پهچندي آهي ته بخيلي ڪندو آهي) يعني جڏهن کيس مسڪيني، محتاجي، بيماري وغيره پهچندي آهي ته گهٽي گهل گهوڙا ڪندو آهي ۽ مالداري، شاهوڪاري، ڪشادگي وغيره ڏسندو آهي ته پنهنجي هٿ کي روڪي ڇڏيندو آهي.

22 (سواءِ نمازين جي) يعني جيڪي نماز قائم ڪندڙ آهن. اهي بيان ڪيل انهن اوگڻن وارا نه آهن، جو حريص، بخيل ۽ جزع فزع ڪرڻ وارا بي همت هجن.

23 (جيڪي پنهنجين نمازن تي هميشگي ڪندڙ آهن) يعني ڪنهن به قسم جو ڪم ڪين ان کان غافل نه ڪندو آهي، ۽ فرض نماز سدائين وقت جي پابنديءَ سان پڙهندا آهن.

24 (۽ جن جي مالن ۾ حق مقرر ٿيل آهي) فرضي زڪاة مراد آهي. پڙڇيو ويو آهي ته متي مائٽي ڳڻيڻ لاءِ مال خرچ ڪرڻ مراد آهي.

25 (ڪهرندڙن لاءِ به ۽ سوال کان بچندڙن لاءِ به) سورة الذاريات ۾ سوالي ۽ محروم شخص بابت تفصيل گذري چڪو آهي.

26 (۽ جيڪي بدلي جي ڏينهن کي سچو مڃين ٿا) قيامت جو ڏينهن مراد آهي، جڏهن اهو ايندو ته نه ڪو شڪ شبهو ٿيندن ۽ نه ان جو انڪار ڪندا.

27 (۽ جيڪي پنهنجي رب جي عذاب کان ڊڄندڙ آهن) يعني فرمانبردار هجڻ جي باوجود خوف خدا هيٺ رهن ٿا.

28 (بيشڪ سندن رب جو عذاب بي خوف ٿيڻ جهڙي شيءِ نه آهي) يعني ڪو شخص ان کان امن ۾ نٿو رهي سگهي ۽ هر شخص تي حق آهي ته الله کان ڊڄندو رهي.

29 (۽ جيڪي پنهنجين اڳهڙن جي حفاظت ڪندڙ آهن)

30 (سواءِ پنهنجين زالن ۽ پنهنجين ٻانهين جي، انهيءَ حالت ۾ مٿن ڪا به ملامت ڪانهي).

31 (باقي جيڪي انهن کان سواءِ به ڪجهه طلبين ته پوءِ اهي حد کان لنگهيندڙ آهن).

32 (۽ جيڪي پنهنجين امانتن ۽ پنهنجن وعدن جي پابندي ڪندڙ آهن) جنهن به قسم جي امانت وٽن هوندي آهي، ان ۾ ڪا گڙٻڙ ۽ خيانت نه ڪندا آهن، ۽ جهڙي به قسم جو عهد، اقرار اهي ڪندا آهن، ان کي پورو ڪندا آهن.

فَلَآ أُقۡسِمُ بِرَبِّ ٱلۡمَشَٰرِقِ وَٱلۡمَغَٰرِبِ إِنَّا لَقَٰدِرُونَ ﴿٤٠﴾ عَلَىٰٓ أَن نُّبَدِّلَ خَيۡرٗا مِّنۡهُمۡ
وَمَا نَحۡنُ بِمَسۡبُوقِينَ ﴿٤١﴾ فَذَرۡهُمۡ يَخُوضُواْ وَيَلۡعَبُواْ حَتَّىٰ يُلَٰقُواْ يَوۡمَهُمُ ٱلَّذِي
يُوعَدُونَ ﴿٤٢﴾ يَوۡمَ يَخۡرُجُونَ مِنَ ٱلۡأَجۡدَاثِ سِرَاعٗا كَأَنَّهُمۡ إِلَىٰ نُصُبٖ يُوفِضُونَ
﴿٤٣﴾ خَٰشِعَةً أَبۡصَٰرُهُمۡ تَرۡهَقُهُمۡ ذِلَّةٞۚ ذَٰلِكَ ٱلۡيَوۡمُ ٱلَّذِي كَانُواْ يُوعَدُونَ ﴿٤٤﴾

سُورَةُ نُوحٍ

(ترتيبها ٧١) (اياتها ٢٨)

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

إِنَّآ أَرۡسَلۡنَا نُوحًا إِلَىٰ قَوۡمِهِۦٓ أَنۡ أَنذِرۡ قَوۡمَكَ مِن قَبۡلِ أَن يَأۡتِيَهُمۡ
عَذَابٌ أَلِيمٞ ﴿١﴾ قَالَ يَٰقَوۡمِ إِنِّي لَكُمۡ نَذِيرٞ مُّبِينٌ ﴿٢﴾ أَنِ ٱعۡبُدُواْ
ٱللَّهَ وَٱتَّقُوهُ وَأَطِيعُونِ ﴿٣﴾ يَغۡفِرۡ لَكُم مِّن ذُنُوبِكُمۡ وَيُؤَخِّرۡكُمۡ
إِلَىٰٓ أَجَلٖ مُّسَمًّىۚ إِنَّ أَجَلَ ٱللَّهِ إِذَا جَآءَ لَا يُؤَخَّرُۖ لَوۡ كُنتُمۡ تَعۡلَمُونَ
﴿٤﴾ قَالَ رَبِّ إِنِّي دَعَوۡتُ قَوۡمِي لَيۡلٗا وَنَهَارٗا ﴿٥﴾ فَلَمۡ يَزِدۡهُمۡ دُعَآءِيٓ إِلَّا
فِرَارٗا ﴿٦﴾ وَإِنِّي كُلَّمَا دَعَوۡتُهُمۡ لِتَغۡفِرَ لَهُمۡ جَعَلُوٓاْ أَصَٰبِعَهُمۡ
فِيٓ ءَاذَانِهِمۡ وَٱسۡتَغۡشَوۡاْ ثِيَابَهُمۡ وَأَصَرُّواْ وَٱسۡتَكۡبَرُواْ ٱسۡتِكۡبَارٗا
﴿٧﴾ ثُمَّ إِنِّي دَعَوۡتُهُمۡ جِهَارٗا ﴿٨﴾ ثُمَّ إِنِّيٓ أَعۡلَنتُ لَهُمۡ وَأَسۡرَرۡتُ
لَهُمۡ إِسۡرَارٗا ﴿٩﴾ فَقُلۡتُ ٱسۡتَغۡفِرُواْ رَبَّكُمۡ إِنَّهُۥ كَانَ غَفَّارٗا ﴿١٠﴾

(33) (ءِ جيڪي پنهنجين شاهدين تي قائم رهڻ وارا آهن) يعني الله جي رضامنديءَ لاءِ گواهي ڏيندا آهن، چاهي گواهي سندن ڪنهن عزيز قريب جي خلاف ئي هجي، يا ڪنهن وڏي منصب واري ماڻهوءَ جي خلاف هجي، نه ان کي لڪائيندا آهن ۽ نه ان ۾ ٿڌا ستا ڪندا آهن.

(34) (ءِ جيڪي پنهنجين نمازن جي حفاظت ڪندڙ آهن) يعني کهڙي به قسم جي مشغوليت هجي، ان کان غافل نه ٿيندا آهن ۽ نه اهڙو عمل ڪندا آهن، جو سندن نماز ضايع ۽ ان جو ثواب باطل ٿئي.

(35) (اهي جنتن ۾ عزت سان رهڻ وارا آهن) يعني سدائين انهن جي عزت ۽ تڪريم مختلف طريقن سان ٿيندي رهندي.

(36) (پوءِ ڪافرن کي ڇا ٿيو آهي، جيڪي تو ڏانهن دوڙندا اچن ٿا) يعني تو کي ڪوڙو ڪرڻ لاءِ تنهنجي چوڌاري ڌڪ دوڙ ڪندا رهن ٿا ۽ تو تي ٽوليون ڪن ٿا. پٽ چيو ويو آهي ته اهي ماڻهو مراد آهن، جيڪي سدائين ڳاڻهه ڪنيو، اکيون ڦوٽاري تو کي ڏسن ٿا.

(37) (ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان ٽوليون ٽوليون ٿي) يعني نبي ﷺ جن جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي ٽولين جون ٽوليون ٿي اچن وڃن ٿا.

(38) (انهن مان هر هڪ اها لالچ رکي ٿو ڇا ته هو نعمت واري بهشت ۾ داخل ڪيو ويندو؟).

(39) (هرگز نه! بيشڪ اسان کين ان (شيءِ) مان پيدا ڪيو آهي، جنهن جي خبر اٿن) يعني کني پاٽي، منيءَ مان پيدا ٿيل آهن، جنهن جي حقيقت اهي ڄاڻن ٿا. تنهن ڪري کين تڪبر ڪرڻ نه گهرجي. مسند احمد، ابن ماجه ۽ ابن سعد جي روايت آهي ته: رسول الله ﷺ جن اهي آيتون: (فمال الذين كفروا... كان: مما يعلمون) تائين پڙهيون پوءِ پنهنجي هٿ مبارڪ تي ٽڪ هٽي، ان تي آنگر رکي فرمايائون ته: الله تعالىٰ فرمائي ٿو ته: اي آدم جا پٽ! تون مون کي کيئن ٿو عاجز ڪري سگهين، حالانڪ مون تو کي ڇڙي شيءِ مان پيدا ڪيو آهي؟

(40) (سو نه، آءٌ قسم ٿو کڻان) يعني آءٌ قسم کڻان ٿو. (اوپرن ۽ اولهن جي رب جو) يعني پوري سال ۾ جتان جتان سج اپري ٿو ۽ جتي جتي لهي ٿو انهن هنڌن جو قسم کڻان ٿو. (ته بيشڪ اسان طاقت رکندڙ آهيون).

(41) (هن تي ته انهن جي بدلي انهن کان پلارا ماڻهو آڻيون) يعني جن سڏس نافرماني ڪئي، تن کي هلاڪ ڪري، انهن جي جاءِ تي وڌيڪ فرمانبردار ماڻهن کي آڻي سگهون ٿا. (ءِ اسان اڃ ڪڍيل ٿيڻ وارا نه آهيون) يعني جيڪڏهن اسان گهرون ته اسان تي کو غالب ٿيڻ وارو نه آهي.

(42) (پوءِ کين ڇڏي ڏي ته مشغول رهن)، پلي بيڪار ڳالهين ۽ باطل ۾ مصروف رهن. (ءِ راند روند ڪن) دنيا جي ڪمن ۾. پنهنجي ڄمار گذاري ڇڏين ۽ جيڪو حڪم مون کين ڪيو آهي پلي ان کان غافل رهن. ۽ جيڪي سرگرميون اهي ڪري رهيا آهن، اهي تو کي وڌيون نظر نه اچن. ڇاڪاڻ ته تنهنجو ڪم صرف الله جو پيغام پهچائڻ آهي. (تانجو پنهنجي انهيءَ ڏينهن کي ڏسن، جنهن جو ساڻن وعدو ڪيو وڃي ٿو) قيامت جو ڏينهن مراد آهي.

(43) (جنهن ڏينهن قبرن مان نڪرندا) (جلدي دوڙندي) (جڙ ته اهي بتن ڏانهن) جتي کو عَلَم ۽ جهنڊو کوڙيل هوندو آهي. (دوڙندا وڃن ٿا) هڪ ٻئي کان اڳرائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

(44) (سندن اکيون جهڪيل هونديون) غير متوقع عذاب ڏسي کين اکيون مٿي کڻڻ جي همت به نه ٿيندن. (ذلت کين ويڙهي ويندي) يعني مٿن زبردست خواري مسلط هوندن. (اهو ئي آهي اهو ڏينهن، جنهن جو کين انجام ڏنو پئي ويو).

سوره نوح

(1) (بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليو) اڃ ۾ بيان ٿي چڪو ته نوح عليه السلام الله جو پهريون موڪليل رسول پاڪ آهي. سوره عنڪبوت ۾ بيان ٿيو ته ڪيتري مدت پنهنجي قوم ۾ رهيو؟ (ته ڊيڄار پنهنجي قوم کي) يعني کيس چيوسون ته پنهنجي قوم کي خدا تعالىٰ جو خوف ڏيار. (هن کان اڃ جو مٿن کو ڏکوئيندڙ عذاب اچي پوي) يعني مٿن شديد ملامت وارو عذاب اچي، مراد دوزخ جو عذاب آهي يا اهو عذاب مراد آهي جيڪو طوفان جي صورت ۾ مٿن مسلط ٿيو.

(2) (کين چيائين ته: اي منهنجي قوم! آءٌ اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان).

(3) (ته الله جي عبادت ڪريو ۽ ان کان ڊجو ۽ منهنجو چوڻ ڏنو).

(4) (ته هو توهان جا گناهه بخشي ڇڏيندو) يعني توهان جا ڪجهه اهڙا گناهه معاف ڪندو، جيڪي سڏس پيغمبر سگوري جي دعوت ۽ اطاعت قبول ڪرڻ کان اڃ توهان کيا هئا. (ءِ توهان کي مقرر ڪيل وقت تائين مهلت ڏيندو) يعني تقدير جي لکئي مطابق وڌي مدت تائين، توهان جي موت کي پنتي ڪندو. مطلب هي آهي ته جيستائين الله ۽ پيغمبر سگوري جي فرمانبرداريءَ تي قائم رهندا، ان وقت تائين توهان کي زمين ۾ سکيو ستابو ۽ آباد رکندو. (بيشڪ الله جو مقرر وقت جڏهن اچي ويهندو آهي ته پوءِ اهو پنتي نه ڪيو ويندو آهي) يعني توهان لاءِ الله تعالىٰ جيڪا تقدير مقرر ڪئي آهي، جيڪڏهن توهان ڪفر تي قائم رهيا ته پوءِ ان ۾ ڪنهن به صورت ۾، ڪا تاخير نه ٿيندي، بلڪ اها ٿي رهندي. تنهن ڪري جيترو جلدي ٿي سگهي، توهان ايمان ۽ اطاعت اختيار ڪريو. (جيڪر توهان کي اها ڄاڻ هجي ها!) يعني ڪاش توهان ڄاڻو ته جڏهن الله تعالىٰ جي مقرر ڪيل مدت ايندي آهي ته پوءِ ان ۾ دير نه ٿيندي آهي.

(5) (چيائين ته: اي منهنجا رب! آءٌ پنهنجي قوم کي رات ڏينهن سڏيندو رهيس).

(6) (پوءِ منهنجي دعوت کين رڳو پري پڇڻ ۾ وڌايو) يعني منهنجي دعوت کي مڃڻ جي بجاءِ، اڻلندو مون کان پري پڇڻ لڳا.

(7) (ءِ بيشڪ مون جڏهن به کين سڏيو ٿي ته جيئن تون کين بخشين)

يُرْسِلِ ٱلسَّمَآءَ عَلَيْكُم مِّدْرَارًا ﴿١١﴾ وَيُمْدِدْكُم بِأَمْوَٰلٍ وَبَنِينَ وَيَجْعَل
لَّكُمْ جَنَّٰتٍ وَيَجْعَل لَّكُمْ أَنْهَٰرًا ﴿١٢﴾ مَّا لَكُمْ لَا تَرْجُونَ لِلَّهِ وَقَارًا ﴿١٣﴾
وَقَدْ خَلَقَكُمْ أَطْوَارًا ﴿١٤﴾ أَلَمْ تَرَوْا۟ كَيْفَ خَلَقَ ٱللَّهُ سَبْعَ سَمَٰوَٰتٍ
طِبَاقًا ﴿١٥﴾ وَجَعَلَ ٱلْقَمَرَ فِيهِنَّ نُورًا وَجَعَلَ ٱلشَّمْسَ سِرَاجًا ﴿١٦﴾
وَٱللَّهُ أَنۢبَتَكُم مِّنَ ٱلْأَرْضِ نَبَاتًا ﴿١٧﴾ ثُمَّ يُعِيدُكُمْ فِيهَا وَيُخْرِجُكُمْ
إِخْرَاجًا ﴿١٨﴾ وَٱللَّهُ جَعَلَ لَكُمُ ٱلْأَرْضَ بِسَاطًا ﴿١٩﴾ لِّتَسْلُكُوا۟ مِنْهَا
سُبُلًا فِجَاجًا ﴿٢٠﴾ قَالَ نُوحٌ رَّبِّ إِنَّهُمْ عَصَوْنِى وَٱتَّبَعُوا۟ مَن لَّمْ يَزِدْهُ
مَالُهُۥ وَوَلَدُهُۥٓ إِلَّا خَسَارًا ﴿٢١﴾ وَمَكَرُوا۟ مَكْرًا كُبَّارًا ﴿٢٢﴾ وَقَالُوا۟
لَا تَذَرُنَّ ءَالِهَتَكُمْ وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَلَا سُوَاعًا وَلَا يَغُوثَ وَيَعُوقَ
وَنَسْرًا ﴿٢٣﴾ وَقَدْ أَضَلُّوا۟ كَثِيرًا ۖ وَلَا تَزِدِ ٱلظَّٰلِمِينَ إِلَّا ضَلَٰلًا ﴿٢٤﴾
مِّمَّا خَطِيٓـَٰٔتِهِمْ أُغْرِقُوا۟ فَأُدْخِلُوا۟ نَارًا فَلَمْ يَجِدُوا۟ لَهُم مِّن دُونِ
ٱللَّهِ أَنصَارًا ﴿٢٥﴾ وَقَالَ نُوحٌ رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى ٱلْأَرْضِ مِنَ ٱلْكَٰفِرِينَ
دَيَّارًا ﴿٢٦﴾ إِنَّكَ إِن تَذَرْهُمْ يُضِلُّوا۟ عِبَادَكَ وَلَا يَلِدُوٓا۟ إِلَّا فَاجِرًا
كَفَّارًا ﴿٢٧﴾ رَّبِّ ٱغْفِرْ لِى وَلِوَٰلِدَىَّ وَلِمَن دَخَلَ بَيْتِىَ
مُؤْمِنًا وَلِلْمُؤْمِنِينَ وَٱلْمُؤْمِنَٰتِ وَلَا تَزِدِ ٱلظَّٰلِمِينَ إِلَّا تَبَارًا ﴿٢٨﴾

يعني جڏهن به بخشش حاصل ڪرڻ جي اسباب اختيار ڪرڻ جي ڪين دعوت ڏنم. جنهن مان مراد الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ ۽ سندس اطاعت ڪرڻ آهي. (تہ هنن پنهنجيون اڳريون پنهنجن ڪنن ۾ تي وڌيون) تہ جيئن منهنجو آواز نہ ٻڌن. (۽ پاڻ تي ڪپڑا تي وڌائون) يعني پنهنجا منهن تي ڍڪيائون تہ جيئن مون کي نہ ڏسن ۽ نہ منهنجي ڳالهہ ٻڌن. (۽ ضد تي ڪيائون) يعني ڪفر تي ڳٽ تي ڏنائون. (۽ وڏائي تي ڪيائون) حق کي مڃڻ کان وڏائي تي ڪيائون. (وڏي وڏائي ڪرڻ).

8 (وري ڪين واکا ڪري پڪاريم) يعني وڏي وات سڏيم.

9 (وري ڪين ڪليو ڪلايو ٻڌايم) يعني ظاهر ظهور علىٰ الاعلان ڪين دين جي دعوت ڏنم (۽ ڪين لڪ ڇپ ۾ ٻہ سمجهايم) ڳجهي طرح ڪين دعوت ڏيندو رهيم. (رازداريءَ سان) هر هڪ شخص کي دعوت ڏيندو رهيس. ڪين وڏي رازداريءَ ۾ سمجهائيندو رهيس، مختلف طريقن ۽ مختلف موقعن تي ڪين دعوت پيش ڪندو رهيس، جدا جدا نمونن سان ڪين اسلام ڏانهن سڏيندو رهيس. پٽ چيو ويو آهي تہ يعني سندن گهرن ۾ حاضر تي انهن کي دعوت ڏيندو رهيس.

10 (پوءِ ڪين چيم تہ پنهنجي رب کان معافي گهرو، بيشڪ اهو ڏاڍو معاف ڪندڙ آهي).

11 (هو توهان تي آسمان مان واهڙ وهائيندو) (مدرارا) مان مينهن جو اهڙو تيز وسڪارو مراد آهي جو واهڙ وهي هلن. هن آيت ۾ دليل آهي تہ استغفار ڪرڻ مينهن وسڻ ۽ مختلف قسم جي رزق جي حاصل ٿيڻ جو سبب کان وڏو وسيلو آهي.

12 (۽ اوهان کي جهجهي مال ۽ پٽن سان نوازيندو ۽ اوهان لاءِ باغ پيدا ڪندو ۽ اوهان لاءِ نهرون بنائيندو).

13 (توهان کي ڇا ٿيو آهي، جو الله جي عظمت جو خيال نٿا رکو؟ يعني ان جي عظمت کان نٿا ڊجو.

14 (جڏهن تہ هن اوهان کي ڪيتري طور طريقن ۾ خلقيو آهي). يعني نطفو، وري لوٿڙو، وري گوشت جو ٽڪرو، وينديءَ چگيءَ طرح پيدا ٿيڻ تائين، پوءِ وري ننڍڙا ٻارڙا، وري نوجوان، وري پوڙها، سو جنهن اوهان کي اهڙي طور طريقن سان پيدا ڪيو آهي تنهن جي عظمت ۽ شان ۾ ڪيئن ٿا ڪوتاهي ڪريو؟

15 ﴿ أَلَمْ تَرَوْا۟ كَيْفَ خَلَقَ ٱللَّهُ سَبْعَ سَمَٰوَٰتٍ طِبَاقًا ﴾ (نٿا ڏسو ڇا تہ الله ڪيئن نہ ست آسمان هڪبئي مٿان بنايا آهن)؟.

16 (۽ ڪيائين چنڊ کي انهن ۾) يعني آسمانن ۾، چنڊ دنياوي آسمان تي آهي. (روشن) يعني ان کي روءِ زمين لاءِ روشن ڪيائين، جنهن ۾ ڪا گرمي نہ آهي. (۽ ڪيائين سج کي ڏيئو) جڏ تہ اهو دنيا وارن لاءِ روشن ڏيئو آهي.

17 (۽ الله توهان کي زمين مان هڪ عجيب نموني اپايو) يعني آدم کي متيءَ مان پيدا ڪيائين. پوءِ سندس اولاد کي زمين جي مختلف شين، جهڙوڪ نباتات ۽ حيوانن جي غذا جي ذريعي زندگي بخشيائين.

18 (پوءِ توهان کي ان ۾ موتائيندو) يعني موت کان پوءِ توهان کي قبرن ۾ آڻيندو تانجو توهان جو جسماني وجود متيءَ ۾ ملي ويندو. (پوءِ توهان کي ٻاهر ڪيندو، چگي طرح ٻاهرڪڍڻ) يعني وري قيامت جي ڏينهن توهان کي پهرئين پيري وانگر، آهستي آهستي پيدا ڪرڻ جي بجاءِ هڪدم جيئرو ڪري اڀارينديو.

19 (۽ الله اوهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بنايو آهي).

20 (تہ جيئن ان جي ڪشادن رستن ۾ گهمو ڦرو) پن جبلن جي وچ ۾ جيڪو رستو هوندو آهي، ان کي "فج" چوندا آهن.

21 (نوح چيو تہ: اي منهنجا رب! انهن منهنجو چيو نہ ورتو) (۽ انهن جي تابعداري ڪيائون، جن جي مال ۽ اولاد ڪين رڳو خساري ۾ وڌايو) يعني عوام الناس پنهنجي سردارن ۽ مالدارن جي ڳالهہ ميڃي، جن جي مالن ۽ اولاد جي گهٽائيءَ ڪين دنيا ۾ رڳو گمراهيءَ ۾ ۽ آخرت جي عذاب ۾ وڌايو.

22 (۽ انهن مڪر ڪيو وڏو مڪر ڪرڻ) يعني زبردست حيلا هلايائون. مطلب آهي تہ انهن سردارن ۽ سرمايہ دارن پنهنجن چيلن چانٽن کي نوح عليه السلام جي قتل ڪرڻ تي اپارڻ جي خوب سازشون سٽيون.

23 (۽ چيائون) يعني سردارن پنهنجن پيروڪارن کي نوح عليه السلام جي نافرمانيءَ تي اپاريندي چيو تہ (تہ پنهنجي معبودن کي ڪڍهن ٻہ نہ ڇڏجو) يعني پنهنجن انهن بتن جي عبادت کي نہ ڇڏجو. اهي بت ۽ تصويرون مراد آهن، جيڪي ناهي، انهن کي پوڄيندا هئا ۽ بعد ۾ جن جي عربن پوڄا شروع ڪئي. (۽ ڪڍهن نہ ڇڏجو وُد ۽ سُواع ۽ يغوث ۽ يعوق ۽ نسر کي) يعني هنن بتن جي عبادت نہ ڇڏجو. آدم ۽ نوح عليه السلام جي وچئين زماني ۾ جيڪي ماڻهو گذري ڇڪا هئا، اهي انهن جي نيڪ ماڻهن ڇا نالا هئا. ماڻهن پنهنجين عبادت گاهن ۾ سندن صورتون ناهي رکي ڇڏيون هيون. بعد ۾ جيڪي ماڻهو آيا، تن کي ابليس چيو تہ توهان جا اڳيان بزرگ انهن مورتين جي پوڄا ڪندا هئا، تنهن ڪري توهان ٻہ انهن جي عبادت ڪريو. پوءِ انهن جي پوڄا پاٺ شروع ڪري ڏنائون. بت پرستيءَ جي شروعات انهيءَ زماني کان ٿي. پوءِ اها بت پرستي جزيره عرب ۾ پهتي ۽ ڪن قبيلن انهن بتن جي پوڄا ڪئي.

24 (۽ گهڻن کي گمراهہ ڪري ڇڏيائون) يعني قوم جي سردارن ۽ وڏيرن عوام جي بيشمار ماڻهن کي گمراهہ ڪيو آهي. يا اهي بت مراد آهن، جن بيشمار ماڻهن کي گمراهہ ڪيو آهي. (۽ تون ٻہ انهن ظالمن کي گمراهيءَ کان سواءِ ڪنهن بي ڳالهہ ۾ نہ وڌاءِ) يعني ڪين رڳو نقصان ۽ خساري ۾ وڌائين. يا هي تہ: سندن حيلي بهاني کي ناڪام بڻاءِ ۽ ڪين نامراد ڪر.

25 (پنهنجين خطائن جي ڪري غرق ڪيا ويا) يعني پنهنجي گناهن سبب طوفان جي ذريعي پوڙيا ويا. (پوءِ باهہ ۾ داخل ڪيا ويا)

يعني پوءِ باهه ۾ داخل ڪيا ويا. مراد جهنم جي باهه آهي يا عذاب قبر مراد آهي. (پوءِ ڪين الله کان سواءِ پيو ڪو به مدد گار نه ملیو).

26 (ءِ نوح چيو ته اي منهنجا رب! تون ڪافرن مان ڪنهن هڪ کي ب زمين تي چرندو نه ڇڏ).

جڏهن نوح عليه السلام سندن ايمان آڻڻ کان مايوس ٿيو ته هينئن وحي جي اچڻ کان پوءِ اها متين دعا گهريائين. اِنَّه تهنْ يُؤْمِنَ مِنْ قَوْمِكَ اِلَّا مَنْ قَدْ اٰمَنَ (اي نوح! بيشڪ تنهنجي قوم مان جيڪي ايمان آڻي چڪا، انهن کان سواءِ هرگز ڪو ايمان نه آڻيندو) پوءِ الله تعاليٰ سندس دعا قبول فرمائي ۽ کين سندن وسندين سميت، جتي اهي رهندا هئا، غرق ڪري ڇڏيائين. (ديار) وسندين ۾ رهندڙن کي چئبو آهي.

27 (بيشڪ جيڪڏهن تون انهن کي ڇڏي ڏينڊين ته هو تنهنجي بانهن کي گمراه ڪندا) يعني ماڻهن کي تنهنجي سچي رستي کان ٽيڙي ڇڏيندا. (ءِ رڳو بدڪار ۽ ڪارن کي جڏيندا) يعني اهڙا فاجر ۽ فاسق ماڻهو پيدا ڪندا، جيڪي تنهنجي اطاعت کي ڇڏي ڏيندا. (ڪفر ڪندڙن کي) يعني تنهنجي نعمت جي ناقدري ڪندڙن ۽ ڏاڍي ناشڪرن کي جنم ڏيندا.

28 (اي منهنجا رب ! تون مونکي ۽ منهنجي پيءُ ماءُ کي ۽ ان کي جيڪو ايمان آڻي منهنجي گهر ۾ داخل ٿيو آهي ۽ سمورن مومنن ۽ مومنياڻين کي بخشي ڇڏ). (ءِ ظالمن کي نه وڌاءِ، مگر رڳو بربادي ۾) يعني ڪين هلاڪت مٿان هلاڪت ۾، نقصان مٿان نقصان ۾، خواريءَ مٿان خواريءَ ۾ وڌاءِ. نوح عليه السلام جي اها پٽ پاراتو قيامت تائين ايندڙ سيني ظالمن کي شامل آهي.

سورة الجن

1 (چؤ ته مون ڏانهن وحي ڪئي وئي آهي) يعني اي محمد صلی الله عليه وسلم ! پنهنجي امت کي ٻڌاءِ ته مون ڏانهن جبريل امين عليه السلام جي زباني وحي ڪئي وئي آهي. (ته جنن جي هڪ ٽولي ۽ ٻڌو) يعني انهن مان ڪجهه جڻن منهنجي قرآن پڙهڻ کي ڪن لائي، ڏيان ڏئي ٻڌو. روايت آهي ته پاڻ سڳورا ان وقت سورة : ﴿اِقْرَأْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ﴾ پڙهي رهيا هئا. الله تعاليٰ جنن ۾ منجهائن کو رسول نه موڪليو آهي، بلڪ جيڪي پيغمبر انسانن ڏانهن آدم جي اولاد مان ايندا رهيا، اهي ئي جنن لاءِ ب پيغمبر هئا. (پوءِ چيائون ته بيشڪ اسان هڪ عجيب قرآن ٻڌو آهي) يعني جڏهن پنهنجي قوم ڏانهن موٽيا ته کين چيائون ته، اسان اڄوڪو قرآن ٻڌو آهي، جنهن جي فصاحت ۽ بلاغت ڏاڍي عجب جهڙي آهي. پٽ چيو ويو آهي ته نصيحتن ۽ برڪتن جي لحاظ سان هڪ عجيب ڪتاب آهي.

2 (جيڪو سنئون رستو ڏسي ٿو، سو اسان هن تي ايمان آندو آهي، ۽ اسان پنهنجي رب سان ڪنهن کي ب شريڪ نه ڪنداسون).

3 (ءِ هي ته اسان جي رب جو شان تمام مٿانهون آهي) يعني اسان جي رب ڪريم جي عظمت ۽ شان بي انتها بلند آهي. يا هتي "جد" بمعنيٰ : قدرت جي ب چيو ويو آهي. (هن نه ڪنهن کي زال بنايو آهي، ۽ نه ڪنهن کي اولاد).

4 (ءِ هي ب ته اسان جو ڪو نادان، الله تي اڻ ٿهڻندڙ ڪالهيون ڪندو هو) مسلمان جنن، پنهنجن مشرڪ ۽ بيوقوف جنن جي هن دعويٰ کي نندڻيو ته الله تعاليٰ جي ڪا زال، ڪو اولاد وغيره آهي. ڪفر ۾ حد ڪان نڪرڻ ۽ وچولي واٽ ڪان ٽڙي وڃڻ کي "شطط" چئبو آهي.

5 (ءِ هي ب ته اسان پاڻيو ٿي ته انسانَ ۽ جنَ الله بابت ڪو ڪوڙ هرگز نه ڪالهائيندا) يعني اسان کي گمان ب نه هو ته انسان ۽ جن، الله ڏانهن ڪوڙي نسبت ب ڪري سگهن ٿا ته سندس ڪو شريڪ ۽ سندس ڪا زال ۽ سندس ڪا اولاد آهي، تنهن ڪري اسان سندن انهيءَ ڪوڙ کي سچ ڄاتوسون.

6 (ءِ هي ب ته انسانن مان کي شخص، جنن مان ڪن مردن جي پناهه وٺندا هئا) پيو ٿو وڃي ته جاهليت جي دور ۾ عربن مان جڏهن ڪو شخص مسافريءَ ۾ ڪنهن ماڻريءَ ۾ منزل ڪندو هو ته چوندو هو ته : آءٌ هن ماڻري جي سردار جي، سندس قوم جي بيوقوفن کان پناهه ٿو گهران. پوءِ صبح ٿيڻ تائين جنن جي ان سردار جي پناهه ۾ رهندو هو. (پوءِ ڪين سرڪشي ۾ وڌائي ڇڏيائون) يعني جڏهن جنن، بيوقوف انسانن جي اها بزدلي ۽ پوئتي حالت ڏٺي ته وڌيڪ سينڊجي ويا ۽ ويتر انهن کي هيسائڻ لڳا. هي مطلب ب ٿي سگهي ٿو ته انهن جنن، انهن انسانن کي خوف، مصيبت ۽ آفت ۾ ويتر وڌائي ڇڏيو.

7 (ءِ هي ب ته انهن _ انسانن _ ب ائين ئي پانئيو هو جيئن توهان پانئيو آهي ته الله ڪنهن کي ب رسول ڪري نه موڪليندو).

8 (ءِ هي ب ته اسان آسمان کي چهيو) يعني اسان پنهنجي عادت ۽ معمول مطابق جاچڻ ۽ خبر چار وٺڻ لاءِ آسمان تي وياسون. (پوءِ ان کي چوڪيدارن سان پريل ڏٺوسون) ان کي چوڪيدار فرشتن جي نگرانيءَ هيٺ ڏٺوسون، جيڪي خبرن ۽ رازن جي چوري ٿيڻ کان ان جي حفاظت ڪري رهيا هئا. (ڏاڍي سخت) طاقتورن سان. (ءِ لات تارن سان) تارن جا اهي الُا مراد آهن، جيڪي شيطانن کي سازڻ لاءِ مٿن اڇلايا وڃن ٿا. نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي نبوت کان پوءِ الله تعاليٰ سازيندڙ تارن جي ذريعي آسمان جي نگرانيءَ جو بندوبست فرمايو.

9 (ءِ هي ب ته اسان آسمان جي ڪن هنڌن تي ڪالهيون ٻڌڻ لاءِ ويهندا هئاسون) جيئن فرشتن جون آسماني خبرون ٻڌي، پنهنجن پويٽن کي ٻڌايون. (پوءِ هاڻي جيڪو ب ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، سو پاڻ لاءِ تازو ئي وينل لات تاري کي ڏسي ٿو) يعني لڪ ڇپ ۾ آسماني خبرون ٻڌڻ کان روڪڻ لاءِ، فرشتا سندن تاڙ ۾ بينل آهن، جيڪي کين پنهنجي لاتن ۽ چوچڙين سان سازيندا آهن.

سُوْرَةُ الْجِنِّ

(ترتيبها ٧٢ — اياتها ٢٨)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ اُوْحِيَ اِلَيَّ اَنَّهُ اسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الْجِنِّ فَقَالُوْٓا اِنَّا سَمِعْنَا قُرْءٰنًا عَجَبًا ﴿١﴾ يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ ؕ وَلَنْ نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ اَحَدًا ﴿٢﴾ وَّاَنَّهٗ تَعٰلٰى جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَةً وَّلَا وَلَدًا ﴿٣﴾ وَّاَنَّهٗ كَانَ يَقُوْلُ سَفِيْهُنَا عَلَى اللّٰهِ شَطَطًا ﴿٤﴾ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ تَقُوْلَ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ﴿٥﴾ وَّاَنَّهٗ كَانَ رِجَالٌ مِّنَ الْاِنْسِ يَعُوْذُوْنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ فَزَادُوْهُمْ رَهَقًا ﴿٦﴾ وَّاَنَّهُمْ ظَنُّوْا كَمَا ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ اَحَدًا ﴿٧﴾ وَّاَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا شَدِيْدًا وَّشُهُبًا ﴿٨﴾ وَّاَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ ؕ فَمَنْ يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ يَجِدْ لَهٗ شِهَابًا رَّصَدًا ﴿٩﴾ وَّاَنَّا لَا نَدْرِيْٓ اَشَرٌّ اُرِيْدَ بِمَنْ فِي الْاَرْضِ اَمْ اَرَادَ بِهِمْ رَبُّهُمْ رَشَدًا ﴿١٠﴾ وَّاَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ وَمِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ ؕ كُنَّا طَرَآئِقَ قِدَدًا ﴿١١﴾ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ نُّعْجِزَ اللّٰهَ فِي الْاَرْضِ وَلَنْ نُّعْجِزَهٗ هَرَبًا ﴿١٢﴾ وَّاَنَّا لَمَّا سَمِعْنَا الْهُدٰٓى اٰمَنَّا بِهٖ ؕ فَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِرَبِّهٖ فَلَا يَخَافُ بَخْسًا وَّلَا رَهَقًا ﴿١٣﴾

وَأَنَّا مِنَّا ٱلْمُسْلِمُونَ وَمِنَّا ٱلْقَـٰسِطُونَ ۖ فَمَنْ أَسْلَمَ فَأُو۟لَـٰٓئِكَ تَحَرَّوْا۟ رَشَدًا ﴿١٤﴾ وَأَمَّا ٱلْقَـٰسِطُونَ فَكَانُوا۟ لِجَهَنَّمَ حَطَبًا ﴿١٥﴾
وَأَلَّوِ ٱسْتَقَـٰمُوا۟ عَلَى ٱلطَّرِيقَةِ لَأَسْقَيْنَـٰهُم مَّآءً غَدَقًا ﴿١٦﴾ لِّنَفْتِنَهُمْ فِيهِ ۚ وَمَن يُعْرِضْ عَن ذِكْرِ رَبِّهِۦ يَسْلُكْهُ عَذَابًا صَعَدًا ﴿١٧﴾ وَأَنَّ
ٱلْمَسَـٰجِدَ لِلَّهِ فَلَا تَدْعُوا۟ مَعَ ٱللَّهِ أَحَدًا ﴿١٨﴾ وَأَنَّهُۥ لَمَّا قَامَ عَبْدُ ٱللَّهِ
يَدْعُوهُ كَادُوا۟ يَكُونُونَ عَلَيْهِ لِبَدًا ﴿١٩﴾ قُلْ إِنَّمَآ أَدْعُوا۟ رَبِّى وَلَآ أُشْرِكُ
بِهِۦٓ أَحَدًا ﴿٢٠﴾ قُلْ إِنِّى لَآ أَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَلَا رَشَدًا ﴿٢١﴾ قُلْ إِنِّى
لَن يُجِيرَنِى مِنَ ٱللَّهِ أَحَدٌ وَلَنْ أَجِدَ مِن دُونِهِۦ مُلْتَحَدًا ﴿٢٢﴾ إِلَّا بَلَـٰغًا
مِّنَ ٱللَّهِ وَرِسَـٰلَـٰتِهِۦ ۚ وَمَن يَعْصِ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥ فَإِنَّ لَهُۥ نَارَ جَهَنَّمَ
خَـٰلِدِينَ فِيهَآ أَبَدًا ﴿٢٣﴾ حَتَّىٰٓ إِذَا رَأَوْا۟ مَا يُوعَدُونَ فَسَيَعْلَمُونَ
مَنْ أَضْعَفُ نَاصِرًا وَأَقَلُّ عَدَدًا ﴿٢٤﴾ قُلْ إِنْ أَدْرِىٓ أَقَرِيبٌ
مَّا تُوعَدُونَ أَمْ يَجْعَلُ لَهُۥ رَبِّىٓ أَمَدًا ﴿٢٥﴾ عَـٰلِمُ ٱلْغَيْبِ فَلَا
يُظْهِرُ عَلَىٰ غَيْبِهِۦٓ أَحَدًا ﴿٢٦﴾ إِلَّا مَنِ ٱرْتَضَىٰ مِن رَّسُولٍ فَإِنَّهُۥ
يَسْلُكُ مِنۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهِۦ رَصَدًا ﴿٢٧﴾ لِّيَعْلَمَ أَن قَدْ أَبْلَغُوا۟
رِسَـٰلَـٰتِ رَبِّهِمْ وَأَحَاطَ بِمَا لَدَيْهِمْ وَأَحْصَىٰ كُلَّ شَىْءٍ عَدَدًا ﴿٢٨﴾

10 (ءِ هي تہ اسان کي خبر ناهي تہ زمين وارن سان ڪو برائيءَ جو ارادو ڪيو ويو آهي) آسمان تي اهڙي حفاظتي اپائن جي ذريعي (يا سندن رب ساڻن هدايت جو ارادو ڪيو آهي) يعني ساڻن پلائي ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي. ابن زيد جو قول آهي تہ: ابليس چيو تہ: اسان کي خبر ناهي تہ انهيءَ ممانعت مان الله تعالىٰ جو مقصد زمين وارن تي ڪو عذاب ڪرڻ آهي، يا ڪنهن رسول کي موڪلڻ مراد آهي.

11 (ءِ هي تہ اسان مان ڪي صالح آهن) قرآن مجيد جي پڌڻ کان پوءِ، جڏهن جن پنهنجي قوم ۾ موٽي ويا ۽ کين دعوت ڏنائون تہ حضرت محمد ﷺ تي ايمان آڻيو. انهيءَ وقت اها ڳالهہ چيائون تہ اسان مان ڪي سڌريل آهن. (ءِ اسان مان ڪي ان کان سواءِ آهن) يعني ڪي ڪافر ۽ آهن. (اسان مختلف طريقن تي هياسون) متفرق جماعتون، مختلف ٽولين ۽ هڪ ٻئي جي ابتڙ خواهشون رکندڙ هياسون. سعيد بن زيد جو قول آهي تہ انهن مان ڪي مسلمان هئا، تہ ڪي يهودي، ۽ ڪي عيسائي تہ ڪي مجوسي هئا.

12 (ءِ هي تہ اسان سمجهي چڪا آهيون تہ اسان زمين ۾ الله کي ڪڏهن بہ عاجز نہ ڪري سگهنداسون) يعني جيڪڏهن الله تعالىٰ اسان تي ڪو حڪم لاڳو ڪرڻ چاهي تہ ان کي روڪي نٿا سگهون. (ءِ نڪي ان کان ڪو ڀڄي سگهنداسون).

13 (ءِ هي تہ اسان جڏهن سنئين رستي جي گالهہ ٻڌي تہ ان تي ايمان آندوسون) (پوءِ جيڪو پنهنجي رب تي ايمان آڻيندو، تنهن کي نہ ڪمي ڪوتاهيءَ جو انديشو ٿيندو ۽ نہ ڪنهن ظلم ستم جو خطرو ٿيندس) يعني تہ نقصان ڏسندو، نہ ڪنهن جي دشمني ۽ سرڪشيءَ سان واسطو پوندس.

14 (ءِ اسان مان ڪي فرمانبردار آهن) (ءِ اسان مان ڪي بي انصاف آهن) يعني ظالم. ڏاڍ ڪندڙ ۽ حق ۽ سچ جي واٽ کان ٽڙيل ۽ حد لنگهي ويندڙ آهن. (پوءِ جن اسلام آندو تہ اهي ئي آهن، جن پلائي ڳولي لڌي) يعني سچ ۽ حق جي واٽ جي ڳولا ۾ رهن ٿا، ۽ محنت ڪيائون، تانجو ان کي لڌائون.

15 (ءِ باقي رهيا ظالم تہ اهي جهنم جو ٻارُ ٿيندا) يعني اهي جنّ بہ ائين باهہ جو ٻارڻ ٿيندا، جيئن ڪافر انسان ان جو ٻارڻ ٿيندا.

16 (ءِ هي تہ جيڪڏهن سڌي رستي تي قائم رهن ها) يعني مون ڏانهن وحي ڪئي وئي آهي تہ حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪڏهن جنّ ۽ انسان، يا ٻئي قومون اسلام جي واٽ تي قائم رهن ها تہ (تہ يقيناً ڪين گهٽو پاڻي پياريون ها) يعني پوءِ پڪ الله انهن کي جهجهو پاڻي پيارڻ ڏئي ها.

17 (تہ جيئن اسان ڪين ان ذريعي پرکيون) يعني ڪين آزمايون ۽ ڏسون تہ الله تعالىٰ جي انهيءَ نعمت جو شڪرانو ڪهڙي نموني ادا ڪن ٿا؟ (ءِ جيڪو شخص پنهنجي رب جي ذڪر کان منهن موڙيندو، تنهن کي سخت عذاب ڏانهن هڪليندو) يعني جيڪو هن قرآن يا هن نصيحت کان منهن موڙيندو، تنهن کي سخت هاڃيڪار عذاب ۾ داخل ڪندو.

18 (ءِ هي تہ مسجدون خاص الله لاءِ آهن) يعني مون ڏانهن وحي ڪئي وئي آهي تہ مسجدون، بت پرستيءَ لاءِ نہ، الله جي بندگيءَ لاءِ خاص آهن. (پوءِ الله سان گڏ ڪنهن بہ ٻئي کي نہ پڪاريو) يعني الله کان سواءِ چاهي ڪير بہ هجي، ڪنهن کان بہ اهڙي مدد نہ گهرو، جنهن ۾ اها سگهہ نہ هجي، دعا بہ دراصل عبادت آهي.

19 (ءِ هي تہ جڏهن الله جو ٻانهو اٿي بيٺو) نبي سائين ﷺ جن مراد آهن. (ڪيس پڪارڻ لاءِ) يعني ان کان دعا گهرڻ ۽ ان جي عبادت ڪرڻ لاءِ، اڳ ۾ بيان ٿيو تہ اهو "بطن نخله" جو واقعو آهي. (تہ مٿس گاهٺ ڪرڻ تي هئا) يعني جنن جي حالت اها هئي جو رسول الله ﷺ جن جي تلاوت ٻڌڻ لاءِ سندن ايڏي رش ٿي وئي، جو ڇڻ اجهو ٿا گاهٺ ڪري مٿس ڪرن.

20 (چؤ تہ آءٌ رڳو پنهنجي رب کي پڪاريان ٿو، ۽ ان سان ڪنهن کي بہ شريڪ نٿو ڪريان).

21 (چؤ تہ آءٌ توهان لاءِ نہ ڪنهن نقصان جو مالڪ آهيان ۽ نہ ڪنهن نفعي جو) يعني توهان کان دين ۽ دنيا جي نہ ڪنهن نقصان کي روڪي ٿو سگهان ۽ نہ ڪا پلائي پهچائي ٿو سگهان.

22 (چؤ تہ بيشڪ مون کي الله کان ڪوبہ بچائي نٿو سگهي) (ءِ نہ ورڻ ان کان سواءِ ڪا پناهہ جي جاءِ لهندس) يعني الله تعالىٰ جي مقابلي ۾ ڪا پناهہ گاهہ، حفاظت جي ڪا جاءِ ۽ نجات جي ڪا سبيل نہ لهندس.

23 (بس رڳو الله جو پيغام ۽ ان جي رسالت پهچائڻ آهي) . يعني منهنجو منصب آهي تہ الله پاڪ جو پيغام پهچايان ۽ ان جي شريعت تي عمل ڪريان. تنهن ڪري جنهن ڪم جو ٻين کي حڪم ڪريان ٿو، منهنجو بہ فرض آهي تہ پاڻ بہ ان تي عمل ڪريان. جيڪڏهن ائين ڪندس تہ نجات ملندي، نہ تہ هلاڪ ٿي ويندس. (ءِ جيڪو الله ۽ سندس رسول جو حڪم نہ مڃيندو تہ ان لاءِ دوزخ جي باهہ آهي، جنهن ۾ هو سدائين پيل هوندا).

24 (تانجو جڏهن اها شيءِ ڏسندا جنهن جو کين وعدو ڪيو پيو وڃي) (تہ پوءِ سگهوئي ڄاڻندا تہ ڪير هيٺو آهي، مددگار جي لحاظ کان) يعني ڪنهن جو لشڪر طاقتور آهي، جيڪو ڪيس مدد ٿو ڏئي ۽ ڪنهن جو لشڪر هيٺو آهي، جيڪو ان جي ڪا مدد نٿو ڪري سگهي؟ (ءِ ڪير ڳهٹ آهي ڳاڻاٽي جي لحاظ کان) اهي ڪافر ۽ مشرڪ تعداد ۾ ڳهٹ آهن يا ايمان وارا؟

25 (چؤ تہ مونکي ڪابہ خبر ڪانهي تہ جيڪو وعدو اوهان کي ڏجي ٿو، سو ويجهو آهي) (يا منهنجو رب ان جي ڪا پي ڊگهي مدت مقرر

كندو) يعني قيامت اچڻ جي وقت کي رڳو رب تعالىٰ ئي ڄاڻي ٿو ته ان ۾ باقي ڪيترو وقت ۽ ڪيتري مدت آهي.

26 (هو غيب ڄاڻندڙ آهي، جيڪو پنهنجو غيب ڪنهن کي به نه ڄاڻائيندو آهي).

27 (سواءِ ان رسول جي جنهن کي هو پسند ڪندو آهي) هتي علم غيب جي باري ۾ پنهنجي پسنديده رسولن جو استثناء فرمايو آٿس ته انهن مان جنهن لاءِ الله پاڪ گهرندو آهي، تنهن کي وحي جي ذريعي ڪجهه جو علم عطا ڪندو آهي ته جيئن سندس نبوت جي سچائي لاءِ معجزو ۽ دليل ٿئي. نجومي، پٽرين ۽ پڪين جي ذريعي فال ڪڍندڙ ۽ ٻوپا وغيره الله جي انهن پسنديده بانهن ۾ شامل نه آهن، بلڪ اهي الله جو ڪفر ڪندڙ، ڪوڙي ڳالهه گهڙڻ ۽ اندازي ۽ اٽڪل کان ڪم وٺندڙ آهن. (ته پوءِ سندس اڳيان ۽ سندس پويان نگران مقرر ڪندو آهي) يعني الله تعالىٰ رسولن سڳورن جي حفاظت لاءِ، انهن جي اڳيان ۽ پويان فرشتا مقرر فرمائيندو آهي، جيڪي شيطانن جي مقابلي ۾ انهن جي حفاظت ڪندا آهن ته متان شيطان انهن جون ڳجهيون ڳالهيون ٻڌي ۽ چوري ڪري ٻوپن کي وڃي ٻڌائين.

28 (ته جيئن ڄاڻي ته انهن پنهنجي رب جا پيغام برابر پهچايا) يعني جيئن انهن کي غيب جو علم عطا ڪري ٿو، تيئن عملي اعتبار سان مشاهدو به فرمائي ته واقعي انهن پنهنجو فرض نيايو. (۽ جيڪي انهن وٽ آهي، تنهن جي ڪيس پوري خبر آهي) يعني جيڪي فرشتا، شيطانن جي گهٽ ۾ آهن، يا جيڪي فرشتا پيغمبرن سڳورن جي حفاظت لاءِ مقرر آهن، انهن کي ۽ انهن جي حال احوال کي الله تعالىٰ ڇڪيءَ طرح ڄاڻي ٿو. (۽ ان هر شيءِ جو ڳاڻاٽو ڳڻي ڇڏيو آهي).

سورة المزمل

1 (اي چادر ويڙهي سمهڻ وارا!) نبي ﷺ جن کي خطاب آهي. پهريون پيرو جبريل عليه السلام وحي آندي ته خوف وڃان چادر ويڙهي سمهي پيا. پوءِ حضرت جبريل امين جو آواز ٻڌائون ۽ ان ڏانهن نهاريائون ته کين ڏکٽي وٽي وئي: پنهنجي گهر واريءَ وٽ اچي چيائون ته "مون کي چادر ويڙهيو." "مون کي ڪمبل پارايو." ان کان پوءِ کين "اي نبي!" "اي رسول!" چئي خطاب فرمايو ويو ۽ حضرت جبريل عليه السلام سان مانوس ٿي ويا.

2 (اٽي رات پر تهجد پڙهه، پر ڪجهه گهٽ) يعني ساري رات جاڳي سبحان کي ساراهه، نماز پڙهه. مگر ٿوري دير پلي آرام فرماءِ.

3 4 (اڌ رات يا ان کان ٿورو گهٽ وقت، يا ان کان ڪجهه وڌيڪ) ڇڻ ته الله پاڪ فرمائي رهيو آهي ته: رات جون به ڪهايون، يا اڌ رات، يا ٽيون حصو جاڳو. مسند احمد ۽ صحيح مسلم ۾ سعد بن هشام کان روايت آهي ته: "مون عائشه رضي الله عنها کي چيو ته مون کي رسول الله ﷺ جن جي تهجد جي نماز جي باري ۾ ٻڌايو. پاڻ سڳوريءَ فرمايو ته ڇا سورة المزمل نه پڙهندو آهين؟ عرض ڪيم ته هائو! فرمايائين ته بيشڪ الله تعالىٰ هن سورت جي شروع ۾ تهجد جي نماز فرض فرمائي. سال ڪن نبي اڪرم ﷺ ۽ سندن ساٿي اها نماز پڙهندا رهيا، تانجو سندن پير سڄي ڀيا. ٻارهن مهينن کان پوءِ الله تعالىٰ ساڳي سورت جو آخري حصو لاٿو، جنهن ۾ آسانيءَ جو حڪم ڏنو. پوءِ تهجد فرض کان ڦري، نفل ٿيو". (۽ ناهي ناهي قرآن پڙهه) يعني قرآن کي آهستي آهستي، ناهي ناهي، سوچي سوچي حرف حرف ڪري پڙهه. (ترتيل) معنىٰ: حرفن کي اڇڙيءَ طرح چٽو ڪري پڙهجي جو انهن جي ادائيگي جو حق پورو ٿئي، پر بنا تڪلف ۽ تصنع جي پڙهجي.

5 (بيشڪ اسان توتي سگهوئي ڳرو فرمان لاهڻ وارا آهيون) يعني سگهوئي تو ڏانهن قرآن جي وحي موڪلينداسون. قرآن واقعي وزني فرمان آهي، ان ۾ فرائض، شرعي حدون، حلال ۽ حرام جا حڪم احڪام آهن، جن کي رڳو اهوئي ڪٽي ٿو سگهي.


سُورَةُ المُزَّمِّلِ

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

يَا أَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ﴿١﴾ قُمِ اللَّيْلَ إِلَّا قَلِيلًا ﴿٢﴾ نِّصْفَهُ أَوِ انقُصْ مِنْهُ قَلِيلًا ﴿٣﴾ أَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْآنَ تَرْتِيلًا ﴿٤﴾ إِنَّا سَنُلْقِي عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيلًا ﴿٥﴾ إِنَّ نَاشِئَةَ اللَّيْلِ هِيَ أَشَدُّ وَطْئًا وَأَقْوَمُ قِيلًا ﴿٦﴾ إِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيلًا ﴿٧﴾ وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ إِلَيْهِ تَبْتِيلًا ﴿٨﴾ رَّبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ فَاتَّخِذْهُ وَكِيلًا ﴿٩﴾ وَاصْبِرْ عَلَىٰ مَا يَقُولُونَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا جَمِيلًا ﴿١٠﴾ وَذَرْنِي وَالْمُكَذِّبِينَ أُولِي النَّعْمَةِ وَمَهِّلْهُمْ قَلِيلًا ﴿١١﴾ إِنَّ لَدَيْنَا أَنكَالًا وَجَحِيمًا ﴿١٢﴾ وَطَعَامًا ذَا غُصَّةٍ وَعَذَابًا أَلِيمًا ﴿١٣﴾ يَوْمَ تَرْجُفُ الْأَرْضُ وَالْجِبَالُ وَكَانَتِ الْجِبَالُ كَثِيبًا مَّهِيلًا ﴿١٤﴾ إِنَّا أَرْسَلْنَا إِلَيْكُمْ رَسُولًا شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَا أَرْسَلْنَا إِلَىٰ فِرْعَوْنَ رَسُولًا ﴿١٥﴾ فَعَصَىٰ فِرْعَوْنُ الرَّسُولَ فَأَخَذْنَاهُ أَخْذًا وَبِيلًا ﴿١٦﴾ فَكَيْفَ تَتَّقُونَ إِن كَفَرْتُمْ يَوْمًا يَجْعَلُ الْوِلْدَانَ شِيبًا ﴿١٧﴾ السَّمَاءُ مُنفَطِرٌ بِهِ ۚ كَانَ وَعْدُهُ مَفْعُولًا ﴿١٨﴾ إِنَّ هَٰذِهِ تَذْكِرَةٌ ۖ فَمَن شَاءَ اتَّخَذَ إِلَىٰ رَبِّهِ سَبِيلًا ﴿١٩﴾

جنهن جي دل کي رب ڪريم جي توفيق ملي ۽ سندس نفس توحيد سان سينگاريل هجي.

6 (بيشڪ رات جو اٽڪ) رات جو پهريون پهر ننڊ ڪري پوءِ عبادت لاءِ جاڳڻ کي (ناشئة) چئبو آهي. (اهو وڌيڪ ڏکيو آهي) ڏينهن جي نماز جي پيٽ ۾ رات جو اٽي نماز پڙهڻ، نمازيءَ لاءِ وڌيڪ ڳرو آهي. جاڳڻ ته رات ننڊ لاءِ هوندي آهي. (۽ قول ۽ قراءت لاءِ وڌيڪ ڪارائتو آهي) جاڳڻ ته رات ۾ دل جي حضوري نصيب ٿيندي آهي. قيام به ڇڪيءَ طرح ممڪن هوندو آهي، جو فضا ۾ خاموشي هوندي آهي ۽ دنيا ۾ سڪون هوندي آهي.

7 (بيشڪ ڏينهن ۾ تنهنجي لاءِ گهٽيون مشغوليتون آهن) يعني ڏينهن ۾ پنهنجين ضرورتن لاءِ اڇ وڇ ۽ اٺ ويهه وڌي ويندي آهي، تنهن ڪري رات جو اٽي تهجد جي نماز پڙهندو ڪر.

8 (تون پنهنجي رب جو نالو ياد ڪندو رهه) (۽ ڪٽجي رڳو ان ڏانهن ئي متوجه ٿي پؤ) يعني هر قسم جي مصروفيت ۽ مشغوليت کي ڇڏي، سڀني کان ڪٽجي رڳو الله جي عبادت ۽ ڪائنس هر پلاٽي جي التماس لاءِ متوجه ٿيءُ.

9 (اوپر ۽ اولهه جو رب آهي، ان کان سواءِ ٻيو کو به معبود ڪونهي) (بس! ان کي ئي پنهنجو ڪارساز بڻاءِ) يعني رڳو ان کي ئي پنهنجو ڪارساز ۽ سڀني ڪمن ۾ پنهنجو پرجهلو بڻاءِ.

10 (۽ جيڪي ڪجهه اهي چون تا، تنهن تي صبر ڪر) يعني سندن تڪليفن، بدشد ڳالهائڻ ۽ ٺٽوليون ڪرڻ تي صبر کان ڪم وٺ ۽ ان تي بي صبريءَ ۽ جزع فزع نه ڪر. (۽ کين ڇڏي ڏي، سهڻي نموني ڇڏڻ) يعني انهن سان منهن ماري نه ڪر ۽ نه ڪائنس

۞ إِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ أَنَّكَ تَقُومُ أَدْنَىٰ مِن ثُلُثَيِ ٱلَّيْلِ وَنِصْفَهُۥ وَثُلُثَهُۥ وَطَآئِفَةٌ
مِّنَ ٱلَّذِينَ مَعَكَ ۚ وَٱللَّهُ يُقَدِّرُ ٱلَّيْلَ وَٱلنَّهَارَ ۚ عَلِمَ أَن لَّن تُحْصُوهُ فَتَابَ
عَلَيْكُمْ ۖ فَٱقْرَءُوا۟ مَا تَيَسَّرَ مِنَ ٱلْقُرْءَانِ ۚ عَلِمَ أَن سَيَكُونُ مِنكُم مَّرْضَىٰ ۙ
وَءَاخَرُونَ يَضْرِبُونَ فِى ٱلْأَرْضِ يَبْتَغُونَ مِن فَضْلِ ٱللَّهِ ۙ وَءَاخَرُونَ
يُقَٰتِلُونَ فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ ۖ فَٱقْرَءُوا۟ مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ ۚ وَأَقِيمُوا۟ ٱلصَّلَوٰةَ وَءَاتُوا۟
ٱلزَّكَوٰةَ وَأَقْرِضُوا۟ ٱللَّهَ قَرْضًا حَسَنًا ۚ وَمَا تُقَدِّمُوا۟ لِأَنفُسِكُم مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوهُ
عِندَ ٱللَّهِ هُوَ خَيْرًا وَأَعْظَمَ أَجْرًا ۚ وَٱسْتَغْفِرُوا۟ ٱللَّهَ ۖ إِنَّ ٱللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٢٠﴾

سُورَةُ المُدَّثِّر

(ترتيبها ٧٤ آياتها ٥٦)

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

يَٰٓأَيُّهَا ٱلْمُدَّثِّرُ ﴿١﴾ قُمْ فَأَنذِرْ ﴿٢﴾ وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ ﴿٣﴾ وَثِيَابَكَ فَطَهِّرْ ﴿٤﴾
وَٱلرُّجْزَ فَٱهْجُرْ ﴿٥﴾ وَلَا تَمْنُن تَسْتَكْثِرُ ﴿٦﴾ وَلِرَبِّكَ فَٱصْبِرْ ﴿٧﴾
فَإِذَا نُقِرَ فِى ٱلنَّاقُورِ ﴿٨﴾ فَذَٰلِكَ يَوْمَئِذٍ يَوْمٌ عَسِيرٌ ﴿٩﴾ عَلَى ٱلْكَٰفِرِينَ
غَيْرُ يَسِيرٍ ﴿١٠﴾ ذَرْنِى وَمَنْ خَلَقْتُ وَحِيدًا ﴿١١﴾ وَجَعَلْتُ لَهُۥ مَالًا
مَّمْدُودًا ﴿١٢﴾ وَبَنِينَ شُهُودًا ﴿١٣﴾ وَمَهَّدتُّ لَهُۥ تَمْهِيدًا ﴿١٤﴾ ثُمَّ يَطْمَعُ
أَنْ أَزِيدَ ﴿١٥﴾ كَلَّآ ۖ إِنَّهُۥ كَانَ لِـَٔايَٰتِنَا عَنِيدًا ﴿١٦﴾ سَأُرْهِقُهُۥ صَعُودًا ﴿١٧﴾

بدلي وڻڻ جو ڪو فڪر ئي ڪر. چيو ويو آهي ته جنهن مصيبت وقت گهل گهوڙا ۽ شڪوه شڪايت نه هجي ته آهو "الهجر الجميل : يعني سهڻي نموني ڇڏڻ" آهي ۽ اهو حڪم مسلمانن کي جنگ جي اجازت ڏيڻ کان اڳ جو آهي.

(11) (۽ ڇڏي ڏي مون کي ۽ ڪوڙو پائيندڙن کي) يعني مون کي ۽ انهن کي ڇڏي ڏي، سندن باري ۾ ڪو ڏيان ئي نه ڏي، سندن مقابلي ۾ تنهنجي طرفان آءٌ ئي ڪافي آهيان. آءٌ انهن کان تنهنجو بدلو پاڻ وٺندس. (ڏن دولت وارن کي) يعني دولتمندن، سرندين ۽ وارن ۽ دنيا جي لذتن ۾ مشغول رهندڙن کي ڇڏي ڏي.

(۽ کين ٿورڙي مهلت ڏي) يعني کين موت تائين مهلت ڏي. يا دنيا ۾ مٿن عذاب اچڻ تائين مهلت ڏيڻ مراد آهي.

(12) (بيشڪ اسان وٽ گرا نيل آهن) معنيٰ هٿڪڙيون، زنجير ۽ گچيءَ جا گٽ آهن. پٽ پيا سخت قسم جا عذاب مراد ورتا ويا آهن. (۽ پڙڪندڙ باهه آهي).

(13) (۽ نڙيءَ ۾ اٽڪندڙ ڪاڏو آهي) يعني جيڪو ڪاڏو نڙيءَ ۾ اٽڪي پوي، نه هيٺ لهي نه باهر نڪري. (۽ ڏکوئيندڙ عذاب آهي).

(14) (جنهن ڏينهن ڏرتي ۽ جبل ڏيندا) يعني جيڪا به مخلوق مٿن رهي ٿي، تن سڏو ڏڏڻ ۽ لڏڻ لڳندا. "رجفة" سخت زلزلي کي چوندا آهن.

(۽ جبل واريءَ جا اڏرندڙ ڍير ٿي اڏرندا) يعني زلزلي جي سختيءَ سبب اڏرندڙ واريءَ وانگر ٿي پوندا.

(15) (بيشڪ اسان توهان ڏانهن هڪ گواهي ڏيندڙ رسول موڪليو آهي) يعني اسان جو رسول قيامت جي ڏينهن توهان جي عملن جي باري ۾ گواهي ڏيندو ته توهان الله جي نافرماني ڪئي. (جيئن فرعون ڏانهن رسول موڪليو هيو سون) يعني جيئن آن ڏانهن موسيٰ عليه السلام کي نبي ڪري موڪليوسون.

(16) (پوءِ فرعون ان پيغمبر جي نافرماني ڪئي) ۽ کيس ڪوڙو ڪيائين ۽ وٽس جيڪو حق انهيءَ آندو، تنهن تي ايمان نه آندائين. (پوءِ اسان کيس پڪڙيوسون، سخت پڪڙ) يعني اسان فرعون کي ٻوڙي، غرق ڪري، سخت عذاب ۾ سو گهو ڪيوسون.

(17) (پوءِ توهان ڪيئن بچندؤ) يعني پاڻ کي الله جي عذاب کان ڪيئن بچائيندؤ؟ (جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ) يعني جيڪڏهن پنهنجي ڪفر تي قائم رهندؤ (ان ڏينهن) (جيڪو ٻارڙن کي به ٻڍڙو ڪري ڇڏيندو) پنهنجي هيبتناڪيءَ جي ڪري، يعني عذاب جي سختي ۽ دهشت جو هي حال هوندو جو ننڍڙن ٻارڙن جا وار به اچائي ويندا.

(18) (جنهن ڏينهن آسمان به ڦاٽي پوندو) يعني سخت هولناڪي ۽ وڏي دهشت وچان آسمان ڏاروڻ ڏئي ڦاٽي پوندو ۽ فرشتا هيٺ لهي ايندا. (الله جو وعدو پورو ٿي رهٹو آهي) يعني الله جو وعدو لازماً هر حال پورو ٿيندو.

(19) (بيشڪ اها) يعني مٿين آيتن ۾ جيڪو بيان ٿيو (نصيحت آهي) يعني مؤمنن لاءِ نصيحت آهي. (پوءِ جيڪو گهري ته پنهنجي رب واري واٽ وٺي) يعني الله جي فرمانبرداري ڪري، توحيد تي هلي، ۽ سڌي چڱا عمل ڪري انهيءَ طريقي کي اختيار ڪري، جيڪو ڪيس الله جي راضپي ۽ جنت ۾ پهچائي.

(20) (بيشڪ تنهنجو رب ڄاڻي ٿو ته تون رات جي ٻن ٽهائين کان ڪجهه گهٽ ۽ اڌ رات ۽ ان جي ٽهائي اڻي تهجد پڙهندو آهين) معنيٰ هيءَ آهي ته الله تعالىٰ کي هن گاڙهه جي ڄاڻ آهي ته سندس رسول ﷺ جاڳي رات جو ڪڏهن ڏري گهٽ ۽ ٽهائيون عبادت ڪندو آهي، ته ڪڏهن اڌ رات ۽ ڪڏهن رات جو ٽيون حصو عبادت ۾ مشغول رهندو آهي. جيئن الله تعالىٰ کين هن سورت جي شروع ۾ حڪم فرمايو هيو. (۽ جيڪي ماڻهو تو سان گڏ آهن، انهن مان هڪ ٽولي به) يعني سندن اصحابن مان به هڪ ٽولي رات جو ايتري قدر جاڳي، الله جي عبادت ڪندي آهي. (۽ الله رات ۽ ڏينهن جو اندازو رکي ٿو) يعني رات ۽ ڏينهن جي مقدار کي حقيقت مطابق ڄاڻي ٿو ۽ کيس خبر آهي ته ڪيتري دير رات جو اڻي توهان سندس عبادت ڪريو ٿا. (ان ڄاڻو ته توهان هرگز ان کي پورو نه ڪري سگهندؤ) يعني توهان رات ڏينهن جي وقتن جو حقيقت مطابق اندازو نٿا ڪري سگهو. يا معنيٰ هي آهي ته الله کي ڄاڻ آهي ته توهان ۾ ايتري همت نه آهي جو رات جي ننڍ ڇڏي ايتري قدر عبادت ڪري سگهو. (سو توهان تي مهرباني ڪيائين) يعني توهان تي ڀاڄهه سان موٽيو ۽ تهجد جي بابت توهان کي رخصت ڏنائين، جو توهان عاجز ٿي پيا. پوءِ توهان تان اهو بار لاهي هلڪو ڪيائين ۽ توهان جي ڏکيائي کي آسانيءَ ۾ مٽائي ڇڏيائين. (پوءِ جيترو ٿي سگهي قرآن پڙهو) يعني وقت مقرر کان سواءِ جيتري قدر توهان لاءِ قرآن پڙهڻ سولو ٿئي، اوترو پڙهو. هن آيت امت تان تهجد جي فرضيت کي منسوخ ڪري ڇڏيو. (ڄاڻي ٿو ته توهان مان ڪي اجهو بيمار ٿيندا) ۽ اهي تهجد پڙهي نه سگهندا. (۽ ڪي ٻيا زمين ۾ الله جي فضل جي ڳولا لاءِ سفر ڪندا) يعني واپار ۽ فائدي لاءِ مسافري تي ويندا ۽ پنهنجون معاشي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ رزق جي تلاش ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪندا، تنهن ڪري تهجد پڙهي نه سگهندا. (۽ ٻيا الله جي راهه ۾ جهاد ڪندا) مجاهد مراد آهن، يعني اهي به تهجد پڙهي نه سگهندا. اهو حڪم مدينې ۾ جهاد جي فرض ٿيڻ کان اڳ نازل ٿيو. هتي الله تعالىٰ تهجد جي رخصت جا

تي سبب بيان فرمايا آهن، جن جي آڏار تي پوري امت تان اهو فرض معاف ٿيو. (سو اترو پڙهو جيترو ان مان آسان ٿئي، ۽ نماز قائم ڪريو) يعني فرض نماز ادا ڪريو. (۽ زڪوٰة ڏيو) يعني مالن مان فرض زڪاة ادا ڪريو. پٽ چيو ويو آهي ته پلائيءَ جي سيني ڪمن ۾ مال خرچ ڪرڻ مراد آهي. (۽ الله کي قرض ڏيو، سهڻو قرض ڏيڻ) يعني پلائيءَ جي سيني رستن ۾ پنهنجا مال سهڻي نموني خرچ ڪريو. پنهنجن ٻارن پچن تي، مجاهدن تي، ۽ فرضي زڪاة جي مدن ۾ خرچ ڪريو. (۽ جيڪا ب پلائي توهان پنهنجي لاءِ اڳتي موڪليندؤ) يعني هر پلائي، ڪهڙي ب هجي، ان جو مٿي ذڪر ٿيو هجي يا نه ٿيو هجي. (الله وٽ ان جو وڌيڪ پلو ۽ گهڻو وڏو اجر لهندؤ) يعني موت جي وقت خيرات ڪرڻ لاءِ جو ڪجهه توهان سنياري رکندا، يا پنهنجي وارثن کي وصيت ڪريو ته موت کان پوءِ توهان جي طرفان خرچ ڪن. سو سڀ ڪجهه توهان کي اتي جهجهو ٿي ملندو.
(۽ الله کان معافي گهرو، بيشڪ الله ڏاڍو بخشڻهار، مهربان آهي).

سورة المدثر

مفسرين حضرات جي قول مطابق رسول الله ﷺ جن وٽ وحيءَ جي شروعات ٿي ته جبريل امين کي آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ تخت تي چمڪندڙ موتيءَ وانگر ويٺل ڏٺائون. پاڻ گهبرائجي ويا ۽ بيهوش ٿي ڪري پيا. هوش ۾ آيا ته ام المؤمنين خديجه رضي الله عنها وٽ آيا ۽ پاڻي طلب فرمائي پنهنجي مٿان هاريائون ۽ فرمايائون ته: مون کي چادر ويڑهيو، چادر ويڑهيو. پوءِ کين ڪمبل ويڑهيو ويو.

1 (اي ڪمبل ويڑهڻ وارا!) يعني اي اها ذات! جيڪا پنهنجي ڪپڑن ۾ ويڑهجي سيڙهجي وئي آهي، يعني پاڻ کي ڍڪي ڇڏيو آهين.

2 (اٿ، پوءِ ڊيڄار) يعني اٿو ۽ جيڪڏهن مکي وارا اسلام نه آڻين ته کين الله جي عذاب ڪان ڊيڄاريو.

3 (۽ پنهنجي رب جي وڏائي بيان ڪر) يعني پنهنجي مالڪ، پنهنجي خالق ۽ پنهنجي مولیٰ جي وڏائي بيان ڪر. وڏائي، ڪبريائي ۽ عظمت الله جي صفت آهي، يعني الله هن ڳالهه کان تمام وڏو آهي ته ان جو ڪو شريڪ ۽ پائيوار هجي.

4 (۽ پنهنجن ڪپڑن کي پاڪ رک!) الله تعالیٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ کي ڪپڑن جي پاڪ رکڻ جو حڪم فرمائي رهيو آهي ته انهن کي ناپاڪيءَ کان بچاءِ. قتاده چوي ٿو ته مطلب هي آهي ته پاڻ کي گناهن کان پاڪ صاف رک.

5 (۽ پليتيءَ کان پري رهه) يعني بتن کان پري رهه ۽ انهن جي عبادت نه ڪر، ڇاڪاڻ ته انهن جي عبادت عذاب جو سبب ۽ خدا تعالیٰ جي قهر جو موجب آهي.

6 (۽ وڌيڪ وٺڻ لاءِ احسان نه ڪر) يعني نبوت جو بار کڻڻ سبب پنهنجي رب تي احسان نه ڄاڻاءِ، جيئن انهيءَ شخص جو حال هوندو آهي، جيڪو ٻئي جي ذميواري کڻي، پوءِ ان تي احسان ڄاڻائيندو آهي. يا هي مراد آهي ته: جڏهن کنهن کي عطيو يا بخشش ڏيو ته رب تعالیٰ جي راضپي لاءِ ائين ڪريو ۽ ماڻهن تي احسان نه ڄاڻايو.

7 (۽ پنهنجي رب خاطر صبر ڪر) يعني توهان کي هڪ عظيم ذميواري سونپي وڃي ٿي. سڳوئي عرب ۽ عجم وارا توهان سان جنگ جوٽيندا، تنهن ڪري الله تعالیٰ جي رضامندي لاءِ صبر کان ڪم وٺو.

8 (پوءِ جڏهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو) هتي پهرئين صور ڦوڪڻ مراد آهي. جڏ ته فرمايو وڃي ٿو ته سندن تڪليفن تي صبر ڪر، ڇاڪاڻ ته اڳيان هڪ هاڃيڪار ڏينهن اچڻ وارو آهي، جنهن ۾ پنهنجي معاملي جي پڇاڙي ڏسندا.

إِنَّهُۥ فَكَّرَ وَقَدَّرَ ﴿١٨﴾ فَقُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ﴿١٩﴾ ثُمَّ قُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ﴿٢٠﴾ ثُمَّ نَظَرَ ﴿٢١﴾ ثُمَّ عَبَسَ وَبَسَرَ ﴿٢٢﴾ ثُمَّ أَدْبَرَ وَٱسْتَكْبَرَ ﴿٢٣﴾ فَقَالَ إِنْ هَٰذَآ إِلَّا سِحْرٌ يُؤْثَرُ ﴿٢٤﴾ إِنْ هَٰذَآ إِلَّا قَوْلُ ٱلْبَشَرِ ﴿٢٥﴾ سَأُصْلِيهِ سَقَرَ ﴿٢٦﴾ وَمَآ أَدْرَىٰكَ مَا سَقَرُ ﴿٢٧﴾ لَا تُبْقِي وَلَا تَذَرُ ﴿٢٨﴾ لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ ﴿٢٩﴾ عَلَيْهَا تِسْعَةَ عَشَرَ ﴿٣٠﴾ وَمَا جَعَلْنَآ أَصْحَٰبَ ٱلنَّارِ إِلَّا مَلَٰٓئِكَةً ۙ وَمَا جَعَلْنَا عِدَّتَهُمْ إِلَّا فِتْنَةً لِّلَّذِينَ كَفَرُوا۟ لِيَسْتَيْقِنَ ٱلَّذِينَ أُوتُوا۟ ٱلْكِتَٰبَ وَيَزْدَادَ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓا۟ إِيمَٰنًا ۙ وَلَا يَرْتَابَ ٱلَّذِينَ أُوتُوا۟ ٱلْكِتَٰبَ وَٱلْمُؤْمِنُونَ ۙ وَلِيَقُولَ ٱلَّذِينَ فِى قُلُوبِهِم مَّرَضٌ وَٱلْكَٰفِرُونَ مَاذَآ أَرَادَ ٱللَّهُ بِهَٰذَا مَثَلًا ۚ كَذَٰلِكَ يُضِلُّ ٱللَّهُ مَن يَشَآءُ وَيَهْدِى مَن يَشَآءُ ۚ وَمَا يَعْلَمُ جُنُودَ رَبِّكَ إِلَّا هُوَ ۚ وَمَا هِىَ إِلَّا ذِكْرَىٰ لِلْبَشَرِ ﴿٣١﴾ كَلَّا وَٱلْقَمَرِ ﴿٣٢﴾ وَٱلَّيْلِ إِذْ أَدْبَرَ ﴿٣٣﴾ وَٱلصُّبْحِ إِذَآ أَسْفَرَ ﴿٣٤﴾ إِنَّهَا لَإِحْدَى ٱلْكُبَرِ ﴿٣٥﴾ نَذِيرًا لِّلْبَشَرِ ﴿٣٦﴾ لِمَن شَآءَ مِنكُمْ أَن يَتَقَدَّمَ أَوْ يَتَأَخَّرَ ﴿٣٧﴾ كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ رَهِينَةٌ ﴿٣٨﴾ إِلَّآ أَصْحَٰبَ ٱلْيَمِينِ ﴿٣٩﴾ فِى جَنَّٰتٍ يَتَسَآءَلُونَ ﴿٤٠﴾ عَنِ ٱلْمُجْرِمِينَ ﴿٤١﴾ مَا سَلَكَكُمْ فِى سَقَرَ ﴿٤٢﴾ قَالُوا۟ لَمْ نَكُ مِنَ ٱلْمُصَلِّينَ ﴿٤٣﴾ وَلَمْ نَكُ نُطْعِمُ ٱلْمِسْكِينَ ﴿٤٤﴾ وَكُنَّا نَخُوضُ مَعَ ٱلْخَآئِضِينَ ﴿٤٥﴾ وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ ٱلدِّينِ ﴿٤٦﴾ حَتَّىٰٓ أَتَىٰنَا ٱلْيَقِينُ ﴿٤٧﴾

9 (ته اهو ان ڏينهن ڏاڍو ڏکيو ڏينهن هوندو).

10 (ڪافرن تي سولو نه هوندو).

11 (ڇڏ مون کي ۽ ان کي جنهن کي مون اڪيلو پيدا ڪيو آهي) يعني جنهن شخص کي مون سندس ماءُ جي پيٽ ۾ اڪيلو ڪري پيدا ڪيو آهي، ان وقت نه وٽس مال هو، نه سندس ڪا اولاد هئي. يا هي مطلب آهي ته مون کي ۽ ان کي اڪيلو ڇڏي ڏي. بيشڪ تنهنجي بدلي وٺڻ لاءِ آءٌ ڪافي آهيان. مفسر حضرات جي قول مطابق وليد بن مغيره مراد آهي.

12 (۽ مون کيس جهجهو مال ڏنم). يعني تمام گهڻو مال عطا ڪيومانس.

13 (۽ آڏو رهندڙ پٽ ڏنامانس) يعني مون کيس اولاد عطا ڪئي، جيڪا هر وقت مکي ۾ ساڻس ڪڏ رهي ٿي، پيءُ جي مالدار هئڻ ڪري نه پٽ مسافريءَ تي وڃن ٿا ۽ نه رزق جي تلاش ۾ مجبور ٿي ان کان جدا ٿين ٿا.

14 (۽ چڱيءَ طرح کيس ڪشادگي ڏنم) يعني کيس عيش عشرت جي زندگي، ڏهڪي عمر ۽ قريش جي سرداري عطا ڪيم.

15 (وري هو لالچ ٿو رکي ته اڃان به کيس وڌايان).

16 (هرگز نه!) يعني اصل نه وڌائيندومانس. (بيشڪ اهو اسان جي آيتن جو دشمن آهي) يعني ويري ۽ هٿيل آهي ۽ اسان پنهنجي رسول ﷺ تي جيڪو ڪلام لاٿو آهي، تنهن جو انڪاري آهي.

17 (مان سڳهوئي کيس سخت تڪليف ۾ ڦاسائيندس) يعني سڳهوئي کيس اهڙي عذاب ۾ سوگهو ڪندس، جنهن کي برداشت ڪرڻ کنهن جي وَسَ ۽ وِتُ جي ڳالهه نه آهي.

18 (بيشڪ انهيءَ سوچيو ۾ رڻ ڪيائين) نبي ﷺ جن جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪيائين ۽ دل ئي دل ۾ متن تنقيد ڪرڻ ۽ (قرآن مجيد جي باري ۾) هٿ نوڪي ڳالهه چوڻ جي تياري ڪيائين. جنهن تي الله تعاليٰ سندس مذمت ڪئي.

19 (پوءِ مار پويس) يعني لعنت پويس ۽ عذاب ٿئيس.

(ڪهڙي نه رڻ ڪئي اٿس).

20 (وري مار پويس، ڪهڙي نه رڻ ڪئي اٿس).

21 (پوءِ نظر ڪيائين) يعني غور سان سوچڻ لڳو ته ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن سان قرآن جي مخالفت ۽ مقابلو ڪجي ۽ ان ۾ طعن زني ڪري سگهجي؟

22 (پوءِ گهنڊ وڌائين) يعني جڏهن قرآن تي اعتراض ڪرڻ جو ڪو شيءِ نه لڌائين ته پنهنجي منهن ۾ گهنڊ وڌائين. (۽ بڑ پيلو ڪيائين) يعني سندس منهن منجي ڪارو بڇڙو ٿي پيو.

23 (وري پنيرو ٿيو ۽ وڌائي ڪيائين).

24 (پوءِ چوڻ لڳو ته هيءُ ته رڳو هڪ جادو آهي جيڪو اڳين کان هلندو پيو اچي)، يعني چوڻ لڳو ته هيءُ قرآن ته جادوئي آهي جنهن کي محمد ﷺ ٻين کان نقل ڪري بيان ڪري رهيو آهي.

25 (هيءُ ته رڳو انساني ڪلام آهي) يعني هيءُ خدائي ڪلام نه آهي، پر انساني ڪلام آهي.

26 (اڇو ٿو ان کي جهنم واصل ڪريان) يعني سگهوئي ڪيس دوزخ واري باهه ۾ داخل ڪندس.

27 (توکي ڪهڙي خبر ته جهنم ڇا آهي)؟.

28 (نه ڪجهه رهائي ٿي ۽ نه ڪنهن کي ڇڏي ٿي).

29 (ماٺهن جو مهڪارو ڪندڙ آهي) قيامت جي ڏينهن دوزخ انسانن جي سامهون ايندي ۽ ان کي اڳين سان ڏسندا. پڻ چيو ويو آهي ته يعني دوزخ سندن ٻوٽن کي پيلو ڪندي ۽ انهن جو مهڪارو ڪري ڇڏيندي.

30 (ان تي اٺويهه ڇٽا آهن) دوزخ تي اٺويهه فرشتا (داروغا) مقرر ٿيل آهن. هي به ڇيو ويو آهي ته فرشتن جا اٺويهه قسم مٿس مقرر ٿيل آهن.

31 جڏهن الله تعاليٰ جو مٿيون فرمان مبارڪ (ته دوزخ تي اٺويهه فرشتا آهن) نازل ٿيو، ته ابوجهل چيو ته : ڇا محمد جي مددگارن جو تعداد رڳو اٺويهه آهي؟ اڙي! ڇا پوءِ توهان هن ڳالهه کان به عاجز آهيو ته توهان مان سؤ ڇٽا انهن مان هڪ هڪ فرشتي کي پڪڙي پوءِ دوزخ مان باهر نڪري اچن؟ جنهن تي هيءَ آيت نازل ٿي: (۽ اسان دوزخ تي رڳو فرشتن کي ئي مقرر ڪيو آهي) يعني ڪنهن جي اندر سندن مقابلي جي سگهه ۽ طاقت آهي؟ ۽ ڪير ٿو متن غالب ٿي سگهي؟ الهي الله جي مخلوق مان سڀ کان وڌيڪ سندس حقوق جي رکوالي ڪرڻ وارا، ۽ ان خاطر ڏمرجڻ وارا، سڀ کان وڌيڪ خوفناڪ ۽ سڀ کان وڌيڪ سگهارا، جبار آهن. (۽ اسان سندن گاٽاڻي کي رڳو ڪافرن لاءِ آزمائش بڻايو آهي) يعني مٿيون تعداد اسان رڳو ڪافرن کي گمراهي ۽ مونجهاري ۾ وجهڻ جو ذريعو بڻايو آهي، ته جيئن کين جيڪي ڪجهه چوڻو آهي، سو چون، ۽ پوءِ سندن عذاب ۾ اضافو ٿئي ۽ الله جو غضب متن وڌي. (ته جيئن اهل ڪتاب يقين ڪن) يهودي ۽ عيسائي اهل علم مراد آهن، جيڪي قرآن ۾ بيان ڪيل دوزخ جي داروغن جي تعداد کي سچو ڄاڻن ٿا، ڇاڪاڻ ته سندن ڪتاب ۾ به ساڳي ڳالهه آهي. (۽ جن ايمان آندو، سي ايمان ۾ وڌن) جڏهن کين اهل ڪتاب جي موافقت معلوم ٿيندي ته سندن ايمان ويتر وڌندو. ﴿وَلَا يَرْتَابَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ وَالْمُؤْمِنُونَ﴾ (۽ اهل ڪتاب ۽ مؤمن شڪ ۾ نه پون) (۽ جيئن الهي ماٺهو جن جي دلين ۾ بيماري آهي) يعني منافق (۽ ڪافر به) مڪي وارا ڪافر هجن، ڇاهي ٻيا هجن. (ته هن مثال ڏيڻ مان الله جو ڪهڙو مطلب آهي؟) يعني متئين عجيب غريب تعداد بيان ڪرڻ ۽ اهڙي مثال ڏيڻ مان آخر سندس ڪهڙو مقصد آهي؟ (ان ربك هو يضل من يشاء ويهدي من يشاء) الله جنهن کي چاهي گمراهه ٿو ڪري ۽ جنهن کي چاهي سڌي رستي ٿو لڳائي). (۽ تنهنجي رب جي لشڪرن کي ان کان سواءِ ٻيو ڪو نه ڄاڻي) يعني جيتوڻيڪ دوزخ جي داروغن جو تعداد اٺويهه آهي، پر سندن مددگار فرشتا بيحد وحساب آهن، جن جو تعداد الله سبحانه وتعاليٰ ئي ڄاڻي ٿو. (۽ الهي ڳالهيون رڳو انسانن لاءِ نصيحت آهن) يعني دوزخ ۽ ان جي داروغن جو بيان ڪيل تعداد در اصل جهان وارن لاءِ هڪ نصيحت ۽ يادگيري آهي، جيئن کين الله تعاليٰ جي قدرت جو ڪمال معلوم ٿئي ۽ الهي يقين ڄاڻن ته ڪيس ساڻين ۽ مددگارن جي ضرورت نه آهي.

32 (هرگز نه! قسم آهي چنڊ جو) يعني آءٌ بيان ڪيل انهيءَ حقيقت جي سچائي تي چنڊ ۽ انهن شين جو قسم ڪٽان ٿو، جيڪي هيٺ بيان ڪجن ٿيون.

33 (۽ قسم آهي رات جو، جڏهن پنيري ٽئي) يعني جڏهن اها ختم ٿيڻ واري هوندي آهي.

34 (۽ قسم آهي صبح جو، جڏهن روشن ٿيندي آهي) يعني جڏهن روشن ۽ چٽي ٿيندي آهي.

35 (بيشڪ اها وڏين مصيبتن مان هڪ آهي) يعني دوزخ بدترين مصيبتن مان هڪ ڏکوئيندڙ مصيبت آهي. ۽ ڇيو ويو آهي ته يعني ڪافرن ۽ مشرڪن جو حضرت محمد ﷺ کي ڪوڙو ڪرڻ هڪ زبردست مصيبت جي ڳالهه آهي.

36 (انسانن لاءِ ڈيڄاءُ آهي).

37 (جيڪو توهان مان اڳتي وڌڻ گهري) يعني ايمان آڻي. (يا پٺتي ٽيڻ گهري) يعني ڪفر ڪري.

38 (هر شخص پنهنجي عمل جي ڪري گروي ٽيل آهي) يعني هر شخص پنهنجي عمل سبب گرفتار ۽ گروي رکيل آهي. ان کي ان جو عمل نجات ڏيارينڊو يا هلاڪ ڪرائينڊو.

39 (سواءِ ساڄي پاسي وارن جي) مؤمن مراد آهن، ڇاڪاڻ ته الهي پنهنجن گناهن سبب گروي نه، بلڪ سندن نيڪ عملن جي ڪري آزاد ٽيل هوندا.

40 (جيڪي باغن ۾ هوندا، پڇا ڪندا).

41 (ڏوهارين کان).

42 (توهان کي ڪهڙي شيءِ دوزخ ۾ وڌو؟) جنتي دوزخين کان پڇندا ته ڪهڙي سبب جي ڪري جهنم ۾ پيا آهيو؟

43 (چوندا ته : اسين نماز پڙهڻ وارن مان نه هئاسون).

44 (۽ نه وري مسڪينن کي کاڌو کارائيندا هئاسون).

45 (۽ اسان بڪواسن سان گڏجي بڪواس ڪندا هئاسون) يعني باطل پرستن سان گڏ باطل ۾ لهه وچڙ ڪندا هئاسون. جڏهن کو گمراهه ٿيندو هو ته اسان به گڏجي سندس گمراهيءَ ۾ شريڪ ٿيندا هئاسون.

46 (۽ بدلي واري ڏينهن کي ڪوڙو پائيندا هئاسين).

47 (تانجو اسان وٽ يقين آيو) يعني موت آيو.

48 (پوءِ کين شفاعت ڪندڙن جي شفاعت فائدو نه ڏيندي).

49 (پوءِ کين ڇا ٿيو آهي، جو نصيحت کان منهن ٽا موڙين ؟) يعني ڇا ٿيو اٿن، ڪهڙي سبب جي ڪري قرآن کان منهن موڙين ٿا، جنهن ۾ عظيم نصيحتون ۽ زبردست هدايت جو سامان موجود آهي.

50 (جڻ ته الهي ٽهندڙ گڌهه آهن) يعني جڻ ته الهي وڏو ٽاهه کائيندڙ گڌهن وانگر آهن.

51 (نيزي باز شڪاريءَ کان ٻڪا آهن) يعني جيئن شڪاري جانور کي تير هٽندو آهي ته ٽاهه کائي وڃي پڇندو آهي، ڇيو ويو آهي ته عربي ٻوليءَ ۾ (قسورة) شينهن کي چئبو آهي. يعني

فَمَا تَنفَعُهُمْ شَفَٰعَةُ ٱلشَّٰفِعِينَ ﴿٤٨﴾ فَمَا لَهُمْ عَنِ ٱلتَّذْكِرَةِ مُعْرِضِينَ ﴿٤٩﴾ كَأَنَّهُمْ حُمُرٌ مُّسْتَنفِرَةٌ ﴿٥٠﴾ فَرَّتْ مِن قَسْوَرَةٍۭ ﴿٥١﴾ بَلْ يُرِيدُ كُلُّ ٱمْرِئٍ مِّنْهُمْ أَن يُؤْتَىٰ صُحُفًا مُّنَشَّرَةً ﴿٥٢﴾ كَلَّاۖ بَل لَّا يَخَافُونَ ٱلْءَاخِرَةَ ﴿٥٣﴾ كَلَّآ إِنَّهُۥ تَذْكِرَةٌ ﴿٥٤﴾ فَمَن شَآءَ ذَكَرَهُۥ ﴿٥٥﴾ وَمَا يَذْكُرُونَ إِلَّآ أَن يَشَآءَ ٱللَّهُ هُوَ أَهْلُ ٱلتَّقْوَىٰ وَأَهْلُ ٱلْمَغْفِرَةِ ﴿٥٦﴾

سُورَةُ القِيَامَةِ

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

لَآ أُقْسِمُ بِيَوْمِ ٱلْقِيَٰمَةِ ﴿١﴾ وَلَآ أُقْسِمُ بِٱلنَّفْسِ ٱللَّوَّامَةِ ﴿٢﴾ أَيَحْسَبُ ٱلْإِنسَٰنُ أَلَّن نَّجْمَعَ عِظَامَهُۥ ﴿٣﴾ بَلَىٰ قَٰدِرِينَ عَلَىٰٓ أَن نُّسَوِّيَ بَنَانَهُۥ ﴿٤﴾ بَلْ يُرِيدُ ٱلْإِنسَٰنُ لِيَفْجُرَ أَمَامَهُۥ ﴿٥﴾ يَسْـَٔلُ أَيَّانَ يَوْمُ ٱلْقِيَٰمَةِ ﴿٦﴾ فَإِذَا بَرِقَ ٱلْبَصَرُ ﴿٧﴾ وَخَسَفَ ٱلْقَمَرُ ﴿٨﴾ وَجُمِعَ ٱلشَّمْسُ وَٱلْقَمَرُ ﴿٩﴾ يَقُولُ ٱلْإِنسَٰنُ يَوْمَئِذٍ أَيْنَ ٱلْمَفَرُّ ﴿١٠﴾ كَلَّا لَا وَزَرَ ﴿١١﴾ إِلَىٰ رَبِّكَ يَوْمَئِذٍ ٱلْمُسْتَقَرُّ ﴿١٢﴾ يُنَبَّؤُا۟ ٱلْإِنسَٰنُ يَوْمَئِذٍۭ بِمَا قَدَّمَ وَأَخَّرَ ﴿١٣﴾ بَلِ ٱلْإِنسَٰنُ عَلَىٰ نَفْسِهِۦ بَصِيرَةٌ ﴿١٤﴾ وَلَوْ أَلْقَىٰ مَعَاذِيرَهُۥ ﴿١٥﴾ لَا تُحَرِّكْ بِهِۦ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهِۦٓ ﴿١٦﴾ إِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهُۥ وَقُرْءَانَهُۥ ﴿١٧﴾ فَإِذَا قَرَأْنَٰهُ فَٱتَّبِعْ قُرْءَانَهُۥ ﴿١٨﴾ ثُمَّ إِنَّ عَلَيْنَا بَيَانَهُۥ ﴿١٩﴾

سندن مثال جهنگلي گڏهه وانگر آهي، جيڪو چيري ڀڄي ويندڙ شينهن کي ڏسي پيجندو آهي.

(52) (بلڪ انهن مان هر شخص گهري ٿو ته کيس کليل ڪتاب ڏنا وڃن) مفسر چون ٿا ته قريش جي ڪافرن حضرت محمد ﷺ جن کي چيو ته اسان مان هر هڪ شخص جي مٿان الله جي طرفان نازل ٿيل کليل ڪتاب موجود هئڻ گهرجي، جنهن ۾ لکيل هجي ته توهان الله جا رسول آهيو.

(53) (ائين نه آهي! بلڪ انهن کي آخرت جو ڪو ڀؤ ئي ناهي).

(54) (اصل ڳالهه هي آهي ته اهو ته هڪ نصيحت آهي).

(55) (سو جنهن کي وٺي ته ان مان سبق پرائي).

(56) (۽ الله جي گهر کان سواءِ اهي نصيحت وٺي نه سگهندا) يعني ڪيئن هدايت وٺندا، مگر هي ته الله تعالىٰ کين هدايت ڏيڻ گهري. (اهو ئي ڊڄڻ جي لائق آهي) يعني الله ئي هن لائق آهي ته پرهيزگار ۽ متقي ماڻهو ان جو خوف ڪري، نافرماني ڇڏين ۽ سندس فرمانبرداريءَ وارو عمل ڪن. (۽ اهوئي بخشڻ وارو آهي) يعني اهو ئي هن لائق آهي ته مؤمنن جي ڪمزورين، ڪوتاهين ۽ گناهن کي بخشي.

سورة القيامة

(1) (آڱ قيامت جي ڏينهن جو قسم ٿو کڻان) هتي "لا" واڌو آهي ۽ معنىٰ هي آهي ته: آڱ قيامت جي ڏينهن جو قسم کڻان ٿو. رب تعالىٰ جي طرفان قيامت جي قائم ٿيڻ بابت قسم کڻڻ مان، انهيءَ ڏينهن جي اهميت ۽ هولناڪيءَ کي بيان ڪرڻ مقصد آهي ۽ اها ڳالهه الله کي ئي سونهي ٿي ته هو پنهنجي مخلوق مان جنهن جو چاهي، قسم کڻي.

(2) (۽ ملامت ڪندڙ نفس جو قسم ٿو کڻان) مؤمن جو نفس مراد آهي. ٿيل خطائن تي ملامت ڪندو آهي، ۽ پشيمان ٿيندو آهي. برائي ڪندو آهي ته به پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪندو آهي ته تون هي ڪم ڇو ڪيو؟ ۽ پلائيءَ جي ڪمن ۾ ڪوتاهيءَ تي به ڪيس ملامت ڪندو رهندو آهي ته تون وڌ ۾ وڌ ڇگا ڪم ڇو نه ڪيا؟ امام مقاتل چوي ٿو ته: ڪافر جو نفس مراد آهي. آخرت ۾ سندس نفس کيس الله جي باري ۾ کيل ڪوتاهيءَ تي حسرت ۽ لعنت ملامت ڪندو.

يا وري ٻنهي ڳالهين جو قسم کنيو ويو وڃي ته الله تعالىٰ سڳهوئي سندن هڏين کي گڏ ڪندو. پوءِ هر انسان کي جيئرو ڪندو ته جيئن ان کان حساب ڪتاب وٺي ۽ کيس سزا ۽ جزا ڏئي.

(3) (ڀلا انسان پائئي ٿو ته اسان سندس هڏين کي ڪڏهن به ميڙي گڏ نه ڪنداسون؟) يعني هڏيون جيڪڏهن پُري ۽ ڳري مٽيءَ ۾ رلي ملي ويندیون ته ڇا پوءِ اسان انهن کي نئين سر پيدا نه ڪنداسون؟ اهڙو گمان بلڪل باطل آهي.

(4) (هائو! اسان وس وارا آهيون) يعني هائو! اسان بالڪل انهن کي ميڙي گڏ ڪنداسون، وس وارا آهيون ته (سندس ڏوڏين کي گڏي برابر ڪري ڇڏيون) يعني اسان چاهيون ته سندس آڱرين کي گڏي هڪ ٻئي سان ملائي، اڻ جي پير وانگر ٽاف ۽ برابر ڪري ڇڏيون، پر اسان ته مٿس مهرباني ڪئي جو سندس آڱرين کي نندڙو، نرم، نازڪ ٻٽايوسون، جنهن ۾ جوڙ به آهن ته ننهن به آهن. سنهڙيون رڳون به آهن ته نرم هڏڙيون به آهن. چيو ويو آهي ته اها الله جي طرفان هڪ قسم جي تنبيه آهي ته هر ماڻهوءَ جي آڱرين جا ڏاريدار نشان، بناوت جي لحاظ سان هڪ ٻئي کان مختلف آهن، ۽ جيڪڏهن گهري ها ته انهن کي هڪجهڙو ڪري ڇڏي ها.

(5) (بلڪ انسان چاهي ٿو ته اڳتي به بچڙا ڪم ڪندو رهي) يعني انسان گهري ٿو ته ايندڙ زماني ۾ به برائيون ڪندو رهي، گناهه ڪندو رهي ۽ توبه ۾ تاخير ڪري. عمر پر گناهه ڪندو رهي، پر موت کي ياد نه ڪري.

(6) (پڇي ٿو ته قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ايندو؟) يعني ان کي ڏور ۽ اڻ ٿيٽو سمجهندي، يا ٺٽوليون ڪندي اهڙو سوال ڪري رهيو آهي.

(7) (پوءِ جڏهن اکيون ڏڙي ڏئي ويندیون) يعني جڏهن موت يا قيامت جي سختي ۽ سورَ ڏسندو، تڏهن خوفزده، حيران ۽ پريشان ٿيندو، اکيون ڦوٽارجي، دوڏا ترڦاٽجي ويندس.

(8) (۽ چنڊ بي نور ٿي ويندو) ان جي سڃي روشني مڪمل طرح ختم ٿي ويندي، دنيا ۾ چنڊ گرهڻ ٿيندي آهي ته ان جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ان جي روشني موٽي ايندي آهي، پر قيامت جي ڏينهن ائين نه ٿيندو.

(9) (۽ سج ۽ چنڊ کي گڏ ڪيو ويندو) يعني سج ۽ چنڊ ٻنهي جي روشني ختم ٿي ويندي، ۽ ٻئي گڏجي ويندا، پوءِ نه رات ايندي ۽ نه ڏينهن ٿيندو.

(10) (ان ڏينهن انسان چوندو ته آهي ڪا ڀڄڻ جي واهه)؟ يعني الله تعالىٰ ۽ سندس حساب ڪتاب ۽ عذاب کان ڀڄڻ جي ڪا واهه آهي؟

(11) (هرگز نه! ڪا واهه ڪانهي) يعني اڄ نه ڪو جبل آهي، نه ڪو قلعو ۽ ڪوٽ آهي ۽ نه ڪا پناهه گاهه آهي، جنهن جي اوٽ ۾ توهان پاڻ کي الله کان بچائي سگهو.

(12) (تنهنجي رب وٽ ئي ان ڏينهن ٽڪاءَ جو هنڌ آهي) يعني اهو ڏينهن تنهنجي پاڪ پالڻهار وٽ پيش پوڻ، ۽ ان جي آڏو وڃي بيهڻ جو آهي.

(13) (ان ڏينهن انسان کي ٻڌائبو جو ڪجهه اڳي موڪليائين ۽ پوئتي لاءِ ڇڏيائين).

(14) (بلڪ انسان پنهنجو پاڻ کي خوب ڄاڻي ٿو) يعني اڄ هو

كَلَّا بَلْ تُحِبُّونَ ٱلْعَاجِلَةَ ﴿٢٠﴾ وَتَذَرُونَ ٱلْآخِرَةَ ﴿٢١﴾ وُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ ﴿٢٢﴾
إِلَىٰ رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ﴿٢٣﴾ وَوُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ بَاسِرَةٌ ﴿٢٤﴾ تَظُنُّ أَن يُفْعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ ﴿٢٥﴾
كَلَّآ إِذَا بَلَغَتِ ٱلتَّرَاقِيَ ﴿٢٦﴾ وَقِيلَ مَنْ ۜ رَاقٍ ﴿٢٧﴾ وَظَنَّ أَنَّهُ ٱلْفِرَاقُ ﴿٢٨﴾ وَٱلْتَفَّتِ
ٱلسَّاقُ بِٱلسَّاقِ ﴿٢٩﴾ إِلَىٰ رَبِّكَ يَوْمَئِذٍ ٱلْمَسَاقُ ﴿٣٠﴾ فَلَا صَدَّقَ وَلَا صَلَّىٰ
﴿٣١﴾ وَلَٰكِن كَذَّبَ وَتَوَلَّىٰ ﴿٣٢﴾ ثُمَّ ذَهَبَ إِلَىٰٓ أَهْلِهِۦ يَتَمَطَّىٰٓ ﴿٣٣﴾ أَوْلَىٰ لَكَ
فَأَوْلَىٰ ﴿٣٤﴾ ثُمَّ أَوْلَىٰ لَكَ فَأَوْلَىٰٓ ﴿٣٥﴾ أَيَحْسَبُ ٱلْإِنسَٰنُ أَن يُتْرَكَ سُدًى ﴿٣٦﴾
أَلَمْ يَكُ نُطْفَةً مِّن مَّنِىٍّ يُمْنَىٰ ﴿٣٧﴾ ثُمَّ كَانَ عَلَقَةً فَخَلَقَ فَسَوَّىٰ ﴿٣٨﴾ فَجَعَلَ مِنْهُ
ٱلزَّوْجَيْنِ ٱلذَّكَرَ وَٱلْأُنثَىٰٓ ﴿٣٩﴾ أَلَيْسَ ذَٰلِكَ بِقَٰدِرٍ عَلَىٰٓ أَن يُحْۦِۦَ ٱلْمَوْتَىٰ ﴿٤٠﴾

سُورَةُ الإِنسَانِ

ترتيبها ٧٦ — آياتها ٣١

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

هَلْ أَتَىٰ عَلَى ٱلْإِنسَٰنِ حِينٌ مِّنَ ٱلدَّهْرِ لَمْ يَكُن شَيْـًٔا مَّذْكُورًا ﴿١﴾
إِنَّا خَلَقْنَا ٱلْإِنسَٰنَ مِن نُّطْفَةٍ أَمْشَاجٍ نَّبْتَلِيهِ فَجَعَلْنَٰهُ سَمِيعًۢا
بَصِيرًا ﴿٢﴾ إِنَّا هَدَيْنَٰهُ ٱلسَّبِيلَ إِمَّا شَاكِرًا وَإِمَّا كَفُورًا ﴿٣﴾
إِنَّآ أَعْتَدْنَا لِلْكَٰفِرِينَ سَلَٰسِلَا۠ وَأَغْلَٰلًا وَسَعِيرًا ﴿٤﴾ إِنَّ
ٱلْأَبْرَارَ يَشْرَبُونَ مِن كَأْسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُورًا ﴿٥﴾

پنهنجي نفس جي حقيقت خوب جاڻي ٿو تہ هو ايمان تي آهي يا ڪفر تي، فرمانبردار آهي يا نافرمان، سڌي راهہ تي آهي يا ڏنگائي تي. هي معنىٰ بہ چئي وئي آهي تہ سندس عضوا سندس خلاف شاهدي ڏيندا.

15 (ڪٽي پنهنجا ڪيترائي عذر ئي عذر پيش ڪري) يعني پل پنهنجا عذر ۽ بهانا پيش ڪري ۽ عذاب کان بچڻ لاءِ جهيڙو جهٽو ڪري، پر اها ڳالهہ ڪيس فائدو نہ ڏيندي، بلڪ سندس خلاف اهڙيون سچيون شاهديون پيش ٿيندیون، جو سندس سڀ عذر ۽ حيلا بهانا ڪوڙا ثابت ٿيندا.

16 (ان ڪي جلدي (ياد ڪرڻ) لاءِ پنهنجي زبان گهٽي نہ چور) قرآن ڪريم جي نازل ٿيڻ وقت جبرئيل عليہ السلام جي وحي پڙهي پوري ڪرڻ کان اڳ ئي نبي ڪريم ﷺ جن ان کي جلدي ياد ڪرڻ خاطر پنهنجن چپن ۽ زبان مبارڪ کي تڪڙو تڪڙو چورييندا هئا، جنهن تي هيءَ آيت لٿي، تہ وحي نازل ٿيڻ مهل هن خيال کان تہ متان ڪجهہ رهجي وڃي، پنهنجي زبان کي تڪڙو نہ هلايو.

17 (بيشڪ ان جو گڏ ڪرڻ اسان تي ئي آهي) يعني الله تعالىٰ ئي ان کي توهان سيني ۾ محفوظ ڪندو، تانجو ان جو ڪو حصو باقي نہ رهندو. (۽ ان جو پڙهڻ بہ) يعني الله پاڪ ئي ان جي تلاوت توهان جي زبان تي صحيح سهڻي نموني جاري فرمائيندو.

18 (پوءِ جڏهن اسان ان کي پڙهون) يعني جبرئيل امين عليہ السلام جي زباني وحي جي تلاوت پوري ڪريون. (پوءِ ان جي تلاوت جي پيروي ڪر) يعني ڏيان ڏئي، خاموشيءَ سان ان کي ٻڌ، پوءِ ان وانگر تلاوت ڪر.

19 (پوءِ بيشڪ ان جو بيان بہ اسان تي آهي) يعني ان جي حلال ۽ حرام حڪمن ۽ مشڪل مسئلن جو تفسير ۽ وضاحت ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي. ان کان پوءِ جڏهن جبرئيل امين عليہ السلام ايندو هو تہ پاڻ سڳورا خاموش رهندا هئا. وري جڏهن وحي پورو ٿيندو هو تہ قرآن سندن زبان مبارڪ تي جاري ٿي ويندو هو، جيئن الله تعالىٰ ساڻن وعدو فرمايو.

20 (هرگز نہ! بلڪ توهان دنيا کي پسند ٿا ڪريو).

21 (۽ آخرت کي ڇڏي ٿا ڏيو).

22 (ان ڏينهن ڪي منهن پهڪندڙ هوندا) يعني قدرتي نعمتن سبب تروتازا، سهڻا ۽ سباجهڙا هوندا.

23 (پنهنجي رب ڏانهن نهارينڈڙ هوندا) يعني پنهنجي رب کي ڏسندا. صحيح ۽ متواتر حديثن ۾ آهي تہ صالح ماڻهو قيامت جي ڏينهن پنهنجي رب کي چوڌهين جي چنڊ وانگر ڏسندا.

24 (۽ ڪي منهن ان ڏينهن ڦيلا هوندا) يعني ڪارا، لوساٽيل، ڦيلا، بيڄڙا، اداس ۽ غمگين هوندا.

25 (پائيندا تہ ساڻن ڇيلهہ ٿوڙ معاملو ڪيو ويندو) (فاقرة) يعني وڏي مصيبت، اهڙي جو ڇيلهہ ٽوڙي، ڪَندي جا مٽڪا ڇيڪ ڇڏي. يعني پڪ سمجهندا تہ متن اهڙي مصيبت اچڻ واري آهي جيڪا ڇيلهہ ڇيڪي، ڪمر ٽوڙي ڇڏيندين.

26 (خبردار! جڏهن ساهہ لُڪيءَ تي پهچندو) يعني جڏهن ساهہ يا روح نڙ گهٽ ۾ پهچندو. (ترقوة) نڙ گهٽ واري هڏي کي چئبو آهي. "نڙ گهٽ ۾ ساهہ پهچڻ" موت جي ويجهي هجڻ جي نشاني آهي.

27 (۽ چيو ويندو تہ آهي ڪو ڦيٽو رکندڙ؟) يعني فوتيءَ ۽ موتي وٽ موجود ماڻهو هڪ ٻئي کي چوندا، تہ ڪو ٽوٽو ڦيٽو رکندڙ ۽ ڪو طبيب ڳوليو، تہ ڪا شفا ٿئيس. پر الله جي حڪم کان ڪو بہ ڪيس بچائي نہ سگهندو.

28 (۽ پڪ ٿيندس تہ اهو جدائيءَ جو وقت آهي) يعني ساهہ جي نڙ گهٽ ۽ لڪيءَ تي پهچڻ مهل فوتيءَ کي يقين ٿي ويندو آهي تہ هي هن جهان کان لاڏاڻي، ٻارن ٻچن ۽ پنهنجي مال متاع کان جدائي جو وقت آهي.

29 (۽ پني، پنيءَ سان وڇڙي پوندي) يعني سڪرات مهل پني پنيءَ سان وچڙي ويندي آهي، ٽنگن مان ساهہ چڏائجي ويندو آهي، پنيون سڪي ويندیون آهن، پنهنجي بار ڪٽڻ جوڳيون نہ رهنديون آهن، حالانڪ اڳ انهن جي ذريعي پيو گهمندو ڦرندو، چڪر ڏيندو هو. ان وقت ماڻهو ان جي جسم کي پورڻ جي ڪوشش ۾ ۽ فرشتا ان جي روح کي ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ هوندا آهن.

30 (ان ڏينهن تنهنجي رب ڏانهن هلڻو آهي) يعني روحن کي جسمن مان ڪڍڻ کان پوءِ، تنهنجي خالق جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويندو.

31 (پوءِ نہ تصديق ڪيائين ۽ نہ نماز پڙهيائين) يعني نہ الله جي رسول ﷺ جي تصديق ڪيائين، نہ قرآن کي مڃيائين، ۽ نہ وري پنهنجي رب جي عبادت ڪيائين، سو نہ پنهنجي دل سان ايمان آندائين ۽ نہ پنهنجي بدن سان چڱا ڪم ڪيائين.

32 (۽ پر ڪوڙو ڪيائين ۽ منهن ڦيرايائين) يعني الله جي رسول ۽ سندس آندل پيغام کي ڪوڙو ڪيائين ۽ اطاعت ۽ ايمان کان منهن موڙيائين.

33 (وري آکڙجي پنهنجي گهر وارن ڏانهن هليو) يعني ٽاڻ ٿو ڪري ۽ وڏائي مان آکڙجي ٿو هلي، يا حق جي دعوت کان ڳرو ٿو ٿئي ۽ بوجهہ ٿو پائيئين.

34 35 (ويل هجي تولاءِ، پوءِ ويل هجي. وري بہ ويل هجي تولاءِ، پوءِ ويل هجي) يعني تنهنجي لاءِ ويل جي مٿان ويل هجي. ان جو اصل هي آهي تہ جيڪا شيءِ توکي نہ وٽي، اها ئي توکي الله سائين بَجي ڇڏي، بار بار اها توکي چنبڙندي رهي.

36 (ڇا انسان پائي ٿو تہ ڪيس واندو ڇڏي ڏبو) يعني ان کي

ائين ئي اجايو ۽ بيڪار ڇڏيو ويندو، نہ ان کي کو حڪم ڪبو، نہ کارووڪ جهل، نہ ان کان حساب ورتو ويندو ۽ نہ ان کي کا سزا ملندي؟

37 (چا اهو مني جو قڙو نہ هو، جيڪو ٽپڪائبو آهي؟) يعني چا انسان جي پيدائش منيءَ جي انهيءَ قطري مان نہ آهي، جيڪو رحم ۾ ڳاڙيو ۽ ٽپڪايو ويندو آهي؟

38 (وري رت جو دڳو ٿيو، پوءِ ان کي ناهي نوهي خلقيائين).

39 (پوءِ ان مان ٻہ جنسون : نر، ماد بنايائين).

40 (چا ناهي اهو) يعني اهو الله جنهن اهڙي عجيب مخلوق کي نئين سر وجود ڏنو ۽ ان جي سگهہ رکيائين (هن ڳالهہ تي قدرت رکندڙ، تہ مئن کي جياري؟) يعني جيئن انهن کي دنيا ۾ پيدا کيائين، چا تيئن کين ٻيهر آخرت ۾ جياري نہ سگهندو؟ چاکاڻ تہ کنهن ٻہ شيءِ کي ٻيهر ٺاهڻ، پهرئين پيري ٺاهڻ جي بنسبت سولو هوندو آهي.

سورة الانسان

1 (چا آيو هو انسان تي) يعني يقينا ماڻهن تي گذريو آهي سندن پيءُ آدم جي صورت ۾ (زماني جو هڪ اهڙو وقت) چيو ويو آهي تہ منجهس روح ڦوڪڻ کان چاليهہ سال اڳ، جڏهن کيس مٽيءَ مان، پوءِ سڙيل گاري مان، پوءِ ڪڙڪندڙ مٽيءَ مان پيدا کيو ويو. (جو اهو ذکر جوڳي کا شيءِ نہ هو) يعني سندس بدن ۾ روح جي پوڻ کان اڳ اهو کا قابل ذکر شيءِ نہ هو. پڻ چيو ويو آهي تہ يعني ڪائنات ۾ اهڙو زمانو گذريو آهي، جڏهن نہ آدم ۽ نالي کا شيءِ هئي، نہ کيس خلقيو ويو هو ۽ نہ کا مخلوق ان جو کو تذڪرو ڪندي يا نالو ڪٺندي هئي.

2 (اسان انسان کي رليل مليل نطفي مان پيدا کيو) يعني اسان ان کي مرد ۽ عورت جي گڏيل وچڙيل نطفي مان پيدا کيو آهي. پڻ چيو ويو آهي تہ (آمشاج) معنيٰ (اخلاط) : وچڙيل سچڙيل. يعني اسان ان کي انهن رليل مليل قسم جي عنصرن ۽ مختلف مزاجن مان بنايو آهي، جن مان انسان کي جوڙيو ويو آهي. (جيئن کيس آزمايون) يعني سندس پيدائش جو اصل مقصد، خير ۽ شر ۽ شرعي تڪليفن جي ذريعي کيس آزمائڻ آهي. (پوءِ کيس ٻڌندڙ، ڏسندڙ ڪيوسون) يعني منجهس هوش حواس رکياسون، تہ جيئن پنهنجي مقصد جو چگيءَ طرح ادراڪ ڪري سگهي، پوءِ کيس آزمائي ٻہ سگهون.

3 (بيشڪ اسان کيس رستو ڏيکاريو، چاهي شڪر گذاري ڪري، يا چاهي ناشڪرو ٿئي) يعني کيس سليم طبع ۽ ڪامل عقل جي ذريعي هدايت ۽ گمراهي، خير ۽ شر، نفعو ۽ نقصان سڀ ڪجهہ چٽو ڪري سمجهايوسون، هاڻي سندس مرضي آهي تہ شڪر گذار ٻانهو ٿي زندگي گذاري يا احسان فراموش ٿئي.

4 (بيشڪ اسان ڪافرن لاءِ زنجيرون ۽ ڳٽ ۽ ٻڙڪندڙ باهہ تيار ڪئي آهي) يعني انهن شين جي ذريعي کيس سخت عذاب ڏيندا سون. (اغلال) غل مان ورتل آهي، معنيٰ اهي ڳٽ جن سان هٿ ورائي ڳاٽي سان ٻڌبا آهن. (سعير) معنيٰ ٻڙڪندڙ مچ .

5 (بيشڪ نيڪو ڪار اهڙن پيالن مان پيئندا جن جو ذائقو ڪافور وانگر هوندو) يعني ان ۾ پاڪ شراب جي خوشبو ۽ لذت پيدا ڪرڻ خاطر ڪافور جي ملاوٽ ڪئي ويندي.

6 (هڪ چشمو آهي، جنهن مان الله جا ٻانها پيئندا) يعني ان چشمي جو شراب پيئندا. هي مطلب ٻہ ٿي سگهي ٿو تہ اهڙو شراب پيئندا جنهن ۾ انهيءَ چشمي جو پاڻي پيل هوندو. (ان مان واهيون وهائينديا) جيئن دنيا ۾ هيڏي هوڏي نهرن مان واهہ ۽ واهن مان واهيون ڪوٽي مختلف مقصدن لاءِ پاڻي حاصل ڪبو آهي.

7 (اُهي نذر پوري ڪندا آهن) يعني کين اهو بدلو هن ڪري ملندو جو اهي الله تعالىٰ لاءِ پنهنجي باسيل باس پوري ڪندا هئا. ٻانهوجيڪي ڪم الله جي رضا لاءِ پاڻ تي پاڻ واجب ڪري، حالانڪ شريعت ۾ مٿس فرض نہ هجن، تنهن کي "نذر" چئجي ٿو، مثلاً (نفلي) نماز، روزو، قرباني وغيره. (۽ اهي انهيءَ ڏينهن کان ڊڄندا آهن، جنهن جي برائي هر طرف چانيل هوندي) قيامت جو ڏينهن مراد آهي، جنهن جي برائي پوري ڪائنات ۾ پکڙيل هوندي، تانجو آسمان قاٽي پوندا، تارا ٽڙي پکڙجي ويندا، زمين کي ڪٽيو ويندو ۽ جبل ڪپهہ وانگر اڏامندا.

8 (۽ کاڏو کارائين ٿا ان جي محبت هوندي، مسڪين ۽ يتيم ۽ قيدي ۽ کي) يعني انهن ٽنهي قسمن جي ماڻهن کي، کاڏي جي کمي، پنهنجي ضرورت ۽ ان سان محبت جي باوجود، کارائيندا آهن. هي ٻہ چيو ويو آهي تہ يعني الله جي محبت ۽ سندس رضا خاطر ٻين کي کاڏو کارائيندا آهن.

9 ۽ دل ۾ چون ٿا تہ : (اسان توهان کي رڳو الله کارڻ کاڏو کارايون ٿا) (اسان اوهان کان نہ کو بدلو گهرئون ٿا ۽ نہ کو شڪرانو) .يعني انهيءَ پلائي تي نہ بدلي جي اميد ٿا رکن ۽ نہ ماڻهن طرفان ساراهہ ٿا چاهن. الله تعالىٰ سندن قلبي اخلاص ۽ سچائيءَ کي چگيءَ طرح ڄاڻي ٿو، انهيءَ ڪري سندن ساراهہ ٿو فرمائي.

10 (بيشڪ اسان پنهنجي رب طرفان، ٽيوڙيءَ واري ڏينهن کان ڊڄون ٿا) جنهن جي سختي ۽ مصيبت سبب ماڻهن جا ٻوٽ ٻڇڙا ۽ پيلا هوندا. سخت ڏکيائي (هاڃيڪار کان). يعني جنهن ڏينهن اکيون ۽ پروان گهنڊجي ويندين، هي ٻہ چيو ويو آهي تہ مصيبت جي اعتبار کان اهو ڏينهن انتهائي سخت ۽ تمام ڏکوئڻ ڏينهن هوندو.

11 (پوءِ الله کين ان ڏينهن جي تکليف کان بچايو) (۽ کين تازگي ۽ خوشي ڏني) يعني کافرن جي چهرن تي چانيل بيزاري ۽ بدحواسي جي مقابلي ۾ هنن جي چهرن تي ٻهڪ ۽ تازگي ۽ دلين ۾ خوشي عطا ڪندو. آسودگيءَ واري نعمت جي ڪري چهرن تي جيڪا چٽائي، رونق ۽ سونهن پيدا ٿيندي آهي، تنهن کي عربي ۾ "نضرة" چئبو آهي.

12 (۽ سندن صبر جي عوض کين باغ ۽ پٽ پٽيهر ڏنائين).

13 (ان ۾ پلنگن تي ٽيڪ ڏئي ويهندا) سندن بدلو جنت آهي، جتي سندن لاءِ پلنگ رکيل هوندا، جن جي مٿان سونا تاج لڙڪل هوندا. (اتي نہ اُس ڏسندا ۽ نہ گهٽي سردي) يعني جنت ۾ نہ سج جي اس ۽ گرمي ڏسندا ۽ نہ پاري جهڙي سردي.

14 (۽ ان جون ڇانئون مٿن ويجهيون هوندیون) جيتوٽيڪ اتي سج نہ هوندو، تڏهن بہ وٽن جا ڇاڇا انهن جي ويجهو هوندا، جيئن انهن تي نعمتن جي تڪميل ٿئي. (۽ ان جي ميون جا ڇڪا پٽن لاءِ سندن پهچ ۾ ڪيا ويندا) يعني جنت جا ميوا نوائي سندن پهچ ۾ ڪيا ويندا. پيني، وينيِ، سمهئي پئي، آسانيءَ سان پٽي کائي سگهندا، نہ پٽڻ کان پري هوندا ۽ نہ وري سندن هٿن کي کنهن ڪندي وغيره لڳڻ جو کو خطرو هوندو.

15 (۽ مٿن چاندي جا ٽانو ۽ شيشي جا گلاس پيا ڦيرايا ويندا) يعني جڏهن کا شيءِ پيئڻ گهرندا تہ جنتي خدمتگار چانديءَ جا جگ ۽ شيشي جا گلاس پري مٿن پيا ڦرندا رهندا.

16 (شيشا چانديءَ وارا) (قوارير) شيشي کي چئبو آهي، دنيا ۾ شيشو واريءَ مان ٺهندو آهي، تنهن ڪري الله تعالىٰ هتي جنت جي شيشي جي فضيلت بيان فرمائي تہ اهو اصل چانديءَ مان ٺهيل آهي، جنهن جي ٻاهران، ان جي اندرئين شيءِ نظر ايندي آهي. (جن کي انهن پوري اندازي سان ٺاهيو هوندو) جنهن شڪل ۽ صورت ۾ اهي چاهيندا، بلڪل انهيءَ ۾ بنا کنهن گهٽ وڌائي جي اهي ٽانو ٺهي ويندا.

17 (۽ اتي کين پيالا پياريا ويندا، جنهن ۾ سنڌ ميل هوندي) يعني انهن گلاسن ۾ اهڙو پاڪ شراب پيئندا، جنهن ۾ سنڌ پيل هوندي.

عَيْنًا يَشْرَبُ بِهَا عِبَادُ ٱللَّهِ يُفَجِّرُونَهَا تَفْجِيرًا ﴿٦﴾ يُوفُونَ بِٱلنَّذْرِ وَيَخَافُونَ
يَوْمًا كَانَ شَرُّهُۥ مُسْتَطِيرًا ﴿٧﴾ وَيُطْعِمُونَ ٱلطَّعَامَ عَلَىٰ حُبِّهِۦ مِسْكِينًا
وَيَتِيمًا وَأَسِيرًا ﴿٨﴾ إِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ ٱللَّهِ لَا نُرِيدُ مِنكُمْ جَزَآءً وَلَا شُكُورًا
﴿٩﴾ إِنَّا نَخَافُ مِن رَّبِّنَا يَوْمًا عَبُوسًا قَمْطَرِيرًا ﴿١٠﴾ فَوَقَىٰهُمُ ٱللَّهُ شَرَّ ذَٰلِكَ
ٱلْيَوْمِ وَلَقَّىٰهُمْ نَضْرَةً وَسُرُورًا ﴿١١﴾ وَجَزَىٰهُم بِمَا صَبَرُوا۟ جَنَّةً وَحَرِيرًا
﴿١٢﴾ مُّتَّكِـِٔينَ فِيهَا عَلَى ٱلْأَرَآئِكِ ۖ لَا يَرَوْنَ فِيهَا شَمْسًا وَلَا زَمْهَرِيرًا ﴿١٣﴾
وَدَانِيَةً عَلَيْهِمْ ظِلَٰلُهَا وَذُلِّلَتْ قُطُوفُهَا تَذْلِيلًا ﴿١٤﴾ وَيُطَافُ عَلَيْهِم بِـَٔانِيَةٍ
مِّن فِضَّةٍ وَأَكْوَابٍ كَانَتْ قَوَارِيرَا۠ ﴿١٥﴾ قَوَارِيرَا۠ مِن فِضَّةٍ قَدَّرُوهَا تَقْدِيرًا ﴿١٦﴾
وَيُسْقَوْنَ فِيهَا كَأْسًا كَانَ مِزَاجُهَا زَنجَبِيلًا ﴿١٧﴾ عَيْنًا فِيهَا تُسَمَّىٰ سَلْسَبِيلًا
﴿١٨﴾ ۞ وَيَطُوفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَٰنٌ مُّخَلَّدُونَ إِذَا رَأَيْتَهُمْ حَسِبْتَهُمْ لُؤْلُؤًا مَّنثُورًا
﴿١٩﴾ وَإِذَا رَأَيْتَ ثَمَّ رَأَيْتَ نَعِيمًا وَمُلْكًا كَبِيرًا ﴿٢٠﴾ عَٰلِيَهُمْ ثِيَابُ سُندُسٍ
خُضْرٌ وَإِسْتَبْرَقٌ ۖ وَحُلُّوٓا۟ أَسَاوِرَ مِن فِضَّةٍ وَسَقَىٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا
طَهُورًا ﴿٢١﴾ إِنَّ هَٰذَا كَانَ لَكُمْ جَزَآءً وَكَانَ سَعْيُكُم مَّشْكُورًا ﴿٢٢﴾ إِنَّا
نَحْنُ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ ٱلْقُرْءَانَ تَنزِيلًا ﴿٢٣﴾ فَٱصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا تُطِعْ
مِنْهُمْ ءَاثِمًا أَوْ كَفُورًا ﴿٢٤﴾ وَٱذْكُرِ ٱسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَأَصِيلًا ﴿٢٥﴾

(18) (ان ۾ هڪ چشمو آهي، جنهن جو نالو سَلسَبيل آهي) لغت ۾ جيڪو پاڻي انتهائي صاف شفاف ۽ تيزيءَ سان وهندڙ هجي، پٽ نڙيءَ مان هڪدم لهي وڃي، ان کي "سلسبيل" چوندا آهن.

(19) (۽ مٿن سدائين نينگر رهندڙ پيا گهمندا ڦرندا) جن جي جواني، تازگي ۽ سونهن سدائين قائم دائم رهندي. نه اهي پوڙها ٿيندا، نه انهن جا رنگ روپ مَٽجندا ۽ نه اهي مرندا. (جڏهن کين ڏسندين تہ ڪنڊيريل موتي پائيندين) سنڊن حسن ۽ جمال ۾ واڌاري، رنگن جي صفائي ستراڻي ۽ سنڊن چهرن جي تروتازگيءَ سبب کين ڪنڊريل پکڙيل موتين سان تشبيه ڏني وئي آهي، چاڪاڻ تہ تيزيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن پڇندي ڊوڙندي پنهنجيون خدمتون پيا بجا آڻيندا. ان جي ابتڙ وڏين اکين وارين بيمثال خوبصورت انهن حورن جو حال آهي، جن کي "لڪيل موتين" سان تشبيه ڏني وئي آهي، چاڪاڻ تہ کين جنتين جي خدمت لاءِ پيدا نہ ڪيو ويو آهي.

(20) (۽ جڏهن ب اتي تون نهاريندين) يعني جڏهن ب نگاهه ڪٽي اتي جنت ۾ ڏسندين تہ (نعمتون ئي نعمتون ڏسندين) جن جي صفت بيان ڪري سگهجي (۽ وڏي بادشاهي ڏسندين) جنهن جي ماپ جو اندازو ڪري نٿو سگهجي.

(21) (مٿانئن سنهڙي پَٽ جا ساڏا پهراڻ ۽ ٽلهي پَٽ جون پوشاڪون پاتل هونديون) "سُندُس" سنهي ريشم ۽ "استبرق" ٽلهي ريشم کي چئبو آهي. (۽ کين چانديءَ جا ڪنگڻ پارايا ويندا) سوره فاطر ۾ آهي تہ انهن کي سونا ڪنگڻ پارايا ويندا. هر هڪ پنهنجي پنهنجي پسند ۽ دلي ميلان مطابق جهڙا ڪنگڻ ۽ زيور چاهيندو، اهڙا پائيندو. (۽ سندن رب کين نهايت پاڪ شراب پياريندو) ابوقلابه ۽ ابراهيم نخعي چون ٿا تہ کين طعام ڏنو ويندو. ڪائي فارغ ٿيندا تہ آخر ۾ کين پاڪ شراب ڏنو ويندو، جيڪو پيئندا. جنهن سان سندن پيٽ سنهان ٿيندا ۽ سندن جسمن مان مشڪ جهڙي خوشبو پئي نڪرندي.

(22) (اهو آهي توهان جو بدلو) (۽ توهان جي محنت قبول پيل آهي) "الله تعالىٰ جي پنهنجي ٻانهي جي عمل جي شڪراني جي معنىٰ هي آهي تہ ان جي عمل کي قبول ڪيائين ۽ ان تي سندس تعريف ڪيائين.

(23) (بيشڪ اسان ئي توتي قرآن ٿورو ٿورو ڪري نازل ڪيو آهي) يعني هڪ پيري نازل ڪرڻ جي بجاءِ اسان ان کي آهستي آهستي لاٿو آهي ۽ ائين نہ آهي، جيئن مشرڪ الزام تراشي ڪن ٿا تہ ان کي توهان پاڻ ئي ٺاهيو آهي.

(24) (سو تون پنهنجي رب جي فيصلي تائين صبر ڪر) (۽ انهن مان ڪنهن ب بد عمل يا حق جي انڪاري جو چيو نہ مڃ) يعني انهن مان ڪنهن ب بد عمل گنهگار انسان يا ڪفر ۾ حد کان لنگهندڙ جو چيو نہ مڃ، چيو ويو آهي تہ "گنهگار" مان مراد عتبه بن ربيعه ۽ "ناشڪري" مان مراد وليد بن مغيره آهي. جن نبي ڪريم ﷺ جن کي آڇ ڪئي هئي تہ دين اسلام جي معاملي کي چڏي ڏيو تہ اسان توهان جون مالي ضرورتون پوريون ڪنداسون ۽ توهان کي خوبصورت عورت سان شادي ڪرائيندا سون.

(25) (۽ پنهنجي رب جو نالو صبح ۽ شام وٺندو رهه) يعني ڏينهن جي منڊ ۽ پڇاڙي ۾ پنهنجي رب جي عبادت ڪر. فجر ۽ عصر جي نماز پڙهڻ مراد آهي.

(26) (۽ رات جو ب ڪجهه وقت ان لاءِ سجدا ڪندو ڪر، ۽ رات جو ڊيڄ تائين ان جي پاڪائي بيان ڪندو ڪر).

(27) (اهي دنيا کي پسند ڪندا آهن) يعني مڪي جا ڪافر ۽ جيڪي انهن وانگر زندگيءَ جو مادي نظريو رکن ٿا، اهي رڳو دنيا جو دار فاني ۽ ان جون نعمتون پسند ڪندا آهن. (۽ ڳري ڏينهن کي پنهنجي پٺيان ٿا ڇڏن) قيامت جو ڏينهن مراد آهي، ان کي ڳرو ۽ وزني هن ڪري چيو ويو آهي جو اهو وڏين سختين ۽ مصيبتن وارو ڏينهن آهي، اهي ڪافر نہ ان کان بچڻ جي تياري ڪن ٿا ۽ نہ وري ان پرواهه ڪن ٿا.

(28) (اسان ئي کين پيدا ڪيو آهي) (۽ اسان ئي سندن سَنڌن کي مضبوط ڪيو آهي) يعني سندن جوڙن کي هڪبئي سان رڳن ۽ پٺن جي ذريعي مضبوط ڪيو آهي. (۽ جي چاهيون تہ کين بدلائي انهن جهڙا پيا آڻيون) يعني جيڪڏهن گهرون تہ انهن کي هلاڪ ڪريون ۽ اهڙا ماڻهو آڻيون، جيڪي انهن کان وڌيڪ الله جا فرمانبردار هوندا.

(29) (بيشڪ هيءَ هڪ نصيحت آهي، سو جيڪو چاهي سو پنهنجي رب ڏانهن واٽ وٺي).

(30) (۽ توهان نٿا گهري سگهو، مگر اهو جيڪو الله گهري) يعني توهان کيئن هدايت تي هلي سگهندا، جيستائين الله رب العالمين نہ گهري؟ بس! هر حال ۾ معاملو رب ڪريم جي هٿ ۾ آهي، نہ انهن (ڪافرن ۽ مشرڪن) جي هٿ ۾. پلائي هجي يا برائي هجي، سڀ الله جي وس ۾ آهي. ٻانهي جي چاهت ان وقت تائين پلائي مطابق نٿي هلي سگهي ۽ برائي ڪان بچي نٿي سگهي جيستائين الله ڪريم جو ان کي حڪم نہ ڏي.
(بيشڪ الله وڏي علم، وڏي حڪمت وارو آهي).

(31) (جنهن کي گهري پنهنجي رحمت ۾ داخل ٿو ڪري). (۽ ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿس).

سورة المرسلات

1 (لڳاتار موڪليل هوائن جو قسم آهي).
2 (وري تيز ڪهلندڙ هوائن جو قسم آهي).
3 (۽ ڪرن کي پکيڙيندڙ هوائن جو قسم آهي).
4 (وري ڪرن کي هڪٻئي کان جدا ڪندڙ هوائن جو قسم آهي).
5 پوءِ ذڪر آڻيندڙن ملائڪن جو قسم آهي) ڪن مفسرن جو چوڻ آهي ته : مٿين سڀني آيتن ۾ الله تعالىٰ انهن فرشتن جو قسم کنيو آهي، جن کي نبين سڳورن ڏانهن وحي پهچائڻ لاءِ موڪليو ويندو آهي ۽ جيڪي تيزيءَ سان اڏامڻ جي ڪري تيز هوائون هلائيندا آهن، ۽ حق ۽ باطل، ۽ حلال ۽ حرام ۾ فرق ڪندڙ پيغام آڻڻ وقت پنهنجا پر پکيڙيندا آهن. ته جيئن اهو وحي نبين تائين پهچائين.
6 (عذر ختم ڪرڻ لاءِ يا ڊيڄارڻ لاءِ) يعني فرشتا هن مقصد سان الله جي طرفان پاڻهن وٽ وحي پهچائين ٿا ته جيئن مٿن الله جليل جبار جي حجت قائم ٿئي ۽ اهي سندس عذاب کان ڊڄن. پڻ چيو ويو آهي ته حق وارن لاءِ حجت قائم ڪرڻ ۽ باطل وارن کي ڊيڄارڻ مقصد آهي.
7 (جيڪو توهان سان وعدو ڪيو ٿو وڃي سو ضرور ٿيٽو آهي).
8 (۽ جڏهن تارا پي نور ٿيندا) يعني انهن جي چمڪ ڏمڪ ۽ روشني ختم ٿي ويندي.
9 (۽ جڏهن آسمان کي ڏاريو ويندو) يعني ان کي چيريو ۽ کوليو ويندو.
10 (۽ جڏهن جبلن کي اڏاريو ويندو) يعني اهي پنهنجين جاين تان پٽجي، فضا ۾ اڏامڻ لڳندا، پوءِ انهن جاين تي زمين برابر ٿي ويندي.
11 (۽ جڏهن رسولن لاءِ وقت مقرر ڪيو ويندو) يعني جڏهن پيغمبرن ۽ سندن امتن جي وچ ۾ فيصلي جو وقت مقرر ڪيو ويندو.
12 (ڪهڙي ڏينهن لاءِ ڊر ڏني وئي آهي؟) يعني هڪ عظيم ڏينهن لاءِ کين مهلت ڏني آهي، جنهن ڏينهن جي سختيءَ ۽ وڏي دهشت سبب مخلوق تعجب ۾ پئجي ويندي. سڀ پيغمبر محشر جي ميدان ۾ طئي ٿيل وقت تي گڏ ٿيندا ۽ پنهنجين امتن تي شاهدي ڏيندا.
13 (فيصلي جي ڏينهن لاءِ) جنهن ۾ ماڻهن جي عملن جي باري ۾ فيصلو ڪيو ويندو، پوءِ ڪي جنت ۾ ويندا ته ڪي دوزخ ۾ ويندا.
14 (۽ توکي ڪهڙي خبر ته فيصلي جو اهو ڏينهن ڇا آهي؟) يعني توکي فيصلي واري ڏينهن جي باري ۾ ڪهڙي خبر؟ يعني اهو زبردست دهشت ۽ وحشت جو ڏينهن آهي، جنهن جو اندازو ڪري ئي نٿو سگهجي.
15 (ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ ويل آهي).
16 (ڇا اسان اڳين کي هلاڪ نه ڪري ڇڪا آهيون؟) يعني آدم عليه السلام کان حضرت محمد ﷺ جن جي زماني تائين آيل امتن جي ڪافرن کي دنيا ۾ عذاب ڏئي ناس نه ڪيوسون، جڏهن انهن پنهنجن رسولن کي ڪوڙو ڪيو؟
17 (وري پوين کي به انهن جي ڪڍ لائينداسون) يعني مڪي جا ڪافر ۽ جيڪي سندن موافقت ڪن ٿا، جڏهن انهن حضرت محمد ﷺ کي ڪوڙو ڪيو.
18 (اسان ڏوهارين سان ائين ئي ڪندا آهيون).
19 (ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ ويل آهي).
20 (ڇا اسان توهان کي خسيس پاڻيءَ مان پيدا نه ڪيو آهي؟) يعني توهان کي خسيس ۽ حقير مني جي نطفي مان نه خلقيوسون؟
21 (پوءِ ڪيس هڪ هٿيڪي هنڌ رکيوسون) يعني محفوظ ۽ مضبوط جاءِ ۾ رکيوسون. ان مان ماڻ جو رحم مراد آهي .
22 (هڪ مقرر مدت تائين) يعني عام طرح انسانن ۾ حمل جي مدت نون مهينن تائين.
23 پوءِ پوري اندازي سان بنايوسون، جو اسان چگو اندازو

وَمِنَ ٱلَّيۡلِ فَٱسۡجُدۡ لَهُۥ وَسَبِّحۡهُ لَيۡلٗا طَوِيلًا ﴿٢٦﴾ إِنَّ هَٰٓؤُلَآءِ يُحِبُّونَ ٱلۡعَاجِلَةَ وَيَذَرُونَ وَرَآءَهُمۡ يَوۡمٗا ثَقِيلٗا ﴿٢٧﴾ نَّحۡنُ خَلَقۡنَٰهُمۡ وَشَدَدۡنَآ أَسۡرَهُمۡۖ وَإِذَا شِئۡنَا بَدَّلۡنَآ أَمۡثَٰلَهُمۡ تَبۡدِيلًا ﴿٢٨﴾ إِنَّ هَٰذِهِۦ تَذۡكِرَةٞۖ فَمَن شَآءَ ٱتَّخَذَ إِلَىٰ رَبِّهِۦ سَبِيلٗا ﴿٢٩﴾ وَمَا تَشَآءُونَ إِلَّآ أَن يَشَآءَ ٱللَّهُۚ إِنَّ ٱللَّهَ كَانَ عَلِيمًا حَكِيمٗا ﴿٣٠﴾ يُدۡخِلُ مَن يَشَآءُ فِي رَحۡمَتِهِۦۚ وَٱلظَّٰلِمِينَ أَعَدَّ لَهُمۡ عَذَابًا أَلِيمَۢا ﴿٣١﴾

سُورَةُ الْمُرْسَلَاتِ

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

وَٱلۡمُرۡسَلَٰتِ عُرۡفٗا ﴿١﴾ فَٱلۡعَٰصِفَٰتِ عَصۡفٗا ﴿٢﴾ وَٱلنَّٰشِرَٰتِ نَشۡرٗا ﴿٣﴾ فَٱلۡفَٰرِقَٰتِ فَرۡقٗا ﴿٤﴾ فَٱلۡمُلۡقِيَٰتِ ذِكۡرًا ﴿٥﴾ عُذۡرًا أَوۡ نُذۡرًا ﴿٦﴾ إِنَّمَا تُوعَدُونَ لَوَٰقِعٞ ﴿٧﴾ فَإِذَا ٱلنُّجُومُ طُمِسَتۡ ﴿٨﴾ وَإِذَا ٱلسَّمَآءُ فُرِجَتۡ ﴿٩﴾ وَإِذَا ٱلۡجِبَالُ نُسِفَتۡ ﴿١٠﴾ وَإِذَا ٱلرُّسُلُ أُقِّتَتۡ ﴿١١﴾ لِأَيِّ يَوۡمٍ أُجِّلَتۡ ﴿١٢﴾ لِيَوۡمِ ٱلۡفَصۡلِ ﴿١٣﴾ وَمَآ أَدۡرَىٰكَ مَا يَوۡمُ ٱلۡفَصۡلِ ﴿١٤﴾ وَيۡلٞ يَوۡمَئِذٖ لِّلۡمُكَذِّبِينَ ﴿١٥﴾ أَلَمۡ نُهۡلِكِ ٱلۡأَوَّلِينَ ﴿١٦﴾ ثُمَّ نُتۡبِعُهُمُ ٱلۡأٓخِرِينَ ﴿١٧﴾ كَذَٰلِكَ نَفۡعَلُ بِٱلۡمُجۡرِمِينَ ﴿١٨﴾ وَيۡلٞ يَوۡمَئِذٖ لِّلۡمُكَذِّبِينَ ﴿١٩﴾

ڪندڙ آهيون)؟ يعني سندس عضون ۽ صفتن جو اندازو ڪيوسون ۽ هر شخص جي پنهنجي پنهنجي صفت جي مطابق جيئن گهريوسون، تيئن ان جو احوال مقرر ڪيوسون. سو الله تعالىٰ بهترين اندازو مقرر ڪندڙ آهي.
24 (ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ ويل آهي).
25 26 (ڇا اسان زمين کي سانڍيندڙ نه ڪيوسون. جيئرن ۽ مئن لاءِ)؟ يعني زمين توهان جي حفاظت ڪندڙ آهي. زندگيءَ ۾ پنهنجي پڻيءَ تي ۽ مرڻ کان پوءِ پنهنجي پيٽ ۾ توهان کي سانڍيندي ۽ حفاظت ڪندي آهي.
27 (۽ اسان ان ۾ بلند پهاڙ ٻڌاياسون) يعني وڏا جبل زمين ۾ مضبوط ميخن جي طور تي پيدا ڪياسون.
(۽توهان کي مٺو پاڻي پياريوسون) يعني توهان کي اڄ لاهيندڙ مٺو پاڻي پياروسون ۽ اهو سڀ ڪجهه پيهر زنده ڪرڻ کان وڌيڪ تعجب جوڳو آهي.
28 (ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ ويل آهي).
29 (هلو ان ڏانهن جنهن کي توهان ڪوڙو پئي ڪيو) کين چيو ويندو ته باهه واري ان عذاب ڏانهن هلو جنهن کي توهان ڪوڙ پئي پاتيو.
30 (تن پاڇن واري پاڇي ڏانهن هلو) يعني دوزخ واري باهه جي انهيءَ اڏامندڙ دونهين واري پاڇي ڏانهن هلو جيڪو مٿي اڏامي ٽن پکڙجي تن پاڇن ۾ ورهائجي چڪو آهي.
31 (جيڪو نه ڇانويرو آهي ۽ نه باهه جي ڇيڙيءَ کان بچائي سگهندو) يعني نه ان ۾ دنيا جي پاڇي واڪر ڏي ڇانوَ آهي ۽ نه اهو توهان کي دوزخ جي گرميءَ کان بچائي سگهندو. حساب ڪتاب کان فارغ ٿيڻ تائين انهيءَ حالت ۾ رهندؤ.

أَلَمْ نَخْلُقكُّم مِّن مَّآءٍ مَّهِينٍ ﴿٢٠﴾ فَجَعَلْنَٰهُ فِى قَرَارٍ مَّكِينٍ ﴿٢١﴾ إِلَىٰ قَدَرٍ
مَّعْلُومٍ ﴿٢٢﴾ فَقَدَرْنَا فَنِعْمَ ٱلْقَٰدِرُونَ ﴿٢٣﴾ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿٢٤﴾
أَلَمْ نَجْعَلِ ٱلْأَرْضَ كِفَاتًا ﴿٢٥﴾ أَحْيَآءً وَأَمْوَٰتًا ﴿٢٦﴾ وَجَعَلْنَا فِيهَا رَوَٰسِىَ
شَٰمِخَٰتٍ وَأَسْقَيْنَٰكُم مَّآءً فُرَاتًا ﴿٢٧﴾ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿٢٨﴾
ٱنطَلِقُوٓا۟ إِلَىٰ مَا كُنتُم بِهِۦ تُكَذِّبُونَ ﴿٢٩﴾ ٱنطَلِقُوٓا۟ إِلَىٰ ظِلٍّ ذِى ثَلَٰثِ
شُعَبٍ ﴿٣٠﴾ لَّا ظَلِيلٍ وَلَا يُغْنِى مِنَ ٱللَّهَبِ ﴿٣١﴾ إِنَّهَا تَرْمِى بِشَرَرٍ
كَٱلْقَصْرِ ﴿٣٢﴾ كَأَنَّهُۥ جِمَٰلَتٌ صُفْرٌ ﴿٣٣﴾ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿٣٤﴾
هَٰذَا يَوْمُ لَا يَنطِقُونَ ﴿٣٥﴾ وَلَا يُؤْذَنُ لَهُمْ فَيَعْتَذِرُونَ ﴿٣٦﴾ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ
لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿٣٧﴾ هَٰذَا يَوْمُ ٱلْفَصْلِ ۖ جَمَعْنَٰكُمْ وَٱلْأَوَّلِينَ ﴿٣٨﴾ فَإِن كَانَ
لَكُمْ كَيْدٌ فَكِيدُونِ ﴿٣٩﴾ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿٤٠﴾ إِنَّ ٱلْمُتَّقِينَ فِى
ظِلَٰلٍ وَعُيُونٍ ﴿٤١﴾ وَفَوَٰكِهَ مِمَّا يَشْتَهُونَ ﴿٤٢﴾ كُلُوا۟ وَٱشْرَبُوا۟ هَنِيٓـًٔۢا
بِمَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٤٣﴾ إِنَّا كَذَٰلِكَ نَجْزِى ٱلْمُحْسِنِينَ ﴿٤٤﴾ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ
لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿٤٥﴾ كُلُوا۟ وَتَمَتَّعُوا۟ قَلِيلًا إِنَّكُم مُّجْرِمُونَ ﴿٤٦﴾ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ
لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿٤٧﴾ وَإِذَا قِيلَ لَهُمُ ٱرْكَعُوا۟ لَا يَرْكَعُونَ ﴿٤٨﴾ وَيْلٌ
يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿٤٩﴾ فَبِأَىِّ حَدِيثٍۭ بَعْدَهُۥ يُؤْمِنُونَ ﴿٥٠﴾

(32) (بيشڪ اها ماڻين جيڊيون چٽنگون اچلائيندي) يعني ان جي اچلايل هڪ هڪ چٽنگ، ڪنهن وڏي محل کان گهٽ نه هوندي.
(33) (جڻ ته اهي هيڏا ڪڙا اٺ آهن) يعني اهي چٽنگون اڻن جيڊيون وڏيون هونديون. عرب ڪاري اٺ کي هيڏو ڪڙو چوندا آهن. پٺ هي به چيو ويو آهي ته جڏهن باهه جي چٽنگ مٿي اڏري وري هيٺ ڪرندي آهي ۽ ان ۾ اچان باهه جو جزو موجود هوندو آهي ته اها ڪاري اٺ وانگر هوندي آهي.
(34) (ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ ويل آهي).
(35) (هي اهو ڏينهن آهي، جنهن ۾ هو نه ڪجهه ڳالهائي سگهندا).
(36) (۽ نه وري کين معذرت ڪرڻ جي موڪل ڏني ويندي).
(37) (ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ ويل آهي).
(38) (هي آهي فيصلي جو ڏينهن، توهان کي ۽ اڳين کي اسان گڏ ڪيو آهي) يعني کين چيو ويندو ته هي آهي اهو ڏينهن جنهن ۾ مخلوق جي وچ ۾ فيصلو ڪيو ويندو ۽ حق ۽ باطل ۾ فرق ٿيندو. اي قريشي ڪافرو! اڄ اسان توهان کي، اڳين امتن جي ڪافرن سان گڏ ڪري ڇڏيو آهي.
(39) (پوءِ جيڪڏهن توهان کي ڪا رٽ رٽڻي آهي ته پل منهنجي خلاف رٽيو) الله تعالىٰ کين فرمائيندو ته جيڪڏهن توهان کي ڪا منصوبه بندي ڪرڻي آهي، يا توهان وٽ ڪو حيلو، ڪا تدبير آهي ته پل منهنجي خلاف پنهنجي پلي لاءِ هلائي ڏسو. اها ڪافرن کي وڏي ڌمڪي ۽ چئلنج آهي.
(40) (ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ ويل آهي).
(41) (بيشڪ پرهيزگار ڇانوَن ۽ چشمن ۾ هوندا).
(42) (۽ اهڙن ميون ۾ جن جي پاڻ خواهش ڪندا).

(43) چئبن ته : (ڪائو ۽ پيئو مزي سان انهن عملن جي عيوض جيڪي توهان ڪندا هيئو).
(44) (بيشڪ اسان احسان ڪندڙن کي اڻين ئي بدلو ڏيندا آهيون).
(45) (ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ ويل آهي).
(46) اي مجرمو ! دنيا ۾ (ڪائي وٺو ۽ ڪجهه مزا ماڻي وٺو. بيشڪ توهان ڏوهاري آهيو) يعني کين دنيا ۾ اڻين چيو ويندو. ڏوهارين مان نافرمان مشرڪ مراد آهن.
(47) (ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ ويل آهي).
(48) (۽ جڏهن کين چئجي ٿو ته رڪوع ڪريو، ته رڪوع نٿا ڪن) يعني جڏهن کين چئبو آهي ته نماز پڙهو ته نماز نه پڙهندا آهن.
(49) (ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ ويل آهي).
(50) (پوءِ ان کان بعد ڪهڙي ڳالهه تي ايمان آڻيندا)؟ يعني جڏهن قرآن تي ايمان نٿا آڻين ته آخر ان کان پوءِ ڪهڙي ڳالهه جي اهي تصديق ڪندا ؟.

سورة النبا

(1) (ڇا جي باري ۾ هڪ ٻئي کان پڇا ڳاڇا ٿا ڪن ؟) جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ پيغمبر ٿي آيا ۽ ماڻهن کي توحيد ۽ مماتيءَ کان بعد حياتيءَ جي عقيدي جي تعليم ڏنائون ۽ کين قرآن پڙهي ٻڌايائون ته منڪر هڪ ٻئي کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳا ته : محمد (ﷺ) کي ڇا ٿيو آهي؟ ۽ ڪهڙي شيءِ اسان وٽ آندي اٿس؟ جنهن تي الله تعالىٰ اهي آيتون نازل فرمايون.
(2) (ان وڏي خبر جي باري ۾؟) يعني انهي هاڃيڪار خبر جي باري ۾ پڇن ٿا؟ انهيءَ مان قرآن مجيد مراد آهي، ڇاڪاڻ ته هو توحيد جي خبر ڏئي ٿو ۽ رسول الله ﷺ جن جي تصديق ڪري ٿو ۽ قيامت جي ڏينهن ٻيهر جيارڻ ۽ اٿارڻ جي عقيدي جي تعليم ڏئي ٿو.
(3) (جنهن جي باري ۾ اهي مختلف آهن؟) يعني انهن ماڻهن قرآن جي باري ۾ اختلاف ڪيو، ڪن چيو ته قرآن جادو آهي، ڪن چيو ته شاعري آهي، ڪن چيو ته ڪهانت آهي ۽ ڪن چيو ته اڳين جي آکاڻين تي مشتمل ڪتاب آهي.
(4) (هرگز نه! سگهوئي ڄاڻندا) منڪرن کي جهٽڪي خبردار ڪيو ٿو وڃي. يعني پنهنجي انهيءَ تڪذيب جي پڇاڙي سگهوئي ڄاڻندا. وري کين ٻيهر جهٽڪي خبردار ڪيو ٿو وڃي:
(5) (وري به هرگز نه! سگهوئي ڄاڻندا) تاڪيد ۽ سختي ۾ مبالغي طور ٻيهر ارشاد فرمايو ويو ته ستت ڄاڻ ٿيندن.
(6) (ڇا زمين کي وڇاڻو نه ڪيوسون؟) يعني هيٺان وڇائي ويڇ واري شيءِ، جيئن پار لاءِ وڇاڻو هوندو آهي، هر اها شيءِ جيڪا وڇائي، ان جي مثال کيس سمهائجي، ان کي "مهاد" چئجي ٿو.
(7) (۽ جبلن کي ميخون ڪيوسون) يعني زمين لاءِ جبل اڻين آهن، جيئن ڪنهن شيءِ ۾ ميخون ڪوڙجن ته اها مضبوط ٿي ويندي آهي. ساڳيءَ طرح زمين به جبلن جي ڪري ڏڌڙ ۽ ڇُرپُر ڪرڻ کان محفوظ ٿي وئي آهي.
(8) (۽ توهان کي جوڙو جوڙو ڪري پيدا ڪيوسون) يعني توهان کي نر ۽ مادين جي صورت ۾ جوڙا جوڙا ٻٽايوسون.
(9) (۽ توهان جي ننڊ کي آرام ڏيندڙ ٻٽايوسون) ڇاڪاڻ ته ننڊ جي حالت ۾ انسان چرپر ڇڏي ڏيندو آهي، جنهن جي ڪري سندس بدن کي سکون ۽ راحت نصيب ٿيندي آهي.
(10) (۽ رات کي ڍڪ بنايوسون) يعني جيئن لباس جسم کي ڍڪي ڇڏيندو آهي، تيئن رات جي اونداهي توهان کي ڍڪي ڇڏيندي آهي.
(11) (۽ ڏينهن کي روزگار لاءِ بنايوسون) يعني ڏينهن کي روشن ڪيوسون، جيئن توهان پنهنجي گذر بسر لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪريو ۽ الله پاران لکيل رزق حاصل ڪريو.

سُوْرَةُ النَّبَإِ

ترتيبها ٧٨ — اياتها ٤٠

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿١﴾ عَنِ النَّبَإِ الْعَظِيْمِ ﴿٢﴾ الَّذِيْ هُمْ فِيْهِ مُخْتَلِفُوْنَ ﴿٣﴾
كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ﴿٤﴾ ثُمَّ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ﴿٥﴾ اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ مِهٰدًا ﴿٦﴾
وَّالْجِبَالَ اَوْتَادًا ﴿٧﴾ وَّخَلَقْنٰكُمْ اَزْوَاجًا ﴿٨﴾ وَّجَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ﴿٩﴾
وَّجَعَلْنَا الَّيْلَ لِبَاسًا ﴿١٠﴾ وَّجَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا ﴿١١﴾ وَّبَنَيْنَا
فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا ﴿١٢﴾ وَّجَعَلْنَا سِرَاجًا وَّهَّاجًا ﴿١٣﴾ وَّاَنْزَلْنَا
مِنَ الْمُعْصِرٰتِ مَآءً ثَجَّاجًا ﴿١٤﴾ لِّنُخْرِجَ بِهٖ حَبًّا وَّنَبَاتًا ﴿١٥﴾ وَّجَنّٰتٍ
اَلْفَافًا ﴿١٦﴾ اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيْقَاتًا ﴿١٧﴾ يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ
فَتَاْتُوْنَ اَفْوَاجًا ﴿١٨﴾ وَّفُتِحَتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ اَبْوَابًا ﴿١٩﴾ وَّسُيِّرَتِ
الْجِبَالُ فَكَانَتْ سَرَابًا ﴿٢٠﴾ اِنَّ جَهَنَّمَ كَانَتْ مِرْصَادًا ﴿٢١﴾ لِّلطّٰغِيْنَ
مَاٰبًا ﴿٢٢﴾ لّٰبِثِيْنَ فِيْهَآ اَحْقَابًا ﴿٢٣﴾ لَّا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا بَرْدًا وَّلَا شَرَابًا
﴿٢٤﴾ اِلَّا حَمِيْمًا وَّغَسَّاقًا ﴿٢٥﴾ جَزَآءً وِّفَاقًا ﴿٢٦﴾ اِنَّهُمْ كَانُوْا
لَا يَرْجُوْنَ حِسَابًا ﴿٢٧﴾ وَّكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كِذَّابًا ﴿٢٨﴾ وَكُلَّ شَيْءٍ
اَحْصَيْنٰهُ كِتٰبًا ﴿٢٩﴾ فَذُوْقُوْا فَلَنْ نَّزِيْدَكُمْ اِلَّا عَذَابًا ﴿٣٠﴾

(12) (۽ توهان جي مٿان ست مضبوط بنايا سون) ست آسمان مراد آهن، جيڪي پنهنجي بناوٽ جي اعتبار کان ڪائنات ۾ سڀ کان وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم آهن.

(13) (۽ هڪ روشن ڏيئو بنايو سون) ان مان سج مراد آهي، جنهن ۾ روشني به آهي ته گرمي به آهي، تنهن ڪري ان کي (وهاج) سڏيو ويو.

(14) (۽ پريل ڪرن مان پرتجي پوندڙ مينهن وسايو سون) اهي ڪڪر جيڪي پاڻيءَ سان پريل ٿيڻ تي هجن پر ايان وسيا نه هجن، تن کي "المعصرات" چوندا آهن. لڳاتار وسندڙ ۽ پرتجي پوندڙ مينهن کي "ثجاجا" چئبو آهي.

(15) (ته جيئن ان سان اناج ۽ سلا ٻوٽا اپايون) جهڙوڪ : ڪڻڪ ۽ جوار وغيره، (نبات) يعني جانورن جو گاهه، ساوڪ ۽ ٻيا سلا ٻوٽا وغيره.

(16) (۽ گهاٽا باغ ٿڻ) يعني اهڙا باغ جيڪي وڻ ٽڻن ۽ ولين سان سٽيل هوندا آهن، تانجو آنهن جون گهاٽيون ڇانريون هڪ ٻئي جي مٿان چانئجي ويندیون آهن.

(17) (بيشڪ فيصلي جو ڏينهن مقرر ٿيل آهي) يعني اڳين ۽ پوين جي گڏ ٿيڻ لاءِ قيامت جو هڪ ڏينهن مقرر ڪيل آهي، جتي ڪين ثواب ۽ عذاب ڏيڻ لاءِ الله تعالىٰ جي ڪيل وعدي مطابق پهچندا. هتي ان کي (يوم الفصل) فيصلي ڪرڻ يا تورڻ جو ڏينهن فرمايو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڏينهن الله تعالىٰ پنهنجي مخلوق جا جهڳڙا ٽوڙيندو ۽ فيصلا نمٽائيندو.

(18) (جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو) اهو سنگ مراد آهي، جنهن ۾ اسرافيلؑ ڦوڪ ڏيندو. (پوءِ توهان ايندؤ) محشر جي ميدان ڏانهن (ٽوليون ٽوليون ٿي) يعني ميڙن جا ميڙ ڪري.

(19) (۽ آسمان کي کوليو ويندو) فرشتن جي لهڻ لاءِ . (پوءِ اهو دروازا ٿي پوندو) يعني آسمان ۾ بيشمار دروازا ٿي پوندا.

(20) (۽ جبلن کي هلايو ويندو، پوءِ اهي رُڄ وانگر ٿي پوندا) يعني پنهنجين جايين تان اکڙجي، هوا ۾ پيا لمندا وتندا، ۽ متيءَ جي ذرن وانگر پيا اڏرندا، ڏسڻ وارو انهن کي رڄ پيو سمجهندو.

(21) (بيشڪ جهنم گهٽ ۾ آهي) يعني دوزخ جا داروغا ڪافرن لاءِ گهٽ ۾ وينل آهن ته بس! اهي اچن ته ڪين سوگهو ڪريون ۽ سيڪت ڏيون.

(22) (سرڪشن جو ٺڪاڻو آهي) يعني موٽڻ جي اهائي جاءِ اٿن.

(23) (منجهس اڻ ڪٽ زمانا رهندا) يعني زمانن مٿان زمانا دوزخ ۾ رهندا. ڏڪهي زماني کي "حقب" چوندا آهن. هڪ حقب ختم ٿيندو ته وري ٻيو حقب شروع ٿيندو، وري ٽيون ... اهڙيءَ ريت اهو سلسلو سدائين جاري رهندو.

(24) (جتي نه ڪا ٺڏاڻ ۽ نه پاڻيءَ جو ڏڪ چکندا).

(25) (مگر تهڪندڙ پاڻي (۽ پوءِ) يعني اهي هنيل ڪافر، متڪبر ۽ منڪر، پاڻي جي بجاءِ جهنميں جي زخمن مان وهندڙ پوءِ پيئندا.

(26) (اهو بدلو آهي، پورو پورو) جهڙي ڪرتي، تهڙي پرتي، جيڏو گناهه، تيڏو عذاب. جيئن شرڪ ڪان وڏو ڪو گناهه ناهي، تيئن وري دوزخ جي عذاب کان وڌيڪ ڪو عذاب ناهي. سندن عمل بچڙا هئا، تنهن ڪري الله تعالىٰ به کين اهڙو عذاب ڏيندو، جيڪو کين بچڙو لڳندو.

(27) (بيشڪ اهي ڪنهن حساب جي اميد ئي نه رکندا هئا). اهي نه ڪنهن ثواب جي لالچ رکندا هئا ۽ نه ڪنهن حساب ڪتاب ڪان ڊجندا هئا، ڇاڪاڻ ته قيامت ۾ اٿڻ جو عقيدو ئي نه رکندا هئا.

(28) (۽ اسان جي آيتن کي نسورو ڪوڙ سمجهندا هئا).

(29) (۽ اسان هر شيءِ لکت ۾ ڳڻي رکي آهي) يعني اسان هر شيءِ لوح محفوظ ۾ لکي ڇڏي آهي. پڙ ڇيو ويو آهي ته پانهن جا اهي اعمالنامان مراد آهن، جيڪي فرشتا لکندا آهن.

(30) (پوءِ چکو مزو، اوهان کي عذاب کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ ۾ نه وڌائيندا سون).

(31) (بيشڪ پرهيزگارن لاءِ ڪاميابي جي جاءِ آهي) يعني ڪامياب ٿيندا ۽ پنهنجي مراد ماڻيندا، ۽ جهنم جي ٻاهه کان چوٽڪارو حاصل ڪندا.

(32) (باغيچا ۽ انگور) ڪوٽ ڪڏيل، چاردیواري ڏنل ڪيترائي باغ، تازي انگورن جا ڇڳا.

(33) (۽ سيني اپريل جيڏيون سرتيون زالون) يعني انهن لاءِ ننڍيون نيٺيون هڪ جيڏيون ۽ هم عمر زالون آهن، جن جون چاتيون پريل ۽ سينا لڙڪيل نه آهن، ۽ اهي ڪنواريون، نيون سامائيل آهن. (اترابا) معنىٰ جيڏيون سرتيون، هم عمر .

(34) (۽ چلڪندڙ پيالا) يعني شراب سان پريل، چلڪندڙ هوندا.

(35) (اتي نه ڪا بڪواس ٻڌندا ۽ نه ڪو ڪوڙ بدوڙ) يعني جنت ۾ نه ڪا اجائي بڪواس ۽ غلط ڳالهه آهي ۽ نه اهي هڪ ٻئي سان ڪوڙ ڳالهائيندا.

(36) (تنهنجي رب وٽان انعام عطا ڪيل، حساب روءِ) يعني الله تعالىٰ پنهنجي وعدي ۽ فيصلي روءِ جنهن کي جيترو وٽيس اوترو عطا فرمائيندو، جيئن عام طرح هڪ نيڪيءَ جو بدلو ڏهوڻو آهي، پر ڪٿي وري هڪ جي بدلي ست سؤ نيڪين جو وعدو آهي ۽ ڪن سان وري بيحساب ۽ بيمقدار ثواب جو وعدو آهي.

(37) (جيڪو آسمانن ۽ زمين ۽ جو ڪجهه انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي، تنهن سڀ جو ٻاجهارو پالٽهار آهي). (جنهن سان ڪجهه ڪيڻ جوڳا نه هوندا) يعني الله تعالىٰ جي آڏو سندس اجازت کان

إِنَّ لِلْمُتَّقِينَ مَفَازًا ﴿٣١﴾ حَدَآئِقَ وَأَعْنَـٰبًا ﴿٣٢﴾ وَكَوَاعِبَ أَتْرَابًا ﴿٣٣﴾ وَكَأْسًا
دِهَاقًا ﴿٣٤﴾ لَّا يَسْمَعُونَ فِيهَا لَغْوًا وَلَا كِذَّٰبًا ﴿٣٥﴾ جَزَآءً مِّن رَّبِّكَ عَطَآءً
حِسَابًا ﴿٣٦﴾ رَّبِّ ٱلسَّمَـٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ٱلرَّحْمَـٰنِ لَا يَمْلِكُونَ
مِنْهُ خِطَابًا ﴿٣٧﴾ يَوْمَ يَقُومُ ٱلرُّوحُ وَٱلْمَلَـٰٓئِكَةُ صَفًّا لَّا يَتَكَلَّمُونَ
إِلَّا مَنْ أَذِنَ لَهُ ٱلرَّحْمَـٰنُ وَقَالَ صَوَابًا ﴿٣٨﴾ ذَٰلِكَ ٱلْيَوْمُ ٱلْحَقُّ فَمَن
شَآءَ ٱتَّخَذَ إِلَىٰ رَبِّهِۦ مَـَٔابًا ﴿٣٩﴾ إِنَّآ أَنذَرْنَـٰكُمْ عَذَابًا قَرِيبًا يَوْمَ
يَنظُرُ ٱلْمَرْءُ مَا قَدَّمَتْ يَدَاهُ وَيَقُولُ ٱلْكَافِرُ يَـٰلَيْتَنِى كُنتُ تُرَٰبًۢا ﴿٤٠﴾

سُوْرَةُ النّٰزِعٰتِ

(رقمها ٧٩ — آياتها ٤٦)

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَـٰنِ ٱلرَّحِيمِ

وَٱلنَّـٰزِعَـٰتِ غَرْقًا ﴿١﴾ وَٱلنَّـٰشِطَـٰتِ نَشْطًا ﴿٢﴾ وَٱلسَّـٰبِحَـٰتِ سَبْحًا
﴿٣﴾ فَٱلسَّـٰبِقَـٰتِ سَبْقًا ﴿٤﴾ فَٱلْمُدَبِّرَٰتِ أَمْرًا ﴿٥﴾ يَوْمَ تَرْجُفُ ٱلرَّاجِفَةُ
﴿٦﴾ تَتْبَعُهَا ٱلرَّادِفَةُ ﴿٧﴾ قُلُوبٌ يَوْمَئِذٍ وَاجِفَةٌ ﴿٨﴾ أَبْصَـٰرُهَا
خَـٰشِعَةٌ ﴿٩﴾ يَقُولُونَ أَءِنَّا لَمَرْدُودُونَ فِى ٱلْحَافِرَةِ ﴿١٠﴾ أَءِذَا كُنَّا
عِظَـٰمًا نَّخِرَةً ﴿١١﴾ قَالُوا۟ تِلْكَ إِذًا كَرَّةٌ خَاسِرَةٌ ﴿١٢﴾ فَإِنَّمَا هِىَ زَجْرَةٌ
وَٰحِدَةٌ ﴿١٣﴾ فَإِذَا هُم بِٱلسَّاهِرَةِ ﴿١٤﴾ هَلْ أَتَىٰكَ حَدِيثُ مُوسَىٰٓ ﴿١٥﴾

سورة النازعات

(1) ساهه کي سختيءَ سان (چڪي ڪيندڙن جو قسم آهي) هن آيت ۾ الله تعالىٰ انهن فرشتن جو قسم کنيو آهي، جيڪي ماڻهن جي جسمن مان روحن کي ائين چڪي ڪيندا آهن، جيئن نيزي باز پنهنجي پوري قوت سان تير هڻڻ لاءِ ڪمان کي آخري حد تائين چڪيندو آهي. (پوڙي ڪري) يعني انتهائي قوت ۽ زور سان، پوريءَ جسم مان روح کي پوڙي ڪري ڪيندا آهن.

(2) (سولائيءَ سان ڳنڍ کولي وٺندڙن جو قسم آهي) يعني اهي ملائڪ جيڪي جسمن کي راحت ڏين ٿا ۽ انهن مان روحن کي ائين ٿا جلدي ڪڍي وٺن جيئن چڪ ڏئي ڳنڍ کولي وڌجي. ڏول کي رسيءَ ۾ ٻڌي کوهه مان چڪي ڪڍڻ کي "نشط" چئبو آهي.

(3) ڪائنات ۾ (تيزيءَ سان ترندڙن جو قسم آهي) يعني اهي فرشتا جيڪي تيزيءَ سان اڏري آسمان مان زمين تي هيٺ لهي ايندا آهن تہ جيئن الله تعالىٰ جي حڪم جي تعميل ڪن. اهي فضا ۾ ائين ترندا آهن، جيئن ٻوٻو تيراڪ پاڻيءَ ۾ تيز ترندو آهي.

(4) (پوءِ اڳتي وڌي اڳرائي ڪندڙن جو قسم آهي) يعني اهي فرشتا جيڪي الله تعالىٰ جي حڪم کي هڪدم لاڳو ڪرڻ لاءِ اڳرائي ڪندا آهن. جيئن کي فرشتا جنتين جي روحن کي جنت ۾ پهچائڻ لاءِ جلدبازيءَ سان آڳرائي ڪندا آهن.

(5) (پوءِ انتظامي ڪاهه جوڙ ڪندڙن جو قسم آهي) انتظامي ڪاهه جوڙ مان مراد هي آهي تہ: بارگاهه الهيءَ مان حلال ۽ حرام جا حڪم احڪام ڪٿي اچڻ، انهن جي وضاحت ۽ تفصيل ڪرڻ، زمين تي رهندڙ مخلوق لاءِ هوا ۽ مينهن جو بندوبست ڪرڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ وغيره.

(6) (جنهن ڏينهن ڌٻڻي ڌٻندي) پهرئين صور ڦوڪڻ مراد آهي، جنهن سان سموري مخلوق فنا ٿي ويندي.

(7) (ان جي پويان وري ٻيو لوڏو ايندو) ان مان ٻي صور ڦوڪڻ مراد آهي، جنهن سان سموري مخلوق ٻيهر جيئري ٿيندي ۽ قيامت قائم ٿيندي.

(8) (انهيءَ ڏينهن دليون ڏکي رهيون هونديون) يعني قيامت جي ڏينهن جي هولناڪي ۽ وڏو ڏهڪاءُ آڏو ڏسي دلين تي پريشاني ۽ ڪنبٽي چانئجي ويندي.

(9) (۽ سندن نگاهون جهڪيون هونديون) قيامت جي ڏينهن خطرناڪ ۽ خوفناڪ حالت ڏسي، سندن اکيون جهڪجي ۽ نوائجي ويندیون، جيڪي ماڻهو ڪفر تي مرن ٿا، انهن جي حالت بيان ٿي رهي آهي.

(10) (چون ٿا تہ اسان پوئين پيرين موٽائبا سون چا)؟ يعني دهريا ۽ منڪر اهڙي ڳالهه چون ٿا، جڏهن کين چئجي ٿو تہ: اوهان کي وري ٻيهر جيئرو ڪري اٿاريو ويندو، تہ چون ٿا تہ: چا جڏهن اسان مري، ڳري، قبرن واري ڪڏن ۾ مٽي ٿي ويندا سون تہ ان کان پوءِ وري اسان پهرئين حالت ۾ موٽايا ويندا سون ۽ مرڻ کان پوءِ وري جيئرا ٿيندا سون؟

(11) (چا جڏهن اسان پتا هڏا ٿي چڪا هوندا سون)؟ يعني ان کان پوءِ به وري جيئرا ٿيندا سون چا؟

(12) (چون ٿا تہ تڏهن تہ اها واپسي وڏي نقصان جوگي ٿيندي) يعني جيڪڏهن واقعي اسان کي موت کان پوءِ موٽائي جيئرو ڪيو ويو، تہ پوءِ تہ اسان انتهائي نقصانڪار مان ٿيندا سون! ۽ اسان کي اهي تڪليفون ڏسٽيون پونديون جيئن محمد (ﷺ) چئي رهيو آهي.

(13) (بس اها تہ رڳو هڪڙي هڪل آهي) ٻيو پيرو صور ڦوڪڻ مراد آهي، جنهن جي نتيجي ۾ قيامت قائم ٿيندي. يعني الله تعالىٰ فرمائي رهيو آهي تہ اسان پنهنجي عظيم قدرت ۽ قوت سبب، ڪنهن ٻئي فعل جا محتاج نہ آهيون، بس! رڳو هڪڙي هڪل جي دير آهي.

اڳ ڪجهه ڪچڻ جي همت ئي نہ رکي سگهندا ۽ نہ وري کو سندس موڪل کان اڳ شفاعت ڪري سگهندو.

(38) (ان ڏينهن جبريل ۽ فرشتا صفون ٻڌي ٻيهندا) هتي "روح" مان مراد فرشتن مان هڪ فرشتو آهي. ۽ چيو ويو آهي تہ اهو جبرئيل آهي. ۽ هي به چيو ويو آهي تہ (روح) الله جي لشڪرن مان هڪ لشڪر آهي، جيڪو فرشتن مان نہ آهي.

(نہ ڳالهائي سگهندا، مگر اهي جنهن کي رحمان اجازت ڏيندو) يعني جن کي شفاعت ڪرڻ جي موڪل ڏيندو، يا هي مراد آهي تہ جن جي حق ۾ الله پاڻهاڙو جن کي شفاعت ڪرڻ جي اجازت ڏيندو، انهن کان سواءِ ٻيا نہ ڳالهائي سگهندا. (۽) اهو شخص اهڙو هجي، جنهن (چئي هوندي) دنيا ۾ (صحيح ڳالهه) يعني جنهن دنيا ۾ توحيد جي گواهي ڏني هوندي ۽ موحد هوندو.

(39) (اهو) يعني انهيءَ وصف مطابق سندن اٿڻ وارو ڏينهن (سچو ڏينهن آهي) يعني اهو هر حال يقيننا اچڻو ۽ ضرور واقع ٿيڻو آهي. (پوءِ جيڪو چاهي پنهنجي رب وٽ ٺاهي) (موٽڻ جي جاءِ) يعني نيڪ عمل ڪري، وٽس پنهنجي لاءِ پلو ماڳ ۽ سهڻو ٺڪاڻو ٻڌائي.

(40) (اسان توهان کي ان عذاب ڪان ڊيڄاري ڇڏيو آهي جيڪو اچي سڌائو ٿيو آهي)

(جنهن ڏينهن هر شخص اهو سڀ ڪجهه ڏسندو جيڪو سندس هٿن اڳتي موڪليو آهي) يعني خير هجي يا شر، جيڪي ڪجهه ايندڙ حياتيءَ لاءِ موڪليو هوندائين، سو سڀ ڪجهه اتي پنهنجي آڏو ڏسندو. (۽ ڪافر چوندو تہ هاءِ، جيڪر آءٌ مٽي ٿي وڃان ها)! يعني ڪافر الله تعالىٰ جي طرفان مختلف قسم جا عذاب ڏسي، ارمان سان چوندو تہ جيڪر مٽي ٿي وڃان ها.

إِذْ نَادَىٰهُ رَبُّهُۥ بِٱلْوَادِ ٱلْمُقَدَّسِ طُوًى ﴿١٦﴾ ٱذْهَبْ إِلَىٰ فِرْعَوْنَ إِنَّهُۥ طَغَىٰ ﴿١٧﴾
فَقُلْ هَل لَّكَ إِلَىٰٓ أَن تَزَكَّىٰ ﴿١٨﴾ وَأَهْدِيَكَ إِلَىٰ رَبِّكَ فَتَخْشَىٰ ﴿١٩﴾ فَأَرَىٰهُ
ٱلْءَايَةَ ٱلْكُبْرَىٰ ﴿٢٠﴾ فَكَذَّبَ وَعَصَىٰ ﴿٢١﴾ ثُمَّ أَدْبَرَ يَسْعَىٰ ﴿٢٢﴾ فَحَشَرَ
فَنَادَىٰ ﴿٢٣﴾ فَقَالَ أَنَا۠ رَبُّكُمُ ٱلْأَعْلَىٰ ﴿٢٤﴾ فَأَخَذَهُ ٱللَّهُ نَكَالَ ٱلْءَاخِرَةِ وَٱلْأُولَىٰٓ
﴿٢٥﴾ إِنَّ فِى ذَٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَن يَخْشَىٰٓ ﴿٢٦﴾ ءَأَنتُمْ أَشَدُّ خَلْقًا أَمِ ٱلسَّمَآءُ بَنَىٰهَا
﴿٢٧﴾ رَفَعَ سَمْكَهَا فَسَوَّىٰهَا ﴿٢٨﴾ وَأَغْطَشَ لَيْلَهَا وَأَخْرَجَ ضُحَىٰهَا ﴿٢٩﴾
وَٱلْأَرْضَ بَعْدَ ذَٰلِكَ دَحَىٰهَآ ﴿٣٠﴾ أَخْرَجَ مِنْهَا مَآءَهَا وَمَرْعَىٰهَا ﴿٣١﴾
وَٱلْجِبَالَ أَرْسَىٰهَا ﴿٣٢﴾ مَتَٰعًا لَّكُمْ وَلِأَنْعَٰمِكُمْ ﴿٣٣﴾ فَإِذَا جَآءَتِ ٱلطَّآمَّةُ
ٱلْكُبْرَىٰ ﴿٣٤﴾ يَوْمَ يَتَذَكَّرُ ٱلْإِنسَٰنُ مَا سَعَىٰ ﴿٣٥﴾ وَبُرِّزَتِ ٱلْجَحِيمُ
لِمَن يَرَىٰ ﴿٣٦﴾ فَأَمَّا مَن طَغَىٰ ﴿٣٧﴾ وَءَاثَرَ ٱلْحَيَوٰةَ ٱلدُّنْيَا ﴿٣٨﴾ فَإِنَّ ٱلْجَحِيمَ
هِىَ ٱلْمَأْوَىٰ ﴿٣٩﴾ وَأَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهِۦ وَنَهَى ٱلنَّفْسَ عَنِ ٱلْهَوَىٰ
﴿٤٠﴾ فَإِنَّ ٱلْجَنَّةَ هِىَ ٱلْمَأْوَىٰ ﴿٤١﴾ يَسْـَٔلُونَكَ عَنِ ٱلسَّاعَةِ أَيَّانَ مُرْسَىٰهَا
﴿٤٢﴾ فِيمَ أَنتَ مِن ذِكْرَىٰهَآ ﴿٤٣﴾ إِلَىٰ رَبِّكَ مُنتَهَىٰهَآ ﴿٤٤﴾ إِنَّمَآ أَنتَ مُنذِرُ
مَن يَخْشَىٰهَا ﴿٤٥﴾ كَأَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَهَا لَمْ يَلْبَثُوٓا۟ إِلَّا عَشِيَّةً أَوْ ضُحَىٰهَا ﴿٤٦﴾

سُورَةُ عَبَسَ

(14) (پوءِ هڪدم اهي پڌري پَٽ تي هوندا) چيو ويو آهي ته "الساهرة" مان مراد آها چٽي ڌرتي آهي، جنهن جو الله تعالىٰ انتظام ڪري، ان تي پنهنجي مخلوق جو حساب ڪتاب ونڊندو.

(15) (چا تو وٽ موسىٰ جي خبر آئي آهي)؟ يعني توهان کي فرعون ۽ موسىٰ جو قصو ته معلوم ئي چڪو آهي، جيڪو مشهور ۽ معروف آهي.

(16) (جڏهن سندس رب کيس مقدس ماڻري ۾ سڏيو) (مقدس) يعني مبارڪ ۽ پاڪ (طوىٰ) نالي ماڻريءَ ۾ سڏيو، جيڪو سينا جبل ۾ آهي.

(17) (ته فرعون ڏانهن وڃ، جو هو حد کان لنگهي ويو آهي).

(18) (پوءِ چئو) ان کي ته : (چا سڌرڻ جو ارادو اٿئي)؟ يعني وٽس پهچي کيس چئو ته چا تنهنجي اندر اها رغبت آهي ته سڌرجين؟ شرڪ جي روڪ کان پاڪ ٿيڻ مراد آهي. موسىٰ ؑ کي حڪم ڪيو ويو ته نرميءَ سان کيس اها ڳالهه سمجهاءِ.

(19) (۽ آءٌ توکي تنهنجي رب واري واٽ ڏيکاريان، پوءِ تون ڊڄندين)؟ يعني توکي الله تعالىٰ جي عبادت ۽ سندس هيڪڙائي واريءَ واٽ ونڌايان ٿو. چا پوءِ تون ان جي عذاب کان ڊڄندين؟ خدا جو خوف انهيءَ شخص کي ئي ٿيندو آهي، جيڪو هدايت وارو سڌريل هوندو آهي.

(20) (پوءِ کيس وڏي نشاني ڏيکاريائين) چيو ويو آهي ته ان مان حضرت موسىٰ ؑ جي لٺ مراد آهي، پٽ چيو ويو آهي ته سندس روشن هٿ مراد آهي.

(21) ﴿فَكَذَّبَ وَعَصَىٰ﴾ (پوءِ کوڙو ڪيائين ۽ نافرمان ٿيو). يعني موسىٰ عليه السلام کي کوڙو پانيائين ۽ ان جو چيو نه ورتائين.

(22) (پوءِ پٺي ڏنائين) يعني ڦريو ۽ ايمان آڻڻ کان منهن موڙيائين. (ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ لڳو) يعني زمين ۾ فتنو فساد ڦهلائڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ ۾ ڪتجي ويو ۽ موسىٰ عليه السلام جي معجزن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ مصروف ٿي ويو.

(23) (پوءِ ماڻهن کي گڏ ڪيائين) يعني وڙهڻ لاءِ لشڪر گڏ ڪيائين، يا مقابلي لاءِ جادوگرن کي جمع ڪيائين، يا مقابلو ڏسڻ لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪيائين.

﴿فَنَادَىٰ﴾ (پوءِ پڪاريائين). يعني وڏي واڪي پڙهو ڏنائين.

(24) (پوءِ چيائين ته آءٌ ئي توهان جو وڏو رب آهيان) انهيءَ لعنتيءَ اهو ظاهر ڪيو ته مون کان مٿي ڪو رب نه آهي.

(25) (پوءِ الله کيس پڪڙي آخرت ۽ دنيا جي عذاب ۾ سوڳهو ڪيو) يعني الله تعالىٰ کيس سوڳهو ڪري، آخرت جي سزا ٻه ڏني، جنهن مان دوزخ جو عذاب مقصود آهي ۽ دنيا جي سزا ٻه ڏني، جنهن مان کيس پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ مراد آهي، ته جيئن جيڪو ماڻهو سندس خبر ٻڌي اهو عبرت حاصل ڪري ۽ نصيحت پرائي.

(26) (بيشڪ انهيءَ ۾ وڏي عبرت آهي، ان لاءِ جيڪو ڊڄي) يعني جيڪو فرعون ۽ سندس عبرتناڪ قصو ٻڌندو، تنهن لاءِ ان ۾ هڪ وڏي عبرت آهي، بشرطيڪ اهو پنهنجي رب کان ڊڄندو ڪنبندو هجي.

(27) (توهان جو پيدا ڪرڻ وڌيڪ ڏکيو آهي يا آسمان جو)؟ يعني موت کان پوءِ وري ٻيهر خلقي جيارڻ ۽ اٿارڻ توهان جي نظر ۾ وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي يا آسمان کي پيدا ڪرڻ وڌيڪ ڏکيو آهي؟ اهو عظيم الشان چرخو ۽ ان ۾ ڪار فرما زبردست ڪاريگريون، ۽ قدرتي عجائبات ڏسندڙن کان کي ڳجهيون نه آهن. ﴿بَنَىٰهَا﴾ (ان کي بڌايائين) يعني آسمانُ ناهيائين.

(28) (اُن جي ڇت کي بلند ڪيائين) يعني ان کي زمين جي مٿان ڇت وانگر قائم رکيائين. (پوءِ ان کي برابر ڪيائين) پوءِ ان کي سنئون سڌو، هڪجهڙو برابر قائم ڪيائين، جنهن ۾ ڪو نه تفاوت ۽ ڏنگائي آهي ۽ نه منجهس ڪا ڏار ۽ ڪو سوراخ آهي.

(29) (۽ ان جي رات کي اونداهون ڪيائين) (۽ سج جي روشني کي ظاهر ڪيائين) يعني سج جي روشني جي ذريعي ڏينهن کي روشن ڪيائين.

(30) (۽ ان کان پوءِ زمين) يعني آسمان جي خلقڻ کان پوءِ (ان کي وڇايائين) يعني ان کي پکيڙي ڇڏيائين.

(31) (ان مان اُن جو پاڻي ۽ ان جو گاهه ڪڍيائين) يعني زمين مان نهرون ۽ چشما ڪڍي، اُن جي پاڻيءَ سان نباتات، ساوڪ ۽ رونق واريون پوکون اپايائين.

(32) (۽ جبلن کي کوڙيائين) جبلن کي زمين لاءِ مثل ميخ جي بنايائين ته جيئن مخلوق کي ڏوڏي اڇٽ هلاڪ ڪري نه ڇڏي.

(33) (اوهان جي ۽ اوهان جي ڍورن جي فائدي لاءِ).

(34) (پوءِ جڏهن وڏي آفت آيندي) يعني اها عظيم مصيبت جنهن کان وڏي ڪا بي مصيبت نه آهي، ان مان مراد پي صور کي ڦوڪڻ آهي، جنهن جي نتيجي ۾ جنتي جنت ۾ ۽ دوزخي دوزخ ۾ ويندا.

(35) (جنهن ڏينهن انسان پنهنجن سمورن ڪمن کي ياد ڪندو).

(36) (۽ ڏسندڙن لاءِ جهنم کي ظاهر ڪيو ويندو) يعني ان کي اهڙيءَ ريت ظاهر ڪيو ويندو، جو ڪنهن کان ڳجهي نه رهندي.

(37) (پوءِ جنهن سرڪشي ڪئي) يعني جيڪو ڪفر ۽ نافرمانيءَ ۾ حد کان لنگهي ويو هوندو.

(38) (۽ دنيا جي زندگيءَ کي ترجيح ڏنائين) يعني آخرت جي ابدي حياتيءَ جي پيٽ ۾ دنيا جي فاني زندگيءَ کي مٿانهون سمجهيائين ۽ آخرت لاءِ نه ڪا تياري ڪيائين ۽ نه ڪو عمل.

(39) (ته بيشڪ سندس ٺڪاڻو دوزخ ئي هوندو) اها ئي سندس جاءِ پناهه هوندي، ان کان سواءِ کيس ٻيو ڪجهه نه ملندو.

(40) (۽ باقي جيڪو پنهنجي رب اڳيان بيهڻ کان ڊنو) يعني جيڪو قيامت جي ڏينهن پنهنجي پالڻهار آڏو حساب ڪتاب



بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

عَبَسَ وَتَوَلَّىٰ ﴿١﴾ أَن جَاءَهُ الْأَعْمَىٰ ﴿٢﴾ وَمَا يُدْرِيكَ لَعَلَّهُ يَزَّكَّىٰ ﴿٣﴾ أَوْ
يَذَّكَّرُ فَتَنفَعَهُ الذِّكْرَىٰ ﴿٤﴾ أَمَّا مَنِ اسْتَغْنَىٰ ﴿٥﴾ فَأَنتَ لَهُ تَصَدَّىٰ ﴿٦﴾
وَمَا عَلَيْكَ أَلَّا يَزَّكَّىٰ ﴿٧﴾ وَأَمَّا مَن جَاءَكَ يَسْعَىٰ ﴿٨﴾ وَهُوَ يَخْشَىٰ ﴿٩﴾ فَأَنتَ
عَنْهُ تَلَهَّىٰ ﴿١٠﴾ كَلَّا إِنَّهَا تَذْكِرَةٌ ﴿١١﴾ فَمَن شَاءَ ذَكَرَهُ ﴿١٢﴾ فِي صُحُفٍ مُّكَرَّمَةٍ
﴿١٣﴾ مَّرْفُوعَةٍ مُّطَهَّرَةٍ ﴿١٤﴾ بِأَيْدِي سَفَرَةٍ ﴿١٥﴾ كِرَامٍ بَرَرَةٍ ﴿١٦﴾ قُتِلَ الْإِنسَانُ
مَا أَكْفَرَهُ ﴿١٧﴾ مِنْ أَيِّ شَيْءٍ خَلَقَهُ ﴿١٨﴾ مِن نُّطْفَةٍ خَلَقَهُ فَقَدَّرَهُ ﴿١٩﴾ ثُمَّ
السَّبِيلَ يَسَّرَهُ ﴿٢٠﴾ ثُمَّ أَمَاتَهُ فَأَقْبَرَهُ ﴿٢١﴾ ثُمَّ إِذَا شَاءَ أَنشَرَهُ ﴿٢٢﴾ كَلَّا لَمَّا
يَقْضِ مَا أَمَرَهُ ﴿٢٣﴾ فَلْيَنظُرِ الْإِنسَانُ إِلَىٰ طَعَامِهِ ﴿٢٤﴾ أَنَّا صَبَبْنَا الْمَاءَ صَبًّا
﴿٢٥﴾ ثُمَّ شَقَقْنَا الْأَرْضَ شَقًّا ﴿٢٦﴾ فَأَنبَتْنَا فِيهَا حَبًّا ﴿٢٧﴾ وَعِنَبًا وَقَضْبًا ﴿٢٨﴾
وَزَيْتُونًا وَنَخْلًا ﴿٢٩﴾ وَحَدَائِقَ غُلْبًا ﴿٣٠﴾ وَفَاكِهَةً وَأَبًّا ﴿٣١﴾ مَّتَاعًا لَّكُمْ
وَلِأَنْعَامِكُمْ ﴿٣٢﴾ فَإِذَا جَاءَتِ الصَّاخَّةُ ﴿٣٣﴾ يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ أَخِيهِ ﴿٣٤﴾
وَأُمِّهِ وَأَبِيهِ ﴿٣٥﴾ وَصَاحِبَتِهِ وَبَنِيهِ ﴿٣٦﴾ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَأْنٌ
يُغْنِيهِ ﴿٣٧﴾ وُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ مُّسْفِرَةٌ ﴿٣٨﴾ ضَاحِكَةٌ مُّسْتَبْشِرَةٌ ﴿٣٩﴾ وَوُجُوهٌ
يَوْمَئِذٍ عَلَيْهَا غَبَرَةٌ ﴿٤٠﴾ تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ ﴿٤١﴾ أُولَٰئِكَ هُمُ الْكَفَرَةُ الْفَجَرَةُ ﴿٤٢﴾

ڏيڻ کان ڏنو (ڇ پنهنجي نفس کي خواهش کان روڪيائين) يعني نفس کي انهن نافرمانين ۾ حرام ڪمن کان روڪيائين، جن جي نفس سَڊ ڪندو رهي ٿو.

41 (ته بيشڪ سندس رهڻ جي جاءِ بهشت ئي هوندو) جنت ئي ٺڪاڻو هوندس جنهن ۾ وڃي رهائش پذير ٿيندو، ان کان سواءِ ڪنهن بي جاءِ ۾ نه ويندو.

42 (توڪان قيامت بابت پڇن ٿا ته اها ڪڏهن اچي سهڙندي)؟ يعني اها ڪڏهن ايندي ۽ وقوع پذير ٿيندي؟

43 (ان جي بيان سان تنهنجو ڪهڙو واسطو) يعني ان جي ڄاڻ ۽ تذڪري ڪرڻ سان تنهنجو ڪهڙو ڪم، ان کي ته رڳو الله تعاليٰ ئي ڄاڻي ٿو.

44 (رڳو تنهنجي رب تائين ان جو دنگ آهي) ان جي ڄاڻ جي انتها رڳو الله وٽ آهي، ڪنهن بئي کي ان جي ڪا خبر ئي ناهي.

45 (تون ته رڳو ڊيڄارينڊڙ آهين، ان کي جيڪو ان کان ڊڄي) يعني جيڪو قيامت قائم ٿيڻ کان ڊڄي ٿو، تون ته رڳو ان کي ئي ڊيڄاري سگهين ٿو.

46 (جنهن ڏينهن هو ان کي ڏسندا، ته ڄڻ رڳو رات يا ڏينهن جو ڪو پهر مس ترسيا هئا) يعني ائين پائيندا ته ڄڻ رڳو ڏينهن جو ڪو اڌيون يا پويون پهر يا مانجهاندي جيتري جهت پل دنيا ۾ مس رهيا آهيون.

سورة عبس

1 (منهن ۾ ڳهنڊ وڌائين ۽ پٺي ڦيرايائين) نبيءَ سڳوري ﷺ پنهنجي پيشاني مبارڪ ۾ ڇوڙ وڌو ۽ پٺي ڏنائين.

2 (جو وٽس نابين آيو) يعني وٽن نابينيءَ جي اچڻ ڪري ڇوڙ وڌائون. هن سورت جو شان نزول هي آهي ته : قريش جا ڪي سردار رسول الله ﷺ جن وٽ موجود هئا، پاڻ سڳورن کي سندن مسلمان ٿيڻ جي رغبت هئي. ايتري ۾ هڪ نابين شخص حضرت عبد الله بن ام مڪتوم نالي اچي حاضر ٿيو، جيڪو چوندِ اصحابن مان هو، بار بار سوالات ڪري قطع ڪلامي ڪرڻ لڳو، پاڻ سڳورن ﷺ کي اها ڳالهه نه وڻي، تنهن ڪري ان ڪان پنيرا ٿي ويٺا.

3 (ڇ توکي ڪهڙي خبر) اي محمد ﷺ! (ته شايد اهو سڌري پوي) يعني شايد اهو نابين، توهان جي نصيحت ٻڌي ڇڳا عمل ڪري ۽ گناهن کان پاڪ ٿي پوي.

4 (يا ڌيان ڪري) يعني توهان جي تعليم ۽ ڇڪيون ڳالهيون ٻڌي نصيحت پرائي ۽ نيڪ صالح ٿي پئي. (پوءِ اها نصيحت کيس فائدو ڏئي) يعني ان واعظ مان فائدو پرائي.

5 (پر جيڪو بي پرواهي ڪري ٿو).

6 (ته پوءِ تون ان جي ڪڍ لڳي پئين ٿو)! يعني جيڪو شخص تنهنجي پيغام ۽ آندل پروگرام کان پنهنجي بيزاري ۽ لا پرواهي ظاهر ڪري چڪو آهي، تنهن ڏانهن ته ڇڪيءَ طرح متوجه ٿي کيس پنهنجي ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ وڏو ئي وڌ کوشش ڪري رهيو آهين!

7 (جڏهن ته توتي ڪا ميار ناهي جو اهو نه سڌري) يعني جيڪڏهن اهو ڪافر اسلام نٿو آڻي ۽ هدايت کي قبول نٿو ڪري، ته تو کان پڪڙ پڇاڙو نه ٿيندو. تنهنجو ڪم رڳو الله جو پيغام پهچائڻ آهي، ڪافرن مان جيڪو اها هلت هلي ٿو، تنهن تي ڪو رنج ۽ غم نه ڪر.

8 (ڇ پر جيڪو شخص تو وٽ ڊوڙندو آيو) يعني پلائي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻمرادو سايو ڪري ڊوڙندو تو وٽ آيو ته جيئن تون کيس پلائي جي راهه ڏيڪارين ۽ واعظ نصيحت ڪرين.

9 (ڇ اهو ڪنبندو ٿو وتي) الله جي ڏمر کان ڊڄندو ڪنبندو ٿو وتي.

10 (ته تون ان کان بي خيالو ٿو ٿئين) ان کان لهرائين ٿو، منهن موڙين ٿو، بي پرواهي اختيار ڪرين ٿو.

11 (ڪڏهن به نه! بيشڪ اها هڪ نصيحت آهي) يعني ائين نه ڪرڻ گهرجي، جو ته اهي آيتون يا اها سورت هڪ نصيحت آهي، جنهن جو حق هي آهي ته ان جي ذريعي ماڻهن کي تلقين ڪرين، پڙهائو ان کي قبول ڪرين ۽ ان مطابق عمل ڪرين.

12 ﴿فَمَن شَاءَ ذَكَرَهُ﴾ (پوءِ جيڪو گهري ته ان کي ياد ڪري).

13 (صحيفن ۾) يعني اها نصيحت صحيفن ۾ آهي. (جيڪي عزت وارن آهن) اهي صحيفا علم ۽ حڪمت سان منور هجن ڪري الله وٽ عزت ورتل آهن، يا هن ڪري قابل احترام آهن ته لوح محفوظ مان لاڙل آهن.

14 (مٿانهان) يعني الله وٽ وڏي مانَ مرتبي وارا آهن. (پاڪ آهن) يعني جن کي پاڪائي وارائي هٿ لائين ٿا، اهي شيطانن ۽ ڪافرن کان محفوظ آهن.

15 (سفير فرشتن جي هٿن ۾ آهن) (سفرة) مان اهي فرشتا مراد آهن جيڪي سفير بٽجي پاڪ پيغمبرن وٽ الله جي وحي آڻيندا آهن. اهو لفظ "سفارة" مان ورتل آهي، يعني ڪنهن به قوم جي درميان لاڳاپا قائم ڪرڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ.

16 (مانائتا) يعني پنهنجي رب جي وٽ مانائتا آهن. (نيڪوڪار آهن) پرهيزگار، پنهنجي رب جا فرمانبردار ۽ پنهنجي ايمان ۾ سچا آهن.

17 (انسان تي مار پوي، ڪيڏو نه ناشڪرو آهي) يعني ڪافر انسان تي ڦٽڪار ۽ پاراتو هجي، جو پنهنجي ڪفر ۾ ڪيڏو نه سخت آهي.

18 (ڪيس ڪهڙي شيءِ مان خلقيائين)؟ يعني الله تعالىٰ انهيءَ ڪافر کي ڪهڙيءَ شيءِ مان پيدا ڪيو آهي؟

19 (نطفي مان ڪيس پيدا ڪيائين) يعني ڪيس خسيس ۽ ڪني

پاٹيءَ جي ٽيپي مان پيدا ڪيائين، پوءِ اهو شخص ڪيئن ٿو وڃائي ڪري، جيڪو (زال ۾ مڙس جي) پيشاب نڪرڻ واري جاءِ مان ٻه دفعا نڪتو هجي؟ (پوءِ سندس اندازو ڪيائين) يعني ڪيس برابر ڪيائين ۽ سندس زندگيءَ جي ضرورتن لاءِ ڪيس تيار ڪيائين، سندس لاءِ ٻه هٿ، ٻه پير، ٻه اکيون ۽ ٻيا سمورا حواس پيدا ڪيائين.

20 (پوءِ دڳ سنهنجو ڪيائينس) يعني ماءُ جي پيٽ مان نڪرڻ جو رستو آسان ڪيائينس، يا پلاڻي ۽ برائيءَ جي واٽ سولي ڪري ڏنائينس.

21 (پوءِ موت ڏنائينس، پوءِ قبر ۾ پهچايائينس) يعني مرڻ کان پوءِ سندس عزت ۽ اڪرام خاطر ڪيس قبر ۾ دفنائڻ جي ريت جاري ڪيائين، ڪيس زمين جي مٿان اچلائي ڦٽو نٿو ڪيو وڃي، جو درندا ۽ پکي ان جي لاش کي چيري ڦاڙي کائي ختم ڪندا هجن.

22 (پوءِ جڏهن چاهيندو، ته ڪيس اٿارينداو) يعني ان جي موت کان پوءِ، جنهن وقت الله تعاليٰ گهرندو ته ڪيس وري ٻيهر جيئرو ڪري اٿارينداو.

23 (خبردار! جيڪو حڪم ڪيائينس، سو ايان پورو نه ڪيو اٿين) بلڪ ڪي ماڻهو ڪفر ڪري ۽ ڪي نافرماني ڪري الله جي احڪامن جي پيڇڙي ڪن ٿا، سندس حڪمن جي تابعداري کي گهٽ ماڻهو ڪن ٿا.

24 (پوءِ انسان کي پنهنجي کاڌي ڏانهن ڏسڻ گهرجي) يعني انسان کي سوچڻ گهرجي ته جيڪو کاڌو، خوراڪ سندس زندگيءَ جي بنيادي ضرورت آهي، تنهن کي رب تعاليٰ ڪيئن ٿو پيدا فرمائي؟

25 (ته بيشڪ اسان ئي پاڻيءَ کي خوب پرٽايو آهي).
يعني پاڻيءَ کي ڪرن مان خوب پرٽايو آهي ۽ مٿان آسمان مان وسائي واهڙ وهائي ڇڏيا آهن.

26 (پوءِ اسان ئي زمين کي چڪيءَ طرح چيريو ڦاڙيو آهي)
يعني آسانيءَ سان داڻن کي ان مان ڦٽايون ٿا، حالانڪ اهي سلا بي ساها ۽ نرم نازڪ هوندا آهن.

27 (پوءِ اسان ئي ان مان اناج اپايو آهي) يعني زمين مان غذائي جنسون پيدا ڪيون آهن. داڻن مان پيدا ٿيندڙ ڦوٽهڙو برابر وڌندو رهندو آهي، تانجو قدرتي اناج جي صورت اختيار ڪندو آهي.

28 (۽ انگور ۽ ساول)، ترڪاريون يا جيڪو سائو گاهه جانورن چرندا آهن.

29 (۽ زيتون ۽ ڪجيون). يعني زيتون ۽ ڪجين جا وڻ وڌا وڻ پيدا ڪريون ٿا.

30 (۽ گهاٽا باغ). وڻن وٽن ۽ ٽلهي ٽڻن وارا گهاٽا باغ، جن جون تامون هڪبئي سان وڇڙيل هجن.

31 (۽ ميوا ۽ گاهه). (ابّ) يعني زمين مان جيڪو گاهه وغيره ازخود ڦٽي، ۽ ماڻهو ان کي نه ڪائيندا هجن ۽ نه پوکيندا هجن، اهو مراد آهي.

32 (اوهان جي ۽ اوهان جي چوپائي مال جي فائدي لاءِ).

33 (پوءِ جڏهن ڪنَ ٻوڑا ڪندڙ ڪَڙڪاٽ ٿيندو) يعني قيامت جي ڏينهن اهڙي رڙ ٿيندي، جنهن کي ٻڌي ڪن ٽپ ٻوڑا ٿي ويندا، ۽ ڪجهه ٻڌي نه سگهندا.

34 - 36 (ان ڏينهن ماڻهو پري پوندو پنهنجي پاءُ ۽ پنهنجي ماءُ ۽ پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجي اولاد کان) اهي رشتا ناتا سڀ کان وڌيڪ ويجهڙا هوندا آهن، جن جي محبت ۽ مهرباني هر قسم جي شڪ شبهي کان مٿي هوندي آهي، سو اهڙن کان پڄڻ جو ڪاوڙ، رڳو قيامت جي عظيم مصيبت ۽ هولناڪي آهي.

37 (ان ڏينهن منجهائين هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي حال ۾ رڌل هوندو) ڪوئي ڪنهن ڏي ڏيان ئي نه ڏيندو، هر شخص پنهنجن ويجهڙن کان منهن ڦيرائيندو ۽ پڇندو، ته جيئن ڪانئس ڪو مطالبو نه ڪن ۽ نه وري سندس تڪليف ۽ مصيبت کي ڏسن.

38 (ڪيترا چهرا ان ڏينهن چمڪندڙ هوندا) روشن، منور هوندا.



سُوْرَةُ التَّكْوِيْر

مَكِّيَّة ٨١ — اٰيَاتُهَا ٢٩

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

إِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ ﴿١﴾ وَإِذَا النُّجُومُ انكَدَرَتْ ﴿٢﴾ وَإِذَا الْجِبَالُ
سُيِّرَتْ ﴿٣﴾ وَإِذَا الْعِشَارُ عُطِّلَتْ ﴿٤﴾ وَإِذَا الْوُحُوشُ حُشِرَتْ
﴿٥﴾ وَإِذَا الْبِحَارُ سُجِّرَتْ ﴿٦﴾ وَإِذَا النُّفُوسُ زُوِّجَتْ ﴿٧﴾ وَإِذَا
الْمَوْءُودَةُ سُئِلَتْ ﴿٨﴾ بِأَيِّ ذَنْبٍ قُتِلَتْ ﴿٩﴾ وَإِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ
﴿١٠﴾ وَإِذَا السَّمَاءُ كُشِطَتْ ﴿١١﴾ وَإِذَا الْجَحِيمُ سُعِّرَتْ ﴿١٢﴾ وَإِذَا الْجَنَّةُ
أُزْلِفَتْ ﴿١٣﴾ عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا أَحْضَرَتْ ﴿١٤﴾ فَلَا أُقْسِمُ بِالْخُنَّسِ ﴿١٥﴾
الْجَوَارِ الْكُنَّسِ ﴿١٦﴾ وَاللَّيْلِ إِذَا عَسْعَسَ ﴿١٧﴾ وَالصُّبْحِ إِذَا تَنَفَّسَ ﴿١٨﴾
إِنَّهُ لَقَوْلُ رَسُولٍ كَرِيمٍ ﴿١٩﴾ ذِي قُوَّةٍ عِندَ ذِي الْعَرْشِ مَكِينٍ ﴿٢٠﴾ مُّطَاعٍ
ثَمَّ أَمِينٍ ﴿٢١﴾ وَمَا صَاحِبُكُم بِمَجْنُونٍ ﴿٢٢﴾ وَلَقَدْ رَآهُ بِالْأُفُقِ الْمُبِينِ
﴿٢٣﴾ وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِينٍ ﴿٢٤﴾ وَمَا هُوَ بِقَوْلِ شَيْطَانٍ رَّجِيمٍ ﴿٢٥﴾
فَأَيْنَ تَذْهَبُونَ ﴿٢٦﴾ إِنْ هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعَالَمِينَ ﴿٢٧﴾ لِمَن شَاءَ مِنكُمْ أَن
يَسْتَقِيمَ ﴿٢٨﴾ وَمَا تَشَاءُونَ إِلَّا أَن يَشَاءَ اللَّهُ رَبُّ الْعَالَمِينَ ﴿٢٩﴾

سُوْرَةُ الْاِنْفِطَار

مَكِّيَّة ٨٢ — اٰيَاتُهَا ١٩

39 (ڪلندڙ، خوشيون ڪندڙ هوندا). خوشيءَ مان پيا ٻهڪندا.

40 (۽ڪيترن منهن تي ان ڏينهن ڏوڙ پئي وسندي). پيلا ، چاڻي پيل هوندا.

41 (ڪارنهن ويڙهيل هوندن) ڪاراڻ، پيلائي ۽ بيڻائي ڪين ويڙهي ونڊندي.

42 (آهي) يعني اهي مهڪارا ماڻهو (اهي ئي ڪافر ۽ بدڪار آهن) يعني اهو حال فاسق، فاجر ۽ ڪوڙن ماڻهن جو هوندو.

سورة التكوير

1 (جڏهن سج ويڙهيو ويندو) يعني جڏهن ان کي ڪينهون جيان گول ڪري، گڏي ويڙهي اچلايو ويندو.

2 (۽ جڏهن تارا ميرا ٿي ويندا) يعني جڏهن انهن جي روشني ختم ٿي ويندي ۽ وسامي ويندا يا اهي ڪري پوندا ۽ ڪٿو ڪٿو ٿي ٽڻڙي پکڙجي ويندا.

3 (۽ جڏهن جبل هلايا ويندا) يعني انهن کي ختم ڪري هوا ۾ اڏاريو ويندو.

4 (۽ جڏهن ڏڪيون ڏاڇيون چڙواڪ چڏي ڏيبون) عربيءَ ۾ ڏهن مهينن جي ويم تي آيل ڏڪي ڏاڇيءَ کي "عشار" چوندا آهن، عربن وٽ اهو سڀ کان پيارو مال هوندو آهي. (عطلت) معنيٰ بنا ڏنار جي چڏي ڏيبون. يعني انهيءَ عظيم مصيبت جو حال ڏسي ڏڪين ڏاڇين جا مالڪ ۽ ڏنار انهن کي چوٽ چڏي ڏيندا.

5 (۽ جڏهن وحشي جانورن کي گڏ ڪيو ويندو) يعني جهنگلي جانورن کي جيئرو ڪري، هڪ بئي کان دنيا ۾ ڪيل سندن ظلمن جو بدلو ورايو ويندو. يا انهن کي گڏ ڪري ماري ختم ڪيو ويندو.

6 (۽ جڏهن سمنڊ پڙڪايا ويندا) يعني انهن کي ٻاريو ويندو، تانجو اهي ڦري باهه ٿي پڙڪندا.

7 (۽ جڏهن نفسن کي جوڙو جوڙو ڪيو ويندو) يعني مؤمنن کي جنتي حورن سان ملايو ويندو ۽ ڪافرن کي شيطانن سان گڏ ڪيو ويندو. حضرت حسن بصري رحمه الله فرمائي ٿو ته هر شخص کي پنهنجي پنهنجي ٽولي سان ملايو ويندو. يهودي يهودين سان، عيسائي عيسائين سان، مجوسي مجوسن سان، منافق منافقن سان ۽ مؤمنن کي مؤمنن سان ملايو ويندو.

8 9 (۽ جڏهن زنده دفنايل نياڻيءَ کان پڇيو ويندو ته ڪهڙي گناه سبب قتل ڪئي وئي هئي)؟ جاهليت جي دور ۾ عربن جي عادت هوندي هئي ته ونڻ نياڻي پيدا ٿيندي هئي ته عار ۽ بار سمجهي ان کي جيئرو پوري ڇڏيندا هئا، تنهن ڪري قيامت جي ڏينهن انهن معصوم نياڻين کي ناحق جيئرو پورين ڏڻ کان پڇاڙو ٿيندو، جنهن ۾ انهن قاتلن لاءِ سخت ڌمڪي آهي.

10 (۽ جڏهن اعمالناما کوليا ويندا) يعني جڏهن حساب ونڊ لاءِ عملن جا دفتر کولي سامهون رکيا ويندا.

11 (۽ جڏهن آسمان جي کل لاٿي ويندي) يعني جڏهن آسمان ڏري ٽکر ٽکر ٿي پوندا ۽ ختم ٿي ويندا.

12 (۽ جڏهن دوزخ کي پڙڪايو ويندو) دوزخ خداوند قهار ۽ جبار جي جلال ۽ غضب سبب ۽ ماٺهن جي گناهن جي ڪري پڙڪي رهي هوندي.

13 (۽ جڏهن جنت کي ويجهو ڪيو ويندو) ان کي مؤمنن جي قريب ڪيو ويندو ۽ نزديڪ آندو ويندو. چيو ويو آهي ته اهي پارهن شيون آهن، جن مان چهه هن دنيا ۾ ٿيندیون، جيڪي سورت جي شروع کان سمنڊن کي پڙڪائڻ تائين بيان ڪيون ويون آهن ۽ چهه آخرت ۾ ٿيندیون، جن جو بيان ﴿ وَإِذَا ٱلنُّفُوسُ زُوِّجَتْ ﴾ کان هن آيت تائين ڪيو ويو آهي.

14 (ڏهن هر شخص ڄاڻيندو ته ڇا آندو اٿس) يعني جڏهن اعمالناما کلندا ته هر شخص ڄاڻيندو ته انهيءَ آخرت لاءِ ڇا آندو آهي؟ چڱائي آندي اٿس يا برائي؟

15 (پوءِ قسم ٿو کڻان پوئتي هٽندڙن تارن جو) الله تعالىٰ انهن تارن جو قسم کڻي رهيو آهي، جيڪي ڏينهن جو اوجهل ٿي ويندا آهن، سج جي روشنيءَ ۾ لکي ويندا آهن ۽ نظر نه ايندا آهن.

16 (هلندڙن) جيڪي تارا پنهنجي پنهنجي مدار ۾ هلندا آهن (لکي ويندڙن تارن جو) يعني لهڻ وقت لکي ويندا آهن. (الكُنَّس) معنىٰ لڪڻ جون جايون، (كناس) کان ورتل آهي، يعني اها جاءِ جنهن ۾ وحشي جانور هرڻي وغيره جهڙي جانورن کان شڪار ڪرڻ لاءِ لکي ويندا آهن.

17 (۽ رات جو قسم، جڏهن آخري پساهن ۾ هوندي آهي) يعني جڏهن پنيري ٿيندي آهي ۽ ان جي اونداهي ختم ٿيڻ واري هوندي آهي.

18 (۽ صبح جو قسم، جڏهن ساهه ڪٽي ايري) يعني جڏهن پنهنجي روحانيت پري تڏڙي هوائن سان اپرندو ۽ ظاهر ٿيندو آهي.

19 (بيشڪ اهو) يعني قرآن مجيد (هڪ مانائتي فرشتي جي زباني آندل آهي) جبرئيل امين عليه السلام مراد آهي، جنهن بارگاه خداونديءَ مان رسول الله ﷺ جن وٽ قرآن ڪريم جي وحي آندي.

20 (جيڪو طاقتور آهي، عرش واري وٽ وڏي مرتبي وارو آهي) يعني هو وڏي طاقت وارو آهي ۽ الله تعالىٰ وٽ وڏي مان مرتبي وارو آهي.

21 (اتي مڃوتي وارو، امانتدار آهي) يعني اتي آسمانن ۾ فرشتا سندس فرمانبردار آهن، جيڪي احڪام پڌڻ لاءِ وٽس ايندا ويندا آهن ۽ پيغمبرن ڏانهن وحي آڻڻ ۾ امانتدار آهي.

22 (۽ توهان جو ساٿي ڪو ديوانو ناهي) هتي حضرت محمد ﷺ جن کي سندن ساٿي فرمايو ويو آهي، جاڪاڻ ته اهي سندن ڪردار کي چڱيءَ طرح ڄاڻيندا هئا ۽ کين معلوم هو ته پاڻ سڀ کان وڌيڪ عقلمند، ڪامل ۽ اڪمل آهن.

23 (۽ بيشڪ انهيءَ کيس آسمان جي پڌري اپ تي ڏٺو) يعني حضرت محمد ﷺ جن جبرئيل امين عليه السلام کي سندس اصل صورت ۾ ڏٺو، جنهن جا ڇهه سؤ پر آهن. مجاهد تابعيءَ جي قول مطابق حضرت محمد ﷺ جن حضرت جبريل عليه السلام کي مڪي جي اپرندي پاسي اجياد نالي علاقي ۾ ڏٺو.

24 (۽ ناهي اهو) يعني حضرت محمد ﷺ (غيب تي) يعني آسمان تان آيل ڪنهن به ڳجهي خبر ٻڌائڻ بابت (ڪو بخل ڪندڙ) يعني پاڻ نه وحي بيان ڪرڻ ۾ بخيل آهن ۽ نه دين جي تبليغ جي سلسلي ۾ ڪا ڪوتاهي ڪندڙ آهن، بلڪ مخلوق کي الله تعالىٰ جو ڪلام سيکارڻ ۽ احڪامن ٻڌائڻ ۾ وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪندڙ آهن.

25 (۽ اهو تڙيل شيطان جو ڪلام نه آهي) يعني قرآن مجيد انهن شيطانن مان ڪنهن جو قول نه آهي، جيڪي آسمان تي وڃي، چوري فرشتن جون گالهيون ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ جن کي ڏڪارڻ ۽ تڙڻ لاءِ لات تارن سان چٽيو ويندو آهي.

26 (پوءِ توهان ڪيڏانهن ٽا وڃو)؟ يعني مون جيڪو طريقو توهان کي ٻڌايو آهي، ان کان وڌيڪ روشن ٻيو ڪهڙو رستو ٿي سگهي ٿو، جنهن تي توهان هلڻ گهرو ٿا؟

27 (اهو ته رڳو جهانن وارن لاءِ هڪ نصيحت آهي) يعني اهو قرآن شريف سڄي جڳ جهان وارن لاءِ الله تعالىٰ جي طرفان رڳو يادگيري ۽ نصيحت ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي.

28 29 (۽ توهان نه ٿا گهري سگهو، مگر جيڪي جهانن جو پالڻهار الله گهري) يعني سڌي راه تي هلڻ ۽ قائم رهڻ جي طاقت توهان جي اندر ڪٿان ايندي جيستائين الله تعالىٰ جي گهر ۽ سندس توفيق ۽ مدد شامل حال نه ٿئي.

سورة انفطار

1 (جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو) يعني جڏهن فرشتن جي لهڻ جي ڪري آسمان ڦاٽي پوندو ۽ ڌارون ڏئي ويندو.

2 (۽ جڏهن تارا ڪٽو ڪٽ ٿي پوندا) يعني ڇٽي ڪري پوندا ۽ ڪٽو ڪٽ ٿي ويندا.

3 (۽ جڏهن سمنڊَ چيريا ويندا) يعني انهن کي جوش ڏياري هڪٻئي ۾ ملايو ويندو ۽ گڏجي هڪ سمنڊ ٿي پوندا، يا انهن ۾ اهڙو جوش ايندو جيئن آتش فشان زمين يا جبلن مان ڦاٽي نڪرندا آهن، تيئن سمنڊ به جوش ڪائي اٿلي پوندا. پر ائين قيامت جي ويجهو ٿيندو.

4 (۽ جڏهن قبرون اڪيڙيون ويندیون) انهن جي مٽي اٿلائي پٽلائي هيڏي هوڏي ڪئي ويندي ۽ مردن کي باهر ڪڍيو ويندو.

5 (تڏهن هر ڪو ڄاڻيندو ته انهيءَ اڳتي ڇا موڪليو آهي ۽ پوئتي ڇا ڇڏيو آهي)؟ يعني جڏهن اعمالناما کلندا، تڏهن هر شخص تي اهو راز کلندو ته انهيءَ آخرت لاءِ اڳتي ڇا موڪليو آهي، پلائي يا برائي؟ ۽ پنتي ڇا ڇڏي آيو آهي، نيڪي يا بدي؟

6 (اي انسان! توکي پنهنجي رب ڪريم بابت ڪهڙي شيءِ دوکي ۾ وڌو آهي)؟ يعني اها ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن تو کي ڏوکي ۽ فريب ۾ وڌو آهي، تانجو پنهنجي ٻاجهاري رب جو به انڪاري ٿي ويو آهين؟ چيو ويو آهي الله تعالىٰ جي ٻاجهه انسان کي ڏوکي ۾ وڌو آهي، ڇاڪاڻ ته رب ڪريم سزا ڏيڻ ۾ جلدي نٿو ڪري.

7 (جنهن توکي پيدا ڪيو) نطفي مان، جڏهن ته تون ڪجهه نه هئين. (پوءِ توکي ٺاهيائين) ٻڌندڙ، ڏسندڙ ۽ عقل وارو انسان، ڇڪيءَ طرح ٺاهي تيار ڪيائين. (پوءِ توکي برابر ڪيائين) يعني توکي وڇولو سٽيئن قد ڪاٺ ۽ سهڻي شڪل صورت وارو ڪيائين ۽ تنهنجن جسماني عضون کي مناسب ۽ موزون بنايائين.

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

إِذَا ٱلسَّمَآءُ ٱنفَطَرَتۡ ﴿١﴾ وَإِذَا ٱلۡكَوَاكِبُ ٱنتَثَرَتۡ ﴿٢﴾ وَإِذَا ٱلۡبِحَارُ
فُجِّرَتۡ ﴿٣﴾ وَإِذَا ٱلۡقُبُورُ بُعۡثِرَتۡ ﴿٤﴾ عَلِمَتۡ نَفۡسٞ مَّا قَدَّمَتۡ
وَأَخَّرَتۡ ﴿٥﴾ يَٰٓأَيُّهَا ٱلۡإِنسَٰنُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ ٱلۡكَرِيمِ ﴿٦﴾ ٱلَّذِي
خَلَقَكَ فَسَوَّىٰكَ فَعَدَلَكَ ﴿٧﴾ فِيٓ أَيِّ صُورَةٖ مَّا شَآءَ رَكَّبَكَ ﴿٨﴾
كَلَّا بَلۡ تُكَذِّبُونَ بِٱلدِّينِ ﴿٩﴾ وَإِنَّ عَلَيۡكُمۡ لَحَٰفِظِينَ ﴿١٠﴾ كِرَامٗا
كَٰتِبِينَ ﴿١١﴾ يَعۡلَمُونَ مَا تَفۡعَلُونَ ﴿١٢﴾ إِنَّ ٱلۡأَبۡرَارَ لَفِي نَعِيمٖ ﴿١٣﴾ وَإِنَّ
ٱلۡفُجَّارَ لَفِي جَحِيمٖ ﴿١٤﴾ يَصۡلَوۡنَهَا يَوۡمَ ٱلدِّينِ ﴿١٥﴾ وَمَا هُمۡ عَنۡهَا بِغَآئِبِينَ
﴿١٦﴾ وَمَآ أَدۡرَىٰكَ مَا يَوۡمُ ٱلدِّينِ ﴿١٧﴾ ثُمَّ مَآ أَدۡرَىٰكَ مَا يَوۡمُ ٱلدِّينِ
﴿١٨﴾ يَوۡمَ لَا تَمۡلِكُ نَفۡسٞ لِّنَفۡسٖ شَيۡـٔٗاۖ وَٱلۡأَمۡرُ يَوۡمَئِذٖ لِّلَّهِ ﴿١٩﴾

سُورَةُ المُطَفِّفِينَ

ترتيبها ٨٣ | آياتها ٣٦

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

وَيۡلٞ لِّلۡمُطَفِّفِينَ ﴿١﴾ ٱلَّذِينَ إِذَا ٱكۡتَالُواْ عَلَى ٱلنَّاسِ يَسۡتَوۡفُونَ ﴿٢﴾
وَإِذَا كَالُوهُمۡ أَو وَّزَنُوهُمۡ يُخۡسِرُونَ ﴿٣﴾ أَلَا يَظُنُّ أُوْلَٰٓئِكَ أَنَّهُم
مَّبۡعُوثُونَ ﴿٤﴾ لِيَوۡمٍ عَظِيمٖ ﴿٥﴾ يَوۡمَ يَقُومُ ٱلنَّاسُ لِرَبِّ ٱلۡعَٰلَمِينَ ﴿٦﴾

8 (جنهن به شڪل ۾ چاهيائين، توکي جوڙي تيار ڪيائين) پنهنجي مرضي سان انسانن کي مختلف صورتون ۽ جدا جدا رنگ روپ ڏنائين، حالانڪ تو ۾ ته ايتري سگهه به نه آهي جو تون پنهنجي شڪل صورت پاڻ اختيار ڪري سگهين.

9 (خبردار !) انسان کي الله تعالىٰ جي ڪرم نوازي جي ڪري، بي پرواهي اختيار ڪرڻ کان خبردار ڪيو وڃي ٿو، جنهن جي ڪري هو ڪفر ۽ شرڪ ڪندو آهي. بلڪ توهان بدلي جي ڏينهن کي ڪوڙو ڪريو ٿا) جنهن ڏينهن هر شخص کي سندس پلائيءَ جي جزا ۽ برائيءَ جي سزا ڏني ويندي.

10 (۽ بيشڪ توهان تي نگران مقرر ٿيل آهن) ملائڪن مان.

11 (پلارا، لکندڙ). وڏي عزت ۽ وڏي مان وارا، عملناما لکندڙ.

12 (جيڪي ڪجهه ڪريو ٿا، تنهن کي اهي ڄاڻن ٿا) يعني توهان قيامت جي ڏينهن کي ڪوڙو ڪريو ٿا، حالانڪ الله تعالىٰ توهان تي فرشتا مقرر ڪري ڇڏيا آهن، جيڪي توهان جا عمل ۽ توهان جون ڳالهيون سڀ ڪجهه لکن ٿا ته جيئن قيامت جي ڏينهن انهن جي روشني ۾ توهان کان حساب وٺي سگهجي.

13 (بيشڪ نيڪوڪار نعمتن ۾ هوندا). يعني جنت جي ڄجهين نعمتن ۾ هوندا.

14 (۽ بيشڪ بدڪار جهنم ۾ هوندا). يعني دوزخ جي ساڙيندڙ باهه ۾ هوندا.

15 (بدلي جي ڏينهن انهيءَ ۾ داخل ٿيندا) يعني حساب ڪتاب واري انهيءَ ڏينهن، جنهن کي هو ڪوڙو پائڻين ٿا، ان ڏينهن جهنم جي ان باهه ۾ ضرور گهڙندا ۽ هر حال ۾ ان جي گرميءَ جي شدّت ۽ حدّت کين پوڳٽي پوندي.

16 (۽ اهي ان کان غائب نه ٿي سگهندا) يعني هرگز ان کان جدا نه ٿي سگهندا ۽ نه ان کان لکي غير حاضر ٿي سگهندا، بلڪ هميشه هميشه لاءِ منجهس رهندا.

17 (۽ توکي ڪهڙي خبر ته بدلي جو ڏينهن ڇا آهي)؟

18 (وري به، توکي ڪهڙي خبر ته بدلي جو ڏينهن ڇا آهي)؟ هتي حساب ڪتاب جي ڏينهن جي عظمت، اهميت، سختيءَ ۽ هولناڪيءَ کي پڌري ڪرڻ لاءِ ساڳئي مضمون کي ورجايو ويو آهي.

19 (ان ڏينهن ڪو به ڪنهن لاءِ ڪجهه به نه ڪري سگهندو ۽ انهيءَ ڏينهن حڪم رڳو الله جو هلندو) اُتي قيامت جي ڏينهن الله رب العالمين کان سواءِ ڪنهن جو به حڪم نه هلندو ۽ نه ڪو ڪجهه ڪري سگهندو، هن دنيا جي نظام جي ابتڙ، انهيءَ ڏينهن الله تعالىٰ ڪنهن کي به بادشاهي ۽ حڪم هلائڻ جي اجازت نه ڏيندو.

سورة المطففين

ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن مدينه منوره هجرت ڪري آيا ته اتان جا شهري ماپ تور ۾ وڏي خيانت ڪندا هئا، جنهن تي الله تعالىٰ وحي نازل فرمائي ته: "ويل آهي ماپ تور ۾ گهٽتائي ڪندڙن لاءِ". جنهن کان پوءِ اهي سهڻي نموني ماپ تور ڪرڻ لڳا.

1 (تباهي آهي ماپ تور ۾ ڪوٽ ڪندڙن لاءِ) ماپ ۽ تور ۾ ٽورڻي گهٽتائي ڪرڻ کي عربيءَ ۾ "تطفيف" چوندا آهن، يعني بالڪل ٽورڻي، معمولي گهٽتائي. انهن مان ڪن ماڻهن وٽ ٻن قسمن جا ماپا هوندا هئا، ٻين کي ڏيڻ لاءِ هلڪو ماپو ۽ پاڻ وٺڻ لاءِ وڏي ٻيو پارو ماپو.

2 (جيڪي ماڻهن کان جڏهن ماپي وٺندا آهن ته پورو وٺندا آهن) يعني جڏهن پاڻ کا شيءِ خريد ڪندا آهن ته ماپ تور پوري پُني ڪري وٺندا آهن.

3 (۽ جڏهن کين ماپي يا کين توري ڏيندا آهن ته ڪس لائيندا آهن) يعني جڏهن ٻين کي کا شيءِ وڪرو ڪري ڏيندا آهن ته ان جي ماپ ۽ تور ۾ ڪوٽ ڪري کين ڪس لائيندا آهن.

4 (انهن کي يقين ناهي چا ته کين وري اٿاريو ويندو)؟ يعني چا انهن کي ايترو به احساس نٿو ٿئي ته موت کان پوءِ انهن کي وري زنده ٿيڻو آهي، جو ڪجهه هتي ڪن ٿا تنهن جو کين جواب ڏيڻو آهي، اهو خيال ئي کين نه ٿو ٿئي ته ان بابت ڪجهه سوچين ۽ سمجهن ۽ ان جي بچڻي عاقبت کي ياد ڪري اهڙي حرڪت کان باز اچن.

5 (تمام وڏي ڏينهن لاءِ) يعني قيامت جي عظيم ڏينهن ۾ کين اٿاريو ويندو.

6 (جنهن ڏينهن سڀ ماڻهو جهانن جي پالڻهار جي آڏو اڇي بيهندا) پنهنجي باري ۾ رب العالمين جي حڪم جي انتظار ۾ بينا هوندا، يا بدلي چڪائڻ ۽ حساب ڪتاب جي انتظار ۾ ڪڙا هوندا. جنهن ۾ دلالت آهي ته ماپ ۽ تور ۾ گهٽ وڌائي ڪرڻ ڪيڏو وڏو ۽ بدترين گناهه آهي، چاڪاڻ ته اها دراصل امانت ۾ خيانت ۽ بئي جو مال ناحق کائڻ آهي.

7 (خبردار! بيشڪ بدڪارن جو اعمالنامو سجين ۾ آهي) ماپ تور ۾ ڪوٽ ڪندڙ به انهن بدڪارن مان آهن، جن جا نالا دوزخين جي فهرست (لسٽ) يا دوزخين جي قيدخاني ۾ لکيل هوندا.

8 (۽ توکي ڪهڙي خبر ته سجين چا آهي)؟ اهميت جي ڪري ڏهرايو ويو.

9 (هڪ لکيل ڪتاب آهي) يعني اهو ڪتاب جنهن ۾ سندن نالا نوٽ ٿيل هوندا، اهو هڪ لکيل دفتر آهي. هي به ڇيو ويو آهي ته "سجين" اصل ۾ "سجيل" آهي، جيڪو (سجل) مان ورتل آهي، جنهن جي معنىٰ آهي: (ڪتاب).

10 (ان ڏينهن کوڙي ڪندڙن لاءِ تباهي آهي).

كَلَّآ إِنَّ كِتَٰبَ ٱلْفُجَّارِ لَفِى سِجِّينٍ ﴿٧﴾ وَمَآ أَدْرَىٰكَ مَا سِجِّينٌ ﴿٨﴾ كِتَٰبٌ
مَّرْقُومٌ ﴿٩﴾ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿١٠﴾ ٱلَّذِينَ يُكَذِّبُونَ بِيَوْمِ ٱلدِّينِ ﴿١١﴾
وَمَا يُكَذِّبُ بِهِۦٓ إِلَّا كُلُّ مُعْتَدٍ أَثِيمٍ ﴿١٢﴾ إِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِ ءَايَٰتُنَا قَالَ أَسَٰطِيرُ
ٱلْأَوَّلِينَ ﴿١٣﴾ كَلَّا ۖ بَلْ ۜ رَانَ عَلَىٰ قُلُوبِهِم مَّا كَانُوا۟ يَكْسِبُونَ ﴿١٤﴾ كَلَّآ إِنَّهُمْ
عَن رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوبُونَ ﴿١٥﴾ ثُمَّ إِنَّهُمْ لَصَالُوا۟ ٱلْجَحِيمِ ﴿١٦﴾ ثُمَّ يُقَالُ
هَٰذَا ٱلَّذِى كُنتُم بِهِۦ تُكَذِّبُونَ ﴿١٧﴾ كَلَّآ إِنَّ كِتَٰبَ ٱلْأَبْرَارِ لَفِى عِلِّيِّينَ
﴿١٨﴾ وَمَآ أَدْرَىٰكَ مَا عِلِّيُّونَ ﴿١٩﴾ كِتَٰبٌ مَّرْقُومٌ ﴿٢٠﴾ يَشْهَدُهُ ٱلْمُقَرَّبُونَ
﴿٢١﴾ إِنَّ ٱلْأَبْرَارَ لَفِى نَعِيمٍ ﴿٢٢﴾ عَلَى ٱلْأَرَآئِكِ يَنظُرُونَ ﴿٢٣﴾ تَعْرِفُ فِى
وُجُوهِهِمْ نَضْرَةَ ٱلنَّعِيمِ ﴿٢٤﴾ يُسْقَوْنَ مِن رَّحِيقٍ مَّخْتُومٍ ﴿٢٥﴾
خِتَٰمُهُۥ مِسْكٌ ۚ وَفِى ذَٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ ٱلْمُتَنَٰفِسُونَ ﴿٢٦﴾ وَمِزَاجُهُۥ
مِن تَسْنِيمٍ ﴿٢٧﴾ عَيْنًا يَشْرَبُ بِهَا ٱلْمُقَرَّبُونَ ﴿٢٨﴾ إِنَّ ٱلَّذِينَ
أَجْرَمُوا۟ كَانُوا۟ مِنَ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ يَضْحَكُونَ ﴿٢٩﴾ وَإِذَا مَرُّوا۟ بِهِمْ
يَتَغَامَزُونَ ﴿٣٠﴾ وَإِذَا ٱنقَلَبُوٓا۟ إِلَىٰٓ أَهْلِهِمُ ٱنقَلَبُوا۟ فَكِهِينَ ﴿٣١﴾
وَإِذَا رَأَوْهُمْ قَالُوٓا۟ إِنَّ هَٰٓؤُلَآءِ لَضَآلُّونَ ﴿٣٢﴾ وَمَآ أُرْسِلُوا۟ عَلَيْهِمْ
حَٰفِظِينَ ﴿٣٣﴾ فَٱلْيَوْمَ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ مِنَ ٱلْكُفَّارِ يَضْحَكُونَ ﴿٣٤﴾

11 (جيكي بدلي جي ڏينهن کي کوڙو ٿا سڏين).
12 (۽ ان کي رڳو اهوئي کوڙو کندو، جيکو حد کان لنگهندڙ، وڏو ڏوهياري آهي) يعني جيکو فاسق فاجر، ظالم ۽ گناهن ۾ ليکا لنگهي ويندڙ آهي، ڏوهن جي قسمن ۽ اسبابن ۾ لاهي پاهي کاهي پوندو آهي.
13 (جڏهن متس اسان جون آيتون پڙهبيون آهن) جيکي حضرت محمد ﷺ جن تي نازل ٿيون آهن. (چوندو آهي ته اهي ته اڳين جون آکاڻيون آهن) يعني اڳين قومن جي کتابن ۾ لکيل کوڙيون گالهيون ۽ کوڙا قصا آهن.
14 (هرگز ائين نه آهي) ان ۾ گناهن ۾ حد کان لنگهندڙ ۽ کوڙو کندڙ مجرم ماڻهوءَ لاءِ ڏمڪي ۽ جهٽڪ آهي. (بلڪ سندن کرتوتن جي کري سندن دلين تي کٽ چڙهيل آهي) جن ماڻهن جا گناهه ۽ نافرمايون ايڏو وڏي ويندڙيون آهن، جو سندن دلين کي وکوڙي ويندڙيون آهن، ته ان کي "ران" (کٽ) چئبو آهي. حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته: " إن العبد إذا أذنب ذنبًا نكتت في قلبه نكتة سوداء، فإن تاب ونزع واستغفر صقل قلبه، وإن عاد زادت حتى تغلف قلبه، فذلك الرانُ الذي ذكره الله سبحانه في القرآن ".
(جڏهن ڀانهو کو به گناهه کندو آهي ته سندس دل تي هڪ کارو ڇٽو ٽي بيهندو آهي، پوءِ جيکڏهن توبه کندو آهي ۽ انهيءَ گناهه کي پاڻڻون پٽي ڇڏيندو آهي ۽ استغفار کندو رهندو آهي ته سندس دل پاڪ صاف ٿي ويندي آهي ۽ جيکڏهن گناهه مٽان گناهه کندو رهندو آهي ته سندس قلب جي کاراڻ وڏي ويندي آهي، تانجو ان تي پردا چڙهي ويندا آهن. اها ئي اها کٽ آهي، جنهن جو الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ ذکر فرمايو آهي).
15 (خبردار! بيشڪ اهي ان ڏينهن پنهنجي رب کان اوٽ ڏيارين هوندا) قيامت واري ڏينهن. يعني جيئن آخرت ۾ ايمان وارن کي رب تعالىٰ جو ديدار نصيب ٿيندو، تيئن ڪافرن کي اها نعمت نصيب نه ٿيندي. بلڪ جيئن انهن بدبختن کي دنيا ۾ توحيد جي نعمت کان محروم رکيائين، تيئن آخرت ۾ کين پنهنجي زيارت کان محروم رکندو.
16 (پوءِ بيشڪ اهي دوزخ ۾ گهڙڻ وارا آهن) يعني سگهوئي دوزخ واري باهه ۾ داخل ٿيندا ۽ ان جي گرمي چکيندا.
17 پوءِ چيو ويندن ته هي اهو اٿوَ جنهن کي توهان کوڙو چوندا هيوَ. يعني جهنم جا داروغا کين چوندا ته: هي اهو جهنم آهي جنهن کي توهان نه مڃيندا هيوَ. بلڪ ان کي کوڙو سمجهندا هيوَ.
18 (خبردار! بيشڪ نيڪن جو اعمالنامو عليين ۾ آهي) يعني اهي "عليين" وارن ۾ لکيل آهن. (عليين) مان مراد جنت يا جنت جا مٿانهان مقام ۽ محل مراد آهن.
"ابرار" يعني نيڪو ڪار ۽ فرمانبردار ٻانها.
19 (۽توکي کهڙي خبر ته عليين ڇا آهي)؟ "عليين" جي عظمت ۽ شان بيان ڪرڻ جي غرض سان فرمايو وڃي ٿو ته: اي محمد ﷺ! توکي کهڙي خبر ته "عليون" ڇا آهي؟
20 (هڪ لکيل ڪتاب آهي) يعني اهڙو دفتر آهي، جنهن ۾ سڀني نالن جي فهرست لکيل آهي.
21 (مقرب فرشتا ان کي ڏسندا ٿا رهن) يعني الله تعالىٰ جا مقرب فرشتا ان لکيل ڪتاب وٽ حاضر ٿا رهن ۽ ان کي ڏسندا رهندا آهن. هي به ڇيو ويو آهي ته قيامت جي ڏينهن ان کي پڙهڻ ۽ ڏسڻ وقت اهي مقرب فرشتا اتي حاضر هوندا.
22 (نيڪو ڪار پڪ نعمتن ۾ هوندا).
23 (پلنگن تي) ڏولين ۾ پيل چمڪندڙ تاجن وارا پلنگ مراد آهن. (ويٺا نظارا ڪندا) يعني رب تعالىٰ جيکي انعام ۽ اڪرام کين عطا ڪندو، تنهن کي پيا ڏسندا. هي به ڇيو ويو آهي ته پنهنجي رب سائين جي ذات پاڪ کي ويٺا ڏسندا رهندا.
24 (تون سندن چهرن ۾ نعمتن جي تازگي پائيندين ويندين) يعني کين ڏسندين ته توکي معلوم ٿي ويندو ته اهي وڏين نعمتن ۽ وڏن نصيبن وارا آهن، جاکاڻ ته سندن منهن ۽ مهاندن ۾ نور، حسن، جمال، رونق ۽ تازگي تجليون هٽندي رهندي.
25 (کين سيل مهر ٿيل اصلي شراب پياريو ويندو) (رحيق) معنىٰ اهڙو شراب جنهن ۾ نه کو ڪوٽ ٿيل هجي ۽ نه خراب ٿئي. (مختوم) يعني سيل مهر ٿيل. يعني جيستائين اهي نيڪ مردَ شراب جي انهن بوتلن جي سيل کولي، ان کي پاڻ استعمال نه ڪندا، تيستائين ان کي ڪنهن جو هٿ به نه لڳو هوندو.
26 (ان جي سرهاڻ مشڪ واري هوندي) يعني جڏهن جنتي اهو پاڪ شراب پيو، گلاس منهن تان پري ڪندا ته انهن جي منهن مان مشڪ جهڙي خوشبو جا واس پيا وسندا. يا هي مراد آهي ته ان جي بوتلن تي مشڪ جي مهر لڳل هوندي. (مقابلي ڪرڻ وارن کي انهيءَ ۾ مقابلو ڪرڻ گهرجي) يعني شوقينن کي ان جو شوق رکڻ گهرجي. (تنافس) معنىٰ ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ مقابلو ڪرڻ، ريس ڪرڻ، پين کي زوري هٽائي رڳو پنهنجي لاءِ حاصل ڪرڻ.
27 (۽ ان جو ذائقو تسنيم وارو هوندو) انهيءَ "رحيق" شراب ۾ "تسنيم" چشمي جو پاڻي ملايل هوندو، جيکو بلندي کان لهرارو هلندو آهي، اهو جنت جو پيلو ۾ پيلو شراب آهي.
28 (اهو هڪ چشمو آهي، جنهن مان الله جا مقرب ٻانها پيئندا) يعني تسنيم جي چشمي واري شراب سان رحيق شراب ملائي پيالا پيري پيئندا.

عَلَى ٱلْأَرَآئِكِ يَنظُرُونَ ﴿٣٥﴾ هَلْ ثُوِّبَ ٱلْكُفَّارُ مَا كَانُوا۟ يَفْعَلُونَ ﴿٣٦﴾

سُورَةُ الْانْشِقَاق

(ترتيبها ٨٤ آياتها ٢٥)

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

إِذَا ٱلسَّمَآءُ ٱنشَقَّتْ ﴿١﴾ وَأَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ ﴿٢﴾ وَإِذَا ٱلْأَرْضُ مُدَّتْ ﴿٣﴾ وَأَلْقَتْ مَا فِيهَا وَتَخَلَّتْ ﴿٤﴾ وَأَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ ﴿٥﴾ يَٰٓأَيُّهَا ٱلْإِنسَٰنُ إِنَّكَ كَادِحٌ إِلَىٰ رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلَٰقِيهِ ﴿٦﴾ فَأَمَّا مَنْ أُوتِىَ كِتَٰبَهُۥ بِيَمِينِهِۦ ﴿٧﴾ فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَسِيرًا ﴿٨﴾ وَيَنقَلِبُ إِلَىٰٓ أَهْلِهِۦ مَسْرُورًا ﴿٩﴾ وَأَمَّا مَنْ أُوتِىَ كِتَٰبَهُۥ وَرَآءَ ظَهْرِهِۦ ﴿١٠﴾ فَسَوْفَ يَدْعُوا۟ ثُبُورًا ﴿١١﴾ وَيَصْلَىٰ سَعِيرًا ﴿١٢﴾ إِنَّهُۥ كَانَ فِىٓ أَهْلِهِۦ مَسْرُورًا ﴿١٣﴾ إِنَّهُۥ ظَنَّ أَن لَّن يَحُورَ ﴿١٤﴾ بَلَىٰٓ إِنَّ رَبَّهُۥ كَانَ بِهِۦ بَصِيرًا ﴿١٥﴾ فَلَآ أُقْسِمُ بِٱلشَّفَقِ ﴿١٦﴾ وَٱلَّيْلِ وَمَا وَسَقَ ﴿١٧﴾ وَٱلْقَمَرِ إِذَا ٱتَّسَقَ ﴿١٨﴾ لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَن طَبَقٍ ﴿١٩﴾ فَمَا لَهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٢٠﴾ وَإِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ ٱلْقُرْءَانُ لَا يَسْجُدُونَ ۩ ﴿٢١﴾ بَلِ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ يُكَذِّبُونَ ﴿٢٢﴾ وَٱللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا يُوعُونَ ﴿٢٣﴾ فَبَشِّرْهُم بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٢٤﴾ إِلَّا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ وَعَمِلُوا۟ ٱلصَّٰلِحَٰتِ لَهُمْ أَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُونٍۭ ﴿٢٥﴾

يقول: ﴿ فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَسِيرًا ﴾ **قال: ليس ذلك الحساب، ولكن ذلك العرض من نوقش الحساب يوم القيامة عُذِّب ".**

«جنهن کان حساب جي پڇا ڳاڇا ٿي ، تنهن کي عذاب ٿيندو. تنهن تي مون عرض ڪيو ته : ڇا الله تعالىٰ نٿو فرمائي ته : "پوءِ ان کان سولو حساب ورتو ويندو"؟ فرمايائون ته : اهو حساب نه آهي، اها ته رڳو (ٻانهي جي گناهن جي سندس آڏو) پيشي آهي، پر جنهن کان قيامت جي ڏينهن حساب جي پڇا ڳاڇا ٿي، تنهن کي عذاب ٿيندو».

29 (بيشڪ مجرم ماڻهو) انهن مان ڪافر مراد آهن. (سي مؤمنن تي ڪلون ڪندا هئا) يعني دنيا ۾ مؤمنن تي ٺٺوليون ۽ ساڻن مسخريون ڪندا هئا.

30 (۽ جڏهن انهن وٽان لنگهندا هئا ته اکيون هٽندا هئا) (ينڱامزون) "غمز" ڪان ورتل آهي، پيرون ۽ پنبرن سان ميڇون ڏئي، اکيون هٽي اشارن ڪرڻ کي چئبو آهي. يعني مٿن اسلام جي ڪري ٽوڪون ۽ چٽرون ڪندا هئا.

31 (۽ جڏهن ورندا هئا) يعني جڏهن ڪافر موٽندا هئا (پنهنجي گهر وارن ڏانهن) پنهنجين ڪچهرين مان اٿي (ته ڏاڍي ڇهه ڀهه ڪندي ورندا هئا) يعني مؤمنن سان چٽرون ڪري محظوظ ۽ مسرور ٿيندا هئا ۽ مٿن ٽوڪون ڪري لطف اندوز ٿيندا هئا.

32 (۽ جڏهن ڪين ڏسندا هئا ته چوندا هئا : هي ته پڪ گمراھ آهن). يعني ڪافر جڏهن اصحابن سگورن کي ڏسندا هئا ته چوندا هئا ته : اهي محمد (ﷺ) جي پيروي ڪري راهئون رد ٿي ويا آهن!

33 (جڏهن ته اهي مٿن نگران ڪري نه موڪليا ويا هئا) ڪين الله جي طرفان مسلمانن تي راکو ڪري نه موڪليو ويو آهي جو سندن عملن جي جاچ جوچ لهندا وتن.

34 (سو اڄ مؤمن، ڪافرن تي ڪلن ٿا) قيامت جي ڏينهن جڏهن مؤمن، ڪافرن کي ذليل ۽ خوار ڏسندا ته مٿن ڪلندا، جيئن دنيا ۾ ڪافر مؤمنن تي ڪلندا هئا.

35 (پلنگن تي ويٺا ٿا ڏسن) يعني مؤمن جنت ۾ پلنگن تي ٽيڪ لڳايون، نعمتن کان لطف اندوز ٿيندي، الله جي دشمنن کي ويٺا ڏسندا، جن تي عذاب ٿي رهيو هوندو.

36 (ڪافرن کي انهيءَ جو بدلو ملي ويو نه، جيڪي هو ڪندا هئا)؟ يعني دنيا ۾ ايمان وارن تي جيڪي اهي چٽرون ڪندا هئا، ان جو بدلو ڪين بالڪل ملي چڪو.

سورة الانشقاق

1 (جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو) ان جو ڦاٽڻ قيامت جي نشاني آهي.

2 (۽ پنهنجي رب جو فرمان بجا آڻيندو) يعني پنهنجي رب جو حڪم ٻڌي، ان جي فرمانبرداري ڪندو. (۽ اهوئي جڳائيس) ان کي فرمانبرداري ڪرڻ، ڪنڌ نوائڻ ۽ ٻڌڻ ئي جڳائي.

3 (۽جڏهن زمين پٽاري ويندي) يعني جڏهن زمين ڇڪي پکيڙي ويندي ۽ ان جي جبلن کي ڪٽي برابر ميدان ڪيو ويندو.

4 (۽ جو ڪجهه منجهس هوندو، سو اڇلائي ڇڏيندي) يعني جيڪي ڪجهه ان ۾ لاش وغيره هوندا، سي سڀ ٻاهر ڪڍي اڇلائيندي. (۽ خالي ٿيندي) يعني انهن کان بيزاري جو اظهار ڪندي ۽ پاڻ بچائيندي ڪين الله جي حوالي ڪندي ته جيئن مٿن پنهنجو حڪم لاڳو ڪري.

5 (۽ پنهنجي رب جو فرمان بجا آڻيندي، ۽ اهوئي جڳائيس).

6 (اي انسان!) هر انسان مراد آهي، مؤمن هجي يا ڪافر، معنىٰ : اي آدم جو اولاد! (بيشڪ تون پنهنجي رب ڏانهن گهٽي جاکوڙ ڪندڙ آهين) پنهنجي رب سان ملاقات لاءِ وڏي ڪوشش ڪندڙ آهين. (نيٺ وڃي ساڻس ملندين) يعني سگهوئي پنهنجن عملن سميت پنهنجي رب سان ملڻ وارو آهين.

7 (پوءِ جنهن کي سندس اعمالنامو سندس هٿ ۾ ڏنو ويو) اهي مؤمن مراد آهن جن کي سندن اعمالنامه سندن ساڄي هٿن ۾ ڏنا ويندا.

8 (پوءِ سگهوئي انهيءَ کان آسانيءَ سان حساب ورتو ويندو) يعني سندس برائيون سندس آڏو رکيون ويندیون، پر الله جل جلاله ان کي بنا حساب ڪتاب جي اهي سڀ ڏوهه بخشي ڇڏيندو. بي بي عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته : **"من نُوقش الحساب عُذِّب، قالت: فقلت: أليس الله**

يقول: ﴿ فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَسِيرًا ﴾ **قال: ليس ذلك الحساب، ولكن ذلك العرض من نوقش الحساب يوم القيامة عُذِّب ".**

«جنهن کان حساب جي پڇا ڳاڇا ٿي ، تنهن کي عذاب ٿيندو. تنهن تي مون عرض ڪيو ته : ڇا الله تعالىٰ نٿو فرمائي ته : "پوءِ ان کان سولو حساب ورتو ويندو"؟ فرمايائون ته : اهو حساب نه آهي، اها ته رڳو (ٻانهي جي گناهن جي سندس آڏو) پيشي آهي، پر جنهن کان قيامت جي ڏينهن حساب جي پڇا ڳاڇا ٿي، تنهن کي عذاب ٿيندو».

9 (۽ هو پنهنجي گهر وارن ڏانهن موٽندو) يعني جنت ۾ جيڪي سندس لاءِ زالون ۽ حورون مخصوص هوندیون، انهن ڏانهن موٽندو (خوشيءَ سان) جيڪا کيس پلائي عطا ڪئي ويندي تنهن تي سرهو ٿيندو ۽ ٻهڪندو ٻهڪندو گهر وارن وٽ پهچندو.

10 (۽ باقي رهيو اهو شخص، جنهن کي سندس اعمالنامو سڄي پويان ڏنو ويو) ڇاڪاڻ ته سندس ساڄو هٿ سندس ڪنڌ سان ٻڌل هوندو ۽ سندس کاٻو هٿ سندس پٺيءَ جي پويان هوندو. مراد ڪافر ۽ نافرمان ماڻهو آهن.

11 (سو سگهوئي موت کي سڏ ڪندو) يعني جڏهن پنهنجو اعمالنامو پڙهندو ته ڏاڙ گهوڙا ڪرڻ لڳندو ۽ چوندو ته آءٌ برباد ٿي ويس، آءٌ هلاڪ ٿي ويس. (ثبور) معنىٰ هلاڪت.

12 (۽ پرندڙ مچ ۾ وڃي پوندو) يعني دوزخ جي باهه ۾ داخل ٿيندو ۽ ان جي گرمي ۽ سختي پوڳيندو.

13 (بيشڪ اهو پنهنجن پارن ٻچن ۾ خوش هوندو هو) يعني پنهنجي نفساني خواهشن ۽ شهوتن ۾ هردم آڪٽيل هوندو هو. آخرت جو خيال ۽ ان جو فڪر ته وهم گمان ۾ ئي نه هوندو هيس.

سُورَةُ البُرُوجِ — نمبر ٨٥ — آياتها ٢٢

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

وَالسَّمَاءِ ذَاتِ الْبُرُوجِ ﴿١﴾ وَالْيَوْمِ الْمَوْعُودِ ﴿٢﴾ وَشَاهِدٍ وَمَشْهُودٍ ﴿٣﴾ قُتِلَ أَصْحَابُ الْأُخْدُودِ ﴿٤﴾ النَّارِ ذَاتِ الْوَقُودِ ﴿٥﴾ إِذْ هُمْ عَلَيْهَا قُعُودٌ ﴿٦﴾ وَهُمْ عَلَىٰ مَا يَفْعَلُونَ بِالْمُؤْمِنِينَ شُهُودٌ ﴿٧﴾ وَمَا نَقَمُوا مِنْهُمْ إِلَّا أَنْ يُؤْمِنُوا بِاللَّهِ الْعَزِيزِ الْحَمِيدِ ﴿٨﴾ الَّذِي لَهُ مُلْكُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۚ وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ شَهِيدٌ ﴿٩﴾ إِنَّ الَّذِينَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ ثُمَّ لَمْ يَتُوبُوا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَلَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيقِ ﴿١٠﴾ إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ لَهُمْ جَنَّاتٌ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ ۚ ذَٰلِكَ الْفَوْزُ الْكَبِيرُ ﴿١١﴾ إِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيدٌ ﴿١٢﴾ إِنَّهُ هُوَ يُبْدِئُ وَيُعِيدُ ﴿١٣﴾ وَهُوَ الْغَفُورُ الْوَدُودُ ﴿١٤﴾ ذُو الْعَرْشِ الْمَجِيدُ ﴿١٥﴾ فَعَّالٌ لِمَا يُرِيدُ ﴿١٦﴾ هَلْ أَتَاكَ حَدِيثُ الْجُنُودِ ﴿١٧﴾ فِرْعَوْنَ وَثَمُودَ ﴿١٨﴾ بَلِ الَّذِينَ كَفَرُوا فِي تَكْذِيبٍ ﴿١٩﴾ وَاللَّهُ مِنْ وَرَائِهِمْ مُحِيطٌ ﴿٢٠﴾ بَلْ هُوَ قُرْآنٌ مَجِيدٌ ﴿٢١﴾ فِي لَوْحٍ مَحْفُوظٍ ﴿٢٢﴾

سُورَةُ الطَّارِقِ — نمبر ٨٦ — آياتها ١٧

(14) (انهيءَ پائڻي چڊيو هو ته وري کڏهن موتندوئي نہ) انهيءَ وهم گمان ۾ هو تہ عملن جي بدلي پو ڇڻ لاءِ ڪيس الله تعالىٰ جي بارگاه ۾ حاضر ٿيٽوئي نہ پوندو.

(15) (هائو!) اجهو ورندو (بيشڪ سندس رب ڪيس چڱيءَ طرح ڏسي رهيو هو) يعني الله تعالىٰ ان کان ۽ سندس ڪرتوتن کان پوريءَ طرح باخبر آهي، ڪا به ڳجهي شيءِ کانئس لڪل نہ آهي.

(16) (پوءِ مون کي اپ جي ڳاڙهاڻ جو قسم آهي) سانجهيءَ کان سومهٽيءَ تائين جيڪا ڳاڙهاڻ اپ تي ٿيندي آهي، الله تعالىٰ ان جو قسم کٽي رهيو آهي.

(17) (ءقسم آهي رات جو ۽ ان جو جنهن کي گڏ ڪري ٿي) يعني جيڪي شيون رات جو گڏجي يڪجا ٿيندڙيون آهن، جاکاڻ تہ رات ٿيڻ کان بعد هر شيءِ جيڪا ڏينهن جو هيڏي هوڏي پکڙيل هوندي آهي، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي موٽي ايندي آهي.

(18) (ءِ چنڊ جو قسم، جڏهن پوري طرح روشن ٿيندو آهي) چوڏهينءَ جي چنڊ جو قسم جڏهن قمري مهيني جي وچولي رات ۾ پوريءَ طرح چمڪندو آهي.

(19) (تہ توهان ضرور هڪ حال کان پي حال تي پهچندؤ) يعني توهان تي هڪ کان پوءِ پي حالت ايندي رهندي، مثلاً مالداريءَ کان پوءِ فقيري ايندي، موت کان پوءِ جياپو ايندو. اهڙيءَ طرح ضرور توهان تي هڪ ڏينهن جنت يا دوزخ ۾ داخل ٿيڻ جي حالت ۾ ايندي.

(20) (پوءِ انهن کي ڇا ٿيو آهي، جو ايمان نٿا آڻين)؟ يعني قرآن کي نٿا مڃين، حالانڪ ان تي ايمان آڻڻ جا روشن دليل موجود آهن.

(21) (ءِ جڏهن مٿن قرآن پڙهجي ٿو تہ سجدو نٿا ڪن) يعني قرآن شريف جي تلاوت ٻڌي سجدي ڪرڻ ۽ عاجزي اختيار ڪرڻ کان ڪهڙي رڪاوٽ اٿن؟ پڻ چيوويو آهي تہ مراد هي آهي تہ : سجدي جي آيت تلاوت ڪرڻ تي سجدة تلاوت ادا نٿا ڪن.

(22) (بلڪ جن ڪفر ڪيو، سي ڪوڙو ٿا ڪن) يعني الله تعالىٰ جي انهيءَ ڪتاب کي ڪوڙو ڪن ٿا، جنهن ۾ توحيد، آخرت، ثواب ۽ عذاب جا عقيدا بيان ڪيا ويا آهن.

(23) (ءِ جيڪي ڪجهه پنهنجين دلين ۾ سانڍيين ٿا، تنهن کي الله چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو) يعني سندن دلين ۾ تڪذيب جو جيڪو روڳ آهي، رب العالمين ان کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

(24) (پوءِ کين ڏکوئيندڙ عذاب جي خوشخبري ڏي) منڪرن کي خوف ڏيارڻ ۽ سندن تذليل جي غرض سان، باهه جي هاڃيڪار عذاب کي "بشارت" فرمايو ويو آهي.

(25) (پر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي) انهيءَ ثواب عطا ڪرڻ جو مٿن احسان نہ جتايو ويندو.

سورة البروج

(1) (برجن واري آسمان جو قسم!) ۱۲ تارن جون ۱۲ منزلون مراد آهن.

(2) (۽ وعدي واري ڏينهن جو قسم!) قيامت جو ڏينهن مراد آهي.

(3) (۽ شاهد جو قسم!) انهيءَ قيامت واري ڏينهن مخلوق مان جيڪي شاهدي ڏيندا. (۽ جيڪا شاهدي ڏيندا) الله جي راهه ۾ جيڪي مؤمن شهيد ٿي ويا سي جيڪا شاهدي انهن مجرمن جي مٿان ڏيندا جيڪي دنيا ۾ پنهنجي موجودگي ۾، پنهنجي آڏو پيانڪ جرائم ڪرائيندا هئا. جيئن هيڏ ايندڙ ڪاهين وارن جي قصي مان معلوم ٿيندو، پڻ الله تعالىٰ به مٿن گواهه ٿيندو، جيئن بعد ۾ ايندو.

(4) (ڪاهين وارن تي مار پوي) يعني انهن تي ڦٽڪار ۽ لعنت هجي. مراد هڪ ظالم بادشاهه ۽ سندس لشڪر آهي، جڏهن سندس رعيت ۾ ڪجهه ماڻهن ايمان آندو تہ ڪاهيون کوٽائي، انهن ۾ باهه جا مچ ٻارائي، انهن کي زنده ساڙڻي چڏيائين، بادشاهه پاڻ ۽ سندس ساڻي اهو لڦاءُ ڏسي رهيا هئا.

(5) (ڪائين سان ٻڙڪايل باهه) واريون ڪاهيون. (وقود) يعني اهي ڪائيون جن سان باهه ٻاري وڃي.

(6) (جڏهن اهي اتي وينا هئا) يعني اهي ڪرسين تي ويهي، ڪاهين ۾ سڙندڙ مؤمنن جو لڦاءُ ڏسي رهيا هئا، انهيءَ وقت مٿن الله تعالىٰ جي ڦٽڪار ۽ لعنت مسلط ڪئي وين.

(7) (۽ اهي مؤمن سان جيڪي ڪجهه ڪري رهيا هئا) يعني کين اسلام کان موٽائڻ لاءِ، جيڪو باهه جو عذاب ڏئي رهيا هئا (ان تي شاهد آهن) يعني قيامت جي ڏينهن پنهنجي انهيءَ قهري ڪاروائي جي پاڻ شاهدي ڏيندا. وري سندن زبانون، سندن هٿ ۽ پير به مٿن ساڻي شاهدي ڏيندا.

(8) (۽ رڳو هن ڪري انهن کان ويرتي ورتائون، جو انهن غالب، ساراهيل، الله تي ايمان آندو هو) يعني انهن مؤمنن جو ڏوهه فقط هي هو جو انهن زبردست ساراهيل الله جي ذات تي ايمان آندو ۽ هر حال ۾ ان تي قائم ۽ مستحڪم رهيا، رڳو ان ڪري انهيءَ تشدد جو شڪار ٿيا.

(9) (جيڪو آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي جو مالڪ آهي) (۽ الله ئي هر هڪ شيءِ تي شاهدي ڏيندڙ آهي) يعني مؤمنن سان ڪيل سندن قهري ڪاروائيءَ تي خود الله به شاهد آهي، جنهن کان ڪا شيءِ ڳجهي نہ آهي. هي انهن ڪاهين کوٽائيندڙ ظالمن لاءِ سخت ڌمڪي ۽ دين خاطر تڪليف برداشت ڪندڙ مؤمنن لاءِ سهڻي بدلي جي بشارت آهي.

(10) (بيشڪ جن، مؤمن ۽ مؤمنياٽين کي ايذايو) يعني کين باهه جي آڙاهن ۾ وڌهي ساڙيائون، ڪفر ڪرڻ کان سواءِ سندن لاءِ ڪو چاروئي نہ ڇڏيائون، دين کان ڦيرائڻ لاءِ کين آزمائش ۾ وڌائون. (پوءِ توبہ تائب نہ ٿيا) پنهنجن ڪارن ڪرتوتن، پنهنجي

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

وَٱلسَّمَآءِ وَٱلطَّارِقِ ﴿١﴾ وَمَآ أَدۡرَىٰكَ مَا ٱلطَّارِقُ ﴿٢﴾ ٱلنَّجۡمُ ٱلثَّاقِبُ ﴿٣﴾ إِن كُلُّ
نَفۡسٖ لَّمَّا عَلَيۡهَا حَافِظٞ ﴿٤﴾ فَلۡيَنظُرِ ٱلۡإِنسَٰنُ مِمَّ خُلِقَ ﴿٥﴾ خُلِقَ مِن مَّآءٖ
دَافِقٖ ﴿٦﴾ يَخۡرُجُ مِنۢ بَيۡنِ ٱلصُّلۡبِ وَٱلتَّرَآئِبِ ﴿٧﴾ إِنَّهُۥ عَلَىٰ رَجۡعِهِۦ لَقَادِرٞ ﴿٨﴾
يَوۡمَ تُبۡلَى ٱلسَّرَآئِرُ ﴿٩﴾ فَمَا لَهُۥ مِن قُوَّةٖ وَلَا نَاصِرٖ ﴿١٠﴾ وَٱلسَّمَآءِ ذَاتِ ٱلرَّجۡعِ ﴿١١﴾
وَٱلۡأَرۡضِ ذَاتِ ٱلصَّدۡعِ ﴿١٢﴾ إِنَّهُۥ لَقَوۡلٞ فَصۡلٞ ﴿١٣﴾ وَمَا هُوَ بِٱلۡهَزۡلِ ﴿١٤﴾ إِنَّهُمۡ
يَكِيدُونَ كَيۡدٗا ﴿١٥﴾ وَأَكِيدُ كَيۡدٗا ﴿١٦﴾ فَمَهِّلِ ٱلۡكَٰفِرِينَ أَمۡهِلۡهُمۡ رُوَيۡدَۢا ﴿١٧﴾

سُورَةُ الأَعۡلَىٰ

ترتيبها ٨٧ — آياتها ١٩

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

سَبِّحِ ٱسۡمَ رَبِّكَ ٱلۡأَعۡلَى ﴿١﴾ ٱلَّذِي خَلَقَ فَسَوَّىٰ ﴿٢﴾ وَٱلَّذِي قَدَّرَ فَهَدَىٰ
﴿٣﴾ وَٱلَّذِيٓ أَخۡرَجَ ٱلۡمَرۡعَىٰ ﴿٤﴾ فَجَعَلَهُۥ غُثَآءً أَحۡوَىٰ ﴿٥﴾ سَنُقۡرِئُكَ
فَلَا تَنسَىٰٓ ﴿٦﴾ إِلَّا مَا شَآءَ ٱللَّهُۚ إِنَّهُۥ يَعۡلَمُ ٱلۡجَهۡرَ وَمَا يَخۡفَىٰ ﴿٧﴾ وَنُيَسِّرُكَ
لِلۡيُسۡرَىٰ ﴿٨﴾ فَذَكِّرۡ إِن نَّفَعَتِ ٱلذِّكۡرَىٰ ﴿٩﴾ سَيَذَّكَّرُ مَن يَخۡشَىٰ ﴿١٠﴾
وَيَتَجَنَّبُهَا ٱلۡأَشۡقَى ﴿١١﴾ ٱلَّذِي يَصۡلَى ٱلنَّارَ ٱلۡكُبۡرَىٰ ﴿١٢﴾ ثُمَّ لَا يَمُوتُ
فِيهَا وَلَا يَحۡيَىٰ ﴿١٣﴾ قَدۡ أَفۡلَحَ مَن تَزَكَّىٰ ﴿١٤﴾ وَذَكَرَ ٱسۡمَ رَبِّهِۦ فَصَلَّىٰ ﴿١٥﴾

ڪفر ۽ فتنہ بازيءَ کان باز نہ آيا (تن لاءِ جهنم جو عذاب آهي) (۽ انهن لاءِ ساڙيندڙ باهه جو عذاب آهي) چاکاڻ ته انهن ڪافرن، مؤمنن کي باهه جي آڙاهن ۾ وجهي ساڙيو.

11 (بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن لاءِ باغ آهن، جن جي هيٺان نهرون پيون وهنديون، اها وڏي ڪاميابي آهي).

12 (بيشڪ تنهنجي رب جي پڪڙ) جابرن ۽ ظالمن لاءِ الله جي پڪڙ (ڏاڍي سخت آهي) بي انتها شديد آهي.

13 (بيشڪ اهوئي پيدا ڪري ٿو ۽ وري موٽائي پيدا ڪندو) يعني پهريون پيرو دنيا ۾ مخلوق کي انهيءَ ئي خلقيو آهي ۽ مرڻ کان پوءِ کين وري ٻيهر به اهوئي زندهه ڪندو.

14 (۽ اهو ئي بخشيندڙ، وڏي پيار ڪرڻ وارو آهي) مؤمنن جي ڏوهن کي بي انتها بخشش سان نوازيندڙ آهي، انهيءَ ڪري کين خوار ۽ خراب نہ ڪندو آهي، پنهنجي فرمانبردار ٻانهن سان بي انتها محبت ۽ پيار ڪندڙ آهي.

15 (عرش وارو) يعني الله تعالىٰ عرش عظيم جو مالڪ آهي (وڏي شان وارو آهي) (مجد) تمام وڏي عزت ۽ بي انتها فضيلت کي چئبو آهي.

16 (جيڪي ڪجهه چاهيندو آهي سو ڪري گذرندڙ آهي).
کيس سندس ارادي کان ۽ کنهن به ڪم کان کو روڪڻ وارو ناهي، اهو الله انهن سڀني صفتن وارو آهي.

17 (ڇا توکي لشڪرن جي خبر پهتي)؟ يعني اي محمد ﷺ! توهان وٽ انهن ڪافر قومن جون خبرون اڇي چڪيون آهن، جن پنهنجن پيغمبرن کي ڪوڙو ڪيو ۽ ساڻن وڙهه ڪرڻ لاءِ پنهنجا لشڪر تيار ڪيائون؟ سندن هيءَ ڪهاڻي ته الله تعالىٰ کيئن کين سوگهو ڪيو ۽ سيکٹ ڏني؟

18 ﴿ فِرۡعَوۡنَ وَثَمُودَ ﴾ (فرعون ۽ ثمود جي). يعني جڏهن الله تعالىٰ جي نبين کي ڪوڙو سڏيائون ته ڪهڙي حالت ٿين؟

19 (بلڪ جن ڪفر ڪيو، سي ڪوڙو ڪرڻ ۾ رڌل آهن) يعني اهي عرب مشرڪ توکي ۽ تنهنجي آندل پيغام کي ڪوڙو ڪرڻ ۾ وڌيڪ سخت آهن ۽ اڳين ڪافرن جي عبرتناڪ انجام مان عبرت به نٿا وٺن.

20 (۽ الله کين پويان چڱيءَ طرح گهيرو ڪندڙ آهي) يعني الله تعالىٰ اها قدرت رکي ٿو ته مٿن به ائين عذاب لاهي جيئن اڳين ڪافرن ۽ مشرڪن تي لاٿو هئائين.

21 (بلڪ اهو وڏي شان وارو قرآن آهي) يعني غير معمولي عزت، شرف، برڪت ۽ فضيلت وارو آهي ۽ ائين نہ آهي جيئن ڪافر ٿا چون ته اهو شاعري، ڪهانت ۽ جادوءَ جو ڪتاب آهي.

22 (لوح محفوظ ۾ آهي) يعني لوح محفوظ ۾ لکيل آهي ۽ اهو ئي بنيادي ڪتاب آهي، جيڪو الله وٽ محفوظ آهي ۽ شيطانن جي پهچ کان پري آهي.

سورة الطارق

1 (آسمان جو قسم ۽ رات جو ايرندڙ تاري جو قسم) ! الله تعالىٰ آسمان ۽ (طارق) تاري جو قسم کنيو آهي. (طارق) معنىٰ تارو، چونڪ اهو تارو رڳو رات جو ايرندو آهي ۽ ڏينهن جو لڪي ويندو آهي، تنهن ڪري ان کي "طارق" چوندا آهن. ۽ جيڪو ماڻهو رات جو اچي تنهن کي به عربيءَ ۾ (طارق) چئبو آهي.

2 (۽ توکي ڪهڙي خبر ته طارق ڇا آهي) ؟

3 (اهو تيز چمڪندڙ تارو آهي) (ثاقب) اهو تيز چمڪندڙ تارو، جيڪو پنهنجي تيز چمڪ سان رات جي اونداهيءَ کي چيريندي ايندو.

4 (ڪوبه ساهه وارو اهڙو ناهي جنهن تي ڪو نگران نہ هجي) هيءَ آيت مٿيين قسم جو جواب آهي. يعني هر انسان تي نگران فرشتو مقرر ٿيل آهي، جيڪو سندس قول ۽ فعل، ۽ سندس شر ۽ خير کي لکندو رهي ٿو.

5 (پوءِ انسان کي ڏسڻ گهرجي ته هو ڇا مان پيدا ڪيو ويو آهي)؟

6 (ٿپو ڏئي نڪرندڙ پاڻي مان پيدا ڪيو ويو آهي) رحم ۾ جمع ٿيندڙ نطفو مراد آهي، جنهن مان انسان پيدا ٿيندو آهي. زال ۽ مڙس پنهي جو پاڻي پاڻ ۾ رلي ملي ويندو آهي، تنهن ڪري هتي ان کي (هڪ پاڻي) فرمايو ويو آهي.

7 (جيڪو پٺيءَ ۽ ڇاتيءَ جي وچان نڪرندو آهي) يعني نطفو جيڪو مرد جي پٺي ۽ عورت جي ڇاتيءَ مان نڪرندو آهي. سيني ۾ جنهن جاءِ تي هار پائبو آهي، تنهن کي عربيءَ ۾ "ترائب" چئبو آهي. انسان انهن پنهي جي پاڻيءَ مان پيدا ٿيندو آهي. هي به چيو ويو آهي ته نطفو انساني جسم جي سيني جزن مان نڪرندو آهي.

8 (بيشڪ اهو (الله) ان جي موٽائڻ تي وس وارو آهي) يعني الله تعالىٰ انسان کي موت کان پوءِ ٻيهر جيارڻ تي وس وارو آهي.

9 (جنهن ڏينهن راز پرکيا ويندا) يعني جڏهن ڇاڇيا پرکيا ويندا ۽ سڀ ظاهر ٿي پوندا. دلين ۾ ڇپيل سڀ راز، جن ۾ عقيدا ۽ ارادا وغيره به شامل آهن. بس انهيءَ ڏينهن ڇڱا راز بري رازن کان نڪري پڌرا ٿي پوندا.

10 (پوءِ نہ ڪا کيس سگهه هوندي ۽ نہ ڪو پرجهلو) يعني نہ خود انسان ۾ ايتري سگهه هوندي، جو پاڻ کي الله جي عذاب کان بچائي سگهي ۽ نہ وري کو واهر ڪرڻ وارو يار و مددگار هوندس، جيڪو کيس الله جي عذاب کان بچائي.

11 (۽ قسم آهي مينهن واري آسمان جو) (رجع) معنىٰ موٽڻ. انهيءَ مان مراد مينهن آهي، چاکاڻ ته مينهن به ايندو ۽ ويندو آهي.

12 (۽ ڦاٽ کائڻ واري زمين جو) جيڪا به شيءِ زمين مان ڦٽي نڪري، اها مراد آهي، جيئن سلا اوپڙ، وڻ ٽڻ، ميوا ٻوٽا وغيره، زمين ڦاٽ کائيندي آهي ته اهي ڦٽي ٻاهر نڪرندا آهن.

13 (بيشڪ اهو فيصلو ڪندڙ ڪلام آهي) يعني قرآن اهڙو فرمان آهي، جيڪو حق ۽ باطل ۾ فيصلو ڪري ٿو.
14 (۽ اهو ڪو پوڳ چرچو ناهي).
15 (بيشڪ اهي ڪي رٽون تا رٽين) يعني رسول الله ﷺ جن جي سچي دين کي کوڙڻ ڪرڻ لاءِ مشرڪ ڪي ستون تا ستين ۽ تدبيرون تا ڪن.
16 (۽ آءٌ بہ رٽ پيو رٽيان) يعني کين ريٽي ڊر ڏئي اتان عذاب ڏيندس، جتان کين خبر بہ نہ پوندي ۽ کين سندن مڪر ۽ سازش جي سخت سيکٽ ڏيندس.
17 (پوءِ ڊر ڏج انهن ڪافرن کي) يعني اي پيغمبر ! انهن ڪافرن کي ڪجھ مهلت ڏي، سندن جلدي هلاڪت جا سؤال نہ ڪر .
(مهلت ڏئين) (ٿورڙي) يعني ڪجھ وقت لاءِ يا ويجهي وقت تائين انهن کي آزاد ڇڏي ڏي.

سورة الاعلىٰ

1 (بلند شان واري پنهنجي رب جي تسبيح ڪر) يعني (سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡاَعۡلَىٰ) چئي اعلان ڪر تہ الله تعالىٰ هر انهيءَ ڳالهہ کان پاڪ آهي، جيڪا سندس شان جي لائق نہ آهي.
2 (جنهن پيدا ڪيو، پوءِ سنئون ڪيائين) يعني انسان کي پيدا ڪري، ڪيس سنئين لڳين ڪيائين، ڪيس سنئون سڌو ۽ وڇولو قد، ڪاٺ عطا ڪيائين، سمجھ ڏنائين ۽ فرضن جي بجاآوريءَ لاءِ ڪيس تيار ڪيائين.
3 (۽ جنهن تقدير ڪئي، پوءِ سنئين واٽ ڏيکاريائين) يعني مختلف شين جون جنسون، صفتون، انهن جا قسمَ، خاصيتون، مخلوق جا افعال، اقوال ۽ انهن جون عمريون مقرر ڪيائين. پوءِ هر هڪ کي انهيءَ ڪم جي راهہ ڏيکاريائين، جيڪو ان کان ٿي سگهي ۽ اهو ان جي لائق هجي.
4 (۽ جنهن چارو اپايو) يعني جانورن لاءِ گاهہ چارو ۽ ساوڪ پيدا ڪيائين.
5 (پوءِ ان کي گند ڪيائين) يعني سهٽي ساوڪ کي سڪو سڙيو گندو گاهہ ڪري ڇڏيائين (ڪارو ڪري) ڪارائيل ڪن ڪچرو ڪري ڇڏيائينس، ڇاڪاڻ تہ گاهہ جڏهن سڪندو آهي تہ سڙي ڪارو ٿي ويندو آهي.
6 (اجهو توکي پڙهائينداسون) قرآن مجيد (پوءِ نہ وسارينديں) يعني جيڪو تون پڙهندين، اهو توکان نہ وسرندو. جبرئيل امين عليه السلام وحي ڪٽي ايندو هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ ان جي آخري آيت پڙهڻ کان اڳ، اهو منڊ کان پڙهڻ شروع ڪندا هئا. هن خيال سان تہ متان وسري وڃي، جنهن تي اها متين آيت نازل ٿي، پوءِ الله تعالىٰ پاڻ سڳورن ڏانهن قرآن الهام فرمائي، کيس ان جي وسرڻ کان محفوظ فرمائي ڇڏيو.
7 (مگر جيڪو الله گهري) تہ تون ان کي وساري ڇڏين.
(بيشڪ اهو ظاهر ۽ ڳجھ کي ڄاڻي ٿو) يعني شيءِ ظاهر هجي يا ڳجھي هجي، الله تعالىٰ سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو.
8 (۽ آسان ڪنداسون تولاءِ سهنجي واٽ کي) يعني تنهنجي لاءِ جنت جي عمل کي سولو سهنجو ڪنداسون ۽ پلائيءَ جي ڪمن کي آسان ڪنداسون.
9 (پوءِ جيڪڏهن نصيحت فائدو ڏئي تہ تون نصيحت ڪر) يعني اي محمد ﷺ ! جيڪا وحي اسان تو تي لاڻي آهي، ان جي ذريعي اهڙن ماڻهن کي نصيحت ڪر، کين پلائيءَ جي ڪمن جا رستا ڏيکار ۽ دين جا احڪام سيکار جن کي نصيحت فائدو ڏئي. رهيو اهو شخص جنهن کي نصيحت ڪئي وئي ۽ کيس حق روشن ڪري ڏيايو ويو، پر تڏهن بہ خواهشن جي پيروي ڪري ٿو ۽ نافرمانيءَ تي سندرو ٻڌي ٻينو آهي، تنهن کي نصيحت ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. يعني اهڙي شخص کي بار بار نصيحت ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي، باقي پهريون پيرو عام دعوت ڏيڻ ۽ نصيحت ڪرڻ سڀني جو حق آهي.
10 (جيڪو ڊجندو، سو جلد نصيحت پرائيندو) يعني جنهن جي دل ۾ خوف خدا آهي، اهو سگهوئي تنهنجي واعظ ۽ نصيحت مان فائدو پرائيندو. بلڪ سندس دل ۾ خوف خدا وڌندو ۽ سندس احوال جي اصلاح ۾ اضافو ٿيندو.
11 (۽ وڏو نپاڳو ماڻهو ان کان پاسيرو ٿيندو) يعني جيڪي بدبخت ڪافر ۽ ملحد آهن، اهي تنهنجي نصيحت مڃڻ کان پاسو ڪندا ۽ ان کان پري پڇندا.
12 (جيڪو وڏي باهہ ۾ پوندو) يعني وڏي دهشتناڪ ۽ وحشتناڪ باهہ ۾ داخل ٿيندو. دنيا واري باهہ ان جي پيٽ ۾ تمام نندي باهہ آهي.
13 (پوءِ منجهس نہ مرندو) يعني سڙي، ڳري ختم ٿي وڃي تہ جيئن عذاب کان راحت ۽ نجات ملي (۽ نہ جيئندو) يعني نہ وري فائديمند زندگي نصيب ٿيندس.
14 (بيشڪ اهو ڪامياب ٿيو، جنهن پاڪائي اختيار ڪئي) يعني جنهن شرڪ کان پاڪ ٿي، اڪيلي الله تي ايمان آندو ۽ شريعت جي احڪامن مطابق عمل ڪيائين.
15 (۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪيائين) يعني زبان سان پنهنجي رب جو نالي جو ذڪر ڪندو رهيو (پوءِ نماز پڙهيائين) يعني پنج وقتي نماز قائم ڪيائين.
16 (پر توهان دنيا جي زندگيءَ کي ترجيح ٿا ڏيو).
17 (جڏهن تہ آخرت بهتر ۽ وڏي بقاءَ واري آهي).
18 (بيشڪ اها ڳالهہ) يعني نفس جي ناپاڪين ۽ نجاستن کان پاڪ ٿي، ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ ان کان پوءِ جيڪو بيان ٿي گذريو، سو (اڳين صحيفن ۾ آهي) يعني اڳين آسماني ڪتابن ۾ لکيل آهي.
19 (ابراهيم ۽ موسىٰ جي صحيفن ۾) الله تعالىٰ جي نازل ڪيل انهن سڀني ڪتابن ۾ اها ڳالهہ لکيل آهي تہ هن فاني دنيا جي پيٽ ۾ آخرت بهتر ۽ وڏي جڏار آهي.

سورة الغاشية

1 (ڇا تو وٽ قيامت جي خبر آئي؟) يعني اي محمد ! تو وٽ قيامت جي ڳالهہ پهچي چڪي آهي؟ هن آيت سڳوريءَ ۾ قيامت کي "الغاشية" - ڇانئيندڙ ويندڙ - فرمايو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو ڊڪاءُ سموري مخلوق تي ڇانئيندڙ ويندو.
2 (ان ڏينهن ڪيترا چهرا ذليل هوندا) يعني قيامت جي ڏينهن ماڻهو بن قسمن ۾ ورهائجي ويندا. هڪڙا اهي هوندا جن تي، ان ڏينهن جي عذاب جي ڪري ذلت ۽ لعنت وسي رهي هوندي.
3 (ٿڪل تڪل هوندا) يعني اهي دنيا ۾ پنهنجي ڪفر ۽ گمراهيءَ جي ڪري، الله جي عبادت ڪرڻ جي زحمت گوارا نہ ڪندا هئا، جنهن جو کين آخرت ۾ ڪو اجر ملي.
4 ﴿ تَصۡلٰى نَارًا حَامِيَةً ﴾ (سخت گرم باهہ ۾ پوندا).
5 (تهڪندڙ چشمي مان پاڻي پياريو ويندن) ڏاڍو تيز گرم پاڻي پياريو ويندن.
6 (سندن لاءِ زهريلي ڪانڊيرن جي گاهہ کان سواءِ ڪو کاڌو نہ هوندو) ڪنڊن وارو اهو اهڙو زهريلو وڻ آهي، جنهن جي ويجهو جانور بہ نہ ويندا آهن. اهو وڻ سائو هوندو آهي تہ قريش ان کي "شبرق" چوندا آهن ۽ سکي ويندو آهي تہ ان کي "ضريع" چوندا آهن.
7 (جيڪو نہ ٽلهو ڪندو ۽ نہ بک لاهيندو).
8 (ڪهٽا چهرا ان ڏينهن ٻهڪندڙ هوندا) سرها، سهٽا ۽ چمڪندڙ هوندا. اهو ئي جماعت جي ماڻهن يعني مؤمنن جو ذڪر ٿي رهيو آهي. جڏهن آهي پنهنجن ڪمن جي سهٽي پچاڻي ڏسندا تہ سندن اهو حال ٿيندو، جيڪو بيان ٿي رهيو آهي.

بَلْ تُؤْثِرُونَ ٱلْحَيَوٰةَ ٱلدُّنْيَا ﴿١٦﴾ وَٱلْءَاخِرَةُ خَيْرٌ وَأَبْقَىٰٓ ﴿١٧﴾ إِنَّ
هَٰذَا لَفِى ٱلصُّحُفِ ٱلْأُولَىٰ ﴿١٨﴾ صُحُفِ إِبْرَٰهِيمَ وَمُوسَىٰ ﴿١٩﴾

سُورَةُ الْغَاشِيَةِ

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

هَلْ أَتَىٰكَ حَدِيثُ ٱلْغَٰشِيَةِ ﴿١﴾ وُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ خَٰشِعَةٌ ﴿٢﴾
عَامِلَةٌ نَّاصِبَةٌ ﴿٣﴾ تَصْلَىٰ نَارًا حَامِيَةً ﴿٤﴾ تُسْقَىٰ مِنْ عَيْنٍ ءَانِيَةٍ ﴿٥﴾
لَّيْسَ لَهُمْ طَعَامٌ إِلَّا مِن ضَرِيعٍ ﴿٦﴾ لَّا يُسْمِنُ وَلَا يُغْنِى مِن جُوعٍ ﴿٧﴾
وُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ نَّاعِمَةٌ ﴿٨﴾ لِّسَعْيِهَا رَاضِيَةٌ ﴿٩﴾ فِى جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿١٠﴾
لَّا تَسْمَعُ فِيهَا لَٰغِيَةً ﴿١١﴾ فِيهَا عَيْنٌ جَارِيَةٌ ﴿١٢﴾ فِيهَا سُرُرٌ مَّرْفُوعَةٌ ﴿١٣﴾
وَأَكْوَابٌ مَّوْضُوعَةٌ ﴿١٤﴾ وَنَمَارِقُ مَصْفُوفَةٌ ﴿١٥﴾ وَزَرَابِىُّ مَبْثُوثَةٌ ﴿١٦﴾
أَفَلَا يَنظُرُونَ إِلَى ٱلْإِبِلِ كَيْفَ خُلِقَتْ ﴿١٧﴾ وَإِلَى ٱلسَّمَآءِ كَيْفَ
رُفِعَتْ ﴿١٨﴾ وَإِلَى ٱلْجِبَالِ كَيْفَ نُصِبَتْ ﴿١٩﴾ وَإِلَى ٱلْأَرْضِ كَيْفَ
سُطِحَتْ ﴿٢٠﴾ فَذَكِّرْ إِنَّمَآ أَنتَ مُذَكِّرٌ ﴿٢١﴾ لَّسْتَ عَلَيْهِم
بِمُصَيْطِرٍ ﴿٢٢﴾ إِلَّا مَن تَوَلَّىٰ وَكَفَرَ ﴿٢٣﴾ فَيُعَذِّبُهُ ٱللَّهُ ٱلْعَذَابَ
ٱلْأَكْبَرَ ﴿٢٤﴾ إِنَّ إِلَيْنَآ إِيَابَهُمْ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ إِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُم ﴿٢٦﴾

9 (پنهنجي ڪيل ڪمائيءَ تي راضي هوندا) يعني دنيا ۾ انهن جيڪي چڱا عمل ڪيا هوندا، تن جو ڪين بهترين بدلو ملندو، جنهن جي ڪري راضي ۽ خوش هوندا.
10 (مٿانهين بهشت ۾ هوندا).
11 (جتي ڪابه واهيات ڳالهه نه ٻڌندا).
12 (منجهس چشما وهندڙ هوندا).
13 (منجهس بلند پلنگ هوندا).
14 (۽ پيالا رکيل هوندا).
15 (۽ طول وهاٽن جون قطارون لڳيل هونديون).
16 (۽ غاليچا وڇايل هوندا) نرم، نازڪ غلم غاليچا جيڪي عام طرح مجلسن ۾ وڇائيا آهن.
17 (ڇا پوءِ اُنٽ ڏانهن نٿا نهارين ته ڪيئن پيدا ڪيا ويا آهن)؟ ڪهڙي نه عمدي خلقت ۾ پيدا ڪيا ويا آهن، ڪيڏا نه تڏها متارا ۽ طاقتور جانور آهن ۽ منجهن ڪهڙيون نه بهترين خصلتون رکيون ويون آهن؟
18 (۽ آسمان ڏانهن، ته ڪيئن بلند ڪيو ويو آهي)؟ زمين جي مٿان ري ٽنبي اهڙيءَ طرح قائم آهي جو اها ڳالهه سمجهه ۽ عقل ۾ اچڻ کان مٿي آهي.
19 (۽ جبلن ڏانهن، ته ڪيئن کوڙيا ويا آهن) يعني زمين تي جبلن کي اهڙيءَ طرح ميخن جيان مضبوط کوڙيو ويو آهي جو انهن جي بار جي ڪري زمين نه هيڏي هوڏي لڏي، ڏهي ٽي سگهي ۽ نه حرڪت ڪري پنهنجي جاءِ کان هٽي ٽي سگهي.
20 (۽ ڌرتيءَ ڏانهن، ته ڪيئن پٽاري وئي آهي)؟
21 (پوءِ تون نصيحت ڪر) يعني اي محمد ﷺ! تون ڪين نصيحت ڪر ۽ الله جو خوف ڏيار. (بس تون ته رڳو نصيحت ڪندڙ آهين) يعني رڳو اها ئي منصبِ رسالت جي تنهنجي مٿان ذميواري آهي.
22 (تون مٿن ضابطو رکندڙ نه آهين) جو ڪين ايمان آڻڻ تي مجبور ۽ لاچار ڪرين.
23 (پر جنهن موڙيو ۽ ڪافر ٿيو) يعني ها، پر جيڪو وعظ ۽ نصيحت کان منهن موڙيندو ۽ منڪر ٿيندو.
24 (تنهن کي الله، تمام وڏو عذاب ڏيندو) يعني تنهن کي دوزخ جي دائمي عذاب جو مزو چکائيندو.
25 (بيشڪ اسان ڏانهن ئي سندن موٽڻ آهي) يعني موت کان پوءِ آخرڪار انهن کي اسان ڏانهن ئي واپس اچڻو آهي.
26 (پوءِ اسان تي ئي سندن حساب آهي) يعني سندن محاسبو ۽ پڇاڻو ڪرڻ اسان جو ڪم آهي. جڏهن موت کان پوءِ قيامت جي ڏينهن اسان ڏانهن موٽي ايندا ته سندن عملن جو پورو پورو بدلو ڏيناسون.

سورة الفجر

1 (قسم آهي پرهه ڦٽيءَ جو) الله تعالىٰ فجر جي وقت جو قسم کٽي رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته ان جو سوجهرو رات جي اونداهيءَ مان ڦٽي نڪرندو آهي. مجاهد تابعي جي قول مطابق قرباني‌ءَ جي ڏينهن جي صبح مراد آهي.
2 (۽ ڏهن راتين جو قسم آهي) ذوالحج مهيني جون شروعاتي ڏهه راتيون مراد آهن.
3 (۽ ٻڌي ۽ اڪيءَ جو قسم آهي) هر شيءِ جو جوڙو ۽ ان جو هڪ هڪ فرد مراد آهي. هي به چيو ويو آهي ته ٻڌيءَ مان ذو الحج ۾ تشريق جو پهريون ۽ ٻيو ڏينهن مراد آهي، جن ۾ حاجي، حج جا ڪم جلدي پورا ڪري گهر موٽي ته جائز آهي ۽ "اڪي" تشريق جو ٽيون ڏينهن آهي.
4 (۽ رات جو قسم جڏهن هلندي آهي) يعني جڏهن ايندي، منهن ڪيڏندي، هلندي رهندي آهي، پوءِ وري موڪلائيندي آهي.
5 (ڇا انهن شين ۾ عقلمندن لاءِ ڪو وزنائتي قسم آهي)؟

(حجر) معنيٰ عقل. يعني جيڪو شخص عقلمند ۽ داناءُ آهي، سو ڄاڻندو ته الله تعالىٰ جنهن مقصد لاءِ هتي مختلف شين جو قسم کنيو آهي، سي واقعي وزنائتي ۽ قسم کڻڻ جوڳيون آهن.
6 (ڇا توکي خبر ناهي ته تنهنجي رب، عاد قوم سان ڪهڙي ڪار ڪئي)؟
7 (ارم، وڏن ٿنڀن وارن سان) "ارم" اڳئين عاد جو پيو نالو آهي. پٽ چيو ويو آهي ته اهو سندن ڏاڏو هو. هڪ قول مطابق اهو سندن علائقي جو نالو آهي، جيڪو موجوده شهر دمشق آهي يا احقاف ماٿريءَ ۾ وڏن ٿنڀن وارين جابلو جاين تي مشتمل ڪو پيو شهر هو.
8 (ملڪ ۾ اهڙو ڪو شهر ناهيو ئي نه ويو آهي) يعني مضبوط اڏاوت جي اعتبار سان اهڙو ڪو شهر قائم ئي نه ٿيو آهي.
9 (۽ ثمود سان، جيڪي ماٿريءَ ۾ وڏا جبل ٽڪيندا هئا) اهي ماڻهو جبلن کي ٽڪي، اتي سرنگون جيان گهر جوڙي رهندا هئا. سندن ماٿريءَ جو نالو "حجر" يا "وادي القریٰ" آهي. سندن ڦٽيل وسنديون مديني منوره کان شام ويندڙ رستي تي آهن.
10 (۽ ميخن واري فرعون سان) "اوتاد" مان مصر جا اهي اهرام مراد آهن، جيڪي فرعونن جوڙايا هئا ته جيئن مرڻ کان پوءِ کين انهن قبرستانن ۾ پورجي. انهن جي تعمير لاءِ سندن قومن کان ڪم وٺندا هئا. هڪ قول مطابق انهن مان اهي لشڪرن وارا مراد آهن، جيڪي مضبوط ميخن سان تنبن جون ڪيتريون ٻيرڪون قائم ڪرائيندا هئا.

سُورَةُ الفَجۡرِ

نبيها ٨٩ — آياتها ٣٠

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

وَٱلۡفَجۡرِ ﴿١﴾ وَلَيَالٍ عَشۡرٍ ﴿٢﴾ وَٱلشَّفۡعِ وَٱلۡوَتۡرِ ﴿٣﴾ وَٱلَّيۡلِ إِذَا يَسۡرِ ﴿٤﴾ هَلۡ فِي ذَٰلِكَ قَسَمٞ لِّذِي حِجۡرٍ ﴿٥﴾ أَلَمۡ تَرَ كَيۡفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ﴿٦﴾ إِرَمَ ذَاتِ ٱلۡعِمَادِ ﴿٧﴾ ٱلَّتِي لَمۡ يُخۡلَقۡ مِثۡلُهَا فِي ٱلۡبِلَٰدِ ﴿٨﴾ وَثَمُودَ ٱلَّذِينَ جَابُواْ ٱلصَّخۡرَ بِٱلۡوَادِ ﴿٩﴾ وَفِرۡعَوۡنَ ذِي ٱلۡأَوۡتَادِ ﴿١٠﴾ ٱلَّذِينَ طَغَوۡاْ فِي ٱلۡبِلَٰدِ ﴿١١﴾ فَأَكۡثَرُواْ فِيهَا ٱلۡفَسَادَ ﴿١٢﴾ فَصَبَّ عَلَيۡهِمۡ رَبُّكَ سَوۡطَ عَذَابٍ ﴿١٣﴾ إِنَّ رَبَّكَ لَبِٱلۡمِرۡصَادِ ﴿١٤﴾ فَأَمَّا ٱلۡإِنسَٰنُ إِذَا مَا ٱبۡتَلَىٰهُ رَبُّهُۥ فَأَكۡرَمَهُۥ وَنَعَّمَهُۥ فَيَقُولُ رَبِّيٓ أَكۡرَمَنِ ﴿١٥﴾ وَأَمَّآ إِذَا مَا ٱبۡتَلَىٰهُ فَقَدَرَ عَلَيۡهِ رِزۡقَهُۥ فَيَقُولُ رَبِّيٓ أَهَٰنَنِ ﴿١٦﴾ كَلَّاۖ بَل لَّا تُكۡرِمُونَ ٱلۡيَتِيمَ ﴿١٧﴾ وَلَا تَحَٰٓضُّونَ عَلَىٰ طَعَامِ ٱلۡمِسۡكِينِ ﴿١٨﴾ وَتَأۡكُلُونَ ٱلتُّرَاثَ أَكۡلٗا لَّمّٗا ﴿١٩﴾ وَتُحِبُّونَ ٱلۡمَالَ حُبّٗا جَمّٗا ﴿٢٠﴾ كَلَّآ إِذَا دُكَّتِ ٱلۡأَرۡضُ دَكّٗا دَكّٗا ﴿٢١﴾ وَجَآءَ رَبُّكَ وَٱلۡمَلَكُ صَفّٗا صَفّٗا ﴿٢٢﴾ وَجِاْيٓءَ يَوۡمَئِذِۭ بِجَهَنَّمَۚ يَوۡمَئِذٖ يَتَذَكَّرُ ٱلۡإِنسَٰنُ وَأَنَّىٰ لَهُ ٱلذِّكۡرَىٰ ﴿٢٣﴾

(11) (جن شهرن ۾ سرڪشي ڪئي) يعني عاد، ثمود ۽ فرعوني قومن مان هر هڪ قوم پنهنجي پنهنجي زماني ۾ ۽ پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ سرڪشي ڪئي ۽ فساد ڦيلايو.

(12) (پوءِ انهن ۾ ڏاڍو فساد مچايائون) يعني ڪفر ڪيائون ۽ الله جي نافرماني ۽ ماڻهن تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪرڻ ۾ حد ڪان وڌي ويا.

(13) (پوءِ تنهنجي رب مٿن عذاب جو چهبڪ وسايو) يعني الله تعالىٰ ڪين سخت سوڙهو ڪيو ۽ ڪين عذاب ۾ سوڳهو ڪيو. چوٽي آهي ته : "مون ڏوهاريءَ تي چهبڪ وسايو" يعني : ڪيس ڏاڍي سخت سزا ڏني.

(14) (بيشڪ تنهنجو رب تاڙ ۾ آهي) يعني الله تعالىٰ هر انسان جي عمل جي گهٽ ۾ آهي. جيڪو شخص پلائي ڪندو آهي، تنهن کي چڱو بدلو ڏيندو آهي ۽ جيڪو برائي ڪندو آهي، تنهن کي جوڳي سيکٽ ڏيندو آهي. حسن بصري ~ جو قول آهي ته ماڻهن جي باري ۾ الله تعالىٰ جو اهوئي دستور العمل آهي، جنهن کان ڪنهن لاءِ مفر ممڪن نه آهي.

(15) (پوءِ جڏهن انسان کي سندس رب آزمائيندو آهي) (۽ ڪيس عزت ۽ نعمت ڏيندو آهي) يعني ڪيس مال ۽ رزق جي ڪشادگي ڏيندو آهي (پوءِ هو چوندو آهي ته منهنجي رب مون کي عزت ڏني آهي) يعني هو انهيءَ دولت جي آکڙ ۾ اچي ائين پائيندو آهي ته شايد اها دولت ڪيس سندس عزت ۽ اڪرام جي ڪري عطا ٿي آهي.

(16) (۽ وري جڏهن ڪيس آزمائيندو آهي) يعني ڪيس آزمائش ۾ وجهندو ۽ پرکيندو آهي (پوءِ سندس روزي تنگ ڪندو آهي).

يعني سندس زندگيءَ جو گذران تنگي ۽ تلخيءَ سان ٿيندو آهي ۽ سندس مال ۽ ملڪيت ۾ ڪشادگي نه ٿيندي آهي ته (پوءِ چوندو آهي ته منهنجي رب مون کي ذليل ڪيو) يعني خوار خراب ڪيو آهي. اها ڪافر جي حالت آهي، جيڪو مال ۽ دولت کي شرافت ۽ عزت جي نشاني سمجهندو آهي، رهيو مؤمن، ته ان وٽ اصل شرافت ۽ فضيلت هيءَ آهي ته الله تعالىٰ کيس پنهنجي اطاعت نصيب ڪري ۽ جنت جي عملن جي توفيق ڏئي ۽ وٽس اهانت اها آهي ته الله کيس پنهنجي اطاعت ۽ جنت جي عملن جي توفيق کان محروم رکي.

(17) (ائين هرگز نه آهي)! پنهنجي قسم جي انسان جي حالت تي تنبيه ڪندي فرمايو وڃي ٿو ته (بلڪ توهان يتيم کي عزت نٿا ڏيو) يعني جيڪو مال متاع الله سائين توهان کي ڏنو آهي، ان جي ذريعي يتيمن جي عزت افزائي نٿا ڪريو، جيڪڏهن توهان ائين ڪريو ها ته ضرور موت ۾ الله وٽ عزت ۽ شرافت لهو ها.

(18) (۽ مسڪين کي کاڌي کارائڻ جي رغبت نٿا ڏيو) يعني نه پاڻ مسڪينن کي کارايو ٿا ۽ نه ٻين کي اهڙي رغبت ڏيو ٿا. يا نه ڪنهن کي چئو ٿا ۽ نه اهڙي هدايت ڪريو ٿا، جنهن ڪري توهان جي سماج ۾ مسڪين بي سهارا ٿي محڪوميءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن.

(19) (۽ ميراث جو مال ڪائو ٿا) يعني يتيمن، رنن زالن ۽ هيٺن جو مال (ميڙي سيڙي ڳڙڪايو ٿا) يعني وڏي بي رحميءَ سان ڏوهي سوهي ٿا ڪائو.

(20) (۽ ناٽي سان وڏي محبت ٿا رکو). يعني مال ۽ دولت سان دلي چاهت رکو ٿا، حلال هجي يا حرام.

(21) (هرگز نه) ! يعني اهو طرز عمل توهان کي نٽو سونهي، ائين ڪرڻ توهان کي نٽو ڇڳائي. (جڏهن زمين سڄي ڪٽي برابر ڪئي ويندي) يعني ان ۾ زلزلن متان زلزلا ايندا، يا ان تي قائم جبلن کي سڄي ڪٽي، پوءِ زمين کي سنئون سڌو ڪيو ويندو.

(22) (۽ ايندو تنهنجو رب) الله ﷻ جلوه افروز ٿيندو ته جيئن ماڻهن ۾ فيصلو فرمائي (۽ فرشتا صفون ٻڌي) قطارون ٻڌي لائينون لڳائي بيٺل هوندا.

(23) (۽ ان ڏينهن دوزخ کي آندو ويندو) يعني فرشتا ان کي نڪ ۾ ناکيلي ڏئي ڇڪي محشر جي ميدان ۾ آڻيندا. (ان ڏينهن انسان کي سمجهه پوندي ۽ ڪهڙو ڪم ڏيندي ڪيس اها سمجهه) !

(24) (چوندو : ڪاش ! پنهنجي زندگيءَ لاءِ ڪجهه اڳ ڪري وڃان ها).

(25) (پوءِ انهيءَ ڏينهن نه ان جي عذاب جهڙو ڪوئي به عذاب ڪندو) يعني جهڙو الله تعالىٰ ڪافرن کي عذاب ڏيندو، تهڙو ڪنهن به ڪنهن کي عذاب نه ڏنو هوندو.

(26) (۽ نه ان جي سوڳهي ڪرڻ وانگر ڪو سوڳهو ڪندو) يعني جيئن الله تعالىٰ ڪافرن کي زنجيرن ۽ هٿڪڙين ۾ ٻڌي ساڳهو ڪندو، تيئن ڪنهن به ڪنهن کي ٻڌي سوڳهو نه ڪيو هوندو.

(27) (اي اطمينان وارا نفس) يعني بغير ڪنهن شڪ، شبهي جي ايمان ۽ يقين جي دولت رکندڙ ۽ الله جي توحيد کي مڃيندڙ انسان!

(28) (موٽ پنهنجي رب ڏانهن خوش ٿي) اهو ثواب ماڻي جيڪو توکي پنهنجي پالڻهار عطا ڪيو آهي. (پسند پيل) پنهنجي مالڪ وٽ.

(29) (پوءِ شامل ٿي وڃ منهنجن ٻانهن ۾) يعني منهنجن صالح ٻانهن سان گڏجي سندن زمري ۾ شامل ٿي وڃ.

(30) (۽ گهڙي پؤ منهنجي جنت ۾) يعني ساڻن گڏجي جنت ۾ داخل ٿيءُ . اها ئي اصل عزت ۽ ڪرامت آهي، بي ڪا به ڪرامت ان جي برابر نٿي ٿي سگهي.

يَقُولُ يَٰلَيۡتَنِي قَدَّمۡتُ لِحَيَاتِي ﴿٢٤﴾ فَيَوۡمَئِذٖ لَّا يُعَذِّبُ عَذَابَهُۥٓ أَحَدٞ ﴿٢٥﴾
وَلَا يُوثِقُ وَثَاقَهُۥٓ أَحَدٞ ﴿٢٦﴾ يَٰٓأَيَّتُهَا ٱلنَّفۡسُ ٱلۡمُطۡمَئِنَّةُ ﴿٢٧﴾ ٱرۡجِعِيٓ
إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةٗ مَّرۡضِيَّةٗ ﴿٢٨﴾ فَٱدۡخُلِي فِي عِبَٰدِي ﴿٢٩﴾ وَٱدۡخُلِي جَنَّتِي ﴿٣٠﴾

سُورَةُ الۡبَلَدِ

(ترتيبها ٩٠) (آياتها ٢٠)

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

لَآ أُقۡسِمُ بِهَٰذَا ٱلۡبَلَدِ ﴿١﴾ وَأَنتَ حِلُّۢ بِهَٰذَا ٱلۡبَلَدِ ﴿٢﴾ وَوَالِدٖ وَمَا وَلَدَ
﴿٣﴾ لَقَدۡ خَلَقۡنَا ٱلۡإِنسَٰنَ فِي كَبَدٍ ﴿٤﴾ أَيَحۡسَبُ أَن لَّن يَقۡدِرَ عَلَيۡهِ
أَحَدٞ ﴿٥﴾ يَقُولُ أَهۡلَكۡتُ مَالٗا لُّبَدًا ﴿٦﴾ أَيَحۡسَبُ أَن لَّمۡ يَرَهُۥٓ أَحَدٌ
﴿٧﴾ أَلَمۡ نَجۡعَل لَّهُۥ عَيۡنَيۡنِ ﴿٨﴾ وَلِسَانٗا وَشَفَتَيۡنِ ﴿٩﴾ وَهَدَيۡنَٰهُ
ٱلنَّجۡدَيۡنِ ﴿١٠﴾ فَلَا ٱقۡتَحَمَ ٱلۡعَقَبَةَ ﴿١١﴾ وَمَآ أَدۡرَىٰكَ مَا ٱلۡعَقَبَةُ ﴿١٢﴾
فَكُّ رَقَبَةٍ ﴿١٣﴾ أَوۡ إِطۡعَٰمٞ فِي يَوۡمٖ ذِي مَسۡغَبَةٖ ﴿١٤﴾ يَتِيمٗا ذَا مَقۡرَبَةٍ
﴿١٥﴾ أَوۡ مِسۡكِينٗا ذَا مَتۡرَبَةٖ ﴿١٦﴾ ثُمَّ كَانَ مِنَ ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ وَتَوَاصَوۡاْ
بِٱلصَّبۡرِ وَتَوَاصَوۡاْ بِٱلۡمَرۡحَمَةِ ﴿١٧﴾ أُوْلَٰٓئِكَ أَصۡحَٰبُ ٱلۡمَيۡمَنَةِ ﴿١٨﴾ وَٱلَّذِينَ
كَفَرُواْ بِـَٔايَٰتِنَا هُمۡ أَصۡحَٰبُ ٱلۡمَشۡـَٔمَةِ ﴿١٩﴾ عَلَيۡهِمۡ نَارٞ مُّؤۡصَدَةُۢ ﴿٢٠﴾

سُورَةُ الشَّمۡسِ

(ترتيبها ٩١) (آياتها ١٥)

سورة البلد

(1) (آءٌ هن شهر جو قسم ٿو کٹان) يعني آءٌ هن محترم شهر، مکي جو قسم کٹان ٿو. مقصد هي آهي تہ ماڻهن کي خبر پوي تہ الله تعالىٰ وٽ انهيءَ شهر (ام القریٰ) جي کيڏي فضيلت ۽ کيڏي عزت آهي، جاکاڻ تہ منجهس، سندس محترم گهر آهي، ۽ اهوئي پاڪ شهر حضرت اسماعيل ۽ حضرت محمد عليهما الصلاة والسلام جو شهر آهي ۽ اتي ئي حج جا فرض ادا ڪيا آهن.

(2) (جڏهن تہ تون هن شهر ۾ رهائش پزير آهين) الله تعالىٰ شهر مکي جو قسم کٹي ارشاد فرمائي رهيو آهي تہ اي نبي ﷺ! توهان اتان جا رهندڙ آهيو، جنهن مان توهان جي فضيلت ۽ عظمت ظاهر آهي، جاکاڻ تہ توهان جي رهائش پٽاندر ئي ان شهر جي عزت ۽ عظمت وڌي آهي.

(3) (۽ قسم آهي پيءُ جو ۽ ان جي اولاد جو) الله تعالىٰ هر پيءُ ۽ سندس اولاد جو قسم کٹي رهيو آهي، جهڙوڪ : آدم عليه السلام ۽ جيڪو نسل ان مان وڌيو، اهڙيءَ طرح ساهدار جو اولاد ۽ انهن جا ماءُ پيءُ ٻہ ان ۾ شامل آهن. مقصود نسل ۽ پيدائش جي سلسلي جي عظمت ۽ اهميت بيان ڪرڻ آهي، جنهن ۾ الله تعالىٰ جي قدرت، حڪمت ۽ علم جي ثابتي آهي.

(4) (بيشڪ اسان انسان کي ڏک ڏاکڙي ۾ پيدا ڪيو آهي) يعني دنيا ۾ مرڻ ڪنديءَ تائين ڏک ڏاکڙا ۽ زندگيءَ جي مصيبتن ۽ مشڪلات کي برداشت ڪندو رهي ٿو. ورې جڏهن مري ويندو آهي تہ قبر ۽ عالم برزخ جون مصيبتون جهيلينڊو آهي ۽ ان کان پوءِ آخرت جون سختيون ۽ سورَ ٻہ سهڻا اٿس .

(5) (ائين پائي ٿو چا تہ مٿس ڪنهن جو ٻہ زور هلي نہ سگهندو)؟ يعني آدمَ ٻچو ائين سمجهيو ويٺو آهي چا تہ ان جي مٿان ڪنهن کي ٻہ، کا قدرت حاصل نہ آهي ۽ جيڪي ڏوهہ ڪري ٿو، تن جو ان کان ڪو ٻہ بدلو وٺي نہ سگهندو، تانجو سندس پالٹهار الله ٻہ ڪجهہ نہ ڪري سگهندس؟

(6) (چوي ٿو تہ مون گهڻو مال برباد ڪري ڇڏيو) يعني مال جا گڏ ڪيل ڍڳ ڍير لٹائي ڪپائي ڇڏيم.

(7) (ائين ٿو پائي چا تہ ڪيس ڪو ٻہ نٹو ڏسي)؟ يعني چا سمجهي ٿو تہ الله سبحانه وتعالىٰ ڪيس نٹو ڏسي ۽ ان کان کا پڇاڳاڇا ئي نہ ڪندو تہ : مال ڪيئن ڪمايئي ۽ ڪٿي خرچ ڪيئي؟

(8) (اسان ڪيس ٻہ اکيون نہ ڏنيون آهن چا)؟ ڏسڻ لاءِ .

(9) (۽ زبان ۽ ٻہ چپ)؟ يعني زبان ڳالهائڻ لاءِ ۽ چپ وات جو خال ڍڪڻ لاءِ.

(10) (۽ ڪيس ٻئي رستا ڪولي نہ ڏيکاريا سون)؟ يعني چا ڪيس خير ۽ شر جي ٻنهي رستن کان چگهيءَ طرح آگاه نہ ڪيوسون؟ ائين پڌرا ڪري ڏيکاريا سونس جيئن بلنديءَ وارا رستا چٹا نظر ايندا آهن.

(11) (پر هو گهٹ نہ گهڙيو) يعني پوءِ همت نہ ڪيائين ۽ نفساني خواهشن ۽ شيطان جي تابعداري وارو اهو اوکو لَکُ نہ لنگهيو ۽ انهن رڪاوٽن کي نہ ٽوڙيائين، جيڪي سندس ۽ الله جي اطاعت جي وچ ۾ آڙ بٹييون آهن.

(12) (۽ توکي گهڙي خبر تہ اهو گهٹ چا آهي)؟

(13) (گردن آزاد ڪرائڻ آهي) يعني ٻانهو يا ٻانهي آزاد ڪرڻي آهي.

(14) (يا بک واري ڏينهن ۾ کاڏو کارائڻ آهي) يعني ڏک ۽ ڏڪار جي حالت ۾، جڏهن کاڏو خوراڪ ملڻ مشڪل ٿي ويندو آهي، الله جي رضامنديءَ جي نيت سان ٻين کي کاڏو کارائڻ مقصود آهي.

(15) (ڪنهن ويجهي يتيم کي) يعني ڪنهن چوري چني ننڍڙي ٻار کي، جنهن جو پيءُ نہ هجي ۽ جيڪو سندس عزيزن، قريبن مان هجي، تنهن کي کارائڻ.

(16) (يا مٽيءَ ۾ پريل ڪنهن مسڪين کي) يعني اهڙي محتاج کي کارائڻ، جنهن وٽ کا شيءِ نہ هجي، جڙ تہ اهو ويچارو پنهنجي فقر فاقي سبب زمين کي چُهٹيو پيو آهي. مجاهد جو قول آهي تہ : اهو شخص مراد آهي، جنهن کي مٽيءَ کان بچائڻ لاءِ لباس وغيره کا شيءِ ميسر نہ هجي.

(17) (وري اهو انهن مان هجي جن ايمان آندو) يعني جڏهن قرب خداوندي ۽ جا اهي ڪم ڪندو ۽ ايمان جي دولت سان ٻہ مالامال هوندو ۽ مال ٻہ الله جي رضامنديءَ لاءِ خرچ ڪندو، تڏهن ڪيس فائدو حاصل ٿيندو. (۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون) يعني الله جي اطاعت تي صبر ڪرڻ، الله جي نافرمانيءَ کان بچڻ تي صبر ڪرڻ ۽ دنيا ۾ جيڪي تڪليفون ۽ مصيبتون اچن تن تي ٻہ صبر ڪرڻ. (۽ هڪ ٻئي کي رحم ڪرڻ جي وصيت ڪيائون) يعني الله جي بانهن تي ترس کائڻ جي هڪ ٻئي کي وصيت ۽ پارت ڪرڻ.

(18) (اهي ئي ساڄي پاسي وارا آهن).

(19) (۽ جن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو) (اهي ئي کاٻي پاسي وارا آهن) اهي کاٻي پاسي وارا، يعني بدبخت باهہ وارا آهن. انهن لاءِ جيڪو عذاب الله تعالىٰ تيار ڪيو آهي تنهن جي تفصيل هي آهي تہ :

(20) (مٿن باهہ وکوڙيل هوندي) يعني اهڙي باهہ جنهن ۾ کين بڌي بند ڪيو ويندو.

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

وَٱلشَّمۡسِ وَضُحَىٰهَا ﴿١﴾ وَٱلۡقَمَرِ إِذَا تَلَىٰهَا ﴿٢﴾ وَٱلنَّهَارِ إِذَا جَلَّىٰهَا ﴿٣﴾
وَٱلَّيۡلِ إِذَا يَغۡشَىٰهَا ﴿٤﴾ وَٱلسَّمَآءِ وَمَا بَنَىٰهَا ﴿٥﴾ وَٱلۡأَرۡضِ وَمَا طَحَىٰهَا ﴿٦﴾
وَنَفۡسٖ وَمَا سَوَّىٰهَا ﴿٧﴾ فَأَلۡهَمَهَا فُجُورَهَا وَتَقۡوَىٰهَا ﴿٨﴾ قَدۡ أَفۡلَحَ مَن زَكَّىٰهَا ﴿٩﴾ وَقَدۡ خَابَ مَن دَسَّىٰهَا ﴿١٠﴾ كَذَّبَتۡ ثَمُودُ
بِطَغۡوَىٰهَآ ﴿١١﴾ إِذِ ٱنۢبَعَثَ أَشۡقَىٰهَا ﴿١٢﴾ فَقَالَ لَهُمۡ رَسُولُ ٱللَّهِ
نَاقَةَ ٱللَّهِ وَسُقۡيَىٰهَا ﴿١٣﴾ فَكَذَّبُوهُ فَعَقَرُوهَا فَدَمۡدَمَ
عَلَيۡهِمۡ رَبُّهُم بِذَنۢبِهِمۡ فَسَوَّىٰهَا ﴿١٤﴾ وَلَا يَخَافُ عُقۡبَٰهَا ﴿١٥﴾

سُورَةُ اللَّيۡلِ

(ترتيبها ٩٢) (آياتها ٢١)

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

وَٱلَّيۡلِ إِذَا يَغۡشَىٰ ﴿١﴾ وَٱلنَّهَارِ إِذَا تَجَلَّىٰ ﴿٢﴾ وَمَا خَلَقَ ٱلذَّكَرَ وَٱلۡأُنثَىٰٓ ﴿٣﴾
إِنَّ سَعۡيَكُمۡ لَشَتَّىٰ ﴿٤﴾ فَأَمَّا مَنۡ أَعۡطَىٰ وَٱتَّقَىٰ ﴿٥﴾ وَصَدَّقَ بِٱلۡحُسۡنَىٰ ﴿٦﴾
فَسَنُيَسِّرُهُۥ لِلۡيُسۡرَىٰ ﴿٧﴾ وَأَمَّا مَنۢ بَخِلَ وَٱسۡتَغۡنَىٰ ﴿٨﴾ وَكَذَّبَ بِٱلۡحُسۡنَىٰ
﴿٩﴾ فَسَنُيَسِّرُهُۥ لِلۡعُسۡرَىٰ ﴿١٠﴾ وَمَا يُغۡنِي عَنۡهُ مَالُهُۥٓ إِذَا تَرَدَّىٰٓ ﴿١١﴾ إِنَّ عَلَيۡنَا
لَلۡهُدَىٰ ﴿١٢﴾ وَإِنَّ لَنَا لَلۡأٓخِرَةَ وَٱلۡأُولَىٰ ﴿١٣﴾ فَأَنذَرۡتُكُمۡ نَارٗا تَلَظَّىٰ ﴿١٤﴾

سورة الشمس

1 (قسم آهي سج جو ۽ ان جي روشنيءَ جو) جڏهن سج اپري متي ايندو آهي ۽ ان جي روشني مڪمل طرح ظاهر ٿيندي آهي، ان کي "الضحىٰ" چوندا آهن.

2 (۽ قسم آهي چنڊ جو! جڏهن ان جي پويان ايندو آهي) يعني جڏهن سج لهي ويندو آهي ۽ ان جي پويان چنڊ ايندو آهي.

3 (۽ ڏينهن جو قسم، جڏهن ان کي روشن ڪندو آهي) يعني جڏهن ڏينهن سج کي چمڪيءَ طرح روشن ڪندو آهي. ڇاڪاڻ ته ڏينهن جي روشن ٿيڻ سان سج به پوريءَ طرح نروار ٿيندو آهي.

4 (۽ قسم آهي رات جو، جڏهن ان کي ڍڪيندي آهي).
يعني جڏهن رات سج کي ڍڪي، ان جي روشنيءَ کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن ڪري هر طرف اونداهي چانئجي ويندي آهي.

5 (۽ قسم آهي آسمان جو ۽ جنهن ان کي بنايو آهي).
يعني جنهن ذات ان کي خلقيو آهي. ان مان الله تعالىٰ مراد آهي.

6 (۽ قسم آهي زمين جو ۽ جنهن ان کي پکيڙيو آهي) يعني انهيءَ زمين جو قسم! جنهن کي الله تعالىٰ هر طرف پکيڙي ڇڏيو آهي.

7 (۽قسم آهي نفس جو ۽ جنهن ان کي برابر ڪيو) يعني الله تعالىٰ نفس کي پيدا ڪيو، ان جا عضوا برابر ڪيائين، منجهس روح وڌائين ۽ منجهس زبردست نفسياتي قوتون رکيائين ۽ ان کي فطرتي استقامت مطابق پيدا ڪيائين. رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته : " كُلُّ مَوْلُودٍ يُولَدُ عَلَى الفِطْرَةِ، فَأَبَوَاهُ يُهَوِّدَانِهِ أَوْ يُنَصِّرَانِهِ أَوْ يُمَجِّسَانِهِ ". (هر پار فطرت تي پيدا ٿيندو آهي، پوء ان جا پيءُ ماءُ ان کي يهودي بٽائيندا آهن، يا عيسائي بٽائيندا آهن يا مجوسي بٽائيندا آهن).

8 (پوءِ ان کي ان جي بدڪاريءَ ۽ ان جي پرهيزگاريءَ سمجهايائين) يعني پلائي هجي يا برائي پنهي حالتن کان ڪيس واقف ڪري ڇڏيائين.

9 (بيشڪ ڪامياب ٿيو اهو شخص، جنهن ان کي پاڪ ڪيو) يعني جنهن پنهنجي نفس کي تقويٰ جي زيور سان سينگاريو، ان کي پاڪ صاف ڪيو، بيشڪ انهيءَ پنهنجو گوهر مقصود حاصل ڪيو ۽ پنهنجي مطلوب ۽ پنهنجي محبوب کي ماڻيو، ڪامياب حاصل ڪيائين.

10 (۽ بيشڪ نا ڪام ٿيو اهوشخص، جنهن ان کي خراب ڪيو) يعني جنهن پنهنجي نفس کي گمراهه ڪيو، حق کان ٽيڙي ڇڏيو ۽ الله جي ڏسيل سچي واٽ کان ورغلائي ڇڏيو ۽ منجهس اطاعت ۽ عمل صالح جي عادت پيدا نه ڪيائين، سو نقصان ۽ خساري وارو ٿيو.

11 (ثمود وارن پنهنجي سرڪشيءَ سبب ڪوڙو ڪيو) يعني صالح عليه السلام جي قوم ثمود، پنهنجي فتني بازيءَ ۽ فساد انگيزيءَ جي ڪري الله ۽ سندس سچوري پيغمبر کي ڪوڙو ڪيو. (طغيان) نافرمانيءَ ۾ حد کان لنگهي وڃڻ کي چئبو آهي.

12 (جڏهن منجهائنئن سڀ کان وڏو بدبخت اٿيو) يعني قوم ثمود مان وڏو بدبخت. يا مطلب آهي ته اهو شخص اٿيو، جيڪو مخلوق ۾ سڀ کان وڏو بدبخت آهي. سندس نالو قيدار بن سالف آهي، جنهن ڏاڍيءَ جون ٽنگون ڪٽيون . (انبعث) معنىٰ هام هٿي، ميرجي اٿيو.

13 (پوءِ الله جي رسول کين چيو) يعني صالح عليه السلام کين چيو. ته ڇڏيو (الله جي ڏاڍيءَ کي) يعني خبردار! اها الله جي ڏاڍي آهي، ان کي ڇڏي ڏيو، ان کي نه ايذايو. (۽ ان جي پاڻي پيئڻ جي واري آهي) يعني ان جي پاڻي پيئڻ لاءِ هڪ ڏينهن مقرر آهي، پوءِ ان جي واريءَ تي ان کي هرگز تنگ نه ڪريو.

14 (پوءِ ڪيس ڪوڙو ڪيائون ۽ ڏاڍيءَ جون ڪُچون ڪپيائون) (پوءِ سندن رب سندن گناهه سبب مٽي تباهي آندي)
کين تباهه ڪيائين ۽ سڀني کي گڏي عذاب ۾ مبتلا ڪيائين.

(پوءِ کين برابر ڪري ڇڏيائين) يعني انهيءَ قوم جي مٽاڻ زمين کي برابر ڪري، کين مٽيءَ ۾ دٻائي ناس ۽ ناڙ ڪري ڇڏيائين.

15 (۽ هو سندن پڇاڙيءَ کان نه ڊڄندو آهي) يعني الله تعالىٰ بغير کنهن خوف ۽ پڇاڙيءَ جو لحاظ ڪندي، پنهنجن دشمنن کي سيکٽ ڏيندو آهي.

سورة الليل

1 (قسم آهي رات جو، جڏهن چانئجي وڃي ٿي).

2 (۽ قسم آهي ڏينهن جو، جڏهن روشن ٿئي ٿو).

3 (۽ ان ذات جو قسم، جنهن نر ۽ماديءَ کي پيدا ڪيو) هتي الله تعالىٰ نر ۽ مادي جي جنس جي تخليق جو قسم کنيو آهي، چاهي اها انسان مان هجي يا غير انسان مان هجي.

4 (ته بيشڪ توهان جي ڪوشش جدا جدا آهي) يعني توهان جا عمل هڪ بئي کان مختلف آهن. ڪو جنت جا ڪم ڪري ٿو ۽ ڪو دوزخ جا عمل ڪري ٿو. ڪو پنهنجي نفس کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي ۽ ڪو ان کي هلاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهي.

5 (پوءِ جنهن خيرات ڪئي ۽ پاڻ بچايو) يعني جنهن پلائيءَ جي ڪمن ۾ مال خرچ ڪيو، ۽ الله تعالىٰ جي حرام ڪيل ڪمن کان پاڻ کي بچايائين.

6 (۽ چڱائيءَ جي تصديق ڪيائين) يعني الله تعالىٰ جي ڪيل وعدي کي سچو مڃيائين ته جيڪو شخص الله جي واٽ ۾ مال خرچ ڪندو، ضرور تنهن جو ڪيس بدلو ڏنو ويندو.

لَا يَصۡلَىٰهَآ إِلَّا ٱلۡأَشۡقَى ﴿١٥﴾ ٱلَّذِي كَذَّبَ وَتَوَلَّىٰ ﴿١٦﴾ وَسَيُجَنَّبُهَا
ٱلۡأَتۡقَى ﴿١٧﴾ ٱلَّذِي يُؤۡتِي مَالَهُۥ يَتَزَكَّىٰ ﴿١٨﴾ وَمَا لِأَحَدٍ عِندَهُۥ مِن
نِّعۡمَةٍ تُجۡزَىٰٓ ﴿١٩﴾ إِلَّا ٱبۡتِغَآءَ وَجۡهِ رَبِّهِ ٱلۡأَعۡلَىٰ ﴿٢٠﴾ وَلَسَوۡفَ يَرۡضَىٰ ﴿٢١﴾

سُورَةُ الضُّحَىٰ

ترتيبها ٩٣ — آياتها ١١

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

وَٱلضُّحَىٰ ﴿١﴾ وَٱلَّيۡلِ إِذَا سَجَىٰ ﴿٢﴾ مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلَىٰ ﴿٣﴾
وَلَلۡأٓخِرَةُ خَيۡرٞ لَّكَ مِنَ ٱلۡأُولَىٰ ﴿٤﴾ وَلَسَوۡفَ يُعۡطِيكَ رَبُّكَ
فَتَرۡضَىٰٓ ﴿٥﴾ أَلَمۡ يَجِدۡكَ يَتِيمٗا فَـَٔاوَىٰ ﴿٦﴾ وَوَجَدَكَ ضَآلّٗا
فَهَدَىٰ ﴿٧﴾ وَوَجَدَكَ عَآئِلٗا فَأَغۡنَىٰ ﴿٨﴾ فَأَمَّا ٱلۡيَتِيمَ فَلَا تَقۡهَرۡ
﴿٩﴾ وَأَمَّا ٱلسَّآئِلَ فَلَا تَنۡهَرۡ ﴿١٠﴾ وَأَمَّا بِنِعۡمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثۡ ﴿١١﴾

سُورَةُ الشَّرۡحِ

ترتيبها ٩٤ — آياتها ٨

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

أَلَمۡ نَشۡرَحۡ لَكَ صَدۡرَكَ ﴿١﴾ وَوَضَعۡنَا عَنكَ وِزۡرَكَ ﴿٢﴾ ٱلَّذِيٓ
أَنقَضَ ظَهۡرَكَ ﴿٣﴾ وَرَفَعۡنَا لَكَ ذِكۡرَكَ ﴿٤﴾ فَإِنَّ مَعَ ٱلۡعُسۡرِ يُسۡرًا ﴿٥﴾ إِنَّ
مَعَ ٱلۡعُسۡرِ يُسۡرٞا ﴿٦﴾ فَإِذَا فَرَغۡتَ فَٱنصَبۡ ﴿٧﴾ وَإِلَىٰ رَبِّكَ فَٱرۡغَب ﴿٨﴾

محمد ! لڳي ٿو ته تو کي تنهنجي شيطان ڇڏي ڏنو آهي، جو ٻن يا ٽن راتين کان تنهنجي ويجهو ئي نه آيو آهي؟ جنهن تي الله تعالىٰ هيءَ سورت نازل فرمائي.

1 (چاشت واري وقت جو قسم!) جڏهن سج اپري مٿي چڙهندو آهي تہ ان کي (ضحىٰ) يعني ڪچڙي منجهند يا چاشت وارو وقت چئبو آهي.

2 (۽ رات جو قسم! جڏهن چانئجي) اصمعي چوي ٿو تہ : رات، ڏينهن کي ائين ڏکيندي آهي، جيئن ماڻهوءَ کي ڪپڙو وجهي ڏکيو ويندو آهي.

3 (نہ تنهنجي رب توکي ڇڏيو آهي) يعني نہ توسان ناتو ٽوڙي الوداع ڪيو آهي نہ تہ ڏانهن وحيءَ جو سلسلو بند ڪيو اٿين. (۽ نڪي توکان ناراض ٿيو آهي).

4 (۽ يقيناً آخرت تنهنجي لاءِ دنيا کان بهتر آهي) يعني باوجود هن حقيقت جي تہ الله تعالىٰ توهان کي دنيا ۾ نبوت جو عظيم شرف عطا فرمايو آهي، تڏهن بہ توهان لاءِ دنيا جي پيٽ ۾ آخرت ۽ جنت وڌيڪ بهتر آهي.

5 (۽ جلد تنهنجو رب توکي نوازيندو) يعني دين اسلام کي سوپ ڏيندو، توهان کي دنيا جو ثواب، حوض ڪوثر ۽ آخرت ۾ امت لاءِ شفاعت جو مقام عطا ڪندو. (پوءِ تون راضي ٿيندين).

6 (ڇا توکي يتيم نہ لڌائين، پوءِ توکي جاءِ ڏنائين) يعني الله توهان کي يتيمي حالت ۾ لڌو، جو توهان جو والد ماجد فوت ٿي چڪو هو، پوءِ توهان کي جاءِ پناهه ڏئي ٺانيڪو ڪيائين.

7 (پوءِ سگهوئي سندس لاءِ سنهنجائيءَ کي آسان ڪنداسون) يعني خيراتي ڪمن ۾ مال جي خرچ ڪرڻ ۽ الله تعالىٰ جي فرمانبرداري واري راهہ کي سندس لاءِ آسان ڪنداسون. اهي آيتون حضرت ابوبڪر صديق ﷺ جي شان ۾ نازل ٿيون، جڏهن انهيءَ سڳوري انسان مکي جي مظلوم مؤمنن مان ڇهن جڻن کي خريد ڪري، آزاد ڪيو. اهي مکي جي ڪافرن جا غلام هئا ۽ مسلمان ٿيڻ ڪري کين ڏاڍو آيذايو ويندو هو.

8 (۽ پر جنهن ڪنجوسائي ڪئي ۽ بي پرواهي ڏيکاري).

9 (۽ چڱائيءَ کي ڪوڙو ڄاتائين).

10 (پوءِ سگهوئي سندس لاءِ تنگيءَ کي آسان ڪنداسون) يعني سگهوئي کيس تنگيءَ واري ۽ وٺائيندا سون بلڪ اها کيس آسان ڪري ڏيندا سون. تانجو پلائي ۽ نيڪي جي رستن تي هلڻ سندس لاءِ ڏکيو ٿي پوندو ۽ نيڪي ڪرڻ کان عاجز ٿي پوندو، تانجو انهيءَ سبب جي ڪري دوزخ جي باهہ ۾ وڃي پهچندو.

11 (۽ کيس سندس مال بچائي نہ سگهندو) يعني جنهن مال ۾ بخيلي ڪري ٿو، اهو کيس نہ بچائيندو. (جڏهن ڪڏ ۾ ڪرندو) يعني جڏهن هلاڪ ٿيندو ۽ دوزخ ۾ ڪرندو.

12 (بيشڪ هدايت ڏيڻ اسان جو ئي ڪم آهي) يعني اها ذميواري اسان جي آهي تہ گمراهيءَ جي واٽ جي پيٽ ۾، هدايت واري واٽ کي واضح ڪريون. امام فراءَ فرمائي ٿو تہ جيڪو هدايت تي هلندو، تہ الله بہ کيس اهائي واٽ وٺرائيندو. يعني جيڪو الله جي تلاش ۾ نڪرندو، تہ الله بہ کيس انهيءَ واٽ تي ملندو، چاڪاڻ هو پنهنجي چاهيندڙن کي هدايت واري واٽ ئي عطا ڪندو آهي.

13 (۽ بيشڪ آخرت ۽ دنيا اسان جي ئي آهي) يعني آخرت ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، ۽ دنيا ۾ بہ جيڪي ڪجهہ آهي، سو سڀ ڪجهہ اسان جو آهي، اسان جيئن گهرون ٿا، تيئن عمل دخل ڪريون ٿا.

14 (پوءِ مان توهان کي ڀڙڪندڙ باهہ کان ڊيڄاري ڇڪو آهيان). جيڪا الانبا ڪري، ڇيڙيون ڪڍي، پڙڪا ڏئي رهي آهي.

15 (منجهس اهو ئي داخل ٿيندو، جيڪو سڀ کان وڏو بدبخت هوندو) يعني ڪافر ئي ان باهہ ۾ گهڙندو ۽ ان جي گرمي چکندو.

16 (جنهن کوڙو ڪيو ۽ منهن موڙيو) يعني جيڪو الله جي نبين سڳورن جي آندل حق کي کوڙو ڪري ٿو ۽ اطاعت ۽ ايمان کان منهن موڙي ٿو.

17 (۽ پرهيزگار کي ضرور ان کان بچايو ويندو) يعني ان کان اهڙي شخص کي پري رکيو ويندو، جيڪو پاڻ کي ڪفر کان بچائيندو ۽ بلڪل پري رکندو آهي. علامه واحدي فرمائي ٿو تہ سيني مفسرن جي قول مطابق "اتقىٰ" مان مراد حضرت ابوبڪر صديق ﷺ آهي. يعني اها آيت سندس باري ۾ نازل ٿي آهي ورنہ حڪم عام آهي، والله اعلم .

18 (جيڪو مال ڏئي ٿو) يعني جيڪو خير جي رستن ۾ پنهنجو مال خرچ ڪندو آهي. (تہ پاڪ ٿئي) يعني الله وٽ پاڪ صاف ٿي پيش ٿيڻ جنهن جو مقصد حيات آهي.

19 (۽ مٿس ڪنهن جو ڪو احسان نہ آهي، جنهن جو بدلو ڏئي) يعني ڪنهن جي ٿوري ۽ احسان جي موٽ ۾ صدقو نٿو ڏئي تہ جيئن ان جو احسان لاهي.

20 (رڳو پنهنجي مٿانهين رب جي رضا ماڻڻ خاطر) ڏئي ٿو.

21 (۽ سگهوئي راضي ٿيندو) يعني الله جو قسم! اسان کيس جيڪي عزت ۽ عظمت ۽ عظيم بدلو عطا ڪنداسون، ضرور ان کان راضي ٿيندو.

سورة الضحىٰ

نبي ڪريم ﷺ جن بيمار ٿي پيا تہ ٻہ يا ٽي راتيون تهجد لاءِ اٿي نہ سگهيا، تنهن ڪري وٽن هڪ عورت آئي، چوڻ لڳي تہ : اي

سُورَةُ التِّينِ

ترتيبها ٩٥ — آياتها ٨

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

وَالتِّينِ وَالزَّيْتُونِ ﴿١﴾ وَطُورِ سِينِينَ ﴿٢﴾ وَهَٰذَا الْبَلَدِ الْأَمِينِ ﴿٣﴾
لَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنسَانَ فِي أَحْسَنِ تَقْوِيمٍ ﴿٤﴾ ثُمَّ رَدَدْنَاهُ أَسْفَلَ سَافِلِينَ
﴿٥﴾ إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ فَلَهُمْ أَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُونٍ ﴿٦﴾
فَمَا يُكَذِّبُكَ بَعْدُ بِالدِّينِ ﴿٧﴾ أَلَيْسَ اللَّهُ بِأَحْكَمِ الْحَاكِمِينَ ﴿٨﴾

سُورَةُ الْعَلَقِ

ترتيبها ٩٦ — آياتها ١٩

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

اقْرَأْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِي خَلَقَ ﴿١﴾ خَلَقَ الْإِنسَانَ مِنْ عَلَقٍ ﴿٢﴾ اقْرَأْ وَرَبُّكَ
الْأَكْرَمُ ﴿٣﴾ الَّذِي عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ﴿٤﴾ عَلَّمَ الْإِنسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ﴿٥﴾ كَلَّا إِنَّ
الْإِنسَانَ لَيَطْغَىٰ ﴿٦﴾ أَن رَّآهُ اسْتَغْنَىٰ ﴿٧﴾ إِنَّ إِلَىٰ رَبِّكَ الرُّجْعَىٰ ﴿٨﴾ أَرَأَيْتَ
الَّذِي يَنْهَىٰ ﴿٩﴾ عَبْدًا إِذَا صَلَّىٰ ﴿١٠﴾ أَرَأَيْتَ إِن كَانَ عَلَى الْهُدَىٰ ﴿١١﴾ أَوْ أَمَرَ
بِالتَّقْوَىٰ ﴿١٢﴾ أَرَأَيْتَ إِن كَذَّبَ وَتَوَلَّىٰ ﴿١٣﴾ أَلَمْ يَعْلَم بِأَنَّ اللَّهَ يَرَىٰ ﴿١٤﴾ كَلَّا لَئِن
لَّمْ يَنتَهِ لَنَسْفَعًا بِالنَّاصِيَةِ ﴿١٥﴾ نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ ﴿١٦﴾ فَلْيَدْعُ نَادِيَهُ
﴿١٧﴾ سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَ ﴿١٨﴾ كَلَّا لَا تُطِعْهُ وَاسْجُدْ وَاقْتَرِب ۩ ﴿١٩﴾

7 (ءِ توکي ناواقف لڏائين، پوءِ توکي رستي لاتائين) يعني نہ توهان قرآن ڄاڻندا هئا ءِ نہ شريعت جي احڪامن کان آگاهہ هئا، پوءِ الله تعالىٰ ان سلسلي ۾ توهان جي رهنمائي فرمائي.

8 (ءِ توکي مسڪين لڏائين، پوءِ توکي آسودو ڪيائين) يعني توهان کي عيالدار ءِ محتاج لڏائين، توهان وٽ مال متاع نہ هو، پوءِ رزق عطا ڪري، توهان کي آسودو ڪيائين.

9 (پوءِ يتيم تي ڏاڍ نہ ڪج) يعني سندس هيٺائيءَ سبب مٿس ظلم نہ ڪج، بلڪ ڪيس سندس حق ڏي ءِ پنهنجي يتيميءَ جي حالت کي ياد ڪر.

10 (ءِ سوالي ءَ کي ڇڙ نہ ڏج) ڏڏهن تو کان سوال ڪري تہ ڪيس نہ جهڪ، ڇاڪاڻ تہ تون بہ فقير ءِ محتاج هئين، تنهن ڪري ڪيس ڪاڏو ڪاراءِ يا نرميءَ سان ان کي موڪلاءِ.

11 (ءِ پنهنجي رب جا ٿورا ڳائيندو رهہ) هن آيت ۾ پاڻ ڪريم ﷺ کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ هو الله تعالىٰ جي نعمتن جو اظهار ڪري ءِ ماٺهن آڏو بيان ڪندو رهي. يعني مٿن هميشہ سندس شڪرانو ادا ڪندو رهي. پٽ چيو ويو آهي تہ هتي "نعمت" مان مراد قرآن مجيد آهي. يعني ڪيس حڪم آهي تہ قرآن پڙهندو رهي ءِ ان کي بيان ڪندو رهي.

سورة الانشرح

1 (چا اسان تنهنجي سيني کي نہ کوليو)؟ يعني اي محمد ﷺ! بيشڪ اسان منصب نبوت جي قبوليت لاءِ توهان جي سيني کي کوليو آهي، جنهن ڪري توهان دعوتِ دين جو فرض سرانجام ڏئي سگهيا ءِ نبوت ءِ وحيءَ جو بار کٽڻ جي قابل ٿيا.

2 (ءِ تو تان تنهنجو بار لاٿوسون) يعني جاهليت جي زماني ۾ توهان کان جو ڪجهہ ٿيو گذريو، تنهن کي توهان تان لاهي، ختم ڪري ڇڏيوسون.

3 (جنهن تنهنجي چيلهہ ٽوڙي وڌي هئي) يعني اهڙو ڳرو بار، جو جيڪڏهن کٽڻ جو ڪو هجي تہ ان جي کٽڻ سبب، کٽندڙ جي چيلهہ ڇپي ڪري ڇڏي ءِ سندس چنگهڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي.

4 (ءِ تنهنجو ناماچار مٽائهون ڪري ڇڏيوسون) يعني دنيا ءِ آخرت، ٻنهي جهانن ۾ توهان جو ذڪر بلند ڪيوسون. مثلاً مؤمنن کي مڪلف ٻڌايو ويو تہ هو جڏهن (اشهد ان لا اله الا الله) چون، تہ گڏوگڏ (اشهد ان محمدا رسول الله) بہ ضرور چون. ساڳيءَ طرح اذان ۾ بہ پاڻ سڳورن جو نالو بلند ٿئي ٿو. پٽ الله تعالىٰ ايمان وارن کي حڪم فرمايو آهي تہ مٿن درود ءِ سلام پڙهندا رهن.

5 ﴿فَإِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا﴾ (پوءِ يقينا اهنجَ سان گڏ سهنجُ بہ آهي).

6 (بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج بہ آهي) يعني مٿي توهان جي جنهن ڏک ءِ تڪليف جو بيان ٿيو، اها عارضي آهي. انهيءَ تڪليف ءِ تنگيءَ کان پوءِ ضرور سک ءِ سهنجُ توهان جا پير چمندا. ڏک ءِ سک، ٻئي الله تعالىٰ جي طرفان آهن.

7 (پوءِ جڏهن فارغ ٿئين تہ ڪڙو ٿيءُ) يعني جڏهن پنهنجي نماز يا تبليغ جي ڪم کان واندو ٿئين، يا جهاد کان واپس اچين تہ اتي ڪڙو ٿي، دعا ۾ مصروف ٿي وڃ ءِ الله تعالىٰ کان پنهنجيون حاجتون طلب ڪر. يا هي مراد آهي تہ: سندس عبادت ۾ مشغول ٿي وڃ.

8 (ءِ پنهنجي رب ڏانهن متوجہ ٿيءُ) يعني عاجزي ءِ انڪساريءَ سان، ڪائنس باهہ جي عذاب کان پناهہ گهر ءِ جنت جي طلب ڪر.

سورة التين

1 (قسم آهي انجير جو) هتي الله تعالىٰ انجير جو قسم کنيو آهي، جيڪو ڪائٽ جي ڪم اينڊو آهي. (ءِ قسم آهي زيتون جو) جنهن مان ماٺهو تيل ڪڍندا آهن. هن آيت ۾ اشارتاً فلسطين جو ذڪر آهي، جيڪا انجير ءِ زيتون جي سرزمين آهي.

2 (ءِ قسم آهي طور سينا جو) "طورسيناء" اهو جبل آهي، جنهن تي الله تعالىٰ موسىٰ عليه السلام سان همڪلام ٿيو.

3 (ءِ قسم آهي هن امن واري شهر جو) يعني مڪي پاڪ جو قسم آهي! انهيءَ شهر کي الله تعالىٰ امن وارو قرار ڏنو آهي. ذڪر ڪيل ٽئي شهر وحي نازل ٿيڻ جا مرڪز هئا، جتي حضرت موسىٰ، حضرت عيسىٰ ءِ حضرت محمد ﷺ جن رهندا هئا، تنهن ڪري الله تعالىٰ انهن جو قسم کنيو. اتي ئي ٽي آسماني ڪتاب، توريت، انجيل ءِ قرآن نازل ٿيا، جن مان بشريت کي هدايت جي روشني نصيب ٿي.

4 (بيشڪ اسان انسان کي ڏاڍي سهڻي بيهڪ ۾ خلقيو آهي) يعني ڪيس مناسب ءِ موزون قد قامت عطا ڪئي سون. انسان پنهنجي ڪائٽ پيٽ جون شيون هٿ سان پاڻ ڪٽي ڪائي پي سگهي ٿو، قدرت طرفان ڪيس ڄاڻ ءِ سمجهہ عطا ٿي آهي، ڳالهائي بولهائي سگهي ٿو، تدبير ءِ دانشمنديءَ کان ڪم وٺندو آهي ءِ اهي ئي آهي صلاحيتون آهن، جن جي ڪري الله تعالىٰ ڪيس زمين ۾ پنهنجو خليفو مقرر فرمايو آهي.

5 (پوءِ ڪيس سڀ کان هيٺاهين حالت ڏانهن موٽايوسون) يعني ڪيس سڀ کان هيٺي عمر ڏانهن موٽايوسون. مراد جواني ءِ قوت کان پوءِ ڪراڙپ ءِ پوڙهاپ آهي. پٽ چيو ويو آهي تہ هيءُ انسان، جنهن کي الله تعالىٰ بهترين شڪل ءِ صورت عطا فرمائي آهي، جڏهن اهو بريون عادتون اختيار ڪندو آهي تہ ان وقت بدترين مخلوق ٿي ويندو آهي. تنهن ڪري قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ ڪيس سڀ کان بچڙي جاءِ يعني باهہ جي آڙاهہ ۾، هينئين تري ۾ اڇلائيندو.

6 (مگر جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا) يعني اهي دوزخ جي هيٺئين تري ۾ اڇلايا نه ويندا، بلڪ "عليين" ۾ پهچايا ويندا، جتي الله تعالىٰ جي وسيع عريض جنت جا وارث ٿيندا. (پوءِ انهن لاءِ اُن کٽ اجر آهي) يعني سندن فرمانبرداريءَ جي ڪري، انهن لاءِ دائمي ۽ اُڻ کٽ ثواب آهي .

7 (اُن کان پوءِ بہ ڪهڙي ڳالهہ توکي جزا جي ڏينهن کي ڪوڙو ڪرڻ تي اپاري ٿي)؟ يعني اي انسان! جڏهن اڃا تائين تو تہ الله تعالىٰ تو کي بهترين جوڙجڪ ۾ پيدا ڪيو آهي ۽ وري تو کي بدترين حالت ڏانهن موٽائيندو تہ پوءِ ڪهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا تو کي آماده ڪري ٿي تہ قيامت جي اچڻ ۽ جزا ۽ سزا جي ملڻ جو انڪار ڪرين؟

8 (ڇا الله سڀني حاڪمن کان وڏو حاڪم نہ آهي)؟ يعني ڇا الله تعالىٰ بهترين فيصلو ۽ حقيقي انصاف ڪندڙ نہ آهي؟ پوءِ جاچي ڪري بهترين شڪل صورت عطا ڪرڻ کان بعد انهيءَ انسان کي بدترين حالت، يعني دوزخ ڏانهن نہ موڪليندو، جيڪو ڪفر ۽ شرڪ ڪري ٿو؟ ۽ جيڪو مڃس ايمان آڻيندو، تنهن کي چو بلند درجا عطا نہ ڪندو؟

سورة العلق

سڀ کان پهريان قرآن شريف جي اها وحي نازل ٿي.

1 2 (پڙهہ پنهنجي رب جي نالي سان) يعني اي محمد ﷺ! پنهنجي رب جو نالو وٺي پڙهڻ جي شروعات ڪريو. پڙهڻ چيو ويو آهي تہ يعني پنهنجي رب جي نالي سان مدد طلب ڪندي پڙهو. (جنهن خلقيو، (سارو جهان). انسان کي رت جي دڳ مان خلقيائين) يعني جنهن پهريائين ڪيس نطفي مان پيدا ڪيو، پوءِ نطفو الله عز وجل جي قدرت سان قري رت جو دڳ ٿي ڇيو، يعني جميل رت مان ڪڇڙي ٻوٽي ٿي ويو.

3 (پڙهہ ۽ تنهنجو رب وڏو ڪريم آهي) يعني اها سندس ئي ڪرم نوازي آهي، جو امي هجڻ جي باوجود توهان لاءِ پڙهڻ ممڪن ٿيو.

4 (جنهن قلم سان سکيا ڏني) يعني انسان کي قلم جي ذريعي لکڻ سيکاريائين. الله تعالىٰ اسلام جي دعوت جي شروعات پڙهڻ ۽ لکڻ سان ڪرڻ جو حڪم ڪيو ۽ تعليم جي رغبت ڏني، جنهن ۾ زبردست فائدو آهي.

5 (انسان کي اهو ڪجهہ سيکاريائين، جيڪو هو نہ ڄاڻندو هو) يعني انسان کي قلم جي ذريعي اهڙيون ڳالهيون سيکاريائين جيڪي هو نہ ڄاڻندو هو.

6 7 (بيشڪ انسان سرڪشي ڪري ٿو. جو پاڻ کي بي پرواهہ سمجهي ٿو) يعني ماڻهو پنهنجي مال ۽ پنهنجي قوت جي ڪري پاڻ کي آسودو ۽ بي پرواهہ سمجهندو آهي، تنهن ڪري فتني ۽ فساد ۾ ڪاهي پوندو آهي.

8 (بيشڪ تنهنجي رب ڏانهن ئي موٽڻو آهي) يعني الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن ڪيس موٽڻو نہ آهي.

9 10 (ڇا تو ڏٺو، ان کي جيڪو روڪيندو آهي ٻانهي کي، جڏهن اهو نماز پڙهندو آهي) نماز کان روڪيندڙ شخص ابوجهل آهي، ۽ "ٻانهي" مان مراد حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن آهن.

11 (ڀلا ٻڌاءِ! تہ جيڪڏهن اهو هدايت تي هجي) يعني اي ابو جهل! ٻڌاءِ تہ منهنجو اهو ٻانهو جنهن کي نماز کان روڪيو وڃي ٿو، يعني محمد ﷺ، جيڪڏهن هو پاڻ بہ سڌي راهہ تي هجي ۽ پنهنجي پوئلڳن کي بہ اهائي هدايت واري واٽ ٻيو ڏيکاري.

12 (يا پرهيزگاري جو حڪم ڪندو هجي) يعني اخلاص، توحيد ۽ عمل صالح جو حڪم ڏئي ٿو، جنهن جي ذريعي باهہ جي عذاب کان نجات حاصل ٿيندي آهي، تہ پوءِ ڪيس روڪيندڙ هلاڪ ٿي يا نہ؟

13 (ڀلا ٻڌاءِ تہ! جيڪڏهن اهو ڪوڙو ٿو ڪري ۽ منهن ٿو موڙي) يعني جيڪڏهن ابوجهل رسول الله ﷺ جن جي آندل پيغام کي ڪوڙو ٿو ڪري ۽ ايمان آڻڻ کان منهن ٿو موڙي.

14 (ڇا نٿو ڄاڻي تہ الله ڏسي رهيو آهي)؟ يعني نٿو سوچي سمجهي تہ الله سندس احوال ۽ اعمال کان آگاهہ آهي، ضرور ڪيس انهن جو بدلو ڏينندو. پوءِ ڪيئن ٿو انهن غير انساني حرڪتن جي جرءَت ڪري؟

15 (خبردار! جيڪڏهن باز نہ آيو) اها سندس لاءِ جهڪ ۽ دڙڪو آهي، يعني جيڪڏهن هو پنهنجي طرز عمل کان باز نہ ايندو تہ (يقيناً کيس پيشاني کان پکڙي گهليندَاسون) يعني ضرور کيس پيشانيءَ جي وارن کان وٺي، باهہ جي عذاب ڏانهن گهلي اڇلائيندَاسون. عربيءَ ۾ مٿي جي وارن جي اڳئين حصي کي "ناصية" چوندا آهن.

16 (ڪوڙي ڏوهياري پيشاني) کان وٺي، يعني ڪوڙي خطاڪار، پيشانيءَ جي مالڪ کي، جيڪو گناهہ ڪرڻ کي ڪو ڏوهہ ئي ڪونہ ٿو ڀائي.

17 (پوءِ پلي سڏي پنهنجي ڪچهريءَ کي) اها مجلس يا اوطاق مراد آهي، جتي ڪڙمہ قبيلي جا ماڻهو گڏبا ۽ ڪچهري ڪندا آهن. چيو ويو آهي تہ ابوجهل، نبي ڪريم ﷺ جن کي هڪ دفعي چيو تہ : تون مون کي ڌمڪي ڏئي رهيو آهين، حالانڪ هن ماڻريءَ ۾ سڀ کان وڏو اوطاقي آڻ آهيان. جنهن تي اها آيت نازل ٿي.

18 (اسان بہ سگهوئي داروغن کي سڏينداسون) يعني جلد سگهارن، بي رحم فرشتن کي سڏينداسون، جيڪي کيس پکڙي پڙڪندڙ باهہ ۾ اڇلائيندا.

19 (خبردار! انهيءَ جي چئي نہ لڳجانءِ) يعني نماز کي جڏڻ جي سندس مطالبي کي نہ مڃج. (۽ تون سجدو ڪر) يعني الله خاطر نماز پڙهہ. انهيءَ روڪيندڙ شخص جي ڪا پرواهہ نہ ڪر ۽ سندس ڳالهين ڏانهن ڪو ڌيان ئي نہ ڏر. (ويجهڙائي ماڻ) الله تعالىٰ جي اطاعت ۽ عبادت ڪر، سندس قرب حاصل ڪر.

سورة القدر

1 (بيشڪ اسان انهيءَ کي قدر واري رات ۾ لاٿو آهي) يعني قرآن مجيد کي ليلة القدر ۾ لاٿوسون. قرآن مجيد لوح محفوظ تان سمورو هڪڙي پيري دنيا جي آسمان تي نازل ٿيو. پوءِ اتان نبي ﷺ جن تي ٽيويهن سالن جي عرصي ۾ ٽورو ٽورو، ضرورت مطابق لهندو رهيو. ليلة القدر رمضان جي آخري ڏهي ۾ آهي، جنهن ۾ قرآن نازل ٿيو آهي. ليلة القدر جي مقرريءَ جي باري ۾ حديثون مختلف آهن.

2 (۽ توکي ڪهڙي خبر تہ قدر واري رات چا آهي)؟ چيو ويو آهي تہ هن کي قدر جي رات هن کي چيو ويو آهي جو الله تعالىٰ ايندڙ سال تائين، پوري سال جا مامرا انهيءَ رات ۾ طئي فرمائيندو آهي. پڻ چيو ويو آهي تہ انهيءَ رات جي وڏي قدر ۽ فضيلت جي ڪري مٿس اهو نالو پيو.

3 (قدر واري رات هڪ هزار مهينن کان بهتر آهي) يعني شب قدر ۾ عبادت ڪرڻ هڪ هزار مهينن جي عبادت کان بهتر آهي ۽ سال ۾ اها فقط هڪ رات آهي.

4 (انهيءَ ۾ فرشتا ۽ جبريل پنهنجي رب جي اجازت سان لهندا آهن) (هر حڪم کٽي) يعني فرشتا آسمان کان زمين تي لهي ايندا آهن. "روح" مان حضرت جبريل امين عليه السلام مراد آهي.

5 (اها سلامتي واري آهي) يعني اها رات سلامتي ئي سلامتي، خير ۽ برڪت واري رات آهي، جنهن ۾ کو شر ۽ فتنو، فساد نہ هوندو آهي، شيطان کي انهيءَ رات ۾ کنهن غلط ڪم ڪرڻ يا

سُورَةُ القَدر
ترتيبها ٩٧ آياتها ٥

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

إِنَّا أَنزَلْنَاهُ فِي لَيْلَةِ الْقَدْرِ ﴿١﴾ وَمَا أَدْرَاكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ ﴿٢﴾
لَيْلَةُ الْقَدْرِ خَيْرٌ مِّنْ أَلْفِ شَهْرٍ ﴿٣﴾ تَنَزَّلُ الْمَلَائِكَةُ وَالرُّوحُ
فِيهَا بِإِذْنِ رَبِّهِم مِّن كُلِّ أَمْرٍ ﴿٤﴾ سَلَامٌ هِيَ حَتَّىٰ مَطْلَعِ الْفَجْرِ ﴿٥﴾

سُورَةُ البَيِّنَة
ترتيبها ٩٨ آياتها ٨

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

لَمْ يَكُنِ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ أَهْلِ الْكِتَابِ وَالْمُشْرِكِينَ مُنفَكِّينَ
حَتَّىٰ تَأْتِيَهُمُ الْبَيِّنَةُ ﴿١﴾ رَسُولٌ مِّنَ اللَّهِ يَتْلُو صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ﴿٢﴾
فِيهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ﴿٣﴾ وَمَا تَفَرَّقَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ إِلَّا مِن
بَعْدِ مَا جَاءَتْهُمُ الْبَيِّنَةُ ﴿٤﴾ وَمَا أُمِرُوا إِلَّا لِيَعْبُدُوا اللَّهَ مُخْلِصِينَ
لَهُ الدِّينَ حُنَفَاءَ وَيُقِيمُوا الصَّلَاةَ وَيُؤْتُوا الزَّكَاةَ ۚ وَذَٰلِكَ دِينُ
الْقَيِّمَةِ ﴿٥﴾ إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ أَهْلِ الْكِتَابِ وَالْمُشْرِكِينَ
فِي نَارِ جَهَنَّمَ خَالِدِينَ فِيهَا ۚ أُولَٰئِكَ هُمْ شَرُّ الْبَرِيَّةِ ﴿٦﴾ إِنَّ
الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ أُولَٰئِكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ ﴿٧﴾

ڪنهن کي ڪا تڪليف پهچائڻ کو موقعو ئي نه ملندو آهي. (پرهه ڦٽڻ تائين). يعني پرهه ڦٽڻ مهل تائين فرشتا تولين تولين ٿي لڳاتار لهندا رهندا آهن.

سورة البينة

(1) (نه هئا ڪتاب وارن مان جيڪي ڪافر ٿيا) يعني يهودي ۽ عيسائي (۽ مشرڪ) يعني بتن جا پوڄاري عرب مشرڪ (مُڙڻ وارا) يعني پنهنجي ڪفر کان هٽ ڪٽڻ ۽ باز اچڻ وارا (جيستائين وٽن پڌرو دليل اچي) حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ذات شريف ۽ سندن آندل سچائي مراد آهي. پاڻ سڳورن سندن گمراهي ۽ جهالت کي پڌرو ڪيو ۽ ڪين ايمان جي دعوت ڏنائون.

(2) (الله وٽان رسول) يعني حضرت محمد ﷺ جيڪو (پاڪ صحيفا پڙهي) ڪين اهو پاڪ ڪتاب پڙهي ٻڌائي ٿو، جيڪو هر قسم جي ڦير ڳهير ۽ هيرا ڦيريءَ کان محفوظ آهي، تنهن ڪري اهو الله جو سچو ڪتاب آهي.

(3) (منجهس سڌيون آيتون لکيل آهن) يعني پڌريون آيتون، عمده احڪام ۽ سنوان سڌا شرعي ضابطا لکيل آهن، جن ۾ ڪنهن به قسم جي ڏنگائي نه آهي. بلڪ ان ۾ جيڪي ڪجهه آهي، سڀ حق سچ، هدايت، حڪمت ۽ دانش آهي. پاڻ فرمائي ٿو ته ﴿الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَنزَلَ عَلَىٰ عَبْدِهِ الْكِتَابَ وَلَمْ يَجْعَل لَّهُ عِوَجًا * قَيِّمًا لِّيُنذِرَ...﴾ (سڀ ساراه الله لاءِ آهي، جنهن پنهنجي بانهي تي ڪتاب لاٿو، جنهن ۾ ڪا ڏنگائي نه آهي. سچو ۽ مستحڪم ڪتاب آهي، جيئن ماٺهن کي ڊيڄاري) ۽ جيڪو شخص ان جي پيروي ڪندو، سو ضرور سڌي واٽ لهندو.

(4) (۽ جن کي اڳ ڪتاب ڏنو ويو هو، تن دليل جي اچڻ کان پوءِ ئي تفرقي بازي ڪئي هئي) يعني سندن فرقه پرستي ۽ تفرقي بازي ڪنهن معاملي جي باري ۾ شڪ شبهي جي بنياد تي نه هئي، بلڪ اهي حق ۽ سچ جي واضح ٿيڻ کان پوءِ اختلاف ۽ تفرقي ۾ پئجي ويا هئا، تانجو الله تعالىٰ حضرت محمد ﷺ جن کي موڪليو ته انهن مان ڪن، پاڻ سڳورن تي ايمان آندو ۽ ڪن سندن ڪفر ڪيو. حالانڪ متن لازم هو ته هڪ طريقي تي هلن، الله جي سچي دين جي پيروي ڪن ۽ سندس رسول وٽن الله جي طرفان جيڪو حق آندو آهي، ان جي تصديق ڪن.

(5) (۽ ڪين حڪم نه ڏنو ويو هو) يعني نازل ٿيل اڳين آسماني ڪتابن ۽ پٽ هن قرآن ۾ به (پر هن جو ته دين کي رڳو الله لاءِ خالص ڪندي، سندس عبادت ڪن) يعني پاڻ تي الله جي عبادت کي لازم ڪن، اهڙي خالص عبادت، جنهن ۾ شرڪ بالڪل نه هجي ۽ پنهنجي دلين ۾ دين اسلام جي سچي محبت رکن. (هڪ طرفا ٿي) يعني سڀني دينن کي ڇڏي، هڪ دين اسلام کي اختيار ڪن. (۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪات ڏين) يعني نماز ائين قائم ڪن، جيئن الله تعالىٰ گهري ٿو ته هر نماز پنهنجي پنهنجي وقت تي ادا ڪن ۽ زڪات صحيح مصرف ۾ خرچ ڪن. (۽ اهو ئي مضبوط دين آهي) اهائي سڌي سنئين ملت آهي، جنهن ۾ فرقي بازي جي ڪا گنجائش نه آهي.

(6) (اهل ڪتاب ۽ مشرڪن مان جن ڪفر ڪيو سي يقينا جهنم جي باهه ۾ پوندا، سدائين ان ۾ رهندا) (اهي ئي سڀ مخلوق کان بيڇڙا آهن) يعني هن وقت به بد ترين مخلوق آهن، ڇاڪاڻ ته حسد ۽ بغاوت جي جذبي سان حق کي ڇڏي ڏنائون، تنهن ڪري ماڳ ۽ موٽ جي اعتبار سان به بدترين مخلوق ٿيندا.

(7) (بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، اهي ئي سڀ مخلوق کان پلا آهن).

(8) (سندن بدلو سندن رب وٽ آهي) يعني سندن ايمان ۽ عمل صالح جو بدلو جيڪو الله تعالىٰ عطا ڪندو. (سدائين رهندڙ باغ آهن، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون) يعني سندن لاءِ اهڙا باغ آهن، جن جي وٽن ۽ ماڙين جي هيٺان واهه وهن ٿا. (سدائين انهن ۾ هوندا) يعني اتان نه ڪڍهن نڪرندا، نه ڪنهن ٻئي پاسي وينداڻ ۽ نه وري اتي ڪين ڪڍهن موت ايندو. ﴿رَّضِيَ اللَّهُ عَنْهُمْ وَرَضُوا عَنْهُ﴾ (الله انهن کان راضي آهي ۽ اهي ڪائنس راضي آهن).
﴿ذَٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهُ﴾ (اهو ان لاءِ آهي جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄندو رهيو). يعني اهو جنت جو انعام اهڙي شخص لاءِ آهي جيڪو الله کان ڊڄندي گناهن کان بچندو رهيو.

سورة الزلزال

(1) (جڏهن ڌرتيءَ کي زور سان ڌوڏيو ويندو) يعني جڏهن ان ۾ سخت هلچل پيدا ٿيندي، تانجو هر شيءِ کي پيڇي پورا ڪري ڇڏيندي.

(2) (۽ زمين پنهنجا بار ڪڍي اڇلائيندي) يعني سندس پيٽ ۾ جيڪي خزانا وغيره آهن تن کي ڪڍي اڇلائيندي. رهيو مُردن جو مسئلو ته اهي ٻيو پيرو صور ڦوڪڻ کان پوءِ ان مان نڪرندا.

(3) (۽ انسان چوندو ته ان کي ڇا ٿيو آهي)؟ يعني جڏهن انسان زمين جي اها حيرتناڪ حالت ڏسندو، ته خوفزده ٿي حيرانيءَ مان چوندو ته ڪهڙو سبب آهي، جو ان ۾ هلچل پيدا ٿي آهي ۽ ڇاجي ڪري پنهنجا بار ڪڍي اڇلائي رهي آهي؟

(4) (ان ڏينهن زمين پنهنجون خبرون ٻڌائيندي) سڀ ڳالهيون بيان ڪندي ته سندس سيني تي ماٺهن پلائي ۽ برائيءَ جا ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪيا آهن؟ الله تعالىٰ ان کي ڳالهائڻ جو حڪم ڪندو ته جيئن پاڻهن تي شاهدي ڏئي.

جَزَآؤُهُمْ عِندَ رَبِّهِمْ جَنَّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِى مِن تَحْتِهَا ٱلْأَنْهَٰرُ خَٰلِدِينَ فِيهَآ أَبَدًا ۖ رَّضِىَ ٱللَّهُ عَنْهُمْ وَرَضُوا۟ عَنْهُ ۚ ذَٰلِكَ لِمَنْ خَشِىَ رَبَّهُۥ ﴿٨﴾

سُورَةُ الزَّلْزَلَة

ترتيبها ٩٩ — ياتها ٨

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

إِذَا زُلْزِلَتِ ٱلْأَرْضُ زِلْزَالَهَا ﴿١﴾ وَأَخْرَجَتِ ٱلْأَرْضُ أَثْقَالَهَا ﴿٢﴾ وَقَالَ ٱلْإِنسَٰنُ مَا لَهَا ﴿٣﴾ يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ أَخْبَارَهَا ﴿٤﴾ بِأَنَّ رَبَّكَ أَوْحَىٰ لَهَا ﴿٥﴾ يَوْمَئِذٍ يَصْدُرُ ٱلنَّاسُ أَشْتَاتًا لِّيُرَوْا۟ أَعْمَٰلَهُمْ ﴿٦﴾ فَمَن يَعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَرَهُۥ ﴿٧﴾ وَمَن يَعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَرَهُۥ ﴿٨﴾

سُورَةُ العَادِيَات

ترتيبها ١٠٠ — ياتها ١١

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

وَٱلْعَٰدِيَٰتِ ضَبْحًا ﴿١﴾ فَٱلْمُورِيَٰتِ قَدْحًا ﴿٢﴾ فَٱلْمُغِيرَٰتِ صُبْحًا ﴿٣﴾ فَأَثَرْنَ بِهِۦ نَقْعًا ﴿٤﴾ فَوَسَطْنَ بِهِۦ جَمْعًا ﴿٥﴾ إِنَّ ٱلْإِنسَٰنَ لِرَبِّهِۦ لَكَنُودٌ ﴿٦﴾ وَإِنَّهُۥ عَلَىٰ ذَٰلِكَ لَشَهِيدٌ ﴿٧﴾ وَإِنَّهُۥ لِحُبِّ ٱلْخَيْرِ لَشَدِيدٌ ﴿٨﴾ ۞ أَفَلَا يَعْلَمُ إِذَا بُعْثِرَ مَا فِى ٱلْقُبُورِ ﴿٩﴾

(5) (چاڪاڻ ته تنهنجي رب ان کي حڪم ڪيو هوندو) الله تعالىٰ جي وحي ۽ حڪم ٿيندي ئي زمين ڳالهائڻ شروع ڪندي ۽ ماڻهن تي شاهدي ڏيندي.

(6) (ان ڏينهن ماڻهو ٽولا ٽولا ٿي نڪرندا) جيئن ته سندن دين، ذهن ۽ عمل جدا جدا هوندا، تنهن ڪري قبرن مان نڪري، جدا جدا ٽولين جي صورت ۾ محشر جي ميدان ۾ گڏ ٿيندا. ڪي ساڄي پاسي کان ته ڪي کاٻي پاسي کان پڇندا ايندا. (جيئن ڪين سندن عمل ڏيکارجن) يعني جيئن الله تعالىٰ عملاً ڪين سندن احوال ۽ سندن اعمال ڏيکاري ۽ انهن جو مشاهدو ڪرائي. پٽ چيو ويو آهي ته يعني جيئن اهي پنهنجن عملن جي جزا ۽ سزا ڏسن.

(7) (پوءِ جنهن ڪئي) دنيا ۾ (ذري برابر نيڪي، ته ان کي ڏسندو) قيامت جي ڏينهن پنهنجي اعمالنامي ۾ لکيل ڏسي خوش ٿيندو يا پنهنجين اکين سان انهن جو مشاهدو ڪندو.

(8) (۽ جنهن ڪئي) دنيا ۾ (ذري برابر برائي، تنهن کي ڏسندو) قيامت جي ڏينهن اعمالنامي ۾ لکيل ڏسي، انهن کي برو پائيندو. جيڪي ڪرٽان سج جي شعاعن جي روشنيءَ ۾ نظر ايندا آهن، تن کي عربيءَ ۾ "ذرة" چوندا آهن.

سورة العاديات

(1) (ڏوڙندڙن گهوڙن جو قسم)! يعني مجاهدن جا اهي پڇندڙ گهوڙا جيڪي الله ۽ رسول جي رضامنديءَ لاءِ ڪافرن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيز ڊوڙندا آهن (هانبارو هٽي) گهوڙو، پڇڻ وقت زور زور سان ڦوڪارا هٽي ساهه ڪڍندو آهي، عربيءَ ۾ ان کي "ضبح" چوندا آهن.

(2) (پوءِ سنب هٽي چٽنگون ڪيندڙ گهوڙن جو قسم)! گهوڙو پڇڻ مهل سخت زمين يا پٿريلي زمين تي سنب هڻندو آهي ته ان مان چٽنگون نڪرنديون آهن. جيئن باهه پاريندڙ پٿر مان چٽنگون نڪرنديون آهن.

(3) (پوءِ صبح جو ڪاهه ڪندڙن جو قسم)! مجاهدن جا جيڪي گهوڙا صبح سويري دشمن تي ڪاهه ڪندا آهن، اهي مراد آهن.

(4) (پوءِ اتي مٿيءَ جو لڙائو اڀاريندا آهن) جهاد وقت گهوڙن جي ڊوڙڻ سان دشمن جي منهن ۾ جيڪا مٿيءَ جي ڊوڙ پوندي آهي، اها مراد آهي.

(5) (پوءِ فوجن جي وچ ۾ گهڙي ويندا آهن) جيڪي مجاهدن جا گهوڙا دشمن جي شڪست کان پوءِ، سندن صفن کي چيري، وچ ۾ اچي ٻيهندا آهن، اهي مراد آهن.

(6) (بيشڪ انسان پنهنجي رب جو ناشڪر آهي) (لکنود) معنىٰ بي انتها ناشڪرو ۽ منڪر مزاج آهي.

(7) (۽ بيشڪ اهو پاڻ ان تي شاهد آهي) يعني سندس ڪردار، چال چلت ۽ حال ۽ هلت مان، سندس بي شڪري ۽ نعمت جو انڪار پاڻ ظاهر ٿيندو رهندو آهي.

(8) (۽ بيشڪ اهو مال جي محبت ۾ ڏاڍو سخت آهي) يعني منجهس مال متاع جي ميڙڻ ۽ جائداد ۽ ملڪيت جي جوڙڻ جي محبت ڏاڍي سخت آهي، ان جي حصول لاءِ رات ڏينهن ڊڪ ڊوڙ ڪندو رهندو آهي، تانجو پاڻ کي هلاڪت ۾ وجهي ڇڏيندو آهي.

(9) (ڇا پوءِ نٿو ڄاڻي، جڏهن قبرن مان انهن کي ڪڍيو ويندو، جيڪي منجهن آهن)؟ يعني قبرن مان مردن کي زنده ڪري اٿاريو ويندو ۽ محشر جي ميدان ۾ کين گڏ ڪبو.

(10) (۽ ظاهر ڪيو ويندو اهو جيڪو سينن ۾ آهي) يعني پلائي هجي يا ڇڙڪائي، سا سڀ ڇڻي پڌري ٿي سامهون ايندي.

(11) (بيشڪ سندن رب ان ڏينهن سندن خبر رکندڙ آهي) يعني انسان کي ڄاڻڻ گهرجي ته کين زنده ڪندڙ الله، اها عظيم ۽ عليم ذات آهي، جنهن کان ڪڍهن به ڪا ڳالهه ڳجهي نه آهي ۽ ضرور قيامت جي ڏينهن کين سندن عملن جو بدلو ڏيندو. پوءِ جڏهن ماڻهو انهيءَ حقيقت جي ڄاڻ رکن ٿا، ته پوءِ کين نٿو ڇڳائي ته مال جي محبت ۾ گرفتار ٿي، الله جي ناشڪري ڪن ۽ سندس عبادت کان منهن موڙين ۽ ايندڙ جهان لاءِ نيڪين جو ذخيرو ڪرڻ کان غافل رهن.

سورة القارعة

(1) (کڙڪائندڙ) هي قيامت جي نالن مان هڪ نالو آهي، ڇاڪاڻ ته قيامت انهيءَ ڏينهن دلين ۾ ڏهڪاءُ ۽ دهشت وجهندي يا هن ڪري ته اهو ڏينهن الله جي دشمنن کي ڏکوئيندڙ ۽ دل ڏارياندڙ عذاب ۾ سوڳهو ڪندو.

(2) ﴿ مَا ٱلْقَارِعَةُ ﴾ (ڇا آهي کڙڪائيندڙ)؟

(3) (۽ تو کي ڪهڙي خبر ته کڙڪائيندڙ ڇا آهي)؟

(4) (جنهن ڏينهن ماڻهو تڙيل پکڙيل پتنگڙن وانگر هوندا) (الفراش) معنىٰ پتنگ. (المبثوث) معنىٰ تڙيل پکڙيل. يعني قيامت جي خوف ۽ دهشت وچان هيڏي هوڏي اڏامندڙ پتنگن وانگر ڊوڙندا رهندا، تانجو ميدان محشر ۾ جمع ٿيندا.

(5) (۽ جبل پيجيل، رڳيل اُن وانگر هوندا) يعني جيئن پيجيل ڪپهه جا مختلف رنگارنگي ذرڙا هوا ۾ اڏرندا رهندا آهن، تيئن جبل به اڏامندا رهندا.

(6) (پوءِ جنهن جا پڙ ڳرا ٿيا) محشر جي ميدان ۾ محاسبي ۽ پڇاڻي کان پوءِ ماڻهن جي جيڪا حالت هوندي، الله تعالىٰ انهيءَ کي بيان فرمائي رهيو آهي ته اهي بن ٽولين ۾ ورهائجي ويندا. هڪڙا اهي هوندا، جن جا اعمالناما وزني ۽ ياري هوندا، يعني انهن جون نيڪيون، انهن جي برائين کان ڳريون هونديون.

وَحُصِّلَ مَا فِي ٱلصُّدُورِ ﴿١٠﴾ إِنَّ رَبَّهُم بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيرٌ ﴿١١﴾

سُورَةُ القَارِعَة

ترتيبها ١٠١ آياتها ١١

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

ٱلْقَارِعَةُ ﴿١﴾ مَا ٱلْقَارِعَةُ ﴿٢﴾ وَمَا أَدْرَىٰكَ مَا ٱلْقَارِعَةُ ﴿٣﴾ يَوْمَ يَكُونُ ٱلنَّاسُ كَٱلْفَرَاشِ ٱلْمَبْثُوثِ ﴿٤﴾ وَتَكُونُ ٱلْجِبَالُ كَٱلْعِهْنِ ٱلْمَنفُوشِ ﴿٥﴾ فَأَمَّا مَن ثَقُلَتْ مَوَٰزِينُهُۥ ﴿٦﴾ فَهُوَ فِي عِيشَةٍ رَّاضِيَةٍ ﴿٧﴾ وَأَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَٰزِينُهُۥ ﴿٨﴾ فَأُمُّهُۥ هَاوِيَةٌ ﴿٩﴾ وَمَا أَدْرَىٰكَ مَا هِيَهْ ﴿١٠﴾ نَارٌ حَامِيَةٌۢ ﴿١١﴾

سُورَةُ التَّكَاثُر

ترتيبها ١٠٢ آياتها ٨

بِسْمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحْمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

أَلْهَىٰكُمُ ٱلتَّكَاثُرُ ﴿١﴾ حَتَّىٰ زُرْتُمُ ٱلْمَقَابِرَ ﴿٢﴾ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُونَ ﴿٣﴾ ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُونَ ﴿٤﴾ كَلَّا لَوْ تَعْلَمُونَ عِلْمَ ٱلْيَقِينِ ﴿٥﴾ لَتَرَوُنَّ ٱلْجَحِيمَ ﴿٦﴾ ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ ٱلْيَقِينِ ﴿٧﴾ ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ ٱلنَّعِيمِ ﴿٨﴾

7 (پوءِ اهو خوشيءَ جي زندگي گذاريندو) يعني اهڙي زندگي گذاريندو، جنهن کان هو تمام راضي هوندو. لفظ "عيشة" مان جنت جون سڀ نعمتون مراد آهن.

8 (۽ باقي رهيو اهو، جنهن جا پُڙَ هلڪا ٿيا).

9 (پوءِ سندس ماءُ هاوية آهي) يعني سندن ماڳ دوزخ آهي. دوزخ کي سندن "ماءِ" چوڻ جو مطلب هي آهي ته هميشه پنهنجي ماءُ وٽ اچي پناهه وٺندو آهي. "هاويه" هن کري چيو ويو آهي ته دوزخي، دوزخ جي تري ۾ سدائين اڇلايا ويندا.

10 (۽ تو کي ڪهڙي خبر ته اها چا آهي)؟ دوزخ جي خطرناڪ ۽ هيبتناڪ حالت بيان ڪرڻ خاطر اهڙو سؤال ڪيو ٿو وڃي. يعني ان جي اونهائيءَ جو اندازو ۽ احساس ئي نٿو ڪري سگهجي.

11 (پڙڪندڙ باهه آهي) يعني انتها درجي جي ساڙيندڙ ۽ لوساڻيندڙ باهه آهي.

سورة التكاثر

1 (پاڻ ۾ گهٽائيءَ جي حرص توهان کي غافل ڪري ڇڏيو) يعني توهان کي هڪٻئي کان وڌيڪ ڏن دولت گڏ ڪرڻ جي حرص، اولاد جي مشغوليت، ۽ انهن جي گهٽائيءَ سبب هڪ ٻئي تي فخر ۽ وڏائي ڪرڻ کان فراغت نه آهي، جنهن ڪري الله تعالىٰ جي اطاعت ۽ آخرت لاءِ عمل کان توهان بلڪل غافل ٿي ويا آهيو.

2 (تانجو وڃي قبرن کي ٽا پهچو) يعني تانجو انهيءَ حالت ۾ توهان موت جي گوهه ۾ ڪرو ٿا ۽ قبرستان پهچو ٿا.

3 (خبردار! سگهوئي توهان ڄاڻندا) کين هڪ ٻئي تي فخر ۽ گهٽائي ظاهر ڪرڻ جي ذهنيت تي جهٽڪيو وڃي ٿو ته سگهوئي توهان قيامت جي ڏينهن انهيءَ جي خطرناڪ پڇاڙيءَ کي ڏسندا.

4 (وري به خبردار! سگهوئي توهان ڄاڻندا).

5 (ائين هرگز نه آهي! جيڪر يقيني علم جي حد تائين ڄاڻو) يعني جيڪڏهن توهان کي آخرت جي حالتن جي باري ۾ ائين يقيني علم هجي، جيئن توهان کي دنيا جي حالتن ۽ معاملن جي باري ۾ يقيني علم هوندو آهي، ته جيڪر ڪڏهن توهان آخرت کان غفلت ۽ بي پرواهي نه ڪريو ۽ نه وري هڪ ٻئي تي پنهنجي مال ملڪيت جي ڏونس جمايو ۽ فخر ظاهر ڪريو.

6 (توهان ضرور دوزخ کي ڏسندؤ) يعني آخرت ۾ ضرور ان کي ڏسندؤ.

7 (پوءِ ضرور ان کي يقين جي اک سان ڏسندؤ) يعني ضرور توهان کي يقيني طور، انهن ظاهري اکين سان دوزخ جو مشاهدو ٿيندو.

8 (پوءِ انهيءَ ڏينهن ضرور نعمتن جي باري ۾ توهان کان پڇا ڪي ويندي) يعني توهان کان انهن دنيوي نعمتن جي باري ۾ پڇيو ويندو، جن جي محبت ۾ قاسي، توهان آخرت کان غافل ٿيندا آهيو. توهان کان امن، تندرستي، فراغت، لذيذ شين جي کائڻ پيئڻ، اڇ جي حالت ۾ ٺڏي پاڻي پيئڻ ۽ گهرن ۾ سک ۽ آرام سان رهڻ ۽ اهڙيءَ طرح باقي بين نعمتن جي باري ۾ لازمًا پڇا ڳاڇا ٿيندي.

سورة العصر

1 (زماني جو قسم) الله تعالىٰ زماني جو قسم کڻي رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ وڏين عبرتن ۽ نصيحتن پرائڻ جو وڏو سامان آهي. مثلاً رات ۽ ڏينهن، اونداهه ۽ روشنيءَ جي هڪ ٻئي جي پنڌان لاڳيتو اچ وڃ ۽ حياتي گذارڻ لاءِ منجهن جيڪي مصلحتون ۽ مفاد موجود آهن، انهن مڙني شين ۾ پڌرو دليل آهي ته انهيءَ جو جوڙيندڙ آهي، جيڪو اڪيلو معبود برحق آهي. مفسر مقاتل چوي ٿو ته (والعصر) مان عصر نماز جو وقت مراد آهي.

2 (ته بيشڪ انسان ٽوٽي ۾ آهي) زيان، نقصان ۽ اصل پونجيءَ جي ضايع ٿيڻ کي "خسران" چئبو آهي.

3 ﴿إِلَّا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ وَعَمِلُوا۟ ٱلصَّٰلِحَٰتِ﴾ (سواءِ انهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا) (۽ هڪ ٻئي کي حق جي وصيت ڪيائون) حق گوئي جي وصيت ڪرڻ مان مراد هي آهي ته : هڪ ٻئي کي ايمان بالله، توحيد، شرعي فرضن جي بجا آوري ۽ منع ڪيل ڪمن کان روڪڻ جي تلقين ڪندا رهيا. (۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون) يعني جن ڪمن جي ڪرڻ کان الله تعالىٰ منع ڪئي آهي، تن کان هڪ ٻئي کي باز رهڻ جي تلقين ڪرڻ ۽ قدرتي تڪليفن ۽ مصيبتن تي صبر ڪرڻ جي وصيت ڪرڻ.

سورة الهمزة

1 (هر طعني باز، گلا خور لاءِ ويل آهي) يعني انهن بنهي قسم جي ماٹهن لاءِ خواري يا عذاب يا هلاڪت آهي. "همزه" ڪنهن ماڻهو جي منهن تي عيب جوئي ڪرڻ ۽ "لمزه" پرپٺ گلا غيبت ڪرڻ کي چوندا آهن.

2 (جنهن مال گڏ ڪيو ۽ ان کي ڳڻي رکيائين) عيب جوئي ۽ گلا، غيبت ڪرڻ جو سبب ذڪر ٿي رهيو آهي ته اهڙو شخص مال ميڙڻ کي فخر ۽ فضيلت جو ڳو ڪم سمجهندو آهي، تنهن ڪري پيسي کي گهٽ ۽ هيٺانهون پائيندو آهي.

3 (پائني ٿو ته سندس مال کيس سدائين رکندو) يعني جيڪا دولت ميڙي اٿيين تنهن جي سخت محبت سبب، گمان ٿو ڪري ته پنهنجي مالداريءَ جي ڪري سدائين جيئرو رهندو، مرندو ئي نه، تنهن ڪري مرڻ کان پوءِ اينديڙ حياتي جي باري ۾ سوچيندو ئي نه آهي.

4 (هرگز نا!) يعني جيئن گمان ڪري ٿو، تيئن نه آهي، بلڪ (ڪيس ضرور حطمة ۾ اڇلايو ويندو) يعني ڪيس به ۾ سنڊس مال ڪي به ضرور باهه ۾ اڇلايو ويندو، جيڪا هر انهيءَ شيءِ ڪي ساڙي پسم ۾ پورا پورا ڪري ڇڏيندي، جيڪا منجهس اڇلائي ويندي.

3 (۽ توکي ڪهڙي خبر ته حطمة چا آهي)؟

6 ﴿ نَارُ ٱللَّهِ ٱلْمُوقَدَةُ ﴾ (الله جي ٻرڪايل باهه آهي).

7 (جيڪا دلين تي چڙهندي) يعني ان جي گرمي دلين تي چڙهندي ۽ انهن کي سخت متاثر ڪندي، چاڪاڻ ته برائين، خراب نيتن، بد اخلاقين، بد ڪردارين، تڪبر ۽ وڏائي ۽ فضيلت وارن ماڻهن جي توهين ۽ تذليل ڪرڻ جي خيالن جو اصل مرڪز دل ئي آهي.

8 (بيشڪ اها مٿن دميل هوندي) يعني ڪين دوزخ ۾ وجهي ان جا دروازا مٿن بند ڪيا ويندا، جنهن ڪري اتان نڪري نه سگهندا.

9 (ڊگهن ٿنڀن ۾) يعني وڏن ڊگهن ٿنڀن ۾ مضبوط جڪڙيل هوندا. مفسر مقاتل جو چوڻ آهي ته مٿن دوزخ جي دروازن کي بند ڪري، انهن کي لوهن ڪوڪن ۽ ڪلن سان مضبوط ٺوڪيو ويندو، جنهن ڪري نه ڪو دروازو کلندو ۽ نه ڪو روح ان ۾ داخل ٿيندو.

سورة الفيل

1 (چا نه ڄاتئي ته تنهنجي رب هاٿين وارن سان ڪيئن ڪيو)؟

هاٿين وارا : حبشه جي عيسائين يمن ملڪ تي قبضو ڪيو، ان کان پوءِ ڪعبت الله جي ڊاهڻ جي نيت سان مڪي تي ڪاهه ڪيائون. جڏهن حرم مڪي جي حدن جي ويجهو پهتا ته الله تعالىٰ مٿن اهي پکي موڪليا، جن جو هن سورت ۾ بيان ٿي رهيو آهي. انهن پکين پٽريون چٽي، هاٿين واري انهيءَ لشکر کي تهس نهس ڪري ڇڏيو. پوءِ اهو واقعو عبرت جي هڪ نشاني بنجي ويو. اهو واقعو نبي ڪريم ﷺ جن جي نبوت کان چاليهه سال اڳ ظاهر ٿيو. جن ماڻهن اهو واقعو پنهنجين اکين سان ڏٺو، انهن مان ڪي رسول الله ﷺ جن جي نبوت جي وقت جيئرا هئا.

2 (چا سندن تدبير ڪي ناڪام نه ڪيائين)؟ يعني ڪعبت الله شريف کي ڊاهڻ جي سندن ڪوشش ۽ سازش ڪي ناڪام نه ڪيائين ۽ ڪين هلاڪ نه ڪيائين؟

3 (۽ مٿن پکين جا وڏا ولر موڪليائين) اهي ڪاري رنگ جا پکي هئا، جيڪي سمنڊ جي طرفان ولرن مٿان ولر ٿي آيا. انهن مان هر هڪ وٽ ٽي پٽريون هيون : به پيرن ۾ ۽ هڪ پٽري چهنب ۾. اهي پٽريون جنهن به شيءِ ڪي ٽي لڳيون، اها اتي جو اتي ڪاڏل گاهه وانگر ناس ۽ ناڙ ٽي پئي وئي.

4 (جيڪي ڪين پکين پٽرين سان چٽي رهيا هئا) چون ٿا ته جهنر جي باهه ۾ پچايل مٽيءَ جون پٽريون مراد آهن، جن مان هر هڪ پٽريءَ تي ان ماڻهوءَ جو نالو لکيل هو جنهن کي لڳٽي هئي. پٽري چٽي جي ڏاڙي جيتري ۽ دال مهريءَ کان وڏي هئي، جنهن کي به لڳي، تنهن کي ماتا ٽي نڪتي (۽ اهو اڻت مري پئي ويو).

5 (پوءِ ڪين اولڙ گاهه وانگر ڪري ڇڏيائين) يعني پوک جو اهو سائو گاهه جنهن جي پَنَن کي جانور چٻاڙي کائيندا آهن ۽ ڳنر ڦٽا ڪري ڇڏيندا آهن. هي به چيو ويو آهي ته يعني انهن کي ائين ڪري ڇڏيائين جيئن پوک واري گاهه کي جانور کائي ان جو ٻُنهن اولڙ ڪري ٻچائي ڇڏيندا آهن.

سورة قريش

پڙهن جو نالو "سورة الايلاف" به آهي.

1 ﴿ لِإِيلَٰفِ قُرَيْشٍ ﴾ (قريشن کي الفت ڏيارڻ لاءِ).

2 (سيارين ۽ اونهاريءَ جي مسافرين ۾ ڪين الفت ڏيارڻ لاءِ) قريش به سفر ڪندا هئا: ۱- سرديءَ جي سيزن ۾ يمن ويندا هئا، چاڪاڻ ته گرم علائقو آهي. ۲- گرميءَ جي موسم ۾ شام ويندا هئا، چاڪاڻ ته ٺڏو علائقو آهي. قريشن جو گذران واپار تي هيو،


سُورَةُ الْعَصْرِ
ترتيبها ١٠٣ آياتها ٣

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

وَالْعَصْرِ ﴿١﴾ إِنَّ الْإِنسَانَ لَفِي خُسْرٍ ﴿٢﴾ إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا
وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ﴿٣﴾

سُورَةُ الْهُمَزَةِ
ترتيبها ١٠٤ آياتها ٩

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةٍ ﴿١﴾ الَّذِي جَمَعَ مَالًا وَعَدَّدَهُ ﴿٢﴾
يَحْسَبُ أَنَّ مَالَهُ أَخْلَدَهُ ﴿٣﴾ كَلَّا لَيُنبَذَنَّ فِي الْحُطَمَةِ ﴿٤﴾
وَمَا أَدْرَاكَ مَا الْحُطَمَةُ ﴿٥﴾ نَارُ اللَّهِ الْمُوقَدَةُ ﴿٦﴾ الَّتِي تَطَّلِعُ
عَلَى الْأَفْئِدَةِ ﴿٧﴾ إِنَّهَا عَلَيْهِم مُّؤْصَدَةٌ ﴿٨﴾ فِي عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ ﴿٩﴾

سُورَةُ الْفِيلِ
ترتيبها ١٠٥ آياتها ٥

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

أَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِأَصْحَابِ الْفِيلِ ﴿١﴾ أَلَمْ يَجْعَلْ كَيْدَهُمْ
فِي تَضْلِيلٍ ﴿٢﴾ وَأَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا أَبَابِيلَ ﴿٣﴾ تَرْمِيهِم
بِحِجَارَةٍ مِّن سِجِّيلٍ ﴿٤﴾ فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّأْكُولٍ ﴿٥﴾

انهن پنهي تجارتي مسافرين کان سواءِ سندن گذر بسر ممڪن نه هو. بيت الله شريف جي برڪت سبب کين امن نصيب هو، نه ته سندن جيئڻ جنجال هجي ها. مطلب ته الله تعالىٰ سندن لاءِ انهن پنهي مُسافرين کي مَن پسند ۽ آسان بنايو، تنهن ڪري کين گهرجي ته الله تعالىٰ جا مخلص بانها ٿي رهن.

3 (پوءِ کين گهرجي ته هن گهر جي رب جي عبادت ڪن) الله تعالىٰ کين بڏائي رهيو آهي ته هن سگوري گهر جو اهو ئي رب آهي، جنهن کي ڇڏي، اهي بتن جي بندگي ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح الله تعالىٰ واضح فرمايو ته سندن بتن جي عبادت سان منهنجو ڪو واسطو نه آهي. اهو بيت الله شريف ئي هو، جنهن جي آثار تي قريش پوري عرب تي پنهنجو شان ۽ شوڪت ظاهر ڪندا هئا.

4 (جنهن کين بک کان کارايو) يعني مٽي ذڪر ڪيل پنهي تجارتي سفرن جي برڪت سان سندن معاشي ضرورت پوري ٿيندي هئي، حالانڪ ان کان اڳ اهي سخت فقر ۽ فاقه مستيءَ جي زندگي گذارينداهئا. (۽ کين خوف کان امن ڏنو) عرب قبيلا هڪ ٻئي تي غارتگري ڪندا هئا ۽ هڪ ٻئي کي قيدي بنائيندا هئا، مگر قريش کي حرم شريف جي برڪت سبب انهيءَ مصيبت کان نجات نصيب هئي، جيئن هاٿين واري لشکر جي حملي کان به الله تعالىٰ سندن حفاظت فرمائي هئي.

سورة الماعون

1 (چا ڏٺئي ان شخص کي، جيڪو بدلي جي ڏينهن کي ڪوڙو ڪري ٿو)؟ يعني چا ان کي ڏٺئي جيڪو حساب ڪتاب ۽ جزا ۽ سزا جي ڏينهن، قيامت کي ڪوڙو پائيندو ٿو.

سُورَةُ قُرَيْشٍ
ترتيبها ١٠٦ آياتها ٤

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

لِإِيلَٰفِ قُرَيْشٍ ﴿١﴾ إِۦلَٰفِهِمْ رِحْلَةَ ٱلشِّتَآءِ وَٱلصَّيْفِ
﴿٢﴾ فَلْيَعْبُدُوا۟ رَبَّ هَٰذَا ٱلْبَيْتِ ﴿٣﴾ ٱلَّذِىٓ أَطْعَمَهُم
مِّن جُوعٍ وَءَامَنَهُم مِّنْ خَوْفٍۭ ﴿٤﴾

سُورَةُ الْمَاعُونِ
ترتيبها ١٠٧ آياتها ٧

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

أَرَءَيْتَ ٱلَّذِى يُكَذِّبُ بِٱلدِّينِ ﴿١﴾ فَذَٰلِكَ ٱلَّذِى
يَدُعُّ ٱلْيَتِيمَ ﴿٢﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلَىٰ طَعَامِ ٱلْمِسْكِينِ ﴿٣﴾
فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّينَ ﴿٤﴾ ٱلَّذِينَ هُمْ عَن صَلَاتِهِمْ سَاهُونَ
﴿٥﴾ ٱلَّذِينَ هُمْ يُرَآءُونَ ﴿٦﴾ وَيَمْنَعُونَ ٱلْمَاعُونَ ﴿٧﴾

سُورَةُ الْكَوْثَرِ
ترتيبها ١٠٨ آياتها ٣

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

إِنَّآ أَعْطَيْنَٰكَ ٱلْكَوْثَرَ ﴿١﴾ فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَٱنْحَرْ ﴿٢﴾
إِنَّ شَانِئَكَ هُوَ ٱلْأَبْتَرُ ﴿٣﴾

(2) (پوءِ اهو اُهو ئي آهي، جيڪو يتيم کي ڌڪا ٿو ڏئي) يعني جيڪڏهن ٿورو غور فڪر ڪندين ته توکي معلوم ٿي ويندو ته اهوئي شخص انهيءَ خسيس صفت جو مالڪ آهي، جيڪو يتيم جي حقن جي ادائيگيءَ جو سخت مخالف آهي. جاهليت جي زماني ۾ عرب نه عورتن کي ورثو ڏيندا هئا ۽ نه يتيمن کي حق ڏيندا هئا.

(3) (۽ مسڪين جي کاڌي کارائڻ تي نٿو اُپاري) يعني مال ۾ بخيليءَ جي ڪري نه پاڻ يتيم کي کاڌو کارائي ٿو، نه پنهنجن گهر وارن کي ان جي رغبت ڏئي ٿو ۽ نه ڪنهن ٻئي کي اهڙي تلقين ۽ تاڪيد ڪري ٿو.

(4) ﴿فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّينَ﴾ (پوءِ تباهي آهي انهن نمازين لاءِ.

(5) (جيڪي پنهنجين نمازن ۾ سستي ڪن ٿا) يعني بي پرواهيءَ جي ڪري نماز ادا ڪرڻ کان غافل آهن، چاڪاڻ ته اهو يقين نه رکندا آهن ته جيڪڏهن نماز پڙهندا ته ڪين ان جو اجر ۽ ثواب ملندو ۽ نه ئي خدا جو خوف اٿن جو سوچين ته جيڪڏهن نماز نه پڙهندا سون ته الله سزا ڏيندو، تنهن ڪري هو ان کان غافل رهندا آهن، تانجو نماز جو وقت نڪري ويندو آهي.

(6) (جيڪي ڏيکاءُ ڪندا آهن) يعني جيڪڏهن اتفاق سان نماز پڙهندا به آهن، تڏهن به ماڻهن کي ڏيکارڻ جي جذبي سان پڙهندا آهن. هي مطلب به ٿي سگهي ٿو ته جيڪي به عمل ڪندا آهن، رياڪاريءَ جي نيت سان ڪندا آهن، جيئن سندن ساراه ٿئي.

(7) (۽ معمولي شين ڏيڻ کان جهليندا آهن) (الماعون) مان هر اها شيءِ مراد آهي، جيڪا عام طرح سان ماڻهو هڪٻئي کي اڌاري ڏيندا آهن، مثلاً ڏول، ديڳڙي وغيره ۽ عام واهپي واريون اهڙيون معمولي شيون جن کان منع نه ڪري سگهبي آهي، جيئن پاڻي، لوڻ، وغيره. هي به چيو ويو آهي ته (الماعون) مان زڪات مراد آهي، يعني مالن جي زڪات نه ڏيندا آهن.

سورة الكوثر

(1) (بيشڪ اسان توکي ڪوثر ڏنو آهي) (الڪوثر) جنت جي هڪ نهر جو نالو آهي، جيڪا نبي اڪرم ﷺ جن ۽ سندن امت جي عزت افزائيءَ لاءِ ڪين عطا ڪئي وئي آهي.

(2) (پوءِ پنهنجي رب لاءِ نماز پڙھ) پنج وقتي فرضي نماز قائم ڪرڻ جو حڪم آهي. (۽ قرباني ڪر) ماڻهو غير الله لاءِ نماز پڙهندا هئا ۽ غير الله لاءِ قرباني ڪندا هئا، تنهن ڪري الله تعالىٰ پنهنجي پيغمبر ﷺ کي حڪم فرمايو ته سندس نماز هجي يا قرباني، سڀ الله تعالىٰ لاءِ خاص هجڻ گهرجي. قتاده، عطاء ۽ عڪرمه جي قول مطابق انهيءَ آيت مان عيد جي نماز پڙهڻ ۽ اضحي ڪرڻ مقصود آهي.

(3) (بيشڪ تنهنجو دشمن ئي نپُٽو آهي) يعني اولاد نپٽو، يعني نسل، پاڙ پٽيل اهوئي شخص هوندو آهي، جنهن جو موت کان پوءِ ذڪر نه ٿئي ۽ جنهن کي اولاد نه هجي. جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن جو هڪ فرزند ارجمند گذاري ويو ته مشرڪن طعني بازي ڪئي ته پاڻ سڳورا (معاذ الله!) بي نسل آهن، جنهن تي هيءَ سورت نازل ٿي.

سورة الكافرون

(1) (چؤ ته : اي ڪافرو)! هن سورت سڳوريءَ جو شان نزول هي آهي ته : ڪافرن نبي ڪريم ﷺ جن کان مطالبو ڪيو ته توهان هڪ سال اسان جي معبودن جي عبادت ڪريو، موت ۾ اسان به توهان جي معبود جي هڪ سال عبادت ڪنداسون. تنهن تي الله تعالىٰ کيس حڪم فرمايو ته ڪين چؤ ته

(2) (آءٌ انهن جي عبادت نه ڪندس، جن جي توهان عبادت ڪريو ٿا) يعني پاڻ واڳر بت پرستي ڪرڻ جو جيڪو مطالبو مون کان ڪري رهيا آهيو، آءٌ ائين هرگز نه ٿو ڪري سگهان ۽ نه ان کي مڃيندس. يعني توهان جي باطل معبودن جي پوڄا هرگز نه ڪندس.

(3) (۽ نه توهان انهيءَ جي عبادت ڪرڻ وارا آهيو، جنهن جي آءٌ عبادت ڪريان ٿو) يعني جيستائين توهان پنهنجي ڪفر ۽ شرڪ تي قائم آهيو، تيستائين سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ته توهان منهنجي مٿي مالڪ الله سڳوري جي عبادت ڪريو.

(4) (۽ نه آءٌ انهن جو پوڄاري ٿيندس، جن جي توهان پوڄا ڪري رهيا آهيو) يعني ايندڙ زماني ۾ جيستائين منهنجي حياتي باقي آهي، سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ته توهان جي بتن مان ڪنهن هڪ جي به آءٌ عبادت ڪريان.

(5) (۽ نه توهان ان جي عبادت ڪرڻ وارا آهيو، جنهن جي آءٌ عبادت ڪريان ٿو) يعني مستقبل ۾ جيستائين توهان ڪفر تي ڊٽيا بيٺا آهيو ۽ بت پرستي نٿا ڇڏيو، توهان منهنجي رب ڪريم جي بندگي ڪرڻ وارا نه آهيو، چاڪاڻ ته جيڪو شخص الله جو ڪفر ڪري ۽ ساڻس شرڪ ڪري ٿو، اهو جيڪڏهن الله جي عبادت ڪري به، تڏهن به اها قبول ٿيڻ جوگي نه آهي ۽ ان جو ڪو اعتبار ئي نه آهي. هي به چيو ويو آهي ته آيتن ۾ تڪرار تاڪيد جي غرض سان آهي ته جيئن ڪافر هن گالهه کان بلڪل مايوس ٿين ته ڪو نبي ڪريم ﷺ جن بت پرستيءَ جي سندن مطالبي کي مڃڻ وارا آهن.

(6) (توهان لاءِ توهان جو دين ۽ منهنجي لاءِ منهنجو دين آهي) يعني جيڪڏهن توهان پنهنجي دين کان راضي آهيو، ته آءٌ به پنهنجي دين کان راضي آهيان. توهان جو دين شرڪ آهي، اهو توهان تائين محدود آهي جيڪو وڌي مون وٽ نه پهچندو ۽

منهنجو دين، توحيد وارو دين آهي، جيكو تجاوز كري توهان كي نصيب ئي نه ٿيندو.

سورة النصر

هن جو نالو "سورة التوديع" (الوداع واري سورت) به آهي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما كان روايت آهي ته جڏهن : لٽي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته : منهنجي وصال جو وقت اچي ويو آهي.

1 (جڏهن الله جي مدد اچي ۽ فتح ٿئي) يعني اي محمد! ﷺ جڏهن توهان كي پنهنجي دشمن قريش جي مقابلي ۾ مدد حاصل ٿي چكي ۽ مكي فتح ٿي چكو. اهڙي تائيد جنهن سان دشمن كي شكست ۽ مٿس غلبو حاصل ٿئي، تنهن كي "نصر" ۽ سندن ملك تي قبضو ٿيڻ كي "فتح" چئبو آهي. حق كي قبول كرڻ لاءِ دشمن جي دلين جو كلڻ به "فتح" ۾ شامل آهي.

2 (۽ ڏسين ته ماڻهو ٽولين جون ٽوليون الله جي دين ۾ داخل ٿين ٿا) يعني هك جماعت كان بعد بي جماعت ۽ هك ٽوليءَ كان بعد بي ٽولي اسلام ۾ داخل ٿي رهي آهي. نبي كريم ﷺ جن مكو فتح كيو ته عربن چيو ته هاڻي جڏهن حرم مكي وارن تي به پاڻ سگهورن كي سوپ نصيب ٿي آهي، حالانك مكو اهو مقام آهي، جنهن تي هاٿين وارو لشكر به قبضو كري نه سگهيو، ته پوءِ ان جو مطلب هي آهي ته پاڻ ضرور حق تي آهن ۽ توهان ۾ سندن مقابلي جي سگهه ئي نه آهي. اهو سوچي ٽولين جي صورت ۾ ۽ قبيلن جا قبيلا اسلام ۾ داخل ٿيندا ويا، جڏهن ته اڳ ۾ ايكڙ پيكڙ كي فرد اسلام ۾ داخل ٿيندا هئا.

3 (پوءِ پنهنجي رب جي ساراهه سان سندس پاكائي بيان كر) هن آيت ۾ كين تسبيح ۽ حمد، ٻنهي جو حكم آهي. تسبيح جو حكم هن كري آهي ته الله تعالىٰ مسلمانن جي فتح جو انتهائي تعجب جوڳو اعلان فرمايو، جنهن جو نه پاڻ كريم جن ﷺ ۽ نه كنهن بني بشر كي خيال ۽ گمان به هو ۽ حمد جو حكم هن كري آهي ته مكي جهڙي مركزي شهر جي عظيم الشان فتح ۽ اجتماعي صورت ۾ مختلف قبيلن ۽ شهرن جي اسلام ۾ داخل ٿيڻ جي بشارت ڏنائين. (۽ ان كان بخشش گهر) يعني عاجزي ۽ انكساري كندي، پنهنجي عمل ۾ جيكا كمي، كوتاهي ۽ غلطي ٿي وئي هجي ته ان تي معافي طلب كر. (بيشك اهو توبه قبول كندڙ آهي) يعني الله تعالىٰ جو شان اهو آهي ته جيكو كائنس بخشش گهرندو آهي، تنهن جي توبه قبول فرمائيندو، مٿن پاجهه ۽ مهرباني فرمائيندو آهي. بخاري ۽ حديث شريف جي بين كتابن ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما كان روايت آهي ته هن سورت ۾ نبي كريم ﷺ جن جي اجل جو اعلان آهي، جيكو الله تعالىٰ : ڇئي كيس ڄاڻايو. اها سندن وصال مبارك جي نشاني آهي. پوءِ فرمايو ويو ته : يعني هاڻي پنهنجي رب جي ساراهه سان گڏ سندس تسبيح كر، بيشك اهو توبه قبول كندڙ آهي.

سورة المسد

1 (ابو لهب جا ٻئي هٿ ڇڄن) يعني ان جا هٿ كچجن، ناكام ۽ نامراد ٿين شال. (۽ برباد ٿئي پاڻ) ۽ پاڻ به هلاك ٿئي. يعني پاڻ سگهورن كيس جيكا پٺ ۽ پاراتو ڏنو، سو قبول ٿي چكو. ابو لهب نبي كريم ﷺ جن جو چاچو هو، جنهن جو نالو "عبدالعزىٰ" هو.

2 (سندس مال ۽ جو كجهه كمايائين سي كيس بچائي نه سگهيا) يعني سندس ميڙيل مال ۽ مالداري، كسب كمائي ۽ حاصل كيل سرداري، كيس الله جي عذاب ۽ هلاكت كان مور بچائي نه سگهي.

3 (سگهوئي ڇيين واري باهه ۾ پهچندو) يعني سگهوئي دوزخ جي پڙكيل باهه ۾ داخل ٿيندو، جيكا سندس كل ئي ساڙي ڇڏيندي.

4 (۽ كانئيون كٽندڙ سندس زال به) يعني اجهو سندس زال به پڙكندڙ باهه ۾ داخل ٿيڻ واري آهي. سندس نالو "ام جميل" آهي، جيكا ابوسفيان جي ڀيڻ ۽ "حرب" جي ڏيءُ هئي. اها عورت كندا ۽ كانئيون كٽي، رات جو انهيءَ رستي ۾ اچلائيندي هئي، جتان نبي كريم ﷺ جن گذرندا هئا.

5 (سندس ڳچي ۾ كاپر جي رسي هوندي) (مسد) يعني اهو كاپر جنهن مان رسا وٽيا آهن. ام جميل وٽ موتين ۽ هيرن جو هار هو. لات ۽ عزىٰ جو قسم كٽي عهد كيائين ته ضرور ان كي وكٽي، ان جي رقم محمد (ﷺ) جي دشمني ۾ خرچ كندیس. سندس عمل جو بدلو كيس اهو ڏنو ويو ته قيامت جي ڏينهن سندس ڳچيءَ ۾ جواهرات واري هار جي بجاءِ كاپر جي وٽيل رسي هوندي.

سورة الاخلاص

1 (چؤ ته اهو الله اكيلو آهي) مشركن چيو ته اي محمد (ﷺ) ! اسان كي پنهنجي رب جو نسب نامون ته ٻڌاءِ، تنهن تي هيءَ سورت نازل ٿي. يعني جيكڏهن توهان سندس نسب بابت پڇو ٿا ته اهو هيءُ آهي ته : الله اكيلو آهي، سندس كو شريك نه آهي.

2 (الله بي نياز آهي) الصمد : جنهن (هستيءَ) ڏانهن حاجتن جي تكميل لاءِ متوجه ٿجي. يعني هن كري ان ڏانهن قصد كجي ته اهو انهن جي پوري كرڻ تي پوري قدرت ركندڙ آهي. ابن عباس رضي الله عنهما جو قول آهي ته "الصمد" اهو سردار آهي، جنهن جي سرداري مكمل هجي، اهو شريف آهي، جيكو پنهنجي عظمت ۾ كامل هجي، اهو حليم آهي، جنهن جي بردباري كامل

سُورَةُ الكَافِرُونَ

ترتيبها ١٠٩ — آياتها ٦

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

قُلْ يَا أَيُّهَا الْكَافِرُونَ ﴿١﴾ لَا أَعْبُدُ مَا تَعْبُدُونَ ﴿٢﴾
وَلَا أَنتُمْ عَابِدُونَ مَا أَعْبُدُ ﴿٣﴾ وَلَا أَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدتُّمْ ﴿٤﴾
وَلَا أَنتُمْ عَابِدُونَ مَا أَعْبُدُ ﴿٥﴾ لَكُمْ دِينُكُمْ وَلِيَ دِينِ ﴿٦﴾

سُورَةُ النَّصْرِ

ترتيبها ١١٠ — آياتها ٣

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

إِذَا جَاءَ نَصْرُ اللَّهِ وَالْفَتْحُ ﴿١﴾ وَرَأَيْتَ النَّاسَ
يَدْخُلُونَ فِي دِينِ اللَّهِ أَفْوَاجًا ﴿٢﴾ فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ
وَاسْتَغْفِرْهُ ۚ إِنَّهُ كَانَ تَوَّابًا ﴿٣﴾

سُورَةُ المَسَدِ

ترتيبها ١١١ — آياتها ٥

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

تَبَّتْ يَدَا أَبِي لَهَبٍ وَتَبَّ ﴿١﴾ مَا أَغْنَىٰ عَنْهُ مَالُهُ وَمَا
كَسَبَ ﴿٢﴾ سَيَصْلَىٰ نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ﴿٣﴾ وَامْرَأَتُهُ
حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ﴿٤﴾ فِي جِيدِهَا حَبْلٌ مِّن مَّسَدٍ ﴿٥﴾

سُورَةُ الإِخْلَاصِ — ترتيبها ١١٢ — آياتها ٤

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

قُلْ هُوَ اللَّهُ أَحَدٌ ﴿١﴾ اللَّهُ الصَّمَدُ ﴿٢﴾ لَمْ يَلِدْ
وَلَمْ يُولَدْ ﴿٣﴾ وَلَمْ يَكُن لَّهُ كُفُوًا أَحَدٌ ﴿٤﴾

سُورَةُ الفَلَقِ — ترتيبها ١١٣ — آياتها ٥

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

قُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ﴿١﴾ مِن شَرِّ مَا خَلَقَ ﴿٢﴾ وَمِن
شَرِّ غَاسِقٍ إِذَا وَقَبَ ﴿٣﴾ وَمِن شَرِّ النَّفَّاثَاتِ فِي
الْعُقَدِ ﴿٤﴾ وَمِن شَرِّ حَاسِدٍ إِذَا حَسَدَ ﴿٥﴾

سُورَةُ النَّاسِ — ترتيبها ١١٤ — آياتها ٦

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

قُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ النَّاسِ ﴿١﴾ مَلِكِ النَّاسِ ﴿٢﴾ إِلَٰهِ
النَّاسِ ﴿٣﴾ مِن شَرِّ الْوَسْوَاسِ الْخَنَّاسِ ﴿٤﴾ الَّذِي
يُوَسْوِسُ فِي صُدُورِ النَّاسِ ﴿٥﴾
مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ ﴿٦﴾

هجي، اهو شاهوڪار آهي، جيڪو پنهنجي شاهوڪاري ۾ ڪامل هجي. اهو جبار آهي، جيڪو پنهنجي ذاڻ ۽ شان جبروتيءَ ۾ ڪامل هجي. اهو عالم آهي، جيڪو پنهنجي علم ۾ ڪامل هجي، اهو حڪيم آهي، جيڪو پنهنجي حڪمت ۾ ڪامل هجي ۽ اها الله سبحانه جي ذات آهي ۽ اها صفت رڳو ڪيس ئي جڳائي.

3 **(نہ ڪنهن کي ڄڻيو اٿئين ۽ نہ ڪنهن مان ڄائو آهي)** يعني نہ ان مان اولاد پيدا ٿيو، نہ ئي پاڻ ڪنهن مان پيدا ٿيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪا بہ شيءِ سندس جنس جهڙي نہ آهي ۽ پڻ هن ڪري بہ تہ ازل ۾ يا آخر ۾، ان ڏانهن عدم جي نسبت ڪرڻ ناممڪن آهي. جڏهن تہ پيدا ٿيل شيءِ پنهنجي پيدائش کان اڳ معدوم هوندي آهي. يعني الله تعالىٰ جو ڪو پيءُ نہ آهي، جنهن ڏانهن سندس نسبت ڪجي. قتاده جو قول آهي تہ عرب جي مشرڪن چيو تہ ملائڪ، الله جون ڌيئرون آهن. يهودين چيو تہ عزير، الله جو پٽ آهي. نصارن چيو تہ مسيح، الله جو پٽ آهي. الله تعالىٰ انهن سڀني جي تردید ڪندي فرمايو تہ .

4 **(۽ نہ ڪو سندس برابر آهي)** نہ ان جو ڪو مَٹُ شاني، نہ ان جهڙو، نہ ان سان ڪو ممثالت (هڪجهڙائي) رکندڙ آهي ۽ نہ ئي ڪو سندس ذات ۽ صفات ۾ شريڪ ۽ ياڳي پائيوار آهي.

سورة الفلق

1 **(چؤ تہ صبح جي رب جي پناھ وٺان ٿو)** "الفلق" صبح کي چئبو آهي، ڇاڪاڻ تہ رات مان ڦٽي الڳ ٿيندي آهي. چيو ويو آهي تہ: الله جي مخلوق مان جيڪا بہ شي بہ شيءِ مان ڦٽي نڪري، تنهن کي "فلق" چئبو آهي، حيوانن، ڍاڻن، ڪڪڙين ۽ هر قسم جي نباتات وغيره مان. پڻ چيو ويو آهي تہ هن طرف اشارو ڪرڻ مراد آهي تہ الله تعالىٰ، جيڪو هن ساري جهان کي اهڙين گگهہ اونداهين مان ڪڍڻ تي قادر آهي، سو هيءَ قدرت بہ رکي ٿو تہ پاڻ کان پناه وٺڻ واري کي، هر انهيءَ شيءِ کان بچائي، جنهن جو ڪيس خوف ۽ خطرو هجي.

2 **(هر انهيءَ شيءِ جي شر کان، جنهن کي انهيءَ خلقيو آهي)** يعني آءٌ الله سبحانه وتعالىٰ کان سندس سموري مخلوق جي شر کان پناه پنان ٿو.

3 **(۽ اوندهہ جي شر کان، جڏهن چانڇي وڃي)** يعني: رات جي شر کان بہ سندس ئي پناه وٺان ٿو، جڏهن اها ايندي آهي. چيو ويو آهي تہ ان جو سبب هي آهي تہ رات جي وقت درندا، پنهنجن نڪاڻن مان نڪرندا آهن، زهريلا جيت جڻا برن مان ٻاهر ايندا آهن ۽ شرير ماڻهو فساد ۽ فتنو ڦهلائڻ لاءِ سانباها ڪندا آهن.

4 **(۽ ڳنڍين ۾ ڦوڪ وارين جي شر کان)** يعني سندس پناه وٺان ٿو جادوگر عورتن جي شر کان. ڇاڪاڻ تہ جادو ڪرڻ وقت اهي ڏاڻ ۾ ڳنڍيون ڏئي، منتر پڙهي انهن ۾ ڦوڪيندیون آهن.

5 **(۽ حسد ڪندڙ جي شر کان، جڏهن اهو حسد ڪري)** ٻئي تي الله جي نعمت ڏسي، ان جي زوال جي تمنا ڪرڻ، اهو حسد ۽ ساڙ آهي.

سورة الناس

1 **(چؤ تہ ماڻهن جي رب جي پناھ وٺان ٿو)** "ماڻهن جو رب" اهو الله آهي، جيڪو سندن خالق بہ آهي، تہ سندن معاملن جي تدبير ڪندڙ بہ آهي. پڻ سندن حالات جي اصلاح ڪندڙ بہ آهي.

2 **(ماڻهن جي بادشاهہ جي)** يعني ڪامل ۽ مڪمل ملڪ ۽ مملڪت سندس ئي آهي، ۽ زبردست بادشاهيءَ جو مالڪ بہ پاڻ ئي آهي.

3 **(ماڻهن جي سچي معبود جي)** جيڪو سندن عبادت جو سڄو حقدار آهي، ڇاڪاڻ تہ بادشاهن مان ڪو معبود هجڻ جي دعويٰ ڪندو بہ آهي ۽ ڪو دعويٰ نہ بہ ڪندو آهي. الله تعالىٰ واضح فرمايو تہ اسم "اله" سندس لاءِ خاص آهي، جنهن ۾ ڪو سندس شريڪ نہ آهي.

4 **(وسوسا وجهندڙ جي شر کان)** ان مان شيطان مراد آهي. **(جيڪو پٺتي پرڪي ويندڙ آهي)** يعني وَر وَر ڪري وسوسا وجهي پوئتي هٽي ويندو آهي. جڏهن الله کي ياد ڪبو آهي تہ شيطان پريشان تي پوئتي هٽي ويندو آهي ۽ جڏهن الله کي ياد نہ ڪبو آهي تہ ڏاڍو خوش ٿي. انساني قلب تي قابض ٿي وسوسا وجهڻ لڳندو آهي.

6 **(جيڪو ماڻهن جي سينن ۾ وسوسا وجهندو آهي)** **وسوسو:** دل ۾ اهڙي ڪلام سان پنهنجي فرمانبرداريءَ جي دعوت پهچائڻ آهي، جنهن جو آواز ٻڌڻ ۾ نہ اچي. انهيءَ کان پوءِ الله تعالىٰ بيان فرمائي ٿو تہ وسوسا وجهندڙ بہ قسمن آهن: ١- جن ٢- انسان. فرمايائين:

5 **(جنن مان هجي يا انسانن مان)** جنن مان جيڪي شيطان آهن، اهي ماڻهن جي سينن ۾ وسوسا وجهندا آهن. رهيو انساني شيطانن جو ماڻهن جي سينن ۾ وسوسا وجهڻ تہ اهي، ماڻهن جي اڳيان پاڻ کي مشفق مهربان، نصيحت ڪندڙ ظاهر ڪري، پنهنجي اثرائتي ڪلام ذريعي سندن سينن ۾ اهي گالهيون وجهندا آهن، جيڪي جني شيطان پنهنجن وسوسن سان سندن سينن ۾ وجهندا آهن. پڻ چيو ويو آهي تہ ابليس پاڻ انسانن جي سينن ۾ وسوسا وجهندو آهي. ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: "جيڪو بہ بار جمندو آهي تہ ان جي دل تي وسواس هوندو آهي. پوءِ جڏهن اهو (انسان) الله کي ياد ڪندو آهي تہ وسواس هٽي ويندو آهي ۽ جڏهن ان جي ياد کان غافل ٿيندو آهي تہ وسوسن ۾ وکوڙجي ويندو آهي". اسان شيطاني وسوسن کان الله جي پناه وٺون ٿا.

مسلمان جي زندگيءَ بابت اهم سوال

١ مسلمان کي پنهنجو عقيدو ڪٿان حاصل ڪرڻ گهرجي؟ (مسلمان کي پنهنجو عقيدو) الله جي ڪتاب ۽ ان جي رسول ﷺ جي صحيح سنت مان وٺڻ گهرجي جيڪو نبي پنهنجي نفساني سَڌ کان نه ڳالهائيندو آهي. ﴿ إِنْ هُوَ إِلَّا وَحْيٌ يُوحَىٰ ﴾ (مگر اهو وحي هوندو آهي جيڪا ڏانهس ڪئي ويندي آهي). اهڙو عقيدو جيڪو صحابہ ۽ سلف صالحين جي سمجهه مطابق هجي.

٢ جڏهن اسان ۾ اختلاف ٿئي تہ اسان کي ڪهڙي شيءِ ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي؟ اسان کي سڏي ۽ ثابت شريعت ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي. قرآن ۽ حديث مان حڪم وٺڻ گهرجي. جيئن الله تعالىٰ جو فرمان آهي تہ : ﴿ فَإِن تَنَٰزَعۡتُمۡ فِي شَيۡءٖ فَرُدُّوهُ إِلَى ٱللَّهِ وَٱلرَّسُولِ ﴾ (پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ۾ شيءِ بابت جهڳڙو ڪريو تہ ان کي الله ۽ رسول ڏانهن موٽايو). ۽ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ : «**تَرَكْتُ فِيكُمْ أَمْرَيْنِ لَنْ تَضِلُّوا مَا تَمَسَّكْتُمْ بِهِمَا: كِتَابَ اللَّهِ، وَسُنَّةَ نَبِيِّهِ**» "اوهان ۾ آءٌ ۾ شيون ڇڏي ٿو وڃان جيستائين انهن کي مضبوط جهليندؤ، تہ ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿيندؤ. الله جو ڪتاب (قرآن شريف) ۽ سندس نبيءَ جي سنت". (مؤطا).

٣ قيامت جي ڏينهن نجات حاصل ڪرڻ واري جماعت ڪهڙي آهي؟ نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي تہ : ((**وَتَفْتَرِقُ أُمَّتِي عَلَى ثَلَاثٍ وَسَبْعِينَ مِلَّةً كُلُّهُمْ فِي النَّارِ إِلاَّ مِلَّةً وَاحِدَةً. قَالُوا : وَمَنْ هِيَ يَا رَسُولَ اللهِ؟ قَالَ : مَا أَنَا عَلَيْهِ وَأَصْحَابِي**)) "منهنجي امت ٽيهتر فرقن ۾ ورهائبي، رڳو هڪ جماعت کان سواءِ باقي سڀئي جهنم ۾ ويندا. چيائون تہ : يا رسول الله! اها ڪهڙي جماعت آهي؟ پاڻ فرمايائون : جيڪا منهنجي ۽ منهنجي صحابين واري طريقي تي آهي". (مسند احمد). سو حق اهو آهي جنهن تي نبي ڪريم ﷺ ۽ سندس اصحاب سڳورا هئا. تنهن ڪري جيڪڏهن تون پنهنجو ڇوٽڪارو ۽ عملن جي قبوليت گهرين ٿو تہ انهن جو اتباع توتي لازم ۽ بدعتن کان بچڻ تو لاءِ ضروري آهي.

٤ ڇڪي عملن جي قبوليت جا شرط ڪهڙا آهن؟ ان جا شرط هي آهن : **١. الله ۽ سندس هيڪڙائيءَ تي ايمان آڻڻ:** هن شرط مطابق مشرڪ جا عمل قبول نہ ڪيا ويندا. **٢. اخلاص :** يعني عمل خاص الله جي رضا لاءِ ڪيو وڃي. **٣. عمل ۾ نبي ڪريم ﷺ جي پيروي ڪرڻ:** يعني سندس شريعت مطابق عمل ڪري. الله تعالىٰ جي عبادت سندس شريعت کان سواءِ ڪنهن بئي طريقي سان نہ ٿيندي. هنهن ٽن شرطن مان ڪو بہ هڪ شرط نہ ليندو تہ اهو عمل مردود ڇڏيو. الله تعالىٰ جو فرمان آهي تہ: ﴿ وَقَدِمۡنَآ إِلَىٰ مَا عَمِلُواْ مِنۡ عَمَلٖ فَجَعَلۡنَٰهُ هَبَآءٗ مَّنثُورًا ﴾ (۽ جيڪو بہ عمل ڪيائون تنهن ڏانهن اسين رخ ڪنداسون، پوءِ ان کي اڏاميل ڏوڙ ڪري ڇڏيندا سون).

٥ دين جا درجا گهٽا آهن؟ ان جا ٽي درجا آهن : اسلام، ايمان ۽ احسان.

٦ اسلام ڇا آهي ۽ ان جا رڪن ڪيترا آهن؟ اسلام : الله جي وحدانيت جي اقرار ، ان جي فرمانبرداري، شرڪ ۽ شرڪ ڪندڙن کان بيزاريءَ جو نالو آهي. ۽ ان جا پنج رڪن آهن، جن کي نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي هن ارشاد ۾ بيان فرمايو آهي: " **بُنِيَ الإِسْلَامُ عَلَى خَمْسٍ : شَهَادَةِ أَنْ لاَّ إِلَهَ إِلاَّ اللهُ، وَأَنَّ مُحَمَّدًا رَسُولُ اللهِ، وَإِقَامِ الصَّلاَةِ، وَإِيتَاءِ الزَّكَاةِ، وَحَجِّ الْبَيْتِ، وَصَوْمِ رَمَضَانَ**". "اسلام جو پنجن شين تي بنياد رکيو ويو آهي، هيءَ شاهدي ڏيڻ تہ : الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي ۽ محمد ﷺ الله جا برحق رسول آهن ۽ نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪات ڏيڻ ۽ بيت الله جو حج ڪرڻ ۽ رمضان جا روزا رکڻ". (متفق عليه).

٧ ايمان ڇا آهي ۽ ان جا رڪن ڪيترا آهن؟ ايمان : دل جي يقين، زبان جي اقرار ۽ جسماني عضون جي عملن جو نالو آهي. نيڪ عملن ڪرڻ سان ايمان وڌندو آهي ۽ گناهن سان گهٽبو آهي. الله جو فرمان آهي: ﴿ لِيَزۡدَادُوٓاْ إِيمَٰنٗا مَّعَ إِيمَٰنِهِمۡ ﴾ (تہ جيئن سندن ايمان ۾ اڃان بہ يقين جو واڌارو ٿئي) ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي تہ : ((**الايمانُ بِضع وسَبعونَ شُعبةً، فَأفضلُها قَولُ لا اله الاَّ اللهُ، وَادنَها اماطَةُ الاذَى عَنِ الطَّرِيقِ، وَالحَيَاءُ شُعبةٌ مِنَ الايمَانِ**)) ايمان جون ستر کان وڌيڪ شاخون آهن، جن مان پهرين ۾ پهرين (لاَ إِلَهَ إِلاَّ اللهُ) جو بول آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ رستي تان گندگي هٽائڻ آهي ۽ حياءُ بہ ايمان جي هڪ شاخ آهي. (مسلم). ان جي تاڪيد هن سان بہ ٿئي تي جو مسلمان ڇڪن ڪمن ڪرڻ واري ڏاڍڻ ۾ نيڪيون ڪندي پاڻ ۾ نشاط ۽ تازگي محسوس ڪندا آهن ۽ گناهن ڪرڻ وقت پاڻ ۾ بيچيني محسوس ڪندا آهن. الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ : ﴿ إِنَّ ٱلۡحَسَنَٰتِ يُذۡهِبۡنَ ٱلسَّيِّـَٔاتِ ﴾

(بيشڪ چڱايون، برائين کي ميٽي ڇڏيندڙيون آهن). **ايمان جا رڪن ڇهه آهن**، جن کي نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي هن قول ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ : ((اَن تُؤمِنَ بِاللهِ، وَمَلاَئِكَتِهِ، وَكُتُبِهِ، وَرُسُلِهِ، وَالْيَومِ الآخِرِ، وَالقَدَرِ خَيرِهِ وَشَرِّهِ)) "هي تہ الله تي ۽ سندس فرشتن، سندس ڪتابن، سندس رسولن، آخرت واري ڏينهن ۽ پوءِ، برو تقدير تي تون ايمان آڻ". (بخاري).

٨ (لاَ إِلٰه إِلاَّ اللهَ) جي معنىٰ چاهي؟ ان جي معنىٰ هي آهي تہ : الله کان سواءِ ڪنهن کي بہ عبادت جي مستحق سمجهڻ جو انڪار ڪرڻ ۽ رڳو اڪيلي الله لاءِ ان کي ثابت ڪرڻ .

٩ چا الله تعالىٰ اسان سان گڏ آهي؟ ها! الله تعالىٰ، پنهنجي علم، پنهنجي پڏڻي، پنهنجي ڏسڻي، پنهنجي حفاظت، پنهنجي احاطي، پنهنجي قدرت ۽ پنهنجي ذاتي ارادي سان اسان سان گڏ آهي. البتہ سندس ذات پاڪ مخلوق سان وڇڙيل ۽ گڏيل ڪانهي ۽ نہ وري مخلوقات مان ڪابہ شيءِ سندس احاطو ڪري سگهي ٿي.

١٠ چا الله تعالىٰ اکين سان ڏسي سگهجي ٿو؟ مسلمانن جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ الله تعالىٰ کي دنيا ۾ نہ ٿو ڏسي سگهجي. البتہ مؤمن ڪيس آخرت، محشر جي ميدان ۽ جنت ۾ ڏسندا. الله تعالىٰ فرمايو آهي: ﴿وُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ ۝٢٢ إِلَىٰ رَبِّهَا نَاظِرَةٌ﴾ (ڪي چهرا ان ڏينهن بهڪندڙ هوندا، پنهنجي رب ڏانهن نهارينڈ هوندا).

١١ الله تعالىٰ جي مبارڪ نالن ۽ پاڪ صفتن جي ڄاڻ جو فائدو چا آهي؟ سڀ کان پهريون فرض جيڪو الله پنهنجي مخلوق تي مقرر ڪيو آهي، سو الله ﷻ جي معرفت آهي. جو تہ جڏهن ماڻهو ڪيس سڃاڻيندا تہ سندس عبادت جيئن ان جو حق آهي، تيئن ڪندا. الله تعالىٰ فرمايو آهي : ﴿فَاعْلَمْ أَنَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا اللَّهُ وَاسْتَغْفِرْ لِذَنبِكَ﴾ (ڄاڻ تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ سچو معبود ڪونهي ۽ پنهنجي گناهن جي بخشش گهر). سو الله تعالىٰ کي سندس رحمت جي ڪشادگيءَ جي تصور سان ياد ڪرڻ اميد جو سبب آهي ۽ سندس پڪڙ جي سختيءَ جي تصور سان ياد ڪرڻ خوف جو سبب آهي، جڏهن تہ ڪيس اڪيلو انعام ڪندڙ سمجهڻ شڪر گذاريءَ جو سبب آهي.

الله تعالىٰ جي مبارڪ نالن ۽ پاڪ صفتن سان عبادت ڪرڻ جو مقصد هي آهي تہ، انهن کي چڱيءَ طرح ڄاڻجي، انهن جي معنائن کي سمجهجي ۽ ان مطابق متن عمل ڪجي. الله تعالىٰ جا کي نالا ۽ صفتون اهڙيون آهن، جو اهي ڪنهن بندي ۾ هجن تہ سندس تعريف ڪئي ويندي آهي. جيئن: علم، رحمت ۽ عدل. ۽ کي وري اهڙا نالا ۽ صفتون آهن، جن سان ڪنهن ٻانهي جي وصف ڪرڻ مذمت لائق هوندي آهي، جيئن : الوهيت، ڏاڍائي ۽ تڪبر. ۽ ٻانهي جون کي صفتون اهڙيون آهن، جن تي سندس ساراهہ ڪئي ويندي آهي ۽ انهن سان موصوف ٿيڻ جو ڪيس حڪم بہ ڪيو ويندو آهي، جيئن : ٻانهپ، فقيري، احتياجي، نوڙت ۽ گهرڻ وغيره. پر الله ﷻ اهڙين صفتن کان پاڪ آهي. الله تعالىٰ کي مخلوق مان سڀ کان وڌيڪ اهو ٻانهو محبوب هوندو آهي جيڪو اهڙين صفتن سان موصوف ٿئي جيڪي الله وٽ محبوب هجن ۽ سڀ کان وڌيڪ ناپسند اهو ٻانهو هوندو آهي جيڪو اهڙين صفتن کي اختيار ڪري جيڪي ڪيس ناپسند آهن.

١٢ الله تعالىٰ جا سهڻا نالا ڪهڙا آهن ؟ الله ﷻ فرمايو آهي: ﴿وَلِلَّهِ الْأَسْمَاءُ الْحُسْنَىٰ فَادْعُوهُ بِهَا﴾ (۽ الله جا سهڻا نالا آهن ڪيس انهن سان پڪاريو). ۽ رسول الله ﷺ جن کان ثابت آهي تہ ٻاڻ فرمايائون : « **إِنَّ لِلَّهِ تِسْعَةً وَتِسْعِينَ اسْمًا مِائَةً غَيْرَ وَاحِدٍ مَنْ أَحْصَاهَا دَخَلَ الْجَنَّةَ** » ((بيشڪ الله تعالىٰ جا نوانوي نالا آهن، هڪ گهٽ سؤ. جنهن انهن کي ڳڻيو، سو جنت ۾ داخل ٿيندو)). (متفق عليه).

انهن جي ڳاڻاٽي جو مطلب آهي : ١. انهن جي لفظن جو ڳاڻاٽو ۽ شمار ڪرڻ. ٢. انهن جي معنىٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ ۽ متن ايمان آڻڻ. جيڪڏهن (الحكيم) چئي تہ پنهنجا سڀ معاملا سندس حوالي ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ سندس حڪمت جي تقاضا مطابق هوندا آهن، ۽ جڏهن (القدوس) چئي تہ الله تعالىٰ جو ڪنهن بہ ڪمي يا خاميءَ کان پاڪ هجڻ ذهن ۾ رکي. ٣. اهي نالا وٺي کيس پڪارڻ، اهو بہ قسم آهي : ا) الله تعالىٰ جي ساراهہ ۽ عبادت لاءِ پڪارڻ. ب) گهرڻ ۽ سوال ڪرڻ لاءِ پڪارڻ. ۽ جنهن قرآن ۽ صحيح حديثن جي ذخيري ۾ انهن جي ڳولا ڪئي، سو انهن کي جمع ڪري سگهندو. اهي مبارڪ نالا هي آهن :

نالو	معنيٰ ۽ مفهوم
اللّٰهُ	**الوهيت وارو**، سڄي مخلوقات تي ٻانهپ لاڳو ڪرڻ وارو، انهيءَ جي ئي عبادت ڪبي آهي ۽ اهوئي معبود آهي جنهن آڏو جهڪجي ۽ نوڙت ڪجي، رکوع ۽ سجدو ڪجي، هر طرح جي عبادت رڳو ان لاءِ ڪجي.
الرَحْمَنُ	**وڏو مهربان:** سندس رحمت جي ڪشادگي ۽ سڄي مخلوقات کي شامل هجڻ تي دلالت ڪرڻ وارو نالو آهي، هي نالو الله تعالىٰ لاءِ مخصوص آهي، ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي تي رکڻ جائز ناهي.
الرَحِيمُ	**نهايت ٻاجهارو:** رحم ڪرڻ وارو، دنيا ۽ آخرت ۾ مؤمنن کي معاف ڪرڻ وارو، کين سندس عبادت واري راهه ڏيکاريائين ۽ پاڻ ئي کين آخرت ۾ جنت جو اعزاز ماڻائيندو.
العَفُوُّ	**معاف ڪندڙ:** جيڪو درگذر ڪري گناهه ميٽي ڇڏيندو آهي، سزا جي مستحق هجڻ جي باوجود ٻانهي کي ان تي سزا نه ڏيندو آهي.
الغَفُورُ	**بخشٽهار:** جيڪو گنهگار جي گناهه تي پردو ڏئي ڪيس خواريءَ کان بچائيندو آهي ۽ ان تي کيس سزا نه ڏيندو آهي.
الغَفَّارُ	**گهڻو بخشيندڙ:** بخشش گهرندڙ گنهگار ٻانهي تي الله تعالىٰ جي گهڻي بخشش تي دلالت ڪرڻ وارو نالو آهي.
الرَّؤوفُ	**شفقت وارو:** تمام گهڻي ۽ وڏي ٻاجهه وارو. اها دنيا ۾ سڄي مخلوقات لاءِ عام آهي، ۽ آخرت ۾ رڳو مؤمنن لاءِ آهي.
الحَلِيمُ	**بردبار:** جيڪو پنهنجي ٻانهن کي سزا ڏيڻ جي سگهه رکڻ جي باوجود سزا ڏيڻ ۾ جلد بازي نه ڪندو آهي، بلڪ ڪائنڪ درگذر ڪندو آهي، ۽ معافي گهرندڙن کي معاف ڪري ڇڏيندو آهي.
التَّوابُ	**توبہ قبوليندڙ:** پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي گهري تنهن کي توبہ جي توفيق ڏيندڙ ۽ سندن توبہ قبول ڪندڙ آهي.
السِّتِّيرُ	**ڍڪ ڍڪيندڙ:** جيڪو پنهنجي ٻانهي جو ڍڪ ڍڪيندو آهي، کيس خلق ۾ خوار نه ڪندو آهي، پنهنجي ٻانهي لاءِ کيس هي گالهه بہ پسند آهي تہ هو پنهنجو ڍڪ بہ ڍڪي تہ ٻين جو بہ ڍڪي ۽ پنهنجو ننگ نہ اگهاڙي.
الغَنِيُّ	**بي پرواهہ:** جيڪو پنهنجي هر طرح جي ڪمال ۽ ڪامل صفتن جي ڪري سندس مخلوق مان ڪڏهن بہ ڪنهنجو محتاج نہ ٿيندو آهي، ۽ سارو جڳ سندس محتاج ۽ سندس نعمتن ۽ تعاون جو گهرجائو آهي.
الكَرِيمُ	**سخي:** گهڻي ڏيلائي، وڏي ٿوري ۽ عطا جو مالڪ، جنهن کي جو وٺيس، جيئن وٺيس، سو ڏئي، گهرڻ سان يا بنا گهر جي، ڏوهہ معاف ڪري ۽ عيب ڍڪي ڇڏي.
الأَكْرَمُ	**وڏي سخا وارو:** سخاوت جي انتها کي پهتل، انهيءَ ۾ سندس کو برابر ئي ناهي، هر ڏيلائي ان وٽان آهي، مؤمنن کي پنهنجي فضل سان بدلو ڏيندو آهي ۽ منهن ڦيرينڊڙن کي مهلت ڏيندو ۽ عدل انصاف سان انهن جو محاسبو ڪندو آهي.
الوَهَّابُ	**ڏاتار:** گهڻي بخشش وارو، بنا بدلي ڏيندو، بنا غرض بخشيندو ۽ بنا گهرڻ جي انعام ڪندو آهي.
الجَوَادُ	**وڏو سخي:** گهڻي عطين وارو، پنهنجي مخلوق تي وڏي مهربانيءَ وارو، مٿس ايمان آنيندڙن لاءِ سندس سخاوت ۽ فضل ۾ وڏو حصو آهي.
الوَدودُ	**پيار ڪندڙ:** پنهنجي دوستن سان محبت ڪندو آهي، کين بخشي ۽ نعمتون ڏئي ساڻن پيار ڪندو آهي، ڪائنڪ راضي ٿيندو آهي، سندن عمل قبول ڪندو ۽ ڏرتيءَ تي کين قبوليت بخشيندو آهي.
المُعْطِي	**عطيو ڪندڙ:** پنهنجي مخلوق مان جنهن کي وٺيس سندس خزاني مان جو ڪجهہ وٺيس سو ڏيندو آهي، سندس عطا ۾ سندس دوستن جو وڏو حصو آهي، اهوئي آهي جنهن هر شيءِ کي بناوت ۽ صورت ڏني آهي.
الوَاسِعُ	**ڪشادو:** وسيع صفتن وارو، سندس تعريف جي ڳاڻاٽي جي ڪا حد ئي ناهي، وسيع عظمت ۽ بادشاهي وارو، ڪشادي مغفرت ۽ رحمت وارو، وڏي فضل ۽ احسان وارو.
المُحْسِنُ	**احسان ڪندڙ:** جيڪو پنهنجي ذات، نالن، صفتن ۽ افعال ۾ ڪامل حسن وارو آهي، هر شيءِ جي تمام سهڻي تخليق ڪئي اٽئين، پنهنجي مخلوق تي وڏا احسان ڪيا اٽئين.
الرَّازِقُ	**رزق ڏيندڙ:** جيڪو پوري مخلوقات کي رزق ڏيندو آهي، ڪائنات کي خلقڻ کان اڳ ان جا رزق مقدر ڪري ڇڏيائين، انهن جي پوري ڪرڻ جو ضامن آهي، جيتوڻيڪ ان ۾ ڪجهہ وقت ئي لڳي وڃي.
الرَّزَّاقُ	**گهڻو رزق ڏيندڙ:** سندس مخلوق کي گهڻي رزق ڏيڻ تي دلالت ڪندڙ نالو آهي، اهڙي پاڪ ذات آهي جو سندن گهرڻ کان اڳ ئي کين ڏئي ڇڏي، بلڪ سندس نافرماني ۽ معصيت جي باوجود کين رزق ٿو ڏئي.
اللَّطِيفُ	**باريڪ بين:** تمام باريڪ معاملن جو ڄاڻيندڙ، ڪابہ شيءِ ڳجهي ناهي، پنهنجي ٻانهن کي اهڙي مخفي اسبابن مان پلائي ۽ نفعو ٿو رسائي جو سندن وهم گمان ۾ ئي نہ هوندو آهي.
الخَبِيرُ	**وڏي خبر رکندڙ:** جنهن جو علم هر شيءِ جي ڳجهہ ۽ باطن کي ائين محيط آهي جيئن انهن جي ظاهر کي ڏسندڙ آهي.
الفَتَّاحُ	**کولينڊڙ :** جيڪو پنهنجي حڪمت ۽ علم جي تقاضا مطابق پنهنجي ملڪ، رحمت ۽ رزق جا جيترا خزانا گهري اوترا کوليندو آهي.
العَلِيمُ	**ڄاڻٽهار:** جنهن جو علم هر شيءِ جي ظاهر، باطن، ڳجهہ ۽ ڇڙائي کي گهيراؤ ڪندڙ آهي، ڪابہ شيءِ ڪائنس ڳجهي ناهي.

البَرُّ	**پلائي ڪندڙ:** جيڪو پنهنجي مخلوق تي وڏو احسان ڪندڙ آهي، ايتري عطا ڪندو آهي جو ڪنهن کي به سندس نعمتن جي ڳڻٽ ۾ شمار ڪرڻ جي ڪا سگهه ئي ناهي، جيڪو پنهنجي واعدي ۾ سچار آهي، پنهنجي بانهي کان درگذر ڪندو آهي، ان جي مدد ڪندو آهي، ان جي حمايت ڪندو آهي، ان جي توبهه کي قبول ڪري ان کي وڏائيندو آهي.
الحَكِيمُ	**ڏاهو :** جيڪو هر شيءِ کي پنهنجي جاءِ تي رکندو آهي، سندس تدبير ۾ نه کو خلل پئي ۽ نه پنهنجي جاءِ کان هٽي.
الحَكَمُ	**حاڪر :** جيڪو پنهنجي مخلوق جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪندو آهي، منجهائنس ڪنهن تي ظلم نه ڪندو آهي، جنهن پنهنجو مانائتو ڪتاب هن ڪري نازل ڪيو ته جيئن انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪري.
الشَّاكِرُ	**قدردان:** جيڪو سندس فرمانبرداري ڪري، تنهنجي مٿس مدح ۽ ساراهه ڪندو آهي، هر عمل جو بدلو ڏيندو آهي، جيتوڻيڪ ٿورڙو هجي، نعمتن جي شڪر بدران دنيا ۾ منجهن واڌارو ڪندو آهي ۽ آخرت ۾ ڇهوڻو اجورو ڏيندو آهي.
الشَّكُورُ	**مڃوتي مڃيندڙ:** بانهن جي عمل مان ٿورو به وٽس وڌندو آهي ۽ ڪين ٻيٽو اجر ڏيندو آهي، الله تعالىٰ جي شڪر جي معنىٰ هي آهي ته هو بانهي کي سندس شڪر تي ثواب ڏيندو آهي ۽ ان جو نيڪ عمل قبول ڪندو آهي.
الجَمِيلُ	**حسين :** جيڪو پنهنجي ذات، نالن، صفتن ۽ افعال ۾ هر طرح ڪامل جمال وارو آهي، سندس مخلوق جو هر جمال ان اعلىٰ ۽ پاڪ ذات وٽان آهي.
المَجِيدُ	**بزرگ :** اها پاڪ ذات آهي جنهن کي آسمانن ۽ زمين ۾ فخر، ڪرم، عزت ۽ بلندي ڪرڻ جڳائي.
الوَلِيُّ	**آقا :** پنهنجي مخلوق جي معاملات ۾ سندس ملڪ جي تدبير کي قائم ڪندڙ، پنهنجي دوستن جو حامي ۽ مددگار.
الحَمِيدُ	**ساراهيل:** سندس نالن، صفتن ۽ افعال تي ساراهيل، جنهن جو هر خوشي ۽ غم، هر ڏک ۽ سک ۾ حمد ڪيو ٿو وڃي، اهو ئي هر حمد ۽ ثنا جو مستحق آهي، ڇاڪاڻ ته اهو هر ڪمال سان موصوف آهي.
المَوْلَى	**سائين :** اهوئي پنهنجي دوستن ولين جو ڌڻي، بادشاهه، سردار، ناصر ۽ مددگار آهي.
النَّصِيرُ	**مددگار:** جيڪو پنهنجي مدد سان جنهن جي وٽيس تائيد ڪندو آهي، جنهن جي مدد ڪري، تنهن تي کو غالب ئي نه ٿي سگهي، ۽ جنهن کي رسوا ڪري، تنهن جي کو مدد ئي نه ڪري سگهي.
السَّمِيعُ	**ٻڌندڙ:** جنهن جو ٻڌڻ هر ڳجهه ۽ راز، هر ڌاڙيان ۽ زور، بلڪ هر آواز کي احاطو ڪندڙ آهي، ڪيترو به سنهو هجي يا ٿلهو، جيڪو ڪيس سڏي تنهن کي اهوئي جواب ڏيندڙ آهي.
البَصِيرُ	**ڏسندڙ:** جنهن جي ڏسڻ غيب ۽ حاضر جي عالم جي ساري موجودات جو احاطو ڪيو آهي، ڪيترو به ڳجهيون هجن يا ظاهر، سنهيون هجن يا ٿلهيون.
الشَّهِيدُ	**گواهه:** جيڪو پنهنجي مخلوقات تي گواهه آهي، پنهنجي لاءِ وحدانيت ۽ عدل قائم ڪرڻ جي گواهي ڏني اٿس، مؤمن به جيڪڏهن سندس توحيد تي هلندا ته سندن سچائي جي به گواهي ڏيندو آهي، رسولن ۽ ملائڪن جي به شاهدي ڏيندو آهي.
الرَّقِيبُ	**نگهبان :** جيڪو پنهنجي مخلوق کان آگاهه آهي، سندن اعمال مٿن ڳاٽاٽو ڪندڙ آهي، نه ڪنهن ڏسندڙ جي ڏسڻي ۽ نه ڪنهن دل جي ڪنبٽي ڪانئس گسندي آهي.
الرَّفِيقُ	**شفقت وارو:** اهو پنهنجي افعال ۾ وڏي نرميءَ وارو آهي، تنهن ڪري هو سندس تخليق ۽ اوامر ۾ ڏرائپ ۽ تدريج کان ڪم وٺندو آهي، پنهنجي بانهن سان شفقت ۽ نرميءَ وارو معاملو ڪندو آهي، کين اهڙي تڪليف ۾ نه ڏيندو آهي جنهن جي منجهن سگهه ئي نه هجي، ۽ اهو پنهنجي نرميءَ واري بانهي کي پسند فرمائيندو آهي.
القَرِيبُ	**ويجهڙو:** سندس علم ۽ قدرت سان پنهنجي ساري مخلوق کي ويجهو، سندس لطف ۽ مدد سان پنهنجي مؤمن بانهن جي ويجهو، انهيءَ جي باوجود هو پنهنجي عرش مٿان آهي، سندس ذات پاڪ مخلوقات سان وچڑيل ناهي.
المُجِيبُ	**قبول ڪندڙ:** جيڪو سندس علم ۽ حڪمت جي تقاضا مطابق سڏيندڙن جي سڏ جو جواب ڏيندو آهي ۽ سوال ڪندڙن جا سوال ٻڌندو ۽ قبول ڪندو آهي.
المُقِيتُ	**ڏوت ڏيندڙ:** جنهن کاڌا، خوراڪون ۽ رزق پيدا ڪيا آهن، ۽ مخلوق تائين انهن جي پهچائڻ جو ذمو کنيو آهي، اهو انهن جي حفاظت ڪري ۽ بانهن جي عملن جو بنا نقصان جي محافظ آهي.
الحَسِيبُ	**ڪافي:** جيڪو پنهنجي بانهن کي سندن ساري ديني ۽ دنيوي اهم معاملات ۾ ڪافي آهي، ۽ مؤمن جو سندس ڪفايت ۾ وڏو حصو آهي، ۽ جو ڪجهه دنيا ۾ ڪن ٿا ان جو حساب ڪتاب به ڪائنات اهائي ذات پاڪ وٺندڙ آهي.
المُؤْمِنُ	**امن ڏيندڙ:** سندس رسولن جي تصديق ڪندڙ ۽ انهن جي پوئلڳن جي سچائيءَ جي سندس گواهيءَ ۽ جيڪي سندن سچائيءَ تي دلائل قائم ڪري انهن سان تصديق ڪندڙ. دنيا ۽ آخرت ۾ جيڪو به امن آهي، ان جو عطا ڪندڙ به اهو ئي آهي، پنهنجي مؤمنن تي ڪنهن به قسم جي ظلم ڪرڻ، عذاب ڪرڻ يا قيامت جي ڏينهن جي گهبراهٽ کان هر طرح جو امن ڏيندڙ.
المَنَّانُ	**وڏا ٿورا ڪندڙ:** گهٽو ڏيندڙ، وڏا انعام ڪندڙ، پنهنجي مخلوق تي وڏا احسان ڪندڙ.
الطَّيِّبُ	**پاڪ :** هر قسم جي عيب ۽ نقصان کان پاڪ ۽ سالم، هر طرح جو حسن ۽ ڪمال ڪيس ئي جڳائي، پنهنجي مخلوق تي گهٽي پلائي ڪندڙ، جيڪو رڳو اهڙا عمل ۽ صدقا قبول ڪندو آهي جيڪي پاڪ، حلال ۽ سندس لاءِ خالص هجن.
الشَّافِي	**شفا ڏيندڙ:** جيڪو دلين ۽ جسمن کي سندين بيمارين کان شفا ڏيندو آهي، بانهن جي هٿن ۾ رڳو اهو ڪجهه آهي جيڪو الله تعالىٰ ڪين دوا دارون ميسر ڪري ڏنو آهي، باقي شفا رڳو انهيءَ اڪيلي جي هٿ ۾ آهي.

الحَفِيظُ	**حفاظت کندڙ:** جيڪو پنهنجي فضل سان پنهنجي بانهن ۾ سندن عملن جي حفاظت ۾ بچاءُ ٿو ڪري، ۽ ساري مخلوقات جي پنهنجي قدرت سان رعايت ۽ حفاظت ٿو ڪري.
الوَكِيلُ	**ڪارساز:** جيڪو جهانن جو ڪارساز، سندن تخليق ۽ تدبير جو والي، سندس مخلوق جي ايجاد ۽ امداد جي توڪل ڪندڙ، مؤمن جو وڪيل، جيڪي پنهنجا معاملا پنهنجي محنت کان اڳ سندس حوالي ڪندا آهن، ۽ حاصل ڪرڻ وقت ڪائنس ئي مدد گهرندا آهن، ۽ توفيق ملڻ تي ان جو حمد ۽ شڪر ڪندا آهن، ۽ آزمائش جي حالت ۾ سندن قسمت تي رضامندي جو اظهار ڪندا آهن.
الخَلَّاقُ	**گهڙو پيدا ڪندڙ:** هيءُ الله تعالىٰ جي گهڙي تخليق تي دلالت ڪندڙ نالو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو سدائين پيدا ڪندو ٿو رهي، ۽ انهيءَ عظيم وصف تي قائم ۽ دائم آهي.
الخَالِقُ	**پيدا ڪندڙ:** جيڪو ساري مخلوق کي نئين سر پيدا ٿو ڪري، جن جي اڳي کا مثال ئي نه گذري آهي.
البَارِئُ	**جهان جوڙيندڙ:** جنهن مخلوقات مان جيڪا شيءِ مقدر ۾ مقرر ڪري ڇڏي آهي، تنهن کي ايجاد ڪيو اٽئين ۾ ڪيس وجود بخشيو اٽئين.
المُصَوِّرُ	**صورت ڏيندڙ:** جنهن پنهنجي حڪمت، علم ۽ رحمت جي تقاضا مطابق پنهنجي مخلوق مان هر هڪ کي اها شڪل ۽ صورت ڏني آهي جيڪا سندن لاءِ پاڻ اختيار ڪئي اٽس.
الرَّبُّ	**پالڻهار:** جيڪو پنهنجي مخلوق جي سندس نعمت سان پاڻ ٿو تربيت ڪري، ۽ انهن کي آهسته آهسته ٿو وڌائي، پنهنجي دوستن ولين جي اهڙي تربيت ٿو ڪري جنهن سان سندن دلين جي اصلاح ٿئي، اهو ئي خالق، مالڪ ۽ سردار آهي.
العَظِيمُ	**عظمت وارو:** جنهن کي سندس ذات ۽ اسماء وصفات ۾ هرطرح جي عظمت حاصل آهي، تنهن کي مخلوق تي واجب آهي ته ان جي تعظيم ۽ اجلال ڪن، ان جي امر ۽ نهي جو احترام ڪن.
القَاهِرُ القَهَّارُ	**دٻائيندڙ:** پنهنجي بندن کي هيٺانهون ڪندڙ، پنهنجي مخلوق کي بانهو بنائيندڙ، مٿن مٿانهون، اهو ئي غالب آهي جنهن جي آڏو گردن جهڪيل ۽ چهرا هيٺ ٽيل آهن. **ڏاڍو وارو:** هي (قاهر) جو مبالغو آهي، يعني : وڏي ڏاڍ وارو، گهڙو دٻائيندڙ .
المُهَيْمِنُ	**نگهبان:** ڪنهن شيءِ تي قائم، ان جو محافظ، مٿس شاهد ۽ ڪيس گهيراؤ ڪندڙ.
العَزِيزُ	**غالب:** ان ۾ هر قسم جي قوّت ۽ غلبي جي معنىٰ آهي، قوت جو غلبو، جنهن کان ڪو ڏاڍو نه ٿي سگهي، جهلجي پوڻ جو غلبو، جو ڪنهنجو محتاج نه هجي، قهر ۽ دٻدٻي جو غلبو، جو ڪابه شيءِ سندس حڪم کان سواءِ چري به نه سگهي.
الجَبَّارُ	**زبردست:** جنهن جي مشيئت هلندڙ هجي، ساري مخلوقات سندس دٻدٻي ۾ هجي، ان جي عظمت جي آڏو جهڪيل هجي، ان جي حڪم جي تابعدار هجي، هو ڀڳل دل جو جوڙيندڙ، فقير کي آسودو ڪندڙ، مشڪل آسان ڪندڙ، بيمار ۽ زخمي کي چٽائيندڙ آهي.
المُتَكَبِّرُ	**وڏائيءَ وارو:** اهوئي وڏو آهي، هر خرابي ۽ نقصان کان بلند ۽ برتر، پنهنجي بانهن تي ظلم ڪرڻ کان مٿانهون، پنهنجي مخلوق جي سرڪشن کي جهڪائيندڙ، اهوئي ڪبريائي سان موصوف آهي، جيڪو ساٽس ان ۾ مقابلي جي ڪوشش ڪري ته ان جي چيلهه ٽوڙي ۽ عذاب ۾ وجهي ڇڏيس.
الكَبِيرُ	**وڏو :** اهوئي پنهنجي ذات، پنهنجي صفتن ۽ پنهنجي افعال ۾ عظيم آهي، ڪابه شيءِ ان کان وڏي ناهي، بلڪ ان کان سواءِ هر شيءِ سندس جلال ۽ عظمت آڏو هيچ آهي.
الحَيِيُّ	**وڏي حياءَ وارو :** ان جو حياءُ اهڙو آهي جيڪو سندس ذات پاڪ جي جلاليت ۽ عظيم شهنشاهيت کي جڳائي، الله تعالىٰ جو حياءُ ڪرم، پلائي، سخاوت ۽ جلال وارو حياءُ آهي.
الحَيُّ	**جيئرو :** ان جي حياتي دائمي ۽ ڪامل آهي، اهڙو بقاءُ جنهن کي نه اول آهي ۽ نه آخر، ڪائنات ۾ جيڪا به حياتي آهي، سا ان پاڪ ذات ﷻ جي طرفان آهي.
القَيُّومُ	**هميشه رهندڙ :** پنهنجو پاڻ قائم، پنهنجي مخلوق کان بي پرواهه، آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهه آهي تنهن کي قائم ڪندڙ، اهي سيئي سندس محتاج آهن.
الوَارِثُ	**وارث :** ساري مخلوق جي فنا ٿيڻ کان پوءِ اهوئي باقي رهندو، سڀ شيون پنهنجي مالڪن جي فنا ٿيڻ کان بعد ڏانهس ئي موٽنديون، جيڪا به شيءِ اسان جي هٿن ۾ آهي، سا امانت آهي، هڪ ڏينهن ضرور پنهنجي حقيقي مالڪ ﷻ ڏانهن موٽندي.
الدَيَّانُ	**جزا ڏيندڙ:** ساري مخلوق جنهن جي پوئلڳ ۽ تابعدار آهي، پنهنجي بندن کي سندن عملن جي جزا ڏيندڙ، جيڪڏهن چڱائي هوندي ته ان کي وڌائيندو ۽ جيڪڏهن برائي هوندي ته ان تي سزا ڏيندو يا معاف ڪندو.
المَلِكُ	**بادشاهه:** جنهن جو امر، نهي ۽ غلبو آهي، اهوئي پنهنجي مخلوقات ۾ سندس حڪم ۽ فعل سان تصرف ڪندڙ آهي، سندس ملڪ کي قائم رکڻ ۽ ان جي سنيال ڪرڻ ۾ مٿس ڪنهن جي ڪا مهرباني ناهي.
المَالِكُ	**مالڪ :** جهان جو اصلي ۽ حقيقي مالڪ، مخلوق کي پيدا ڪرڻ جي شروعات کان ونئي ملڪ ان جوئي آهي، جڏهن ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو وجود ئي نه هيو، آخر ۾ مخلوقات جي زوال واري وقت به ملڪ ان جو ئي رهندو.
المَلِيكُ	**هر شيءِ جو مالڪ :** هيءُ هر طرح جي ملڪيت واري صفت تي دلالت ڪندڙ نالو آهي، (مَلِكَ) کان وڌيڪ مبالغي وارو آهي.

السُّبوحُ	**هر طرح پاڪ :** هر عيب ۽ نقصان کان پاڪ، ڇاڪاڻ تہ هرطرح جي ڪمال ۽ جمال وارا اوصاف ان جائي آهن.
القُدُّوسُ	**پاڪ:** ڪهڙي به طرح ۽ ڪنهن به قسم جي نقص ۽ عيب کان بلڪل صاف ۽ پاڪ، اهو انهيءَ ڪري جو هو پنهنجي ڪمال مطلق واري وصفن ۾ منفرد آهي، تنهن ڪري ان جي ڪا مثال ئي بيان نہ ڪري سگهبي آهي.
السَّلامُ	**سلامتيءَ وارو:** هر نقص ۽ عيب کان آجو، پنهنجي ذات ۾ يا سندس اسماء وصفات ۽ افعال ۾. دنيا ۽ آخرت ۾ جيڪا به سلامتي آهي، سا ان الله ﷻ وٽان آهي.
الحَقُّ	**برحق :** جنهن ۾ ڪو شڪ شبهو ئي ناهي، نہ ان جي ناالن ۽ صفتن ۾ ۽ نہ ان جي الوهيت ۾، اهوئي معبود برحق آهي، ان کان سواءِ ڪوبہ معبود برحق ناهي.
المُبِينُ	**چٽو پڌرو:** ان جو امر سندس وحدانيت، سندس حڪمت ۽ سندس رحمت ۾ چٽو آهي، انهيءَ ئي پنهنجي ٻانهن لاءِ هدايت جو رستو پڌرو ڪيو آهي تہ جيئن ان جي پيروي ڪن، ۽ گمراهيءَ جو راهون بہ واضح ڪيون اٿس تہ جيئن انهن کان بچن.
القَوِيُّ	**طاقت وارو :** هرطرح جي قدرت، ڪامل مشيت سان گڏ ان جي ئي آهي.
المَتِينُ	**مضبوط:** جيڪو پنهنجي قوت ۽ قدرت ۾ تمام سخت آهي، سندس افعال ۾ نہ ڪيس کا مشقت ٿئي، نہ کا تڪليف ۽ نہ ڪو ٿڪ.
القَادِرُ	**سگهہ وارو:** هر شيءِ تي وس وارو، ڪيس زمين ۽ آسمان ۾ ڪابہ شيءِ عاجز نہ ڪري سگهندي آهي، هر شيءِ جي تقدير اهوئي ناهيندڙ آهي.
القَدِيرُ	**وڏي سگهہ وارو:** هي بہ (قادر) جي معنيٰ ۾ آهي، پر الله تعاليٰ جي تعريف ۾ (قدير) وڌيڪ مبالغي وارو نالو آهي.
المُقْتَدِرُ	**وڏي قدرت وارو :** الله تعاليٰ جي اڳوٽي علم مطابق تقديرن جي تخليق ۽ انهن جي تنفيذ تي الله تعاليٰ جي قدرت ۾ مبالغي تي دلالت ڪندڙ نالو آهي.
العَلِيُّ الأعْلى	**مٿانهين شان وارو :** جنهن جو شان مٿانهون، قهر مٿانهون، ذات مٿانهين، هر شيءِ سندس قبضي ۽ قوت جي ما تحت آهي، ان کان مٿي بلڪل ڪابہ شي ناهي. **تمام مٿانهون.**
المُتَعَالُ	**مٿانهون:** جنهن جي علو جي آڏو هر شيءِ هيٺانهين آهي، ڪابہ شيءِ ان کان مٿي هرگز ناهي، بلڪ هر شيءِ ڪائنس هيٺ ۽ سندس قبضي ۽ قوت ۾ آهي.
المُقَدِّمُ	**اڳتي ڪندڙ :** جيڪو هر شيءِ کي اڳتي ڪندو آهي، ۽ سندس ارادي ۽ حڪمت مطابق انهن کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکندو آهي، ۽ انهن جي فضيلت جي سندس جاڻ مطابق انهن کي هڪبئي کان مقدم ڪندو آهي.
المُؤَخِّرُ	**پوئتي ڪندڙ:** جيڪو هر شيءِ کي پنهنجو پنهنجو مقام ڏيندو آهي، سندس حڪمت سان جنهن کي وٽيس اڳتي ڪري ۽ جنهن کي گهري پنتي ڪري، پنهنجي ٻانهن کان عذاب پنتي ڪندو آهي تہ شايد توبہ ڪن ۽ گناهن کان باز اچن.
المُسَعِّرُ	**اڳهہ ڪندڙ:** جيڪو سندس حڪمت ۽ علم مطابق شين جي قيمت، قدر ۽ تاثير وڌائيندو يا گهٽائيندو آهي، تنهن ڪري شيون مهانگيون يا سستيون ٿيندين آهن.
القَابِضُ	**پڪڙيندڙ :** جيڪو روح قبض ڪندو آهي، پنهنجي مخلوقات مان جنهن جو رزق وٽيس تہ پنهنجي حڪمت ۽ قدرت سان روڪي ڇڏيندو آهي.
البَاسِطُ	**ڪليندڙ :** جيڪو پنهنجي ٻانهن جو رزق سندس سخاوت ۽ رحمت سان ڪشادو ڪندو آهي، ۽ سندس حڪمت جي تقاضا مطابق انهيءَ سان انهن جي آزمائش ڪندو آهي، ۽ جيڪو برائي ڪري تنهن جي توبہ لاءِ پنهنجا ٻئي هٿ ڪليندو آهي.
الأوَّلُ	**پهريون :** جنهن کان اڳ ڪابہ شيءِ نہ هئي، بلڪ ساري مخلوقات سندس خلقڻ سان ئي نئين سر پيدا ٿي آهي، باقي پاڻ الله تعاليٰ جي وجود جي ڪا ابتدا ئي ڪانهي.
الآخِرُ	**پويون:** جنهن کان پوءِ ڪابہ شيءِ ڪانهي، اهوئي باقي رهندو، جيڪا بہ شيءِ روءِ زمين تي آهي، سا فنا ٿيندڙ آهي، پوءِ سڀ ڏانهنس موٽندا، ۽ سندس وجود جي ڪا انتها ئي ڪانهي.
الظَّاهِرُ	**پڌرو :** هر شيءِ جي مٿان بلند، ڪابہ شيءِ ان جي مٿان ناهي، هر شيءِ کي زير ڪندڙ ۽ ان جو گهيراؤ ڪندڙ آهي.
البَاطِنُ	**ڳجهو :** جنهن کان هيڻ ڪابہ شيءِ ناهي، اهوئي ويجهو، احاطو ڪندڙ، دنيا ۾ مخلوق جي نظرن کان اوجهل آهي.
الوِتْرُ	**اڪيو :** اهوئي اڪيلو آهي، جنهن جو ڪو شريڪ ناهي، هڪ آهي، جنهن جو ڪو مثال ئي ناهي.
السَّيِّدُ	**سردار :** جنهن کي پنهنجي مخلوق تي ڪامل سرداري آهي، اهوئي سندن مالڪ ۽ ڌڻي آهي، اهي سڀ سندس مخلوق ۽ ٻانها آهن.
الصَّمَدُ	**بي نياز:** اهوئي سردار آهي، جيڪو پنهنجي سرداريءَ ۾ ڪمال کي پهتل آهي، ساري مخلوقات ان ڏانهن پنهنجي سخت محتاجي جي ڪري پنهنجي سموري حاجتن لاءِ ڏانهس ئي رخ ڪندا آهن، اهوئي آهي جيڪو ڪارائيندو آهي ۽ ڪائيندو ناهي.
الوَاحِدُ الأحَدُ	**هڪ:** جيڪو پنهنجي هر طرح جي ساري ڪمالات ۾ اڪيلو ۽ منفرد آهي، ان ۾ سندس ڪو شريڪ ناهي، ۽ ان جهڙو بہ ڪوئي ناهي، ان جي تقاضا هي آهي تہ ڪيس عبادت ۾ بنا ڪنهن شريڪ جي اڪيلو ڪيو وڃي. اڪيلو .
الإلَهُ	**معبود :** اهوئي معبود برحق آهي، اڪيلو ڪنهن ٻئي کان سواءِ عبادت جو مستحق آهي.

١٣ الله تعالىٰ جي نالن ۾ صفتن ۾ کھڙو فرق آهي؟ جيتوڻيڪ الله تعالىٰ جا نالا ۽ صفتون ساڻن پناهه گهرڻ ۽ قسم کڻڻ جي جائز هجڻ ۾ مشترڪ آهن، پر انهن ۾ ڪي فرق آهن، جن مان اهم هي آهن : پهريون : الله جي نالن سان عبديت لڳائڻ ۽ انهن سان دعا گهرڻ جائز آهي، جڏهن ته سندس صفتن سان ائين جائز ناهي. جيئن : عبدالڪريم نالو رکڻ ته جائز آهي، پر "عبدالڪرم" نالو رکڻ جائز ڪونهي. اهڙيءَ طرح "ياڪريم" چئي دعا گهرڻ جائز آهي، پر "يا ڪرم الله" چئي دعا گهرڻ جائز ناهي. ٻيو : الله تعالىٰ جي نالن مان صفتون جوڙيون ويندیون آهن. جيئن : "الرحمٰن" مان "رحمت" جي صفت نڪرندي آهي. پر الله جي صفتن مان ان جا اهڙا نالا جيڪي شريعت ۾ ثابت ناهن نٿا جوڙي سگهجن. جيئن "الاستواء" (برابر ٿيڻ) جي صفت مان "المستوي" (برابر ٿيندڙ) نالو نه ٿو جوڙي سگهجي. ٽيون : الله تعالىٰ جي افعال (ڪمن) مان ان جا اهڙا نالا نٿا جوڙي سگهجن جيڪي شريعت ۾ آيل نه هجن. جيئن "غضب" (ڪاوڙ) جي فعل مان الله جو نالو "الغاضب" (ڪاوڙيل) نه ٿو جوڙي سگهجي. پر سندس فعلن (ڪمن) مان سندس صفتون جوڙي سگهجن ٿيون. جيئن : "غضب" الله تعالىٰ جي صفتن مان ميجون ٿا، چاڪاڻ ته غضب سندس افعالن مان آهي.

١٤ ملائڪن تي ايمان آڻڻ جي معنىٰ ڇا آهي؟ ان جي معنىٰ آهي : انهن جي وجود جو پڪو يقين رکڻ، ۽ هي ته الله تعالىٰ کين پنهنجي عبادت ۽ پنهنجي حڪم جي نافذ ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي. جيئن انهن لاءِ فرمان آهي ته : ﴿عِبَادٌ مُّكْرَمُونَ ۝٢٦ لَا يَسْبِقُونَهُۥ بِٱلْقَوْلِ وَهُم بِأَمْرِهِۦ يَعْمَلُونَ﴾ "بلڪ (اهي ملائڪ) مان وارا بانها آهن. ڳالهائڻ ۾ ڪائنس اڳرائي نه ٿا ڪن ۽ اهي سندس حڪم تي عمل ڪن ٿا". ملائڪن تي ايمان آڻڻ جي معنىٰ هي آهي ته : **١)** انهن جي وجود کي ميجڻ. **٢)** انهن مان جن جا نالا اسان ڄاڻون ٿا ـ جيئن جبرائيل عليه السلام ـ تنهن کي ميجڻ. **٣)** انهن جي جن صفتن جو اسان کي علم آهي ـ جيئن انهن جي عظيم خلقت ـ ان تي ايمان رکڻ. **٤)** انهن تي مقرر ٿيل وظائف (ڪمن) جي باري ۾ اسان جو ڪجھ ڄاڻون ٿا ان تي ايمان آڻڻ. جيئن موت جو ملائڪ موت لاءِ مخصوص آهي.

١٥ قرآن ڇاهي؟ قرآن الله تعالىٰ جو پاڪ ڪلام آهي، جنهن جي تلاوت ڪرڻ عبادت آهي، ان ذات پاڪ ڏانهن آيو ۽ ان ڏانهن ئي موٽندو. اهو حرفن ۽ آواز سان الله تعالىٰ جو حقيقي ڪلام آهي، جنهن کي جبرائيل عليه السلام ان ذات پاڪ کان ٻڌو ۽ پوءِ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم وٽ پهچايو. سڀ آسماني ڪتاب الله جو ڪلام آهن.

١٦ ڇا قرآن شريف جي ڪري اسان کي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي سنت جي ضرورت ناهي؟ اهو بلڪل غلط آهي. الله تعالىٰ پاڻ اسان کي سنت تي عمل ڪرڻ جو هن آيت ۾ حڪم فرمايو آهي : ﴿وَمَآ ءَاتَىٰكُمُ ٱلرَّسُولُ فَخُذُوهُ وَمَا نَهَىٰكُمْ عَنْهُ فَٱنتَهُوا۟﴾ "جيڪو رسول اوهان کي ڏئي سو وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي روڪي تنهن کان رڪجي وڃو". سنت قرآن جو تفسير ٿي آئي آهي، تنهن ڪري دين جا تفصيلي احڪام جيئن نماز وغيره جا ان کان سواءِ هرگز معلوم نه ٿا ٿي سگهن. پاڻ صلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته : « **أَلَا إِنِّي أُوتِيتُ الْكِتَابَ وَمِثْلَهُ مَعَهُ، أَلَا يُوشِكُ رَجُلٌ شَبْعَانُ عَلَى أَرِيكَتِهِ يَقُولُ: عَلَيْكُمْ بِهَذَا الْقُرْآنِ، فَمَا وَجَدْتُمْ فِيهِ مِنْ حَلَالٍ فَأَحِلُّوهُ، وَمَا وَجَدْتُمْ فِيهِ مِنْ حَرَامٍ فَحَرِّمُوهُ** » "خبردار! مون کي ڪتاب (قرآن پاڪ) ۽ ان سان گڏ ان جيترو ٻيو (حديثي ذخيرو) به ڏنو ويو آهي. خبردار! جلد اهڙا ماڻهو ايندا جيڪي پيٽ ڀرايا، پنهنجي طول وهاڻن تي ٽيڪ ڏئي ويهي، چوندا ته : هن قرآن کي ئي پڪڙي وٺو، جو ڪجھ ان ۾ حلال ڏسو تنهن کي حلال سمجهو ۽ جو ڪجھ ان ۾ حرام ڏسو تنهن کي حرام سمجهو". (ابو داود).

١٧ رسولن تي ايمان آڻڻ جي معنىٰ ڇاهي؟ اها پڪي تصديق ڪرڻ ته الله تعالىٰ هر امت ۾ انهن منجهان ئي رسول موڪليا آهن، جيڪي انهن کي اڪيلي الله جي عبادت ڪرڻ ۽ ان کان سواءِ ٻين کي معبود نه سمجهڻ جي دعوت ڏيندا هئا ۽ اهو يقين ڪرڻ ته اهي سڀ نبي سچار، تصديق وارا، هدايت يافته،

مانائتا، نيڪوڪار، پرهيزگار، امانتدار، هدايت ڪندڙ ۽ هدايت يافتہ هڻا ۽ انهن پنهنجي رسالت جو پيغام پهچايو ۽ اهي مخلوقات ۾ سڀني کان افضل آهن ۽ اهي پنهنجي جمڙ کان مرڻ تائين الله سان شرڪ ڪرڻ کان پاڪ آهن.

١٨ قيامت جي ڏينهن شفاعت جا گهٽا قسم هوندا؟ ان جا ڪئي قسم آهن، جن مان وڏي ۾ وڏو قسم "شفاعت عظمىٰ" آهي. اها هيءَ آهي تہ قيامت جي قائم ٿيڻ واري ڏينهن، جڏهن ماڻهو پنجاهہ هزار سال فيصلي ٿيڻ جو انتظار ڪري چڪا هوندا تہ ان وقت اسانجا پيارا پيغمبر محمد ﷺ پنهنجي رب پاڪ وٽ شفاعت فرمائيندا ۽ ڪائنس سوال ڪندا تہ ماڻهن جو فيصلو فرمايو وڃي. هيءَ شفاعت رڳو اسان جي آقا محمد ﷺ جن سان خاص هوندي ۽ اها ئي مقام محمود آهي جنهن جو ساڻس واعدو ڪيو ويو آهي.

پي شفاعت : جنت جي دروازي ڪولرائڻ جي باري ۾ ٿيندي. سڀ کان پهريائين جنت جو دروازو جيڪا هستي ڪولرائيندي، سا هستي اسان جو پيارو نبي محمد ﷺ هوندا ۽ سڀ کان پهريائين جيڪا امت جنت ۾ داخل ٿيندي سا سندس امت ئي هوندي. **ٽين** : اهڙن ماڻهن جي باري ۾ هوندي جن کي جهنم ۾ وڃڻ جو حڪم مليو هوندو تہ جيئن اهي جهنم ۾ داخل نہ ٿين. **چوٿين** : انهن جي باري ۾ جيڪي هوندا تہ موحد پر گناهن جي ڪري جهنم ۾ داخل ٿيا هوندا، تہ جيئن اهي ان مان ڪڍيا وڃن. **پنجين** : جنت وارن جي درجن جي بلنديءَ لاءِ هوندي. انهن مان آخري ٽي شفاعتون اسان جي نبي ﷺ سان خاص نہ هونديون پر پاڻ انهن ۾ بہ سڀني کان اڳتي هوندا، ڪائنس پوءِ پيا نبي سڳورا، ملائڪ، صالح ٻانها ۽ شهيد هوندا.

ڇهين : ڪن اهڙن ماڻهن لاءِ هوندي تہ جيئن اهي بنا حساب جي جنت ۾ داخل ٿين. **ستين** : ڪن ڪافرن جي عذاب ۾ هلڪائيءَ لاءِ هوندي. هيءَ شفاعت رڳو اسان جي نبي ﷺ ياران پنهنجي چاچي ابوطالب جي باري ۾ خاص هوندي تہ جيئن ان جي عذاب ۾ هلڪائي ڪئي وڃي. **اٺين** : هيءَ تہ الله تعالىٰ پنهنجي رحمت سان بنا شفاعت جي جهنم مان اهڙن ماڻهن کي ڪڍي جيڪي توحيد تي مئا هوندا. انهن جو تعداد الله ئي ڄاڻي ٿو، ڪين پنهنجي رحمت سان جنت ۾ داخل ڪندو.

١٩ ڇا جيئرن کان مدد يا شفاعت گهرڻ جائز آهي؟ ها جائز آهي. شريعت تہ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي، الله ﷻ فرمايو آهي : ﴿ وَتَعَاوَنُواْ عَلَى ٱلۡبِرِّ وَٱلتَّقۡوَىٰ ﴾ "نيڪيءَ ۽ تقويٰ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جو تعاون ڪريو". ۽ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **وَاللَّهُ فِي عَوْنِ الْعَبْدِ مَا كَانَ الْعَبْدُ فِي عَوْنِ أَخِيهِ** » "الله تعالىٰ ايستائين پاڻهي جي مدد ۾ هوندو آهي، جيستائين پاڻهو پنهنجي ڀاءُ جي مدد ۾ هوندو آهي". (مسلم). بهر حال شفاعت وڏي فضيلت وارو ڪم آهي، اها واسطي (سفارش) جي معنىٰ ۾ آهي. الله ﷻ فرمايو آهي: ﴿ مَّن يَشۡفَعۡ شَفَٰعَةً حَسَنَةً يَكُن لَّهُۥ نَصِيبٞ مِّنۡهَا ﴾ "جنهن سٺي ڪم جي شفاعت ڪئي، تنهن جو ان ۾ حصو آهي". ۽ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **اشْفَعُوا تُؤْجَرُوا** » "شفاعت ڪريو، توهان کي ان جو اجر ملندو". (بخاري). **پر ان جا ڪي شرط آهن : ١)** هي تہ مدد يا سفارش جي گهر زنده کان ڪئي وڃي. مئل کان گهرڻ ڪيس ڏڻ ڇٻو، جڏهن تہ مئل سڏ نہ ٻڌندو آهي، الله تعالىٰ جو فرمان آهي : ﴿ إِن تَدۡعُوهُمۡ لَا يَسۡمَعُواْ دُعَآءَكُمۡ وَلَوۡ سَمِعُواْ مَا ٱسۡتَجَابُواْ لَكُمۡ ﴾ "جيڪڏهن توهان کين سڏيندؤ، تہ اهي اوهان جو سڏ نہ ٻڌندا، ۽ جيڪڏهن ٻڌندا بہ، تہ اوهان کي جواب نہ ڏئي سگهندا". ۽ ميت کان دعا ڪيئن گهربي، جڏهن تہ هو پاڻ زندهہ جي دعا جو محتاج هوندو آهي؟ سندس عمل تہ مرندي ئي ختم ٿي ويو، سواءِ انهيءَ ثواب جي جيڪو ڪيس ڪنهن جي دعا وغيره سان حاصل ٿيندو آهي، نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي : « **إِذَا مَاتَ ابْنُ آدَمَ انْقَطَعَ عَمَلُهُ إِلا مِنْ ثَلاثٍ صَدَقَةٌ جَارِيَةٌ أَوْ عِلْمٌ يُنْتَفَعُ بِهِ أَوْ وَلَدٌ صَالِحٌ يَدْعُو لَهُ** » مسلم. (جڏهن آدم ڄائو مرندو آهي، تہ سندس عمل ختم ٿي ويندو آهي، ٽن شين کان سواءِ : هلندڙ صدقو، يا اهڙو علم جنهن کان ڪجهہ پرايو وڃي، يا صالح اولاد جيڪو سندس لاءِ دعا گهرندو رهي). **٢)** هي تہ جيڪو ڪيس ڇيو وڃي سو سمجهي. **٣)** جنهن کان گهريو وڃي سو حاضر هجي. **٤)** اهڙي شيءِ جي

باري ۾ سفارش ڪرائجي جنهن تي قدرت حاصل ٿي سگهندي هجي. ۵) اها دنيوي مامرن بابت هجي. ۶)اهڙي جائز شيءِ جي باري ۾ هجي، جنهن ۾ ڪو نقصان نه هجي.

۲۰ وسيلي جا گهٽا قسم آهن؟ به قسم آهن. **پهريون قسم : جائز آهي.** ان جا ٽي قسم آهن : **۱)** الله جو، سندس نالن ۽ صفتن سان وسيلو ونڻ. **۲)** الله جو، پنهنجي ڪن نيڪ عملن جي ذريعي وسيلو ونڻ. جيئن غار وارن ٽن ساڻين جو قصو آهي. **۳)** الله ڏانهن اهڙي نيڪ صالح زنده ۽ حاضر مسلمان جي دعا جو وسيلو ونڻ، جنهن جي باري ۾ اهو گمان هجي ته سندس دعا قبول پوندي. **ٻيو قسم : حرام آهي.** ان جا به قسم آهن. **۱)** هي ته الله کان نبي ڪريم ﷺ يا ڪنهن ولي‌ءَ جي مانَ مرتبي جو وسيلو ڏئي دعا گهري. مثال هيئن چوي ته : اي الله! آءٌ توکان تنهنجي نبي‌ءَ جي مانَ مرتبي جو واسطو ڏئي سوال ٿو ڪريان. يا : حضرت حسين (رضي الله عنه) جي مانَ جو واسطو ڏئي سوال ٿو گهران. اهو صحيح آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن جو الله وٽ تمام وڏو شانُ آهي. اهڙي‌ءَ طرح نيڪ صالحن بانهن جو پڻ. پر صحابہ ڪرام ڇڏائي‌ءَ جو سڀ کان وڌيڪ حرص رکڻ جي باوجود جڏهن به زمين ۾ ڪو ڏڪر وغيره آيو ته نبي ڪريم ﷺ جي رتبي جو وسيلو نه ورتائون، حالانڪ پاڻ سڳورن جي قبر مبارڪ به سندن وچ ۾ هئي، بس رڳو سندن چاچي عباس رضي الله عنه جي دعا جو وسيلو ورتائون جيڪو تڏهن زندهه هو. **۲)** هي ته بانهو پنهنجي رب کان سندس نبي‌ءَ يا ولي‌ءَ جو قسم ڏئي سوال ڪري. مثال هيئن چوي ته : اي الله! آءٌ توکان تنهنجي فلاڻي ولي جي واسطي، يا فلاڻي نبي‌ءَ جي حق جو واسطو ڏئي سوال ٿو ڪيان. ڇاڪاڻ ته مخلوق جو قسم مخلوق کي وجهڻ ئي جائز ڪونهي ته اهو الله لاءِ ته ان کان به وڌيڪ سخت ناجائز آهي. بانهي جو رڳو الله جي اطاعت جي ڪري مٿس ڪو حق نه ٿيندو آهي.

۲۱ آخرت واري ڏينهن تي ايمان جي معنىٰ ڇاهي؟ ان جي معنىٰ آهي ته : ان ڏينهن جي اچڻ جي پڪي تصديق ڪرڻ ۽ ان ۾ هي به شامل آهي ته : موت کي مڃڻ ۽ ان کان پوءِ قبر جي ڏکيائي ۽ ان ۾ عذاب يا نعمتن ٿيڻ، صور ڦوڪجڻ، ماڻهن جو الله آڏو پيش ٿيڻ، اعمال نامن جو کلڻ، انصاف واري تارازي جو رکجڻ، پلصراط، حوض ڪوثر ۽ شفاعت، تنهن کان پوءِ جنت يا جهنم ۾ وڃڻ، انهن سڀني شين تي ايمان آڻڻ.

۲۲ قيامت جون وڏيون نشانيون ڪهڙيون آهن؟ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **إِنَّهَا لَنْ تَقُومَ حَتَّى تَرَوْنَ قَبْلَهَا عَشْرَ آيَاتٍ فَذَكَرَ الدُّخَانَ وَالدَّجَّالَ وَالدَّابَّةَ وَطُلُوعَ الشَّمْسِ مِنْ مَغْرِبِهَا وَنُزُولَ عِيسَى ابْنِ مَرْيَمَ عليه السلام وَيَأْجُوجَ وَمَأْجُوجَ وَثَلَاثَةَ خُسُوفٍ خَسْفٌ بِالْمَشْرِقِ وَخَسْفٌ بِالْمَغْرِبِ وَخَسْفٌ بِجَزِيرَةِ الْعَرَبِ وَآخِرُ ذَلِكَ نَارٌ تَخْرُجُ مِنْ الْيَمَنِ تَطْرُدُ النَّاسَ إِلَى مَحْشَرِهِمْ** » (قيامت ايستائين قائم نه ٿيندي، جيستائين توهان ان کان اڳ ڏهه نشانيون نه ڏسو، پوءِ پاڻ هينئيون نشانيون ڳٽايائون : دونهون، دجال، زمين وارو جانور، سج جو اولهه کان اپرڻ، عيسىٰ عليه السلام جو نازل ٿيڻ، ياجوج ماجوج جو نڪرڻ، زمين ۾ ٽي ڳهجي وڃڻ جا واقعا ظاهر ٿيڻ، هڪ اوپر ۾، ٻيو اولهه ۾، ٽيون جزيره عرب ۾، آخري نشاني انهن مان آهي باهه جيڪا يمن مان نڪرندي ۽ ماڻهن کي محشر جي ميدان ڏانهن گڏ ڪندي". مسلم.

۲۳ ماڻهن تي وڏي ۾ وڏو فتنو ڪهڙو گذرندو ؟ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **مَا بَيْنَ خَلْقِ آدَمَ إِلَى قِيَامِ السَّاعَةِ أَمْرٌ أَكْبَرُ مِنْ الدَّجَّالِ** » (آدم جي پيدائش کان ويندي قيامت ٿيڻ تائين دجال کان وڏو ڪو فتنو ناهي). مسلم. اهو آدم جي اولاد مان هڪ ماڻهو آهي جيڪو آخري زماني ۾ ايندو، سندس ٻنهي اکين جي وچ تي (ڪ ف ر) جو ڪلمون لکيل هوندو، جنهن کي هر مؤمن پڙهندو، اهو سڀني اک کان ڪاڻو هوندو، سندس اک اپريل انگور وانگر هوندي، نڪرندي ئي پهريون (معاشري جي) اصلاح جي دعوىٰ ڪندو، پوءِ نبوت جي دعوىٰ ڪندو ان کان پوءِ الوهيت جي دعوىٰ ڪندو، ماڻهن ڏانهن اچي ڪين پنهنجي دعوت پيش ڪندو، اهي ڪيس ڪوڙو ڪندا ۽ سندس دعوىٰ جي تردید ڪندا، پوءِ ڪائنڪ ورندو ته سندن ڏن دولت ان

جي ڪڍ لڳي پوندو. صبح جو اٿندا ته وٽن ڪجھ ئي نہ هوندو. پوءِ ٻين ماڻھن ڏانھن وڃي ڪين دعوت ڏيندو. جيڪي ان کي قبول ڪندا ۽ ڪيس سچو سمجھندا، پوءِ آسمان کي حڪم ڪندو ته مينھن وسي پوندو، ۽ زمين کي حڪم ڪندو ته اھا سلا ٻوٽا ڄمائيندي، ۽ ماڻھن ڏانھن ايندو ساڻس پاڻي ۽ باھ هوندا، سندس باھ (حقيقت ۾) پاڻي هوندو، ۽ سندس پاڻي باھ هوندي. مؤمن کي جڳائي ته هر نماز جي پڇاڙيءَ ۾ سندس فتني کان الله جي پناھ گھري. جيڪڏھن ان جي زماني ۾ اچي ته مٿس سورت ڪھف جون شروعاتي آيتون پڙھي، فتني جي ڊپ کان سندس سامھون اچڻ کان پاسو ڪري. پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو آھي : «مَنْ سَمِعَ بِالدَّجَّالِ فَلْيَنْأَ عَنْهُ، فَوَاللَّهِ إِنَّ الرَّجُلَ لَيَأْتِيهِ وَهُوَ يَحْسَبُ أَنَّهُ مُؤْمِنٌ فَيَتَّبِعُهُ مِمَّا يَبْعَثُ بِهِ مِنْ الشُّبُهَاتِ» (جيڪو دجال بابت ٻڌي ته کانئس پري ڀڄي، ڇاڪاڻ ته مون کي الله جو قسم آھي ته جيڪو ماڻھو پاڻ کي مؤمن پائيندي به ان وٽ ويندو تڏھن به سندس شڪ ۽ شبها ٻڌي ان جو تابعدار ٿي پوندو). أبو داود هو زمين تي چاليھ ڏينھن رهندو، ھڪ ڏينھن ھڪ سال برابر هوندو ۽ ھڪ ڏينھن ھڪ ميني برابر هوندو ۽ ھڪ ڏينھن ھڪ هفتي برابر هوندو ۽ سندس باقي ڏينھن اسان جي عام ڏينھن وانگر هوندا، مڪي ۽ مديني کان سواءِ باقي هر ملڪ ۽ هر هنڌ داخل ٿيندو، پوءِ عيسىٰ عليه السلام نازل ٿيندو جيڪو کيس قتل ڪندو.

٢٤ ڇا جنت ۽ جھنم موجود آھن؟ ها موجود آھن، الله تعالىٰ انھن کي انسانن جي خلقڻ کان اڳ خلقيو آھي، اھي ڪڏھن به فنا نہ ٿيندا. الله تعالىٰ جنت جا حقدار پنھنجي فضل سان پيدا ڪيا آھن ۽ جھنم جا حقدار پنھنجي عدل سان پيدا ڪيا اٿئين، هر ھڪ جنھن لاءِ پيدا ڪيو ويو آھي، سو تنھن لاءِ ئي سولو ڪيل آھي.

٢٥ تقدير تي ايمان جي معنىٰ ڇا آھي؟ اھا پڪي تصديق ڪرڻ ته هر ڀلو يا برو الله تعالىٰ جي فيصلي ۽ تقدير تحت ئي ٿئي ٿو. بيشڪ اھو ئي جنھن شيءِ جو ارادو ڪري ٿو سو ڪري ٿو. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آھي ته : « لَوْ أَنَّ اللَّهَ عَذَّبَ أَهْلَ سَمَاوَاتِهِ وَأَهْلَ أَرْضِهِ عَذَّبَهُمْ وَهُوَ غَيْرُ ظَالِمٍ لَهُمْ، وَلَوْ رَحِمَهُمْ كَانَتْ رَحْمَتُهُ خَيْرًا لَهُمْ مِنْ أَعْمَالِهِمْ، وَلَوْ أَنْفَقْتَ مِثْلَ أُحُدٍ ذَهَبًا فِي سَبِيلِ اللَّهِ مَا قَبِلَهُ اللَّهُ مِنْكَ حَتَّى تُؤْمِنَ بِالْقَدَرِ وَتَعْلَمَ أَنَّ مَا أَصَابَكَ لَمْ يَكُنْ لِيُخْطِئَكَ، وَأَنَّ مَا أَخْطَأَكَ لَمْ يَكُنْ لِيُصِيبَكَ وَلَوْ مُتَّ عَلَى غَيْرِ هَذَا لَدَخَلْتَ النَّارَ » "جيڪڏھن الله پنھنجي آسمانن واري ۾ زمين واري کي عذاب ڪري ته الله انھن کي عذاب ڪرڻ ۾ ظالم نہ هوندو. ۽ جيڪڏھن انھن تي رحم ڪري ته ان جي رحمت سندن عملن کان بهتر هوندي. ۽ جيڪڏھن تون الله جي رستي ۾ اُحد جبل جيڏو سون خرچ ڪرين ته به الله تعالىٰ توکان اھو ان وقت تائين قبول نہ ڪندو جيستائين تون تقدير تي ايمان نہ آڻين ۽ اھو ڄاڻين ته جو ڪجھ توکي رسيو آھي، سو توکان ڪڏھن ٽرٽو ئي نہ ھو، ۽ جو ڪجھ توکان ٽري ويو، سو تو کي رسڻو ئي نہ ھو ۽ جيڪڏھن تون ان عقيدي کان سواءِ مري وئين ته جھنم ۾ داخل ٿيندين" (احمد ۽ ابوداود). تقدير تي ايمان آڻڻ ۾ چار ڳالهيون شامل آھن ! اھو ايمان رکڻ ته الله تعالىٰ هر شيءِ کي چڱيءَ طرح پوري تفصيل سان ڄاڻي ٿو. **٢)** اھو ايمان رکڻ ته ان اھو سڀ ڪجھ لوح محفوظ ۾ لکي ڇڏيو آھي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آھي ته : « كَتَبَ اللَّهُ مَقَادِيرَ الْخَلَائِقِ قَبْلَ أَنْ يَخْلُقَ السَّمَاوَاتِ وَالأَرْضَ بِخَمْسِينَ أَلْفَ سَنَةٍ » "الله تعالىٰ مخلوق جي تقدير آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ کان پنجاھ هزار سال اڳ لکي ڇڏي آھي" (مسلم). **٣)** الله تعالىٰ جي ان مشيت (ارادي) تي ايمان آڻڻ، جيڪا نافذ آھي، کا به شيءِ ان کي رد نہ ٿي ڪري سگھي ۽ ان جي ان قدرت تي، جنھن کي کا به شيءِ عاجز نہ ٿي ڪري سگھي، جو ڪجھ هو چاھيندو سو ٿيندو ۽ جو نہ چاھيندو سو نہ ٿيندو. **٤)** اھو ايمان رکڻ ته الله تعالىٰ هر شيءِ جو خالق ۽ موجد آھي ۽ ان کان سواءِ باقي هر شيءِ ان جي مخلوق آھي.

٢٦ ڇا مخلوق کي به حقيقي قدرت ۽ ارادو حاصل آھي؟ ها انسان کي به مشيت، ارادو ۽ اختيار حاصل آھي، پر اھل الله تعالىٰ جي مشيت کان ٻاھر نہ هوندي آھي، الله تعالىٰ جو فرمان آھي : ﴿وَمَا تَشَآءُونَ إِلَّآ أَن يَشَآءَ ٱللَّهُ﴾ "توھان نہ ٿا چاھي سگھو جيستائين الله نہ چاھي)". نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آھي ته : « اعْمَلُوا فَكُلٌّ مُيَسَّرٌ لِمَا خُلِقَ لَهُ » "عمل ڪندا رهو، بس هر ھڪ ان لاءِ ئي سولو ڪيل آھي جنھن لاءِ کيس

پيدا كيو ويو آهي" (متفق عليه). الله تعالىٰ اسان كي عقل، كن ۽ اكيون ڏنيون آهن تہ جيئن چڱي عمل ۽ خراب عمل ۾ فرق كري سگهون. ڇا كو اهڙو عقل وارو بہ آهي، جيكو چوري كري، وري چوي تہ الله منهنجي مٿان اهو كرڻ لكي ڇڏيو هو؟ جيكڏهن كو ائين چوندو تہ ماڻهو كيس معذور سمجهي معاف نہ كندا، بلكہ ان تي كيس سزا ڏئي چيو ويندو تہ : اها سزا بہ الله تو لاءِ لكي ڇڏي هئي. تنهن كري تقدير جو دليل ڏيڻ ۽ بهانو كرڻ جائز ناهي، بلكہ اهو تہ خود تقدير كي جهٽلائڻ آهي. الله تعالىٰ فرمايو آهي : ﴿سَيَقُولُ ٱلَّذِينَ أَشۡرَكُواْ لَوۡ شَآءَ ٱللَّهُ مَآ أَشۡرَكۡنَا وَلَآ ءَابَآؤُنَا وَلَا حَرَّمۡنَا مِن شَيۡءٖۚ كَذَٰلِكَ كَذَّبَ ٱلَّذِينَ مِن قَبۡلِهِمۡ﴾. (مشرك اجهو چوندا تہ، جيكڏهن الله گهري ها تہ نہ اسان شرك كيون ها ۽ نہ اسان جا ابا ڏاڏا كن ها ۽ نہ كا شيءِ اسان حرام كيون ها. اهڙيءَ طرح انهن كان اڳ آيلن بہ جهٽلايو هو).

٢٧ احسان ڇا آهي؟ نبي كريم ﷺ ان شخص جي جواب ۾ فرمايو جنهن كائنئ احسان جي باري ۾ سوال كيو تہ : «**أَنْ تَعْبُدَ اللَّهَ كَأَنَّكَ تَرَاهُ، فَإِنَّكَ إِنْ لَمْ تَكُنْ تَرَاهُ فَإِنَّهُ يَرَاكَ**» "تون الله جي ائين عبادت كر جهڙوك تون ان كي ڏسي رهيو آهين، پوءِ جيكڏهن تون كيس نہ ٿو ڏسين، تہ هو توكي ڏسي رهيو آهي". (مسلم). اهو دين جي ٽن مرتبن مان مٿانهون مرتبو آهي.

٢٨ توحيد گهٽا قسم آهي؟ ان جا ٽي قسم آهن : **١)** ربوبيت جي توحيد : يعني الله تعالىٰ كي سندس كمن ۾ اكيلو سمجهڻ. جيئن پيدا كرڻ، رزق ڏيڻ ۽ زنده كرڻ وغيره. نبي كريم ﷺ جن جي بعثت كان اڳ جا كافر بہ توحيد جي هن قسم جا اقراري هئا. **٢)** الوهيت جي توحيد: يعني الله تعالىٰ كي عبادتن ۾ اكيلو سمجهڻ، جيئن : نماز، باس ۽ صدقو وغيره. عبادت ۾ الله كي اكيلو مجرائڻ لاءِ ئي رسول موكليا ويا ۽ كتاب نازل ٿيا. **٣)** الله تعالىٰ جي نالن ۽ صفتن جي توحيد: اها هيءَ تہ الله ۽ سندس رسول ﷺ جن كان جيكي الله تعالىٰ جا سهٽا نالا ۽ پاك صفتون ثابت آهن تن كي بنا كنهن هيرا ڦيري ۽ ناكاره سمجهڻ ۽ بنا كيفيت ۽ بنا تشبيہ جي ثابت مڃڻ.

٢٩ "ولي" كير آهي؟ مؤمن، نيك صالح ۽ متقي پرهيزگار شخص كي ولي چئبو آهي، الله تعالىٰ جو فرمان آهي تہ : ﴿أَلَآ إِنَّ أَوۡلِيَآءَ ٱللَّهِ لَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُونَ ٦٢ ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ وَكَانُواْ يَتَّقُونَ﴾ (خبردار! بيشك الله جي ولين تي كوبہ ڊپ ناهي ۽ نہ ئي اهي غمگين ٿيندا. اهي جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري كندا هئا). نبي كريم ﷺ جن فرمايو: « **إِنَّمَا وَلِيِّيَ اللَّهُ وَصَالِحُ الْمُؤْمِنِينَ** » "بس منهنجو ولي (دوست) : الله ۽ نيك صالح مؤمن آهن". (متفق عليه).

٣٠ نبي كريم ﷺ جن جي اصحابن جي حق ۾ اسان تي ڇا واجب آهي؟ اسان تي انهن سان محبت كرڻ، انهن لاءِ (رضي الله عنهم) چوڻ، پنهنجي دلين ۽ زبانن كي انهن لاءِ صاف ركڻ، انهن جون فضيلتون بيان كرڻ، انهن جي لغزشن ۽ جيكي انهن جا پاڻ ۾ تكرار ٿيا تن كان پنهنجي زبان بند ركڻ، واجب آهي. اهي غلطيءَ كان معصوم ناهن، پر اهي مجتهد آهن، صحيح اجتهاد واري لاءِ بہ اجر آهن، ۽ غلط اجتهاد واري لاءِ هك اجر آهي، سندس غلطي معاف آهي. انهن جا ايترا تہ فضائل آهن جو جيكڏهن كن كان كي لغزشون سرزد ٿيون بہ آهن، تہ انهن كي ميڻي ٽا ڇڏن. انهن مان ڏهہ ڇٽا سڀ كان افضل آهن : ابو بكر پوءِ عمر پوءِ عثمان پوءِ علي پوءِ طلحہ ۽ الزبير ۽ عبد الرحمن بن عوف ۽ سعد بن ابي وقاص ۽ سعيد بن زيد ۽ ابو عبيده ابن الجراح، انهن كان پوءِ عام مهاجر پوءِ جيكي بدر جي جنگ ۾ مهاجر ۽ انصاري شريك ٿيا، پوءِ باقي انصاري، پوءِ باقي ٻيا سڀ صحابي. نبي كريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ : « **لَا تَسُبُّوا أَصْحَابِي فَوَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ لَوْ أَنَّ أَحَدَكُمْ أَنْفَقَ مِثْلَ أُحُدٍ ذَهَبًا مَا أَدْرَكَ مُدَّ أَحَدِهِمْ وَلَا نَصِيفَهُ** » "منهنجي اصحابن كي گاريون نہ ڏيو. ان ذات جو قسم! جنهن جي هٿ ۾ منهنجو ساه آهي بيشك اوهان مان جيكڏهن كو اُحد جبل جي برابر سون (الله جي راهہ ۾) خرچ كري تہ بہ سندن (خيرات كيل) هك پائي يا ان جي اڌ برابر بہ نہ ٿو پهچي

سگهي". (متفق عليه). ۽ بني كريم ﷺ جن فرمايو آهي : «مَنْ سَبَّ أَصْحَابِي فَعَلَيْهِ لَعْنَةُ اللهِ وَالْمَلَائِكَةِ وَالنَّاسِ أَجْمَعِينَ» الطبراني . (جنهن منهنجي اصحابن کي گار ڏني تنهن تي الله ۽ ملائکن ۽ سڀني ماڻهن جي لعنت هجي).

٣١ چا اسان رسول الله ﷺ جن جي مدح ۾ ان حد کان وڌيڪ مبالغو ڪري سگهون ٿا جيڪا ڪيس الله تعالىٰ عطا فرمائي آهي؟ ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اسان جو سردار حضرت محمد ﷺ الله جي مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ شرف وارو ۽ وڏيڪ فضيلت وارو آهي، پر اهو جائز ناهي تہ اسان سندس مدح ۾ ائين وڌاءُ ڪيون جيئن نصارن عيسىٰ بن مريم عليه السلام جي مدح ۾ وڌاءُ ڪيو. ڇاڪاڻ تہ نبي ڪريم ﷺ جن اسان کي ان کان جهليو آهي. سندس فرمان آهي تہ : « **لا تُطْرُونِي كَمَا أَطْرَتِ النَّصَارَى ابْنَ مَرْيَمَ فَإِنَّمَا أَنَا عَبْدُهُ، فَقُولُوا : عَبْدُ اللَّهِ وَرَسُولُهُ** » "منهنجي تعريف ۾ وڌاءُ نہ ڪيو، جيئن نصارن مريم جي پٽ جي باري ۾ وڌاءُ ڪيو. آءٌ تہ رڳو سندس ٻانهو آهيان، تنهن ڪري مون کي : الله جو ٻانهو ۽ سندس رسول چئو". (بخاري).
حديث شريف ۾ آيل لفظ "اطراء" جي معنىٰ آهي : مدح ۾ مبالغو ۽ وڌاءُ ڪرڻ.

٣٢ چا اهل ڪتاب مؤمن آهن؟ يهودي، نصارىٰ ۽ ٻين دينن جا پيروڪار سڀ ڪافر آهن، جيتوڻيڪ اهڙي دين جا پيروڪار هجن جيڪو اصل ۾ صحيح هجي. جنهن نبي ڪريم ﷺ جي بعثت کان پوءِ پنهنجو دين ڇڏي اسلام قبول نہ ڪيو : ﴿ فَلَن يُقْبَلَ مِنْهُ وَهُوَ فِي ٱلْآخِرَةِ مِنَ ٱلْخَٰسِرِينَ ﴾ تہ اهو ڪانئس قبول نہ ڪيو ويندو ۽ اهو آخرت ۾ خساري وارن مان ٿيندو. جيڪڏهن ڪنهن مسلمان انهن جي ڪفر جو اعتقاد نہ رکيو يا انهن جي دين جي باطل هئڻ ۾ شڪ ڪيائين تہ اهو ڪافر ٿي ويندو. ڇاڪاڻ تہ ان الله ۽ سندس نبيءَ جي ڪين ڪافر قرار ڏيڻ واري فيصلي جي مخالفت ڪئي. الله تعالىٰ فرمايو آهي : ﴿ وَمَن يَكْفُرْ بِهِۦ مِنَ ٱلْأَحْزَابِ فَٱلنَّارُ مَوْعِدُهُۥ ﴾ (۽ جن جماعتن هن جو انڪار ڪيو تن جو ٺڪاڻو جهنم آهي). "احزاب" مان مختلف ملتن وارا مراد آهن. ۽ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ : « **وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ لَا يَسْمَعُ بِي أَحَدٌ مِنْ هَذِهِ الْأُمَّةِ يَهُودِيٌّ وَلَا نَصْرَانِيٌّ ثُمَّ لَا يُؤْمِنُ بِي إِلَّا دَخَلَ النَّارَ** » "ان جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجو ساه آهي، تہ هن امت مان جنهن بہ منهنجو نالو ٻڌو آهي يهودي هجي يا نصراني، پوءِ مري وڃي تائين ان مون تي ايمان نہ آندو تہ اهو جهنمين مان آهي". (مسلم) .

٣٣ چا ڪافر تي ظلم ڪرڻ جائز آهي؟ انصاف ڪرڻ واجب آهي، الله تعالىٰ جو فرمان آهي : ﴿ إِنَّ ٱللَّهَ يَأْمُرُ بِٱلْعَدْلِ وَٱلْإِحْسَٰنِ ﴾ (بيشڪ الله انصاف ۽ ڀلائي جو حڪم ٿو ڪري). ۽ ظلم حرام آهي، قدسي حديث ۾ الله تعالىٰ جو فرمان آهي : « **إِنِّي حَرَّمْتُ الظُّلْمَ عَلَى نَفْسِي وَجَعَلْتُهُ بَيْنَكُمْ مُحَرَّمًا فَلَا تَظَالَمُوا** » "مون پنهنجي مٿان ظلم حرام ڪري ڇڏيو آهي ۽ توهان جي وچ ۾ بہ ان کي حرام ڪيو اٿم، تنهن ڪري هڪ ٻئي تي ظلم نہ ڪيو" (مسلم). ۽ مظلوم قيامت جي ڏينهن ظالم کان پنهنجو بدلو وٺندو، نبي ڪريم ﷺ جو فرمان آهي : « **أَتَدْرُونَ مَنِ الْمُفْلِسُ ؟ قَالُوا : الْمُفْلِسُ فِينَا مَنْ لَا دِرْهَمَ لَهُ وَلَا مَتَاعَ، فَقَالَ : إِنَّ الْمُفْلِسَ مِنْ أُمَّتِي يَأْتِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ بِصَلَاةٍ وَصِيَامٍ وَزَكَاةٍ وَيَأْتِي قَدْ شَتَمَ هَذَا وَقَذَفَ هَذَا وَأَكَلَ مَالَ هَذَا وَسَفَكَ دَمَ هَذَا وَضَرَبَ هَذَا فَيُعْطَى هَذَا مِنْ حَسَنَاتِهِ وَهَذَا مِنْ حَسَنَاتِهِ فَإِنْ فَنِيَتْ حَسَنَاتُهُ قَبْلَ أَنْ يُقْضَى مَا عَلَيْهِ أُخِذَ مِنْ خَطَايَاهُمْ فَطُرِحَتْ عَلَيْهِ ثُمَّ طُرِحَ فِي النَّارِ** » مسلم. (ڇاٿو ٿا تہ سچو ڪير آهي؟ عرض ڪيائون تہ : اسان ۾ سچو اهو آهي، جنهن وٽ نہ پيسو پاءُ هجي ۽ نہ مال متاع . جنهن تي پاڻ وراڻيائون تہ : منهنجي امت مان سچو اهو آهي، جيڪو قيامت ڏينهن نماز، روزي ۽ زڪات جهڙا عمل ڪٽي ايندو، پر ڪنهن کي گار ڏني هوندائين، ڪنهن تي تهمت مڙهي هوندائين، ڪنهن جو مال کاڌو هوندائين، ڪنهن کي قتل ڪيو هوندائين ۽ ڪنهن کي ڪو ڏک هنيو هوندائين، پوءِ هن کي سندس نيڪين مان ڏنو ويندو ۽ هن کي سندس نيڪين مان ڏنو ويندو، پوءِ جيڪڏهن مٿس پيل حقوق ادا ڪرڻ کان اڳ سندس نيڪيون ختم ٿي ويون تہ هنن جون منڊايون وٺي مٿس اڇلايون ويندیون ان کان پوءِ کيس جهنم ۾ اڇلايو ويندو). بلڪ قصاص تہ جانورن جي درميان بہ ٿيندو.

٣٤ بدعت چاهي؟ ابن رجب رحمه الله فرمايو آهي تہ : بدعت مان مراد اهڙي نئين شيءِ آهي جنهن جو شريعت ۾ کوبہ بنياد نہ هجي. پر جنهن جو شريعت ۾ کونہ کو بنياد آهي، سا اصطلاحي طور بدعت کانهي، جتوڻيڪ ٻوليءَ جي لحاظ کان اها بہ بدعت آهي.

٣٥ چا دين ۾ سڀ بدعت ۽ بري بدعت آهي؟ شرعي مفهوم مطابق جيڪا بدعت آهي تنهن جي مذمت ۾ ڪئي آيتون ۽ حديثون آيون آهن. اها هي آهي تہ : جيڪا نئين پيدا ڪيل هجي ۽ شريعت ۾ ان جو کوبہ بنياد نہ هجي. نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ : « **وَمَنْ عَمِلَ عَمَلًا لَيْسَ عَلَيْهِ أَمْرُنَا فَهُوَ رَدٌّ** » "جنهن اهڙو عمل ڪيو، جيڪو اسان جي طريقي تي ناهي، سو مردود آهي". (متفق عليه). پڻ فرمايائون : « **فَإِنَّ كُلَّ مُحْدَثَةٍ بِدْعَةٌ وَكُلَّ بِدْعَةٍ ضَلَالَةٌ** » "بيشڪ هر نئين شيءِ بدعت آهي ۽ هر بدعت گمراهي آهي". (ابو داود). امام مالڪ رحمه الله عليہ بدعت شرعيءَ جي معنيٰ بيان ڪندي فرمايو آهي تہ : جنهن اسلام ۾ بدعت جو بنياد وڌو، ان کي سڻو پانيائين، تنهن جڙ اهو گمان ڪيو تہ محمد صلى الله عليه وسلم جن رسالت ۾ خيانت ڪئي آهي، چاڪاڻ تہ الله تعالىٰ فرمائي ٿو : ﴿ ٱلْيَوْمَ أَكْمَلْتُ لَكُمْ دِينَكُمْ وَأَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِى ﴾. (اڄ اوهان جو دين اوهان لاءِ ڪامل ڪيم ۽ پنهنجي نعمت اوهان تي پوري ڪيم).

ڪجهہ حديثن ۾ لغوي بدعت کي ساراهيو ويو آهي. هيءَ اهڙي بدعت آهي : جيڪا شريعت ۾ هئي پر اها وسارجي وئي هئي، پوءِ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ان جي ماٹهن کي ياد ڏيارڻ جي ترغيب ڏني. جيئن نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي فرمان ۾ آهي : « **مَنْ سَنَّ فِي الإِسْلامِ سُنَّةً حَسَنَةً فَلَهُ أَجْرُهَا وَأَجْرُ مَنْ عَمِلَ بِهَا بَعْدَهُ مِنْ غَيْرِ أَنْ يَنْقُصَ مِنْ أُجُورِهِمْ شَيْءٌ** » "جنهن اسلام ۾ سڀ سنت جو بنياد وڌو تنهن کي ان جو ۽ جنهن ان تي ڪائنس پوءِ عمل ڪيو ان جو بہ اجر ڏنو ويندو ۽ عمل وارن جي اجر مان ڪجهہ بہ نہ گهٽايو ويندو". (مسلم). ان ئي معنيٰ ۾ حضرت عمر رضي الله عنه جو هيءُ قول آيل آهي تہ : ڪيڏي نہ چڱي بدعت آهي هيءَ! تراويح نماز ڏانهن سندس اشارو آهي، اها مشروع هئي. نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ان جي ترغيب ڏني ۽ ٻي راتيون پاڻ پڙهايائون ۽ پوءِ ان خوف کان جڏي ڏنائون تہ متان فرض نہ ٿي وڃي. ڪائنس پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه اها نماز پڙهائي ۽ ماٹهن کي ان لاءِ گڏ بہ ڪيائين.

٣٦ نفاق گهٽا قسم آهي؟ بہ قسم آهي. **١- اعتقادي نفاق.** اهو وڏي ۾ وڏو نفاق آهي. اهو هيءُ آهي تہ : ايمان ظاهر ڪري ۽ ڪفر لڪائي. اهڙو منافق دين کان خارج آهي. اهڙي نفاق وارو جيڪڏهن ان ئي حالت ۾ مري ويو تہ اهو ڪافر ٿي مئو. الله تعالىٰ فرمايو آهي: ﴿ إِنَّ ٱلْمُنَٰفِقِينَ فِى ٱلدَّرْكِ ٱلْأَسْفَلِ مِنَ ٱلنَّارِ ﴾ (بيشڪ منافق جهنم جي سڀ کان هيٺين طبقي ۾ هوندا). **انهن جون نشانيون هي آهن تہ :** اهي الله ۽ مؤمنن کي دوکي ۾ رکندا آهن. مؤمنن تي ٽنڊل ڪندا آهن. مسلمانن جي خلاف ڪافرن جي مدد ڪندا آهن. پنهنجي صالح عملن مان سندن مقصد دنياوي مفاد هوندا آهن. **٢- عملي نفاق:** هيءُ نفاق جو ننڍو درجو آهي. هن قسم جي نفاق وارو ماٹهو اسلام مان خارج نہ ٿيندو. پر اهو خطرو هوندو آهي تہ جيڪڏهن توبہ نہ ڪيائين تہ اهو ڪيس وڏي نفاق تي نہ پهچائي ڇڏي. **هن نفاق واري جون هي نشانيون آهن :** جڏهن ڳالهائيندو تہ ڪوڙ ڳالهائيندو. واعدي خلافي ڪندو. جهيڙو ڪندو تہ گارگند ڏيندو. معاهدو ڪندو تہ دوکو ڪندو. امانت رکبس تہ خيانت ڪندو. انهيءَ ڪري صحابہ ڪرام رضي الله عنهم عملي نفاق کان ڊڄندا هئا. ابن ابي مليڪہ رحمه الله فرمايو آهي تہ : مان نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جا ٽيهہ صحابي ڏٺا، سڀئي پنهنجي اندر نفاق جو خوف پيا محسوس ڪن. ابراهيم تيمي رحمه الله فرمايو آهي تہ : جڏهن بہ مون پنهنجو قول پنهنجي عمل آڏو پيش ڪيو تہ مونکي ڊپ ٽيٹ لڳو تہ آءٌ دين کي ڪوڙو سمجهندڙ ٿي نہ هجان. حسن بصري رحمه الله فرمايو آهي تہ : نفاق کان رڳو مؤمن ئي ڊڄندو آهي. ۽ ان کان رڳو منافق ئي بي خوف رهندو آهي. حضرت عمر رضي الله عنه حضرت حذيفہ رضي الله عنه کي چيو تہ : توکي آءٌ الله جو قسم ٿو ڏيان، چا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن منهنجو نالو بہ انهن مان ورتو؟ يعني منافقن مان؟ چيائين تہ : نہ ۽ آءٌ توکانپوءِ ٻئي ڪنهن کي وڏيڪ نيڪ نہ ميجندس.

٣٧ الله وت وڏي ۾ وڏو گناھ ڪھڙو آھي؟ وڏي ۾ وڏو گناھ الله سان شرڪ ڪرڻ آھي. ڇاڪاڻ ته الله تعالىٰ فرمايو آھي : ﴿إِنَّ ٱلشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيمٌ﴾ (بيشڪ شرڪ تمام وڏو ظلم آھي). نبي ڪريم ﷺ جن کان سڀ کان وڏي گناھ جي باري ۾ پڇيو ويو ته پاڻ فرمايائون : « **أَنْ تَجْعَلَ لله نِدًّا وَهُوَ خَلَقَكَ** » "هيءُ ته تون الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪرين، حالانڪ ان تو کي پيدا ڪيو آھي". (متفق عليه).

٣٨ شرڪ ڪھڙا قسم آھي؟ ٻہ قسم آھي. ١- شرڪ اڪبر! هن شرڪ وارو ماڻھو اسلام مان خارج ٿي ويندو ۽ ان کي الله کڏھن ب نہ بخشيندو. الله تعالىٰ جو فرمان آھي ته : ﴿إِنَّ ٱللَّهَ لَا يَغْفِرُ أَن يُشْرَكَ بِهِۦ وَيَغْفِرُ مَا دُونَ ذَٰلِكَ لِمَن يَشَآءُ﴾ (بيشڪ الله هي نہ بخشيندو ته ساڻس شريڪ ڪيو وڃي، ۽ ان کان سواءِ جنهن کي وٽيس تنهن کي بخشيندو) . ۽ ان جا چار قسم آھن. ا) دعا گھرڻ ۽ سوال ڪرڻ ۾ شرڪ ڪرڻ. ب) نيت ۽ ارادي ۾ شرڪ: اھو هن طرح ته صالح عمل غير الله لاءِ ڪري. ج) فرمانبرداريءَ ۾ شرڪ: اھو هن طرح ته الله جن شين کي حلال ڪيو آھي تن کي حرام ڪرڻ ۽ جن کي حرام ڪيو آھي تن کي حلال ڪرڻ ۾ عالمن جي پيروي ڪري. د) محبت ۾ شرڪ: ڪنهن سان ايئن محبت ڪري جيئن الله سان محبت ڪبي آھي. ٢- شرڪ اصغر: هن شرڪ وارو ماڻھو اسلام مان خارج نہ ٿيندو. اھو ٻہ قسم آھي : ا)ظاھري جيتوڻيڪ ان جو تعلق قولن سان هجي، جيئن غير الله جي نالي تي قسم کڻڻ، يا "جيئن الله گھريو ۽ توھان گھريو" چوڻ، يا "جيڪڏھن الله ۽ توھان نہ هجو ته ..." چوڻ . يا افعالن سان تعلق هجي، جيئن مصيبت ختم ڪرڻ يا ٽارڻ لاءِ ڇلو پائڻ يا ڏاڳو لٽڪائڻ، يا نظر جي ڊپ کان ڳچيءَ ۾ تعويذ لٽڪائڻ، يا بد فالي ڪرڻ، يعني پاڻ نپاڻ کي پڪين سان، نالن، لفظن ۽ جاين وغيره سان جوڙڻ. ب) ڳجھو، اھو نيتن، مقصدن ۽ ارادن وغيره ۾ شرڪ ڪرڻ کي چئبو آھي، جيئن رياءُ ۽ ڏيکھ ڪرڻ.

٣٩ شرڪ اڪبر ۽ شرڪ اصغر ۾ ڪھڙو فرق آھي؟ ٻنهي ۾ ڪجھ فرق آھن. جھڙوڪ : شرڪ اڪبر ڪرڻ وارو ماڻھو دنيا ۾ اسلام کان خارج آھي ۽ آخرت ۾ هميشہ جهنم ۾ رهندو. جڏھن ته شرڪ اصغر ڪرڻ وارو ماڻھو دنيا ۾ اسلام کان خارج ڪونهي ۽ آخرت ۾ هميشہ جهنم ۾ نہ رهندو. اھڙيءَ طرح شرڪ اڪبر ھڙئي اعمال ڇٽ ڪري ٿو ڇڏي. جڏھن ته شرڪ اصغر صرف اھي عمل ڇٽ ٿو ڪري جن سان سندس تعلق آھي. باقي ھڪ مسئلو اختلافي رهي ٿو، اھو هي ته : ڇا شرڪ اصغر شرڪ اڪبر وانگر توبہ کان سواءِ معاف ڪونہ ٿيندو؟ ڇا اھو ڪبيره گناھن وانگر الله جي مرضيءَ تي ڇڏيل آھي؟ جيڪو ب قول ونجي معاملو تمام ڳنڀير آھي.

٤٠ ڇا شرڪ اصغر ٿي پوڻ کان اڳ بچاءَ ۽ ٿي پوڻ کان پوءِ ڪفاري جو ڪو طريقو آھي؟ ھا، رياءَ کان بچاءَ جو طريقو هي آھي ته، هر عمل الله جي رضا خاطر ڪرڻ گھرجي. باقي معمولي شرڪ کان دعا جي ذريعي بچي سگھجي ٿو. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آھي ته : « **أَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا هَذَا الشِّرْكَ، فَإِنَّهُ أَخْفَى مِنْ دَبِيْبِ النَّمْلِ. فَقِيْلَ لَهُ :وَكَيْفَ نَتَّقِيْهِ وَهُوَ أَخْفَى مِنْ دَبِيْبِ النَّمْلِ يَا رَسُوْلَ اللهِ؟ قَالَ: قُوْلُوْا: اَللّٰهُمَّ إِنَّا نَعُوْذُ بِكَ أَنْ نُشْرِكَ بِكَ شَيْئًا نَعْلَمُهُ وَنَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَا نَعْلَمُهُ** » "اي انسانو: هن شرڪ کان بچو! ڇاڪاڻ ته اھو ڪول جي ريڙھين پائڻ کان ب وڌيڪ ڳجھو آھي. ڪانئن پڇيو ويو ته : يارسول الله! ان کان ڪيئن بچئون، جڏھن ته اھو ڪول جي ريڙھين پائڻ کان ب وڌيڪ ڳجھو آھي؟ پاڻ فرمايائون : چئو : "**اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَعُوْذُ بِكَ مِنْ اَنْ نُشْرِكَ بِكَ شَيْئًا نَعْلَمُهُ وَنَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَا نَعْلَمُهُ**" (اي الله ! اسان توسان ڇاڻي واڻي ڪنهن ب شيءِ کي شريڪ ڪرڻ کان تنهنجي پناھ ٿا گھرون ۽ جو ڪجھ اڻ ڄاڻي ۾ ڪريون ٿا ان جي ب توکان بخشش ٿا گھرون). البتہ غير الله جي قسم کڻڻ جي ڪفاري بابت رسول الله ﷺ جن فرمايو آھي ته : « **مَنْ حَلَفَ بِاللَّاتِ وَالعُزَّى فَلْيَقُلْ: لَا إِلَهَ إِلَّا اللهُ** » "جنهن ماڻھو لات ۽ عُزىٰ جو قسم کنيو، سو "لا الہ الا الله" (الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود برحق ناهي) چئي". (متفق عليه). باقي بد فالي جي ڪفاري جي باري ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو آھي ته : « **مَنْ رَدَّتْهُ الطِّيَرَةُ عَنْ حَاجَتِهِ فَقَدْ أَشْرَكَ** ». "جنهن کي ڪنهن پکيءَ جي بدفالي ڪنهن ڪم کان موٽايو، تنهن شرڪ ڪيو". چيائون ته : ان

جو كفارو كهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون : هيئن چوي : « اَللّٰهُمَّ لا خَيْرَ إلا خَيْرُكَ،وَلا طَيْرَ إلا طَيْرُكَ، وَلا إلَهَ غَيْرُكَ » (اي الله ! تنهنجي پلائيءَ كان سواءِ ٻي كا پلائي ناهي، تنهنجي فال كان سواءِ ٻي كا فال ناهي، توكان سواءِ كوبه معبود ناهي). (احمد).

۴۱ كفر جا گهٽا قسم آهن؟ ٻه قسم آهن. ۱- كفر اكبر (وڏو كفر) : جنهن سان ماڻهو اسلام مان خارج ٿي ويندو. اهو پنج قسم آهي. ا) تكذيب وارو كفر : يعني اسلام كي كوڙو سمجهڻ. ب) تصديق سان گڏ وڏائي وارو كفر: يعني اسلام كي سچي سمجهڻ سان گڏوگڏ مسلمان ٿيڻ كان وڏائي كرڻ. ج) شك وارو كفر : اسلامي جي سچائيءَ ۾ شڪ كرڻ. د)اعراض وارو كفر : اسلام كان منهن موڙڻ. هـ) نفاق وارو كفر : زبان تي كلمون، اندر ۾ ڪئنچي. ۲- كفر اصغر (ننڍو كفر) : هيءُ نافرمانيءَ جو كفر آهي. هن كفر وارو ماڻهو اسلام مان خارج نه ٿيندو جيئن: كنهن مسلمان كي قتل كرڻ .

۴۲ باس جو حكم چاهي؟ نبي كريم ﷺ جن باس باسڻ كي ناپسند فرمايو آهي. فرمايو اٿن ته : «إنَّهُ لا يَأْتِي بِخَيْرٍ » "اها پلائي نه آڻيندي آهي" (بخاري). هيءُ تڏهن، جڏهن باس خالص الله لاءِ باسي ويجي. باقي جڏهن غير الله لاءِ باسي ويجي، جيئن كنهن قبر يا كنهن پير لاءِ باسجي ته اها حرام آهي، ناجائز آهي. اهڙي باس پوري كرڻ جائز ناهي.

۴۳ نجومي ۽ پوپي ڏانهن وڃڻ جو حكم كهڙو آهي؟ اهو حرام آهي. جيكڏهن انهن ڏانهن فائدي جي طلب ۾ ويو پر انهن جي غيب جي دعويٰ ۾ انهن جي تصديق نه ٿو كري، ته ان جي چاليهن ڏينهن نماز قبول نه ٿيندي. ڇاكاڻ ته نبي كريم ﷺ جن فرمايو آهي ته : « مَنْ أَتَى عَرَّافًا فَسَأَلَه عَنْ شَيْءٍ لَمْ تُقْبَلْ لَهُ صَلاةٌ أَرْبَعِينَ لَيْلَةً » "جيكو كنهن نجوميءَ وٽ آيو ۽ كائنس كنهن شيءِ بابت پڇيائين ته ان جي چاليهه راتيون كاب نماز قبول نه ٿيندي". (مسلم). ۽ جيكڏهن انهن وٽ ويو ۽ انهن جي غيب جاڻڻ جي دعويٰ جي تصديق به كيائين ته ان محمد ﷺ جي دين جو كفر كيو. نبي كريم ﷺ جن جو فرمان آهي ته : « مَنْ أَتَى عَرَّافًا أَوْ كَاهِنًا فَصَدَّقَهُ بِمَا يَقُول فَقَدْ كَفَرَ بِمَا أُنْزِلَ عَلَى مُحَمَّد » "جيكو كنهن نجومي يا پوپي وٽ آيو ۽ سندس ڳالهين جي تصديق كيائين ته ان محمد ﷺ جي مٿان نازل ٿيل دين جو انكار كيو". (ابوداود).

۴۴ ستارن جي ذريعي برسات گهرڻ كڏهن شرك اكبر ۽ شرك اصغر ٿيندو آهي؟ جنهن اهو اعتقاد كيو ته الله جي ارادي كان سواءِ ستارن جو برسات وسائڻ ۾ ذاتي اثر آهي ۽ برسات جي ستارن ڏانهن نسبت كيائين، ته اهي مينهن پيدا كن ٿا ته اهو شرك اكبر آهي. پر جنهن اهو اعتقاد ركيو ته ستاري جو الله جي مشيت تحت برسات وسائڻ ۾ تاثير آهي، الله تعالىٰ ان كي برسات وسڻ جو سبب بڻايو آهي ۽ هي ته الله تعالىٰ ان ستاري جي ظاهر ٿيڻ وقت برسات وسائڻ جو معمول بڻايو آهي. ته اهو حرام ۽ شرك اصغر آهي. ڇاكاڻ ته ان شخص ان ستاري كي كنهن شرعي يا ظاهري يا صحيح عقلي دليل كان سواءِ سبب بنايو آهي. البته ستارن كي سال جي موسمن ۽ مينهن وسڻ جي وقتن جي نشاني بنائڻ جائز آهي.

۴۵ مسلمانن جي حاكم جي باري ۾ چا واجب آهي؟ هر ماڻهوءَ تي واجب آهي ته ڏك سك ۾ سندن ڳالهه ٻڌي ۽ ان جي فرمانبرداري كري. انهن جي خلاف بغاوت كرڻ جائز ناهي ڇل ظالم ڇونه هجن. نه انهن لاءِ بد دعا كرڻ گهرجي. نه ئي اسان كي انهن جي اطاعت كان كنڊ كيڻ گهرجي. انهن لاءِ سڌاري، عافيت ۽ هر كم ۾ كاميابي جي دعا گهرنداسين. انهن جي اطاعت الله جي اطاعت سمجهڻ گهرجي جيستائين گناهه جو حكم نه كن. پر جيكڏهن گناهه ۽ نافرمانيءَ جو حكم كن ته ان ۾ انهن جي اطاعت حرام آهي. ان كان سواءِ باقي چگائيءَ جي ڳالهين ۾ انهن جي اطاعت واجب آهي. نبي كريم ﷺ جن فرمايو آهي ته : «تَسْمَعُ وَتُطِيعُ لِلأَمِيرِ وَإِنْ ضُرِبَ ظَهْرُكَ وَأُخِذَ مَالُكَ فَاسْمَعْ وَأَطِعْ » "امير جي ڳالهه ٻڌ ۽ ان جو چيو مڃ! جيتوٽيك تنهنجا پُنا كٽجن ۽ تنهنجو مال ضبط كيو وجي ته به سندس ڳالهه ٻڌ ۽ فرمانبرداري كر". (مسلم).

٤٦ چا اهو پڇڻ جائز آهي تہ الله تعالىٰ جن کمن جو حڪر فرمايو آهي ۽ جن کمن کان روکيو آهي تنهن ۾ سندس ڪهڙي حڪمت آهي؟ ها! جائز آهي، پر شرط آهي تہ ايمان ۽ عمل کي حڪمت جي ڄاڻ ۽ ان کان مطمئن ٿيڻ سان جوڙڻ نہ گهرجي. حڪمت جي ڄاڻ رڳو مؤمن جي حق تي وڌيڪ ثابت قدميءَ لاءِ هجڻ گهرجي. پر هر حال ۾ الله جي احڪامن آڏو ڪنڌ ننوائڻ ۽ انهن بابت کو بہ سوال نہ ڪرڻ، ڪامل بندگي، الله ۽ سندس ڪامل حڪمت تي پوري ايمان هجڻ جو دليل آهي، جيئن صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جو حال هو.

٤٧ الله تعالىٰ جي هن فرمان جي چا مراد آهي؟ : ﴿ مَّآ أَصَابَكَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ ٱللَّهِ وَمَآ أَصَابَكَ مِن سَيِّئَةٍ فَمِن نَّفْسِكَ ﴾ (توکي جيڪا بہ چڱائي پهچي تي سا الله وٽان آهي ۽ توکي جيڪا بہ تڪليف رسي تي سا تنهنجي نفس جي شامت آهي). هتي (چڱائي) مان مراد نعمت آهي. ۽ (تڪليف) مان مراد آزمائش آهي. ۽ اهي سڀ شيون الله تعالىٰ جي طرفان تقدير ۾ لکيل آهن. (چڱائي) الله جي طرف ان کري منسوب ڪئي وئي آهي، جو ان جو محسن اهو پاڻ ئي آهي. جڏهن تہ (تڪليف) کنهن حڪمت جي طور پيدا ڪئي اٿس. ۽ اها بہ ان حڪمت جي لحاظ کان سندس ئي احسان آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو ڪڏهن بہ برائي نہ ڪندو آهي، بلڪ سندس مڙئي ڪم سهٽا آهن. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ : « وَالْخَيْرُ كُلُّهُ فِي يَدَيْكَ وَالشَّرُّ لَيْسَ إِلَيْكَ » "(اي الله!) پلائي سڀ تنهنجي ٻنهي هٿن ۾ آهي ۽ برائي (جي نسبت) تنهن جي طرف ڪانهي". (مسلم). پانهن جا ڪم الله جي تخليق آهن. پر ساڳئي وقت اهي پانهن جو ڪسب بہ آهن. الله تعالىٰ فرمايو آهي : ﴿ فَأَمَّا مَنْ أَعْطَىٰ وَٱتَّقَىٰ ۝٥ وَصَدَّقَ بِٱلْحُسْنَىٰ ۝٦ فَسَنُيَسِّرُهُۥ لِلْيُسْرَىٰ ﴾ (پوءِ جنهن خيرات ڪئي ۽ پاڻ بچايو. ۽ چڱائيءَ جي تصديق ڪيائين. پوءِ سگهوئي سندس لاءِ سنهنجائيءَ کي آسان ڪنداسون).

٤٨ چا اسان لاءِ اهو چوڻ جائز آهي تہ : فلاڻو شهيد آهي؟ کنهن خاص ماڻهوءَ تي شهيد هجڻ جو حڪر لڳائڻ اهو ان لاءِ جنت جي فيصلي ڪرڻ برابر آهي. اهل سنت جو مذهب هي آهي تہ اسان کي کنهن خاص ماڻهو لاءِ اهو نہ چوڻ گهرجي تہ اهو جنتي آهي يا جهنمي آهي، سواءِ کنهن اهڙي شخص جي جنهن جي لاءِ نبي ڪريم ﷺ جن خبر ڏني هجي تہ اهو جنتي يا جهنمي آهي. ڇاڪاڻ تہ حقيقت ڳجهي آهي. انسان جنهن حالت تي مري ٿو تنهن جو اسان کي علم ڪونهي. جڏهن تہ عملن جو دارو مدار خاتمي واري حالت سان هوندو آهي. ۽ نيتن کي تہ الله ئي ڄاڻي ٿو. البتہ چڱا ڪم ڪندڙ لاءِ اسان کي ثواب جي اميد رکڻ گهرجي ۽ گنهگار لاءِ عذاب جو خوف رکڻ گهرجي.

٤٩ چا کنهن خاص مسلمان تي ڪفر جو حڪر لڳائڻ جائز آهي؟ اسان کي اهو جائز ناهي تہ کنهن خاص مسلمان تي ڪفر، شرڪ ۽ نفاق جو حڪر جاري ڪيون، جيستائين ان کان کا اهڙي شيءِ ظاهر نہ ٿئي جيڪا ان تي دلالت کري ۽ مٿس اهڙي حڪم لڳائڻ جو ڪو مانع بہ نہ رهي. ۽ اسان کي ان جي اندر جو معاملو الله جي حوالي ڪرڻ گهرجي.

٥٠ چا ڪعبي کان سواءِ کنهن ٻي جاءِ جو طواف ڪرڻ جائز آهي؟ زمين جي تختي تي اهڙي ٻي ڪابہ جاءِ ڪعبي کان سواءِ ڪانهي جنهن جو طواف ڪرڻ جائز هجي. ۽ نہ ئي وري کنهن بہ جاءِ کي ان سان تشبيهہ ڏيڻ جائز آهي، اها ڪيڏي بہ فضيلت واري ڇو نہ هجي. جنهن ڪعبي کان سواءِ کنهن ٻي جاءِ جو تعظيم خاطر طواف ڪيو، تنهن الله جي نافرماني ڪئي.

قلبي اعمال

الله تعالىٰ دل پيدا ڪري، ان ڪي بادشاهه بنايو ۽ باقي عضون ڪي ان جو لشڪر ڪيائين، جيڪڏهن بادشاهه چڱو پلو رهيو تہ سندس فوج بہ چڱي پلي رهندي، نبيءَ ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **وَإِنَّ فِي الْجَسَدِ مُضْغَةً إِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الْجَسَدُ كُلُّهُ، وَإِذَا فَسَدَتْ فَسَدَ الْجَسَدُ كُلُّهُ أَلَا وَهِيَ الْقَلْبُ** » متفق عليه. ”بيشڪ جسم ۾ گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي، جيڪڏهن اهو تندرست رهيو تہ سارو جسم تندرست رهندو، ۽ جيڪڏهن اهو بيمار ٿي پيو تہ سارو جسم بيمار ٿي پوندو، اهو آهي دل“. اها ئي ايمان ۽ تقويٰ جي جاءِ آهي يا ڪفر، نفاق ۽ شرڪ جي جاءِ آهي، نبيءَ ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **التَّقْوَى هَاهُنَا. وَيُشِيرُ إِلَى صَدْرِهِ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ.** » مسلم. ”تقويٰ هتي آهي پنهنجي سيني مبارڪ ڏانهن ٽي دفعا اشارو ڪندي فرمايائون“.

ايمان : عقيدي، قول ۽ عمل جو نالو آهي، دل جو اعتقاد، زبان جو قول ۽ عضون جو عمل. دل ايمان بہ آڻيندي آهي ۽ تصديق بہ ڪندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ زبان تي ڪلمو شهادت جاري ٿيندو آهي، ان کان پوءِ محبت، خوف ۽ اميد جي صورت ۾ دل پنهنجو عمل ڏيکاريندي آهي، جنهن تي زبان ذڪر ۽ قرآن شريف جي تلاوت سان حرڪت ۾ اچي ويندي آهي، ۽ عضوا سجدي ۽ رڪوع جي شڪل ۾ چرپر ڪرڻ لڳندا آهن ۽ اهڙا عمل صالح ڪرڻ لڳندا آهن جن سان الله تعالىٰ جو قرب حاصل ٿئي. سو جسم دل جي تابع آهي، جيڪا بہ شيءِ دل ۾ قرار ونندي آهي تنهن جو اثر ۽ تقاضا بدن تي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ضرور ظاهر ٿيندو آهي.

قلبي اعمال مان مراد : اهي عمل آهن جن جي جاءِ دل آهي ۽ ان سان ئي جڙيل هوندا آهن، انهن مان وڏي ۾ وڏو عمل الله تعالىٰ تي ايمان آڻڻ آهي، جيڪو دل ۾ ئي هوندو آهي، اهائي ان جي فرمانبرداري واري تصديق ۽ اقرار ڪندي آهي، انهيءَ سان گڏوگڏ پانهي جي دل ۾ پنهنجي پالٹهار لاءِ محبت، خوف، اميد، رجوع، توڪل، صبر، يقين، نوڙت وغيره جهڙا آثار پيدا ٿيندا آهن.

دل جي اعمال مان هر عمل جو ضد ان جي بيمارين مان هڪ بيماري آهي، جيئن اخلاص جو ضد رياءُ، يقين جو ضد شڪ، محبت جو ضد دشمني ... وغيره، جيڪڏهن اسان پنهنجي دلين جي اصلاح کان غافل رهياسين تہ متن گناهن جا ڍير لڳي ويندا جيڪي کين هلاڪ ڪري ڇڏيندا، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **إِنَّ الْعَبْدَ إِذَا أَخْطَأَ خَطِيئَةً نُكِتَ فِي قَلْبِهِ نُكْتَةٌ فَإِنْ هُوَ نَزَعَ وَاسْتَغْفَرَ وَتَابَ صُقِلَتْ فَإِنْ عَادَ زِيدَ فِيهَا وَإِنْ عَادَ زِيدَ فِيهَا حَتَّى تَعْلُوَ فِيهِ فَهُوَ الرَّانُ الَّذِي ذَكَرَ اللهُ :** ﴿ كَلَّا بَلْ رَانَ عَلَى قُلُوبِهِمْ مَا كَانُوا يَكْسِبُونَ ﴾ » الترمذي. ”پانهو جڏهن ڪو گناهه ڪندو آهي تہ سندس دل ۾ هڪ نڪتو ٿي پوندو آهي، پوءِ جيڪڏهن هو باز ايندو آهي ۽ توبہ استغفار ڪندو آهي تہ اهو نڪتو صاف ٿي ويندو آهي، پوءِ جيڪڏهن وري ڪندو آهي تہ اهو نڪتو وڌي ويندو آهي، ۽ جيڪڏهن وري ڪندو آهي تہ اڃان وڌندو آهي حتاڪ پوري دل تي چڙهي ويندو آهي، اهوئي (ران) آهي جنهن جو ذڪر الله تعالىٰ هن آيت ۾ فرمايو آهي : ﴿ كَلَّا بَلْ رَانَ عَلَى قُلُوبِهِمْ مَا كَانُوا يَكْسِبُونَ ﴾ ”ائين بلڪل نہ آهي، بلڪ جيڪي ڪمائيندا هيا، تنهن جي ڪٽ سندين دلين تي جمي وئي آهي“. ۽ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **تُعْرَضُ الْفِتَنُ عَلَى الْقُلُوبِ كَالْحَصِيرِ عُودًا عُودًا فَأَيُّ قَلْبٍ أُشْرِبَهَا نُكِتَ فِيهِ نُكْتَةٌ سَوْدَاءُ وَأَيُّ قَلْبٍ أَنْكَرَهَا نُكِتَ فِيهِ نُكْتَةٌ بَيْضَاءُ حَتَّى تَصِيرَ عَلَى قَلْبَيْنِ عَلَى أَبْيَضَ مِثْلِ الصَّفَا فَلَا تَضُرُّهُ فِتْنَةٌ مَا دَامَتِ السَّمَوَاتُ وَالْأَرْضُ وَالْآخَرُ أَسْوَدُ مُرْبَادًّا كَالْكُوزِ مُجَخِّيًا لَا يَعْرِفُ مَعْرُوفًا وَلَا يُنْكِرُ مُنْكَرًا إِلَّا مَا أُشْرِبَ مِنْ هَوَاهُ** » مسلم. ”دلين تي فتنا تڏي جي تيلن وانگر تيلو تيلو ٿي پيش ٿيندا آهن، پوءِ جنهن دل انهن کي قبول ڪيو ان ۾ هڪ ڪارو نڪتو ٿي پوندو آهي، ۽ جنهن دل انهن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ان ۾ هڪ اڇو نڪتو ٿي پوندو آهي، ايستائين جو اهي بنهي دلين تي ڇانئجي ويندا آهن، اڇي دل سفيد پٿر جيان ٿي پوندي آهي جنهن کي جيستائين آسمان ۽ زمين باقي آهن تيستائين کو فتنو نقصان نہ ڏئي سگهندو ۽ ٻي ڪاري، ڇٽڪبري، ڪئوندي وانگر ڪروندي ٽيل، نہ نيڪيءَ کي سڃاڻي، نہ برائيءَ کي برو سمجهي، رڳو پنهنجي خواهش جي ڪِل لڳل هجي“.

قلبي عبادات جي ڄاڻ پانهي تي فرائض مؤڪده مان آهي ۽ عضون جي اعمال جي ڄاڻ کان وڌيڪ اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ اها اصل آهي ۽ عضون جا اعمال ان جي شاخ آهن، ان جي تڪميل ڪندڙ، پوراڪ ڪندڙ ۽ ان جو نتيجو آهن، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **إِنَّ اللهَ لَا يَنْظُرُ إِلَى صُوَرِكُمْ وَأَمْوَالِكُمْ، وَلَكِنْ يَنْظُرُ إِلَى قُلُوبِكُمْ وَأَعْمَالِكُمْ** » مسلم. ”الله تعالىٰ توهان جي صورتن ۽ توهان جي مالن ڏانهن نہ ڏسندو آهي، پر توهان جي دلين ۽ توهان جي عملن ڏانهن ڏسندو آهي“. جيتوڻيڪ دل علم، سوچ ۽ فڪر جي جاءِ آهي، تنهن

ڪري الله تعالىٰ وٽ ماڻهن جي فضيلتن جي درجابندي سندن دلين ۾ ايمان، يقين ۽ اخلاص جهڙي عملن جي پختگي جي اعتبار سان آهي. حسن بصري رحمه الله فرمايو آهي : الله جو قسم ته ابوبڪر رضي الله عنه نماز روزي جي ڪري ڪائنس گوءِ ڪونه ڪٽي ويو هو، پر سندس دل ۾ جيڪو ايمان ويهجي ويو رڳو ان جي ڪري سيني کان اڳ ڪڍي ويو.

دل جا عمل جسماني عضون جي عملن کان ڪيترن وجهن جي ڪري وڌيڪ فضيلت وارا آهن : ۱) قلبي عبادت جي ڏنگائي ڪڏهن عضون جي عبادت کي چٽ ڪري ڇڏيندي آهي، جيئن عمل ۾ رياءُ ڪرڻ. ۲) قلبي اعمال هر عمل جي جڙ ۽ بنياد آهن، تنهن ڪري دل جي نيت کان سواءِ جيڪڏهن ڪو لفظ نڪتو يا ڪا حرڪت سرزد ٿي ته ان تي گرفت ناهي. ۳) قلبي عمل جنت ۾ بلند درجن جي حصول جو سبب آهن، جيئن زهد. ۴) قلبي عمل عضون جي عملن جي بنسبت وڌيڪ ڏکيا ۽ سخت آهن، ابن المنڪدر رحمه الله فرمائي ٿو ته : مون پنهنجي نفس سان چاليهه سال مهاڏو ڏنو، تڏهن وڃي سڌو ٿيو. ۵) اهي وڌيڪ اثرائتا هوندا آهن، جهڙوڪ : الله خاطر ڪنهن سان محبت ڪرڻ. ٦) انهن جو ثواب وڌيڪ هوندو آهي، ابو درداء رضي الله عنه فرمائي ٿو ته : هڪ گهڙي جي تفڪير سڄي رات جي تهجد کان بهتر آهي. ۷) اهي عضون کي حرڪت ڏيارينداآهن. ۸) اهي عضون جي عبادت کي گهٽائين يا وڌائين يا وري چٽ ڪري ڇڏين، جيئن نماز ۾ خشوع ڪرڻ. ۹) اهي ڪڏهن عضون جي عبادت جو بدلو به ٻڌبا آهن، جيئن مال نه هوندي به صدقي جي رڳو نيت ڪرڻ. ۱۰) انهن جي ثواب جي ڪا حد ئي ناهي، جيئن صبر ڪرڻ. ۱۱) عضون جي بيهجي وڃڻ يا عمل نه ڪري سگهڻ جي باوجود به انهن جو ثواب هلندو رهندو آهي. ۱۲) اهي عضون جي عملن کان اڳ به هوندا آهن ۽ انهن سان گڏ به هوندا آهن.

عضون جي عمل ڪرڻ کان اڳ دل ڪجهه حالات کان گذرندي آهي : ۱) پهرُ : دل ۾ آيل شروعاتي رڻ. ۲) خيال : جيڪو منجهس خيال ويهجي وڃي. ۳) ويچار : ڪرڻ يا نه ڪرڻ لاءِ ٻڌتر ۾ پوڻ. ۴) ارادو : عمل ڪرڻ کي ترجيح ڏيڻ . ۵) عزم : عمل ڪرڻ جو پڪو پختو ارادو ڪرڻ. **پهرين ٽن ۾** نه نيڪيءَ جو ثواب ۽ نه گناهه جو ڏوهه. باقي **ارادو** : ته نيڪيءَ جي ارادي ڪرڻ سان سندس لاءِ نيڪي لکي ويندي ۽ گناهه جي ارادي ڪرڻ سان مٿس گناهه نه لکيو ويندو. پوءِ جيڪڏهن ارادو ڦري عزم ٿي پيو، ته پوءِ جيڪڏهن نيڪيءَ بابت هيو ته ثواب ملندو ۽ جيڪڏهن گناهه ڪرڻ بابت هيو ته گناهه ٿيندو، پر ڪٽي نه ڪري. ڇاڪاڻ ته سڪ هوندي ارادي ڪرڻ جي معنيٰ آهي ته جڙ اهو ڪم ڪري ڇڪو، الله تعالىٰ جو فرمان آهي: ﴿ إِنَّ ٱلَّذِينَ يُحِبُّونَ أَن تَشِيعَ ٱلْفَٰحِشَةُ فِى ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴾ "بيشڪ جيڪي ماڻهو چاهين ٿا ته مؤمنن ۾ فحاشي پکڙجي، تن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي". ۽ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي : « **إذا التقى المسلمان بسيفيهما فالقاتل والمقتول في النار، فقلت: يا رسول الله، هذا القاتل فما بال المقتول ؟ قال : إنه كان حريصا على قتل صاحبه** » البخاري "جيڪڏهن به مسلمان پنهنجون تلوارون ڪٽي هڪبئي سان وڙهڻ لڳا ته قاتل ۽ مقتول ٻئي جهنم ۾ ويندا. عرض ڪيم ته : اي الله جا رسول! هيءَ ته قاتل جي سزا ٿي، مقتول جو ڪهڙو قصور؟ چيائون ته : انهيءَ به سندس ساٿيءَ کي قتل ڪرڻ کان وسڻون نه ڇهٽايو".

پڪي ارادي ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن گناهه نه ڪيائين ته انهيءَ جا چار قسم آهن : ۱) الله تعالىٰ جي خوف کان نه ڪيائين : ته کيس ثواب ٿيندو. ۲) ماڻهن جي ڊپ کان نه ڪيائين : ته کيس گناهه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته گناهه نه ڪرڻ عبادت آهي، جيڪا لازما الله خاطر هجڻ گهرجي. ۳) ان تائين پهچڻ وارا وسائل استعمال نه ڪرڻ جي ڪري عاجز ٿي نه ڪيائين : ته اهو به پختي ارادي هجڻ جي ڪري گنهگار ٿيندو. ۴) ان تائين پهچڻ وارا وسائل استعمال ڪرڻ جي باوجود عاجز ٿي ڇڏي ڏنائين : پنهنجي مراد نه ماڻي سگهيو، ته مٿس پوري گناهه جو ڏوهه لکيو ويندو، ڇاڪاڻ ته ممڪن ڪم جي ڪرڻ ٿي پڪي ارادي رکڻ واري ٿي ان ڪم جي ڪندڙ وارو حڪم لاڳو ٿيندو ـ جيئن متين حديث ۾ ذڪر ٿي گذريو ـ ۽ جڏهن عمل ارادي سان جوڙ ڪاڏو، ته ان ٿي ڪيس سزا ملندي، فعل اڳ ۾ ٿئي يا بعد ۾، سو جيڪڏهن ڪنهن هڪ دفعي حرامَ جو ڪم ڪري وري جڏهن به ان ٿي وس پهتس ڪرڻ جو عزم رکيو ته اهو ان گناهه ٿي اصرار ڪرڻ وارن مان ليکبو، ۽ ان نيت ٿي ڪيس سزا ملندي، جيتوٽيڪ نه به ڪري.

ڪجھ قلبي عمل :

نيت : اها ارادي ۽ قصد جي معنيٰ ۾ آهي، انهيءَ کان سواءِ عمل نہ درست ٿيندو ۽ نہ قبول، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « إِنَّمَا الأَعْمَالُ بِالنِّيَاتِ وإِنَّمَا لِكُلِّ امْرِئٍ مَا نَوَى » متفق عليہ. "عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي، ۽ هر ماڻهوءَ کي رڳو اهو ڪجھ ملندو جنهن جي هو نيت ڪندو". ابن مبارڪ رحمہ اللہ فرمايو آهي تہ : ڪڏهن ننڍي عمل کي نيت وڏو ڪندي آهي، ۽ ڪڏهن وڏي عمل کي نيت ننڍو ڪندي آهي. قاضي فضيل رحمہ اللہ جو چوڻ آهي تہ : اللہ تعالىٰ کي رڳو تنهنجي نيت ۽ ارادو ڏسڻو آهي، پوءِ جيڪڏهن عمل اللہ خاطر هوندو، تہ اخلاص ڇئبو، يعني هي تہ عمل خاص اللہ لاءِ ٿيل هجي، ڪنهن ٻئي جو ان ۾ حصو نہ هجي، ۽ جيڪڏهن عمل اللہ خاطر ٿيل نہ هوندو، تہ ان کي رياءُ، نفاق يا ٻيو ڪجھ چئبو.

فائدو : ماڻهو سڀ هلاڪت ۾ آهن، عالمن کان سواءِ، عالم سڀ هلاڪت ۾ آهن، عاملن کان سواءِ، عامل سڀ هلاڪت ۾ آهن، مخلصن کان سواءِ، تنهن ڪري هر اهو ٻانهو جيڪو اللہ جي اطاعت ڪرڻ ڏسڻ ۾ تنهن جو پهريون وظيفو هي آهي تہ اهو نيت سکي، پوءِ صدق ۽ اخلاص جي حقيقت سمجهي ڪري ان جي عمل سان درستگي ڪري، ڇاڪاڻ تہ عمل بنا نيت جي، رڳو تڪليف آهي، ۽ نيت بنا اخلاص جي، رياءُ آهي، ۽ اخلاص ايمان جي حقيقت کان سواءِ، رڳو ڏوڙ آهي.

اعمال ٽي قسم آهن : ۱) **گناهہ :** سڀني ارادي سان اطاعت گناهہ ۾ سڀني نيت کي قبول نہ ڪندي آهي، بلڪ جيڪڏهن منجهس بري نيت جو اضافو ڪيو ويو تہ ان جو ڏوهہ بہ ٻيڻو ٿي ويندو آهي. ۲) **مباحات :** ڪابہ اهڙي مباح شيءِ ناهي جنهن ۾ ڪا هڪ نيت يا ڪي چند نيتون نہ هجن، ۽ کين تقرب جو ذريعو بہ ٻڌائي سگهجي ٿو. ۳) **نيڪيون :** اهي پنهنجي اصل درستگي ۽ ثواب جي اضافي ۾ نيتن سان ڳانڍاپيل آهن(۱)، پوءِ جيڪڏهن رياءَ جي نيت ڪيائين تہ گناهہ ۽ شرڪ اصغر ٿي پوندیون، ڪڏهن تہ شرڪ اڪبر تائين بہ پهچي سگهن ٿيون، ان جا ٻہ طريقا آهن : ۱) هي تہ عبادت جو سبب ئي در اصل ماڻهن جو ڏيکاءُ هجي، تہ

---

۱) نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ : « فَمَنْ هَمَّ بِحَسَنَةٍ فَلَمْ يَعْمَلْهَا كَتَبَهَا اللَّهُ لَهُ عِنْدَهُ حَسَنَةً كَامِلَةً ، فَإِنْ هُوَ هَمَّ بِهَا فَعَمِلَهَا كَتَبَهَا اللَّهُ لَهُ عِنْدَهُ عَشْرَ حَسَنَاتٍ إِلَى سَبْعِمِائَةِ ضِعْفٍ إِلَى أَضْعَافٍ كَثِيرَةٍ ، وَمَنْ هَمَّ بِسَيِّئَةٍ فَلَمْ يَعْمَلْهَا كَتَبَهَا اللَّهُ لَهُ عِنْدَهُ حَسَنَةً كَامِلَةً، فَإِنْ هُوَ هَمَّ بِهَا فَعَمِلَهَا كَتَبَهَا اللَّهُ لَهُ سَيِّئَةً وَاحِدَةً » متفق عليہ. "جنهن نيڪيءَ جو ارادو ڪيو، پوءِ نہ ڪيائين، تہ اللہ تعالىٰ ان کي سندس لاءِ پاڻ وٽ پوري نيڪي لکندو، پر جيڪڏهن ان جو ارادو ڪري، ۽ اها ڪيائين بہ، تہ اللہ تعالىٰ ان کي وٽس ڏهن نيڪين کان ويندي ست سؤ نيڪين تائين بلڪ ان کان بہ وڌائي سڌائي لکندو"، ۽ جنهن گناهہ جو ارادو ڪيو، پوءِ اهو نہ ڪيائين، تہ اللہ تعالىٰ ان کي سندس لاءِ پاڻ وٽ پوري نيڪي لکندو، پر جيڪڏهن ان جو ارادو ڪري، ۽ اها ڪيائين بہ، تہ اللہ تعالىٰ ان کي سندس لاءِ هڪ گناهہ لکندو. ۽ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ : « مَثَلُ هَذِهِ الأُمَّةِ كَمَثَلِ أَرْبَعَةِ نَفَرٍ : رَجُلٌ آتَاهُ اللَّهُ مَالاً وعِلْمًا فَهُوَ يَعْمَلُ بِعِلْمِهِ فِي مَالِهِ يُنْفِقُهُ فِي حَقِّهِ، وَرَجُلٌ آتَاهُ اللَّهُ عِلْمًا وَلَمْ يُؤْتِهِ مَالاً فَهُوَ يَقُولُ لَوْ كَانَ لِي مِثْلُ هَذَا عَمِلْتُ فِيهِ مِثْلَ الَّذِي يَعْمَلُ، قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ : فَهُمَا فِي الأَجْرِ سَوَاءٌ، وَرَجُلٌ آتَاهُ اللَّهُ مَالاً وَلَمْ يُؤْتِهِ عِلْمًا فَهُوَ يَخْبِطُ فِي مَالِهِ يُنْفِقُهُ فِي غَيْرِ حَقِّهِ، وَرَجُلٌ لَمْ يُؤْتِهِ اللَّهُ عِلْمًا وَلاَ مَالاً فَهُوَ يَقُولُ: لَوْ كَانَ لِي مِثْلُ هَذَا عَمِلْتُ فِيهِ مِثْلَ الَّذِي يَعْمَلُ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ : فَهُمَا فِي الْوِزْرِ سَوَاءٌ» الترمذي. "هن امت جو مثال ڇئن ماڻهن جي مثال وانگر آهي : هڪ اهو ماڻهو جنهن کي اللہ مال بہ ڏنو هجي ۽ علم بہ، پوءِ اهو پنهنجي علم سان سندس مال ۾ عمل ڪري، ان کي جائز ڪمن ۾ خرچ ڪري، ٻيو اهو شخص جنهن کي اللہ تعالىٰ علم تہ ڏنو هجي، پر کيس مال نہ ڏنو هجي، پوءِ اهو چوي تہ جيڪر مون وٽ بہ هن جيترو مال هجي ها تہ مون بہ ان کي ائين ئي خرچ ڪيان ها جيئن اهو ٿو ڪري، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ : اهي ٻئي اجر ۾ برابر آهن، ۽ ٽيون اهو شخص جنهن کي اللہ تعالىٰ مال تہ ڏنو هجي، پر کيس علم نہ ڏنو هجي، پوءِ اهو پنهنجي مال ۾ پيو داڦڙا هڻي، ان کي ناجائز ڪمن ۾ پيو خرچ ڪري، ۽ چوٿون ماڻهو اهو آهي، جنهن کي اللہ تعالىٰ نہ علم ڏنو هجي ۽ نہ مال، پوءِ اهو چئي تہ مون وٽ بہ هن جيتري دولت هجي ها تہ جيڪر مون بہ ائين خرچ ڪيان ها، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ : اهي ٻئي گناهہ ۾ برابر آهن". هن حديث ۾ ٻئي ۽ چوٿين جي قول کي فعل وارو حڪم ڏنو ويو آهي، يعني نيت سان گڏ تمنا، جيڪا سندن هن چوٽي مان پڌري آهي تہ : (جيڪر مون وٽ بہ هن جيترو مال هجي ها تہ مون بہ ان کي ائين ئي خرچ ڪيان ها) انهيءَ ڪري ثواب ۽ ڏوهہ ۾ هر هڪ کي سندس ساڻيءَ وارو حڪم ڏنو ويو، ابن رجب چيو آهي تہ : حديث شريف ۾ آيل فرمان تہ : (اهي ٻئي اجر ۾ برابر آهن) عمل جي اصل اجر ۾ پنهي جي برابري تي دلالت ٿو ڪري، ان جي اضافي تي نہ، ڇاڪاڻ تہ ثواب جي ٻيٽائي ۽ وڏائي ان سان خاص آهي جنهن عمل ڪيو، جنهن بناعمل جي رڳو نيت ڪئي ان سان نہ، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن هرطرح سان ٻئي برابر هجن ها تہ پوءِ جنهن رڳو نيڪيءَ جي نيت ڪئي، پر ڪيائين نہ، تہ ان لاءِ بہ ڏهہ نيڪيون لکجن ها، حالانڪ اهو سڀني نصوص جي خلاف آهي.

اهو شرڪ ٿيندو ۽ عبادت باطل ٿيندي. ٢) هي ته عمل ته الله خاطر هجي پر پوءِ ان ۾ رياءَ جي نيت شامل ٿي وڃي، ته ڏسبو، جيڪڏهن عبادت اهڙي آهي جنهن جي پڇاڙي اڻياڙي تي ٻڌل ناهي- جيئن صدقو- ته شروعات درست ٿيندي ۽ پڇاڙي باطل، ۽ جيڪڏهن ان جي پڇاڙي اڻياڙي سان ٻڌل آهي- جيئن نماز- ته ان جون ٻه حالتون آهن : ا) رياءَ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري، ته اهو عمل متاثر نه ٿيندو. ب) رياءَ تي جڙيو رهيو، ته پوءِ پوري عبادت باطل ٿيندي. ٣) هي ته رياءُ عمل ڪرڻ کان پوءِ ٿي پيو، ته اهو وسواس ٿيندو، ان جو نه عمل تي ڪو اثر پوندو ۽ نه عامل تي. هتي رياءَ جا ٻيا ٻه گهٽا گڇها قسم آهن، جن کي چاڻڻ ۽ ڪائڻ بچڻ واجب آهي.

پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو عمل صالح مان رڳو دنيا حاصل ڪرڻ مقصود هيو، ته ان جو اجر يا ڏوهه سندس نيت جي مطابق ڪيس ملندو، ان جون ٽي حالتون آهن : ا) هي ته عمل صالح جو باعث رڳو دنيا هجيس، جيئن اهو ماڻهو جيڪو رڳو مال ڪمائڻ خاطر نماز ۾ ماڻهن جي امامت ٿو ڪرائي، ته اهو ڏوهي گنهگار آهي، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **مَنْ تَعَلَّمَ عِلْمًا مِمَّا يُبْتَغَى بِهِ وَجْهُ اللَّهِ ﷻ لا يَتَعَلَّمُهُ إِلا لِيُصِيبَ بِهِ عَرَضًا مِنْ الدُّنْيَا لم يَجِدْ عَرْفَ الْجَنَّةِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ** » أبو داود "جنهن اهڙو علم پرايو جنهن سان الله جي رضا طلب ڪئي ويندي آهي، رڳو هن ڪري پرايو اٿئين ته ساڻس دنيوي مال حاصل ڪري، ته اهو قيامت جي ڏينهن جنت جي خوشبوءِ به نه سنگهي سگهندو". (عرف : خوشبوءِ کي چئبو آهي). ٢) هي ته عمل الله خاطر به ڪري ۽ دنيا خاطر به، ته اهو ناقص ايمان ۽ ناقص اخلاص وارو چئبو. انهيءَ ماڻهوءَ وانگر جيڪو واپار ۽ حجَ ٻنهي جي نيت سان حجُ ڪري، ڪيس ثواب اخلاص جو رڳو ملندو. ٣) هي ته عمل ته رڳو اڪيلي الله خاطر ڪري، پر ايترو اجورو ونڊي جو ان عمل لاءِ مددگار ثابت ٿئيس، ته ڪيس پورو ثواب ملندو، ڪجهه ونڊ سان اهو گهٽ نه ٿيندو، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **إِنَّ أَحَقَّ مَا أَخَذْتُمْ عَلَيْهِ أَجْرًا كِتَابُ اللَّهِ** » البخاري "توهان جن ڪمن تي اجورو ونڊندا آهيو تن مان قرآن مجيد تي ونڊ وڌيڪ جڳائي".

هي چاڻڻ گهرجي ته مخلص عاملن جا مختلف درجا آهن : ا) ادنىٰ : اهو هي ته ڪابه نيڪي، ثواب جي اميد يا سزا جي ڊپ جي ڪري. ٢) وچولو : هي ته نيڪي، الله جي شڪراني ۽ سندس حڪم جي بجا آوري جي ڪري. ٣) مٿانهون : هي ته نيڪي، الله جي محبت، تعظيم، اجلال ۽ سندس هيبت جي ڪري، اهو صديقن جو درجو آهي[1].

توبه : هر دم ڪرڻ واجب آهي. گناهه ٿي پوڻ انسان جي طبعي تقاضا آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **كُلُّ ابْنِ آدَمَ خَطَّاءٌ وَخَيْرُ الْخَطَّائِينَ التَّوَّابُونَ** » "هر انسان خطاڪار آهي ۽ خطاڪارن ۾ ڀلا اهي آهن جيڪي توبه ڪن". (ترمذي). ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته : « **لَوْ لَمْ تُذْنِبُوا لَذَهَبَ اللَّهُ بِكُمْ وَلَجَاءَ بِقَوْمٍ يُذْنِبُونَ فَيَسْتَغْفِرُونَ اللَّهَ فَيَغْفِرُ لَهُمْ** » "جيڪڏهن توهان گناهه نه ڪندؤ ته الله اوهان کي ختم ڪري اهڙي قوم آباد ڪندو، جيڪي گناهه ڪندا، پوءِ بخشش گهرندا پوءِ الله انهن کي بخشي ڇڏيندو". (مسلم). باقي گناهه تي اصرار ڪرڻ ۽ توبه ۾ دير ڪرڻ غلط آهي، ۽ شيطان گهري ٿو ته هو انسان کان ستن گهٽن مان هڪ گهٽ تي ڪامياب ٿي وڃي، هڪ گهٽ تي عاجز ٿي پيو ته ٻئي ڏانهن وڌندو. اهي هي آهن : ا) شرڪ ۽ ڪفر وارو گهٽ. ٢) انهيءَ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو ته پوءِ اعتقادي بدعت ۾ وجهڻ ۽ نبيءَ ڪريم ﷺ ۽ سندس اصحابن جي تابعداري ڇڏڻ وارو گهٽ. ٣) ان ۾ به ڪامياب نه ٿيو ته پوءِ ڪبيرا گناهه ڪرائڻ سان. ٤) جيڪڏهن ڪامياب نه ٿيو ته پوءِ صغيرا گناهه ڪرائڻ سان. ٥) اتي به ڪامياب نه ٿيو ته پوءِ مباح ڪمن تي زور ڏيارڻ سان. ٦)هت به ناڪام ويو ته پوءِ اهڙين نيڪين ڪرائڻ سان جن کان ٻيون افضل ۽ وڏي ثواب واريون آهن. ٧) ان گهٽ تي به ڪامياب نه ٿيو ته پوءِ مٿس جنن ۽ انسانن مان شيطان مسلط ڪندس.

---

١) الله تعالىٰ فرمايو آهي : ﴿ وَعَجِلْتُ إِلَيْكَ رَبِّ لِتَرْضَىٰ ﴾ "اي منهنجا رب! مون توڏانهن تڪڙ ڪري آيس ته جيئن تون راضي ٿئين"، هتي موسىٰ عليه السلام جي طرفان الله تعالىٰ سان ملاقات لاءِ جلدي اچڻ جو مقصد هي هيو ته الله ڪائنس راضي ٿئي، رڳو سندس حڪم جي بجا آوري مقصد نه هئي. اهڙيءَ ريت والدين سان نيڪي ڪرڻ جا به درجا آهن، گهٽ درجو : هي ته تون ساڻن پلائي، نافرماني جي سزا جي ڊپ ۽ نيڪيءَ جي ثواب طلبڻ خاطر ڪرين. وچون درجو : هي ته تون ساڻن پلائي، الله جي فرمانبرداري ڪرڻ ۽ سندن پلاين جي بدلي ڏيڻ خاطر ڪرين، چاڪاڻ ته انهن ننڍ پڻ ۾ تنهنجي پرورش ڪئي، دنيا ۾ تنهنجي وجود جو سبب بڻيا. مٿانهون درجو : هي ته تون ساڻن پلائي، الله تعالىٰ طرفان ساڻن پلائي واري امر جي تعظيم، محبت ۽ سندس عظمت کي مد نظر رکندي ڪرين.

۽ گناهہ ۾ قسر آهن. **۱- ڪبيرا گناهہ :** اهي اهڙا گناهہ آهن جن لاءِ دنيا ۾ ڪا حد مقرر ٿيل آهي يا آخرت ۾ ڪو وعيد آيل آهي يا ان جي ڪري الله جو ڏمر يا لعنت يا ايمان جي نفي آيل آهي. **۲- صغيرا گناهہ :** هي اهڙا گناهہ آهن جيڪي انهن ڪبيرن کان هلڪا آهن. ۽ ڪئي سبب آهن جن جي ڪري صغيرا گناهہ ڦري ڪبيرا ٿي پوندا آهن، جن مان اهم هي آهن : صغيرن گناهن تي زور ڏيڻ. اهي باربار ڪرڻ يا انهن کي ڪُهٽ سمجهڻ يا انهن جي ڦيڻ تي فخر ڪرڻ، يا اهي سر عام ڪرڻ.

۽ هر گناهہ کان توبہ ڪرڻ درست آهي ۽ اها ايستائين رهندي جيستائين سج اولهہ کان نہ اپري. يا روح موت جي سڪرات وقت اندر ٻاهر ٿيڻ تي هجي. سچي دل سان توبہ ڪرڻ واري جو اجر هيءُ آهي تہ سندس برايون نيڪين ۾ تبديل ٿي ويندیون، جيتوڻيڪ آسمان سان لڳل چونہ هجن.

۽ توبہ قبول ٿيڻ جا ڪجهہ شرط آهن: **۱-** گناهہ بلڪل ڇڏي ڏيڻ. **۲-** گذريل گناهن تي پشيمان ٿيڻ. **۳-** هي عزم ڪرڻ تہ اهڙو گناهہ وري ٻيهر نہ ڪندو. باقي جيڪڏهن گناهہ مخلوق جي حقن سان تعلق رکندڙ هجن تہ پوءِ ضروري آهي تہ اهي حق حقدارن کي موٽائي ڏئي[1].

ماڻهن جا توبہ ۾ چار درجا آهن : **۱)** اهڙو تائب جيڪو توبہ ڪري ساري عمر ان تي پابند رهي، گناهہ ڏانهن وري موٽڻ جو خيال ئي دل ۾ نہ آڻي، سنهي سڪي ڳالهين کان سواءِ جن کان ڪو ماڻهو بچي نہ ٿو سگهي، انهيءَ کي توبہ تي استقامت چئبو آهي. اهڙي توبهي کي نيڪين ڏانهن آڳرائي ڪندڙ چئبو آهي، ۽ اهڙي توبہ کي سچي (نصوحي واري) توبہ چئبو آهي، ۽ اهو ئي **نفس مطمئنه** (اطمينان وارو نفس) آهي. **۲)** اهڙو تائب جيڪو اهم نيڪين تي پابند رهي، پر هو عارضي گناهن کان پنهنجي جان ڇڏائي نہ ٿو سگهي، ڇاڪي واڪي نہ ٿو ڪري، پر هو بنا ارادي انهن ۾ مبتلا ٿي ٿو پوي، جڏهن بہ اهڙو ڪو گناهہ ڪري ٿو ويهي تہ پاڻ کي ملامت ٿو ڪري، پشيمان ٿو ٿئي ۽ ان جي اسباب کان پرهيز ڪرڻ جو عزم ٿو ڪري. انهيءَ کي **ملامت ڪندڙ نفس** چئبو آهي. **۳)** هي تہ توبہ ڪري، ڪجهہ وقت ان تي پابند رهي، پوءِ وري ڪن گناهن جي شهوت ڇڪيس ۽ اهي ڪرڻ لڳي، هوڏانهن ان جي باوجود نيڪين ڪرڻ تي بہ پابند رهي، گهٽا گناهہ متن وس ۽ انهن جي شهوت هوندي ڇڏي بہ ڏئي، پر هڪ بہ دفعا شهوت مجبور ڪري وجهيس، ڪري ويهڻ کان پوءِ پشيمان بہ ٿئي، پر انهيءَ گناهہ کان توبہ ڪرڻ جو پنهنجي نفس سان واعدو بہ ڪري، اهو ئي **نفس مسئول** آهي، جنهن کان پڇاڻو ٿيندو، ان جي پڇاڙي توبہ ۾ دير ۽ ٽال متول جي ڪري خطري ۾ آهي، ٿي سگهي ٿو تہ توبہ ڪرڻ کان اڳ ئي مري وڃي، ڇاڪاڻ تہ عملن جو اعتبار خاتمي تي آهي. **۴)** هي تہ توبہ ڪري، ڪجهہ وقت ان تي پابند بہ رهي، پوءِ وري موٽي گناهن ۾ رڇهي وڃي، توبہ ڪرڻ جو دل ۾ نہ خيال اچيس، نہ وري پنهنجي ڪڍي ڪمن تي ڪو افسوس ٿئيس، اهو ئي آهي **برائيءَ جو حڪم ڪندڙ نفس**، انهيءَ جي بري خاتمي جو وڏو خطرو آهي.

صداقت : اها ئي ساري قلبي اعمال جو بنياد آهي، لفظ صدق (سچائي) عربيءَ ۾ ڇهن معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي : **۱)** ڳالهائڻ ۾ صداقت. **۲)** ارادي ۽ مقصد ۾ صداقت (يعني اخلاص). **۳)** عزم ۾ صداقت. **۴)** عزم جي پوري ڪرڻ ۾ صداقت. **۵)** عمل ۾ صداقت، هن طرح تہ ظاهرُ باطنَ جي مطابق

---

۱) روايت آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ : « **الدَّوَاوِينُ عِنْدَ اللَّه ﷻ ثَلَاثَةٌ : دِيوَانٌ لَا يَعْبَأُ اللَّهُ بِهِ شَيْئًا، وَدِيوَانٌ لَا يَتْرُكُ اللَّهُ مِنْهُ شَيْئًا، وَدِيوَانٌ لَا يَغْفِرُهُ اللَّهُ. فَأَمَّا الدِّيوَانُ الَّذِي لَا يَغْفِرُهُ اللَّهُ، فَالشِّرْكُ بِاللَّهِ، قَالَ اللَّهُ ﷻ: ﴿ إِنَّهُۥ مَن يُشْرِكْ بِٱللَّهِ فَقَدْ حَرَّمَ ٱللَّهُ عَلَيْهِ ٱلْجَنَّةَ وَمَأْوَىٰهُ ٱلنَّارُ ﴾ ، وَأَمَّا الدِّيوَانُ الَّذِي لَا يَعْبَأُ اللَّهُ بِهِ شَيْئًا، فَظُلْمُ الْعَبْدِ نَفْسَهُ فِيمَا بَيْنَهُ وَبَيْنَ رَبِّهِ... فَإِنَّ اللَّهَ ﷻ يَغْفِرُ ذَلِكَ وَيَتَجَاوَزُ إِنْ شَاءَ، وَأَمَّا الدِّيوَانُ الَّذِي لَا يَتْرُكُ اللَّهُ مِنْهُ شَيْئًا، فَظُلْمُ الْعِبَادِ بَعْضِهِمْ بَعْضًا، الْقِصَاصُ لَا مَحَالَةَ** ». "الله تعالىٰ وٽ ٽي دفتر آهن : هڪ اهڙو دفتر جنهن جي الله کي ڪا پرواهہ ناهي، ٻيو اهو دفتر جنهن مان الله ڪابہ شيءِ نہ ڇڏيندو آهي، ٽيون اهو دفتر جيڪو الله معاف نہ ڪندو آهي، جيڪو دفتر الله معاف نہ ڪندو آهي، سو آهي الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ، الله تعالىٰ جو فرمان آهي : ۽ بيشڪ جنهن الله جو ڪو ٻائيوار بڻايو، ان تي الله جنت حرام ڪئي ۽ سندس جاءِ دوزخ آهي. ۽ جنهن دفتر جي الله پرواهہ نہ ڪندو آهي، اهو هي تہ پاڻهو پاڻ تي اهڙو ظلم ڪري جيڪو سندس ۽ سندس رب جي درميان هجي... الله گهريو تہ انهيءَ کي معاف ڪري ڪائنس درگذر ڪري ڇڏيندو، باقي اهو دفتر جنهن مان الله ڪجهہ بہ نہ ڇڏيندو، سو آهي پاڻهن جو هڪٻئي متان ظلم ڪرڻ، ان جو ضرور قصاص ٿيندو". (مسند أحمد، روايت ڪمزور آهي).

هجي، جيئن نماز ۾ خشوع. ٦) ساري ديني مقامن جي ثبوت ۾ صداقت، اهو سڀني کان مٿانهون ۽ وڏي شان وارو درجو آهي، جيئن خوف، اميد، تعظيم، پرهيزگاري، رضا، توڪل، محبت ۽ ساري قلبي اعمال ۾ صدق ۽ سچائي. جيڪو انهن سڀني ذکر ٿيل شين ۾ صداقت ۽ سچائيءَ سان موصوف ٿيو سو صديق آهي، ڇاڪاڻ ته اهو صداقت ۾ گهٽو اڳتي وڌيل آهي، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « عَلَيْكُمْ بِالصِّدْقِ فَإِنَّ الصِّدْقَ يَهْدِي إِلَى الْبِرِّ وَإِنَّ الْبِرَّ يَهْدِي إِلَى الْجَنَّةِ وَمَا يَزَالُ الرَّجُلُ يَصْدُقُ وَيَتَحَرَّى الصِّدْقَ حَتَّى يُكْتَبَ عِنْدَ اللَّهِ صِدِّيقًا » متفق عليه. "توهان تي سچائي لازم آهي، ڇاڪاڻ ته سچائي نيڪيءَ جي راهه ڏيکاريندي آهي ۽ نيڪي جنت جي راهه ڏيکاريندي آهي، ماڻهو هميشه سچ ڳالهائيندو رهندو آهي ۽ سچ جي سانيهه ۾ رهندو آهي، ايستائين جو الله وٽ سچار لکيو ويندو آهي".

جيڪڏهن ڪو حق جي ڳالهه ۾ وچڙي پوي، پر سندس نفساني خواهش کان پري رهندي الله تعالىٰ کي پنهنجي مطلب ۾ سچو سمجهي، ته هو نيٺ گهٽي پانگي حق تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، پر جيڪڏهن ان تائين رسائي حاصل نه ڪري سگهيو ته الله تعالىٰ کيس معذور سمجهندو آهي. ۽ سچ جو ضد آهي ڪوڙ، اهو نفس ڏانهن سرايت ڪرڻ لڳندو آهي ته سڀ کان پهريون زبان کي خراب ڪندو آهي، پوءِ عضون ڏانهن وڌندي انهن جي عملن کي ائين خراب ڪندو آهي، جيئن زبان جي قولن کي خراب ڪندو آهي، اهڙيءَ ريت ڪوڙ نفس جي اقوال، افعال ۽ احوال تي ڇانئجي، ان جي خرابيءَ کي مضبوط ڪري ڇڏيندو آهي.

◀ **محبت :** الله، سندس رسول ۽ مؤمنن جي محبت سان ايمان جي مناس حاصل ٿيندي آهي، نبي ڪريم ﷺ جو فرمان آهي : « **ثَلاثٌ مَنْ كُنَّ فِيهِ وَجَدَ بِهِنَّ حَلاوَةَ الإِيمَانِ: أَنْ يَكُونَ اللَّهُ وَرَسُولُهُ أَحَبَّ إِلَيْهِ مِمَّا سِوَاهُمَا، وَأَنْ يُحِبَّ الْمَرْءَ لا يُحِبُّهُ إِلا لِلَّهِ، وَأَنْ يَكْرَهَ أَنْ يَرْجِعَ إِلَى الْكُفْرِ بَعْدَ إِذْ أَنْقَذَهُ اللَّهُ مِنْهُ كَمَا يَكْرَهُ أَنْ يُلْقَى فِي النَّارِ** » "جنهن ۾ ٽي خصلتون هونديون، ته کيس ساڻن ايمان جي مناس حاصل ٿيندي: ١) هي ته الله ۽ سندس رسول کيس هر شيءِ کان وڌيڪ محبوب هجن، ٢) هي ته ڪنهن ماڻهوءَ سان رڳو الله خاطر محبت ڪري، ٣) هي ته جڏهن کان الله کيس ڪفر کان نجات ڏياري آهي تڏهن کان ڏانهس موٽڻ ائين ناپسند هجي، جيئن کيس پنهنجو باهه ۾ اڇلايو وڃڻ ناپسند آهي". متفق عليه. پوءِ جڏهن محبت جو وڻ دل ۾ پوکجي ويو ۽ ان جي آبياري اخلاص جي پاڻيءَ ۽ نبي ڪريم ﷺ جي تابعداري سان ڪئي وئي ته اهو مختلف قسم جا ڦل ڏيڻ شروع ڪندو ۽ الله جي حڪم سان هر وقت ميويدار رهندو. ۽ محبت چار قسم آهي: ١) الله جي محبت : اها ايمان جو بنياد آهي. ٢)الله کارڻ محبت ۽ الله کارڻ دشمني[1]، اها واجب آهي. ٣) الله سان گڏ

---

١) ماڻهو محبت ۽ عداوت (تعلق ۽ لا تعلقي) جي اعتبار کان ٽي قسم آهن : ا) اهي جن سان اهڙي سچي محبت ڪئي وڃي جو ساڻس دشمني بلڪل نه هجي، اهي آهن خالص مؤمن، جهڙوڪ : پيغمبر ۽ صديق، جن جو سرتاج اسانجو پيارو پيغمبر حضرت محمد ﷺ، سندس گهر واريون، نياٽيون ۽ اصحاب سگورا . ب) اهي جن سان رڳو دشمني رکي وڃي، اهي آهن ڪافر، مشرڪ ۽ منافق. ج) اهي جن سان هڪ اعتبار کان محبت هجي ۽ ٻئي اعتبار کان بغض رکيو وڃي، اهي آهن گنهگار مسلمان، انهن سان ايمان جي ڪري محبت رکبي ۽ گناهن جي ڪري بغض رکيو ويندو. ۽ ڪافرن سان محبت ۽ تعلق جا ٻه قسم آهن : ا) جنهن جي ڪري مرتد ٿيڻ ۽ اسلام کان خارج ٿيڻ لازم ٿئي، اهو ٿيندو ساڻن ديني تعلق رکڻ جي ڪري. ٢) حرام ته هجي پر دين کان خارج نه ڪري، اهو آهي دنيوي معاملات ۾ ساڻن تعلق رکڻ. (جنگ نه ڪندڙن) ڪافرن سان سهڻي برتاؤ ڪرڻ ۽ ساڻن دشمني رکڻ ۽ بيزاري جي اظهار ڪرڻ ۾ ڪڏهن غلط فهمي ٿيندي آهي، انهن ٻنهي شين ۾ فرق ڪرڻ گهرجي، ساڻن عدل انصاف ڪرڻ، دلي محبت رکڻ بغير ساڻن سهڻو برتاؤ ڪرڻ، جيئن منجهن ڪنهن ڪمزور سان نرمي سان پيش اچڻ، مٿن رحم ڪائيندي، شفقت ڪندي ساڻن نرم ڳالهائڻ، جائز آهي، الله تعالىٰ انهيءَ بابت فرمايو آهي : ﴿ لَّا يَنْهَىٰكُمُ ٱللَّهُ عَنِ ٱلَّذِينَ لَمْ يُقَٰتِلُوكُمْ فِى ٱلدِّينِ وَلَمْ يُخْرِجُوكُم مِّن دِيَٰرِكُمْ أَن تَبَرُّوهُمْ وَتُقْسِطُوٓاْ إِلَيْهِمْ ﴾ "جن اوهان سان دين جي معاملي ۾ جنگ نه ڪئي آهي ۽ نه وري اوهان کي اوهان جي گهرن مان ڪڍيو اٿن، تن سان نيڪي ڪرڻ ۽ انصاف سان هلڻ ڪان الله اوهان کي نه ٿو جهلي". باقي ساڻن بغض ۽ دشمني رکڻ ۾ ڳالهه آهي، الله تعالىٰ ان جو حڪم پنهنجي هن فرمان ۾ ڪيو آهي : ﴿ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ لَا تَتَّخِذُوا۟ عَدُوِّى وَعَدُوَّكُمْ أَوْلِيَآءَ تُلْقُونَ إِلَيْهِم بِٱلْمَوَدَّةِ ﴾ "اي ايمان وارؤ! منهنجي دشمن ۽ پنهنجي دشمن کي دوست نه بنايو، جو توهان انهن ڏانهن دوستيءَ جا پيغام موڪليو". سو ساڻن بغض رکندي ۽ محبت نه ڪندي به معاملات ۾ انصاف ڪري سگهجي ٿو، جيئن پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني جي يهودين سان ڪندا هئا.

پين جي محبت : يعني الله سان واجب محبت ۾ غير الله کي شريڪ ڪيو وڃي. جيئن مشرڪن جي پنهنجي معبودن سان محبت، اها شرڪ جو بنياد آهي. ۴) **طبعي محبت:** جيئن والدين ۽ اولاد جي محبت، کاڌي پيتي وغيره جي محبت، اها محبت جائز آهي. جيڪڏهن چاهين ٿو ته الله توسان محبت ڪري ته دنيا سان دل نه لڳاءِ، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « **ازْهَدْ في الدُّنْيَا يحبكَ اللهُ** » ابن ماجه. "دنيا ۾ رغبت نه رک ته الله توسان محبت ڪندو".

◖ **توڪل :** هن کي چئبو آهي ته الله تي پروسو ڪندي ۽ جائز اسباب اختيار ڪندي، ڪنهن مطلب حاصل ڪرڻ يا تڪليف ٽارڻ خاطر دلي طرح الله تي اعتماد ڪرڻ ۽ پاڻ کي سندس حوالي ڪرڻ. دلي طرح پاڻُ حوالي نه ڪرڻ توحيد جي خلاف آهي ۽ اسباب اختيار نه ڪرڻ عاجزي ۽ ڪم عقلي آهي، ان جو وقت فعل کان اڳ آهي، ۽ ان جو فائدو يقين آهي، ۽ توڪل ٽي قسم آهي: ۱) **واجب:** اها آهي هر انهي معاملي ۾ الله تي توڪل ڪرڻ جنهن تي الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي قدرت نه هجي، جيئن بيمارن جي شفاء. ۲) **حرام:** هن جا وري ٻه قسم آهن : ا)**شرڪ اڪبر (وڏو شرڪ):** يعني اسبابن تي مڪمل اعتماد ڪرڻ. هي باور ڪرڻ ته اسباب ئي مستقل طور نفعي نقصان ۾ اثر رکن ٿا[1]. ب) **شرڪ اصغر (ننڍو شرڪ) :** جيئن رزق جي باري ۾ ڪنهن ماڻهوءَ تي اهڙو اعتماد ڪرڻ جو ان جي مستقل طور مؤثر هجڻ جو اعتقاد نه رکي، پر ٻه ان سان رڳو ڪيس رزق جي ذريعي سمجهڻ کان مٿانهون تعلق هجي. ۳) **جائز.** يعني کو شخص پنهنجي اهڙي معاملات ۾ ڪنهن ٻئي تي توڪل ۽ پروسو ڪري جنهن تي پاڻ ٻه سوارو هجي، جيئن خريد وفروخت وغيره ۾ ڪبو آهي، پر ڪيس ائين نه چئي ته : الله تي ۽ توتي توڪل ٿو ڪريان. بلڪ چئيس ته : توکي پنهنجو وڪيل ٿو ڪيان.

◖ **شڪر : الله تعالىٰ جي نعمتن جو** ٻانهي جي دل تي ايمان جي صورت ۾، ۽ سندس زبان ۽ عضون تي حمد جي شڪل ۾ اثر ظاهر ٿيڻ عبادت آهي. اهو پاڻ مطلوب آهي، ۽ صبر ٻئي لاءِ وسيلو آهي، **شڪر :** دل، زبان ۽ عضون سان ٿيندو آهي ۽ شڪر جي معنىٰ آهي : نعمت کي الله تعالىٰ جي اطاعت ۾ استعمال ڪرڻ.

◖ **صبر :** هن کي چئبو آهي ته ـ ڪنهن ٻه مصيبت جي درد جي ـ شڪايت غير الله آڏو نه ڪرڻ، ۽ اها رڳو الله آڏو ڪرڻ. الله تعالىٰ جو فرمان آهي : ﴿إِنَّمَا يُوَفَّى الصَّابِرُونَ أَجْرَهُم بِغَيْرِ حِسَابٍ﴾ (صبر ڪندڙن کي سندن بدلو بي حساب ڏنو ويندو آهي)، ۽ پيغمبر ﷺ جن جو فرمان آهي : « **وَمَنْ يَتَصَبَّرْ يُصَبِّرْهُ اللهُ وَمَا أُعْطِيَ أَحَدٌ عَطَاءً خَيْرًا وَأَوْسَعَ مِنَ الصَّبْرِ** » متفق عليه "جنهن پاڻ کي صبر ڏياريو، الله تنهن کي صبر ڏياريندو، ۽ ڪنهن

---

۱) ڇا اسباب اختيار ڪرڻ توڪل جي خلاف آهي؟ ان جون ڪجهه صورتون آهن : ۱) ناموجود فائدو حاصل ڪرڻ : ان جا ٽي قسم آهن : ا) سبب يقيني هجي، جيئن اولاد خاطر نڪاح ڪرڻ، اهڙو سبب اختيار نه ڪرڻ جنون ڇئبو، اها کا توڪل ناهي. ب) غير يقيني اسباب : پر اهڙا جو گهٽو ڪري انهن کان سواءِ نتائج حاصل نه ٿيندا هجن، جيئن بنا ٿمر جي ٻر پٽ ۾ سفر ڪرڻ، اهڙو ڪم توڪل نه چئبو، ٿمر ساڻ ڪٽڻ جو حڪم ٿيل آهي، نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن مديني جو سفر شروع ڪيو ته ٿمر ٻه ساڻ ڪنيائون ۽ هڪ ڪرائيدار گس لائيندڙ ٻه گڏ ڪنيائون. ج) اهڙا اسباب جن جو نتائج تائين پهچائڻ جو انديشو هجي، بظاهر يقيني نه هجي : جيئن کو ماڻهو مال ڪمائڻ جي کوجنا ۾ ان جي مختلف طريقي کان بابت باريڪ رٽون ڪري، ته اهو توڪل کان خارج نه ڇئبو، بلڪ ان جي ابتڙ رزق جي تلاش نه ڪرڻ توڪل جي خلاف ڇئبو، حضرت عمر رضي الله عنه جو فرمان آهي ته : توڪل ڪندڙ اهو آهي جيڪو زمين ۾ بج ٻه ڇڏي ۽ الله تعالىٰ تي پروسو ٻه ڪري. ۲)موجود کي محفوظ ڪرڻ، جيئن کو ماڻهو رزق حلال ڪمائي ۽ ان کي ذخيرو ڪري، اهو توڪل جي خلاف ناهي، خاص ڪري جيڪڏهن هو ڪٽنب وارو ٻه آهي، ڇاڪاڻ ته نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن بنو نضير يهودين واريون کجيون وڪٽندا هئا ته پنهنجي گهر وارن لاءِ سال جو قوت ڪڍي رکندا هئا. (متفق عليه). ۳) اهڙي نقصان جو دفاع ڪرڻ جيڪو ايجان ٽيو ناهي: توڪل ڪرڻ لاءِ اهو شرط ناهي ته نقصان ٽارينڊڙ اسباب ڇڏي ڏجن، جيئن جنگ جي دوران زرهه پائڻ، اٽ کي ڍاوڻ هٽڻ، اهڙين حالتن ۾ مسبب (الله) تي توڪل هئڻ گهرجي، سبب تي نه، ۽ ان ۾ جيڪو الله تعالىٰ جو فيصلو هجي ان تي راضي رهڻ گهرجي. ۴) ٽيل نقصان جو ازالو ڪرڻ : اهو ٽي قسم آهي : ا) يقيني هجي : جيئن پاڻيءَ جو اڇ لاهڻ، ان کي ڇڏڻ کا توڪل ناهي. ب) غير يقيني هجي : جيئن سگيون وغيره هٽائڻ، اهڙو سبب اختيار ڪرڻ توڪل جي خلاف ناهي، ڇاڪاڻ ته پاڻ ڪريم ﷺ جن پاڻ ٻه علاج ڪرايو ۽ پين کي ٻه علاج ڪرائڻ جو حڪم ڏنو. ج) سبب وهمي هجي : جيئن چاڪ چگو پلو پاڻ کي ڏنڀ ڏياري ته جيئن بيمار نه ٿئي، اهڙو سبب اختيار ڪرڻ توڪل ڪامل هجڻ جي خلاف ڇئبو.

کي ب صبر کان وڌيڪ بهتر ۽ وسيع عطيو نہ ڈنو ويو آهي“، حضرت عمر رضي الله عنه جو قول آهي تہ : آءٌ کنهن ب اهڙي آزمائش ۾ مبتلا نہ ٿيو آهيان جنهن ۾ مون تي الله تعالىٰ جون چار نعمتون نہ ٿيون هجن: هي تہ اها منهنجي دين بابت نہ هئي، وڌيڪ وڌي ب نہ هئي، آءٌ مٿس رضامندي جي نعمت کان ب محروم نہ رهيس ۽ ان تي ثواب جي اميد ب رکندو رهيس.

۽ صبر جا کجھ درجا آهن : ننڍو: اهو هي تہ ان کي ناپسند ڪندي شڪايت نہ ڪرڻ. **وچولو:** مٿس راضي رهندي شڪايت نہ ڪرڻ. **مٿانهون :** آزمائش تي الحمد لله چوڻ. جنهن تي کو ڏاڍو ٿيو ۽ ان مٿس ڏاڍو ڪندڙ لاءِ بد دعا ڪئي تہ ان پنهنجي مدد پاڻ ڪئي، حق ونڊي چڪو ۽ صبر نہ ڪيائين.

۽ صبر ٻہ قسم آهي : ۱) جسماني : هتي اهو اسان جي مراد ناهي. **۲) نفساني :** طبيعت جي خواهشات ۽ پسند جي گهرجن تي صبر ڪرڻ[1].

پانهي کي دنيا ۾ جو کجھ پيش ايندو آهي، اهو ٻن قسمن کان خالي ناهي: ا) خواهش جي موافق هجي، ان ۾ صبر جي ضرورت آهي تہ جيئن شڪر ڪري الله تعالىٰ جو حق ادا ڪجي ۽ ان مان ذري برابر ب الله جي نافرماني ۾ صرف نہ ڪيو وڃي. ب) خواهش جي ابتڙ هجي، اهو ٽي قسم آهي : ۱) الله جي فرمانبرداري تي صبر : ان مان فرض جي ادائگي واجب ۽ نفلي ڪم ڪرڻ مستحب آهي. ۲) الله جي نافرماني کان صبر ڪرڻ : ان مان حرام کي ڇڏڻ واجب ۽ مڪروهہ کي ترڪ ڪرڻ مستحب آهي. ۳) الله جي تقديرن تي صبر ڪرڻ : ان ۾ زبان کي شڪوه ڪرڻ کان جهلڻ، دل کي اعتراض ڪرڻ ۽ ناراض ٿيڻ کان روڪڻ ۽ عضون کي اهڙن ڪمن کان بند رکڻ واجب آهي جن ۾ الله جي ناراضگي هجي، جيئن گهل گهوڙا ڪرڻ، ڪپڙا ڦاڙڻ ۽ منهن پٽڻ وغيره. ۽ الله جي تقدير تي دلي رضامندي مستحب آهي.

آسودو شڪر گذار پلو يا سچو صابرين؟ جيڪڏهن آسودي پنهنجو مال نيڪيءَ ۾ خرچ ڪيو يا ان لاءِ رکي ڇڏيائين تہ اهو فقير کان پلو ڇٻو، ۽ جيڪڏهن گهٽي ياگي مباح ڪمن ۾ صرف ٿو ڪري تہ پوءِ فقير پلو ڇٻو. نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي : « **الطَّاعِمُ الشَّاكِرُ بمنزلَةِ الصَّائِمِ الصَّابِرِ**» أحمد. ”ڪاڌي کارائيندڙ شڪر گذار جو شان، روزيدار صابر جهڙو آهي“.

◀ **رضا :** يعني کنهن ب شيءِ تي قناعت ۽ اڪتفاء ڪرڻ. ان جي جاءِ کنهن ب فعل جي ٿيڻ کان پوءِ آهي، الله تعالىٰ جي قضا تي رضا مقرب بندن جي مٿانهين مقامن مان آهي ۽ اهو مقام محبت ۽ توڪل جو ڦل آهي. باقي الله کان کنهن ب تڪليف جي ختم ٿيڻ جي دعا ڪرڻ ان تي رضا جي خلاف ناهي.

◀ **خشوع :** يعني تعظيم، نوڙت، عجز ۽ انڪساري ڪرڻ، حضرت حذيفة رضي الله عنه فرمايو آهي تہ : منافقت واري خشوع کان بچجو. پڇياؤنس تہ : منافقت وارو خشوع ڇا آهي؟ وراڻيائين تہ : جسم تہ ڪپو ٿيل ڏسين، پر دل تي ڪو اثر ئي نہ هجي. سندس ٻيو فرمان آهي تہ : دين مان سڀ کان پهريون خشوع ختم ٿيندي ڏسندؤ. جنهن ب عبادت ۾ خشوع مطلوب آهي، ان جو ثواب ان ۾ خشوع جيترو ملندو، جيئن نماز ۾ خشوع ڪرڻ، نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن نمازيءَ بابت فرمايو آهي تہ : ڪيس نماز جو اڌ ملندو، چوٿون حصو، پنجون يا ڪو .... ڏهين پٽي ملندي، بلڪ ٿي سگهي ٿو تہ خشوع بلڪل نہ هجڻ ڪري ڪجھ ب نہ ملیس.

◀ **اميد :** الله تعالىٰ جي وسيع رحمت ڏانهن نظر ڪرڻ کي آس يا اميد چئبو آهي، ان جو ضد آهي : مايوسي، اميد رکي عمل ڪرڻ جو درجو خوف جي بنياد تي عمل ڪرڻ کان مٿانهون آهي، ڇاڪاڻ تہ ان سان الله تعالىٰ ۾ سهڻو گمان پيدا ٿيندو آهي، قدسي حديث ۾ الله تعالىٰ جو فرمان آهي : «**أنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِي بِي**» مسلم. ”آءٌ پنهنجي بابت سان ائين هلندو آهيان، جهڙو هو منهنجي باري ۾ گمان رکندو آهي“.

اهو ٻہ درجا آهي : اعلىٰ : نيڪي ب ڪري ۽ ثواب جي اميد ب رکي، بي بي عائشة رضي الله عنها عرض ڪيو تہ :

---

۱) هي قسم جيڪڏهن پيٽ ۽ اوگهڙ جي شهوت کان صبر آهي تہ ان کي : پاڪدامني چئبو آهي، جيڪڏهن جنگ جي دوران آهي تہ ان کي : بهادري چئبو، جيڪڏهن ڪاوڙ ڪائڻ بابت آهي تہ : بردباري چئبو، جيڪڏهن کنهن معاملي لڪائڻ بابت آهي تہ : رازداني چئبو، جيڪڏهن فضول عياشي متعلق آهي تہ : زهد چئبو ۽ جيڪڏهن دنيوي عيش وعشرت مان ٿوري ٽڪي تي گذاري ڪرڻ بابت آهي تہ : قناعت چئبو.

اي الله جا رسول! ڇا الله جي هن فرمان : ﴿وَٱلَّذِينَ يُؤْتُونَ مَآ ءَاتَواْ وَّقُلُوبُهُمْ وَجِلَةٌ﴾ ”۽ اهي جيڪي ڏين ٿا جو ڪجھ ڏنائون، حالانڪ سندن دليون ڏڪنديون ٿيون رهن“ مان اهڙا ماڻهو مراد آهن جيڪي چوري ۽ ڪن، زنا ۽ ڪن، شراب ۽ پيئن ۽ الله تعالىٰ کان ڊجن ٿا؟ فرمايائون ته : اي صديق جي نياڻي! اهي مراد ناهن، انهن مان مراد اهي ماڻهو آهن جيڪي نماز ۽ پڙهن، روزا ۽ رکن، زڪات ۽ ڏين ۽ ڊجندا ۽ رهن ته متان قبول نه ٿئي، ﴿أُوْلَٰٓئِكَ يُسَٰرِعُونَ فِي ٱلْخَيْرَٰتِ﴾ ”اهي نيڪين ۾ آگرائي ڪندا آهن“ (ترمذي). ادنىٰ : گنهگار، توبه ڪندڙ، الله تعالىٰ کان بخشش جي اميد رکندڙ. باقي ڏوهدار، گناهن تي ڊٽيل، توبه ۽ نه ڪري، پوءِ ۽ الله جي رحمت ۾ اميد رکيون ويٺو هجي، ته اها تمنا آهي، اميد ناهي، اهڙي قسم جي مذمت آئي آهي ۽ پهرين قسم جي ساراهه آئي آهي، بهر حال مؤمن نيڪي ۽ ڊپ ٻئي گڏ ٿو رکي ۽ منافق برائيءَ سان گڏ بيخوفائي.

خوف : نفس کي ڪنهن تڪليف پهچڻ جي غم لاڳو ٿيڻ کي چئبو آهي. ۽ جيڪڏهن تڪليف يقيني ٿي پئي ته ان کي ڊپ چئبو آهي. ان جو ضد آهي امن، خوف اميد جو ضد ناهي، بلڪ ڊڄ جي صورت ۾ ان جو باعث آهي، ۽ اميد رغبت جي صورت ۾ باعث آهي. محبت، خوف ۽ اميد ٻنهي جو گڏ هجڻ ضروري آهي، ابن القيم چئي ٿو : دل الله ڏانهن هلڻ ۾ پکيءَ جيان آهي، محبت ان جو مٿو آهي، خوف ۽ اميد ان جا ٻه پر آهن، جڏهن خوف دل ۾ گهر ٿو ڪري تڏهن ان جي شهوت واري سيني جاين کي ساڙي ٿو ڇڏي، ۽ دنيا کي ان مان تڙي ٿو ڪڍي. خوف ٻه قسم آهي: (۱) واجب: جيڪو واجبات ڪرائي ۽ محرمات ڇڏرائي. (۲) مستحب : جيڪو مستحب ڪم ڪرائي ۽ مڪروهه ڪم ڇڏرائي. ان جا ڪجھ قسم آهن : ۱) ڪجھو ۽ عبادت وارو، اهو رڳو اڪيلي الله کان ڊڄڻ واجب آهي، جيڪڏهن غير الله کان ڊري برابر ٻه ڪيو ويو ته شرڪ اڪبر ٿي پوندو، جيئن مشرڪن جي معبودن جو خوف ته انهن کان متان کو نقصان يا مصيبت نه پهچي. (۲) حرام : اهو آهي ماڻهن جي ڊپ کان کو واجب ڪم ڇڏي ڏيڻ يا کو حرام ڪم ڪرڻ. (۳) جائز : اهو طبعي خوف آهي، جيئن شينهن ڪهڙ وغيره کان ٿيندو آهي.

زهد : پنهنجي رغبت کي هڪ شيءِ کان ڦيري ان کان بهتر ڏانهن ڊڄڻ کي چئبو آهي، دنيا ۾ زهد دل ۽ بدن کي راحت ڏياريندو آهي، ۽ دنيا ۾ رغبت رکڻ ڏڪ ۽ غم وڌائيندي آهي، ۽ دنيا جي محبت هر گناهه جي جڙ آهي، ۽ ان کي برو سمجهڻ هر نيڪيءَ جو ڪارڻ آهي. دنيا ۾ زهد جي معنىٰ هي آهي ته : ان کي دل مان بلڪل ڪڍي ڇڏجي، ائين نه ته رڳو هٿ مان ڪڍي ڇڏجي باقي دل ان سان جڙي رهي، اهو ته جاهلن جو زهد آهي، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « نِعْمَ الْمَالُ الصَّالِحُ لِلْمَرْءِ الصَّالِحِ » أحمد ”چڱو مال چڱي ماڻهو وٽ ئي بهتر آهي“. فقير جون مال سان پنج حالتون آهن : ۱) مال کي ناپسند ڪندي ان جي فتني ۽ مشغوليت کان بچندي، ان جي حاصل ڊڄڻ کان ڀڄي. اهڙي حالت واري کي زاهد چئبو آهي. ۲) ان جي حاصل ڊڄڻ تي نه خوش ٿئي ۽ نه اهڙو برو سمجهي جو کيس ان تي تڪليف پهچي. اهڙي حالت واري کي راضي چئبو آهي. ۳) مالي رغبت جي ڪري ان جو هجڻ، نه هجڻ کان وڌيڪ پسند هجيس، پر سندس رغبت اهڙي درجي کي نه پهتي هجي جو ان لاءِ پاڻ پٽوڙي، ڪٽان مفت هٿ اچي ويو ته وڻي ڇڏيائين ۽ خوش ٿي پيو، ۽ جيڪڏهن ان جي حاصل ڊڄڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پئيس، ته پڇر ئي ڇڏي ڏئي. اهڙي حالت واري کي قناعتي چئبو آهي. ۴) ان جي رغبت ته گهٽي هجيس پر عاجز هجڻ جي ڪري طلب نه ڪري سگهي، ۽ جيڪڏهن جاکوڙ ڊڄڻ سان ٻه ڪٽان ان جي حاصل ڊڄڻ جو ڪو دڳ ملیس ته جيڪر نه ڇڏي. اهڙي حالت واري کي لالچي چئبو آهي. ۵) ڪجھ مال حاصل ڊڄڻ لاءِ مجبور هجي، جيئن اهڙو ٻکيو جنهن کي کائڻ لاءِ ڪجھ نه ملي يا اگهاڙو جنهن کي پاڻ ڍڪڻ لاءِ ڪو لٽو ڪپڙو ئي نه ملي. اهڙي حالت واري کي مجبور چئبو آهي.

هڪ مانيٽي ڳالهه ٻولهه

عبدالله نالي هڪ شخص، **عبدالنبيءَ** نالي هڪ ماڻهوءَ سان مليو. **عبدالله** دل ۾ ان نالي کي عجيب سمجهڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته : ٻلا ڪو شخص غير الله جي عبادت ڪيئن ڪندو؟ پوءِ **عبدالنبيءَ** کي اهو چوندي مخاطب ٿيو ته : تون الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪندو آهين چا؟!

عبدالنبي چيو : نه، آءٌ غير الله جي عبادت ناهيان ڪندو، آءٌ مسلمان آهيان. اڪيلي الله جي عبادت ڪندو آهيان. تنهن تي عبدالله چيو : ته پوءِ هيءُ نالو جيڪو عيسائين جي نالي عبدالمسيح وانگر آهي، سو ڪيئن رکيو اٿئي؟ اهي ائين ڪن ٿا ته ڪو عجب ڪونهي، جو اهي عيسىٰ عليه السلام جي عبادت ڪندا آهن. پر جيڪو تنهنجو نالو ٻڌندو تنهن جي ذهن ۾ ته اهو ايندو ته تون محمد ﷺ جن جي عبادت ٿو ڪرين، جڏهن ته ڪنهن به مسلمان جو پنهنجي پيغمبر ﷺ بابت اهو عقيدو ئي ناهي، بلڪ ان تي واجب آهي ته اهو عقيدو رکي ته هو الله جو ٻانهو ۽ سندس رسول آهي.

عبدالنبي چيو: پر نبي محمد ﷺ ته خير البشر ۽ رسولن جو سردار آهي، اسان اهو نالو ته برڪت خاطر ۽ پيغمبر جي مان شان ۽ بلند مقام جي واسطي الله وٽ تقرب حاصل ڪرڻ لاءِ رکندا آهيون ۽ نبي ﷺ جن کان انهيءَ ذريعي شفاعت گهرندا آهيون. تون تعجب نه ڪر، منهنجي ڀاءُ جو نالو عبدالحسين آهي ۽ ان کان اڳ منهنجي پيءُ جو نالو عبدالرسول آهي. اهڙا نالا پراڻي زماني کان رکيا ٿا وڃن ۽ ماڻهن ۾ عام آهن. ابن ڏاڏن ۾ به آسان اهو ڏنو آهي. ان ڪري هن مسئلي ۾ سختي نه ڪرڻ گهرجي. هيءُ ڪو ڏکيو معاملو ڪونهي، دين ۾ ته آساني آهي.

عبدالله چيو: هيءَ ٻي خرابي آهي، جيڪا پهرينءَ کان به وڏي خرابي آهي. اهو هي ته غير الله کان اهڙي شيءِ گهرجي جنهن جي الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي قدرت ئي ڪانهي. ڀل اهو سؤال خود نبي ڪريم ﷺ جن کان گهرجي يا ٻئي ڪنهن نيڪ صالح ٻانهي کان، جيئن حضرت حسين رضي الله عنه يا ڪو ٻيو. چاڪاڻ ته اهو ان توحيد جي خلاف آهي، جنهن جو اسان کي حڪم ڏنل آهي ۽ لااله الا الله جي معنىٰ جي سراسر ابتڙ آهي. آءٌ تنهنجي آڏو چند سوال پيش ڪيان ٿو ته جيئن توکي معاملي جي گهرائيءَ جي خبر پوي. ۽ ڦهڙڻ نالن جي نتيجي جو پتو پوي. منهنجو ٻيو ڪوبه مقصد ڪونهي صرف حق چوڻ ۽ ان جي پيروي ڪرڻ مقصد آهي ۽ باطل ۽ ان کان بچاءَ جو بيان ڪرڻو آهي، چگهائيءَ جو حڪم ۽ برائيءَ کان روڪڻ مقصد آهي. الله ئي مددگار آهي مٿس ئي ڀروسو آهي. نيڪي ڪرڻ جي سگهه ۽ برائيءَ کان بچڻ جي طاقت الله وٽان ئي ملندي . سڀ کان پهريائين آءٌ توکي الله تعالىٰ جو هي فرمان ياد ڏياريان ٿو : ﴿ إِنَّمَا كَانَ قَوْلَ ٱلْمُؤْمِنِينَ إِذَا دُعُوٓاْ إِلَى ٱللَّهِ وَرَسُولِهِۦ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ أَن يَقُولُواْ سَمِعْنَا وَأَطَعْنَا ﴾ (جڏهن مؤمنن کي الله ۽ سندس رسول ڏانهن سڏبو آهي ته جيئن (پيغمبر) سندن وچ ۾ نبيرو ڪري، تڏهن انهن جو چوڻ رڳو هي هوندو آهي ته ٻڌوسون ۽ مڃيوسون) ۽ سندس هي قول به : ﴿ فَإِن تَنَٰزَعْتُمْ فِى شَىْءٍ فَرُدُّوهُ إِلَى ٱللَّهِ وَٱلرَّسُولِ إِن كُنتُمْ تُؤْمِنُونَ بِٱللَّهِ وَٱلْيَوْمِ ٱلْءَاخِرِ ﴾ (پوءِ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ بابت پاڻ ۾ جهڪڙو ڪريو ته ان کي الله ۽ ان جي رسول جي (حڪم) تي پرکيو، جيڪڏهن توهان الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهيو).

عبدالله چيس ته : تو چيو ته تون الله جي توحيد کي مڃين ٿو. ۽ لااله الاالله جي گواهي ٿو ڏين. چا تون مون کي ان جي معنىٰ ٻڌائيندين؟

عبدالنبي: توحيد هيءَ آهي ته تون اهو ايمان رکين ته الله موجود آهي. اهوئي آهي جنهن آسمان ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي. اهوئي جيارينڏڙ ۽ مارينڏڙ ۽ ڪائنات کي هلائيندڙ آهي. اهو ئي رزق ڏينڏڙ، جاڙيندڙ ، خبر رکندڙ ۽ وسوارو آهي ...

عبدالله: جيڪڏهن رڳو اها ئي توحيد آهي ته پوءِ فرعون، سندس قوم، ابوجهل، ۽ ٻيا به موحد سڏجن ها. چاڪاڻ ته اهي به هن ڳالهه کان اڻ ڄاڻ ڪونه هئا، جيئن اڪثر مشرڪ ان کان اڻ واقف ناهن. فرعون جنهن ربوبيت جي دعويٰ ڪئي هئي، سوبه اهو اعتراف ڪندو هو ۽ دلي طرح اهو ايمان رکندو هو ته الله موجود آهي ۽ اهوئي ڪائنات جو جوڙڻ هلائيندڙ آهي. ان جو دليل الله تعالىٰ جو هيءُ قول آهي ته : ﴿ وَجَحَدُواْ بِهَا وَٱسْتَيْقَنَتْهَآ أَنفُسُهُمْ ظُلْمًا وَعُلُوًّا ﴾ (ظلم ۽ وڏائيءَ جي ڪري انهن (نشانين) جو انڪار ڪيائون حالانڪه سندن دليون انهن (جي سچي هجڻ) جو يقين رکنديون هيون). هيءُ اعتراف ڪانئس ڇڻيءَ طرح پڌرو به ٿيو

جڏهن درياهه ۾ ٻڏڻ لڳو.
پر حقيقت ۾ توحيد، جنهن جي لاءِ الله پنهنجا رسول موڪليا ۽ ان لاءِ ڪتاب موڪليائين ۽ جنهن جي ڪري قريشن سان جنگ ڪئي وئي، اها : الله کي عبادت ۾ اڪيلو ڪري مڃڻ کي چئبو آهي ۽ عبادت : نالو آهي : هر ان ظاهري ۽ باطني قول ۽ عمل جو جيڪو الله کي پسند هجي ۽ جنهن تي هو راضي رهي ۽ (لا اله الا الله) ۾ (اله) لفظ جي معنيٰ آهي : اهڙو معبود جو عبادت رکڻ ان کي ٿي سونهين.
عبدالله: ڇا تون ڄاڻين ٿو ته زمين تي رسول ڇو موڪليا ويا؟ جن مان پهريون پيغمبر نوح عليه السلام آهي؟
عبدالنبي: هن لاءِ ته مشرڪن کي رکڻ هڪ الله جي عبادت ڪرڻ ۽ ان جي هر شريڪ کي ڇڏي ڏيڻ جي دعوت ڏين.
عبدالله: نوح عليه السلام جي قوم جي شرڪ جو سبب ڪهڙو هو؟
عبدالنبي: مون کي خبر ڪانهي.
عبدالله: الله نوح عليه السلام کي پنهنجي قوم ۾ تڏهن موڪليو جڏهن انهن صالح ماڻهن : وُد، سُواع، يغوث، يعوق ۽ نسر جي باري ۾ غلو ڪان ڪم ورتو.
عبدالنبي: ڇا تنهنجي مراد اها آهي ته ود، سواع ۽ ٻيا نيڪ صالح ماڻهن جا نالا آهن، اهي ڪافرن جي ظالم جابر سردارن جا نالا ناهن؟
عبدالله: ها، اهي انهن نيڪ صالح ماڻهن جا نالا آهن، جن کي نوح عليه السلام جي قوم پنهنجو معبود ڪري ورتو هو، عربن به ان ئي ڳالهه ۾ انهن جي پيروي ڪئي هئي. ان جو دليل اها حديث آهي جيڪا ابن عباس رضي الله عنه ڪان روايت ٿيل آهي، چيائين ته : قوم نوح ۾ جيڪي بت هئا سي پوءِ عربن ۾ به ٿي پيا. "ود" دومة الجندل ۾ ڪلب قبيلي جو بت هو. "سواع" هذيل جو هو. "يغوث" پهريان مراد قبيلي جو هو، پوءِ سبا جي ويجهو جوف جي علائقي ۾ بنو غطيف قبيلي جو هو، ۽ "يعوق" همدان جو، "نسر" حِميَر آل ذي ڪلاع وارن جو بت هو. (اهي سڀ) قوم نوح جي نيڪ صالح شخصن جا نالا آهن. جڏهن اهي فوت ٿيا ته شيطان سندن قوم کي اشارو ڏنو ته بت گهڙي، مٿن انهن وارا نالا رکي، پنهنجي انهن اوطاقن ۾ بيهارن جن ۾ ويهي ڪچهريون ڪندا هئا. پوءِ انهن ائين ڪيو. انهن جي عبادت نه ڪندا هئا. پرجڏهن اهي مري ويا ۽ علم نڪري ويو ته انهن جي عبادت شروع ٿي وئي. (بخاري).
عبدالنبي: هيءَ ته عجيب ڳالهه آهي!
عبدالله: توکي ان کان به وڌيڪ عجيب ڳالهه نه ٻڌايان؟ توکي خبر هجي ته خاتم الانبياء سيدنا محمد صلي الله عليه وسلم کي الله اهڙي قوم ڏانهن موڪليو هو جيڪا استغفار به ڪندي هئي، عبادت به ڪندي هئي، طواف به ڪندي هئي، صفا مروه به ڊوڙندي هئي، حج به ڪندي هئي ۽ خير خيرات به ڪندي هئي، پر اها مخلوقات مان ڪن کي - جهڙوڪ : ملائڪ، عيسيٰ عليه السلام ۽ ٻيا نيڪ صالح ماڻهو- الله ۽ پنهنجي وچ ۾ واسطو به بنائيندي هئي. چوندا هئا ته : انهن مان اسان الله جو تقرب حاصل ڪرڻ گهرون ٿا ۽ وٽس انهن جي شفاعت حاصل ڪرڻ ٿا گهرون. پوءِ الله تعالىٰ پنهنجي پيغمبر محمد صلي الله عليه وسلم جن کي مبعوث فرمايو، جنهن انهن لاءِ سندن ڏاڏي ابراهيم عليه السلام واري دين جي نئين سر تعليم ڏني. ڪين ٻڌايائين ته اهڙو تقرب حاصل ڪرڻ ۽ ڪنهن ۾ اهڙو عقيدو رکڻ خاص الله جو حق آهي. ان مان ڪابه شئي پين کي نه ٿي سونهين. اهو ئي اڪيلو خالق آهي، جنهن جو ڪو شريڪ نه آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه رازق ڪونهي. ست آسمان ۽ جيڪو ڪجهه انهن ۾ آهي ۽ ست زمينون ۽ جيڪو ڪجهه انهن ۾ آهي سي سڀ سندس ٻانهپ ٿا ڪن ۽ سندس قبضي ۽ اختيار ۾ آهن. بلڪ اهي معبود به جن جي اهي عبادت ڪن ٿا سي به اهو اقرار ڪن ٿا ته اهي خود پاڻ به سندس قبضي ۽ اختيار هيٺ آهن.
عبدالنبي: هيءَ ڳالهه ته وڏي خطرناڪ ۽ ڏاڍي عجيب آهي! ڇا ان جو ڪو دليل به آهي؟
عبدالله: دليل تمام گهڻا آهن. انهن مان هڪ الله جو قول آهي : ﴿ قُلْ مَن يَرْزُقُكُم مِّنَ ٱلسَّمَآءِ وَٱلْأَرْضِ أَمَّن يَمْلِكُ ٱلسَّمْعَ وَٱلْأَبْصَٰرَ وَمَن يُخْرِجُ ٱلْحَىَّ مِنَ ٱلْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ ٱلْمَيِّتَ مِنَ ٱلْحَىِّ وَمَن يُدَبِّرُ ٱلْأَمْرَ ۚ فَسَيَقُولُونَ ٱللَّهُ ۚ فَقُلْ أَفَلَا تَتَّقُونَ ﴾ (چئو ته : ڪير آهي جيڪو توهان کي رزق ڏيندو آهي آسمان ۽ زمين مان؟ يا ڪير آهي جيڪو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ (ڪنن ۽ اکين) جو مالڪ آهي؟ ۽ ڪير آهي جيڪو مئل مان جيئري کي ۽ جيئري مان مئل کي ٿو ڪڍي؟ ۽

كير آهي جيكو سڀ كم رڌيندو آهي؟ پوءِ سگهوئي چوندا تہ: "الله". پوءِ چئو تہ: اوهان جو نہ ٿا ڊڄو. ۽ سندس ٻيو فرمان آهي تہ: ﴿ قُل لِّمَنِ ٱلۡأَرۡضُ وَمَن فِيهَآ إِن كُنتُمۡ تَعۡلَمُونَ ﴿٨٤﴾ سَيَقُولُونَ لِلَّهِۚ قُلۡ أَفَلَا تَذَكَّرُونَ ﴿٨٥﴾ قُلۡ مَن رَّبُّ ٱلسَّمَٰوَٰتِ ٱلسَّبۡعِ وَرَبُّ ٱلۡعَرۡشِ ٱلۡعَظِيمِ ﴿٨٦﴾ سَيَقُولُونَ لِلَّهِۚ قُلۡ أَفَلَا تَتَّقُونَ ﴿٨٧﴾ قُلۡ مَنۢ بِيَدِهِۦ مَلَكُوتُ كُلِّ شَيۡءٖ وَهُوَ يُجِيرُ وَلَا يُجَارُ عَلَيۡهِ إِن كُنتُمۡ تَعۡلَمُونَ ﴿٨٨﴾ سَيَقُولُونَ لِلَّهِۚ قُلۡ فَأَنَّىٰ تُسۡحَرُونَ ﴾ (چئو تہ: ڪنهن لاءِ آهي زمين ۽ جيكو ڪجهه ان ۾ آهي، جيڪڏهن اوهان ڄاڻو ٿا؟ جلد چوندا تہ: الله لاءِ آهي؟ چئو تہ: پوءِ چونہ ٿا نصيحت حاصل ڪيو؟ چئو تہ: ستن آسمانن ۽ عرش عظيم جو رب ڪير آهي؟ جلد چوندا تہ: الله. چئو تہ: پوءِ چو نہ ٿا ڊڄو؟ چئو تہ: ڪير آهي جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جي بادشاهي آهي، اهو پناهه ڏيندو آهي ۽ ان (جي عذاب) کان ڪنهن کي پناهه نہ ڏئي سگهبي آهي؟ جيڪڏهن اوهان ڄاڻو ٿا. جلد چوندا تہ: الله. چئو تہ: پوءِ اوهان ڪٿان ٿا ڦٻجو؟!).

مشرڪ حج ۾ هن طرح تلبيہ چوندا هئا: لبيک اللهم لبيک. لبيک لاشريک لک، الا شريکا هو لک. تملکه وما ملک. (حاضر آهيان، اي الله مان حاضر آهيان. حاضر آهيان، تنهنجو ڪو بہ شريڪ ڪونهي. سواءِ ان هڪ شريڪ جي جيڪو تنهنجو ئي آهي. تون ان جو مالڪ آهين، اهو تنهنجو مالڪ ناهي) قريش جي مشرڪن جو اهو اعتراف تہ الله ئي ڪائنات جو ڪارساز ۽ مالڪ آهي، يا اهڙو اعتراف جنهن کي (توحيد ربوبيت) چئبو آهي، اهو کين اسلام ۾ داخل نہ ڪري سگهيو. ۽ انهن جي ملائڪن، نبين ۽ اولیائن ڏانهن هن ڪري متوجهه ٿيڻ تہ اهي انهن جي شفاعت ڪن ۽ اهڙي عقيدي کي الله جي قرب حاصل ڪرڻ جي ذريعي سمجهڻ ئي انهن جي خون ۽ مال کي حلال ڪري ڇڏيو هو ۽ انهيءَ ڪري مسلمانن لاءِ انهن سان جنگ ڪرڻ جائز هئي. ان ڪري هر قسم جي دعا رڳو الله کان ڪرڻ گهرجي. باس رڳو الله لاءِ ئي باسڻ گهرجي. قرباني رڳو الله لاءِ ئي ڪرڻ گهرجي. مدد بہ بلڪل الله کان ئي وٺڻ گهرجي ۽ عبادت جا هڙئي قسم رڳو الله لاءِ هڻڻ گهرجن.

عبدالنبي: جيڪڏهن توحيد الله جي وجود ۽ ڪائنات ۾ سندس اختيار جي اقرار جو نالو ناهي، جيئن تون گمان ٿو ڪرين، تہ پوءِ توحيد چاهي؟

عبدالله: اها توحيد، جنهن جي لاءِ رسول موڪليا ويا ۽ جنهن جي اقرار ڪرڻ کان مشرڪن انڪار ڪيو، سا عبادت ۾ الله کي اڪيلو قبول ڪرڻ آهي. ان ڪري عبادت جي هر قسم جي ڪابہ شيءِ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن نہ ڦيرڻي. جيئن: دعا، باس، قرباني، پڪارڻ ۽ مدد گهرڻ وغيره. اها ئي توحيد لااله الاالله جي ڪلمي جي حقيقي معنىٰ آهي. ڇاڪاڻ تہ قريش جي مشرڪن وٽ (معبود) ان کي چئبو هيو جنهن لاءِ اهڙي قسم جون عبادتون ڪيون وڃن. پوءِ اهي ملائڪ هجن يا نبيءَ، اولياء هجن يا وٽ ٽڻ، ڪا قبر هجي يا جن پوت هجن. اها مراد نہ هين تہ معبود اهو ئي آهي جيڪو خالق، رازق ۽ مدبر آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي بہ اهو ڄاڻندا هئا تہ اهو سڀ ڪجهه اڪيلي الله لاءِ آهي، جيئن مٿي گذريو. پوءِ انهن ڏانهن نبي ڪريم ﷺ جن مبعوث ٿيا جيڪي کين توحيد جي ڪلمي "لا اله الا الله" ڏانهن سڏيندا هئا. ان جي معنىٰ ۽ مطلب اپنائڻ ڏانهن سڏيندا هئا رڳو زبان سان ڪلمي پڙهڻ ڏانهن ڪونہ سڏيندا هئا.

عبدالنبي: تنهنجي چوڻ جو مطلب هي آهي تہ قريش جا مشرڪ (لا اله الا الله) جي معنىٰ اڄ ڪلهه جي مسلمانن کان وڌيڪ ڄاڻندا هئا.

عبدالله: ها! اها ڏکوئيندڙ حقيقت آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪافر ڄڻ بہ اهو ڄاڻيندا هئا تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي هن ڪلمي مان مراد الله کي عبادت ۾ اڪيلو سمجهڻ آهي ۽ الله کان سواءِ ٻين جي عبادت کان انڪار ۽ برائت اختيار ڪرڻ آهي. اهوئي سبب هو جو جڏهن کين چيائين (لا اله الا الله) چئو! تہ چيائون: ﴿ أَجَعَلَ ٱلۡأٓلِهَةَ إِلَٰهٗا وَٰحِدًاۖ إِنَّ هَٰذَا لَشَيۡءٌ عُجَابٞ ﴾ (ڇا گهٽن معبودن کي هڪ معبود ڪري ڇڏيو اٿس؟ اها تہ عجيب شيءِ آهي)! حالانڪ اهي اهو ايمان بہ رکندا هئا تہ ڪائنات جو چرخو هلائيندڙ رڳو الله ئي آهي. پوءِ جڏهن تہ جاهل ڪافر بہ اهو ڄاڻن پيا، تہ تعجب انهن تي آهي جيڪي اسلام جي دعوىٰ تہ ڪن ٿا پر هن ڪلمي جو مطلب نہ ٿا ڄاڻن، جنهن جو مطلب ڪافر ڄڻ بہ ڄاڻندا هئا. ائين ٿا ڄاڻئن تہ جو ان ڪلمي جو رڳو زبان سان اچارڻ ڪافي آهي، باقي دلي طور ان جي معنىٰ جو اعتقاد مقصود ناهي. انهن مان جيڪو وڌيڪ سمجهدار آهي سو ان جي معنىٰ اها ٿو سمجهي تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رزق نہ ٿو ڏئي، پيدا نہ

ٿو ڪري ۽ نہ ئي معاملات جي تدبير ٿو ڪري. تنهن ڪري اهڙن ماڻهن ۾ ڪابہ پلائي ڪانهي جيڪي اسلام جي دعويٰ تہ ڪن ٿا پر قريش جا جاهل ڪافر بہ لااله الاالله جي معنيٰ انهن کان وڌيڪ چاڻندا هئا.

عبدالنبي: پر آءٌ تہ الله تعالیٰ سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪندو آهيان. بلڪ شاهدي ٿو ڏيان تہ اڪيلي الله کان سواءِ ڪوبہ پيدا نہ ٿو ڪري، ڪوبہ رزق نہ ٿو ڏئي، ڪوبہ نفعو نہ ٿو ڏئي، ڪوبہ نقصان نہ ٿو ڏئي ۽ ان سان ڪوبہ شريڪ ڪونهي. بيشڪ محمد ﷺ پنهنجي نفس لاءِ بہ نفعي نقصان جو مالڪ ڪونهي. حضرت علي رضي الله عنه، حضرت حسين رضي الله عنه ۽ پير عبدالقادر جيلاني وغيره تہ رهيا پري. پر آءٌ گنهگار آهيان. صالحن جو الله وٽ وڏو مرتبو آهي. آءٌ انهن کان ان لاءِ ٿو گهران تہ جيئن پنهنجي مانَ ۽ مرتبي جي وسيلي وٽس منهنجي سفارش ڪن.

عبدالله: ان جو جواب مان اهوئي ڏيندس جيڪو مٿي گذريو، اُهو هي تہ جن سان نبي ڪريم ﷺ جن جنگيون ڪيون، سي ان جا اقراري هيا جنهن جو تو ذڪر ڪيو. اهي هن جا بہ اقراري هيا تہ سندن بت کا بہ شيءِ نہ ٿا ڪري سگهن. انهن جو مقصد بہ واسطو وٺڻ ۽ سفارش ڪرائڻ هو. ۽ مٿي اسان ان تي قرآن مان دليل بہ پيش ڪري چڪا آهيون.

عبدالنبي: پر هي آيتون تہ انهن جي باري ۾ نازل ٿيون آهن جيڪي بتن جي عبادت ڪندا هئا. توهان نبين ۽ نيڪ صالحن کي بتن وانگر ڪيئن ٿا قرار ڏيو؟

عبدالله: مٿي پاڻ ان ڳالهہ تي اتفاق ڪري چڪا آهيون تہ انهن بتن مان ڪن تي صالح ماڻهن جا نالا رکيا ويا هئا، جيئن نوح عليه السلام جي دور ۾ ٿيو ۽ ڪافرن جو مقصد بہ انهن جي وسيلي الله وٽ سفارش کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هو. ڇاڪاڻ تہ اهي الله تعالیٰ وٽ انهن جو وڏو مرتبو سمجهندا هئا. ان جو دليل الله جو هيءُ فرمان آهي تہ : ﴿ وَٱلَّذِينَ ٱتَّخَذُواْ مِن دُونِهِۦٓ أَوۡلِيَآءَ مَا نَعۡبُدُهُمۡ إِلَّا لِيُقَرِّبُونَآ إِلَى ٱللَّهِ زُلۡفَىٰٓ ﴾ (جن الله کان سواءِ ٻين کي پنهنجو اولياء بنايو آهي، (سي چون ٿا تہ) اسان انهن جي رڳو ان لاءِ عبادت ٿا ڪريون تہ جيئن الله ڏانهن مرتبي ۾ ويجهو ڪن). باقي تنهنجو چوڻ تہ : نبين ۽ ولين کي اوهان بت ڪيئن ٿا قرار ڏيو؟ تہ اسان چئون ٿا تہ بيشڪ جن ڪافرن ڏانهن نبي ڪريم ﷺ جن موڪليا ويا، تن مان ڪي اوليائن کي سڏيندا هئا. انهن جي باري ۾ الله تعالیٰ فرمايو آهي : ﴿ أُوْلَٰٓئِكَ ٱلَّذِينَ يَدۡعُونَ يَبۡتَغُونَ إِلَىٰ رَبِّهِمُ ٱلۡوَسِيلَةَ أَيُّهُمۡ أَقۡرَبُ وَيَرۡجُونَ رَحۡمَتَهُۥ وَيَخَافُونَ عَذَابَهُۥٓۚ إِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ كَانَ مَحۡذُورٗا ﴾ (اهي (الله کان سواءِ) جن کي سڏيندا آهن، سي پاڻ پنهنجي رب ڏانهن وسيلو گولينداآهن تہ انهن مان ڪير وڌيڪ ويجهو آهي؟ ۽ سندس رحمت جي اميد رکندا آهن ۽ سندس عذاب کان ڊڄندا آهن. بيشڪ تنهنجي رب جو عذاب خوفناڪ آهي). انهن ما ڪي حضرت عيسیٰ عليه السلام ۽ سندس ماءُ کي سڏين ٿا. الله تعالیٰ فرمايو آهي تہ : ﴿ وَإِذۡ قَالَ ٱللَّهُ يَٰعِيسَى ٱبۡنَ مَرۡيَمَ ءَأَنتَ قُلۡتَ لِلنَّاسِ ٱتَّخِذُونِي وَأُمِّيَ إِلَٰهَيۡنِ مِن دُونِ ٱللَّهِ ﴾ (۽ جڏهن الله چوندو تہ : اي عيسي پٽ مريم جا! ڇا تو ماڻهن کي چيو هو تہ مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي الله کان سواءِ معبود ڪري وٺو)؟ ۽ انهن مان ڪي ملائڪن کي سڏيندا هئا. الله تعالیٰ جو فرمان آهي تہ : ﴿ وَيَوۡمَ يَحۡشُرُهُمۡ جَمِيعٗا ثُمَّ يَقُولُ لِلۡمَلَٰٓئِكَةِ أَهَٰٓؤُلَآءِ إِيَّاكُمۡ كَانُواْ يَعۡبُدُونَ ﴾ (جنهن ڏينهن انهن سڀني کي گڏ ڪندو، پوءِ ملائڪن کي چوندو تہ ڇا هي اُهي آهن جيڪي اوهان کي پوڄيندا هئا)؟ هنن آيتن ۾ سوچ تہ الله هنن ۾ انهن کي بہ برابر جو ڪافر سڏيو آهي جن بتن جي پوڄا ڪئي ۽ جن صالحن، نبين، ملائڪن ۽ ولين جي پوڄا ڪئي. ۽ رسول الله ﷺ جن انهن سڀني سان بنا ڪنهن فرق جي لڙايون ڪيون.

عبدالنبي: پر ڪافر تہ انهن مان نفعي جي اميد ڪندا هئا. جڏهن تہ مان اها گواهي ٿو ڏيان تہ الله ئي نفعو ڏيندڙ، نقصان ڏيندڙ ۽ ڪائنات جو هلائيندڙ آهي ۽ انهيءَ جي الله تعالیٰ کان سواءِ ڪنهن ٻئي ۾ اميد نہ ٿو رکان. نيڪ صالح ٻانهن جي هٿ ۾ ڪابہ شيءِ ڪانهي، پر مان انهن جو واسطو رڳو ان کري ٿو وٺان، جو الله وٽ انهن جي سفارش جي اميد ٿو رکان.

عبدالله: تنهنجو اهو چوڻ بلڪل ڪافرن جي چوڻ جي برابر آهي. ان جو دليل الله تعالیٰ جو هيءُ فرمان آهي: ﴿ وَيَعۡبُدُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ مَا لَا يَضُرُّهُمۡ وَلَا يَنفَعُهُمۡ وَيَقُولُونَ هَٰٓؤُلَآءِ شُفَعَٰٓؤُنَا عِندَ ٱللَّهِ ﴾ (۽ الله کان سواءِ انهن جي عبادت ٿا ڪن جيڪي نڪي ڪين نقصان ٿا ڏين ۽ نہ نفعو ۽ چون ٿا تہ اهي الله وٽ اسان جا سفارشي آهن).

عبدالنبي: پر آءٌ تہ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪندو آهيان. باقي اوليائن کان التجا ڪرڻ ۽

کين پڪارڻ کا عبادت ڪانهي.

عبدالله: پر آءٌ توکان پڇان ٿو تہ: ڇا تون اهو مڃين ٿو تہ الله توتي فرض ڪيو آهي تہ عبادت رڳو انهيءَ جي ئي ڪندين؟ ۽ اهو تنهنجي مٿان سندس حق آهي. جيئن سندس هن فرمان ۾ آهي: ﴿ وَمَآ أُمِرُوٓاْ إِلَّا لِيَعۡبُدُواْ ٱللَّهَ مُخۡلِصِينَ لَهُ ٱلدِّينَ حُنَفَآءَ ﴾ (۽ کين هن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ حڪم نہ ڏنو ويو هو تہ دين کي رڳو الله لاءِ خالص ڪندي، هڪ طرفا ٿي، سندس عبادت ڪن).

عبدالنبي: ها، اهو مون تي فرض ڪيو ويو آهي.

عبدالله: هاڻ آءٌ توکان مطالبو ٿو ڪريان تہ اهو جيڪو الله توتي فرض ڪيو آهي سو مون کي بيان ڪري ٻڌاءِ؟ يعني عبادت جو اخلاص ڇاکي ڇئبو آهي؟

عبدالنبي: مان تنهنجو سؤال نہ سمجهيم، ڇگيءَ طرح وضاحت ڪر!

عبدالله: مون ڏانهن ڪن ڏر تہ توکي وضاحت ڪري ٻڌايان. الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ: ﴿ ٱدۡعُواْ رَبَّكُمۡ تَضَرُّعٗا وَخُفۡيَةً إِنَّهُۥ لَا يُحِبُّ ٱلۡمُعۡتَدِينَ ﴾ (پنهنجي پالڻهار کي زاري ڪندڙ ۽ ڳجهيءَ طرح سڏيو، بيشڪ اهو حد ڪان لنگهندڙن کي پسند نہ ڪندو آهي). هينئر ٻڌاءِ تہ دعا الله جي عبادت آهي يا نہ؟

عبدالنبي: ها بلڪل، اها تہ اصل عبادت آهي، جيئن حديث شريف ۾ آيو آهي: «الدُّعَاءُ هُوَ الْعِبَادَةُ» (دعاء ئي عبادت آهي).

عبدالله: هاڻ جڏهن تہ تون اهو اقرار ڪري چڪين تہ دعا الله جي عبادت آهي، پوءِ الله کي رات ڏينهن پنهنجي ڪنهن حاجت ۾ خوف ۽ اميد رکندي سڏيندو رهين، وري پوءِ ان ساڳي حاجت ۽ ضرورت جي سلسلي ۾ ڪنهن نبي يا فرشتي يا قبر ۾ دفن ٿيل ڪنهن نيڪ صالح ٻانهي کي بہ پڪارين تہ هاڻ تون انهيءَ عبادت ۾ شرڪ ڪيو يا نہ؟

عبدالنبي: ها، آءٌ بلڪل شرڪ ڪرڻ وارو ٿيس، اها ڳالهہ درست ۽ صاف آهي.

عبدالله: ٻيو مثال ٻڌ! جڏهن توکي الله تعالىٰ جي هن فرمان: ﴿ فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَٱنۡحَرۡ ﴾ (پوءِ پنهنجي رب لاءِ نماز پڙهہ ۽ قرباني ڪر) جي خبر پئي ۽ تون الله جي هن حڪم جي فرمانبرداري ڪندي انهيءَ لاءِ قرباني ڪئي، تہ پوءِ تنهنجي اها قرباني الله تعالىٰ جي عبادت آهي يا نہ؟

عبدالنبي: هائو، اها عبادت آهي.

عبدالله: تہ پوءِ جيڪڏهن تون الله سان گڏ مخلوق مان ڪنهن نبي، ولي يا جن وغيره لاءِ بہ قرباني ڪئي، تہ تون هن عبادت ۾ الله سان ٻئي کي شريڪ بنايو يا نہ؟

عبدالنبي: ها، اهو تہ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي شرڪ آهي.

عبدالله: مان تنهنجي آڏو قرباني ۽ دعا جا مثال پيش ڪيا، ڇاڪاڻ تہ دعا قولي عبادتن ۾ سڀ کان وڏي عبادت ۽ قرباني فعلي عبادتن ۾ سڀ کان وڏي عبادت آهي. عبادت رڳو انهن ٻنهي قسمن جو نالو ناهي، بلڪ اها انهن ٻنهي کان عام شيءِ جو نالو آهي، جنهن ۾ باس، قسم، پناهہ ۽ مدد گهرڻ وغيره شامل آهي. پر اهي مشرڪ جن جي وقت ۾ سندن بابت قرآن نازل ٿيو هو، ڇا اهي فرشتن، صالحن ۽ لات بت وغيره جي پوڄا ڪندا هئا؟

عبدالنبي: ها، اهي ئين ئي ڪندا هئا.

عبدالله: انهن جي اها عبادت رڳو دعا، قرباني، پناهہ گهرڻ، مدد طلب ڪرڻ ۽ التجاءَ وغيره تائين محدود هئي، نہ تہ اهي بہ هن ڳالهہ جا اقراري هيا تہ جن جي عبادت ڪن ٿا، سي بہ الله جا ٻانها ۽ ان جي هٿ وس آهن، ۽ الله ئي اها ذات آهي جيڪا جڳ جا معاملا رڌيندي آهي. پر انهن بتن وغيره کي سڏيو يا انهن کان التجاءَ ڪئي، تہ سندن مقصد انهن کي وسيلو بنائي شفاعت حاصل ڪرڻ هو ۽ اها ڳالهہ بلڪل پڌري آهي.

عبدالنبي: اي عبدالله! ڇا تون رسول الله ﷺ جي شفاعت جو منڪر آهين؟ ان تان تون هٿ ڪٽي چڪو آهين؟

عبدالله: نہ، آءٌ شفاعت جو منڪر ناهيان ۽ نہ ئي ان تان هٿ ڪنيو اٿم. بلڪ پاڻ ﷺ - آءٌ مٿس ماءُ پيءُ سميت قربان وڃان - شافع (شفاعت ڪندڙ) مُشَفَّع (شفاعت قبول ٿيل) آهن. آءٌ سندس شفاعت جو اميدوار آهيان، پر شفاعت مڪمل الله جي هٿ ۾ آهي. جيئن الله تعالىٰ فرمايو آهي: ﴿ قُل لِّلَّهِ ٱلشَّفَٰعَةُ جَمِيعٗا ﴾ (چئو تہ:

شفاعت سڄي الله جي وس آهي). شفاعت الله جي اجازت کان پوءِ ٿيندي. جيئن الله جل جلاله فرمايو آهي: ﴿ مَن ذَا ٱلَّذِى يَشْفَعُ عِندَهُۥٓ إِلَّا بِإِذْنِهِۦ ﴾ (اهو ڪير آهي، جيڪو وٽس سندس اجازت کان سواءِ سفارش ڪندو). ۽ شفاعت الله جي اجازت کان پوءِ ئي ڪنهن لاءِ ۾ ممڪن ٿيندي. جيئن الله ﷻ فرمايو آهي ﴿ وَلَا يَشْفَعُونَ إِلَّا لِمَنِ ٱرْتَضَىٰ ﴾ (رڳو ان جي شفاعت ڪندا جنهن لاءِ پاڻ راضي ٿيندو). الله توحيد کان سواءِ ڪنهن ڳالهه تي راضي نه ٿيندو. جيئن الله تعالىٰ فرمايو آهي: ﴿ وَمَن يَبْتَغِ غَيْرَ ٱلْإِسْلَٰمِ دِينًا فَلَن يُقْبَلَ مِنْهُ وَهُوَ فِى ٱلْءَاخِرَةِ مِنَ ٱلْخَٰسِرِينَ ﴾ (جيڪو اسلام کان سواءِ ڪو ٻيو دين گهرندو تنهن کان اهو ڪڏهن به قبول نه ڪيو ويندو ۽ اهو آخرت ۾ خساري وارن مان ٿيندو). هاڻ جڏهن شفاعت جو مڪمل اختيار الله کي آهي ۽ شفاعت سندس اجازت کان پوءِ ئي ٿيندي، نبي ڪريم ﷺ ۽ ڪو ٻيو ايستائين ڪنهن به هڪ جي به شفاعت نه ڪندو جيستائين الله ڪيس ان جي اجازت نه ڏيندو ۽ الله توحيد وارن کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي شفاعت جي اجازت نه ڏيندو. هاڻ جڏهن اهو واضح ٿيو ته شفاعت مڪمل الله جي وس آهي، ته پوءِ اسان اها گهرنداسين به ان کان ۽ هيئن چونداسين ته : اي الله! تون نبي ﷺ جي شفاعت کان مون کي محروم نه ڪجائن. اي الله! مون کي پنهنجي پيغمبر جي شفاعت نصيب ڪجائن. ۽ اهڙيءَ طرح دعا گهرنداسين.

عبدالنبي: پنهنجو هن ڳالهه تي اتفاق ٿي چڪو آهي ته ڪنهن کان اهڙي شيءِ گهرڻ جائز ناهي، جنهن جو هو مالڪ نه هجي. ۽ نبي ڪريم ﷺ کي الله تعالىٰ شفاعت عطا ڪئي آهي هاڻ جڏهن ته اها ڪيس ڏني وئي آهي ته پاڻ ان جو مالڪ به ڇئبو، ان ڪري اهو جائز ٿيندو ته ڪانئس اهو گهرئون جنهن جو پاڻ مالڪ آهي ۽ اهو شرڪ ڪونه ٿيندو.

عبدالله: ها اها ڳالهه صحيح آهي، پر جيڪڏهن ان کان توکي الله منع نه ڪري. جڏهن ته الله ﷻ فرمايو آهي: ﴿ فَلَا تَدْعُوا۟ مَعَ ٱللَّهِ أَحَدًا ﴾ (الله سان گڏ ڪنهن هڪ کي به نه سڏيو) ۽ شفاعت گهرڻ هڪ قسم جي دعا آهي. نبي ڪريم ﷺ کي شفاعت الله تعالىٰ عطا ڪئي آهي، اهوئي توکي منع ٿو ڪري ته اها ٻئي ڪنهن کان به نه گهر، ڪوبه چونه هجي. ۽ شفاعت ڪرڻ جو حق ته نبي ڪريم ﷺ کان سواءِ ٻين کي به مليل آهي. اهو به ثابت آهي ته ملائڪ شفاعت ڪندا ۽ اهي ٻار به شفاعت ڪندا، جيڪي بالغ ٿيڻ کان اڳي وفات ڪري ويا. اولياء به شفاعت ڪندا. ڇا پوءِ تون ائين چوندين ته : الله انهن کي شفاعت ڏني آهي تنهنڪري آءٌ انهن کان گهرندس؟ جيڪڏهن تون ائين چوندين ته پوءِ اها صالحن جي عبادت ٿي پوندي جنهن جو الله پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي. ۽ جيڪڏهن تون چوندين ته نه ائين نه ڇئبو، ته تنهنجو اهو چوڻ غلط ٿي ويندو ته الله ان کي شفاعت ڏني آهي تنهن ڪري آءٌ ان کان اها شيءِ گهران ٿو جيڪا الله ڪيس ڏني آهي.

عبدالنبي: پر آءٌ الله سان ڪنهن به شيءِ کي شريڪ نه ٿو ڪيان. باقي صالحن کان التجا ڪرڻ شرڪ ناهي.

عبدالله: ڇا تون اهو اعتراف ۽ اقرار ڪرين ٿو ته الله شرڪ کي حرام ڪيو آهي ۽ اهو زنا کان به وڏو گناهه آهي ۽ الله اهو معاف نه ڪندو؟

عبدالنبي: ها، آءٌ ان جو اقرار ٿو ڪريان. ۽ اهو الله جل جلاله جي ڪلام مان واضح آهي.

عبدالله : تون هاڻي ان شرڪ جي پنهنجي ذات کان نفي ڪئي، جنهن کي الله تعالىٰ حرام ڪيو آهي. ڇا پوءِ تون - خدارا- اهو ٻڌائيندين ته الله سان شرڪ، جيڪو تو نه ڪيو آهي، جنهن جي تون پنهنجي نفس کان نفي ڪئي آهي، اهو ڇا آهي؟

عبدالنبي: شرڪ آهي بتن جي پوڄا ۽ انهن ڏانهن توجهه ڪرڻ، انهن کان گهرڻ ۽ انهن کان ڊڄڻ.

عبدالله: بتن جي پوڄا جي معنىٰ ڇاهي؟ ڇا تون سمجهين ٿو ته مڪي جا ڪافر اهو اعتقاد رکندا هئا ته اهي ڪائنات ۾ پٿر، پار ڏين ٿا، رزق ڏين ٿا ۽ جيڪو ڪائنات گهري ٿو تنهن جي معاملات جي تدبير ڪن ٿا؟! حالانڪه اهي اهو اعتقاد نه رکندا هئا جيئن توسان اها ڳالهه ٿي.

عبدالنبي: آءٌ به اهو اعتقاد نه ٿو رکان. بلڪ جنهن شخص اها نيت ڪئي ته ڪا ڪاڻي، ڪو پٿر يا ڪنهن قبر تي ٽهيل ڪو قبو وغيره، جنهن کي هو سڏي ٿو، ان لاءِ قرباني ٿو ڪري ۽ چئي ٿو ته اهي اسان کي الله جي ويجهو ڪندا ۽ الله انهن جي برڪت سان اسان جون مصيبتون ٽاري ٿو. ته اها بتن جي پوڄا آهي. منهنجو به اهوئي مقصد آهي.

عبدالله: تو سچ چيو. پر اوهان ته پٿرن، مقبرن ۽ مزارن وغيره تي وڃي اهو ڪجهه ڪندا آهيو. پڻ اوهان جو چوڻ ته : شرڪ بتن جي عبادت جو نالو آهي! ڇا تنهنجي اها مراد آهي ته شرڪ صرف ان سان مخصوص آهي جنهن اهو ڪيو؟ باقي صالحن تي اعتماد ڪرڻ ۽ انهن کان دعا گهرڻ شرڪ جي معنيٰ ۾ شامل ڪانهي؟

عبدالنبي: ها اهوئي منهنجو مطلب آهي.

عبدالله: ته پوءِ ان صورت ۾ تون انهن ڪوڙ سارين آيتن جي باري ۾ ڪهڙو موقف رکندين جن ۾ الله نبين، صالحن تي (مشڪل وقت ۾) اعتماد ڪرڻ ۽ ملائڪن وغيره سان تعلق جي حرام هئڻ جو ذڪر ڪيو آهي. جن ائين ڪيو آهي تن کي ڪافر قرار ڏنو آهي. جيئن اهو مٿي گذريو. ان جو مون توسان ذڪر ڪيو ۽ ان تي دليل به پيش ڪيم.

عبدالنبي: پر جن ملائڪن ۽ نبين کي سڏيو ۽ ڪانئن دعائون گهريون، تن ان سبب جي ڪري ڪفر ڪونه ڪيو بلڪ اهي هن چوڻ جي ڪري ڪافر ٿيا ته چيائون، ملائڪ الله جون ڌيئرون آهن، مسيح عليه السلام الله جو پٽ آهي. اسان ائين نه ٿا چئون ته پير عبدالقادر الله جو پٽ آهي ۽ زينب الله جي ڌيءَ آهي.

عبدالله: پٽ جي الله ڏانهن نسبت ڪرڻ اهو مستقل ڪفر آهي. الله عزوجل فرمايو آهي ﴿ قُلْ هُوَ ٱللَّهُ أَحَدٌ ۝١ ٱللَّهُ ٱلصَّمَدُ ۝٢ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ ﴾ (چؤ ته : الله اڪيلو آهي. الله بي نياز آهي. نه ڇٽيو اٽس ۽ نه ڄائو آهي). ("احد" چئبو آهي، جنهن جو ڪو مثال ئي نه هجي ۽ "صمد" چئبو آهي، جيڪو ضرورت ۾ گهربل ۽ ڪم اچڻ وارو هجي) جنهن هن جو انڪار ڪيو تنهن ڪفر ڪيو جيتوڻيڪ سورت جي پڇاڙيءَ جو انڪار نه ٻ ڪري. الله تعالىٰ فرمايو آهي: ﴿ مَا ٱتَّخَذَ ٱللَّهُ مِن وَلَدٍ وَمَا كَانَ مَعَهُۥ مِنْ إِلَٰهٍ ۚ إِذًا لَّذَهَبَ كُلُّ إِلَٰهٍۭ بِمَا خَلَقَ وَلَعَلَا بَعْضُهُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ ﴾ (الله نه ڪنهن کي پٽ بٽايو آهي ۽ نه ساٽس ڪو ٻيو معبود آهي. (جيڪڏهن ائين هجي ها) ته هرڪو معبود پنهنجي مخلوق کي وٺيو وڃي ها ۽ اهي هڪٻئي تي ڏاڍ ڪن ها) ان طرح ٻنهي ڪفرن ۾ فرق ڪيو اٽس. ان جو دليل اهو ٻ آهي ته جن "لات" کي سڏيو ۽ ڪانئس دعائون گهريون ۽ ائين ڪرڻ ڪري ڪافر ٿيا، انهن باوجود ان جي ته اهو هڪ صالح شخص هو،ان کي الله جو پٽ ڪونه ٻڌايو ۽ جن جنن جي عبادت جي ذريعي ڪفر ڪيو، تن ٻ انهن کي ائين الله جو پٽ ڪونه سڏيو. ان طرح چئني مذهبن وارن "مرتد جي حڪم" جي بيان ۾ ذڪر ڪيو آهي ته مسلمان جڏهن هي گمان ڪري ته الله کي پٽ آهي ته اهو مرتد آهي ۽ جيڪڏهن الله سان شرڪ ڪيائين ته ٻ اهو مرتد ٿي ويو. ان طرح انهن ٻنهي قسم جي ڪفرن ۾ فرق ڪيو آهي.

عبدالنبي: پر الله تعالىٰ فرمائي ٿو ته : ﴿ أَلَآ إِنَّ أَوْلِيَآءَ ٱللَّهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ ﴾ (خبردار الله جي ولين کي نه ڪو خوف آهي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا).

عبدالله: اسان جو ٻ ايمان آهي ته اهو حق آهي. اسان ٻ ان جا قائل آهيون . پر انهن جي عبادت نه ڪبي. اسان صرف الله سان گڏ انهن جي عبادت ڪرڻ ۽ انهن کي الله سان شريڪ بنائڻ کان انڪار ٿا ڪريون. البته انهن سان محبت ڪرڻ، انهن جي پيروي ڪرڻ ۽ انهن جي ڪرامتن جو اقرار ڪرڻ تنهنجي مٿان واجب آهي. اوليائن جي ڪرامتن جو انڪار رڳو بدعتي ڪندا آهن. جڏهن ته الله جي دين ٻنهي طرفن ۾ وچ ٽرائپ رکي آهي، ٻنهي گمراهين جي وچ مان هدايت ڏسي آهي ۽ ٻنهي باطلن جي وچان حق بيان ڪيو آهي.

عبدالنبي: جن (مڪي وارن) جي باري ۾ قرآن لٿو اهي (لا الٰه الا الله) جي شاهدي نه ڏيندا هئا، رسول الله ﷺ جن کي ڪوڙو سمجهندا هئا، ٻيهر جيئرو ٿيڻ جو انڪار ڪندا هئا، قرآن کي ڪوڙو چوندا هئا ۽ ان کي جادو سڏيندا هئا. جڏهن ته اسان شاهدي ڏيون ٿا ته الله کان سواءِ ڪوبه معبود ناهي ۽ محمد ﷺ الله جو رسول آهي، قرآن جي تصديق ڪيون ٿا، مرڻ کان پوءِ اٿڻ تي ايمان رکون ٿا، نماز پڙهون ٿا، روزا رکون ٿا. پوءِ اسان کي اوهان انهن وانگر ڇو ٿا قرار ڏيو؟

عبدالله: پر سڀني عالمن جو هن ڳالهه ۾ ڪوبه اختلاف ڪونهي ته جيڪوماڻهو رسول الله ﷺ جن کي ڪن ڳالهين ۾ سچو ڄاڻي ۽ ڪن ڳالهين ۾ کين ڪوڙو ڄاڻي ته اهو ڪافر آهي. اسلام ۾ اهو داخل نه ڄائبو. اهڙيءَ طرح جڏهن قرآن جي هڪ حصي تي ايمان آڻي ۽ هڪ حصي جو انڪار ڪري ته اهو ٻ ڪافر آهي. جيئن اهو ماڻهو جيڪو توحيد جو ته اقرار ڪري ۽ نماز جو انڪارڪري، يا توحيد ۽ نماز جو اقرار ڪري پر زڪوات جو انڪار ڪري يا انهن سڀني شين جو اقرار ڪري پر روزي جو انڪار ڪري، يا

انهن سيني جو اقرار ڪري پر حج جي واجب هڻڻ جو انڪار ڪري تہ اهو بہ ڪافر آهي. نبي ڪريم ﷺ جن جي زماني ۾ جڏهن ڪجهہ ماڻهن حج جي تياري نہ ڪئي تہ الله تعالىٰ انهن جي حق ۾ نازل فرمايو :
﴿وَلِلَّهِ عَلَى ٱلنَّاسِ حِجُّ ٱلْبَيْتِ مَنِ ٱسْتَطَاعَ إِلَيْهِ سَبِيلًا ۚ وَمَن كَفَرَ فَإِنَّ ٱللَّهَ غَنِىٌّ عَنِ ٱلْعَٰلَمِينَ﴾ (۽ ماڻهن تي الله جي لاءِ بيت الله جو حج فرض آهي. جيڪي ان ڏانهن وڃڻ جي سگهہ رکن. ۽ جنهن انڪار ڪيو تہ پوءِ بيشڪ الله سيني جهانن کان بي پرواهہ آهي). جيڪڏهن مرڻ کان پوءِ جيئري ٿيڻ جو انڪار ڪيائين تہ بالاجماع ڪفر ڪيائين. ان ڪري الله پنهنجي ڪتاب (قرآن) ۾ اها وضاحت فرمائي آهي تہ جنهن کن ڳالهين تي ايمان آندو ۽ کن جو انڪار ڪيو تہ اهو پڪ ڪافر آهي ۽ حڪم ڪيائين تہ اسلام پوري جو پورو قبول ڪيو. جنهن هڪ شيءِ قبول ڪئي ۽ هڪ ڇڏي تنهن ڪفر ڪيو. پوءِ ڇا تون ان جو اقرار ٿو ڪرين تہ جنهن کن ڳالهين تي ايمان آندو ۽ کن جو انڪار ڪيو، تنهن ڪفر ڪيو؟

عبدالنبي: ها آءٌ ان جو اقرار ٿو ڪريان. اهو قرآن ڪريم ۾ واضح آهي.

عبدالله: جڏهن تون اهو اقرار ٿو ڪرين تہ جنهن، رسول الله ﷺ جي ڪنهن ڳالهہ ۾ تصديق ڪئي ۽ نماز جي وجوب جو انڪار ڪيائين يا سيني شين جو اقرار ڪيائين پر مرڻ کان پوءِ جيئري ٿيڻ جو انڪار ڪيائين تہ اهو سيني مذهبن جي اجماع مطابق ڪافر آهي، قرآن ان جو بيان بہ ڪيو آهي، جيئن مٿي گذريو، تہ پوءِ توکي هي ڇاڻڻ گهرجي تہ توحيد نبي ڪريم ﷺ جي آندل دين مان وڏي ۾ وڏو فريضو آهي. اهو نماز، زڪات ۽ حج کان بہ عظيم آهي. پوءِ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ جڏهن ڪو انسان هنن سيني شين مان ڪنهن هڪ شيءِ جو بہ انڪار ڪري تہ ڪافر ٿو ٿئي، پل رسول الله ﷺ جي آندل باقي سيني شين تي عمل ڪري ۽ جڏهن توحيد جو انڪار ڪري، جيڪو سيني رسولن جو دين آهي تہ پوءِ ڪافر ڪيئن نہ ٿيندو؟ سبحان الله! هيءَ ڪيڏي نہ عجيب جهالت آهي!

پڻ هن تي بہ غور ڪر تہ رسول الله ﷺ جي اصحابن بنو حنيفہ قبيلي وارن سان يمامہ ۾ جنگ ڇو ڪئي؟ جڏهن تہ اهي نبي ڪريم ﷺ جي هٿ تي مسلمان ٿي چڪا هئا ۽ اها شاهدي ڏين پيا تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ناهي ۽ محمد ﷺ الله جا رسول آهن، نماز بہ پڙهندا هئا ۽ اذان بہ ڏيندا هئا!

عبدالنبي: پر اهي تہ هي شاهدي ڏين پيا تہ مسيلمہ نبي آهي، جڏهن تہ اسان چئون ٿا تہ محمد ﷺ جن کان پوءِ ڪوبہ نبي ناهي.

عبدالله : پر اوهان نبين، ملائڪن ۽ صحابہ وغيرہ مان کن صالح ٻانهن کي مٿي چاڙهي کين آسمان ۽ زمين جي جبار (خدا) جو درجو ڏيئي ڇڏيو آهي. پوءِ جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن انسان کي مٿانهون درجو ڏئي نبي ڪريم ﷺ جي درجي ۾ سمجهي ٿو تہ اهو ڪافر آهي. ان جو مال ۽ خون ٻئي (پائمال ڪرڻ) حلال آهي. ان کي نہ بہ شهادتون فائدو ڏيندیون ۽ نہ نماز. تہ پوءِ جيڪو انهن مان ڪنهن کي الله جي رتبي تي کڻي ايندو تہ اهو تہ ان ڳالهہ ۾ وڌيڪ ان جو حقدار ٿيندو تہ ان کي ڪافر قرار ڏجي. اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو بہ جن کي حضرت علي رضي الله عنه باهہ ۾ ساڙايو، سيئي اسلام جي دعویٰ ڪندا هئا، حضرت علي رضي الله عنه جا ساٿي هئا، صحابہ ڪرام رضي الله عنهم ڪان علم سکيا هئا. پر حضرت علي رضي الله عنه ۾ انهن اهڙو اعتقاد رکيو جهڙو اوهان پير عبدالقادر وغيرہ ۾ رکيو آهي. پوءِ صحابہ انهن جي قتل ۽ ڪفر تي ڪيئن متفق ٿيا؟ ڇا تون سمجهين ٿو تہ صحابہ مسلمانن کي ڪافر قرار ڏيندا هئا؟ ڇا تون سمجهين ٿو تہ پير جيلاني ۽ اهڙن ٻين بزرگن ۾ اهڙو اعتقاد رکڻ ڪوبہ نقصان نہ ڏيندو؟ باقي حضرت علي رضي الله عنه ۾ اهڙو اعتقاد ڪفر ٿيندو؟

انهيءَ سان گڏو گڏ هي بہ چئبو تہ جڏهن اڳين کي رڳو ان ڪري ڪافر سڏيو ويو جو انهن شرڪ سان گڏ رسول الله ﷺ ، قرآن ۽ قيامت وغيرہ جو انڪار ڪيو تہ پوءِ هن باب جي ڪهڙي معنیٰ ٿيندي جنهن جو هر مذهب جي علمائن "باب مرتد جو حڪم" جي عنوان سان قائم ڪيو آهي؟ اهو هي تہ مسلمان هجڻ کان پوءِ ڪافر ٿيو هجي. ان باب هيٺ انهن ڪوڙ شيون ذڪر ڪيون آهن، جن مان هر شيءِ ان جي مرتڪب کي اسلام مان خارج ڪري ڇڏيندي آهي. ايستائين جو انهن کي تمام ننڍيون شيون بہ ذڪر ڪيون آهن، جن جي ڪرڻ سان ماڻهو مرتد ٿي ويندو آهي. مثال ڪوڪلمو الله جي ناراضگيءَ وارو زبان سان چيائين، دل سان نہ چيائين يا پوڳ مذاق ۾ چيائين. اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو جن جي باري ۾ الله تعالىٰ

فرمايو آهي ته : ﴿ قُلْ أَبِاللَّهِ وَءَايَٰتِهِۦ وَرَسُولِهِۦ كُنتُمْ تَسْتَهْزِءُونَ ﴿٦٥﴾ لَا تَعْتَذِرُوا۟ قَدْ كَفَرْتُم بَعْدَ إِيمَٰنِكُمْ ﴾ (چؤ ته : ڇا الله، سندس آيتن ۽ سندس رسول سان مذاق ڪيو ٿي؟ بهانو نه ڪيو، توهان ايمان کان پوءِ ڪفر ڪيو آهي) اهي ماٺهو جن جي باري ۾ الله تعالىٰ اها تصريح ڪئي آهي ته انهن ايمان کان پوءِ ڪفر ڪيو، سي رسول الله ﷺ جن سان غزوه تبوڪ ڏڪ ۾ هئا، جن کي لفظ ڳالهايا، پوءِ چيائون ته اسان اهي ٻوڪ ۾ چيا آهن.

ان سلسلي ۾ هيءَ ڳالهه به چئبي جيڪا الله تعالىٰ بني اسرائيلن جي باري ۾ بيان فرمائي آهي. انهن ته اسلام، علم ۽ نيڪيءَ جي باوجود موسىٰ عليه السلام کي چيو : ﴿ ٱجْعَل لَّنَآ إِلَٰهًا ﴾ (اسان لاءِ هڪڙو اهڙو معبود بٽاءِ). ۽ نبي ڪريم ﷺ جي اصحابن مان ڪجهه ماٺهن جو "اجعل لنا ذات انواط" (اسان لاءِ انواط جهڙو بت مقرر ڪر) چوڻ ۾ ان طرح آهي، جنهن تي نبي ڪريم ﷺ جن قسم کڻي چيو ته اوهان جو اهو چوڻ بني اسرائيلن جي هن قول وانگر آهي ته : ﴿ ٱجْعَل لَّنَآ إِلَٰهًا كَمَا لَهُمْ ءَالِهَةٌ ﴾.

عبدالنبي: پر بني اسرائيل ۽ جن نبي ڪريم ﷺ جن کان اهو سوال ڪيو ته اسان لاءِ (ذات انواط) مقرر ڪر، اهي ان سان ڪافر ته ڪونه ٿيا؟

عبدالله : ان جو جواب هي آهي ته بني اسرائيلن ۽ جن نبي ڪريم ﷺ کان سوال ڪيو، تن عملي طور تي ائين ڪونه ڪيو، جيڪڏهن ڪن ها ته ڪافر ٿي وڃن ها ۽ جن کي نبي ڪريم ﷺ جن منع فرمائي، سي جيڪڏهن سندس اطاعت نه ڪن ها ۽ روڪڻ جي باوجود ذات انواط کي معبود بنائن ها ته ڪافر ٿي وڃن ها.

عبدالنبي: پر مون وٽ ڪجهه ٻيا اشڪال آهن. هڪ آهي اسامه بن زيد رضي الله عنه جو قصو، جڏهن هن ان شخص کي قتل ڪيو جنهن لا اله الا الله چيو ۽ نبي ڪريم ﷺ ان کي پسند نه فرمايو ۽ ڪيس چيو ته : «**يَا أُسَامَةُ :أَقَتَلْتَه بعد ما قَالَ: لا إِلَهَ إلا الله**»؟ "اي اسامه! ان جي لا اله الا الله چوڻ کان پوءِ ۾ تون ان کي قتل ڪيو"؟ (بخاري). اهڙيءَ طرح نبي ڪريم ﷺ جو ٻيو فرمان آهي ته : « **أُمِرتُ أَنْ أُقَاتِلَ النَّاس حَتَّى يَقُولُوا لا إِلَه إلا الله** » "مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته آءٌ ماٺهن سان ايستائين جنگ ڪيان جيستائين اهي لا اله الا الله چون". (مسلم). هنن ٻن حديثن ۽ تو جيڪو چيو تنهن ۾ مطابقت ڪيئن ٿيندي. مون کي اهو سمجهاءِ، الله توکي سمجهه ڏئي!

عبدالله: اهو ته چڱيءَ طرح معلوم آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن يهودين سان جنگ ڪئي ۽ انهن کي قيدي بٽايو، جڏهن ته اهي لا اله الا الله چوندا هئا ۽ صحابه ڪرام بنو حنيفه سان وڙهيا حالانڪ اهي به لا اله الا الله محمد رسول الله چوندا هئا، نماز به پڙهندا هئا. اهڙيءَ طرح اهي به جن کي حضرت علي رضي الله عنه باهه ۾ ساڙيو. تون اهو مڃين ٿو ته جنهن مرڻ کان پوءِ اٺٽ جو انڪار ڪيو سو ڪافر آهي ۽ ان کي قتل ڪرڻ جائز آهي، ڇو نه لا اله الا الله چئي. ۽ هي ته جنهن اسلام جي رڪنن مان ڪنهن شيءِ جو انڪار ڪيو ته ان ڪفر ڪيو ۽ ان کي قتل ڪيو ويندو، پل ڪلمو پڙهندڙ هجي. ته پوءِ اهو ڪيئن ٿيندو ته جنهن ڪن فروعي شين جو انڪار ڪيو ته ڪافر ٿئي ۽ ڪيس ڪلمو فائدو نه ڏئي، پر جيڪو توحيد جو انڪار ڪري جيڪا سڀني پيغمبرن جي دين جو اصل ۽ بنياد آهي اهو ڪافر نه ٿئي ۽ ڪلمو ڪيس فائدو رسائي؟ شايد تو هنن حديثن جو مفهوم نه سمجهيو آهي.

باقي رهي اسامه واري حديث : ته ان ۾ جنهن شخص اسلام جي دعويٰ ڪئي تنهن کي ان هن گمان تحت قتل ڪيو ته ان اهو پنهنجي موت ۽ مال جي خوف کان ڪيو. جڏهن ته اسلام جي اظهار ڪندڙ شخص کان ايستائين هٿ روڪڻ واجب هو جيستائين کانئس ان جي خلاف ظاهر نه ٿئي. الله ﷻ فرمايو آهي ته : ﴿ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓا۟ إِذَا ضَرَبْتُمْ فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ فَتَبَيَّنُوا۟ ﴾ (اي ايمان وارؤ ! جڏهن اوهين الله جي رستي ۾ (جهاد لاءِ) سفر ڪيو ته پوري طرح جاچيو) يعني پڪ ڪريو. هيءَ آيت ان تي دلالت ڪري ته ان کان هٿ روڪڻ واجب آهي ۽ تحقيق ڪرڻ واجب آهي. پوءِ جڏهن ان کان اسلام جي خلاف ڪجهه ظاهر ٿئي ته پوءِ ان کي ﴿ فَتَبَيَّنُوٓا۟ ﴾ جي فرمان جي روشنيءَ ۾ قتل ڪيو ويندو. ۽ جيڪڏهن ڪلمي پڙهڻ جي ڪري ڪيس قتل نه ڪجي ها ته تثبت (پڪ ڪرڻ) جو ڪوبه فائدو نه ٿئي ها.

اهڙيءَ ريت پي حديث به : ان جي به اهائي معنىٰ آهي جيڪا اسان ذڪر ڪئي ۽ هي ته جنهن توحيد ۽ اسلام جو اظهار ڪيو تنهن کان هٿ روڪڻ واجب آهي، جيستائين وڃي ان کان ان جي خلاف ڪا ڳالهه

ظاهر ٿئي. ان جو دليل هيءُ آهي تہ رسول الله ﷺ جتي اهو فرمايو تہ : « أَقَتَلْتَهُ بَعْدَ مَا قَالَ:لا إله إلا الله » "لا اله الا الله چوڻ کان پوءِ بہ تو ان کي قتل کيو"؟ (بخاري) ۽ هي بہ فرمايو تہ : « أُمِرْتُ أَنْ أُقَاتِلَ النَّاسَ حَتَّى يَقُولُوا: لا إِلَهَ إِلا اللَّهُ » "مون کي حڪم کيو ويو آهي تہ ايستائين آڱ ماٿهن سان جنگ کيان جيستائين اهي لا اله الا الله چون" (مسلم). اتي پاڻ ﷺ جن خارجين جي باري ۾ هي بہ فرمايو تہ : «أَيْنَمَا لَقِيتُمُوهُمْ فَاقْتُلُوهُمْ » (جتي انهن سان مِلو اتي کين قتل کيو) (بخاري). باوجود ان جي تہ اهي ماٿهن ۾ سڀني کان وڌيڪ عبادت ۽ ذڪر ڪرڻ ورا هئا. ايستائين جو صحابہ انهن جي عبادت ڏسي پاڻ کي گهٽ پائڻ لڳندا هئا. انهن علم صحابہ ڪرام کان سکيو هو. پر جڏهن انهن کان شريعت جي مخالفت ظاهر ٿي تہ نہ لا اله الا الله ، نہ گهٽي عبادت ۽ نہ ئي اسلام جي دعويٰ کين قتل کان بچائي سگهيا.

عبدالنبي: ان باري ۾ تون چا چوندين جيڪو نبي ڪريم ﷺ جن کان ثابت آهي تہ : ماٿهو قيامت جي ڏينهن پهريائين آدم عليه السلام کان مدد گهرندا، پوءِ نوح کان، پوءِ ابراهيم کان، پوءِ موسيٰ ۽ پوءِ عيسيٰ کان، جيڪي سيئي معذرت ڪندا. تان جو اچي محمد ﷺ جن وٽ پهچندا. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ غير الله کان مدد وٺڻ شرڪ ناهي؟

عبدالله: هيءُ تنهنجي طرفان مسئلي جي حقيقت کي منجهائڻ جي ڳالهہ آهي نہ تہ مخلوق مان جيڪو زنده ۽ حاضر هجي ان کي اهڙي شيءِ ۾ مدد لاءِ پڪارڻ جو اسان انڪار نہ ڪيو آهي جيڪا سندس وس ۾ هجي. جيئن الله تعالىٰ فرمايو آهي : ﴿ فَٱسْتَغَٰثَهُ ٱلَّذِى مِن شِيعَتِهِۦ عَلَى ٱلَّذِى مِنْ عَدُوِّهِۦ ﴾ (پوءِ جيڪو سندس جماعت جو هو، تنهن کائنس ان جي خلاف مدد گهري جيڪوسندس دشمنن مان هو). جيئن ماٿهو جنگ وغيره ۾ پنهنجي ساٿين کي مدد لاءِ پڪاريندا آهن. يا پين اهڙن کمن ۾، جيڪي انساني وس ۾هوندا آهن، هڪ ٻئي کان مدد گهري ويندي آهي، اسان ان مدد گهرڻ ۽ پڪارڻ جو انڪار ڪيون ٿا جيڪا عبادت آهي. جيڪا اوهان اوليائن جي قبرن تي وڃي ڪندا آهيو. يا انهن جي غير حاضريءَ ۾ اهڙين شين جي باري ۾ ڪندا آهيو جيڪي الله ﷻ جي قدرت کان سواءِ کنهن جي قدرت ۾ ناهن. قيامت جي ڏينهن جيڪي ماٿهو انبيائن کان مدد گهرندا، تن جو مقصد هي هوندو تہ اهي الله کان ماٿهن جي حساب ڪتاب شروع ڪرڻ لاءِ دعا گهرن تہ جيئن جنت وارا ٻيهڙ جي اذيت مان نجات حاصل ڪن. ۽ اها جائز آهي، دنيا ۾ ٻہ، تہ آخرت ۾ ٻہ. پل کنهن نيڪ صالح ماٿهوءَ وٽ اڇ، جيڪو توکي پاڻ سان گڏ ويهاري، تنهنجي ڳالهہ ٻڌي ۽ تون کيس چؤ تہ : منهنجي لاءِ الله کان دعا گهرو. جيئن نبي ڪريم ﷺ جا اصحابي ڪائنس سندس حياتيءَ ۾ سوال ڪندا هئا. پر سندن هيءُ جهان ڇڏڻ کان پوءِ هاءِ مجال! ڪڏهن بہ نہ! ڪڏهن بہ سندس قبر وٽ وڃي ڪائنس سوال نہ ڪيائون. بلڪ بزرگن تہ کنهن بہ قبر وٽ ٻيهي الله کان دعا گهرڻ جي بہ منع فرمائي آهي.

عبدالنبي: ابراهيم عليه السلام جي قصي جي باري ۾ تنهنجو چا رايو آهي؟ جڏهن باهہ ۾ ڦٽو ڪيو ويو تہ هوا ۾ ڪيس جبريل عليه السلام آڏو آيو. چيائينس تہ : توکي ڪا ضرورت آهي؟ تہ ابراهيم عليه السلام چيس تہ : ضرورت تنهنجي تہ ڪانهي. جيڪڏهن جبريل کان مدد وٺڻ شرڪ هجي ها تہ اهو ابراهيم عليه السلام وٽ مدد جي لاءِ نہ اچي ها.

عبدالله: هيءُ شبهو بہ پهرئين شبهي جهڙو آهي. اها روايت صحيح بہ ڪانهي. جيڪڏهن ان کي صحيح بہ فرض ڪيون تہ جبريل عليه السلام کيس ان ڪري پيش ڪش ڪئي تہ جيڪو سندس وس ۾ آهي سو فائدو ڪيس ڏئي سگهي. جيئن ان جي باري ۾ الله عزوجل فرمايو آهي : ﴿ عَلَّمَهُۥ شَدِيدُ ٱلْقُوَىٰ ﴾ (کيس سگهاري سيکاريو) پوءِ جيڪڏهن الله کيس حڪم فرمائي ها تہ حضرت ابراهيم عليه السلام جي باهہ ۽ ان جي چوڌاري زمين ۽ جبلن کي کٽي اوپر يا اولهہ ۾ ڪري ڦٽو ڪري تہ اها ان لاءِ کا وڏي ڳالهہ نہ هئي. هن جو مثال ائين سمجهہ جيئن ڪو شاهوڪار ماٿهو محتاج کي قرض جي پيشڪش ڪري تہ جيئن هو پنهنجي حاجت پوري ڪري پر اهو وٺڻ کان انڪار ڪري ۽ صبر ڪري، تان جو الله کيس اهڙو رزق ڏئي جنهن ۾ ڪنهن جو ڪو احسان نہ هجي. تہ هيءَ مدد ٻئي قسم جي آهي. عبادت ۽ شرڪ واري پڪار جيڪا توهان هينئر ڪري رهيا آهيو سا ٻي ڳالهہ آهي.

منهنجا ٻاءُ! توکي اها جاڻ هجڻ گهرجي تہ پهريان ماٿهو جن ۾ اسان جا سائين حضرت محمد ﷺ جن مبعوث ٿيا، سي اسان جي زماني جي ماٿهن کان ٽن ڳالهين ۾ گهٽ شرڪ وارا هئا :

پهرين ڳالهہ : تہ اهي الله سان غيرن کي رڳو سک ۽ خوشحاليءَ جي حالت ۾ شريڪ ڪندا هئا، جڏهن تہ

ڏک ۾ سختيءَ جي وقت ۾ الله جي دين جا مخلص ٿي پوندا هئا. ان جو دليل الله تعالىٰ جو هيءُ فرمان آهي: ﴿ فَإِذَا رَكِبُوا۟ فِى ٱلْفُلْكِ دَعَوُا۟ ٱللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ ٱلدِّينَ فَلَمَّا نَجَّىٰهُمْ إِلَى ٱلْبَرِّ إِذَا هُمْ يُشْرِكُونَ ﴾ (جڏهن اهي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندا آهن ته الله جي دين ۾ مخلص ٿيندي کيس سڏيندا آهن. وري جڏهن کين خشڪيءَ ڏانهن نجات ملندي آهي ته اهي شرڪ ڪندا آهن). ۽ الله ﷻ جو هيءُ فرمان: ﴿ وَإِذَا غَشِيَهُم مَّوْجٌ كَٱلظُّلَلِ دَعَوُا۟ ٱللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ ٱلدِّينَ فَلَمَّا نَجَّىٰهُمْ إِلَى ٱلْبَرِّ فَمِنْهُم مُّقْتَصِدٌ ۚ وَمَا يَجْحَدُ بِـَٔايَـٰتِنَآ إِلَّا كُلُّ خَتَّارٍ كَفُورٍ ﴾ (جڏهن کين چوليون اونداهين وانگر ڍڪيندڙيون آهن، ته الله کي سندس دين ۾ خالص ٿيندي سڏيندا آهن. وري جڏهن کين خشڪيءَ طرف نجات ڏيندو آهي، ته انهن مان هڪڙا وچين چال هلندا آهن ۽ اسان جي آيتن جو صرف دغاباز ناشڪرا انڪار ڪندا آهن). سو اهي مشرڪ، جن سان نبي ڪريم ﷺ جن جنگ ڪئي سي سڪ ۽ خوشحاليءَ جي حالت ۾ جتي الله تعالىٰ کي سڏيندا هئا اتي غير الله کي به سڏيندا هئا. باقي مصيبت جي وقت رڳو الله کي سڏيندا هئا ۽ پنهنجي ساداتن کي وساري ڇڏيندا هئا. جڏهن ته اڄ ڪلهه اسان جي زماني وارا مشرڪ سڪ هجي توڙي ڏڪ هر حال ۾ غير الله کي سڏين ٿا. جڏهن انهن مان ڪنهن کي ڪا تڪليف ٿيندي آهي ته چوندو آهي: يا رسول الله! يا حسين!.. وغيره.

پر ڪير آهي جيڪو اها ڳالهه سمجهي؟

پهرين ڳالهه: ته آڳيان ماڻهو الله سان گڏ اهڙن ماڻهن کي سڏيندا هئا جيڪي الله وٽ مقرب هوندا هئا، نبي هجن يا ولي يا ملائڪ يا گهٽ ۾ گهٽ اهي پٿر ۽ وڻ جيڪي الله جي اطاعت ڪندا هئا، سندس نافرمان نه هئا. پر اڄوڪي زماني جا مشرڪ الله سان گڏ اهڙن ماڻهن کي به ٿا سڏن جيڪي سڀ کان وڏا ڏوهاري ۽ فاسق آهن. جيڪو ڪنهن نيڪ صالح ۾ مدد جو يقين ٿو رکي يا ان شيءِ ۾ جيڪا نافرماني نه ٿي ڪري، جيئن وڻ ٽڻ ۽ پٿر وغيره ته اهو ان کان گهٽ آهي جيڪو اهڙي ماڻهوءَ ۾ مدد جو يقين رکي جنهن جو فسق ۽ فساد ڏٺو ۽ ڄاڻو آهي.

ٽين ڳالهه: ته نبي ڪريم ﷺ جن جي زماني جا مشرڪ صرف توحيد الوهيت ۾ شرڪ ڪندا هئا توحيد ربوبيت ۾ شرڪ نه ڪندا هئا. ان جي ابتڙ اڄ ڪلهه جي مشرڪن ۾ ربوبيت ۾ به اوتروئي شرڪ موجود آهي جيترو الوهيت ۾ آهي. اهي مثال طور طبيعت (فطرت) کي ڪائنات جو چرخو هلائيندڙ، ماريندڙ ۽ جياريندڙ سمجهن ٿا ... الخ

آءٌ هتي هڪ تمام وڏي مسئلي جي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڳالهه ختم ٿو ڪيان، جيڪو مٿي بيان ٿيل مان به پڌرو آهي. اهو هي ته ضروري آهي ته توحيد دل جي اعتقاد، زبان سان اقرار ۽ جسماني عضون سان عمل جي اسباب اختيار ڪرڻ سان هجي. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن به شي ۾ خلل ٿيو ته ماڻهو مسلمان نه رهندو. جيڪڏهن توحيد جا تائين پر ان تي عمل نه ڪيائين ته اهو فرعون ۽ ابليس وانگر هٽيلو ڪافر آهي. هن باري ۾ گهٽا ماڻهو غلطي ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته: هيءُ حق آهي پر اسان نه ٿا ڪري سگهون. اهو اسان جي شهر وارن ۽ برادريءَ ۾ نه ٿيندو آهي. تنهن ڪري انهن جي ڊپ ڪان انهن سان موافقت ۽ رواداري ڪرٽي ٿي پئي. پر هي مسڪين اهو نه ٿو ڄاڻي ته گهٽو ڪري ڪفر جا اکوڙ به حق ڄاڻندا هئا، پر مختلف عذرن جي ڪري ڪفر نه ڇڏيندا هئا. جيئن الله تعالىٰ فرمايو آهي ته: ﴿ ٱشْتَرَوْا۟ بِـَٔايَـٰتِ ٱللَّهِ ثَمَنًا قَلِيلًا فَصَدُّوا۟ عَن سَبِيلِهِۦٓ ۚ إِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوا۟ يَعْمَلُونَ ﴾ (انهن الله جي آيتن کي تمام ٿورڙي قيمت تي وڪڻي ڇڏيو، پوءِ سندس رستي کان روڪيائون، ڇو ته اهي تمام بيڙا ڪم ڪندا هئا).

۽ جنهن توحيد تي ظاهري طور عمل ته ڪيو پر اهو ان کي سمجهي نه ٿو ۽ نه ئي دل سان ان جو اعتقاد ٿو رکي، ته اهو منافق آهي، اهو نجي ڪافر کان به وڌيڪ برو آهي. الله تعالىٰ فرمايو آهي: ﴿ إِنَّ ٱلْمُنَـٰفِقِينَ فِى ٱلدَّرْكِ ٱلْأَسْفَلِ مِنَ ٱلنَّارِ ﴾ (بيشڪ منافق دوزخ جي سڀ کان هيٺين طبقي ۾ هوندا) هيءُ مسئلو تنهنجي ذهن ۾ تڏهن واضح ٿيندو جڏهن تون ماڻهن جي زبانن ۾ غور ڪندين، تون ڏسندين ته ڪو حق ته سڃاڻيندو هوندو پر ان تي عمل ڇڏي ڏيندو هوندو. دنيا ۽ دولت ۾ گهٽتائي جي ڊپ کان، جيئن قارون هو، يا مانَ گهٽجي وڃڻ جي ڊپ کان، جيئن هامان هو، يا ملڪ ڦرجي وڃڻ جي ڊپ کان، جيئن فرعون هو. ۽ تون ڏسندين ته ڪي بظاهر منافقن وانگر عمل ته ڪندا پر جڏهن ڪائنس سندن دل جي اعتقاد جي باري ۾ پڇندين ته اهي ان کان واقف ئي ڪونه هوندا.

تنهنجي لاءِ ڪتاب الله جون بہ آيتون سمجهڻ تمام ضروري آهن:

پهرين آيت: جيڪا اڳ ۾ گذري. سا هيءَ تہ ﴿ لَا تَعْتَذِرُوا قَدْ كَفَرْتُم بَعْدَ إِيمَانِكُمْ ﴾ (عذر نہ ٻڌايو، توهان پنهنجي ايمان کان پوءِ ڪفر ڪري چڪا آهيو). جڏهن تون اهو ڄاڻيندين تہ نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ روم وارن سان جنگ تي ويندڻ مان ڪن، جڏهن پوڳ ۾ مذاق ۾ چيل پنهنجي هڪ جملي جي سببان ڪفر ڪيو، تہ تنهنجي آڏو ظاهر ٿي ويندو تہ جيڪو شخص پنهنجي مالَ يا مانَ جي گهٽجڻ جي ڊپ يا ڪنهن ماڻهوءَ جي رواداري جي لحاظ کان ڪفر جو ڪلمو چئي ٿو يا ان تي عمل ڪري ٿو، تہ اهو شخص پوڳ ۾ ڪفر جي ڪلمي چوندڻ کان وڌيڪ گناهه جو ڪم ٿو ڪري. ڇاڪاڻ تہ پوڳي گهٽو ڪري پنهنجي زبان سان عوام کي ڪلائڻ لاءِ جو ڪجهه چوندو آهي تنهن جو دلي طور اعتقاد نہ رکندو آهي، باقي جيڪو ماڻهو مخلوق کان ڊڄندي يا انهن ۾ کا لالچ رکندي ڪفر جو ڪلمو ڳالهائي ٿو يا ان تي عمل ڪري ٿو تہ اهو شيطان جي ڪيل واعدي کي سچو ٿو ڄائين. جيئن قرآن ۾ آهي : ﴿ ٱلشَّيْطَٰنُ يَعِدُكُمُ ٱلْفَقْرَ وَيَأْمُرُكُم بِٱلْفَحْشَآءِ ﴾ (شيطان اوهان کي مسڪينيءَ کان ڊيڄاري ٿو ۽ فحاشيءَ جو حڪم ٿو ڪري). ۽ اهو سندس هن دڙڪي کان ڊنو : ﴿ إِنَّمَا ذَٰلِكُمُ ٱلشَّيْطَٰنُ يُخَوِّفُ أَوْلِيَآءَهُۥ ﴾ (اهو شيطان ئي آهي جيڪو پنهنجي دوستن کي ڊيڄاري ٿو). ۽ اهو الله جي هن واعدي کي سچو نہ ٿو مڃي : ﴿ وَٱللَّهُ يَعِدُكُم مَّغْفِرَةً مِّنْهُ وَفَضْلًا ﴾ (الله اوهان سان پنهنجي مغفرت ۽ فضل جو واعدو ٿو ڪري). ۽ اهو جبار جي هن دڙڪي کان نہ ٿو ڊڄي : ﴿ فَلَا تَخَافُوهُمْ وَخَافُونِ إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ ﴾ (انهن کان نہ ڊڄو، مون کان ڊڄو، جيڪڏهن مؤمن آهيو)! ڇا جنهن جو اهو حال هجي، سو رحمان جي دوست سڏجڻ جو مستحق ٿيندو يا شيطان جو؟

ٻي آيت : الله تعالىٰ جو هي فرمان : ﴿ مَن كَفَرَ بِٱللَّهِ مِنۢ بَعْدِ إِيمَٰنِهِۦٓ إِلَّا مَنْ أُكْرِهَ وَقَلْبُهُۥ مُطْمَئِنٌّۢ بِٱلْإِيمَٰنِ وَلَٰكِن مَّن شَرَحَ بِٱلْكُفْرِ صَدْرًا فَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ مِّنَ ٱللَّهِ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴾ (جنهن ايمان آڻڻ کانپوءِ الله جو انڪار ڪيو سواءِ ان جي جيڪو مجبور ڪيو ويو، جڏهن تہ سندس دل ايمان سان مطمئن آهي. پر جنهن جو سينو ڪفر لاءِ کليل آهي، اهڙن جي مٿان الله جو غضب آهي ۽ انهن لاءِ درد ناڪ عذاب آهي). تنهن ڪري اهڙن ماڻهن جو الله عذر بہ قبول نہ ڪندو، سواءِ اهڙي شخص جي جيڪو مجبور ڪيو ويو هجي ۽ سندس دل ايمان تي مطمئن آهي. باقي ان کان سواءِ ٻيو جيڪو بہ ڪفر ڪندو پوءِ ڪٿي خوف ۾ ڪفر ڪري يا لالچ ۾ يا کنهن جي رواداري جي ڪري يا وطن، خاندان ۽ قبيلي جي محبت جي ڪري يا مال جي ڪري يا پوڳ جي طور تي ڪري يا کنهن ٻئي سبب جي ڪري، مجبور کان سواءِ (باقي کنهن جو بہ الله وٽ عذر قبول نہ ڪيو ويندو) ڇاڪاڻ تہ آيت ان تي دلالت ٿي ڪري تہ بيشڪ انسان رڳو ڳالهائڻ ۽ عمل ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي، باقي دل جي عقيدي تي کنهن جو بہ ڌاڙو نہ هلندو آهي. ۽ الله تعالىٰ جو فرمان آهي : ﴿ ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمُ ٱسْتَحَبُّوا۟ ٱلْحَيَوٰةَ ٱلدُّنْيَا عَلَى ٱلْءَاخِرَةِ وَأَنَّ ٱللَّهَ لَا يَهْدِى ٱلْقَوْمَ ٱلْكَٰفِرِينَ ﴾ (اهو (عذاب) ان ڪري تہ انهن آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي حياتيءَ کي وڌيڪ پسند ڪيو ۽ الله ڪافرن جي قوم کي هدايت نہ ڪندو آهي). ان ۾ وضاحت ٿيل آهي تہ عذاب اعتقاد، جهالت، دين ۾ بغض يا ڪفر سان محبت جي ڪري نہ هيو. بلڪ ان جو سبب صرف اهو آهي تہ ان جا هن (ڪفر جي عمل) ۾ دنياوي مفاد آهن، جن کي ان دين جي مٿان ترجيح ڏني آهي. والله اعلم.

الله توکي هدايت ڪري، ڇا هنن سيني ڳالهين کان پوءِ بہ تنهنجي لاءِ اڃا وقت نہ آيو آهي، تہ تون توبہ ڪرين، پنهنجي رب ڏانهن موٽين. جن خيالن تي تون رهيو آهين سي چڏي ڏين! معاملو جيئن تو ٻڌو تمام ڏکيو آهي، مسئلو تمام وڏو ۽ ڳالهہ ڳنڀير آهي.

عبدالنبي: آءٌ الله کان معافي ٿو گهران ۽ ڏانهس توبہ تائب ٿو ٿيان ۽ گواهي ٿو ڏيان تہ الله کان سواءِ ٻيو کو بہ معبود ڪونهي، بيشڪ محمد ﷺ الله جو رسول آهي، جن جي بہ آءٌ الله کان سواءِ عبادت ڪندو هيس، سيني کان آءٌ انڪار ٿو ڪريان ۽ الله کان سوال ٿو ڪريان تہ گذريل منهنجي ڪمن بابت عذر قبول ڪري، مون کي معاف ڪري. مون سان پنهنجي مهرباني، بخشش ۽ ڀاڃهہ جو معاملو فرمائي. مون کي توحيد ۽ صحيح عقيدي تي ايستائين ثابت قدم رکي جيستائين آءٌ وڃي ساڻس ملان. ڪائنس سوال ٿو ڪريان تہ - ادا عبدالله - الله توکي هن نصيحت جو پلو اجر ڏئي. بيشڪ دين نصيحت ۽ خيرخواهي جو نالو آهي. منهنجي نالي

تي بہ تو جيڪا تنقيد ڪئي، ان جي ڪري آءٌ توکي ٻڌايان ٿو تہ مون اهو عبدالنبيءَ کان ڦيرائي (عبدالرحمان) ڪري ڇڏيو آهي. مون ۾ جيڪي اندر جون خرابيون هيون يعني جيڪي گمراهہ عقيدا هئا، تن تي جيڪڏهن آءٌ هجان ها ۽ الله سان وڃي ملان ها تہ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيان ها. الله توکي ان تي بہ اجر عطا فرمائي.

پر آءٌ توکان هڪ آخري گالهہ جي بہ طلب ٿو ڪرڻ گهران، اها هيءَ تہ مون کي تون ڪي اهڙا خراب ۽ برا عمل بہ ٻڌاءِ جن ۾ ماڻهو گهٽو ڪري غلطيءَ تي رهن ٿا؟

عبدالله: ڪو مسئلو ڪونهي ،تون موڪلانهن توجهہ ڪر!

۞ پاڻ کي هن گالهہ کان بچاءِ جو تنهنجي سڃاڻ هي هجي تہ قرآن ۽ حديث جي ڪنهن بہ اختلاف مسئلي ۾ فتني پکيڙڻ ۽ تاويل ڪرڻ خاطر ان اختلافي مسئلي جي تابعداري ڪرڻ هجي، جڏهن تہ حقيقت ۾ ان جي تاويل الله ئي ڄاڻي ٿو. پر تنهنجي سڃاڻ مضبوط علم رکندڙن واري هجڻ گهرجي. جيڪي متشابهہ قسم جي گالهين ۾ چوندا آهن : ﴿ ءَامَنَّا بِهِۦ كُلٌّ مِّنْ عِندِ رَبِّنَا ﴾ (اسان ان تي ايمان آندو، سڀ ڪجهہ اسان جي رب وٽان آهي). ۽ اختلافي گالهين ۾ رسول الله ﷺ جن جي هن قول تي عمل ڪندا آهن : « دَعْ مَا يَرِيبُكَ إِلَى مَا لَا يَرِيبُكَ » (جيڪا شيءِ توکي شڪ ۾ وجهي تنهن کي ڇڏي ان جي طرف اچ جيڪا توکي شڪ ۾ نہ وجهي). (احمد ۽ ترمذي) ۽ نبي ڪريم ﷺ جي فرمان : «فَمَنِ اتَّقَى الشُّبُهَاتِ اسْتَبْرَأَ لِدِينِهِ وَعِرْضِهِ، وَمَنْ وَقَعَ فِي الشُّبُهَاتِ وَقَعَ فِي الْحَرَامِ » (جيڪو مشڪوڪ شين کان بچيو ان ڇڻ پنهنجي دين ۽ عزت جو بچاءُ ڪري ورتو ۽ جيڪو مشڪوڪ شين ۾ پيو سو حرام ۾ مبتلا ٿي ويو). (متفق عليہ). ۽ نبي ڪريم ﷺ جي فرمان : « وَالإِثْمُ مَا حَاكَ فِي صَدْرِكَ وَكَرِهْتَ أَنْ يَطَّلِعَ عَلَيْهِ النَّاسُ » (گناهہ ان کي چئبو آهي جيڪو تنهنجي دل ۾ چيي ۽ تون ناپسند ڪرين تہ ماڻهن کي ان جي خبر پوي). (مسلم).

۽ نبي ڪريم ﷺ جي فرمان : «اسْتَفْتِ قَلْبَكَ وَاسْتَفْتِ نَفْسَكَ. ثَلاثَ مَرَّاتٍ. الْبِرُّ مَا اطْمَأَنَّتْ إِلَيْهِ النَّفْسُ وَالإِثْمُ مَا حَاكَ فِي النَّفْسِ وَتَرَدَّدَ فِي الصَّدْرِ وَإِنْ أَفْتَاكَ النَّاسُ وَأَفْتَوْكَ» (پنهنجي دل کان پڇ، پنهنجي اندر کان پڇ - تي ڀيرا ائين فرمايائون- نيڪي اها آهي جنهن تي تنهنجي دل مطمئن ٿئي. گناهہ اهو آهي جيڪو تنهنجي دل ۾ چيي ۽ سيني ۾ شڪ وجهي، پوءِ ڀل ماڻهو توکي ان بابت فتويٰ ڏين، ڀل فتويٰ ڏين). (احمد).

۞ پاڻ کي خواهش جي تابعداري کان بچاءِ. بيشڪ الله تعالىٰ پنهنجي هن فرمان ۾ ان کان منع فرمائي آهي ﴿ أَرَءَيْتَ مَنِ ٱتَّخَذَ إِلَٰهَهُۥ هَوَىٰهُ ﴾ (ڇا تو اهو ڏٺو آهي جنهن پنهنجي خواهشن کي پنهنجو خدا بنايو آهي).

۞ پاڻ کي ماڻهن، مختلف راين ۽ ابن ڏاڏن واري مذهب جي تعصب کان بچاءِ. ڇاڪاڻ تہ اهي شيون انسان ۽ حق جي وچ ۾ رڪاوٽ ٿيندیون آهن. بيشڪ حق مؤمن جي وڃايل موڙي آهي. جڏهن ان کي ڏسي، اتي ان جو پاڻ کي وڌيڪ حقدار پائيين. الله عزوجل فرمايو آهي ﴿ وَإِذَا قِيلَ لَهُمُ ٱتَّبِعُوا۟ مَآ أَنزَلَ ٱللَّهُ قَالُوا۟ بَلْ نَتَّبِعُ مَآ أَلْفَيْنَا عَلَيْهِ ءَابَآءَنَآ ۚ أَوَلَوْ كَانَ ءَابَآؤُهُمْ لَا يَعْقِلُونَ شَيْـًٔا وَلَا يَهْتَدُونَ ﴾ (جڏهن کين چيو تہ وحي تہ ان جي پيروي ڪيو، جيڪو الله نازل ڪيو آهي تہ چون ٿا: بلڪ اسان ان جي پيروي ٿا ڪريون. جنهن تي اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي ڏٺو آهي. ڇا پوءِ انهن جا ابا ڏاڏا ڀل عقل ۽ هدايت نہ بہ رکندا هجن (تہ بہ انهي گالهہ تي هلندا؟).

۞ پاڻ کي ڪافرن سان مشابهت رکڻ کان بچاءِ. ڇاڪاڻ تہ اها هر مصيبت جي پاڙ آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ : جنهن ڪنهن قوم سان مشابهت رکي تہ اهو انهن مان آهي. (ابوداود).

۞ پاڻ کي غير الله جي مٿان توڪل ڪرڻ کان بچاءِ. الله عزوجل فرمايو آهي : ﴿ وَمَن يَتَوَكَّلْ عَلَى ٱللَّهِ فَهُوَ حَسْبُهُۥٓ ﴾ (جنهن الله تي توڪل ڪئي تہ اهو کيس ڪافي آهي).

۞ الله جي نافرمانيءَ ۾ مخلوق مان ڪنهن جي بہ پيروي نہ ڪر. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي: « لَا طَاعَةَ لِمَخْلُوقٍ فِي مَعْصِيَةِ الْخَالِقِ» "خالق جي نافرمانيءَ ۾ مخلوق جي فرمانبرداري جائز ناهي". (ترمذي).

۞ الله ۾ بدگمانيءَ کان پاڻ کي بچاءِ. الله تعالىٰ قدسي حديث ۾ فرمايو آهي : « أَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِي بِي » "آءٌ پنهنجي باري ۾ سڀ ائين هلندو آهيان، جهڙو هو منهنجي باري ۾ گمان رکندو آهي". (متفق عليہ).

۞ پاڻ کي ڪڙي يا ڏاڳي وغيره پائڻ کان بچاءِ، جيڪو تون ڪنهن مصيبت اچڻ کان اڳ بچاءَ لاءِ يا پوءِ ان جي خاتمي لاءِ پائين.

۞ نظر ٽارڻ لاءِ ڳچيءَ ۾ تعويذن لٽڪائڻ کان پاڻ کي بچاءِ، ڇاڪاڻ تہ اهو شرڪ آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « مَنْ تَعَلَّقَ شَيْئًا وُكِلَ إِلَيْهِ » "جنهن ڪا شيءِ لٽڪائي، سو ان جي حوالي ڪيو ويندو". (ترمذي).

۞ پٿرن، وٽن، تاريخي جاين ۽ مقبرن کان تبرڪ وٺڻ کان پاڻ کي بچاءِ. ڇاڪاڻ تہ اهو شرڪ آهي.

۞ ڪنهن بہ شيءِ مان بدفالي وٺڻ جي خيال کان پاڻ کي بچاءِ. ڇاڪاڻ تہ اهو بہ شرڪ آهي، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « الطِّيَرَةُ شِرْكٌ، الطِّيَرَةُ شِرْكٌ » "بدفالي شرڪ آهي. بدفالي شرڪ آهي". تي دفعا فرمايائون. (ابوداؤد).

۞ نجومين ۽ جادوگرن کي سچي سمجهڻ کان پاڻ کي بچاءِ. جيڪي علم غيب جي دعويٰ ڪن ٿا، مختلف ڪتابن ۽ اخبارن ۾ برج ڏيکارين ٿا، ماڻهن جو ڀاڳ يا نياڳ ٻڌائن ٿا، انهن کي اهڙين ڳالهين ۾ سچو سمجهڻ شرڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ غيب جو علم الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ ناهي.

۞ مينهن وسڻ جي ستارن ۽ موسم ڏانهن نسبت ڪرڻ کان پاڻ کي بچاءِ، ڇاڪاڻ تہ اهو شرڪ آهي. ان جي رڳو الله ڏانهن نسبت ڪرڻ گهرجي.

۞ غير الله جي قسم کڻڻ کان پاڻ کي بچاءِ. ڀل اهو ڪير بہ هجي جنهن جو قسم کنيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ اهو شرڪ آهي. حديث شريف ۾ آيو آهي : « مَنْ حَلَفَ بِغَيْرِ اللَّهِ فَقَدْ كَفَرَ أَوْ أَشْرَكَ » "جنهن غير الله جو قسم کنيو تنهن ڪفر ڪيو يا شرڪ ڪيو". (احمد). جيئن نبي، امانت، ننگ، ذمي يا حياتيءَ جو قسم کڻڻ.

۞ زماني کي گار ڏيڻ کان پاڻ کي بچاءِ. هوا، سج، ٿڌ يا گرميءَ کي بہ گار ڏيڻ کان بچ، ڇاڪاڻ تہ اهو الله کي گار ڏيڻ برابر آهي، جنهن انهن کي پيدا ڪيو آهي.

۞ پاڻ کي (ڪاش) چوڻ کان بچاءِ، جڏهن توکي ڪا مصيبت پهچي تہ ان وقت ائين نہ چئو تہ ڪاش هيئن ڪجي ها تہ هيئن ٿئي ها، ڇاڪاڻ تہ اهو لفظ شيطان جي عمل دخل جو رستو کولي ٿو ۽ ان ۾ الله جي تقدير تي اعتراض آهي. بلڪ هيئين چوڻ گهرجي : (الله اهو مقدر فرمايو، جيئن وٽيس تيئن ڪيائين).

۞ قبرن کي مسجدون بنائڻ کان پاڻ کي بچاءِ، ڇاڪاڻ تہ جنهن مسجد ۾ قبر هوندي آهي تنهن ۾ نماز نہ پڙهبي آهي. حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ : نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي موت واري سڪرات مهل فرمايو: « لَعْنَةُ اللَّهِ عَلَى الْيَهُودِ وَالنَّصَارَى اتَّخَذُوا قُبُورَ أَنْبِيَائِهِمْ مَسَاجِدَ يُحَذِّرُ مَا صَنَعُوا » "يهودين ۽ نصارن تي الله جي لعنت هجي! انهن پنهنجي نبين جي قبرن کي مسجدون بنائي ڇڏيو". جيڪو اهي ڪندا هئا تنهن کان خبردار فرمائن پيا!! حضرت عائشہ رضي الله عنها فرمايو : "جيڪڏهن اهو فرمان نہ هجي ها تہ صحابہ سندس قبر کي ظاهر ڪن ها". (بخاري). نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو : « إِنَّ مَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ كَانُوا يَتَّخِذُونَ قُبُورَ أَنْبِيَائِهِمْ وَصَالِحِيهِمْ مَسَاجِدَ، فَلَا تَتَّخِذُوا الْقُبُورَ مَسَاجِدَ فَإِنِّي أَنْهَاكُمْ عَنْ ذَلِكَ » "اوهان کان جيڪي اڳيان هئا، سي پنهنجي نبين ۽ صالحن جي قبرن کي مسجدون ڪري وٺندا هئا. سو اوهان قبرن کي مسجدون نہ بنايو. آءٌ اوهان کي ان کان منع ٿو ڪريان". (مسند ابوعوانة).

۞ انهن حديثن جي تصديق کان پاڻ کي بچاءِ جيڪي ڪوڙن ماڻهن سندس ذات مبارڪ ۽ امت جي صالحن جي وسيلي وٺڻ بابت گهڙي، رسول الله ﷺ جن ڏانهن منسوب ڪيون آهن. اهي گهڙيل ۽ رسول الله ﷺ جن متان ڪوڙ مڙهيل آهي. جهڙوڪ : (منهنجي شان جو وسيلو وٺو. ڇاڪاڻ تہ الله وٽ منهنجو شان تمام وڏو آهي). ۽ جهڙوڪ : (جڏهن اوهان جا معاملا مشڪل ٿي پون تہ پوءِ اوهان تي قبرن وارن کان مدد وٺڻ لازم آهي). ۽ جهڙوڪ : (الله تعالىٰ هر ولي‌ءَ جي قبر تي ملائڪ موڪل مقرر ڪيو آهي، جيڪوماڻهن جون حاجتون پوريون ڪندو آهي). ۽ جهڙوڪ : (جنهن اوهان مان پٿر ۾ بہ سنو گمان رکيو تہ اهو بہ کيس فائدو پهچائيندو). اهڙيون پيون بہ ڪوڙ منگهڙت حديثون آهن.

۞ پاڻ کي اهڙين محفلن کان بچاءِ جن کي ديني مناسبتن جو نالو ڏنو ويندو آهي، جهڙوڪ: عيد ميلاد، شب معراج، شب برائت، وغيره. اهي بدعتون آهن، جن جو ڪوبہ دليل نہ رسول الله ﷺ جن کان ثابت آهي ۽ نہ وري صحابہ ڪرام کان، جيڪي رسول الله ﷺ سان اسان کان وڌيڪ محبت ڪندا هئا ۽ اسان کان وڌيڪ خير جي ڪمن ۾ حريص هوندا هئا. جيڪڏهن اهي پلائي جا ڪم هجن ها تہ اسان کان اهي انهن ڳالهين ۾ اڳرائي ڪن ها.

لا إلهَ إلاَّ اللهُ جي شاهدي

يعني هيءَ شاهدي ڏيڻ تہ الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي.

هي ڪلمو بن رڪنن تي مشتمل آهي : هڪ : (لا اله) انهيءَ ۾ غير الله کان حقيقي الوهيت جي نفي آهي. ٻيو : (الا الله)، انهيءَ ۾ اڪيلي الله جي الوهيت جو اثبات آهي. الله تعالىٰ جو فرمان آهي تہ : ﴿ وَإِذْ قَالَ إِبْرَٰهِيمُ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِۦٓ إِنَّنِى بَرَآءٌ مِّمَّا تَعْبُدُونَ ﴿٢٦﴾ إِلَّا ٱلَّذِى فَطَرَنِى فَإِنَّهُۥ سَيَهْدِينِ ﴾ ”۽ جڏهن ابراهيم پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيو تہ آءٌ انهن کان لا تعلق آهيان جن جي اوهان عبادت ٿا ڪريو. ان کان سواءِ جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي. سو يقينا اهو ئي مون کي سنئين دڳ لائيندو“. سو رڳو الله تعالىٰ جي عبادت ئي ڪافي ناهي، بلڪ اها رڳو ان اڪيلي لاءِ هجي، ۽ توحيد ايستائين صحيح نہ ڇڀي جيستائين الله کي سندس وحدانيت ۾ اڪيلو سمجهڻ ۽ شرڪ ۽ مشرڪن کان لا تعلقي جو اظهار ٻئي گڏ نہ ٿين.

روايت آهي تہ : ”جنت جي ڪنجي ”لا اله الا الله“ آهي“. پر ڇا جنهن بہ اهو ڪلمو چيو سو ان جو حقدار ٿي ويندو تہ ان لاءِ جنت کولي وڃي؟ وهب بن منبه رحمه الله کي چيو ويو تہ : ڇا لا اله الا الله جنت جي ڪنجي ناهي؟ چيائين : ها! پر هر چابيءَ کي ڏندا ٿيندا آهن. جيڪڏهن تو چابي آندي ۽ ان کي ڏندا بہ آهن. تہ اها تو لاءِ جنت جا دروازا کوليندي، نہ تہ اها تو لاءِ جنت جا دروازا نہ کوليندي.

اسان جي پيغمبر ﷺ جن کان اهڙيون تمام گهٽيون حديثون آيون آهن، جيڪي انهيءَ چابيءَ جي ڏندن جو مجموعي طرح بيان ڪن ٿيون. جيئن نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي: « من قال: لا إله إلا الله مخلصًا...» ”جنهن لا الٰہ الا الله اخلاص سان چيو ... “، « مستيقنًا بها قلبه...» ”دل جي پڪي يقين سان چيو...“، « يقولها حقا من قلبه...» ”دل جي سچائيءَ سان چيو....“ وغيره. هنن حديثن جنت ۾ داخل ٿيڻ جي معاملي ڪي، ڪلمي جي معنىٰ ڇاڻڻ، موت تائين ان تي قائم رهڻ ۽ ان جي حڪمن ۽ تقاضائن تي پابند رهڻ وغيره سان جوڙي ڇڏيو آهي.

مجموعي طور دليلن منجهان عالمن ڪجهہ اهڙا شرط اخذ ڪيا آهن، جن جو هجڻ تمام ضروري، ۽ ان جي موانع جو نہ هجڻ بہ ضروري آهي، تہ جيئن (لا اله الا الله) جو ڪلمو جنت جي چابي بنجي سگهي ۽ ڪلمي واري کي ان جو فائدو ٿئي. اهي شرط ئي در اصل چابيءَ جا ڏند آهن. جي هن طرح آهن :

❶ **علم** :جيئن هر جملي جي معنىٰ ٿيندي آهي، تيئن ضروري آهي تہ : لا اله الا الله جي اهڙي معنىٰ ڇاڻجي جيڪا جهالت جي منافي هجي. اها معنىٰ هيءَ آهي تہ : اهو ڪلمو غير الله کان الوهيت جي نفي ٿو ڪري ۽ الوهيت کي رڳو الله تعالىٰ لاءِ ثابت ٿو ڪري. يعني حقيقت ۾ الله کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي. الله تعالىٰ فرمايو آهي: ﴿ إِلَّا مَن شَهِدَ بِٱلْحَقِّ وَهُمْ يَعْلَمُونَ ﴾ (مگر جنهن حق ۽ سچ جي شاهدي ڏني ۽ اهي ان کي ڄاڻن ٿا). نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « مَنْ مَاتَ وَهُوَ يَعْلَمُ أَنَّهُ لا إِلَهَ إِلا اللهُ دَخَلَ الْجَنَّةَ » ”جيڪو ان حال ۾ مري ويو جو ان ڄاتو ٿي تہ الله کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي تہ اهو جنت ۾ داخل ٿيندو“ (مسلم).

❷ **يقين**: ان جو مطلب هي آهي تہ ماڻهو ڪلمي جي مقصد جو پوريءَ طرح يقين ڪري وٺي. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ جيڪڏهن ڪو شڪ شبهو، وهم گمان يا دلي ڊڌڙ رهي تہ اهو قبول نہ پوندو. ان لاءِ پڪو ۽ قطعي يقين هجڻ تمام ضروري آهي. الله عزوجل مؤمنن جي وصف بيان ڪندي فرمايو آهي: ﴿ إِنَّمَا ٱلْمُؤْمِنُونَ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ بِٱللَّهِ وَرَسُولِهِۦ ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوا۟ وَجَٰهَدُوا۟ بِأَمْوَٰلِهِمْ وَأَنفُسِهِمْ فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ أُو۟لَٰٓئِكَ هُمُ ٱلصَّٰدِقُونَ ﴾ (بيشڪ مؤمن رڳو اهي آهن جيڪي الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻن ٿا، ان کان پوءِ

شڪ ۾ نہ ٿا پون ۽ پنهنجي جان ۽ مال سان الله جي رستي ۾ جهاد ڪن ٿا. اهي ئي سچار آهن). تنهن ڪري رڳو زبان سان ڪلمي جا لفظ اچارڻ ڪافي نہ ٿيندا بلڪ دل جو يقين هجڻ ضروري آهي، جيڪڏهن اهو حاصل نہ ٿيو تہ اهو نجو نفاق ليکبو. ۽ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي: « أَشْهَدُ أَنْ لا إِلَهَ إِلا الله وَأَنِّي رَسُولُ الله لا يَلْقَى الله بِهِمَا عَبْدٌ غَيْرَ شَاكٍّ فِيهِمَا إِلا دَخَلَ الْجَنَّةَ » آءٌ شاهدي ٿو ڏيان تہ الله کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي. ۽ آءٌ الله جو رسول آهيان. جيڪو ٻانهو انهن ٻنهي ڪلمن تي ايمان رکندي الله تعالىٰ سان هن حال ۾ مليو جو انهن ٻنهي ۾ ڪوبہ شڪ نہ هوندس تہ بس اهو جنت ۾ داخل ٿيندو".(مسلم).

❸ **قبوليت** : جڏهن تو ڄاتو ۽ توکي يقين بہ ٿيو، تہ هاڻي ان يقيني علم جو ڪوبہ ڪو اثر بہ هئڻ گهرجي. اهو آهي هن ڪلمي جي تقاضائن جو دل ۽ زبان سان قبول ڪرڻ. سو جنهن توحيد جي دعوت رد ڪئي ۽ ان کي قبول نہ ڪيائين تہ اهو ڪافر آهي. پوءِ اهو رد ڪرڻ وڏائيءَ جي ڪري هجي، ضد جي ڪري هجي يا حسد جي ڪري هجي. الله تعالىٰ انهن ڪافرن جي باري ۾ فرمايو آهي جن تڪبر ۽ وڏائيءَ کان ان کي رد ڪيو : ﴿ إِنَّهُمْ كَانُوٓاْ إِذَا قِيلَ لَهُمْ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا ٱللَّهُ يَسْتَكْبِرُونَ ﴾ (جڏهن انهن کي لا اله الا الله چيو ويندو آهي تہ اهي وڏائي ڪندا آهن).

❹ **تابعداري** : توحيد جي پوريءَ طرح تابعداري ڪرڻ. اهو ئي ايمان جو حقيقي جوهر ۽ عملي مظهر آهي. اهو الله تعالىٰ جي شريعت جي احڪامن تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي منع ڪيل احڪامن کان رڪجي وڃڻ سان قائم ٿيندو آهي، جيئن الله تعالىٰ جو فرمان آهي : ﴿ وَمَن يُسْلِمْ وَجْهَهُۥٓ إِلَى ٱللَّهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَقَدِ ٱسْتَمْسَكَ بِٱلْعُرْوَةِ ٱلْوُثْقَىٰ وَإِلَى ٱللَّهِ عَٰقِبَةُ ٱلْأُمُورِ ﴾ (۽ جنهن پنهنجي مهاڙ الله ڏانهن ڪئي ۽ اهو چڱا ڪم ڪندڙ آهي تنهن بيشڪ مضبوط ڪڙي کي پڪڙيو. ۽ سڀني ڪمن جي پڇاڙي الله جي هٿ ۾ آهي). انهيءَ کي ئي پوريءَ طرح تابعداري ڪرڻ چئبو آهي.

❺ **سچائي** "لا اله الا الله" اهڙي سچائيءَ سان چوڻ، جنهن سان ڪوڙ جي نفي ٿئي. چاڪاڻ تہ جنهن رڳو زبان سان ان کي چيو، پر دل ۾ ان کي ڪوڙو ٿو ڄاڻئي، تہ اهو منافق آهي. ان جو دليل منافقن جي مذمت ۾ چيل الله تعالىٰ جو هي فرمان آهي تہ : ﴿ يَقُولُونَ بِأَلْسِنَتِهِم مَّا لَيْسَ فِى قُلُوبِهِمْ ﴾ (پنهنجي زبانن سان اهو ٿا چون، جيڪو سندن دلين ۾ ناهي).

❻ **محبت** :مؤمن هن ڪلمي سان محبت ڪندو آهي ۽ ان جي تقاضائن تي عمل ڪرڻ سان محبت ڪندو آهي، ڪلمي وارن سان محبت ڪندو آهي، جيڪي ان تي عمل ڪندڙ آهن. ٻانهي جي پنهنجي رب سان محبت جي نشاني آهي الله جي محبوب ڪيل شين کي مقدم رکڻ چو نہ اهي سندس خواهش جي خلاف هجن ۽ الله ۽ سندس رسول ﷺ جي دوست بنائيندڙن کي پنهنجو دوست بنائڻ ۽ سندن دشمنن کي دشمن بنائڻ، رسول الله ﷺ جي تابعداري ڪرڻ، سندس سنت کي اپنائڻ ۽ سندس هدايت کي قبول ڪرڻ.

❼ **إخلاص** يعني اهو ڪلمو چوڻ وقت مراد صرف الله جي رضا هجي. الله عزوجل فرمايو ﴿ وَمَآ أُمِرُوٓاْ إِلَّا لِيَعْبُدُواْ ٱللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ ٱلدِّينَ حُنَفَآءَ ﴾ (انهن کي صرف اهو حڪم ڪيو ويو آهي تہ الله جي سندس دين ۾ مخلص ۽ هڪ طرفا ٿي عبادت ڪن). نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : : « فَإِنَّ الله قَدْ حَرَّمَ عَلَى النَّارِ مَنْ قَالَ لا إِلَهَ إِلا الله يَبْتَغِي بِذَلِكَ وَجْهَ الله» "بيشڪ الله ان شخص تي باهہ حرام ڪري ڇڏي آهي، جنهن رڳو الله جي رضا خاطر لا الہ الا الله چيو". (بخاري).

هيءَ شاهدي ڏيڻ ته : محمد ﷺ الله جا رسول آهن

ميت کان قبر ۾ امتحان ورتو ويندو آهي ۽ کانئس ٽي سوال ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن انهن جو جواب ڏيندو ته نجات حاصل ڪري ونڊندو ۽ جيڪڏهن جواب نه ڏئي سگهيو ته هلاڪ ٿي ويندو. انهن سوالن منجهان هڪ آهي: تنهنجو نبي ڪير آهي؟ هن جو جواب اهو ئي ڏئي سگهندو جنهن کي الله تعالىٰ دنيا ۾ ان جي شرطن پوري ڪرڻ جي توفيق ڏني هوندي ۽ ان تي ثابت قدم رکيو هوندو ۽ ڪيس سندس قبر ۾ ان جو الهام ڪيو هوندو. جنهن کان پوءِ ڪيس اهي شرط آخرت ۾ ان ڏينهن نفعو ڏيندا جنهن ڏينهن نه مال ڪم ايندو نه اولاد. اهي شرط هي آهن:

نبي ڪريم ﷺ جن جي هر ان ڳالهه ۾ پيروي ڪرڻ جنهن جو پاڻ حڪم فرمايو اٿن	ڇاڪاڻ ته الله تعالىٰ اسان کي سندس فرمانبرداريءَ جو حڪم فرمايو آهي. الله تعالىٰ فرمايو آهي : ﴿ مَّن يُطِعِ ٱلرَّسُولَ فَقَدۡ أَطَاعَ ٱللَّهَ ﴾ (جنهن رسول ﷺ جي فرمانبرداري ڪئي تنهن الله جي فرمانبرداري ڪئي). ۽ الله تعالىٰ فرمايو آهي: ﴿ قُلۡ إِن كُنتُمۡ تُحِبُّونَ ٱللَّهَ فَٱتَّبِعُونِي يُحۡبِبۡكُمُ ٱللَّهُ ﴾ (چؤ ته جيڪڏهن توهان الله سان محبت ٿا ڪيو ته منهنجي پيروي ڪيو، الله اوهان سان محبت ڪندو). جنت ۾ داخل ٿيڻ ان جي ڪامل تابعداري سان تعلق رکي ٿو. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « كُلُّ أُمَّتِي يَدْخُلُونَ الْجَنَّةَ إِلا مَنْ أَبَى. قَالُوا : يَا رَسُولَ اللَّهِ : وَمَنْ يَأْبَى؟ قَالَ : مَنْ أَطَاعَنِي دَخَلَ الْجَنَّةَ وَمَنْ عَصَانِي فَقَدْ أَبَى » "منهنجا سڀ امتي جنت ۾ داخل ٿيندا سواءِ ان جي جنهن انڪار ڪيو. چيائون ته : يا رسول الله! ڪير انڪار ڪندو؟ پاڻ فرمايائون ته : جنهن منهنجي اطاعت ڪئي، سو جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي تنهن انڪار ڪيو". (بخاري) جيڪو نبي ڪريم ﷺ جن سان محبت ڪري ٿو تنهن لاءِ ضروري آهي ته سندس اطاعت ڪري، ڇاڪاڻ ته اطاعت محبت جو ڦل آهي، جيڪو ماڻهو نبي ڪريم ﷺ جي محبت جي سندس تابعداري کان سواءِ دعويٰ ٿو ڪري، سو پنهنجي دعويٰ ۾ ڪوڙو آهي.
پاڻ جن جو ڪجهه ٻڌايو آهي تنهن ۾ ڪيس سچو ميڙ	جنهن ماڻهوءَ کنهن اهڙي شيءِ کي ڪوڙو ڪيو جيڪا نبي ڪريم ﷺ کان صحيح ثابت هجي، صرف خواهش ۽ سَڌَ جي ڪري ته ان الله ۽ سندس رسول کي ڪوڙو ڪيو، ڇاڪاڻ ته نبي ڪريم ﷺ جن خطا ۽ ڪوڙ کان معصوم آهن. الله تعالىٰ جو فرمان آهي: ﴿ وَمَا يَنطِقُ عَنِ ٱلۡهَوَىٰٓ ﴾ (۽ (پيغمبر) نفس جي خواهش کان نه ڳالهائيندو آهي).
جن شين کان منع ڪئي اٿئون تن کان پاسو ڪرڻ	وڏي ۾ وڏي گناهه يعني شرڪ کان شروعات ڪندي، ان کان پوءِ ڪبيره ۽ هلاڪ ڪندڙ گناهه، ويندي صغيره گناهن ۽ مڪروه شين کان بہ پاڻ کي پري رکڻ. مسلمان جي نبي ڪريم سان جيتري قدر محبت هوندي ايتري قدر سندس ايمان وڌندو ۽ جڏهن ان جو ايمان وڌندو ته الله تعالىٰ سندس دل ۾ چڱي ڪمن جي محبت پيدا ڪندو. ۽ سندس دل ۾ ڪفر، فسق ۽ فجور کان نفرت پيدا ڪندو.
الله جي عبادت، نبي ڪريم جن جي زباني ڏسيل طريقي مطابق ڪجي	ڇاڪاڻ ته عبادت ۾ اصل ممانعت آهي. ان ڪري الله جي عبادت رڳو ان طريقي سان ڪرڻ گهرجي جيڪو نبي ڪريم ﷺ جن آندو آهي. نبي ڪريم جن فرمايو آهي : « مَنْ عَمِلَ عَمَلاً لَيْسَ عَلَيْهِ أَمْرُنَا فَهُوَ رَدٌّ » "جنهن اهڙو عمل ڪيو جنهن جو اسان حڪم نه ڪيو آهي ته اهو مردود آهي". (مسلم). يعني موٽائي اهو ان تي اڇليو ٿو وڃي.

فائدو: ڄاڻڻ گهرجي ته نبي ڪريم ﷺ جن سان محبت واجب آهي، پر خالي محبت ڪافي ناهي، بلڪ ضروري آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن توڪي هر شيءِ کان وڌيڪ پيارا هجن ايستائين جو تنهنجي جان کان به وڌيڪ. ڇاڪاڻ ته جيڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ سان محبت ڪري ٿو سو ان کي اختيار ڪندو آهي ۽ ان سان موافقت کي پسند ڪندو آهي. تنهن ڪري نبي ڪريم ﷺ جن سان محبت ۾ سچو اهو آهي جنهن تي ان جي نشاني ظاهر ٿئي. جهڙوڪ : سندس تابعداري، قول ۽ فعل ۾ سندس سنت جي پيروي. سندس حڪمن جي اطاعت ۽ سندس منع ڪيل ڳالهين کان پاسو ڪرڻ. ڏک هجي يا سک، خوشي هجي يا غم سندس آداب اپنائڻ. بيشڪ اطاعت ۽ پيروي محبت جو ڏُلُ آهي. انهيءَ کان سواءِ محبت جي دعويٰ سچي نه ڄڻبي.

نبي ڪريم ﷺ جن سان محبت جون نشانيون گهٽيون آهن، جن مان ڪجهه هينيٺ ريت آهن :

❁ڪيس گهٽو ياد ڪرڻ ۽ مٿس درود پڙهڻ. ڇاڪاڻ ته جنهن سان ماڻهو محبت ڪندو آهي، تنهن جو تذڪرو گهٽو ڪندو آهي. ❁ ساڻس ملاقات جو شوق رکڻ. ڇاڪاڻ ته هر دوست پنهنجي دوست سان ملڻ جو شوق رکندو آهي. ❁ سندس تذڪرو ڪرڻ مهل تعظيم ۽ وقار جو لحاظ رکڻ. اسحاق رحمه الله چئي ٿو ته : نبي ڪريم ﷺ جا اصحاب سڳورا ڪائنس پوءِ جڏهن سندن ذڪر ڪندا هئا ته خشوع ۾ اچي ويندا هئا، سندن لڳ ڪاندارجي ويندا هئا ۽ روئڻ لڳندا هئا. ❁ نبي ڪريم ﷺ جن سان جيڪو بغض رکي ان سان بغض رکڻ. سندس دشمن سان دشمني ڪرڻ. بدعتي ۽ منافق ماڻهن مان جيڪو سندس سنت جي خلاف ورزي ڪري ۽ سندس دين ۾ بدعت پيدا ڪري تن کان پاسو ڪرڻ. ❁ جنهن سان نبي ڪريم ﷺ محبت ڪن تنهن سان محبت ڪرڻ. اهل بيت، سندس گهروارين، سندس صحابين مهاجر ۽ انصار سان محبت ڪرڻ ۽ جيڪو انهن سان دشمني ڪري ان سان دشمني ڪرڻ ۽ جيڪوانهن سان بغض رکي، کين گاريون ڏئي، ان سان بغض رکڻ. ❁ سندن سهڻن اخلاقن جي پيروي ڪرڻ. ڇاڪاڻ ته پاڻ خلق ۾ سڀني کان وڌيڪ سهڻي اخلاق وارا هئا. حضرت عائشہ فرمائي ٿي ته : رسول الله ﷺ جن جو اخلاق قرآن هو. يعني پاڻ سڳورن ﷺ جن پنهنجي مٿان اهو لازم ڪري ڇڏيو هو ته پاڻ اهوئي ڪندا جنهن جو کين قرآن حڪم ڪندو.

نبي ڪريم ﷺ جون صفتون: ❁ پاڻ ﷺ ماڻهن ۾ سڀني کان وڌيڪ بهادر هئا. خاص ڪري جنگ جي سختيءَ ۾ وڏي بهادري سان مقابلو ڪندا هئا. ❁ سڀ کان وڌيڪ سخي هئا. خاص ڪري رمضان شريف ۾ وڏ ۾ وڏ سخاوت ڪندا هئا. ❁ مخلوق لاءِ سڀني کان وڌيڪ خير خواهي ڪرڻ وارا هئا. ❁ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ بردبار هوندا هئا. جنهن ڪري پنهنجي ذات لاءِ ڪنهن کان به انتقام ۽ بدلو نه ورتائون. ❁ ماڻهن مان سڀني کان وڌيڪ الله جي معاملي ۾ سخت گير هوندا هئا. ❁ سڀني کان وڌيڪ باوقار انداز ۾ نوڙت ڪندڙ هئا. ❁ ڪنواري پار کان به وڌيڪ حياء وارا هوندا هئا. ❁ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ پنهنجي گهر وارن لاءِ پيلا هوندا هئا. ❁ سڀني کان وڌيڪ مخلوق تي رحم ڪائيندڙ هئا. اهڙيون پيون به ڪيتريون ئي سندن خوبيون ۽ خصلتون آهن.

پاڪائي

نماز اسلام جو ٻيو رڪن آهي، اها پاڪائي ڪان سواءِ صحيح نه ٿيندي آهي ۽ پاڪائي پاڻيءَ يا مٽيءَ ڪانسواءِ نه ٿيندي آهي[1].

پاڻيءَ جا قسم: (۱) پاڪ: اهو اهڙو پاڻي آهي جيڪو به پاڻ پاڪ آهي ته ٻئي کي به پاڪ ڪندڙ آهي. اهو بي وضو هٿ واري حالت کي ختم ڪندو آهي ۽ پليتي زائل ڪندو آهي. (۲) پليت: هيءُ اهڙو پاڻي آهي جيڪو ٿورو هجي ۽ ان ۾ ڪا پليتي ملي وئي هجي. يا گهٽو هجي پر پليتي پوڻ جي ڪري ان جو ذائقو، رنگ، يا بوءِ مٽجي چڪي هجي.

نوٽ : گهٽو پاڻي پليت نه ٿيندو آهي پر جيڪڏهن پليتي ان جي تن وصفن : رنگ، ذائقي ۽ بوءِ مان ڪنهن هڪ کي بدلائي ڇڏي. ته پوءِ پليت ٿي ويندو آهي. ٿورو پاڻي پليتي پوڻ شرط پليت ٿي ويندو آهي. گهٽو پاڻي اهڙي پاڻيءَ کي سڏبو آهي جيڪو ٻن (قُلّن) کان مٽي هجي. اهو تقريبًا ۲۱۰ ليٽر ٿيندو.

ٽانوَ: ٽانوَ سڀ پاڪ آهن، انهن جو استعمال جائز آهي. سون ۽ چانديءَ جي ٽانون کان سواءِ ، انهن سان پاڪائي جيتوڻيڪ ٿي ويندي پر گناهه ٿيندو. ڪافرن جا ڪپڑا ۽ ٽانو استعمال ڪرڻ جائز آهن پر جيڪڏهن اسان کي انهن جي پليتي معلوم هجي ته پوءِ نه.

مردار جي ڪَل: بلڪل پليت آهي. مردو ٻه قسم آهي. (۱) جنهن جو گوشت بلڪل نه ڪاڏو ويندو هجي. (۲) جنهن جو گوشت ته ڪاڏو ويندو هجي پر ان کي سير نه ڏني وئي هجي. جنهن جو گوشت ڪاڏو ويندو هجي پر ذبح نه ڪيو ويو هجي ته ان جي ڪل رڳڻ سان پاڪ ٿي ويندي آهي ۽ ان جو استعمال رڳو سڪين شين ۾ جائز آهي، آلين ۾ نه .

استنجاء: اڳيان يا پنڀان نڪرندڙ گندگي کي صاف ڪرڻ. جڏهن اها صفائي پاڻيءَ سان ڪئي ويندي ته ان کي "استنجاء" چئبو ۽ جيڪڏهن پٿر، پٿر يا ٽشو پيپر وغيره سان ڪئي ويندي ته اها "استجمار" سڏبي. استجمار لاءِ شرط آهي ته جنهن شيءِ سان ڪجي سا پاڪ هجي. جائز هجي، صاف ڪندڙ هجي، ڪاڏي جي شيءِ نه هجي. ٽن پٿرن يا ان کان مٽي سان ڪجي. استنجاء يا استجمار هر نڪرندڙ گندگي کي صاف ڪرڻ لاءِ واجب آهي.

قضا حاجت ڪرڻ واري تي هي شيون حرام آهن : قضا حاجت واريءَ جاءِ تي ضرورت کان وڌيڪ ويهڻ. پاڻيءَ جي وهڪري، وهندڙ واٽ، عام فائدي واريءَ ڇانو يا ميويدار وڻ جي هيٺيان پيشاب ۽ پاخانو ڪرڻ. ڪلئي ميدان ۾ قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهڻ.

قضا حاجت ڪندڙ لاءِ مڪروه شيون : بيت الخلاء ۾ اهڙي شيءِ کڻي وڃڻ جنهن ۾ الله جو نالو هجي. قضا حاجت دوران ڳالهائڻ. برڙ يا ڪنهن ڏار وغيره ۾ پيشاب ڪرڻ. ساڄي هٿ سان اوگهڙ کي هٿ لائڻ. جاين جي اندر ٽهيل ليٽرين ۾ قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهڻ. البته ضرورت ۾ اهي سڀ جائز آهن.

قضا حاجت ڪندڙ لاءِ مستحب شيون : اڪي تي ڏوئڻ يا اگهڻ. پاڻي ۽ پٿر ٻئي استعمال ڪرڻ.

ڏندڻ : ڪٻڙ جهڙي نرم ڪاڻيءَ سان ڏندڻ ڪرڻ مستحب آهي. خاص ڪري : نماز، قرآن جي تلاوت، وضوءَ وقت گرڙيءَ کان اڳ، ننڊ مان اٿڻ، مسجد ۽ گهر ۾ داخل ٿيڻ، وات ۾ بدبوءِ ٿيڻ وغيره وقت ڏندڻ ڪرڻ جو تاڪيد آيو آهي.

ڏندڻ يا پاڪائي ساڄي پاسي کان شروع ڪرڻ سنت آهي ۽ گندي شيءِ کي زائل ڪرڻ ۾ کاٻو هٿ استعمال ڪرڻ گهرجي.

وضو: ان جا رڪن هي آهن: (۱) منهن ڏوئڻ، گرڙي ۽ نڪ ۾ پاڻي ڏيڻ ان ۾ شامل آهي. (۲) آڱرين کان وڌي ڏونڌن تائين ٻئي هٿ ڏوئڻ. (۳) ڪنن سميت سڄي مٿي جي مسح ڪرڻ. (۴) پيڈين سميت ٻئي پير ڏوئڻ.

---

۱) هن ڪتاب جي فقهي حصي : پاڪائي، نماز، زڪات، روزا ۽ حج وغيره ۾ جيڪي احڪام بيان ڪيا ويا آهن سي ڪتاب جوڙيندڙ جي ترجيحي محنت جو نتيجو آهن، جن ۾ اختلاف جي گنجائش آهي، هر مسلمان کي فقهي مسائل ۾ ائمة اربعة (ابو حنيفة، مالک، شافعي ۽ احمد بن حنبل) وغيره مان جنهن جي مذهب تي وڌيڪ اعتماد هجي تنهن تي عمل ڪري سگهي ٿو. الله تعالىٰ سڀني تي ڪروڙين رحمتون فرمائي.

(۵) وضو ترتيب سان ڪرڻ (۶) لڳاتار ڪرڻ.

وضوءَ جون سنتون: ڏندڻ ڪرڻ. شروع ۾ ٻئي هٿ مرين تائين ڌوئڻ. منهن ڌوئڻ کان اڳ گرڙي ڪرڻ ۽ نڪ کي پاڻي ڏيڻ. بي روزيدار لاءِ گرڙي ۽ نڪ کي پاڻي ڏيڻ ۾ مبالغو ڪرڻ. گهاٽي ڏاڙهيءَ جو خلال ڪرڻ. آڱرين جو خلال ڪرڻ. عضون ۾ ساڄي کان شروعات ڪرڻ. عضوا ٻه ٻه ٽي ٽي دفعا ڌوئڻ. نڪ کي ساڄي هٿ سان پاڻي ڏيڻ ۽ کابي سان صاف ڪرڻ. عضون کي مهٽڻ. ڇڪيءَ طرح وضو ڪرڻ ۽ وضوءَ کان پوءِ جيڪي دعائون آيون آهن سي پڙهڻ .

وضوءَ جا واجب: وضوءَ کان اڳ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهڻ. رات جو ننڊ مان اٿڻ واري لاءِ ٻئي هٿ پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ کان اڳ ٽي دفعا ڌوئڻ.

وضوءَ جا مڪروهات: (تيز) ٽڏي يا گرم پاڻيءَ سان وضو ڪرڻ. هڪ عضوي کي ٽن ڀيرن کان وڌيڪ ڌوئڻ. عضون تان پاڻي ڇنڊڻ. اڪ جو اندريون حصو ڌوئڻ. البته وضوءَ کان پوءِ عضون جو سڪائڻ جائز آهي.

نوٽ : گرڙي ڪرڻ مهل وات ۾ پاڻيءَ کي ڦيرائڻ ضروري آهي. نڪ ۾ پاڻي وجهڻ مهل ضروري آهي ته پاڻي اندر سٽڪجي، رڳو هٿ سان اندر نه وجهجي ۽ اهڙيءَ ريت نڪ مان ٻاهر ڪڍجي. گرڙي ۽ نڪ کي پاڻي ڏيڻ ان طريقي کان سواءِ صحيح نه ٿيندو.

وضُوء ڪرڻ جو طريقو : دل سان نيت ڪري. ان کان پوءِ بسم الله پڙهي، ٻئي هٿ ڌوئي. پوءِ گرڙي ڪري، پوءِ نڪ ۾ پاڻي وجهي. پوءِ منهن ڌوئي. (ان جي حد آهي ڏيگهه ۾ عام طرح متي جي وارن ڦٽڻ واري جاءِ کان ڪاڏيءَ تائين ۽ ويڪر ۾ هڪ ڪن کان ٻئي ڪن تائين). ان کان پوءِ ٻئي ٻانهون ٽوڙين سميت ڌوئجن. ان کان پوءِ سڄي متي جو مٿان مسح ڪجي، منهن جي حد کان ڪيڙيءَ تائين. ڪنن جي مٿان واري اڇاڻ ان ۾ شامل آهي. اشهد آڱريون ڪنن جي وٽين ۾ ڦيرائجن، آڇوٽن سان ڪنن جي پٺيءَ جو مسح ڪجي. ان کان پوءِ ٻئي پير پيڊين سميت ڌوئجن.

نوٽ: ڏاڙهي جڏهن ڇڏڙي هجي ته ان جي هيٺيان کل ڌوئڻ واجب آهي، جيڪڏهن گهاٽي آهي ته ان جي رڳو مٿاڇري کي ڌوئجي.

موزن تي مسح ڪرڻ : چمڙي وغيره مان ٺهيل پيرن ۾ پائڻ لاءِ جورابي کي موزو چئبو آهي. جيڪڏهن اُن وغيره مان ٺهيل هوندو ته ان کي جورابو چئبو. انهن تي بي وضو هجڻ جي حالت ۾ مسح ڪرڻ جائز آهي.

مسح جي جواز جا شرط : (۱) ڪامل پاڪائيءَ جي حالت ۾ موزا پائڻ (يعني وضو ڪري، ٻئي پير ڌوئڻ کان پوءِ) . (۲) پاڪائي پاڻيءَ سان ڪيل هجي. (۳) موزا پيرن جي اوتري حصي کي ڍڪين جيترو انهن کي ڌوئڻ فرض آهي. (۴) اهڙي شيءِ مان ٺهيل هجن جنهن جو پائڻ جائز هجي. (۵) موزا ٻئي پاڪ هجن.

پٽڪي تي مسح ڪرڻ : جائز آهي. پر ان جا ڪجهه شرط آهن: (۱) مرد کي پڏل هجي. (۲) متي جي عام پهرڻ واري حصي کي ڍڪيندڙ هجي. (۳) مسح "حدث اصغر" (بي وضو هجڻ) کان هجي. (۴) ۽ پاڪائي پاڻيءَ سان ڪجي.

پوتيءَ تي مسح ڪرڻ : ان تي به مسح ڪرڻ ڪجهه شرطن سان جائز آهي: (۱) عورت کي پاتل هجي. (۲) اهو ڳڇيءَ وٽان ڦيرايل هجي. (۳) حدث اصغر (بي وضو هجڻ) کان مسح ڪجي. (۴) پاڪائي پاڻيءَ سان ڪجي. (۵) ۽ متي جو عام طرح وارو حصو ڍڪيندڙ هجي.

مسح جي مدت : مقيم (رهاڪو) لاءِ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات آهي. ۽ مسافر ــ جيڪو قصر نماز پڙهڻ (تقريبا ۸۵ ڪلوميٽر) جي پنڌ تي هجي، ان - لاءِ ٽي ڏينهن راتين سميت.

مسح جي شروعات : مقيم لاءِ موزا پائڻ کان پوءِ پهرئين دفعي بي وضو ٿيڻ وقت کان وٺي، ٻئي ڏينهن ساڳئي وقت تائين. (يعني ۲۴ ڪلاڪ).

موزن جي مسح جو مقدار: آڱرين کان وٺي ٻنهي ٽنگن جي پنين تائين موزن جو اڪثر متيون حصو مسح ڪبو ۽ ٻنهي هٿن جي ڪليل آڱرين سان مسح ڪرڻ گهرجي.

فائده: جنهن، سفر ۾ مسح ڪئي ۽ ان کان پوءِ اقامت اختيار ڪيائين يا مقيم هو پوءِ سفر شروع ڪيائين. يا مسح جي شروع واري وقت ۾ شڪ ٿي پيس تہ اهو مقيم وانگر (۲۴ڪلاڪ) مسح ڪري.

چپڙي : پٽيون يا چپڙيون جيڪي هڏي وغيره جي مٿان (پڇي پوڻ جي حالت ۾) ٻڌيون ويندیون آهن. انهن تي پڻ ڪجهہ شرطن سان مسح ڪرڻ جائز آهي: (۱) انهن جي ٻڌڻ جي ضرورت هجي. (۲) ضرورت واريءَ جاءِ کان وڌيون نہ هجن. (۳) وضوءَ ۾ ٻين عضون سان گڏ هنن تي بہ لڳو لڳ مسح ڪئي وڃي. جيڪڏهن چپڙي ضرورت واريءَ جاءِ کان مٿي چاڙهيل آهي تہ وڌيڪ حصي تان ان جو لاهڻ واجب آهي. پر جيڪڏهن ائين ڪرڻ سان نقصان ٿيڻ جو خطرو آهي تہ مٿن مسح ڪرڻ جائز ٿي ويندي.

فائدا: ۞ ٻنهي موزن جي گڏ مسح ڪرڻ افضل آهي، ساڃو اڳ ۾ ڪرڻ نہ گهرجي. ۞ موزي جي هيٺان يا پويان مسح ڪرڻ جائز ڪانهي. ۞ موزن کي مسح بجاءِ ڏوئڻ يا ورائي ورائي مسح ڪرڻ مڪروهہ آهي. ۞ پٽڪي ۽ رئي جي اڪثر حصي تي مسح ڪرڻ واجب آهي.

وضُوءَ جا ٻيڇندڙ : (۱) پيشاب ۽ پاخاڻي جي جاءِ تان ڪنهن بہ شيءِ جو نڪرڻ، جهڙوڪ : هوا، مني، مذي يا پيشاب وغيره . (۲) ننڊ يا بيهوشيءَ جي ڪري عقل ختم ٿي وڃڻ. باقي ويني يا بيني ٿورڙي ننڊ سان وضو نہ ٽٽندو. (۳) پيشاب يا پاخاڻي جو پنهنجيءَ جاءِ جي بجاءِ ڪنهن ٻيءَ جاءِ تان نڪرڻ. (۴) (پيشاب پاخاڻي کان سواءِ ٻي ڪا) پليت شيءِ جو بدن مان گهٽو نڪرڻ، جيئن گهٽو رت وهڻ. (۵) اڻ جو گوشت کائڻ. (۶) اوگهڙ کي بنا پردي هٿ لائڻ. (۷) مرد جو عورت جي جسم ۽ عورت جو مرد جي جسم کي شهوت سان بنا پردي هٿ لائڻ. (۸) دين کان مرتد ٿيڻ. جنهن شخص کي پاڪائيءَ جو يقين هجي ۽ ناپاڪ هجڻ جو شڪ هجي يا ان جي ابتڙ صورت هجي تہ ان کي يقين تي عمل ڪرڻ گهرجي.

غسل: ان جا واجب : (۱) سڃاڻ کان شهوت سان مني نڪرڻ يا ننڊ ۾ تڙ پوڻ. (۲) مرد جي عضوي جو توهر جيترو حصو عورت جي اڳهڙ ۾ پوڻ، ٻل انزال نہ بہ ٿئي. (۳) ڪافر يا مرتد جو اسلام قبول ڪرڻ. (۴) حيض جو خون اچڻ. (۵) نفاس جو خون شروع ٿيڻ. (۶) مسلمان جو مرڻ.

غسل جا فرض: غسل ٽي وڃڻ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي جو سڄي بدن تي غسل جي نيت سان پاڻي هارجي ۽ وات ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهجي. باقي مڪمل غسل لاءِ (۹) شيون ضروري آهن: (۱) نيت ڪرڻ. (۲) بسم الله پڙهڻ. (۳) ٽانوَ ۾ وجهڻ کان اڳ هٿ ڏوئڻ (۴) اوگهڙ ۽ ان کي لڳل پليتي ڏوئڻ. (۵) وضو ڪرڻ. (۶) مٿي تي ٽي دفعا ٻڪ ٻري پاڻي هارڻ. (۷) پنهنجي بدن تي پاڻي پلٽڻ. (۸) ٻنهي هٿن سان بدن کي مهٽڻ. (۹) ساڃي کان شروعات ڪرڻ.

بيوضوءَ شخص تي ٽي شيون حرام آهن: (۱) قرآن پاڪ کي هٿ لائڻ. (۲) نماز پڙهڻ (۳) طواف ڪرڻ.

تڙ پيل شخص تي هي شيون حرام آهن : ٽي ساڳيون مٿيون ۽ (۴) قرآن جي تلاوت (۵) مسجد ۾ بنا وضو ويهڻ.

تڙ پيل لاءِ مڪروه آهي : بنا وضوء سمهڻ. تڙ لاهڻ مهل گهٽو پاڻيءَ هلائڻ.

تيمم: ان جا شرط : (۱) پاڻي دستياب نہ ٿيڻ. (۲) مٽيءَ جو پاڪ، جائز، دز وارو هجڻ. سڙيل نہ هجي.

ان جا رڪن : سڄي منهن کي ملڻ. ان کان پوءِ هٿن کي ڪاراين سميت ملڻ. (ڪن وٽ) ترتيب سان ۽ لڳاتار ڪرڻ. تيمم کي ٽوڙيندڙ شيون : (۱) جيڪا شيءِ وضوءَ کي ٽوڙي. (۲) پاڻي نہ هڻڻ جي صورت ۾ تيمم ڪرڻ کان پوءِ ان جو دستياب ٿيڻ. (۳) تيمم جائز ڪندڙ سبب ختم ٿي وڃي. جيئن مريض شفايابہ ٿي وڃي. ان جون سنتون: تڙ کان تيمم ڪرڻ ۾ ترتيب ۽ لاڳيتو ڪرڻ. (۲) تيمم آخر وقت تائين دير سان ڪرڻ.(۳) ان کان پوءِ وضوءَ واريون دعائون گهرڻ. ان جا مڪروهات : مٽيءَ تي هٿ گهٽا دفعا بار بار هڻڻ. تيمم ڪرڻ جو طريقو : نيت ڪري، پوءِ بسم الله پڙهي. هڪ پيرو ٻئي هٿ مٽيءَ تي هڻي، پهريائين هٿ جي اندرئين پاسي سان، منهن ۽ ڏاڙهيءَ کي ملي. ان کان پوءِ ٻئي تريون، ساڃي هٿ جي پٺ کاٻي هٿ جي تريءَ سان ۽ کاٻي هٿ جي پٺ ساڃي هٿ جي تريءَ سان ملي.

پليتي صاف ڪرڻ: پليتي ٻہ قسم آهي : ۱) عيني : اها جنهن کي پاڪ ڪرڻ ناممڪن هجي، جيئن سوئر، ان کي جيترو بہ ڏوئجي ڪڍهن بہ پاڪ نہ ٿيندو. ۲) حڪمي : اها اهڙي جاءِ جي عارضي پليتي جيڪا اصل

ٻر پاڪ هجي، جيئن ڪپڙو ۽ زمين، اهي هن ريت آهن :

عيني شيون	انهن جو حڪم	
حيوانات	پليت	ڪتو، سوئر ۽ جن پکين جو گوشت نه کاڏو ويندو آهي، ۽ اهڙا جانور جيڪي جسم ٻر بلي ۽ کان وڌيڪ آهن. حڪم : اهڙن حيوانن جو جسم ۽ ان مان نڪرندڙ هر شيءِ، جيئن پيشاب، ڇيٽو، گگ، پگهر، منی، کير، سنگهه ۽ الٽي وغيره سڀ پليت آهن.
	پاڪ	1) ماڻهو. حڪم : ان جي جسم جا مڙئي جزا ۽ فضلات پاڪ آهن، جيئن سندس پگهر، ٽڪ، کير، لڙ، بلغم ۽ (ڪن وٽ) ان جي مني، عورت جي اوگهڙ جي رطوبت. باقي پيشاب، پاخاڻو، مذي، ودي ۽ رت پليت آهن.
		2) جن جانورن جو گوشت کاڏو ٿو وڃي. حڪم : انهن جي جسم جا مڙئي جزا ۽ فضلات پاڪ آهن، جيئن کير، پگهر، ٽڪ، لڙ، الٽي ۽(ڪن وٽ) پيشاب، ڇيٽو، منی، مذي ودي.
		3) جن جانورن کان پاسو ڪرڻ مشڪل آهي جهڙوڪ : گڏهه، بلي ۽ ان کان جسم ٻر ننڍو ڪو جانور، جيئن ڪٻو وغيره. حڪم : انهن جو صرف گگ ۽ پگهر پاڪ آهن.
مئل شيون	سڀ مئل شيون پليت آهن. پر ماڻهوءَ جو مڙهه، مڇي، ماکڙ ۽ جن جيت جٽن ٻر وهندڙ رت ناهي، جهڙوڪ : وڇون، مڪ ۽ مڇر سي پاڪ آهن.	
جمادات	زمين، پٿر وغيره. حڪم : اهي پاڪ آهن. (مٿي ذڪر ٿيل جمادات کان سواءِ).	

فائدا: ❁ رت، گند ۽ پونءَ پليت آهن. نماز وغيره ٻر ٿوري مقدار ٻر پاڪ حيوان جا هجن تہ معاف آهن.

❁ بن قسمن جو رت پاڪ آهي. (۱) مڇيءَ جو. (۲) ذبح ڪيل جانورن جي گوشت ۽ رڳن ٻر رهيل رت.

❁ جيئري حلال جانور جي جسم جو ڪپيل ٽڪرو، رت جو دڳ ۽ گوشت جو لوٿڙو سڀ پليت آهن.

❁ پليتي زائل ڪرڻ لاءِ نيت جي ضرورت ڪانهي. تنهن ڪري جيڪڏهن مثال طور مينهن جي پاڻي سان پليتي زائل ٿي وئي تہ شيءِ پاڪ ٿي ويندي.

❁ پليتيءَ کي هٿ لائڻ يا ان تي هلڻ سان وضو نہ ڀڃندو. رڳو جسم يا ڪپڙي وغيره کي لڳل پليتي صاف ڪرڻ واجب آهي.

❁ پليتيءَ کي پاڪ ڪرڻ جا ڪجهه شرط آهن. (۱) پاڪ پاڻيءَ سان ڌوئجي. (۲) ڌوتل شيءِ جيڪڏهن نپوڙجي سگهي تہ ان کي پاڻيءَ کان ٻاهر نپوڙجي. (۳) پليتي ڌوئڻ سان نہ لهي تہ ان کي ڪرڙي لاهجي. (۴) جيڪڏهن پليتي ڪٽي جي هجي تہ ان کي ست دفعا خالي پاڻيءَ سان ڌوئجي ۽ انهن دفعو مٽيءَ يا صابڻ سان.

ڪجهه نوٽ : ❁ زمين تي پليتي جيڪڏهن ڇڏي پتري هجي جيئن پيشاب وغيره تہ ان کي رڳو ايترو پاڻي هارڻ ڪافي آهي، جو ان جو رنگ ۽ بوءِ ختم ٿي وڃن. جيڪڏهن جسماني پليتي آهي جيئن پائخانو وغيره تہ خود ان پليتي ۽ ان جي اثر کي ختم ڪرڻ ضروري آهي.

❁ پليتي جيڪڏهن پاڻيءَ کان سواءِ ختم نہ ٿي سگهي تہ ان جو ڌوئڻ واجب آهي.

❁ نجاست جي جاءِ جيڪڏهن مخفي رهجي وڃي تہ ايستائين جاءِ ڌوئجي جيستائين ان جو ڌوئڻ يقيني ٿي وڃي.

❁ جنهن نفلي نماز لاءِ وضو ڪيو تنهن لاءِ فرض ادا ڪرڻ بہ جائز آهي.

❁ جنهن ننڍ ڪئي يا کائنس هوا نڪري وئي تہ ان لاءِ استنجا ڪرڻ ضروري ناهي. ڇاڪاڻ تہ هوا پاڪ آهي. ان تي صرف وضو آهي جڏهن نماز وغيره جو ارادو ڪري.

عورتن جا احكام

عورتن جي طبعي خونن جا احكام

پهريون: ماهواري ۽ استحاضه

مسئلو	حڪم
عورت کي ماهواري اچڻ جي گهٽ ۾ گهٽ ۽ وڌ ۾ وڌ عمر	گهٽ ۾ گهٽ عمر نَو سال آهي. جيڪڏهن ان عمر کان اڳ ان کي رت اچي تہ اهو "استحاضہ" (بيماري) آهي. ان جي وڌ ۾ وڌ عمر جي کابہ حد ڪانهي.
ماهواري هلڻ جا گهٽ ۾ گهٽ ڏينهن	هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات (۲۴ ڪلاڪ. ڪن وٽ ٽي ڏينهن، ٽي راتيون)، جيڪڏهن ان کان گهٽ اچي تہ اها بيماري آهي.
ماهواري هلڻ جا وڌ ۾ وڌ ڏينهن	پندرهن ڏينهن آهن. (ڪن وٽ ۱۰ ڏينهن) جيڪڏهن ان کان وڌيڪ ڏينهن رت اچي تہ اهو استحاضہ (بيماري) آهي.
بن ماهوارين جي درميان پاڪائيءَ جا ڏينهن	۱۳ ڏينهن هوندا آهن. (ڪن وٽ ۱۵ ڏينهن) جيڪڏهن ان کان اڳ رت اچي تہ اهو استحاضہ (بيماري) آهي [1].
عورتن کي گهٽو ڪري ماهواري	ڇهہ يا ست ڏينهن رهندي آهي.
عورتن کي گهٽو ڪري پاڪائي	۲۳ يا ۲۴ ڏينهن رهندي آهي.
جا حمل دوران ايندڙ رت حيض آهي؟	حامله (پيٽ ياري) عورت کي جيڪو رت يا ميرانجهہ يا پيلي پاڻيان اچي تہ اهو استحاضہ (بيماري) آهي.
حيض واري عورت کيئن جاڻي تہ پاڪ ٿي آهي؟	عورتن جا بہ قسم آهن: ۱) اچي پاڻي اچڻ واريون [1]. ۲) اهي عورتون جن جي شرمگاهہ رت، ميرانجهہ ۽ پيلاڻ کان هميشہ خشڪ رهي ۽ اهي پاڻيان ايندي نہ ڏسنديون هجن.
پاڪائيءَ جي ڏينهن ۾ عورت کي اوگهڙ مان جيڪا پاڻيان وغيره اچي	جيڪڏهن سفيد يا اڇو لب جهڙو آهي تہ اهو پاڪ آهي. جيڪڏهن رت يا ميرانجهو يا پيلو آهي تہ اهو پليت آهي. انهن سيني سان وضو ٽٽي پوندو. جيڪڏهن لاڳيتو وهندو رهي تہ اها بيماري آهي.
فرج مان ميرو يا پيلو پاڻي اچي تہ:	جيڪڏهن حيض سان گڏوگڏ اڳ يا پوءِ اچي تہ اهو حيض آهي. جيڪڏهن الڳ اچي تہ اهو استحاضو (بيماري) آهي.
جنهن عورت جا هر مهيني ماهواري جا ڏينهن مقرر آهن، اها جيڪڏهن انهن کان اڳ پاڪ ٿي وڃي تہ:	جيڪڏهن رت بند ٿي چڪو آهي ۽ پاڪائي جي پڪ ٿي چڪي اٿس تہ اها پاڪ چئبي، توٽي جو سندس حيض جا اهي ڏينهن، جن ۾ حيض جي ڪيس عادت آهي، پورا نہ بہ ٿيا هجن.
ماهواري پنهنجي عادت واري ڏينهن کان اڳ پوءِ اچي تہ:	ماهواري جون جيڪي وصفون مٿي بيان ٿيون، سي ظاهر ٿين تہ اهو حيض آهي، جنهن بہ وقت اچي، پر شرط آهي تہ بن حيضن جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ تيرهن (۱۳) ڏينهن کان وڌيڪ گذريا هجن. نہ تہ پوءِ اهو استحاضو (بيماري) چئبو.
ماهواري مقرر ڏينهن جي ڪاٽاڻي کان گهٽ يا وڌ ڏينهن اچي تہ:	اهو حيض آهي، پر شرط آهي تہ حيض جي اڪثر مدت: پندرهن (ڪن وٽ ۱۰) ڏينهن کان وڌيڪ نہ هجي.
جيڪڏهن عورت	ان جون مختلف حالتون آهن. (۱) جنهن عورت کي هر مهيني پنهنجي حيض جو مقرر وقت ۽

---

۱) حيض: (ماهواري) طبعي ۽ فطرتي طور تندرستي جي حالت ۾ ولادت وغيره جي سبب کان سواءِ خون اچڻ کي چئبو آهي. ۽ استحاضہ: ان رت کي چئبو آهي جيڪو ڪنهن بہ وقت بيماري يا خرابيءَ جي ڪري هلندو رهي. حيض ۽ استحاضہ ۾ فرق هي آهي تہ: ۱) حيض جو رت گاڙهو، ناسي، ڪاراڻ طرف مائل هوندو آهي ۽ استحاضي جو رت نڪسير جي رت وانگر ڦڪو گاڙهو ٿيندو آهي. ۲) حيض جو رت گهاٽو ڪڏهن ڪڏهن رت جا لوٽڙا ٿيندو آهي. جڏهن تہ استحاضي جو رت ڇڏو ٿيندو آهي. ائين ايندو آهي جهڙوڪ زخم ٿو ڳڙي. ۳) حيض جو رت گهٽو ڪري ڪنو بدبودار ٿيندو آهي. جڏهن تہ استحاضي جي رت جي بوءِ عام رت جهڙي ٿيندي آهي. حيض جي ڪري چند شيون حرام ٿي ويندیون آهن. جهڙوڪ: فرج ۾ همبستري، طلاق، نماز، روزو، طواف، قرآن پاڪ جي تلاوت، قرآن کي هٿ لائڻ، مسجد ۾ رهڻ.

۲) اهڙي قسم جي عورتن کي پاڪائيءَ وقت اڇو پاڻي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهو پاڪ هوندو آهي پر ان سان وضو ڀڄي پوندو آهي.

کي ڏگهي مدي تائين -پورو مهينو يا ان کان مٿي عرصو -رت اچي ته:	ڏينهن جو تعداد معلوم آهي ته اها پنهنجي حيض جي وقت ۾ تعداد جيترو عرصو حيض ۾ ويهندي، رت ۾ فرق ڪري سگهجي يا نه ڪري سگهجي، برابر آهي. (۲) جنهن کي هر مهيني حيض جو وقت ته معلوم آهي پر ڏينهن جي تعداد جي خبر نه اٿس ته اها حيض جي غالب عرصي جيترو يعني ڇهه، ست ڏينهن، پنهنجي ڄاڻ مطابق ويهندي. (۳) جيڪا عورت پنهنجي حيض جي ڏينهن جو تعداد ته ڄاڻي ٿي پر مهيني ۾ انهن جي اچڻ جو وقت نه ٿي ڄاڻي ته اها پنهنجي ڄاتل ڏينهن جي تعداد جيترو وقت چند جي هر مهيني جي شروعات ۾ حيض ۾ ويهي.

ٻيو : نفاس (ويم واري رت جا احڪام)

مسئلو	حڪم
جيڪا عورت ٻار ڄڻي ۽ رت نه اچيس:	ته ان تي نفاس واريءَ عورت جا احڪام جاري نه ٿيندا، نه ان تي غسل واجب ٿيندو ۽ نه ان جو روزو پڄندو.
عورت جيڪڏهن ويم جون نشانيون ڏسي :	ويم کان ڪجهه وقت اڳ ۾ سورَ شروع ٿيس، رت ۾ پاڻياڻ به ڏسڻ ۾ آيس، ته ان تي نفاس جا احڪام جاري نه ٿيندا بلڪ استحاضه (بيماري) وارا احڪام جاري ٿيندا.
عورت کان جيڪو ويم جي دوران رت نڪرندو آهي:	اهو رت، نفاس جو رت سڏبو آهي، ٻار اڃا نه نڪتو هجي يا ان جو ڪجهه حصو نڪتو هجي. ان دوران جيڪا نماز فوت ٿي وڃي، ته ان جي عورت تي قضا ڪانهي.
نفاس جا ڏينهن ڪڏهن کان ڳڻڻ شروع ڪجن؟	ٻار جڏهن پوري جو پورو ماءُ جي پيٽان ڄمي ٻاهر نڪري.
نفاس جو گهٽ ۾ گهٽ وقت ڪيترو آهي؟	ان جي حد ڪانهي. تنهن ڪري جيڪڏهن ٻار ڄڻڻ کان پوءِ متصل رت بند ٿي وڃي ته ان تي واجب آهي ته غسل ڪري ۽ نماز پڙهي، چاليهن ڏينهن جي پوري ٿيڻ جو انتظار نه ڪري.
نفاس جو وڌ ۾ وڌ ڪيترو آهي؟	چاليهه ڏينهن. ان کان وڌيڪ وقت اچي ته اهو نه ڳڻبو. چاليهن ڏينهن کان پوءِ غسل ۽ نماز واجب ٿيندي. ها جيڪڏهن نئين حمل کان اڳ ان جي حيض جو وقت اچي ويو ته پوءِ حيض شمار ٿيندو.
جنهن عورت به يا بن کان وڌيڪ جاڙا ٻار جڻيا :	ته نفاس جا ڏينهن پهرئين ٻار جمڻ کان ونئي ڳڻبا.
ٻار ڪرڻ کان پوءِ جو رت:	جڏهن ڪريل ٻار جي عمر اسي (۸۰) يا ان کان گهٽ ڏينهن آهي، ته ان کان پوءِ وارو رت استحاضو آهي. جيڪڏهن نوي (۹۰) ڏينهن کان پوءِ ڪريو، ته ان کان پوءِ وارو رت نفاس آهي. جيڪڏهن ٻار اسي کان نوي (۸۰- ۹۰) ڏينهن جي درميان ڪريو، ته پوءِ حڪم ٻار نهڻ سان تعلق ٿو رکي. جيڪڏهن ٻار نهي چڪو آهي، ته ان کان پوءِ وارو رت نفاس آهي. جيڪڏهن نه نهيو آهي، ته پوءِ استحاضو آهي.
عورت چاليهي دوران پاڪ ٿي وئي پر چاليهي پوري ٿيڻ کان اڳ وري رت اچي ويس:	نفاس جي چاليهن ڏينهن جي دوران عورت جيڪڏهن پاڪ ٿي وئي، ته اها پاڪ ڄڻبي. غسل ڪري ۽ نماز پڙهي. جيڪڏهن چاليهن ڏينهن جي دوران وري رت اچي ويس، ته نفاس جا احڪام جاري ٿيندا. جيستائين وڃي چاليهه ڏينهن پورا ٿين.

ڪجهه نوٽ : ۞ استحاضه (بيماري) واري عورت تي واجب آهي ته اها نماز پڙهي. پر ان کي هر نماز لاءِ وضو ڪرڻو پوندو. ۞ جڏهن عورت حيض يا نفاس کان سج لهڻ کان اڳي پاڪ ٿئي، ته ان تي ان ڏينهن جي ظهر ۽ عصر پڙهڻ لازم آهي. جيڪڏهن فجر ٿيڻ کان اڳ پاڪ ٿي آهي، ته مٿس ان رات جي مغرب ۽ عشاء پڙهڻ لازم آهي. ۞ عورت تي نماز جو وقت داخل ٿيو، پر نماز پڙهڻ کان اڳ ان کي حيض يا نفاس اچي ويو، ته ان تي قضا لازم نه آهي. ۞ حيض ۽ نفاس کان غسل ڪرڻ وقت عورت تي واجب آهي ته پنهنجا وار کولي. جنابت (تڻ) واري غسل کان انهن جو کولڻ واجب ڪونهي. ۞ استحاضه (بيماري) واري عورت سان سندس فرج ۾ جماع ڪرڻ مڪروه آهي. البته مڙس کي ان جي سخت ضرورت هجي ته جائز آهي. ۞ استحاضي واري عورت تي واجب آهي ته حيض جو غسل ڪري ان کان پوءِ رت بند ٿيڻ تائين هر نماز لاءِ نئون وضو ڪري. ۞ عورت لاءِ حج ۽ عمري جي احڪامن ادا ڪرڻ يا رمضان جي روزن پوري ڪرڻ لاءِ اهڙي دوا ونڻ جائز آهي جنهن سان وقتي طور حيض بند ٿي وڃي. پر ان لاءِ شرط آهي ته ان دوا مان ڪيس کو نقصان نه ٿئي.

اسلام ۾ عورت جو مقام : الله تعالىٰ وٽ عورت جو ايمان ۽ عمل جي اعتبار کان ثواب ۽ فضيلت ۾ مرد وارو درجو آهي، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « إِنَّمَا النِّسَاءُ شَقَائِقُ الرِّجَالِ » أبو داود "عورتون تہ مردن جون سڳيون پيئرون آهن". عورت کي حق آهي تہ هو پنهنجي حق ونڻ يا مٿس ٿيل ظلم جي هٿائڻ جو مطالبو ڪري، ڇاڪاڻ تہ دين جو خطاب عورت ۽ مرد ٻنهي لاءِ هڪجهڙو آهي، رڳو انهن احڪامن کان سواءِ جن ۾ ٻنهي جي الڳ هجڻ جي صراحت ڪئي وئي آهي، جيڪي ٻين احڪامن جي مقابلي ۾ بلڪل ٿورا آهن، ۽ شريعت خلقت ۽ صلاحيات جي اعتبار کان مرد ۽ عورت ٻنهي جي رعايت ڪئي آهي، الله تعالىٰ فرمايو آهي : ﴿أَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ وَهُوَ اللَّطِيفُ الْخَبِيرُ﴾ "ڇا نہ ڄاڻندو آهي اهو جنهن خلقيو آهي؟ حالانڪ اهو اونهي نظر وارو هرڪا خبر رکندڙ آهي". عورت جا پنهنجا وظيفا آهن، جيڪي ساٽس مخصوص آهن ۽ مرد جا وظيفا پنهنجا آهن، جيڪي ان سان خاص آهن، ڪنهن بہ هڪ جي مخصوص احڪامن ۾ ٻئي جو دخل زندگي جي توازن لاءِ نقصان ڪار آهي، بلڪ عورت کي گهر ويني مرد جيترو ثواب ڏنو ويو آهي، اسماء بنت يزيد رضي الله عنها کان روايت آهي تہ اها نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي، پاڻ ﷺ جن صحابہ ڪرام جي درميان وينا هئا، اچي عرض ڪيائين تہ : منهنجا پيءُ ماءُ توهان تي قربان وڃن، آءٌ زالن جي نمائندي ٿي توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿي آهيان، پاڻ بہ ڪجھ ڄاڻڻ چاهيان ٿي ـ توهان تي قربان وڃان ـ مشرق ۽ مغرب جي ڪنهن بہ زال منهنجي هن حاضريءَ بابت ٻڌو يا نہ ٻڌو پر ان جو بہ مون وارو خيال هوندو، تہ الله تعالىٰ توهان کي مڙسن ۽ زالن مڙني ڏانهن حق ڏئي موڪليو آهي، اسان توتي ۽ تنهنجي ان الله تي ايمان آندو آهي جنهن توکي رسول ڪري موڪليو آهي، اسان زالون گهٽيل، نظربند ٿيل آهيون، توهان جي گهرن جون باندين آهيون، توهان جون شهوتون پوريون ڪرڻ واريون، توهان جي اولاد سان پيٽ پيرڻ واريون، توهان مڙسن کي اسان زالن تي جمعي پڙهڻ، جماعتن جي حاضري، بيمار پرسي، جنازن ۾ شرڪت، حج مٿان حج ڪرڻ، انهن سڀني کان افضل الله جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ جي فضيلت ڏني وئي آهي، توهان مان کو مڙس حج، عمري يا سرحد تي پهري ڏيڻ لاءِ نڪرندو آهي تہ اسان توهان جو مال ملڪيت سنڀاريندين آهيون، توهان لاءِ ڪپڙا لٽا اٽندين آهيون، توهان جي ٻارن جي تربيت ڪندين آهيون... اي الله جا رسول! ٻلا اسان جو بہ توهان جي اجر ۾ ڪو حصو آهي؟ ڇيائين تہ : ان تي نبي ڪريم ﷺ جن صحابہ ڪرام ڏانهن پوري طرح متوجہ ٿيا ۽ ڇيائون تہ : "ڇا ڪڏهن ڪنهن زال کي پنهنجي دين جي باري ۾ هن مائيءَ کان بهتر طريقي سان سوال ڪندي ٻڌو اٿو؟" ڇيائون تہ : اي الله جا رسول! اسان کي يقين ئي نہ ٿو اچي تہ ڪنهن مائيءَ کي بہ اهڙي سمجهہ هوندي! پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن ان ڏانهن متوجہ ٿيا ۽ ڇيائونس تہ : "اي مائي! پنڌتي موٽ ۽ وڃي پوين سڀني زالن کي ٻڌاءِ تہ توهان مان ڪنهن هڪ جو پنهنجي ورَ کي پلي جوءِ ٿي ڏيکارڻ، سندس خوشيون طلبڻ، سندس موافقت ۾ ان جي تابعداري ڪرڻ، انهن سڀني فضيلتن جي برابر آهي" راوي چئي ٿو تہ : پوءِ اها مائي خوشيءَ مان لا اله الا الله، الله اڪبر جا نعرا هٽندي پني ڏئي روانی ٿي. (بيهقي). پي روايت آهي تہ : ڪجھ زالون رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آيون ۽ ڇيائون تہ : اي الله جا رسول! مرد الله جي راهہ ۾ جهاد واري فضيلت ڪٽي ويا، ڇا اسان لاءِ بہ ڪو اهڙو عمل آهي جنهن سان الله جي راهہ ۾ جهاد ڪندڙن وارو ثواب ماڻي سگهون؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو : "توهان مان ڪنهن هڪ جو پنهنجي گهر ۾ ڪم ڪرڻ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪندڙن واري عمل جي برابر آهي" (بيهقي). بلڪ ڪنهن ماڻهوءَ جو پنهنجي ڪنهن مائٽياڻي زائفان تي احسان ڪرڻ جو وڏو ثواب ڄاڻايو ويو آهي، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : "جنهن ڪن ڌيئرن يا ڀڻ پيئرن يا ڀڻ مائٽياڻين تي خرچ ڪيو، ايستائين انهن ٻنهي تي ثواب خاطر خرچ ڪندو ٿو رهي جيستائين الله کين ڪفايت ڪرائي يا پنهنجي فضل سان آسودو ڪري تہ اهي ٻئي سندس لاءِ جهنم جي باهہ کان اوٽ بٽبيون" (مسند احمد ۽ طبراني).

عورتن جا ڪي احڪام :

❁ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن زائفان جو محرم[1] ناهي تہ ڪيس ان سان اڪيلو ٿيڻ حرام آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « لاَ يَخْلُوَنَّ رَجُلٌ بامْرَأَةٍ إِلاَّ مَعَ ذِي مَحْرَمٍ » متفق عليه. "ڪنهن بہ ماڻهوءَ ڪي بنا محرم جي ڪنهن بہ مائيءَ سان اڪيلو نہ ٿيڻ گهرجي".

❁ عورت ڪي مسجد ۾ نماز پڙهڻ جائز آهي، پر جيڪڏهن فتني جو خطرو هجي تہ پوءِ مڪروهہ آهي، بيبي عائشة رضي الله عنها فرمايو آهي تہ : جيڪڏهن رسول الله ﷺ اهو ڏسن ها جو ڪجهہ زالن اڄ ڪلهہ شروع ڪيو آهي تہ ڪين مسجدن کان ائين روڪين ها جيئن بني اسرائيل جي عورتن کي روڪيو ويو هيو. (متفق عليه). ۽ جيئن مرد جي نماز مسجد ۾ وڏي اجر واري آهي تيئن عورت جي نماز سندس گهر ۾ . هڪ عورت نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي، اچي چيائين تہ : اي الله جا رسول! مون کي توهان سان گڏ نماز پڙهڻ ڏاڍي پسند آهي، جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو : « قَدْ عَلِمْتُ أَنَّكِ تُحِبِّينَ الصَّلاَةَ مَعِي، وَصَلاَتُكِ فِي بَيْتِكِ خَيْرٌ مِنْ صَلاَتِكِ فِي حُجْرَتِكِ، وَصَلاَتُكِ فِي حُجْرَتِكِ خَيْرٌ مِنْ صَلاَتِكِ فِي دَارِكِ، وَصَلاَتُكِ فِي دَارِكِ خَيْرٌ لَكِ مِنْ صَلاَتِكِ فِي مَسْجِدِ قَوْمِكِ، وَصَلاَتُكِ فِي مَسْجِدِ قَوْمِكِ خَيْرٌ لَكِ مِنْ صَلاَتِكِ فِي مَسْجِدِي » (أحمد). "آءٌ جاڻان ٿو تہ توکي مون سان گڏ نماز پڙهڻ واقعي پسند آهي، جڏهن تہ تنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ نماز پڙهڻ، تنهنجي اڳڻ واري نماز کان بهتر آهي ۽ تنهنجي پنهنجي اڳڻ ۾ نماز پڙهڻ، تنهنجي ڪوٽ واري نماز کان بهتر آهي ۽ تنهنجي پنهنجي ڪوٽ ۾ نماز پڙهڻ، تنهنجي پاڙي واري مسجد ۾ نماز پڙهڻ کان بهتر آهي ۽ تنهنجي پنهنجي پاڙي واري مسجد ۾ نماز پڙهڻ، منهنجي مسجد واري نماز کان بهتر آهي". ۽ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : «خَيْرُ مَسَاجِدِ النِّسَاءِ بيُوتُهُنَّ» أحمد. "عورتن جون پلي ۾ پليون مسجديون سندن گهر آهن".

❁ عورت تي نہ حج واجب آهي ۽ نہ عمرو، مگر هن صورت ۾ تہ ڪو محرم ساڻس رفيق سفر ٿئي، ۽ بنا محرم جي ڪيس سفر ڪرڻ بہ جائز ناهي، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : « لاَ تُسَافِرِ امْرَأَةٌ فَوْقَ ثَلاَثِ لَيَالٍ إِلاَّ مَعَ ذِي مَحْرَمٍ » متفق عليه. "ڪابہ زال محرم کان سواءِ ٽن راتين کان مٿي سفر نہ ڪري".

❁ عورت لاءِ قبرن جي زيارت ڪرڻ ۽ جنازن جي ڪڍ لڳڻ حرام آهي، نبي ڪريم ﷺ جن جي هن فرمان ڪري تہ : « لَعَنَ اللهُ زَوَّارَاتِ الْقُبُورِ » "الله تعالىٰ قبرن جي باربار زيارت ڪندڙين (عورتن) تي لعنت ڪئي آهي". ام عطية رضي الله عنها فرمائي ٿي : "اسان کي جنازن جي ڪڍ لڳڻ کان روڪيو ويو، جڏهن تہ اسان تي واجب نہ ڪيو ويو هو" (مسلم). ❁ عورت لاءِ سندس وارن کي ڪهڻو بہ رنگ ڪرڻ مباح آهي، البتہ ڪارو رنگ ڪرڻ مڪروهہ آهي، بشرطيڪ ان ۾ رشتي گهرڻ واري لاءِ ڪو دوکو نہ هجي.

❁ عورت کي ورثي مان اهو حصو ڏيڻ واجب آهي جيڪو سندس لاءِ الله تعالىٰ فرض ڪيو آهي، اهو ڪائنس روڪڻ حرام آهي، نبي ڪريم ﷺ کان روايت آهي تہ: « مَنْ قَطَعَ مِيرَاثَ وَارِثِهِ ؛ قَطَعَ اللهُ مِيرَاثَهُ مِنَ الجَنَّةِ يَومَ القِيَامَةِ » ابن ماجه. "جنهن وارث کان ورثي جو حصو ڪٽيو، الله ان جو قيامت واري ڏينهن جنت مان ميراث وارو حصو ڪٽي ڇڏيندو".

❁ زال جو خرچ پڪو مڙس تي واجب آهي، يعني هر اها شيءِ جنهن جي ڪيس سخت ضرورت هجي، جيئن ڪاڏو پيتو، ڪپڙو لٽو، رهائش وغيره، سهڻي نموني، الله تعالىٰ جو فرمان آهي تہ : ﴿لِيُنفِقْ ذُو سَعَةٍ مِّن سَعَتِهِۦ ۖ وَمَن قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهُۥ فَلْيُنفِقْ مِمَّآ ءَاتَىٰهُ ٱللَّهُ﴾ (آسوڏو پنهنجي وسعت آهر خرچ پري ۽ جنهن جي آمدني ٽوري هجي سو ان مال مان ئي (سگهہ آهر) خرچ پري جيڪو ڪيس الله ڏنو آهي)، عورت کي مڙس نہ هجي تہ ان جو

---

[1] عورت جو محرم انهيءَ کي چئبو آهي، جنهن سان ڪيس شادي ڪرڻ هميشہ لاءِ حرام هجي، جيئن : پيءُ، ڏاڏو (مٿي تائين)، پٽ، پوٽو (هيٺ تائين)، پاءُ، پائٽيا، پاٽيجا، چاچو، مامو، سهرو (مٿي تائين)، نڪو پٽ (هيٺ تائين)، رضائي پيءُ، پٽ، پاءُ، نائي، نڪو پيءُ.

خرچ پکو سندس پيءُ يا پاءُ يا پٽ مٽان آهي، جيڪڏهن سندس کو ويجهو مٽ مائٽ نہ هجي تہ ان کي خرچ پکو ڏيڻ سڀني ماڻهن لاءِ مستحب آهي، هن حديث جي ڪري تہ : «السَّاعِي عَلَى الأَرْمَلَةِ وَالمِسْكِينِ كَالمجَاهِدِ فِي سَبِيلِ اللَّهِ أَوْ كالذيْ يَقُوْمُ اللَّيْلَ ويصوْمُ النَّهَارَ » متفق عليه "بيوهہ ۽ مسڪين جي پلي لاءِ ڪوشش ڪندڙ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪندڙ وانگر آهي يا انهيءَ وانگر جيڪو رات جو تهجد پڙهي ۽ ڏينهن جو روزا رکي".

❁ عورت جيستائين پي شادي نہ ڪري ايستائين اها پنهنجي ننڍڙي ٻار جي پرورش جي وڏيڪ حقدار آهي ۽ جيستائين اهو ٻار سندس پرورش ۾ آهي تيستائين سندس پيءُ تي لازم آهي تہ ان جي پرورش جو خرچ ماٽس کي ڏئي.

❁ عورت کي سلام ڏيڻ ۾ آڪرائي ڪرڻ بهتر ناهي، خاص ڪري جيڪڏهن جوان هجي يا فتني جو خطرو هجي.

❁ هر جمعي زيرناف ڪوڙڻ، بغلن جا وار پٽڻ ۽ ننهن ڪٽڻ مستحب آهي، چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ڇڏڻ مڪروهہ آهي.

❁ ڇهري ۽ ٻرون جا وار نوچڻ حرام آهي، نبي ڪريم ﷺ جي هن فرمان موجب تہ : « لَعَنَ اللهُ النَّامِصَةَ والمتَنَمِّصَةَ» أبو داود. "منهن جا وار نوچيندڙ ۽ نوچائيندڙ ٻنهي تي الله تعالىٰ لعنت ڪئي آهي".

❁ سوڳ ڪرڻ: عورت جي مٽان سندس مڙس کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي موت تي ٽن ڏينهن کان مٿي سوڳ ڪرڻ حرام آهي. نبي ڪريم ﷺ جي هن حديث جي ڪري تہ : « لا يحِلُّ لامْرَأَةٍ تُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الآخِرِ أَنْ تُحِدَّ عَلَى مَيِّتٍ فَوْقَ ثَلاثٍ إلا عَلَى زَوْجها » مسلم "جنهن بہ عورت جو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آهي تنهن لاءِ سندس مڙس کان سواءِ ڪنهن ٻئي ميت تي ٽن ڏينهن کان مٿي سوڳ ڪرڻ حلال ناهي". مڙس لاءِ مٽس واجب آهي تہ چار مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن سوڳ ڪري. سندس سوڳ ۾ ان تي واجب آهي تہ سينگار ۽ خوشبوءِ ڇڏي ڏئي، جيئن زعفران لڳائڻ، زيور پهرڻ، منڊي ڇو نہ هجي، رنگين سٻٽا ڪپڑا پائڻ، جهڙوڪ: ڳاڙهو ۽ پيلا ڪپڑا پائڻ، ميندي هٿ، ميڪ اپ ڪرڻ، ڪاجل ۽ خوشبودار تيل لڳائڻ. البتہ ان لاءِ ننهن ڪٽڻ، وار صاف ڪرڻ ۽ غسل ڪرڻ جائز آهي، ڪپڑن جو ڪو مقرر رنگ پائڻ ضروري ناهي جهڙوڪ: ڪارو ڪپڑو پائڻ. ان جڳهہ ۾ عدت گذارڻ واجب آهي، جنهن ۾ مڙس فوت ٿيڻ وقت رهيل هئي. ان مان ٻاهر نڪرڻ ضرورت کان سواءِ حرام آهي. پنهنجي گهران ضرورت خاطر ڏينهن جو پلي نڪري.

❁ عورت کي بنا ضرورت سندس مٿي جا وار ڪوڙڻ حرام آهي، ڪجهہ ڪٽڻ جي اجازت آهي بشرطيڪ مردن سان مشابهت نہ ٿئي، هن حديث موجب تہ : «لَعَنَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ الْمُتَشَبِّهَاتِ بالرِّجَالِ مِنْ النِّسَاءِ» الترمذي "جيڪي عورتون مردن سان مشابهت ڪن ٿيون تن تي رسول الله ﷺ لعنت ڪئي آهي ". يا ڪافرياڻين سان مشابهت ٿئي، هن حديث جي ڪري تہ : « ومَنْ تَشَبَّهَ بقَوْمٍ فَهُوَ مِنْهُمْ» أبو داود. "۽ جيڪو جنهن قوم سان مشابهت ڪندو، اهو انهن مان آهي".

❁ عورت جڏهن پنهنجي گهران نڪري تہ ڪيس پنهنجو بدن ڪنهن اهڙي چادر سان ڍڪڻ واجب آهي جنهن ۾ هيٺيان شرط لڀن : ۱) پوري جسم کي ڍڪيندڙ هجي. ۲) ان ۾ ڪا خوبصورتي نہ هجي. ۳) اهڙي گهاٽي هجي جو ڪجهہ ظاهر نہ ٿئي. ۴) ايتري ڪشادي هجي جو سوڙهي نہ لڳي. ۵) خوشبوءِ لڳل نہ هجيس. ۶) مردن جي لباس جهڙي نہ هجي. ۷) ڪافرياڻين جي لباس سان بہ مشابهت نہ رکي. ۸) شهرت واري لباس مان نہ هجي. جنهن بہ ڪپڑي ۾ ڪنهن انسان يا جانور جي تصوير هجي، اهو پائڻ، ٽنگڻ، ديوار جو پردو ڪرڻ ۽ وڪڻڻ حرام آهي. عورت جي اوگهڙ ڪنهن ٻئي جي آڏو تي قسم آهي :

۱) مڙس : کيس ان جي هر شيءِ ڏسڻ جائز آهي. ۲) عورتون ۽ محرم : ان جي جسم جا ظاهري حصا ڏسي سگهن ٿا، جيئن : منهن، وار، ڪنڌ، هٿ، پانهن ۽ پير وغيره . ۳) باقي مرد ان جي جسم مان ڪجھ به نٿا ڏسي سگهن، البتہ ضرورت هجي تہ ڏسي سگهن ٿا، جيئن رشتي گهرڻ يا علاج وغيره لاءِ. ڇاڪاڻ تہ عورت جو اصل فتنو ان جي چهري ۾ ئي آهي، فاطمة بنت المنذر رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ : اسان پنهنجا چهرا مردن کان ڍڪيندیون هیون سي. (حاڪم). ۽ عائشة رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ : سوار اسان جي پر سان گذرندا هيا ۽ اسان رسول الله ﷺ سان گڏ احرام ۾ هوندیون هیون سي، پوءِ جڏهن اسان مان ڪنهن هڪ جي سامهون ايندا هيا تہ اها پنهنجي مٿي واري چادر پنهنجي منهن تي لٽڪائي ڇڏيندي هئي، پوءِ جڏهن وڌي ويندا هيا تہ اسان منهن کولي ڇڏيندیون هیون سي. (ابوداود).

❁ عدت : ان جا ڪجھ قسم آهن: (۱) حامل جي عدت: طلاق توڙي وفات ۾ ان جي عدت ٻار ڄڻڻ آهي. (۲) بيوه جي عدت: ان جي عدت چار مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن آهي. (۳) حيض ۾ طلاق ڏنل جي عدت: ان جي عدت ٽي حيض آهن. ٽئين حيض کان پاڪ ٿيڻ سان ان جي عدت پوري ٿي ويندي. (۴) جنهن کي حيض نہ ايندو هجي : ان جي عدت ٽي مهينا آهي. رجعي طلاق جي عدت گذارينڊڙ عورت تي واجب آهي تہ عدت دوران مڙس سان گڏ رهي. مڙس کي ان مان جيڪو وٽي سو ڏسي ٿو سگهي. ۽ ان سان اڪيلو ٻہ ويهي ٿو سگهي. جيستائين وجي عدت پوري ٿئي. شايد الله انهن جي وچ ۾ موافقت پيدا ڪري. طلاق جيڪڏهن رجعي آهي تہ ان ۾ رجوع ڪرڻ لاءِ عورت جي رضامندي جي ضرورت ناهي. مڙس جو رجوع هن طرح ٿيندو تہ اهو چئي تہ : مون توکي موٽايو. يا همبستري ڪرڻ سان.

❁ عورت پنهنجو نڪاح پاڻ نٿي ڪري سگهي، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ : « أَيُّمَا امْرَأَةٍ نَكَحَتْ بِغَيْرِ إِذْنِ وَلِيِّهَا فَنِكَاحُهَا بَاطِلٌ» أبو داود. "جنهن بہ عورت پنهنجي وليءَ جي اجازت کان سواءِ نڪاح ڪيو تہ ان جو نڪاح باطل آهي".

❁ عورت کي پنهنجي وارن سان نقلي وار ڳنڍڻ ۽ سندس جسم تي ڪابہ ڏينهوڙي ڪيرائڻ حرام آهي، اهي ٻئي ڪم ڪبيري گناهن مان آهن، نبي ڪريم ﷺ جي هن فرمان موجب تہ : « لَعَنَ اللَّهُ الْوَاصِلَةَ وَالْمُسْتَوْصِلَةَ، وَالْوَاشِمَةَ وَالْمُسْتَوْشِمَةَ » متفق عليه. "وار ڳنڍيندڙ ۽ ڳنڍرائيندڙ ۽ ڏينهوڙي ڪيرائيندڙ ۽ هٽائيندڙ (عورت) تي الله جي لعنت آهي".

❁ عورت کي بنا سبب سندس مڙس کان طلاق گهرڻ حرام آهي، نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي تہ : « أَيُّمَا امْرَأَةٍ سَأَلَتْ زَوْجَهَا الطَّلاقَ مِنْ غَيْرِ مَا بَأْسٍ فَحَرَامٌ عَلَيْهَا رَائِحَةُ الْجَنَّةِ » أبو داود. "جنهن بہ مائيءَ پنهنجي مڙس کان بنا ڪنهن تڪليف جي طلاق گهري تہ جنت جي خوشبوءِ مٿس حرام آهي".

❁ عورت تي واجب آهي تہ پنهنجي مڙس جي سهٽي نموني فرمانبرداري ڪري، خاص ڪري جڏهن ڪيس همبستريءَ لاءِ سڏي، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : «إِذَا دَعَا الرَّجُلُ امْرَأَتَهُ إِلَى فِرَاشِهِ فَأَبَتْ أَنْ تَجِيءَ، فَبَاتَ غَضْبَانَ؛ لَعَنَتْهَا الْمَلَائِكَةُ حَتَّى تُصْبِحَ» متفق عليه. "جيڪڏهن ڪنهن مڙس پنهنجي زال کي پنهنجي بستري ڏانهن سڏيو ۽ انهيءَ اڇٽ کان انڪار ڪيو، ۽ هو نارا ض ٿي سمهي پيو تہ ملائڪ ڪيس صبح ٿيڻ تائين لعنت ڪندا آهن".

❁ عورت کي جيڪڏهن معلوم آهي تہ رستي ۾ هوءَ ڏارين ماڻهن وٽان گذرندي تہ کيس عطر لڳائڻ حرام آهي، حديث شريف ۾ آهي تہ : «إِنَّ الْمَرْأَةَ إِذَا اسْتَعْطَرَتْ ، فَمَرَّتْ عَلَى الْقَوْمِ لِيَجِدُوا رِيحَهَا، فَهِيَ كَذَا وَكَذَا ؛ يَعْنِي زَانِيَةً» أبو داود. "جيڪڏهن ڪنهن مائيءَ عطر هنيو، پوءِ ماڻهن وٽان گذري تہ جيئن کين خوشبوءِ محسوس ٿئي تہ اها ههڙي تهڙي آهي، يعني زانياڻي آهي".

نمـــــاز

اذان ۽ اقامت حضر ۾ مردن تي فرض ڪفايہ آهن. اڪيلي ۽ مسافر لاءِ سنت آهن. عورتن لاءِ مڪروه آهن. وقت کان اڳ چوڻ صحيح ناهي. ها البتہ فجر لاءِ پهرين اذان اڌ رات کان پوءِ صحيح آهي.

نماز جا شرط: (۱) اسلام (۲) عقل (۳) تميز (برو پلي ۾ فرق) (۴) پاڪائي، طاقت هجي تہ. (۵) وقت جو داخل ٿيڻ.

ظهر جو وقت : زوال کان وٺي هر شيءِ جو پاڇو ان جي برابر ٿيڻ تائين. ان کان پوءِ عصر جو وقت آهي. ان جو بهتر وقت : هر شيءِ جو پاڇو ان کان ٻيڻو ٿيڻ تائين. ان کان پوءِ سج لهڻ تائين ضرورت جو وقت آهي. ان کان پوءِ مغرب جو وقت اڀ تان ڳاڙهاڻ جي ختم ٿيڻ تائين آهي. ان کان پوءِ عشاء جو وقت آهي، ان جو بهتر وقت اڌ رات تائين آهي. ان کان پوءِ باڪ ڦٽڻ تائين ضرورت وارو وقت آهي. ان کان پوءِ فجر جو وقت سج اپرڻ تائين آهي. (٦) اوگهڻ ڏکڻ[1]. (۷) جسم، ڪپڑي ۽ نماز واري جاءِ کي وس آهر پليتيءَ کان بچائڻ. (۸) قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ، طاقت هجي تہ. (۹) نيت ڪرڻ.

نماز جا رڪن: چوڏهن آهن: (۱) قيام (بيهڻ)، جڏهن ان تي قدرت هجي، فرض نماز ۾ (۲) تڪبير تحريمہ (۳) سورة فاتحہ پڙهڻ (۴) هر رڪعت ۾ رڪوع ڪرڻ (۵) رڪوع کان مٿي اٿڻ (٦) رڪوع کان پوءِ سڌو ٿي بيهڻ (۷) ستن عضون تي سجدو ڪرڻ (۸) ٻن سجدن جي وچ ۾ ويهڻ (۹) آخري تشهد (التحيات) (۱۰) ان لاءِ ويهڻ (۱۱) آخري تشهد ۾ نبي ڪريم ﷺ جن تي درود پڙهڻ. (۱۲) پهريون سلام (۱۳) عملي ارڪان اطمينان سان ادا ڪرڻ (۱۴) سيئي ارڪان ترتيب سان ادا ڪرڻ.

هنن رڪنن کان سواءِ نماز صحيح نہ ٿيندي، هڪ رڪن بہ چڏڻ سان نماز باطل ٿي ويندي، ڄاڻي واڻي چڏجي يا ڀل ۾.

نماز جا واجب : اٺ آهن. (۱) تڪبير تحريمہ کان سواءِ باقي سڀ تڪبيرون (۲) سمع اللّٰہ لمن حمده چوڻ، امام ۽ اڪيلي لاءِ. (۳) رڪوع کان اٿڻ مهل ربنا لک الحمد چوڻ. (۴) رڪوع ۾ سبحان ربي العظيم هڪ ڀيرو چوڻ. (۵) سجدي ۾ سبحان ربي الاعلیٰ هڪ ڀيرو چوڻ. (٦) ٻن سجدن جي وچ تي رب اغفرلي چوڻ. (۷) پهريون تشهد (۸) ان لاءِ ويهڻ. هي واجبات جيڪڏهن ڄاڻي واڻي چڏيا ويا تہ نماز باطل ٿي ويندي. ڀل ۾ چڏجي ويا تہ سجدو سهو جو ڏبو.

نماز جون سنتون : ٻہ قسم آهن : قولي ۽ فعلي. انهن مان کابہ سنت چڏڻ سان نماز باطل نہ ٿيندي، ڄاڻي واڻي چڏجي يا ڀل ۾. قولي سنتون هي آهن: ثناء پڙهڻ. اعوذ باللّٰہ. بسم اللّٰہ. آمين چوڻ. جهري نماز ۾ ڏاڍيان چوڻ. فاتحہ کان پوءِ قرآن شريف مان جيترو ٿي سگهي تلاوت ڪرڻ. جهري نماز ۾ امام جو ڏاڍيان قرائت ڪرڻ. (مقتدي لاءِ جائز ناهي. اڪيلي کي اختيار آهي). رَبَّنَا لَكَ الْحَمْدُ چوڻ کان پوءِ : "حَمْدًا كَثِيرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا فِيهِ مِلء السَّمَاوَاتِ وَمِلء الْأَرْضِ ... " الخ چوڻ. رڪوع ۽ سجدي ۾ تسبيح هڪ ڀيري کان وڌيڪ پڙهڻ. رب اغفرلي چوڻ ۽ سلام کان اڳ ۾ دعا پڙهڻ.

---

۱) اوگهڻ: يعني ماڻهوءَ جي شرمگاهہ ۽ جنهن کان ڪيس حياءَ اچي. هتي اسان جو ڪلام اهڙي اوگهڻ بابت آهي، جنهن جي ڏکڻ کان سواءِ نماز ۽ طواف جائز نہ هجي. ستن سالن تائين واري نر ڇوڪر جي اوگهڻ صرف بہ اوگهڙون (اڳ ۽ پُٺ) آهن. ڏهن سالن جي عمر تائين دن کان گوڏن تائين. آزاد بالغ عورت جو سڄو جسم اوگهڻ آهي. سواءِ ان جي منهن، هٿن، ۽ پيرن جي، نماز جي حالت ۾ ، ڄاڻي تہ نماز ۾ انهن جو ڏکڻ مڪروه آهي. ها ڏارين مردن جي آڏو انهن جو ڏکڻ بہ واجب آهي. جيڪڏهن عورت نماز پڙهي يا طواف ڪيو ۽ ان جي مثال پانهن ڪليل آهي تہ ان جي عبادت باطل آهي، صحيح نہ ٿيندي. (اڳُ ۽ پُنِ) غليظ اوگهڻ آهي، ان کي نماز کان ٻاهر بہ هر حال ۾ ڏکڻ واجب آهي. بنا ضرورت جي ان کي کولڻ مڪروه آهي ڇو نہ اوندهہ هجي يا اڪيلائي هجي. مڙس ۽ زال جي هڪ ٻئي لاءِ يا علاج ۽ توهر وغيره جي ضرورت لاءِ ان جو کولڻ جائز آهي.

فعلي سنتون: تڪبير تحريمہ، رڪوع ۾ وڃڻ، ان کان اڳ مهل ۽ پهرين قاعدي مان اٿڻ مهل رفع يدين ڪرڻ، قيام جي حالت ۾ ساڃو هٿ کاڌي هٿ جي مٿان سيني کان هيٺ ٻڌڻ. سجدي جي جاءِ تي نظر ڪرڻ. ٻيهڙ مهل ٻنهي پيرن کي الڳ الڳ رکڻ. سجدي جي شروعات گوڏن رکڻ، ان کان پوءِ هٿن پوءِ پيشاني پوءِ نڪ رکڻ سان ڪرڻ. ڏورا پاسن کان، پيٽ رانن کان، رانون پنين کان پري رکڻ. ٻنهي گوڏن جي وچ ۾ وٿي رکڻ. پيرن کي ڌار ڌار ايو رکڻ. پيرن جي آڱرين جي پيٽ کي زمين تي رکڻ. ٻئي هٿ ڪشادا ڪري، انهن جون آڱريون ملائي، ٻنهي ڪلهن جي برابر رکڻ. ٻنهي پيرن جي پٺن تي ٻيهڻ. ۽ ٻنهي هٿن سان گوڏن تي ٽيڪ ڏيڻ. ٻن سجدن جي وچ ۾ ۽ پهرئين تشهد ۾ پير وڇائي ان تي ويهڻ. ۽ ٻئي تشهد ۾ ٻنڊڻ تي ويهڻ. ٻن سجدن جي وچ تي ٻئي هٿ ٻنهي رانن تي وڇائي، آڱريون ملائي ويهڻ ۽ اهڙيءَ طرح تشهد اول ۾ ٻہ پر ساڃي هٿ جي چيچ ۽ پاڇ بند ڪري، آڱوٺي ۽ وچين آڱر سان حلقو ٺاهي، اشهد آڱر سان الله جي ذڪر ۽ دعا وقت اشارو ڪجي، اهو الله جي وحدانيت ڏانهن اشارو آهي. سلام وقت ساڃي ۽ کاڌي منهن ڦيرائڻ ۽ ساڃي پاسي منهن ڦيرائي ويهڻ.

سهو جو سجدو : جڏهن ڪو جائز قول پنهنجي جاءِ جي بجاءِ، پل ۾ ٻيءَ جاءِ تي چيو وڃي، جيئن سجدي ۾ قرآن جي تلاوت تہ سجدو سهو جو سنت آهي. جيڪڏهن ڪو مسنون ڪم ڇڏي ڏئي تہ سجدو سهو جو جائز آهي. جيڪڏهن رڪوع، سجدو، قيام ۽ قعدو وڌيڪ ڪيائين يا نماز پوري ڪرڻ کان اڳ سلام ورايائين يا تلاوت ۾ اهڙي غلطي ڪيائين جو معنىٰ ئي بدلجي وئي يا واجب ڇڏيائين يا ڪنهن رڪن ۾ وڌيڪ وقت جو شڪ ٿيو آهي تہ سجدو واجب ٿيندو. اهڙو واجب سجدو ڇاڪي واڪي ڇڏڻ سان نماز باطل ٿي پوندي. سهو جا ٻہ سجدا سلام کان اڳ ڪري يا پوءِ ڪري، سندس مرضي. جيڪڏهن سجدو ڪرڻ وسري ويس ايستائين جو گهڻي دير ٿي وئي تہ ڪري پوندو.

نماز پڙهڻ جو طريقو: نماز لاءِ جڏهن اٿجي تہ قبلي ڏانهن منهن ڪجي ۽ الله اڪبر چئجي. امام سڀ تڪبيرون ڏاڍيان چئي، تہ جيئن پويان ٻيڻل ٻڌن. باقي ٻيا آهستي چون. پهرين تڪبير چوڻ وقت ٻئي هٿ ڪلهن (يا ڪنن) برابر مٿي ڪري. ان کان پوءِ هٿ هيٺ ڪري ٻڌجن، ساڃو کاڌي جي مٿان رکجي ۽ سيني جي هيٺان ٻڌجن. اکيون سجدي جي جاءِ تي رکجن. ان کان پوءِ حديث ۾ جيڪي دعائون آيون آهن، سي پڙهي. مثال: سُبْحَانَكَ اللَّهُمَّ وَبِحَمْدِكَ وَتَبَارَكَ اسْمُكَ وَتَعَالَى جَدُّكَ وَلَا إِلَهَ غَيْرُكَ. ان کان پوءِ اعوذ بالله ۽ پوءِ بسم الله پڙهي. (اهي سڀ ڏاڍيان نہ پڙهي). ان کان پوءِ فاتحہ پڙهي. جيڪڏهن نماز جهري آهي تہ (ڪن وٽ) مقتديءَ لاءِ مستحب آهي تہ امام جي ساهيءَ ڪٽڻ يا خاموشيءَ جي وقت ۾ فاتحہ پڙهي. سري نماز ۾ پڙهڻ واجب آهي. ان کان پوءِ قرآن پاڪ مان جيترو ٿي سگهي سو پڙهي. مستحب آهي تہ صبح جي نماز ۾ "طوال مفصل" (ڏگهين سورتن) مان پڙهي. مغرب ۾ "قصار مفصل" (ننڍين سورتن) مان پڙهي. باقي نمازن ۾ "اوساط مفصل" (وچولين سورتون) مان پڙهي. "طوال مفصل" سورة (ق) کان (عم) تائين، "اوساط مفصل" سورة (الضحي) تائين ۽ "قصار مفصل" سورة (الناس) تائين سورتن کي چئبو آهي. امام صبح جي نماز ۽ مغرب ۽ عشاء جي پهرين ٻن رکعتن ۾ ڏاڍيان پڙهندو. ان کان سوا باقي نمازن ۾ آهستي پڙهندو. ان کان پوءِ تڪبير چئي رڪوع ڪندو ۽ تڪبير تحريمہ وانگر ٻئي هٿ مٿي کڻندو. ٻئي هٿ پنهنجي گوڏن تي رکندو ۽ پنهنجون آڱريون کولي رکندو ۽ پني ڏگهي ڪري ڇڏيندو. ۽ مٿي کي ان جي برابر ڪندو. ۽ ٽي ڀيرا سبحان ربي العظيم پڙهندو. ان کان پوءِ سمع الله لمن حمده چوندي پنهنجو مٿو مٿي کڻندو. ۽ هٿ تڪبير تحريمہ وانگر مٿي کڻندو. جڏهن ان مان اٿي سڌو ٿيندو تہ ربنا ولك الحمد حمدًا كثيرًا طيبًا مباركًا فيه ملء السموات وملء الأرض وملء ما

شئت من شيء بعد (اي منهنجا پالٹهار سڀ ساراهه تنهنجي آهي، گهٹي ساراهه، پلي، برڪت واري، پريل آسمان، پريل زمين ۽ انهن ڪان پوءِ پي ڪابه شيءِ جيڪا تون گهرين ان جي ماپ جيڏي) چوندو. ان ڪان پوءِ تڪبير چوندي سجدي ۾ جهڪي ايندو. پنهنجا ڏورا پنهنجي پاسن ڪان، پيٹ رانن ڪان جدا رکندو. ٻئي هٿ ڪلهن جي برابر رکندو. پنهنجي پيرن جي چوٽين تي هوندو، ٻنهي هٿن ۽ پيرن جون آڱريون قبلي رخ ڪري رکندو. ان ڪان پوءِ ٿي دفعا سبحان ربي الأعلى چوندو. ان لاءِ اهو ٻه جائز آهي ته مسنون دعائن مان جيڪي دل گهريس وڌائي پڙهي. ان ڪان پوءِ تڪبير چوندي مٿو کٹي. پنهنجو ڪاپو پير وڇائي ان تي ويهي. ساڄو پير کوڙي ان جي آڱرين کي قبلي رخ رکي. ۽ ٻه دفعا چئي: ربِّ اغفر لي. هي واڌارو ٻه ڪري ته سندس مرضي : وَارْحَمْنِي وَاجْبُرْنِي وَارْفَعْنِي وَارْزُقْنِي وَانْصُرْنِي وَاهْدِنِي وَعَافَنِي (۽ مون تي رحم ڪر، منهنجو پوراءُ ڪر، مون کي مٹانهون ڪر، مون کي رزق عطا ڪر، منهنجي مدد ڪر، مون کي هدايت ڏي، مون کي عافيت ڏي ۽ مون کي معاف ڪر). ان ڪان پوءِ ٻيو سجدو پهرئين وانگر ڏئي. ان ڪان پوءِ تڪبير چوندي مٿو کٹي. ۽ پنهنجي پيرن جي پٺن تي اٿي ڪڙو ٿئي. پهرين رڪعت وانگر ٻي رڪعت پڙهي. جڏهن ان مان فارغ ٿئي ته تشهد لاءِ پيرن کي وڇائي ويهي. ڪاپو هٿ ڪاپي ران تي رکي ۽ ساڄو ساڄي تي. چيچ ۽ ٻاڇ کي پڪوڙي ۽ وچين آڱر ۽ آڱوٺي سان گول ناهي ۽ اشهد آڱر سان اشارو ڪري ۽ چئي : التَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِّبَاتُ، السَّلامُ عَلَيْكَ أَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ السَّلامُ عَلَيْنَا وَعَلَى عِبَادِ اللهِ الصَّالِحِينَ، أَشْهَدُ أَنْ لا إِلَهَ إِلا اللهُ، وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ (سڀ قولي عبادتون، سڀ فعلي عبادتون ۽ سڀ مالي عبادتون الله تعالىٰ جي لاءِ آهن، سلامتي هجي توتي اي نبي ۽ الله تعالىٰ جون رحمتون ۽ ان جون برڪتون. اسان تي ۽ الله تعالىٰ جي صالح ٻانهن تي سلامتي هجي. مان شاهدي ٿو ڏيان ته الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه عبادت جي لائق ناهي ۽ مان شاهدي ٿو ڏيان ته محمد (ﷺ) ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي). ان ڪان پوءِ ٽين ۽ چوٽين رڪعت لاءِ تڪبير چوندي اٿي ۽ ٻئي هٿ بلند ڪري ۽ باقي نماز ساڳيءَ طرح پڙهي پر ان ۾ ڏاڍيان نه پڙهي ۽ رڳو فاتحه پڙهي، ان ڪان پوءِ آخري تشهد لاءِ ٻنڊڻ تي ويهي. ڪاپو پير وڇائي ۽ ان کي پنهنجي ساڄي پاسي کان ٻاهر ڪڍي، ساڄو پير ايو ڪري ۽ ٻنڊڻ زمين تي رکي. (ٻنڊڻ ۾ آخري جلسي ۾ ان نماز ۾ ويهجي جنهن ۾ ٻه تشهد هجن). ان ڪان پوءِ پهرئين تشهد واري دعا پڙهي پوءِ چئي : اللَّهُمَّ صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ، اللَّهُمَّ بَارِكْ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ، إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ. ۽ هيءُ چوڻ سنت آهي: أعوذ بالله من عَذَابِ النَّارِ وَعَذَابِ الْقَبْرِ، وَفِتْنَةِ الْمَحْيَا وَالمَمَاتِ، وَفِتْنَةِ المَسِيحِ الدَّجَّالِ (آئون الله جي پناهه ٿو گهران دوزخ جي عذاب، قبر جي عذاب، زندگي ۽ موت جي فتني ۽ مسيح دجال جي فتني کان). ۽ اهڙيون ٻيون آيل دعائون پڙهجن. پوءِ ٻه سلام ورائجن. السلام عليكم ورحمة الله چوندي ساڄي پاسي منهن ڦيرائجي پوءِ کاپي پاسي. ان ڪان پوءِ حديث ۾ آيل دعائون پڙهڻ سنت آهي[1].

---

[1] اهي دعائون هن طرح آهن ته تي دفعا استغفر الله چئجي. پوءِ اللّهم انت السلام ومنک السلام تبارکت يا ذا الجلال والاکرام (اي الله تون سلامتي وارو آهين ۽ سلامتي تو وٽان آهي، تون برڪت وارو آهين اي جلال وارا ۽ اڪرام وارا). لا الہ الا الله وحده لاشريک لہ، لہ الملک ولہ الحمد وهو علىٰ کل شيء قدير(الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه عبادت جي لائق ناهي، اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪوبه شريڪ ناهي، سڄو ملڪ ۽ سڀ ساراهه ان جي آهي ۽ اهو هر شيءِ تي وڏي وس وارو آهي). لا حول ولاقوة الا بالله (ناهي ڪو ڦيرو ۽ نه ڪا سگهه الله کان سواءِ). لا الٰہ الا الله ولا نعبد الا اياه لہ النعمة ولہ الفضل ولہ الثناء الحسن (الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه عبادت جي لائق ناهي ۽ اسان ان کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪندا آهيون، هر نعمت، سڄي مهرباني ۽ سهٹي تعريف رڳو انهيءَ جي آهي). لا الہ الا الله مخلصين لہ الدين ولوکره الکافرون (الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه عبادت جي لائق ناهي، دين کي سندس لاءِ خالص ڪندڙ آهيون پل ڪافرن کي بچان

بيمار جي نماز: جيڪڏهن بيهي نماز پڙهڻ سان بيماري وڌي ويندي يا بيهڻ جي طاقت نہ هجيس تہ ويهي نماز پڙهي. جيڪڏهن ويهي نہ سگهي تہ پاسي پر. جيڪڏهن اهو بہ ڏکيو لڳيس تہ پنيءَ پر سمهي پڙهي. رکوع ۽ سجدي کان عاجز هجي تہ اشارن سان پڙهي. ان تي فوت ٿيل نمازن جي قضا واجب آهي. جيڪڏهن هر نماز وقت تي پڙهڻ ڪيس مشڪل لڳي تہ ان کي ظهر ۽ عصر ۽ مغرب ۽ عشاء ڪنهن هڪ جي وقت ۾ گڏ پڙهڻ جائز آهي.

مسافر جي نماز: جيڪڏهن سفر جي مسافت تقريبًا ۸۵ ڪلوميٽرن کان وڌيڪ آهي ۽ جائز سفر ۾ نڪتل آهي تہ ان لاءِ چئن رکعتن واري نماز ۾ قصر ڪري بہ رکعتون پڙهڻ جائز آهي. جيڪڏهن سفر جي دوران ڪنهن جڳهہ تي چئن ڏينهن (۲۰ فرضن، ڪن وٽ ۱۵ ڏينهن) کان مٿي رهڻ جي نيت ڪيائين تہ اهو اتي پهچڻ کان وٺي پوري نماز پڙهندو، قصر نہ ڪندو. جيڪڏهن مسافر مقيم جي امامت ۾ نماز پڙهي يا حضر ۾ ڪا نماز پڙهڻ وسري ويس ۽ سفر ۾ ياد آيس يا ان جي ابتڙ تہ مٿس انهن سڀني صورتن ۾ پوري نماز پڙهڻ لازم آهي. مسافر لاءِ پوري نماز پڙهڻ بہ جائز آهي پر قصر ڪرڻ افضل آهي.

جمعي جي نماز: اها ظهر کان افضل آهي، هيءَ مستقل نماز آهي، ظهر جو قصر (اڌ) ناهي، ان ڪري چار رکعتون پڙهڻ جائز ناهي. ظهر جي نيت ڪرڻ سان جمعو ادا بہ نہ ٿيندو ۽ ان کي عصر نماز سان گڏائي ڪڏهن بہ پڙهڻ جائز ناهي، ڇو نہ گڏائي پڙهڻ جو سبب بہ موجود هجي.

وتر: سنت (۽ ڪن وٽ واجب) آهي. ان جو وقت عشاء جي نماز کان پاڪ ٿيڻ ۽ تائين آهي، گهٽ ۾ گهٽ وتر هڪ رکعت ۽ وڌ ۾ وڌ يارهن رکعتون آهي. بهتر آهي تہ هر بن رکعتن تي سلام ورائجي. گهٽ ۾ گهٽ ٽي رکعتون بن سلامن سان ڪامل وتر آهي. پهرين رکعت ۾ سورة الاعلىٰ، بيءَ ۾ سورة الڪافرون ۽ ٽيئنءِ ۾ سورة اخلاص پڙهڻ سنت آهي، ٽين رکعت جي رکوع کان پوءِ هٿ کڻي دعا قنوت پڙهڻ مستحب آهي، دعا ڏاڍيان گهرجي، پل اکيلو هجي.

جنازو: مسلمان ميت کي غسل ڏيارڻ، ڪفنائڻ، مٿس نماز پڙهڻ، سندس کٽ ۽ دفنائڻ فرض ڪفايہ آهي، البتہ جنگ جي شهيد کي نہ غسل ڏنو ويندو ۽ نہ ئي ڪفن ڏنو ويندو. البتہ ان تي جنازي نماز پڙهڻ جائز آهي. ڪيس ان حالت ۾ ئي دفن ڪيو ويندو جنهن حالت تي مئو آهي. مرد کي ٽن اڇين چادرن ۾ ڪفنايو ويندو. عورت پنجن ڪپڙن ۾ ڪفنائي ويندي، يعني گوڏ، رئو، قميص ۽ بہ چادرون. سنت آهي تہ امام ۽ اکيلو ماڻهو، مرد جي سيني وٽ بيهي ۽ عورت جي وچ تي بيهي. ان کان پوءِ چار تڪبيرون چئي، هر تڪبير سان هٿ مٿي کڻي. پهرين تڪبير سان شروعات ڪري، پوءِ اعوذ بالله، بسم الله ۽ سورة فاتحہ آهستي پڙهي. ان کان پوءِ بي تڪبير چئجي ۽ نبي ڪريم ﷺ تي درود پڙهجي. ان کان

لڳي). اللّهم لا مانع لما اعطيت، ولا معطي لما منعت، ولا ينفع ذا الجد منک الجد (اي الله! جيڪو ڪجهہ تون ڏيندو آهي تنهن کي ڪوئي روڪڻ وارو ناهي، ۽ جو ڪجهہ تون روڪيندو آهين سو ڪوئي ڏيندڙ ناهي، ڪوبہ طاقت وارو ڪو فائدو نہ ٿو ڏئي سگهي، طاقت تو وٽان ئي آهي). فجر ۽ مغرب نمازن کان پوءِ مٿين سان گڏ هيءُ بہ پڙهي : لا الہ الا الله وحده لاشريک لہ، لہ الملک ولہ الحمد، يحيي ويميت، وهو علي کل شيءٍ قدير (الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي، اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪوبہ شريک ناهي، سڄو ملڪ ۽ سڀ ساراهہ ان جي آهي، جيارينڊو بہ آهي ۽ ماريندو بہ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي وڏي وس وارو آهي) (ڏهہ دفعا). ان کان پوءِ سبحان الله (۳۳ دفعا)، الحمد لله (۳۳ دفعا)، الله اڪبر (۳۳ دفعا) چئي ۽ هن طرح چئي سؤ پورو ڪري : " لا الہ الا الله وحده لاشريک لہ، لہ الملک ولہ الحمد وهو علىٰ کل شيءٍ قدير " (الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي، اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪوبہ شريک ناهي، سڄو ملڪ ۽ سڀ ساراهہ ان جي آهي ۽ اهو هر شيءِ تي وڏي وس وارو آهي) چئي ان کان پوءِ آيۃ الڪرسي پڙهي، ان کان پوءِ قل هو الله احد، قل اعوذ برب الفلق ۽ قل اعوذ برب الناس پڙهي. فجر ۽ مغرب نمازن کان پوءِ معوذتين ۽ اخلاص تي دفعا ڏهرائي.

پوءِ ٽين تڪبير چئجي ۽ ميت لاءِ دعا گهرجي. ان کان پوءِ چوٽين تڪبير چئي ٿورو بيهجي، ان کان پوءِ سلام ڦيرجي. گرانٽ کان مٿي قبر کٽڻ، ان کي پڪو ڪرڻ، چمي ڏيڻ، اگربتي ٻارڻ، مٿس ڪجھ لکڻ، ان جي مٿان ويهڻ يا هلڻ سڀ حرام آهي، قبر تي ڏيئو ٻارڻ، ان جو طواف ڪرڻ، ان تي مسجد ٺاهڻ، يا مسجد ۾ دفن ڪرڻ حرام آهي، قبرن تي تعمير ٽيل قبا ڊاهڻ واجب آهي.

- تعزيت جي لفظن ۾ ڪا منع ڪانهي. تعزيت ڪندڙ هيئن چئي: (أعظم الله أجرك وأحسن عزاءك وغفر لميّتك) : (الله تنهنجو اجر وڏائي، تنهنجي سهپ چڱي ڪري، تنهنجي ميت کي بخشي). مسلمان کي ڪافر مرده جي تعزيت ۾ هيئن ڪرڻ گهرجي : (أعظم الله أجرك وأحسن عزاءك) : (الله تنهنجو اجر وڏائي ۽ تنهنجي سهپ چڱي ڪري). ڪافر سان تعزيت ڪرڻ حرام آهي، ڇو نہ مسلمان ميت بابت ڪجي.
- جنهن کي خبر هجي تہ سندس گهر وارا ان جي فوتگي تي مٿس پٽڪو ڪندا تہ کيس ائين نہ ڪرڻ جي وصيت ڪرڻ گهرجي، نہ تہ انهن جي مٿس روئڻ جي ڪري کيس عذاب ٿيندو.
- امام شافعي رحمه الله فرمايو آهي تہ : تعزيت لاءِ ويهڻ مڪروه آهي. يعني ميت جي وارثن جو گڏجي ڪنهن گهر ۾ ان لاءِ ويهڻ تہ تعزيت ڪرڻ وارا وٽن اچن. بلڪ ڪين پنهنجن ضرورتن لاءِ نڪري وڃڻ گهرجي، مرد هجن يا عورتون.
- ميت جي گهر وارن لاءِ کاڌو تيار ڪرڻ سنت آهي ۽ انهن جي کاڌي مان کائڻ يا جيڪي ماڻهو وٽن گڏ ٿين تن لاءِ کاڌو ٺاهڻ مڪروه آهي.
- مسلمان جي قبر ڏسڻ بنا سفر ڪرڻ جي سنت آهي. ڪافر جي قبر ڏسڻ بہ جائز آهي. ڪافر کي بہ مسلمان جي قبر ڏسڻ کان منع نہ ڪبو.
- قبرستان ۾ داخل ٿيڻ واري لاءِ سنت آهي تہ هيئن چوي: السلام عليكم دار قومٍ مُؤمنين ـ أو:أهل الديار من المؤمنين ـ وإنا إن شاء الله بكم للاحقون، يرحم الله المستقدِمين منَّا والمستأخرين، نسأل الله لنا ولكم العافية، اللّهُمَّ لا تحرمنا أجرهم، ولا تفتِنَّا بعدهم، واغفر لنا ولهم (توهان تي سلامتي هجي مؤمن ماڻهن جي رهائش وارؤ! (يا چئي : اي هنن گهرن وارا مؤمنو!) ۽ يقينا اسان بہ ان شاءَ الله توهان سان ملڻ وارا آهيون، الله تعالىٰ اسان مان اڳي ويندڙن ۽ پويان ايندڙن تي رحم ڪري، الله تعالىٰ کان پنهنجي ۽ توهان جي لاءِ عافيت ٿا گهرون، اي الله! اسان کي انهن جي اجر کان محروم نہ ڪر ۽ انهن کان پوءِ اسان کي فتني ۾ نہ وجهه ۽ اسان کي ۽ انهن کي بخشي ڇڏ).

عيدن جي نماز : فرض ڪفايہ آهي. ان جو وقت چاشت جي نماز وارو وقت آهي، جيڪڏهن زوال کان پوءِ عيد جي خبر پئي تہ ٻئي ڏينهن قضا ڪري پڙهبي. ان جا شرط ۽ خطبن کان سواءِ باقي ساڳيا جمعي وارا آهن. ان کان اڳ ۽ پوءِ عيدگاه ۾ نفل مڪروه آهي.

عيد نماز پڙهڻ جو طريقو: ہ رڪعتون پڙهبيون، پهرينءَ رڪعت ۾ تڪبيرتحريمہ کان پوءِ ۽ اعوذ بالله پڙهڻ کان اڳ ڇهہ تڪبيرون چئبيون ۽ بيءَ رڪعت ۾ قرائت کان اڳ پنج تڪبيرون. هر تڪبير سان هٿ بلند ڪبا. ان کان پوءِ اعوذ بالله چئبو. ان کان پوءِ فاتحہ ڏاڍيان پڙهبي. ان کان پوءِ پهرين رڪعت ۾ سورت (سبح اسم) ۽ بي رڪعت ۾ (الغاشيہ) پڙهبي. سلام ورائڻ کان پوءِ جمعي جي خطبن وانگر ہ خطبا ڏجن. پر انهن ۾ تڪبير گهٽي پڙهڻ سنت آهي. جيڪڏهن عيد نماز، نفلي نماز وانگر پڙهيائين تہ صحيح آهي، ڇاڪاڻ تہ واڌاريون تڪبيرون سنت آهن.

سج ۾ چنڊ گرهڻ جي نماز: اها سنت آهي، ان جو وقت سج ۾ چنڊ جي گرهڻ جي شروع ٿيڻ کان وٺي ان جي ختم ٿيڻ تائين آهي. ان جو سبب (گرهڻ) ختم ٿيڻ کان پوءِ اها قضا نه ڪبي، ان جون ٻه رڪعتون آهن. پهرين رڪعت ۾ سورة فاتحه ۽ ڪا ڊگهي سورة ڏاڍيان پڙهبي. ان کان پوءِ ڊگهو رڪوع ڪبو. ان کان پوءِ اٿي (سمع الله لمن حمده) ۽ (ربنا لک الحمد) چئي ۽ سجدو نه ڪري بلڪ ٻيهر سورة فاتحه ۽ ڪا ڊگهي سورة پڙهي. ان کان پوءِ ڊگهو رڪوع ڪري. ان کان پوءِ اٿي. ان کان پوءِ ٻه ڊگها سجدا ڪري. ان کان پوءِ پهرين رڪعت وانگر ٻي رڪعت پڙهي. ان کان پوءِ التحيات پڙهي، سلام ورائي. جيڪڏهن ڪو مقتدي پهرئين رڪوع کان پوءِ اچي پهتو تہ ان کي رڪعت نہ ملي.

مينهن گهرڻ جي نماز: جڏهن زمين خشڪ ٿي وڃي ۽ مينهن گهٽ وسي تہ هيءَ نماز پڙهڻ سنت آهي. ان جو وقت، طريقو ۽ احڪام عيد نماز وانگر آهن. البتہ نماز کان پوءِ خطبو هڪ پڙهبو. آخر ۾ حالت جي تبديليءَ لاءِ نيڪ فالي طور چادر بدلائڻ سنت آهي.

نفلي نماز: نبي ڪريم ﷺ جن کان روزانو فرض نماز کان سواءِ ٻارنهن رڪعتون پڙهڻ ثابت آهن. اهي آهن: ٻہ رڪعتون فجر کان اڳ. چار رڪعتون ظهر کان اڳ. ٻہ ان کان پوءِ. ٻہ مغرب کان پوءِ، ٻہ عشا کان پوءِ. انهن کان سواءِ ٻيا نفل بہ ڪانئن ثابت آهن.

منع ڪيل وقت: اهڙا وقت جن ۾ نماز پڙهڻ کان منع ڪئي وئي آهي تن ۾ پوري نفلي نماز يا ان جو ڪو حصو بہ پڙهڻ جائز ناهن. اهي هي آهن. (۱) باک ڦٽيءَ کان سج اپرڻ ۽ نيزي برابر مٿي اچڻ تائين. (۲) سج جي آسمان جي وچ ۾ اچڻ کان زوال ٿيڻ تائين. (۳) عصر نماز کان سج لهڻ تائين. البتہ جن نمازن جا اسباب آهن سي هنن وقتن ۾ بہ پڙهي سگهجن ٿيون. جهڙوڪ: تحية المسجد. طواف جون ٻہ رڪعتون. فجر جون ٻہ سنتون. جنازي جي نماز. وضوءَ جون ٻہ رڪعتون. تلاوت ۽ شڪر جا سجدا.

۞ مسجدن جا احڪام: ضرورت مطابق انهن جي تعمير واجب آهي. هي الله تعالىٰ جون سڀ کان وڌيڪ محبوب جايون آهن. انهن ۾ ڳائڻ، تاڙي وڄائڻ، ساز هلائڻ، حرام بيت بازي ڪرڻ، مردن جو عورتن سان وڇڙڻ، جماع ڪرڻ، واپار جي ڏي وٺ ڪرڻ حرام آهي. اهڙي واپاريءَ کي هيءُ چوڻ سنت آهي: (الله تنهنجي واپار کي فائدي وارو نہ ڪري). گم ٿيل شيءِ جو پڙهو ڏيڻ حرام آهي، جنهن کان اهڙو پڙهو ٻڌجي ان کي هيءُ چوڻ سنت آهي: الله توکي اهو موٽائي نہ ڏئي. جن ٻارن مان ڪو نقصان نہ هجي، انهن کي تعليم ڏيڻ، نڪاح وجهڻ، فيصلو ڪرڻ، جائز مولود چوڻ، اعتڪاف وغيره واري لاءِ ان ۾ ننڊ ڪرڻ، مهمان ۽ بيمار جو رات رهڻ ۽ قيلولو ڪرڻ جائز آهي. ٻوڪ نڪاء، جهيڙي جهڪڙي، گهٽي ڳالهائڻ، اٽ وٽندڙ آواز بلند ڪرڻ ۽ بنا ضرورت جي ان کي رستو بنائڻ کان بچڻ سنت آهي. مسجد ۾ دنيا جون فضول ڳالهيون ڪرڻ مڪروه آهن. مسجد جون صفون، ڏيئا (بتيون) يا لائيٽ وغيره شادي ۽ غمي وغيره ۾ استعمال ڪرڻ نہ گهرجن.

زڪـات

زڪات جا قسم: زڪات ڇئن قسمن تي واجب ٿيندي آهي. **پهريون:** جهنگ چرندڙ چوپائي جانورن تي. **ٻيو:** زمين جي پيداوار تي. **ٽيون:** ناڻي (سون چاندي ۽ پيسن ڏوکڙن) تي. **چوٿون:** تجارتي سامان تي.

واجب ٿيڻ جا شرط: زڪات واجب ٿيڻ جا پنج شرط آهن. **پهريون:** اسلام. **ٻيو:** آزادي. **ٽيون:** نصاب کي پهچڻ. **چوٿون:** پوري ملڪيت هجڻ. **پنجون:** سال ڦري اچڻ. يعني سال مڪمل ٿي وڃي. زمين جي پيداوار کان سواءِ.

چوپائي جانورن جي زڪات: اهي ٽي قسم آهن. اٺ، ڍڳو ۽ ريڍ ٻکري، انهن ۾ زڪات واجب ٿيڻ جا ٻہ شرط آهن. (۱) سال يا ان کان وڌيڪ عرصو جهنگ چريا هجن. (۲) کير ونڊ ۽ نسل وڌائڻ لاءِ هجن، ڪم ڪار لاءِ نہ هجن. پر جيڪڏهن واپار لاءِ هجن تہ پوءِ انهن جي زڪات، واپار واري سامان جي زڪات وانگر ٿيندي.

اٺ جي زڪات هن طرح آهي:

تعداد	۱-۴	۵-۹	۱۰-۱۴	۱۵-۱۹	۲۰-۲۴	۲۵-۳۵	۳۶-۴۵	۴۶-۶۰	۶۱-۷۵	۷۶-۹۰	۹۱-۱۲۰
زڪات	زڪات ناهي	هڪ ٻکري	ٻہ ٻکريون	ٽي ٻکريون	چار ٻکريون	گورو (سال وارو)	ٻن سالن جو گورو	ٽن سالن جو گورو	چئن سالن جو گورو	ٻہ گورا ٻن سالن وارا	ٻہ گورا ٽن سالن وارا

جيڪڏهن ۱۲۰ کان مٿي ٽين تہ هر پنجاهہ تي هڪ ٽن سالن وارو گورو ۽ هر چاليهن تي هڪ ٻن سالن وارو گورو .

عربي ۾ : **بنت مخاض:** سال جو گورو، **بنت لبون:** ٻن سالن جو گورو. **حِقہ:** ٽن سالن جو گورو، **جذعہ:** چئن سالن جي گوري کي چئبو آهي.

ڳائي مال جي زڪات:

تعداد	۱- ۲۹	۳۰- ۳۹	۴۰- ۵۹
زڪات	زڪات ناهي	هڪ سال وارو وهڙو	ٻن سالن وارو وهڙو

جيڪڏهن ۶۰ يا ان کان مٿي هجن تہ هر ۳۰ تي هڪ سال وارو هڪ گابو ۽ هر ۴۰ تي ٻن سالن وارو هڪ گابو.

تبيع يا تبيعة: هڪ سال جو گابو يا گابي.

مسن يا مسنة: ٻن سالن وارو گابو يا گابي.

ريڍ ٻکري جي زڪات:

تعداد	۱- ۳۹	۴۰- ۱۲۰	۱۲۱- ۲۰۰	۲۰۱- ۳۹۹
زڪات	زڪات ناهي	هڪ ٻکري	ٻہ ٻکريون	ٽي ٻکريون

۴۰۰ تي تعداد پهچڻ کان پوءِ هر سَو تي هڪ ٻکري. ٻکرين جي زڪات ۾ نر، ڏٻري، کاٽي، ڦرواري، ڍڪي ۽ جيڪا قيمتي ٻکري هجي سا نہ ونڊبي.

جذعة الضان: جنهن کيري کي ڇهہ مهينا پورا ٿين. **ثنی المعز:** جنهن ٻڪرند کي سال پورو ٿيو هجي.

زمين جي پيداوار تي زڪات: نباتات مان هر اناج ۽ ميوي تي زڪات واجب آهي، ان لاءِ ٽي شرط آهن: (۱) نباتات اهڙي هجي جنهن جي ٻرپ ڪئي وڃي ۽ ذخيرو ٿيندي هجي. جهڙوڪ اناج ۾: جوَ ۽ ڪڻڪ. ميوات ۾: انگور ۽ کجي. باقي جنهن جي ماپ تور نہ ٿئي ۽ ذخيرو نہ ٿي ٿئي جهڙوڪ : سبزي ۽ پاڄي وغيره تہ انهن تي زڪات ڪانهي. (۲) نصاب کي پهچڻ: اهو هي تہ ۶۵۳ ڪلوگرام يا ان کان مٿي هجي. (۳) زڪات جي واجب ٿيڻ وقت نباتات زڪات ڏيندڙ جي ملڪيت هجن. وجوب جو وقت هي آهي تہ : ميوو پچڻ شروع ٿي. يعني ميوو ڳاڙهو يا هيڊو ٿيڻ لڳي. ۽ پوک (داڻا) پڪا ٽين ۽ سکي وڃن.

جيڪا پوک بنا تڪليف جي سيراب ٿئي، تنهن ۾ عشر (۱۰%) واجب ٿيندو آهي. يعني باراني زمين، جنهن کي مينهن ۽ نهرن جي ذريعي سيراب ڪيو ويندو آهي. جيڪا زمين تڪليف، محنت ۽ مشقت سان پياري وڃي جيئن نار وغيره مان پاڻي ڪڍي سيراب ڪيو وڃي تہ ان ۾ اڌ عشر (۵%) واجب ٿيندو آهي. باقي جيڪا زمين سال ۾ ڪجهہ وقت مشقت سان ۽ باقي پورو سال بنا مشقت جي پياري وڃي تہ اها غالب طور جنهن طريقي سان پياري وڃي ان مطابق ان تي زڪات واجب ٿيندي ۽ حساب مشقت ۽ بنا مشقت جي ڏينهن مطابق ٿيندو.

هر قسم جي ناڻي (سون چاندي ۽ پيسن ڏوکڙن) جي زڪات: ناڻي جا ٻہ قسم آهن: (۱) سون: ان تي ايستائين زڪات ناهي جيستائين ۸۵ گرامن کي نہ پهچي. (۲) چاندي: ان تي ايستائين زڪات ناهي جيستائين ۵۹۵ گرامن کي نہ پهچي. نقدي ۽ ڪاغذ جي نوٽن تي ايستائين زڪات ناهي، جيستائين انهن جي قيمت زڪات جي وقت

سون ۽ چانديءَ جي بنهي نصابن مان کنهن بہ گهٽ قيمت واري نصاب جيتري نہ هجي. ناڻي تي زڪات ڏهين پتي جو چوٿون حصو يعني اڍائي سيڪڙو (۲ ½ ٪) آهي.

جائز زيور، جيڪي استعمال لاءِ تيار ڪيل آهن، انهن تي زڪات ناهي. باقي جيڪي ڪرائي تي ڏيڻ يا ذخيري ڪرڻ لاءِ تيار ڪيل آهن، انهن تي زڪات آهي.

عورتن لاءِ سون ۽ چانديءَ جو هر قسم جو مروج زيور پائڻ جائز آهي. چاندي ٿوري مقدار ۾ ٿانون جي مٿان استعمال ڪري سگهجي ٿي. مردن لاءِ چاندي مان ٿورو مقدار مستقل طور استعمال ڪرڻ جائز آهي. جهڙوڪ: منڊي يا چشمو وغيره. باقي سون ذري جيترو بہ ٿانون ۾ استعمال ڪرڻ جائز ڪونهي. مردن لاءِ ان جو ٿورو مقدار کنهن بہ شيءِ جي ضمن ۾ استعمال ڪرڻ جائز آهي، جيئن ڪپڑي ۾ بٽڻ يا ڏند تي سون چاڙهائڻ وغيره، بشرطيڪ عورتن سان مشابهت جي طور نہ هجي.

جنهن وٽ مال گهٽ وڌ ٿيندو ٿو رهي ۽ ان تي هر رقم جي زڪات سال ۾ ڪيڏ مشڪل آهي: تہ اهڙو شخص سال ۾ هڪ مقرر ڪيل ڏينهن ۾ ان جي زڪات ڪڍي. ان ڏينهن ڏسي تہ هو ڪيتري ملڪيت جو مالڪ آهي. پوءِ ان مان (۲ ½ ٪) زڪات ڪڍي، جيتوڻيڪ ڪجهہ مال تي سال نہ بہ گذريو هجي. جيڪو شخص پگهار وارو آهي يا ان وٽ اهڙي شيءِ آهي جيڪا ڪرائي طور ڏئي ٿو، جيئن گهر يا زمين، جيڪڏهن ان مان ڪجهہ گڏي نہ سگهيو آهي تہ ان تي زڪات ناهي، گهٽا چو نہ هجن ۽ جيڪڏهن ان مان ڪجهہ گڏ ڪيو اٿس ۽ ان تي سال بہ گذريو آهي تہ ان جي زڪات ڏيندو. جيڪڏهن ان کي اهو ڏکيو لڳي تہ سال ۾ هڪ ڏينهن مقرر ڪري ڇڏي، جيئن مٿي گذريو.

قرض جي زڪات : جنهن جو کنهن شاهوڪار تي قرض آهي، يا ان جو اهڙو مال آهي، جنهن جو اڳاڙڻ ممڪن آهي تہ ان تي گذريل سالن سميت، ڪيترا بہ هجن، ان مال جي زڪات تڏهن ڏيڻ واجب آهي جڏهن اهو ڪيس واپس ملي. ۽ جيڪڏهن اڳاڙڻ ڏکيو آهي، جيئن کنهن سچي تي قرض آهي تہ ان تي زڪات ڪانهي. ڇاڪاڻ تہ ان مال تي سندس تصرف ممڪن ڪونهي.

واپار جي سامان جي زڪات: ان تي چئن شرطن کان پوءِ زڪات آهي، (۱) ان جو مالڪ ٿجي. (۲) ان ۾ تجارت جي نيت ڪري. (۳) ان جي قيمت نصاب کي پهچي. ۽ اهو نصاب سون چانديءَ مان جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت هجي سو آهي. (۴) سال جو پورو ٿيڻ. جڏهن هي شرط پورا ٿين تہ ان جي قيمت مان زڪات ڪڍبي. ۽ جيڪڏهن ان وٽ ڪجهہ سون، ڪجهہ چاندي يا ڪجهہ نقدي هجي تہ ان کي سامان جي قيمت سان ملائي تہ جيئن نصاب مڪمل ٿئي. جيڪڏهن تجارت جي سامان ۾ استعمال ڪرڻ جي نيت ڪري، جيئن: ڪپڑو، گهر، گاڏي، وغيره تہ ان ۾ زڪات ڪانهي. ان کان پوءِ جيڪڏهن وري ان ۾ واپار جي نيت ڪري تہ ان تي نئين سر سال پورو ڪري(۱).

فطرو ڪيڏ : اهو هر مسلمان تي واجب آهي. جڏهن اهو عيد جي رات ۽ ان ڏينهن پنهنجي ۽ پنهنجي عيال جي قوت کان وڌيڪ جو مالڪ هجي. ان جو مقدار آهي (¼ ۲) سوا بہ ڪلوگرام شهر ۾ هلندڙ عام کاڌي مان، هر ماڻهوءَ جي طرفان ڪڍيو ويندو، مرد هجي يا عورت، پنهنجي طرفان ۽ جن جي کاڌي پيتي جو ذميوار هجي، جيڪڏهن عيد رات ان جي طاقت هجيس. زڪات فطر جو ڪيڏ عيد جي ڏينهن نماز کان اڳ مستحب آهي. ان جي ادائگي ۾ عيد جي نماز کان پوءِ تائين تاخير ڪرڻ جائز ناهي. عيد جي ڏينهن کان ڏينهن بہ اڳ ۾ ڪيڏ بہ

---

۱) سامان جو نصاب: ۸۵ گرام جي قيمت (سون جو نصاب) يا ۵۹۵ گرام جي قيمت (چانديءَ جي نصاب) آهي. زڪات ڪيڏ وقت بنهي نصابن مان گهٽ قيمت واري نصاب مطابق زڪات ڪيڏ جائز آهي.

جائز آهي. گهٽن ماڻهن تي جيڪو فطرو واجب ٿئي، سو هڪ شخص کي ڏيڻ جائز آهي ۽ جيڪو هڪ شخص تي واجب ٿئي، سو گهٽن ماڻهن کي ڏيڻ ۾ جائز آهي.

زكات كيڏ: زكات فوري طور كيڏ واجب آهي. ۾ار ۽ چرئي جي زكات انهن جي وارث کي كيڏ لازم آهي. زكات ظاهر كري ڏيڻ سنت آهي ۽ هي ۾ سنت آهي ته مالڪ پاڻ ورهائي ڏئي. زكات كيڏ لاءِ مكلف جي نيت شرط آهي. عام صدقي جي نيت كرڻ كافي نه ٿيندي، ڇو نه سڄو مال صدقو كري. بهتر آهي ته سڄي مال جي زكات پنهنجي شهر جي مسكينن ۾ تقسيم كري. مصلحت خاطر كنهن ٻئي شهر ڏانهن موكلڻ ۾ جائز آهي. نصاب كامل هجي ته ٻن سالن جي زكات اڳواٽ كيڏ ۾ درست ۽ جائز آهي.

زكات جا مستحق: اٺ آهن: (۱) فقير (۲) مسكين (۳) زكات اوڳاڙيندڙ (۴) جن جي دلجوئي كرڻ مقصد هجي (۵) ٻانها (٦) چٽي پيل (قرضي) (۷) الله جي رستي ۾ (۸) مسافر. مڙني کي زكات مان ضرورت آهر ڏجي، باقي ان جي اوڳاڙيندڙ کي مقرر پگهار مطابق ڏجي پوءِ اهو شاهوكار ڇو نه هجي. جيكڏهن خارجين ۽ باغين جو شهر تي قبضو ٿي وڃي ته كين زكات ڏيڻ سان ادا ٿي ويندي. حاكم طرفان ڏاڍ يا رضا سان زكات وٺڻ سان ۾ ادا ٿي ويندي، پوءِ اهو ان ۾ انصاف كري يا ظلم كري.

كافر، ٻانهي، شاهوكار، جنهن جو خرچ پكو مٽس لازم هجي ۽ هاشمي (سيدن) کي زكات ڏيڻ جائز ناهي. جيكڏهن اٺ ڄاڻائيءَ ۾ غير مستحق کي زكات ڏنائين ۽ پوءِ خبر پيس ته جائز نه ٿيندي. ها جيكڏهن كنهن کي فقير سمجهي ڏنائين ۽ پوءِ اهو شاهوكار ظاهر ٿيو ته اها زكات جائز ٿي ويندي.

نفلي صدقو: رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي: : « إِنَّ مِمَّا يَلْحَقُ الْمُؤْمِنَ مِنْ عَمَلِهِ وَحَسَنَاتِهِ بَعْدَ مَوْتِهِ عِلْمًا عَلَّمَهُ وَنَشَرَهُ، وَوَلَدًا صَالِحًا تَرَكَهُ، وَمُصْحَفًا وَرَّثَهُ، أَوْ مَسْجِدًا بَنَاهُ، أَوْ بَيْتًا لابْنِ السَّبِيلِ بَنَاهُ، أَوْ نَهْرًا أَجْرَاهُ، أَوْ صَدَقَةً أَخْرَجَهَا مِنْ مَالِهِ فِي صِحَّتِهِ وَحَيَاتِهِ يَلْحَقُهُ مِنْ بَعْدِ مَوْتِهِ » "مؤمن کي جيكي سندس عمل ۽ نيكيون سندس موت كان پوءِ ملنديون، سي آهن: علم، جيكو ٻين کي سيكاريائين ۽ ان جي اشاعت كيائين. صالح اولاد، جيكو پوئتي ڇڏيائين. قرآن شريف، جنهن جو كنهن کي وارث بٽايائين. يا مسجد تعمير كرايائين. يا مسافرخانو ٺهرايائين. يا نهر جاري كرايائين. يا پنهنجي مال مان تندرستي ۽ حياتيءَ ۾ صدقو كيڏيائين. اهي كيس سندس موت كان پوءِ ملندا". (ابن ماجه).

روزا

رمضان مبارڪ جو روزو هر : مسلمان، عاقل، بالغ، روزي جي طاقت رکندڙ تي واجب آهي. حيض ۽ نفاس واري عورت کان سواءِ. ٻار جيڪڏهن روزي جي طاقت رکي تہ ان کي روزي رکڻ جو حڪم ڪجي تہ جيئن عادت پئيس. رمضان مبارڪ جو اچڻ بن ڳالهين مان هڪ سان معلوم ٿيندو آهي. (۱) چنڊ ڏسڻ سان، جنهن جي شاهدي مسلمان، عادل، مڪلف ڏئي، چو نہ عورت ئي هجي. (۲) شعبان مهيني جا ٽيهہ ڏينهن پورا ٽين. روزي جو وجوب : صبح صادق کان ويندي سج لهڻ تائين رهي ٿو. فرض روزي جي، فجر کان اڳ نيت ڪرڻ ضروري آهي.

روزي جا پيچندڙ : (۱) فرج ۾ جماع ڪرڻ : اهڙي شخص تي قضاء ۽ ڪفارو (يعني ٻانهو آزاد ڪرڻ) واجب آهي. ٻانهي آزاد ڪرڻ جي طاقت نہ هجي تہ لاڳيتو ٻہ مهينا روزا رکڻ. جنهن کي ان جي بہ طاقت نہ هجي تہ سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ. جنهن کي ان جي بہ طاقت نہ هجي تہ پوءِ ان تي ڪجهہ بہ ناهي. (۲) منيءَ جو نڪرڻ: چمي ڏيڻ، هٿ لائڻ يا مشت زني جي سببان، باقي تڙ پوڻ سان ڪجهہ بہ لازم ناهي. (۳) ڄاڻي واڻي کائڻ يا پيئڻ، جيڪڏهن پل ۾ ڪاڏائين يا پيتائين تہ ان جو روزو صحيح آهي. (۴) رت ڪيرائڻ: سگهي هٽائڻ يا عطيي طور ڏيڻ جي ڪري. البتہ ٿورڙو رت جيڪو ٽيسٽ لاءِ يا بنا ارادي جي نڪري جهڙوڪ زخم يا نڪسير جي ڪري تہ ان سان روزو نہ پيچندو. (۵) ڄاڻي واڻي الٽي ڪرڻ.

جيڪڏهن ذ اڏي نڙيءَ ۾ پئجي وڃي يا گرڙي ڪرڻ يا نڪ کي پاڻي ڏيڻ جي ڪري نڙيءَ کي پاڻي لڳي يا برا خيال اچڻ جي ڪري ڇڙي پئي يا تڙ پئجي وڃي يا بنا ارادي جي رت يا الٽي اچي وڃي تہ روزو نہ ٽٽندو.

جنهن رات سمجهي کاڏو پيتو پوءِ خبر پيس تہ ڏينهن آهي تہ ان تي قضا لازم آهي. جنهن رات ۾، باک ڦٽيءَ جو شڪ ڪندي کاڏو پيتو تہ ان جو روزو خراب نہ ٽيندو. جيڪڏهن ڏينهن ۾، سج لهڻ جو گمان ڪندي کاڏائين تہ ان تي قضا لازم آهي.

روزي نہ رکندڙن جا احڪام: بنا عذر جي رمضان ۾ روزو نہ رکڻ حرام آهي. حيض ۽ نفاس واري عورت ۽ جنهن کي ڪنهن معصوم ٻار جي زندگي بچائڻ جي ضرورت هجي، تنهن کي روزو نہ رکڻ واجب آهي. اهڙو مسافر، جنهن کي نماز قصر ڪري پڙهڻ جائز آهي ۽ کيس روزي رکڻ سان تڪليف ٿي ٿئي ۽ جنهن مريض کي نقصان ٽيڻ جو خطرو هجي تہ ان لاءِ روزو نہ رکڻ سنت آهي. جيڪو سفر ۾ ناهي پر کيس ڏينهن جي اندر اندر سفر ڪرڻو آهي، ۽ پيٽ واري ۽ ڪير پيارينڊڙ عورت، جن کي پنهنجو يا ٻار جو خطرو هجي، انهن لاءِ روزو نہ رکڻ جائز آهي. هنن سيني تي صرف قضا آهي. جيڪا عورت پيٽ سان هجي يا ٽڄ پيارينڊڙ هجي ۽ کيس رڳو ٻار جو خوف هجي تہ ان تي قضاء سان گڏ، وڌيڪ اهو بہ آهي تہ هر روز هڪ مسڪين کي کاڏو کارائي.

جيڪو شخص پيريءَ يا اهڙي بيماريءَ جي ڪري روزن رکڻ کان عاجز هجي جنهن کان چاڪ ٽيڻ جي اميد نہ اٿس تہ اهو هر روز هڪ مسڪين کي کارائي، ان تي قضا ڪانهي.

جنهن عذر جي ڪري قضا ۾ دير ڪئي تان جو ڪيس پيو رمضان اچي پهتو تہ ان تي صرف قضا آهي. ۽ جيڪڏهن بنا عذر جي دير ڪيائين تہ قضا سان گڏ هر روز هڪ مسڪين بہ کارائڻو پوندس. جيڪڏهن عذر جي سببان قضا ۾ دير ڪيائين ۽ مري ويو تہ ان تي ڪجهہ بہ ناهي. ۽ جيڪڏهن بنا عذر جي دير ڪيائين ۽ مري ويو تہ ان جي پاران هر ڏينهن هڪ مسڪين کارائڻو پوندو. ان جي قريبي مائٽ لاءِ سنت آهي تہ اهو روزو رکي جنهن جي قضا ۾ ان کان ڪوتاهي ٿي آهي ۽ اهو روزو بہ رکي جيڪو ان جو باسيل آهي. اهڙيءَ ريت ان جي طرفان هر باس نفل طور ادا ڪري.

جنهن ڪنهن عذر جي ڪري روزو ڇڏيو، پوءِ رمضان جي وچ ڏينهن ۾ ان جو اهو عذر ختم ٿي ويو تہ ان لاءِ لازم آهي تہ باقي وقت کائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏي. جيڪڏهن وچ ڏينهن ۾ ڪافر مسلمان ٿيو، حيض واري عورت

پاڪ ٿي يا بيمار ڇڪو پلو ٿيو يا مسافر موٽي آيو يا صغير بالغ ٿيو يا چريو سياڻو ٿي پيو ۽ اهي بي روزائت هئا تہ انهن تي قضا لازم ٿيندي، ڇو نہ انهن باقي ڏينهن روزو رکي پورو ڪيو هجي. جنهن جي لاءِ رمضان جو روزو نہ رکڻ جائز آهي، ان کي منجهس کنهن ٻئي روزي رکڻ جي اجازت ناهي.

نفلي روزو: ان ۾ افضل هي آهي تہ هڪ ڏينهن روزو هجي ۽ هڪ ڏينهن نہ هجي. ان کان پوءِ افضل آهي سومر ۽ خميس جي ڏينهن جو روزو. ان کان پوءِ هر مهيني تي ڏينهن روزا رکڻ. انهن مان افضل آهن هر چنڊ جي مهيني ۾ چانڊوڪيءَ جي ڏينهن (۱۳-۱۴-۱۵) وارا روزا. محرم ۽ شعبان جا اڪثر ڏينهن، عاشورن جي ڏينهن، عرفات جي ڏينهن ۽ شوال جي ڇهن ڏينهن جا روزا سنت آهن. رجب، جمعي ۽ ڇنڇر جي ڏينهن جو اڪيلو روزو ۽ شڪ جي ڏينهن جو روزو مڪروه آهي. شڪ وارو ڏينهن : شعبان جي ٽيهين (۳۰) تاريخ جيڪڏهن آسمان بلڪل صاف هجي، ان کي چئبو آهي. عيد الفطر جي ڏينهن، عيد الضحىٰ جي ڏينهن ۽ ايام تشريق (۱۱، ۱۲، ۱۳ ذوالحج) جو روزو رکڻ حرام آهي. البتہ ايام تشريق جا روزا ان لاءِ جائز آهن جنهن تي تمتع ۽ قرآن جو دم واجب هجي.

ڪجھ فائدا : جيڪو حدث اڪبر (وڏي ناپاڪائي) سان هجي - جيئن : تڙ وارو ماڻهو، حيض ۽ نفاس واري عورت، جڏهن اهي فجر کان اڳ پاڪ ٿي وڃن - تہ انهن لاءِ فجر جي آذان کان پوءِ غسل ڪرڻ ۽ غسل کان اڳ سحري کائڻ جائز آهي ۽ روزو صحيح آهي.

- عورت لاءِ جائز آهي تہ رمضان شريف ۾ مسلمانن سان عبادت ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ حيض کي پوئتي ڪرڻ واريون دوائون استعمال ڪري. بشرطيڪ نقصان ٿيڻ جو خطرو نہ هجي.
- روزيدار لاءِ وات جو پاڻي ۽ اندريون بلغم وغيره ڪڍڻ جائز آهي.
- نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: « لا تَزَالُ أُمَّتِي بِخَيْرٍ مَا عَجَّلُوا الإِفْطَارَ وَأَخَّرُوا السُّحُورَ » "منهنجي امت جيستائين افطار ۾ جلدي ۽ سحريءَ ۾ دير ڪندي، تيستائين خير سان هوندي". (احمد). نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو : « لا يَزَالُ الدِّينُ ظَاهِرًا مَا عَجَّلَ النَّاسُ الْفِطْرَ لأَنَّ الْيَهُودَ وَالنَّصَارَى يُؤَخِّرُونَ » "ايستائين دين غالب رهندو جيستائين افطاري ۾ تڪڙ ڪندا، ڇاڪاڻ تہ يهودي ۽ نصاریٰ ان ۾ دير ڪندا هئا". (ابو داود).
- افطار وقت دعا گهرڻ مستحب آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي: «إن للصَّائِمِ عِنْدَ فِطْرِهِ دَعْوَةً لا تُرَدُّ» "روزيدار لاءِ افطار وقت هڪ دعا آهي جيڪا رد نہ ڪئي ويندي آهي". (ابن ماجہ). افطار جي وقت جون جيڪي دعائون آيل آهن انهن مان هڪ هي آهي: : « ذَهَبَ الظَّمَأُ وَابْتَلَّتْ الْعُرُوقُ وَثَبَتَ الأَجْرُ إِنْ شَاءَ اللَّهُ » "اڄ لهي وئي، رڳون آليون ٿي پيون ۽ الله گهريو تہ ثواب ثابت ٿي ڇڪو". (ابوداود).
- ڏنگ ڏوڪي سان افطار ڪرڻ سنت آهي، نہ ملن تہ ڪتل ڪارڪ سان، نہ ملن تہ پوءِ پاڻي پي افطار ڪجي.
- روزيدار کي روزي جي حالت ۾ سرمي پائڻ، اک يا ڪن ۾ ٽيپي وجهڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن اختلاف کان بچي وڃي. پر جيڪڏهن علاج جي خاطر ضرورت هجي تہ پوءِ کو پئو ڪونهي، دوا جو ذائقو ڇو نہ سندس حلق تائين پهچي وڃي، تہ بہ روزو صحيح آهي.
- صحيح قول مطابق روزي ۾ مڙني وقتن تي ڏندڻ ڪرڻ سنت آهي.
- روزي دار تي گلا، چغلي ۽ ڪوڙ وغيره ڇڏڻ واجب آهي. جيڪڏهن ڪير ڪيس گار ڏئي يا برو ڀلو ڳالهائي تہ چوڻ گهرجي : آءٌ روزي سان آهيان. پنهنجي زبان ۽ بين عضون کي گناهن کان بچائي روزي جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. نبي ڪريم ﷺ جن کان آيو آهي تہ پاڻ فرمايائون: «مَنْ لَمْ يَدَعْ قَوْلَ الزُّورِ وَالْعَمَلَ بِهِ فَلَيْسَ لِلَّهِ

حَاجَةٌ فِي أَنْ يَدَعَ طَعَامَهُ وَشَرَابَهُ» "جنهن کوڙ ڳالهائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ نه ڇڏيو، ته الله کي ان جي ڪابه ضرورت ڪانهي ته اهو پنهنجو کاڌو پيتو ڇڏي". (بخاري).

- جنهن کي کاڌي جي دعوت ڏني وڃي ۽ هو روزي سان هجي ته کاڌي جي مالڪ کي دعا ڪري، جيڪڏهن بنا روزي جي آهي ته کائي.
- ليلة القدر سال جي وڏ ۾ وڏ فضيلت ڀري رات آهي. ان جو ملڻ رمضان جي آخري ڏهي سان خاص آهي. ستاويهين رات سندس ٽيڻ جو وڏيڪ تاڪيد آيو آهي. ان رات ۾ عمل ڪرڻ، هزار مهينن جي عمل کان وڏيڪ بهتر آهي. ان جون ڪجهه نشانيون آهن، جن مان کي هي ته : ان رات جي صبح جو سج اچو اپرندو ان ۾ گهٽا شعاع نه هوندا. ان رات موسم معتدل هوندي. ٽي سگهي ٿو ته ڪنهن مسلمان کي اها ملي به وڃي پر ڪيس ان جي خبر ئي نه پوي. تنهن ڪري هر ماڻهوءَ کي رمضان شريف ۾ عبادت گهٽي ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري آخري ڏهاڪي ۾. اها ڪوشش ڪري ته ڪائنس ڪنهن به رات جو قيام فوت نه ٿئي. جيڪڏهن تراويحون جماعت سان پڙهي ته ايستائين واپس نه موٽي جيستائين امام سڀ تراويحون پڙهي پوريون نه ڪري، ته جيئن ان لاءِ سڄي رات جو قيام لکيو وڃي.
- جنهن نفلي روزو رکيو ته ان لاءِ ان جو پورو ڪرڻ سنت آهي، واجب ڪانهي. جيڪڏهن ڄاڻي واڻي ٽوڙيائين ته کو حرج ڪونهي ۽ (ڪن وٽ) ان تي کابه قضا ڪانهي.
- اعتڪاف: هن کي چئبو آهي ته ڪوبه عاقل مسلمان عبادت خاطر مسجد ۾ جڏجي ويهي رهي. ان جو شرط آهي ته : اعتڪاف ڪرڻ وارو وڏي ناپاڪائيءَ کان پاڪ ٿيل هجي. ڪنهن تمام ضروري حاجت کان سواءِ ٻاهر نه ٿو نڪري سگهي. جهڙوڪ: کاڌو کائڻ، قضاء حاجت ۽ تڙ لاهڻ وغيره. بنا ضرورت جي ٻاهر نڪرڻ ۽ جماع ڪرڻ سان اعتڪاف ڀڄي پوندو. اعتڪاف هر وقت سنت آهي. رمضان شريف ۾ سنت موڪده آهي. ان جي آخري ڏهي ۾ وڏيڪ موڪد آهي. گهٽ ۾ گهٽ اعتڪاف جي مدت هڪ گهڙي آهي. مستحب آهي ته هڪ ڏينهن ۽ رات کان گهٽ اعتڪاف نه ڪري. عورت پنهنجي مڙس جي اجازت کانسواءِ اعتڪاف نه ڪري. اعتڪاف واري لاءِ مستحب آهي ته عبادت ۽ نيڪيءَ ۾ مشغول رهي. گهٽيون جائز شيون ڪرڻ ڇڏي ڏي ۽ اجائي ڳالهين کان پاسو ڪري.

حج ۽ عمرو

حج ۽ عمرو عمر ۾ هڪ دفعو واجب آهي. انهن جي وجوب جا شرط هي آهن: (۱) اسلام (۲) عقل (۳) بلوغت (۴)آزادي (۵) طاقت، اها هيءَ ته سفر جو سامان ۽ سواري موجود هجي. جنهن حج ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي تان جو مري ويو، ته ان جي مال مان ڪڍي حج ۽ عمرو ڪرايو ويندو. ڪافر ۽ چرئي جو حج صحيح ناهي. ٻار ۽ ٻانهي جو حج صحيح ٿيندو، پر اهو انهن لاءِ اسلام جي (فرضي) حج کان ڪافي نه ٿيندو. جنهن کي طاقت ناهي، مثال غريب آهي ۽ ان قرض وٺي حج ڪيو ته ان جو حج صحيح ٿيندو. جنهن ڪنهن ٻئي جي پاران حج (بدل) ڪيو، حالانڪ پنهنجو اسلام وارو (فرضي) حج نه ڪيو اتس ته اهو ان جو پنهنجو فرضي حج ٿيندو.

احرام: جيڪو احرام جو ارادو ڪري تنهن تي غسل ڪرڻ، صفائي ڪرڻ، خوشبو مکڻ، سبيل ڪپڑا لاهڻ، اڇي ۽ صاف ستري گوڏ ۽ چادر پائڻ سنت آهي. ان کان پوءِ هيءُ چئي احرام وارو ٿئي، (عمرو هجي ته) : لبيک اللهم عمرة. (حج هجي ته) : لبيک اللهم حجًا. (حج ۽ عمرو ٻئي هجن ته) : لبيک اللهم حجًا وعمرة. جيڪڏهن نه پهچڻ جو خطرو هجيس ته اهو شرط ڪري، (لبيک سان گڏ) هيئن چئي : فَإن حَبَسَنِي حَابِس فَمَحِلّي حَيثُ حَبَستَنِي.

حاجيءَ کي ٽن طريقن سان حج ڪرڻ جو اختيار آهي : تمتع، اِفراد ۽ قِران. انهن مان افضل آهي تمتع : اهو هي ته حج جي مهينن ۾ عمري جو احرام ٻڌجي، پوءِ (فارغ ٿي) اهو لاهجي، ان کان پوءِ انهيءَ سال ئي حج جو احرام ٻڌجي. افراد چئبو آهي: اڪيلي حج جي احرام ٻڌڻ کي. قران چئبو آهي : ٻنهي جو گڏي احرام ٻڌڻ کي. يا صرف عمري جو احرام ٻڌي، پوءِ ان جي طواف شروع ڪرڻ کان اڳ ئي ان ۾ حج کي به شامل ڪري ڇڏي.

جڏهن حج تي ويندڙ پنهنجي سواريءَ تي ويهي روانو ٿئي ته چئي : لبيک اللهم لبيک، لبيک لاشريک لک لبيک. ان الحمد والنعمة لک والملک. لاشريک لک. تلبيه گهٽي کان گهٽو پڙهڻ ۽ عورتن کان سواءِ ٻين لاءِ وڏي آواز سان پڙهڻ مستحب آهي.

احرام ۾ جن شين کان بچڻ گهرجي: اهي نو آهن. (۱) وار ڪوڙڻ. (۲) ننهن ڪترڻ. (۳) مردن لاءِ سبيل ڪپڑا پائڻ. ها جيڪڏهن گوڏ نه هجيس ته پل سلوار پهري يا جتيون نه هجنس ته موزا پهري پر انهن کي مٽيان ڪٽي ته جيئن پيڏين کان هيٺ هجن. ان تي ڪو فديو (چٽي) ناهي. (۴) مردن لاءِ مٿو ڍڪڻ. (۵) ڪپڑن ۽ بدن کي خوشبو مکڻ. (۶) شڪار ڪرڻ. يعني اهڙو جهنگلي جانور مارڻ جنهنجو عام طرح شڪار ڪرڻ جائز آهي. (۷) نڪاح ڪرڻ: اهو حرام آهي ۽ ان ۾ فديو ناهي. (۸) فرج کان ٻاهر شهوت سان همبستري ڪرڻ. ان جو فديو آهي : ٻکري ڪهڻ يا تي ڏينهن روزا رکڻ يا ڇهن مسڪينن کي کاڏو کارائڻ. (۹) فرج ۾ وطيو ڪرڻ. اهو جيڪڏهن پهرين ڪلڻ (احرام لاهڻ) کان اڳ آهي ته ان جو حج ٻڇي پوندو. پر ان کي پورو ڪرڻ ۽ ايندڙ سال قضا ڪرڻ واجب آهي. ان سان گڏ اُٺ به ذبح ڪرڻو پوندس. جيڪو مڪي جي غريبن ۾ ورهايو ويندو. ۽ جيڪڏهن پهرئين ڪلڻ (احرام لاهڻ) کان پوءِ آهي ته حج نه ٻڇندو، ان تي (اٺ يا ڳئون) قرباني ڪرڻ واجب ٿيندي.

جيڪڏهن عمري ۾ همبستري ڪيائين ته اهو ٻڇي پوندو ۽ ان تي ٻکري لازم ٿيندي ۽ ان جي قضا واجب ٿيندي. حج ۽ عمرو همبستريءَ کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ سان نه ٻڇندو. عورت به انهن احڪامن ۾ مرد وانگر آهي. سواءِ هن جي ته ان لاءِ سبيل ڪپڑا پائڻ جائز آهن. اها برقعو يا نقاب ۽ دستانا نه پائي.

فديو (چٽي) : به قسم آهي. (۱) اختياري: اهو آهي : مٽي ڪوڙڻ، خوشبو مکڻ، ننهن ڪترڻ، مٽي ڍڪڻ ۽ مردن لاءِ سبيل ڪپڑن پهرڻ جو فديو. جنهن ۾ ڪيس اهو اختيار آهي ته : ٽي ڏينهن روزا رکي، يا ڇهن مسڪينن کي کارائي، هر مسڪين کي اڌ ٽويو (ڏيڍ ڪلو). يا ٻکري ذبح ڪري. شڪار جو فديو آهي : جهڙو جانور قتل ڪيائين ان جهڙو جانور ڏيڻ. جيڪڏهن ان جهڙو ملي ته . ۽ جيڪڏهن نه ملي ته ان جي قيمت ڏجي. (۲) ترتيب وار: اهو آهي ته تمتع ۽ قران واري تي ٻکري. جماع جي چٽي : بُدنه (اٺ يا ڳئون). جيڪڏهن اهي ادا نه ڪري سگهي ته ٽي روزا حج جي ڏينهن ۾ رکي ۽ ست روزا جڏهن گهر موٽي اچي. ۽ قرباني يا کاڏو رڳو حرم جي غريبن لاءِ آهي.

مکي ۾ دخول: جڏهن حاجي مسجد حرام ۾ داخل ٿئي ته مسجدن ۾ داخل ٿيڻ واري دعا پڙهي. ان کان پوءِ جيڪڏهن تمتع وارو آهي ته عمري جي طواف سان شروعات ڪري. جيڪڏهن افراد يا قران وارو آهي ته طواف قدوم سان شروعات ڪري. احرام واري چادر جو وچ ساڄي ڪلهي جي هيٺيان ڦيرائي، ان جا ٻئي پاسا کاٻي ڪلهي تي رکي اضطباع ڪري. حجر اسود کان شروعات ڪري، ان کي هٿ لائي ۽ چمي. يا ان ڏانهن اشارو ڪري ۽ چئي: بسم الله والله اكبر. ائين هر چڪر سان ڪري. ان کان پوءِ بيت الله پنهنجي کاٻي کان ڪري ۽ ست دفعا طواف ڪري. وس آهر پهرين ٽن چڪرن ۾ رمل ڪري (يعني طواف ۾ ويجهيون ۽ تڪڙيون وکون کڻي) ۽ باقي چڪرن ۾ معمول مطابق هلي. جڏهن به رکن يمانيءَ جي سامهون اچي ته ٽي سگهيس ته ان کي هٿ لائي. رکن يماني ۽ حجر اسود جي وچ ۾ چئي: ﴿ وَمِنْهُم مَّن يَقُولُ رَبَّنَآ ءَاتِنَا فِى ٱلدُّنْيَا حَسَنَةً وَفِى ٱلْءَاخِرَةِ حَسَنَةً وَقِنَا عَذَابَ ٱلنَّارِ ﴾. ۽ سيني چڪرن ۾ جيڪا وٽيس سا دعا گهري. ان کان پوءِ جيڪڏهن ٽي سگهي ته مقام (ابراهيم) جي پٺيان ٻه رڪعتون نماز پڙهي. انهن ۾ سورة الكافرون ۽ اخلاص پڙهي. ان کان پوءِ زم زم جو پاڻي پيئي، جيترو ٽي سگهي گهٽو پيئجي. وري حجر اسود ڏانهن موٽي اچجي. ٽي سگهي ته هٿ لائجي. ان کان پوءِ ملتزم وٽ (حجر اسود ۽ دروازي جي درميان) دعا گهري. ان کان پوءِ صفا ڏانهن نڪري ۽ ان تي چڙهي ۽ چئي: "اَبْدَأُ بِمَا بَدَاَ اللهُ بِه" (اتان ٿو شروعات ڪيان جتان الله شروعات ڪئي آهي) ۽ هيءَ آيت پڙهي : ﴿إِنَّ ٱلصَّفَا وَٱلْمَرْوَةَ مِن شَعَآئِرِ ٱللَّهِ ۖ فَمَنْ حَجَّ ٱلْبَيْتَ أَوِ ٱعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِ أَن يَطَّوَّفَ بِهِمَا ۚ وَمَن تَطَوَّعَ خَيْرًا فَإِنَّ ٱللَّهَ شَاكِرٌ عَلِيمٌ ﴾ (بيشڪ صفا ۽ مروه الله جي نشانين مان آهن، پوءِ جيڪو بيت الله جو حج يا عمرو ڪري، تنهن تي انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڊوڙڻ ۾ ڪو گناهه ناهي، ۽ جيڪو نفلي نيڪي ڪندو ته الله ان جو قدر ڪندڙ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي). ان سان گڏ تڪبير (الله اكبر) ۽ تهليل (لا اله الا الله) پڙهي. ڪعبي ڏانهن منهن ڪري هٿ بلند ڪري ۽ دعا گهري. ان کان پوءِ هيٺ لهي ۽ سائي نشان جي طرف آرام سان هلي. ان کان وڌي ٻئي نشان تائين ڊوڙي. ان کان پوءِ مروه تائين آرام سان هلي. اتي ائين ڪري جيئن صفا تي ڪري چڪو آهي. آيت پڙهڻ کان سواءِ. ان کان پوءِ هيٺ لهي، ائين ڪري جيئن پهرئين چڪر ۾ ڪري چڪو آهي. اهڙيءَ طرح ست چڪر پورا ڪري. صفا کان مروه تائين هڪ چڪر آهي ۽ مروه کان صفا تائين ٻيو چڪر آهي. ان کان پوءِ پنهنجا وار ڪٽائيندو يا ڪوڙائيندو. ڪوڙائڻ افضل آهي. ها تمتع ۾ اهو افضل ناهي، ڇاڪاڻ ته ان کان پوءِ حج ڪندو.باقي قارن ۽ مفرد طواف قدوم کان پوءِ ايستائين احرام نه لاهيندا جيستائين عيد جي ڏينهن جمرة عقبه کي پٿريون هڻي. عورت جا احڪام مرد وارائي آهن پر اها طواف ۽ سعي ۾ تڪڙو نه هلندي.

حج جو طريقو: جڏهن ترويه (انين تاريخ) جو ڏينهن ٿئي ته جيڪڏهن احرام ٻڌل نه هجيس ته هينئر مکي ۾ پنهنجي رهائشگاه تان احرام ٻڌي ۽ مني ڏانهن نڪري ته جيئن نائين جي رات اتي گذاري. جڏهن نائينءَ جي ڏينهن جو سج اپري ته چاشت مهل عرفات ڏانهن هلي. جڏهن سج جو زوال ٿئي ته ظهر ۽ عصر گڏي قصر ڪري پڙهي. سڄي عرفات ٻيهڻ جي جاءِ آهي، وادي عرنه کان سواءِ. (لا اله الا الله وحده لاشريك له، له الملك وله الحمد وهو علىٰ كل شيء قدير) جو ورد گهٽو ڪري. دعا، توبه ۽ الله ڏانهن شوق ۽ رغبت جي گهٽي ڪوشش ڪري. جڏهن سج لهي ته آرام ۽ سڪون سان تلبيه پڙهندو ذڪر ڪندو مزدلفي ڏانهن هلي پئي. جڏهن مزدلفي پهچي ته اتي مغرب ۽ عشا گڏ قصر ڪري پڙهي. ان کان پوءِ رات اتي ٽڪي. ان کان پوءِ فجر پهرئين وقت ۾ پڙهي ۽ ڏينهن روشن ٿيڻ تائين اتي ٻيهي دعا گهرندو رهي. پوءِ سج اپرڻ کان اڳيئي هلي پئي. جڏهن وادي محسر وٽ پهچي ته جيترو پڄي سگهيس تڪڙو هلي ۽ منىٰ پهچي. شروعات جمره عقبه کي چٽڻ سان ڪري، ان کي ست پٿريون، گليل جي ڳوڙهي يا هلڪي چٽي جي داڻي جيترين سان چٽي. هر پٿريءَ سان تكبير چئي. ۽ چٽڻ ۾ پنهنجو هٿ مٽي ڪري. اهو شرط آهي ته پٿريون حوض (دائري) ۾ ڪرن، جيتوڻيڪ نشان کي نه به لڳن ۽ رمي شروع ڪرڻ سان تلبيه ڇڏي ڏيندو. ان کان پوءِ قرباني ڪندو. ان کان پوءِ مٿو ڪوڙائيندو يا ڪٽائيندو. ڪوڙائڻ افضل آهي. پٿرين چٽڻ ۽ مٽي ڪوڙائڻ کان پوءِ ان لاءِ زالن کان سواءِ هر شيءِ حلال آهي. اهو پهريون

كُلڻ آهي. ان کان پوءِ مکي ڏانهن ورندو ۽ طواف افاضه کندو. اهو طواف واجب آهي. جنهن سان حج پورو ٿيندو آهي. ان کان پوءِ صفا ۽ مروه ڏوڙندو، جيڪڏهن تمتع وارو آهي يا طواف قدوم وقت نه ڏوڙي سگهيو هو. جڏهن ان کان بہ فارغ ٿي وڃي تہ ان لاءِ زالن سميت سڀ ڪجهہ حلال آهي. اهو پيو ڪُلڻ آهي، ان کان پوءِ منيٰ ڏانهن موٽي، ان جون راتيون اتي ٽڪڻ واجب آهي. اتي انهن ڏينهن ۾ زوال کان پوءِ جمرات کي ڇٽي. هر جمري کي ست پٿريون. شروعات جمره اولیٰ کان ڪري ان کي ست پٿريون ڇٽي. ان کان پوءِ ڪجهہ اڇتي وڏي بيهي ۽ الله کان دعا گهري. ان کان پوءِ وچين وٽ اچي. ان کي بہ ساڳيءَ طرح ڇٽي ۽ الله کان اتي بہ دعا گهري. ان کان پوءِ جمره عقبه کي ڇٽي ۽ ان وٽ نہ بيهي. ان کان پوءِ ٻئي ڏينهن بہ ان طرح ڇٽي. پوءِ جيڪڏهن تڪڙ ڪرڻ گهري تہ مغرب کان اڳي نڪري وڃي. جيڪڏهن ٻارهين تاريخ جو سج ڪيس منيٰ ۾ ئي لهي ويو تہ ان کي رات اتي رهڻ لازم ٿي پوندي ۽ ٻئي ڏينهن رمي بہ ڪرڻو پوندو. ها جيڪڏهن هجوم جي ڪري جهلجي پيو آهي جڏهن تہ نڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري چڪو هو تہ پوءِ نڪرڻ ۾ ڪو ٻڌ ڪونهي ڇو نہ سج لٿي کان پوءِ ئي نڪري. قارن بہ مفرد وانگر آهي، هن کان سواءِ تہ ان تي متمتع وانگر قرباني واجب آهي. جيڪڏهن گهر ڏانهن سفر جو ارادو ڪيو اٿس تہ ايستائين نہ نڪري جيستائين بيت الله جو طواف ڪري الوداع نہ ڪري، تہ جيئن اهو بيت الله سان سندس آخري عهد ثابت ٿئي. جيڪڏهن کا حيض ۽ نفاس واري عورت آهي تہ ان تان الوداع وارو طواف لهي ويندو. جيڪڏهن ان کان پوءِ واپار ۾ مشغول ٿي ويو تہ الوداع وارو طواف موٽائيندو. جيڪڏهن ڪو الوداع واري طواف کان اڳ نڪري ويو تہ اهو جيڪڏهن ويجهو آهي تہ موٽي اچي. جيڪڏهن پري آهي تہ پوءِ ان تي دم واجب آهي.

حج جا رڪن چار آهن: (۱) احرام: اهو احڪامن ۾ داخل ٿيڻ جي نيت ڪرڻ کي چئبو آهي. (۲) عرفات ۾ بيهڻ (۳) طواف زيارت (افاضہ) ڪرڻ (۴) حج جو سعي ڪرڻ.

ان جا واجب اٺ آهن: (۱) ميقات کان احرام ٻڌڻ (۲) سج لٿي تائين عرفات ۾ بيهڻ (۳) مزدلفي ۾ اڌ رات کان پوءِ تائين ٽڪڻ (۴) ايام تشريق جون راتيون منيٰ ۾ گذارڻ (۵) جمرات کي ڇٽڻ. (۶) مٿو ڪوڙائڻ يا ڪترائڻ. (۷) الوداعي طواف ڪرڻ. ۸) تمتع ۽ قران واري لاءِ قرباني ڪرڻ. عمري جا رڪن ٽي آهن: (۱) احرام (۲) عمري جو طواف (۳) عمري جو سعي. ان جا واجب بہ آهن: (۱) ميقات کان احرام ٻڌڻ (۲) مٿو ڪوڙائڻ يا ڪترائڻ.

۞ جنهن کو رڪن ڇڏيو : تہ ان جي ادا ڪرڻ کان سواءِ حج يا عمرو پورو نہ ٿيندو. جنهن کو واجب ڇڏيو : تہ دم جو ڏنڊ پوندس. جنهن سنت ڇڏي : ان تي ڪجهہ بہ ناهي.

ڪعبي جي طواف جي صحت جا ۱۳ شرط آهن: (۱) اسلام (۲) عقل (۳) خاص نيت (۴) طواف جي وقت جو دخول (۵) اوگهڙ ڍڪڻ، جنهن کي قدرت هجي. (۶) ناپاڪائيءَ کان پاڪائي. ٻار لاءِ ضروري ناهي (۷) يقين سان ست ڦيرا پورا ڪرڻ (۸) ڪعبي کي پنهنجي کاٻي پاسي ڪرڻ. جنهن ان ۾ خطا ڪئي تنهن کي طواف موٽائڻو پوندو. (۹) پوئين پير نہ موٽڻ. (۱۰) جنهن کي قدرت هجي ان لاءِ هلڻ. (۱۱) لاڳيتو چڪر ڏيڻ. (۱۲) مسجد حرام ۾ اندر هجڻ (۱۳) حجر اسود کان شروعات ڪرڻ.

طواف جون سنتون: حجر اسود کي هٿ لائڻ ۽ ان کي چمڻ. ان وٽ تڪبير چوڻ. رڪن يمانيءَ کي هٿ لائڻ. اضطباع، رمل ۽ عام گهمڻ هر هڪ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ادا ڪرڻ. طواف دوران دعا ۽ ذڪر ڪرڻ. بيت الله جي ويجهو هجڻ. ان کان پوءِ مقام (ابراهيم) پويان بہ رڪعتون نماز پڙهڻ.

سعي ڪرڻ جا شرط نوَ آهن: (۱) اسلام (۲) عقل (۳) نيت (۴) لاڳيتو ڪرڻ (۵) هلڻ (پنڌ ڪرڻ) جنهن کي قدرت هجي (۶) ست چڪر پورا ڪرڻ (۷) بنهي جبلن جي وچين پنڌ کي چڱيءَ طرح پورو ڪرڻ. (۸) صحيح طواف کان پوءِ سعي ڪرڻ. (۹) صفا کان اڪي سان شروع ڪرڻ ۽ مروه کان ٻڌيءَ سان ڪرڻ.

سعي جون سنتون: ناپاڪائي ۽ گندگيءَ کان پاڪ هجڻ. اوگهڙ ڍڪڻ. ان جي وچ ۾ ذڪر ڪرڻ ۽ دعا گهرڻ. پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پنڌ ڪرڻ ۽ ڏوڙڻ. بنهي جبلن تي چڙهڻ. طواف کان پوءِ ان کي لاڳيتو ڪرڻ.

نوٽ: رمي ۾ افضل آهي ته اها ساڳئي ڏينهن ڪجي. جيڪڏهن هڪ ڏينهن جي رمي ٻئي ڏينهن تائين پنڌتي ڪيائين يا سيني ڏينهن جي رمي تشريق جي آخري ڏيهن ۾ ڪري ته به ڪافي ٿي ويندي.

قرباني: سنت مؤڪده آهي. جڏهن ذوالحج جو ڏهو شروع ٿئي ته اضحىٰ جو ارادو ڪندڙ تي پنهنجي وارن، ننهن ۾ ڪل مان ڪابه شيءِ ڪٽڻ حرام آهي. جيستائين وڃي پنهنجي قرباني ذبح ڪري.

عقيقو: سنت آهي. اهو پٽ طرفان به ٻڪريون، ڌيءَ طرفان هڪ ٻڪري آهي. ولادت جي ستين ڏينهن ذبح ڪبي. ستين ڏينهن پٽ جو مٿو ڪوڙائڻ ۾ ان جي وارن برابر وزن جي چاندي صدقو ڪرڻ سنت آهي. ان ئي ڏينهن نالو به رکيو وڃي. بهتر نالا عبدالله ۾ عبدالرحمٰن آهن. غير الله جي نالي سان عبد ملائي نالو رکڻ حرام آهي. جيئن عبد النبي ۾ عبد الرسول. جيڪڏهن اتفاق سان اضحي ۾ عقيقي جو وقت گڏجي پئي ته هڪ ڪرڻ سان پي به ٿي ويندي.

فائدو : جيڪو مسجد نبويءَ ۾ داخل ٿئي، تنهن کي به رکعتون تحية المسجد سان شروعات ڪرڻ گهرجي. ان کان پوءِ قبر شريف ڏانهن اچجي، نبي ڪريم ﷺ جن جي چهري مبارڪ جي سامهون ٿي قبلي کي پٺي ڏئي بيهجي، دل هيبت مان پريل هجيس، ڇڻ ته پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ڏسي رهيو آهي. ان کان پوءِ هي چوندي سلام ڪري : السلام عليك يا رسول الله. ان کان واڌارو ڪري ته بهتر آهي. ان کان پوءِ هٿ کن ساڄي پاسي سرڪي ۽ هيئن چئي : السلام عليك يا ابابكر الصديق. وري به هٿ کن ساڄي پاسي سرڪي ۽ هيئن چئي : السلام عليك يا عمر الفاروق. ان کان پوءِ چئي : اللهم اجزهما عن نبيهما وعن الاسلام خيرا (اي الله! انهن ٻنهي کي سندن پيغمبر ۽ اسلام پاران پلو بدلو ڏي). ان کان پوءِ قبلي ڏانهن منهن ڪري، حجرو مبارڪ سندس ڪابي پاسي هجي ۽ دعا گهري.

حج جي احڪامن جي ترتيب جو چارٽ :

حج	شروعات احرام ۽ تلبيه	پوءِ	پوءِ	اٽين تاريخ ظهر کان اڳ	پوءِ	نائين تاريخ سج اپرڻ کان پوءِ	سج لٿي کان پوءِ	قرباني (عيد) ڏينهن ۱۰ تاريخ فجر کان پوءِ سج اپرڻ کان اڳ	۱۱-۱۲-۱۳ متاخر لاءِ:	روانگي وقت:
تمتع	لبيڪ عمرة متمتعا بها الىٰ الحج	عمري جو طواف	عمري جو سعي	مڪي کان حج جو احرام ٻڌي منىٰ وڃڻ	مٿو ڪترائڻ (مڪمل احرام مان نڪرڻ)	عرفات وڃڻ. ظهر ۽ عصر قصر ڪري گڏي ظهر جي وقت ۾ پڙهڻ. ان کان پوءِ سج لهڻ تائين دعا ۾ مشغول رهڻ.	مزدلفي وڃڻ. پهچندي ئي مغرب عشا قصر ڪري پڙهڻ. اتي رات تائين رهڻ. فجر کان پوءِ تائين رهڻ سنت آهي	مني ڏانهن وڃڻ ۽ جمرة عقبه کي ڇڪڻ. قرباني ڪرڻ. مٿو ڪوڙائڻ يا ڪترائڻ ان کانپوءِ طواف افاضه. انهن ٽنهي مان ٻه ڪم ڪرڻ سان پهريون تحلل پورو ٿيندو. ٽنهن ڪرڻ سان پيو تحلل پورو ٿيندو. ان کان پوءِ تمتع وارو حج جو سعي ڪندو	جمرات ڇڪڻ : صغرىٰ . پوءِ وسطىٰ. پوءِ ڪبرىٰ، زوال کان پوءِ	الوداعي طواف. اهو حيض ۽ نفاس واري عورت کي معاف آهي.
قران	لبيڪ عمرة وحجا	طواف قدوم	حج جو سعي	منىٰ ڏانهن وڃڻ	پنهنجي احرام ۾ رهندو					
افراد	لبيڪ حجا	طواف قدوم	حج جو سعي	منىٰ ڏانهن وڃڻ.	پنهنجي احرام ۾ رهندو					

مختلف فائدا

✸ برائي : کي کي ڪم متائي صاف ڪري ڇڏيندا آهن، جن مان کي هي آهن: سچي توبهہ، استغفار، نيڪيون ڪرڻ، تڪليفن ۾ مبتلا ٿيڻ، صدقو ڪيڻ، ٻئي جي دعا. جيڪڏهن اڃان به ڪا شيءِ بچي وئي ۽ الله ان کي معاف نہ ڪيو تہ ان تي قبر ۾ عذاب ٿيندو يا قيامت جي ڏينهن يا جهنم جي باهہ ۾ وڌو ويندو جيستائين انهن گناهن کان پاڪ نہ ٿئي. ان کان پوءِ جيڪڏهن توحيد تي مئو هوندو تہ جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪفر يا شرڪ يا نفاق تي مئو هوندو تہ جهنم جي باهہ ۾ هميشہ رهندو. ڏوهن ۽ گناهن جا انسان تي تمام گهٽا اثر پوندا آهن. انهن جو دل تي اهو اثر پوندو آهي تہ : انهن سان وحشت، ظلمت، ذلت، بيماري پيدا ٿي پوندي آهي ۽ ڪيس الله کان اوت ۾ ڪري ڇڏيندا آهن. دين جي مٿان به انهن جو اهڙو ئي اثر پوندو آهي ۽ نيڪيءَ، رسول الله ﷺ، ملائڪن ۽ مؤمنن جي دعا کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. رزق تي انهن جو اهو اثر پوندو آهي تہ : رزق کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. نعمتون زائل ٿي ويندين آهن. مال جي برڪت ختم ٿي ويندي آهي. ماٺهوءَ تي اثر اهو پوندو آهي تہ : عمر مان برڪت نڪري ويندي آهي. معيشت تنگ ٿي پوندي آهي. معاملات ۾ تنگي اچي ويندي آهي. عملن تي اهو اثر پوندو آهي تہ : اهي قبول نہ ٿيندا آهن. معاشري تي انهن جو اهو اثر پوندو آهي تہ : امن جي نعمت ختم ٿي ويندي آهي. مهانگائي چوت چڙهي ويندي آهي. حڪمران ۽ دشمن مسلط ٿي ويندا آهن ۽ بارش بند ٿي ويندي آهي... وغيره، وغيره.

✸ ڳٽتيون: دل جي راحت، سرور ۽ ڳٽتين جو ختم ٿيڻ هر هڪ جو مقصد ۽ مراد آهي. ان سان سڌي حياتي حاصل ٿيندي آهي، ان جي حاصل ڪرڻ جا ڪيترائي ديني، طبعي ۽ عملي اسباب آهن، جيڪي رڳو مؤمنن لاءِ ئي ڳڌجي سگهن ٿا. جن مان کي هي آهن: (۱) الله تي ايمان آڻڻ (۲) چگا ڪم ڪرڻ ۽ برن کان بچڻ (۳) مخلوق تي قولي، فعلي ۽ مختلف پلاين جي ذريعي احسان ڪرڻ. (۴) عملن يا نفعي وارن ديني ۽ دنيوي علمن ۾ مشغول ٿيڻ. (۵) مستقبل ۽ ماضيءَ جي ڪمن جي فڪر کي ڇڏي، روز جي عملن ۾ مشغول ٿيڻ (۶) الله جو ذڪر گهٽو ڪرڻ (۷) الله جي ظاهري ۽ باطني نعمتن جو بيان ڪرڻ (۸) دنيا جي معاملن ۾ پاڻ کان هيٺين تي نظر ڪرڻ، پاڻ کان مٿانهن تي نظر نہ ڪرڻ. (۹) غم رسائيندڙ اسبابن کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ. ۽ خوشي پهچائيندڙ اسبابن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ. (۱۰) الله تعالىٰ کي ڪجهہ اهڙين دعائن سان التجا ڪرڻ جن جي ذريعي غم جي ازالي لاءِ نبي ڪريم ﷺ جن دعا گهري.

✸ نڪاح: شهوت وارو ماٺهو، جنهن کي زنا جو خوف ناهي، تنهن لاءِ نڪاح سنت آهي. جنهن کي شهوت ڪانهي ان لاءِ مستحب آهي. جنهن کي زنا جو خوف هجي، تنهن لاءِ واجب آهي. ان کي فرض حج تي مقدم ڪيو ويندو. عورت ڏانهن ڏسڻ حرام آهي ۽ پوڙهي عورت ۽ لسوٽ ڏانهن شهوت سان نهارڻ بہ. نڪاح جا شرط: (۱) زال مڙس جو تعين: جيڪڏهن ولي چئي تہ مون توکي پنهنجي ڏيئرن مان هڪ پرٽائي، جڏهن تہ ان وٽ هڪ کان وڌيڪ ڏيئر آهن، تہ اهو چوڻ صحيح نہ ٿيندو. (۲) مڪلف ۽ سمجهدار (عاقل بالغ) مڙس جو رضامندو. ۽ آزاد ۽ عقل واري زال جو رضامندو. (۳) ولي جو هجڻ. تنهن ڪري عورت جي پاڻ شادي ڪرڻ صحيح نہ ٿيندي، نہ ان کي اهڙو ماٺهو شادي ڪرائي جيڪو سندس ولي نہ هجي. ها جيڪڏهن ولي سندس شادي ڪفو (پنهنجي برابر) سان ڪرڻ کان منع ڪري تہ پوءِ پاڻ شادي ڪري سگهي ٿي. ان جي شادي ڪرائڻ جو پهريون حق پيءُ جو آهي، پوءِ ڏاڏي جو، ائين مٽي ... پٽ ڏاڏي، ڏڙ ڏاڏي تائين. ان کان پوءِ سندس پٽ، پوءِ پوٽي جو ... هيٺ تائين. ان کان پوءِ سڳو ڀاءُ، ان کان پوءِ نڪو ڀاءُ، پوءِ ڀائٽيو... الخ (۴) شاهدي: بن مردن جي شاهدي ضروري آهي، جيڪي بالغ، عاقل، ۽ عدل وارا هجن. (۵) ٻنهي زال مڙسن جو رشتي جي ڪنهن مانع کان خالي هجڻ. جهڙوڪ: رضاعت يا نسب يا سهرائپ وغيره.

نڪاح جا محرمات (حرام ڪندڙ سبب) : پهريون: دائمي حرمت : اهي چند قسم آهن : (۱) نسب جي ڪري حرام. اهي آهن : ماءُ، ڏاڏي... ويندي مٽي تائين. ڏيءُ، پوٽي ... ويندي هيٺ تائين. ڀيڻ (سڳي هجي يا نڪي). ڀاٽيجي، ان جي پٽ يا ڏيءَ جي ڏيءُ. ڀائٽي (سڳي هجي يا نڪي)، ان جون ڏيئر، سندن پٽن ۽ ڏيئرن جون ڏيئر هيٺ تائين. ڦٻي، ماسي مٽي تائين (۲) رضاعت جي ڪري حرام: اها نسبي رشتن واري حرمت وانگر آهي، تان جو سهرائپ ۾ بہ (۳) مصاهرت (سهرائپ) جي ڪري حرام : اهي آهن: سس ۽ زال جون ڏاڏيون، نانيون ۽ هيٺ مٽي

نسب (پيءُ، ڏاڏو، پڙ ڏاڏو...پٽ، پوٽو، پڙ پوٽو...) جي مردن جون زالون، زالن جون ڏيئر هيٺ تائين. پيو : عارضي حرمت. اهي به قسم آهن: (۱) جمع جي سببان: جهڙوڪ بن پيڻرن کي هڪ ئي وقت نڪاح ۾ گڏ رکڻ. زال ۽ ان جي ڀڻيءَ يا ماسيءَ کي نڪاح ۾ گڏ رکڻ (۲) ڪنهن عارضي سبب جي ڪري، جيڪو ڪڏهن به زائل ٿي سگهي ٿو، جهڙوڪ: ٻئي جي زال هئڻ. فائدو: ۞ والدين کي اولاد جي مٿان اهڙي شادي ڪرائڻ تي زور نه پرڻ گهرجي جيڪا سندن اولاد نه ٿو ڪرڻ چاهي . ان صورت ۾ انهن جي اطاعت به واجب ڪانهي. ائين ڪرڻ سان اولاد کي نافرمان به نه سمجهيو ويندو.

✸ طلاق: زال کي حيض، نفاس ۽ اهڙي طهر (پاڪائي)، جنهن ۾ ساڻس همبستري ڪئي اٿس، طلاق ڏيڻ حرام آهي، البته طلاق ڏنائين ته ٿي ويندي. بنا ضرورت جي طلاق ڏيڻ مڪروه آهي. ضرورت خاطر جائز آهي. جنهن کي نڪاح ۾ رکڻ نقصان ڪار هجي ان کي طلاق ڏيڻ سنت آهي. طلاق ۾ ماڻ ٻيءُ جي پيروي واجب ڪانهي. جيڪو پنهنجي زال کي طلاق ڏيڻ جو ارادو ڪري، ان لاءِ کيس هڪ ڪان وڌيڪ طلاق ڏيڻ حرام آهي. واجب آهي ته کيس اهڙي طهر ۾ طلاق ڏئي جنهن ۾ ساڻس همبستري نه ڪئي هجيس. ان کي هڪ طلاق ڏئي. وڌيڪ طلاق ڏيڻ کان سواءِ کيس ڇڏي ڏجي تان جو ان جي عدت گذري وڃي. جنهن کي رجعي طلاق ڏني وئي هجي، ان کي پنهنجي گهر مان نڪرڻ حرام آهي ۽ ان کي عدت پوري ٿيڻ کان اڳ مڙس جي طرفان ڪيڏ به جائز ناهي. طلاق جو لفظ چوڻ سان طلاق واقع ٿيندي. خالي نيت سان واقع نه ٿيندي.

✸ قَسم: قَسم جي ڪفاري جي واجب ٿيڻ جا چار شرط آهن: (۱) پڪي قسم جو ارادو هجڻ. جيڪڏهن قسم جا لفظ صرف زبان سان قسم جي نيت کان سواءِ چيائين ته قسم منعقد نه ٿيندو، ان کي لغو قسم چئبو. جهڙوڪ ڳالهائيندي چوڻ: نه الله جو قسم. ها الله جو قسم (۲) مستقبل واري ممڪن شيءِ جو قسم هجڻ. ماضيءَ بابت قسم منعقد نه ٿيندو. اڻ ڄاڻائيءَ کان هجي يا پنهنجي طور سچ جي گمان سان ڪنهل هجي يا ڄاڻي واڻي ڪوڙو قسم کنيو هجي. (اهو "يمين غموس" چئبو آهي. جيڪو ڪبيرو گناهه آهي). يا مستقبل بابت پنهنجي دل ۾ سچ گمان ڪندي قسم کنيائين پر ان جي خلاف ظاهر ٿيو. (۳) قسم ڪٽندڙ پنهنجي مرضيءَ سان قسم کنيو هجي، زوري نه ڪٽايو ويو هجيس. (۴) قسم ۾ ڪوڙو ثابت ٿئي. مثال جنهن جي ڇڏڻ جو قسم کنيائين، سو ڪيائين يا جنهن جي ڪرڻ جو قسم کنيائين سو ڇڏي ڏنائين. جنهن قسم کنيو ۽ ان ۾ استثناء ڪيائين ته ٻن شرطن سان ان تي ڪفارو واجب نه ٿيندو: (۱) استثناء قسم سان گڏ ڪري (۲) استثناء سان قسم کي معلق ڪرڻ جو ارادو هجيس. جيئن چئي: (الله جو قسم جيڪڏهن الله گهريو). جنهن ڪنهن شيءِ جو قسم کنيو ۽ ڏنائين ته مصلحت ان جي خلاف آهي ته سنت آهي ته قسم جو ڪفارو ادا ڪري ۽ اهو ڪري جنهن ۾ پلائي هجي.

قسم جو ڪفارو: ڏهن مسڪينن کي کاڏو کارائڻ آهي، هر مسڪين لاءِ اڌ ٽويو (سوا ڪلو) کاڏو يا ڏهن مسڪينن جو لباس. يا ٻانهو آزاد ڪرڻ. جيڪو طاقت نه رکي ته ان تي لاڳيتو ٽن ڏينهن جو روزو آهي. جنهن کي کاڏي کارائڻ يا لباس پارائڻ جي طاقت هئي پوءِ به روزا رکيائين ته ڪفارو ان جي ذمي ڪان نه لهندو. قسم ٽوڙڻ کان اڳ يا پوءِ ڪفارو ڏيڻ جائز آهي. جنهن هڪ ڳالهه تي گهٽا ٻيرا قسم کنيو ته ان لاءِ هڪ ڪفارو ڪافي ٿيندو. البته جيترين مختلف ڳالهين تي بار بار قَسم کڻندو اوترا ڪفارا الڳ الڳ ڏيندو.

✸ باس: ان جا مختلف قسم آهن. (۱) مطلق باس. جيئن چئجي: (جيڪڏهن آءٌ شفايياب ٿيس ته الله خاطر منهنجي مٿان باس آهي). صرف اهو چيائين، ڪنهن خاص باس جي نيت نه ڪيائين ته ان صورت ۾ شفا ملڻ کان پوءِ قسم جو ڪفارو واجب ٿيندو. (۲) جهيڙي يا ڪاوڙ جي باس: اها هن طرح ته باس کي شرط سان ڳنڍي. ڪنهن ڪم کان منع ڪرڻ جي نيت سان يا ڪنهن ڪم تي ايارڻ جي نيت سان. جيئن ڪو چئي: (جيڪڏهن مون توسان ڳالهايو ته مون تي سال جو روزو لازم آهي). ان جو حڪم هي آهي ته : ان کي اختيار آهي ته جيڪا ڳالهه پاڻ تي لازم ڪئي اٿس سا ڪري يا اها ڇڏي ۽ قسم جو ڪفارو ادا ڪري. (۳) جائز باس: جيئن چئي: (الله جي واسطي مون تي لازم آهي ته آءٌ پنهنجو ڪرتو پهريان). ان جو حڪم به اهو آهي ته : ان کي اختيار آهي ته ڪرتو پائي يا قسم جو ڪفارو ڏئي. (۴) مڪروه باس. جيئن چئي: (الله جي واسطي مون تي لازم آهي ته آءٌ پنهنجي زال کي طلاق

ڏيان). ان جو حڪم هي آهي تہ : ان لاءِ قسم جو ڪفارو پرڻ سنت آهي. جيڪا باس باسي اٽس سا نہ ڪري. جيڪڏهن ڪندو تہ متس کو ڪفارو نہ آهي. (۵) گناهہ جي باس : جيئن چئي: (الله جي واسطي مون تي لازم آهي تہ آءٌ چوري ڪريان). ان جو حڪم هي آهي تہ : اها باس پوري ڪرڻ حرام آهي. قسم جو ڪفارو ڏئي. جيڪڏهن باس پوري ڪيائين تہ ان تي گناهہ ٿيندو ڪفارو نہ ٿيندس. (۶) نيڪيءَ جي باس: جيئن چئي تہ : (الله جي واسطي مون تي لازم آهي تہ آءٌ هيتري نماز پڙهان). الله جي رضا خاطر ائين چيائين. پوءِ جيڪڏهن ان کي ڪنهن شرط سان معلق ڪيائين. مثال : مريض جي شفا سان مشروط ڪيائين تہ جيڪڏهن شرط پورو ٿيو تہ باس پوري ڪرڻ واجب ٿيندي. ۽ جيڪڏهن ڪنهن شرط سان مشروط نہ ڪيائين تہ هر حال ۾ باس پوري ڪرڻ واجب ٿيندي.

✸ رضاعت (ڇ شراڪت): ان سان اهي رشتا حرام ٿين ٿا جيڪي نسب سان حرام ٿين ٿا. ان جا ٽي شرط آهن: (۱) ڇ ٻار ڇمڻ جي ڪري آيل هجي، پي نہ هجي (۲) ٻار جو ڇ شريڪ ٿيڻ ولادت جي پهرين ٻن سالن ۾ هجي. (۳) پنج يا پنجن پيرن کان مٽي يقيني طور ڇ پيٽل هجي. هڪ پيري ڇ پيئڻ مان مراد آهي: ٻُبي کي چوسڻ کان وات کڻڻ تائين. ڏؤ ڪري ڇڏڻ مراد ناهي. ڇ شريڪيءَ سان نان نفقو ۽ ورثو ثابت نہ ٿيندو آهي.

✸ وصيت: جنهن تي بنا شاهدن جي ڪنهن جو ڪو حق آهي تنهن تي مرڻ کان پوءِ وصيت ڪرڻ واجب آهي، ان کي گهرجي تہ حق واري کي ان جي حق ادا ڪرڻ جي وصيت ڪري. جنهن گهٽو مال ڇڏيو آهي، ان تي وصيت ڪرڻ سنت آهي، ان لاءِ مستحب آهي تہ ورثي مان پنجين حصي جي پنهنجي ڪنهن اڻ وارث غريب مائٽ لاءِ صدقي ڪرڻ جي وصيت ڪري. اهڙو ڪو نہ هجي تہ پوءِ ڪنهن مسڪين، عالم ۽ صالح مرد لاءِ وصيت ڪري. اهڙي فقير کي وصيت ڪرڻ مڪروه آهي جنهن جا وارث هجن. جيڪڏهن اهي آسودا هجن تہ پوءِ ڪيس وصيت ڪرڻ جائز آهي. ڪنهن اوپري ماڻهوءَ لاءِ ٽئين حصي کان وڌيڪ جي وصيت ڪرڻ حرام آهي. وارث لاءِ ڪنهن بہ شيءِ جي وصيت ڪرڻ حرام آهي. ڇو نہ ٿوري هجي. ها جيڪڏهن ان جي وفات کان پوءِ وارث ان جي اجازت ڏين تہ پوءِ ٺيڪ آهي. وصيت ڪندڙ جي هنن لفظن چوڻ سان وصيت باطل ٿي ويندي: "مون رجوع ڪيو". "مون ختم ڪئي". "مون بدلائي ڇڏي". وغيره. مستحب آهي تہ پنهنجي وصيت جي منڊ ۾ هي لکي : بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ . فلاڻو هيءَ وصيت ٿو ڪري تہ: اهو شاهدي ٿو ڏئي تہ الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ڪونهي، اڪيلو آهي، ساڻس ڪوبہ شريڪ ڪونهي، بيشڪ محمد ﷺ ان جو بانهو ۽ رسول آهي، بيشڪ جنت حق آهي، جهنم حق آهي، قيامت اچڻي آهي، ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي. بيشڪ الله قبرن وارن کي اٿاريندو. آءٌ پنهنجي پونيرن کي وصيت ٿو ڪريان تہ اهي الله کان ڊجن، پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ناهہ ڪري هلن. جيڪڏهن مؤمن آهن تہ الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪن. کين اها وصيت ٿو ڪريان، جنهن جي ابراهيم عليه السلام پنهنجي پٽ يعقوب عليه السلام کي وصيت ڪئي هئي: ﴿يَٰبَنِيَّ إِنَّ ٱللَّهَ ٱصۡطَفَىٰ لَكُمُ ٱلدِّينَ فَلَا تَمُوتُنَّ إِلَّا وَأَنتُم مُّسۡلِمُونَ﴾ (اي منهنجا پٽڙا ! بيشڪ الله توهان لاءِ هيءُ دين منتخب ڪيو آهي، تنهن ڪري توهان ان حالت ۾ مرو جو اوهان مسلمان هجو).

✸ مستحب آهي تہ جڏهن نبي ڪريم ﷺ تي درود شريف پڙهيو وڃي تہ صلاة ۽ سلام ٻئي ملائي چيا وڃن، ٻنهي مان هڪ تي بس نہ ڪجي. انبيائن کان سواءِ ٻين تي منڊوڻ صلاة نہ پڙهبي آهي. ائين نہ چئبو: ابوبڪر ﷺ يا عليه السلام . اهو مڪروه تنزيهي آهي، ها انبيائن کان سواءِ ٻين تي صلاة ۽ سلام، انبيائن جي ضمن ۾ پڙهڻ جائز آهي، ان ڪري هيئن چئي سگهجي ٿو: اللهم صل علىٰ محمد وعلىٰ آل محمد واصحابہ وازواجہ وذريتہ. صحابہ، تابعين ۽ ڪائنات پوءِ جي عالمن، عابدن ۽ مڙني چوندڙ هستين تي رضي الله عنهم ۽ رحمهم الله چوڻ مستحب آهي. ان ڪري: ابوحنيفہ، شافعي، ۽ احمد (رضي الله عنهم) يا (رحمهم الله) چيو ويندو.

سِيرَ وجهڻ (حلال ڪرڻ): جانور کي سير وجهڻ (حلال ڪرڻ) واجب آهي، تہ جيئن ان جو ڪائڻ حلال ٿئي. جانور ۾ هي شرط هئڻ گهرجن: (۱) ان جو ڪائڻ جائز هجي. (۲) ان تي قدرت هجي. (۳) خشڪيءَ جو جانور هجي. حلال ڪرڻ جا چار شرط آهن: (۱) حلال ڪندڙ عاقل هجي. (۲) ذبح ڪرڻ جو اوزار ڏند ۽ ننهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ هجي. ڇاڪاڻ تہ ڏند ۽ ننهن سان ذبح ڪرڻ جائز ناهي. (۳) ڳلو، نڙ گهٽ، ڳچي واريون ٻئي رڳون يا انهن مان هڪ رڳ

ڪپڙ. (۴) ذبح ڪرڻ لاءِ هٿ چورڻ وقت بسم الله چوڻ. پل ۾ رهجي وئي تہ خير آهي. عربيءَ کان سواءِ ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ چئي تہ بہ نيڪ آهي، بسم الله سان گڏ الله اڪبر چوڻ سنت آهي.

❁ شڪار ڪرڻ: جنهن حيوان جو شڪار ڪجي ان لاءِ ڪجهہ شرط آهن. (۱) ان جو کائڻ حلال هجي. (۲) طبعي طور ٽاهڻ هجي. (۳) قبضي ۾ نہ هجي. ان جو حڪم آهي تہ : اهو شڪار جي ارادي رکڻ واري لاءِ جائز آهي، اجايو ۽ راند روند طور شڪار ڪرڻ مڪروه آهي. شڪار جي ڳولا ۾ ماڻهن کي تڪليف ڏيڻ حرام آهي. شڪار ڪرڻ چئن شرطن سان جائز آهي: (۱) شڪار ڪندڙ اهڙو هجي جنهن جو کنل حلال هجي. (۲) اوزار اهڙو هجي جنهن سان ذبح ڪرڻ جائز هجي. يعني تکو هئڻ گهرجي جيئن تير ۽ نيزو وغيره. جيڪڏهن شڪار ڪاڙيندڙ جانور جي مدد سان ڪيو وڃي جيئن: باز يا ڪتي جي مدد سان تہ پوءِ اهو سيکاريل هئڻ گهرجي. (۳) شڪار جو ارادو. يعني شڪار جي ارادي سان اوزار اڇلڻ، باقي جيڪو ارادي کان بنا شڪار ڪري وڌائين تہ ان جو کائڻ حلال نہ ٿيندو. (۴) اوزار اڇلڻ وقت بسم الله چوڻ. هن موقعي تي بسم الله چوڻ ۾ ڪابہ رعايت ڪانهي، پُل چو نہ هجي. ان کان سواءِ شڪار کائڻ حرام آهي.

❁ ڪاڏو: چئبو آهي هر ان شيءِ کي جيڪا ڪاڏي پيتي وڃي. ان ۾ اصل حلال هئڻ آهي. ان ڪري هر ڪاڏو تن شرطن سان حلال آهي. (۱) ڪاڏو پاڪ هجي. (۲) ان ۾ ڪو نقصان نہ هجي. (۳) ان ۾ ڪا گندگي نہ هجي.

هر پليت ڪاڏو حرام آهي، جيئن رت ۽ مردو. ۽ جنهن ۾ نقصان آهي، جيئن زهر. ۽ گندگي، جهڙوڪ: ڇيٽو، پيشاب، جوئن ۽ ڇڇڙ وغيره.

ميداني جانورن مان هيٺيان حرام آهن: گهريلو گڏهہ، ڏاڻ سان ڪاڙيندڙ جانور، جيئن شينهن، چيتو، بگهڙ، ببر شير، ڪتو، سوئر، پولو، بلو چونہ جهنگلي هجي، لومڙ ۽ نوريئڙو، چراخ ڪان سواءِ. ۽ پکين مان اهي حرام آهن، جيڪي پنهنجي چنبي سان شڪار ڪندا آهن، جيئن عقاب، باز، شڪرو، باشا، شاهين، سرڙ ۽ ڇپرو. ۽ جيڪي ڏوندڙ کائيندا آهن، جيئن ڪاري ڳڄهہ، اڇي ڳڄهہ ۽ بگهہ. ۽ اهي جانور جن کي شهري عرب خراب سمجهندا هجن، جيئن چمڙو، ڪئو، ڏينهو، ماکيءَ جي مک، پوپٽ، عام مک، هدهد، ڇاهو، سيڙهہ ۽ نانگ. ۽ جيت جٽا، جيئن ڪيڙا، وڏا ڪڙا، ٽنڊڻ، ڪرڙيون. ۽ اهي جانور جن کي شريعت مارڻ جو حڪم ڪيو آهي، جيئن وڇون. يا جنهن کي مارڻ کان منع آئي آهي، جيئن ڪول. يا اهڙو جانور جيڪو حلال ۽ حرام جي ميلاپ مان پيدا ٿئي، جيئن بگهڙ مان چراخ کي ڦر ڇائي، جنهن کي عربيءَ ۾ (سِمع) چئبو آهي. ۽ اهڙي جانور کي حرام نہ چئبو جيڪو بن مباح جانورن جي ميلاپ مان ڄائو هجي، جيئن جهنگلي گڏهہ ۽ گهوڙي مان خچر. انهن کان سواءِ باقي سڀ جانورن جو کائڻ جائز آهي، جيئن چوپايا جانور ۽ گهوڙا. ۽ جهنگلي جانور، جيئن زرافو، سهو، وبر (بلي‌ءَ کان ننڍو هڪ جهنگلي جانور)، يربوع (ڪئي جهڙو هڪ جانور، جنهن جون اڳيون ٽنگون ننڍيون ٽين ٽيون)، گوهہ (ڪن وٽ) ۽ هرڻ. ۽ پکي، جيئن شتر مرغ، ڪڪڙ، مور، طوطو(ڪن وٽ)، ڪبوتر، جهرڪي، بدڪ ۽ هنج. پاڻيءَ جا سڀ پکي ۽ ساموندي حيوان. البتہ ڏيڏر، نانگ ۽ واڳون حرام آهن. جنهن پوک يا ميوات کي پليت پاڻي يا پليت پاڻ ڏنو وڃي تہ ان جو کائڻ جائز آهي، البتہ جيڪڏهن انهن ۾ پليتي جو ذائقو يا بوءِ ظاهر ٿئي تہ پوءِ حرام آهن. ڪوئلو، متي ۽ گپ کائڻ مڪروهہ آهن، اهڙيءَ طرح بصر ۽ ٿوم وغيره بہ. البتہ پچائي کائي سگهجن ٿا. جيڪڏهن بک لڳي ۽ کائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ ملي تہ پوءِ ڪنهن بہ حرام شيءِ مان ايترو کائڻ واجب آهي جو ساهہ بچي وڃي.

❁ ڪافرن کي سندن عيدن (ڏڻ) جي موقعي تي مبارڪ ڏيڻ يا انهن سان شريڪ ٿيڻ ۽ کين سلام سان شروعات ڪرڻ حرام آهي. جيڪڏهن اسان کي اڳرائي ڪري سلام ڪن تہ ان جو جواب، هن طرح ڏيڻ واجب آهي : (وعليڪم). ڪافرن ۽ بدعتين لاءِ اتي بيهڻ حرام آهي. انهن سان مصافحو ڪرڻ مڪروه آهي. البتہ انهن جي تعزيت ۽ عيادت جيتوڻيڪ حرام آهي پر شرعي مصلحت خاطر جائز آهي.

شرعي جهاڙ قوڪ

الله جي قانونن ۾ غور ڪرڻ وارو ڄاڻي ٿو ته مصيبتون به سندس ڪائناتي قانونن مان هڪ قانون آهن. الله تعالىٰ فرمائي ٿو: ﴿ وَلَنَبْلُوَنَّكُم بِشَيْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَالْجُوعِ وَنَقْصٍ مِّنَ الْأَمْوَالِ وَالْأَنفُسِ وَالثَّمَرَاتِ وَبَشِّرِ الصَّابِرِينَ ﴾ (اسان اوهان کي آزمائينداسين ڪنهن قدر: خوف، بک، مالن، افرادن ۽ ميون جي ڪوٽ جي ذريعي. ۽ تون صبر ڪرڻ وارن کي خوش خبري ڏي). اهو غلطيءَ تي آهي، جيڪو اهو گمان ٿو ڪري ته صالح ٻانها مصيبتن کان پري هوندا آهن. بلڪ آزمائشون ۽ مصيبتون ايمان جو دليل آهن. نبي ڪريم ﷺ جن کان پڇيو ويو ته : سخت مصيبتن سهڻ وارا ماڻهو ڪهڙا آهن؟ فرمايائون: «الأَنْبِيَاءُ ثُمَّ الصَّالِحُونَ ثُمَّ الأَمْثَلُ فَالأَمْثَلُ مِن النَّاسِ، يُبْتَلَى الرَّجُلُ عَلَى حَسَبِ دِينِهِ، فَإِنْ كَانَ فِي دِينِهِ صَلابَةٌ زِيدَ فِي بَلائِهِ، وَإِنْ كَانَ فِي دِينِهِ رِقَّةٌ خُفِّفَ عَنْهُ» "انبياء پوءِ صالح ٻانها، ان کان پوءِ ماڻهن مان جيڪي درجي بدرجي پلارا هجن. ماڻهو پنهنجي دين آهر آزمائش ۾ وڌو ويندو آهي، جيڪڏهن ان جي دين ۾ مضبوطي هوندي ته سندس مصيبت وڌائي ويندي. جيڪڏهن سندس دين ۾ نرمي ۽ ڍرائي هوندي ته مصيبت ۽ آزمائش مٽائيس هلڪي ڪئي ويندي". (ابن ماجہ). اها (آزمائش) الله جي ٻانهي سان محبت جي نشاني آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: «وَإِنَّ اللَّهَ إِذَا أَحَبَّ قَوْمًا ابْتَلاهُمْ» "الله تعالىٰ جڏهن ڪنهن قوم سان محبت ڪندو آهي ته انهن کي آزمائش ۾ وجهندو آهي". (احمد). ۽ اها (آزمائش) الله جي ٻانهي سان چڱائيءَ جي ارادي جي نشانين مان آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته : «إِذَا أَرَادَ اللَّهُ بِعَبْدِهِ الْخَيْرَ عَجَّلَ لَهُ الْعُقُوبَةَ فِي الدُّنْيَا، وَإِذَا أَرَادَ اللَّهُ بِعَبْدِهِ الشَّرَّ أَمْسَكَ عَنْهُ بِذَنْبِهِ حَتَّى يُوَافِيَ بِهِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ» الترمذي "جڏهن الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهي سان چڱائيءَ جو ارادو ڪندو آهي ته ڪيس دنيا ۾ ئي جلدي تڪليف ڏئي ڇڏيندو آهي. ۽ جڏهن الله ٻانهي سان برائيءَ جو ارادو ڪندو آهي ته سندس گناهن جي سببان مصيبتن کي روڪي ڇڏيندو آهي ته جيئن قيامت جي ڏينهن کيس پوري سزا ڏئي". (ترمذي). اها (آزمائش) گناهن جو ڪفارو آهي، ثوري ئي وڃي نه هجي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته : «مَا مِنْ مُسْلِمٍ يُصِيبُهُ أَذًى شَوْكَةٌ فَمَا فَوْقَهَا إِلا كَفَّرَ اللَّهُ بِهَا سَيِّئَاتِهِ كَمَا تَحُطُّ الشَّجَرَةُ وَرَقَهَا» متفق عليه "جنهن به مسلمان کي جيڪا تڪليف پهچي ٿي، ڪنڊي لڳڻ جيتري هجي يا ان کان مٿي هجي ته الله ان سان سندس برائين کي ائين ميٽيندو آهي جيئن وڻ پنهنجا پن ڇاٽيندو آهي". (متفق عليه). ان ڪري مسلمان جيڪو آزمائش ۾ ورتل آهي، سو جيڪڏهن صالح آهي ته پوءِ مصيبت ان جي گذريل گناهن جو ڪفارو آهي يا ان جي درجن جي بلنديءَ جو ذريعو آهي. جيڪڏهن گنهگار آهي ته سندس گناهن جو ڪفارو آهي ۽ انهن جي خطري جي ياد دهاني ٻه آهي. الله تعالىٰ فرمايو آهي: ﴿ ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ أَيْدِي النَّاسِ لِيُذِيقَهُم بَعْضَ الَّذِي عَمِلُوا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ﴾ (ماڻهن جي هٿن جي ڪمائيءَ جي سببان، بر ۽ بحر (خشڪي ۽ سمنڊ) ۾ فساد ظاهر ٿي چڪو آهي ته جيئن انهن جي ڪن عملن جو ڪين عذاب چکائي ته من موٽن).

۞ آزمائش جا قسم: پلائي جي ذريعي آزمائش، جيئن گهٽو مال ڏئي آزمائجي. برائيءَ جي ذريعي آزمائش، جيئن: خوف، بک ۽ مال جي قلت جي ذريعي آزمائش. الله سائين فرمائي ٿو: ﴿ وَنَبْلُوكُم بِالشَّرِّ وَالْخَيْرِ فِتْنَةً ﴾ (اسان اوهان کي برائيءَ ۽ پلائي جي ذريعي امتحان خاطر آزمائيندا آهيون). اهڙين آزمائشن مان بيماري ۽ موت ٻه آهي، جن ٻنهي جو وڌي ۾ وڌو سبب نظر ۽ جادو آهي، جيڪي حسد مان پيدا ٿيندا آهن. نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته : « أَكْثَرُ مَنْ يَمُوتُ مِنْ أُمَّتِي بَعْدَ قَضَاءِ اللهِ وقَدَرِهِ بالعَيْن » "منهنجي امت مان اڪثر جيڪي مرن ٿا، سي الله جي قضا ۽ تقدير کان پوءِ نظر ذريعي ٿا مرن". (طيالسي).

۞ نظر ۽ جادوءَ کان بچاءُ: بچاءُ ۽ پرهيز علاج کان بهتر آهي، تنهن ڪري اسان کي ان تي زور ڏيڻ گهرجي. سڀ کان اهم پرهيز آهي : ۞ نفس کي توحيد جي ذريعي تقويت پهچائڻ ۽ اهو ايمان رکڻ ته شين ۾ تصرف ڪندڙ رڳو الله ئي آهي ۽ نيڪيون گهٽيون ڪمائڻ. ۞ الله جي ذات ۾ سهڻو گمان رکڻ ۽ مٿس توڪل ڪرڻ. تنهن ڪري ڪنهن به سبب جي ڪري بيماريءَ ۽ نظر جو وهم نه ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته وهم خود هڪ بيماري

آهي.[1] ۞جڏهن کو ماٹهو مشهور هجي تہ اهو ناظرو ۽ جادوگر آهي تہ احتياط طور ان کان پاسو ڪجي. ڍڄ نہ گهرجي. ۞ کا بہ وٹندڙ شيءِ ڏسڻ وقت الله کي ياد ڪرڻ گهرجي. (بارک الله) چئجي. رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ: «إِذَا رَأَى أَحَدُكُمْ مِنْ نَفْسِهِ أَوْ مَالِهِ، أَوْ أَخِيْهِ مَا يُحِبّ، فَلْيُبَرِّكْ، فَإِنَّ العَيْنَ حَقٌّ» الحاكم "اوهان مان جڏهن کو پنهنجي ذات ۾، پنهنجي مال ۾ يا پنهنجي ڀاءُ ۾ کا وٹندڙ شيءِ ڏسي تہ (بارک الله) چوڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ نظر حق آهي". (الحاكم). "تبريک" مان مراد آهي : "بارک الله لک" چوڻ. "تبارک الله" چوڻ مراد نہ آهي.۞ جادوءَ کان بچاءَ جو هڪ ذريعو هي بہ آهي تہ مدينہ منوره جي (عجوه) کارکن مان صبح جو ست داڻا کائي.۞ الله جي پناهہ وٺڻ، مڪمل توڪل ڪرڻ، منجهس سهڻو گمان رکڻ، جادوءَ ۽ نظر کان سندس پناهہ گهرڻ. روزانو صبح شام ذڪر اذڪار ۽ وظيفن (جيڪي هن ڪتاب جي آخر ۾ ڏجن ٿا، تن) جي پابندي ڪرڻ. هنن وظيفن ۾ اثر آهي، جيڪو الله جي حڪم سان گهٽ وڌ ٿيندو آهي. ان جا بہ وجهہ آهن. (۱) هيءُ ايمان رکڻ تہ انهن ۾ جو ڪجهہ آيو آهي، سو حق ۽ سچ آهي ۽ اهو الله جي حڪم سان فائدو ڏيندو. (۲) هيءُ تہ پنهنجي زبان سان اهي (دعائون) پاڻ پڙهي، ٻئي کن ان طرف متوجہ هجن ۽ دل حاضر هجي. ڇاڪاڻ تہ اهي دعائون آهن ۽ دعا غافل دل جي قبول نہ ٿيندي آهي، جيئن نبي ڪريم ﷺ جن کان ثابت آهي.

ذڪر اذڪار ۽ وظيفن جو وقت: صبح جا اذڪار فجر نماز کان پوءِ پڙهبا آهن. شام جا اذڪار عصر نماز کان پوءِ پڙهبا آهن. جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کان وسري وڃن تہ جنهن بہ وقت ياد اچن ان وقت پڙهي ڇڏي.

۞ نظر وغيره لڳڻ جون نشانيون: علاج ۽ شرعي جهاڙ ڦوڪ ۾ کو بہ ٽڪر ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ قرآن ۾ جسماني بيمارين جو بہ علاج آهي تہ روحاني بيمارين جو بہ. ۽ جڏهن ماٹهو جسماني بيمارين کان سلامت هوندو آهي، تہ ان وقت نظر لڳڻ جون نشانيون گهٽي ياڳي هن صورتن ۾ ظاهر ٿيندیون آهن : مٿي ۾ ڦرندڙ گهرندڙ سور، منهن ۾ هيڃاڻ، گهٹو پگهر ۽ پيشاب، بک گهٽ لڳڻ، هٿن پيرن جو ننڍ پڻجي وڃڻ، يا گرم يا ٺڏا ٿي وڃڻ، دل ڌڙڪڻ، ڪَنڍي ۽ ڪلهن جي هيڻيان سور جو ايرڻ لهڻ، ڳٹتي ۽ سيني ۾ تنگي، رات جو اوجاگو، غير طبعي خوف ۽ غصي جي ڪري سخت چرڪ پرڻ ۽ جسماني حرڪتون ڪرڻ، گهٹي ڏڪار ڏيڻ، وڏا ساهہ کڻڻ، تنهائي پسند ڪرڻ، ٽوٽائپ ۽ سستي، گهٹي ننڍ جي چاهت ۽ ٻيون گهٹيون صحت جون تڪليفون، جن جو ڪوبہ طبي سبب نہ هجي. ڪڏهن هي نشانيون، يا انهن مان ڪجهہ بيماريءَ جي قوت ۽ ڪمزوري جي حساب سان پيدا ٿيندیون آهن.

مسلمان لاءِ ضروري آهي تہ اهو ايمان ۽ دل جو مضبوط هجي، سندس دل ۾ وسوسا پيدا نہ ٿيڻ گهرجن. ۽ مٿئين عارضن مان کنهن هڪ جي خالي احساس سان کيس هن وهم ۾ نہ پوڻ گهرجي تہ شايد هو کنهن مرض ۾ مبتلا ٿي ويو آهي! ڇاڪاڻ تہ وهم علاج جي اعتبار کان ڏاڍو ڏکيو مرض آهي. ڪڏهن کي مٿيون نشانيون کن ماٹهن ۾ موجود هونديون آهن ۽ حقيقت ۾ اهي صحت مند هوندا آهن ۽ ڪڏهن کي علامتون جسماني بيماري جي ڪري بہ ملنديون آهن. ڪڏهن انهن جو سبب ايمان جي ڪمزوري هوندو آهي، جهڙوڪ : سيني جي مونجهہ، ڳٹتي ۽ ٽوٽائپ. اهڙي ماٹهوءَ کي الله سان تعلق جوڙڻ تي توجهہ ڏيڻ گهرجي.

جيڪڏهن بيماري نظر[2] جي ڪري هوندي تہ الله جي حڪم سان علاج هيٺين بن مان هڪ طريقي سان ٿيندو :

۱)جيڪڏهن ناظرو کي سڃاڻجي تہ ان کي چئجي تہ غسل ڪري، اهو پاڻي ڪٹجي يا ان جي اوبر وغيره ڪٹجيءِ[1] پوءِ جنهن کي نظر لڳي هجي ان سان ان کي وهنجارجي يا اها ان کي پيارجي.

---

۱) طبيبن ۽ ماهرن جو چوڻ آهي تہ تقريبا بہ ٽهائي جسماني بيماريون، نفسياتي سببن جي ڪري مريض جي وهم جي سببان پيدا ٿيندیون آهن. حالانڪہ اصل ۾ انهيءَ مرض جو وجود ئي نہ هوندو آهي.

۲) نظر : جن جي طرفان پهچندڙ تڪليف جو نالو آهي جيڪا الله جي حڪم سان نظر لڳل کي پهچندي آهي ان جو سبب ناظروءَ طرفان نظر لڳل جي

۲) جيڪڏهن ناظرو معلوم نه هجي ته پوءِ جهاڙ ڦوڪ، دعا ۽ حجامت (سگهي چوڙائڻ) سان علاج ڪجي.

پر جيڪڏهن بيماري جادو[۲] جي ڪري آهي ته هيٺين طريقن مان ڪنهن هڪ طريقي سان علاج ٿيندو:

۱) جادوءَ واري جاءِ معلوم ڪجي، جڏهن اها ملي وڃي ته ان تي معوذتين پڙهندي ان جون ڳنڍيون کولجن ۽ پوءِ ان کي ساڙي ڇڏجي. ۲) شرعي جهاڙ ڦوڪ: قرآن جي آيتن، خاص طور معوذتين ۽ سورت بقره ۽ ٻين دعائن سان، جن جو بيان جلد اڳي رهيو آهي. ۳) جادو کولڻ : اهو ٻه قسم آهي: ا- حرام : اهو آهي جادوءَ جو جادوءَ سان ٽوڙ ڪرڻ ۽ ان کي کولڻ لاءِ جادوگرن ڏانهن وڃڻ. ب- جائز: ان جي هڪ صورت هيءَ آهي ته : ٻير جا ست پن ڪٽي انهن کي ڪٽي سنهو ڪجي ۽ پوءِ ان تي ٻيرا سوره "ڪافرون" ،"اخلاص" ،"فلق" ، ۽ "الناس" پڙهجي. پوءِ اهي پاڻيءَ ۾ وجهجن، ملائي پوءِ ان پاڻيءَ مان ڪجهه پيئجي ۽ ڪجهه مان غسل ڪجي. اهڙيءَ ريت بار بار ڪجي جيستائين انشاء الله شفا ٿي وڃي. (مصنف عبدالرزاق).

۴) جادوءَ جو ڪيڙ: جيڪڏهن جادو پيٽ ۾ ٽيل آهي ته جلاب ونجن ته ان کان پيٽ خالي ٿي وڃي. جيڪڏهن ڪنهن ٻئي هنڌ آهي ته حجامت[۳] جي ذريعي علاج ڪجي.

جهاڙ ڦوڪ جا شرط: جهاڙ رکڻ جا ٽي شرط آهن: ۱- قرآن جي آيتن ۽ شرعي دعائن سان ڪيو وڃي. ۲- دعائون عربي زبان ۾ پڙهجن. جڏهن ته عام دعائون ٻي ٻوليءَ ۾ ٻه پڙهڻ جائز آهن. ۳- اهو اعتقاد رکجي ته جهاڙ پنهنجي سر ڪوبه اثر نه ٿي رکي ۽ شفاء رڳو الله جي طرفان آهي. ان جي وڌيڪ اثر لاءِ قرآن شريف جنن ۽ انسانن جي شفا ۽ هدايت[٤] جي نيت سان پڙهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته قرآن شفا ۽ هدايت جي طور نازل ٿيو آهي، ان کي جنن جي قتل ڪرڻ جي نيت سان نه پڙهجي، البته جيڪڏهن مٿي بيان ڪيل طريقن سان نه ڪري ته پوءِ جائز آهي.

جهاڙ رکندڙ جا شرط: (۱) اهو مسلمان هجي، صالح ۽ پرهيزگار هجي. جيترو وڌيڪ پرهيزگار هوندو اوترو اثر وڌيڪ ٿيندو. (۲) جهاڙ رکڻ دوران سچي دل سان الله ڏانهن اهڙيءَ طرح توجهه ڪري جو دل ۽ زبان ٻئي گڏ هجن. وڌيڪ بهتر اهو آهي ته ماٺهو پاڻ کي پاڻ جهاڙ رکي. ڇاڪاڻ ته ٻئي جي دل گهٽو ڪري مشغول رهندي آهي، ۽ هن ڪري به ته ٻيو ڪوبه ائين ڪنهن جي بيچينيءَ ۽ مجبوريءَ کي محسوس نه ڪندو آهي جيئن کو پاڻ محسوس ڪندو آهي. پريشان حال ماٺهن سان الله قبوليت جو واعدو فرمايو آهي.

ڪنهن چڱي شيءِ جو اهڙي وقت پسند اچڻ هوندو آهي، جو ان موقعي تي شيطان اتي هوندا آهن ۽ نظر لڳل وٺ ان کان جهل واري ڪابه شيءِ جهڙوڪ ڏکر، نماز وغيره نه هوندي آهي. ان تي هيءَ حديث دليل آهي: (العين حق). (نظر لڳڻ برحق آهي). ٻي روايت ۾ آهي ته : (ويحضرها الشيطان وحسد ابن آدم) "نظر وقت شيطان ۽ انسان جو حسد حاضر ٿيندا آهن". (احمد). ان کي نظر ان کري سڏبو آهي جو اک تعريف ڪرڻ جو هٿيار آهي، هن کري نه ته خود اها ئي نقصان تي رسائي. ان جو دليل هي آهي ته انڊي جي به ٻئي کي نظر لڳندي آهي حالانڪ اهو ڏسندو ته ڪونهي.

۱) اوبر وغيره : يعني جنهن به شيءِ کي ناظرو هٽ لائي. جيئن ان جو بچيل پاڻي يا ڪاڏو يا جنهن شيءِ کي هٽ لائي، پوءِ اهو ڪٽجي يا ڪنهن رومال وغيره سان لائجي ان ۾ ٻيو پاڻي ملائجي ۽ اهو نظر لڳل تي هارجي به ۽ ڪيس پيارجي به.

۲) جادو: هن مان مراد ڪاغذي ڳنڍيون، ڪنهن ڪلام ذريعي منتر وغيره پڙهڻ يا ڪو اهڙو عمل ڪرڻ جيڪو جادو ڪيل جي بدن يا دل يا عقل تي سٽون سڏو اثر ڪري. جادو حقيقت آهي. ڪو جادو ماٺهوءَ کي ماري ڇڏيندو آهي، ڪو بيمار ڪري وجهندو آهي. ڪو ماٺهوءَ کي پنهنجي زال سان همبستري کان عاجز ڪري ڇڏيندو آهي، ڪو زال مڙس ۾ جدائي ڪرائي ڇڏيندو آهي، ڪو شرڪ ۽ ڪفر آهي ۽ ڪو ڪبيرو گناهه آهي.

۳)نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته: (إن خير ما تداويتم به الحجامة) (بيشڪ پلي ۾ پلي شيءِ جنهن جي ذريعي اوهان علاج ڪرائيندا آهيو، سا حجامت (سگهي هٽائڻ) آهي). ان سان الله جسماني بيمارين توڙي نظر ۽ جادو جي بيمارين کان پڻ شفا ڏيندو آهي. جهڙوڪ: کينسر. تجربي مان اهو ثابت آهي.

٤) هدايت جي نيت سان پڙهڻ جو مطلب هي آهي ته جيڪو ان قرآن کي پڌي ان کي الله جي دين، نيڪ عمل ڪرڻ ۽ بري ڪم کان رکجڻ جي دعوت ڏيڻ آهي، هن نيت سان قرآن پڙهڻ جو وڏو اثر آهي، جيڪو تجربي مان ثابت آهي، جنات قرآن کان متاثر ٿي گهٽو ڪري مريض کان پنهنجي تڪليف جلد هٽائي ڇڏيندا آهن، باقي کين قتل ڪرڻ جي نيت سان پڙهڻ جي ڪري انهن ۾ ضد ۽ تڪبر پيدا ٿيندو آهي، ۽ دم ڪندڙ توڙي مريض، ٻنهن کي نقصان پهچڻ جو انديشو ٿي پوندو آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : (إن الله رفيق يحب الرفق ، ويعطي على الرفق ما لا يعطي على العنف ..). "الله نرم آهي، نرميءَ کي پسند فرمائيندو آهي، ۽ نرميءَ سان اهو ڪجهه عطا ڪندو آهي جيڪو سختيءَ سان نه ڏيندو آهي". مسلم.

جهاڙ رکائيندڙ جا شرط: مستحب آهي تہ اهو مؤمن صالح هجي. ايمان جي مقدار برابر اثر وڌندو آهي. الله عزوجل فرمايو آهي : ﴿ وَنُنَزِّلُ مِنَ ٱلْقُرْءَانِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِينَ وَلَا يَزِيدُ ٱلظَّٰلِمِينَ إِلَّا خَسَارًا ﴾ (ءِاسان قرآن مان اهو نازل ڪيون ٿا جيڪو مؤمنن لاءِ شفا ۽ رحمت آهي ۽ ظالمن لاءِ خساري کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿو وڌائي).

(۲) سچي دل سان الله ڈانهن توجهہ ڪرڻ تہ اهو ڪيس شفا ڏئي. (۳) اهو نہ پائڻ تہ شفا ۾ دير ٿي رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ جهاڙ هڪ دعا آهي. قبوليت ۾ تڪڙ ڪبي تہ اها شايد قبول ئي نہ ٿئي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي: «يُسْتَجَابُ لأَحَدِكُمْ مَا لَمْ يَعْجَلْ يَقُولُ: دَعَوْتُ فَلَمْ يُسْتَجَبْ لِي» متفق عليه "اوهان مان هر هڪ جي دعا قبول ٿيندي پر جيستائين تڪڙ نہ ڪري ۽ چوي تہ : مون دعا گهري پر قبول نہ ٿي". (متفق عليہ).

جهاڙ رکڻ جا ڪجهہ طريقا آهن : ۱- جهاڙ رکجي ۽ ان سان گڏ (هلڪي ٽڪ جي) ڦوڪ ڏجي. ۲- بنا ڦوڪ جي پڙهجي. ۳- آڱر کي ٽڪ لڳائي ان کي متيءَ سان ملائجي ۽ سور واريءَ جاءِ تي مکجي. ۴- سور واريءَ جاءِ تي هٿ لائيندي جهاڙ رکجي.

ڪجهہ اهڙيون آيتون ۽ حديثون جن سان مريض تي جهاڙ رکجي: سورة فاتحہ، سوره ڪافرون، اخلاص، فلق، والناس، ۽ هي آيتون:

آية الكرسي : ﴿ ٱللَّهُ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ٱلْحَىُّ ٱلْقَيُّومُ ۚ لَا تَأْخُذُهُۥ سِنَةٌ وَلَا نَوْمٌ ۚ لَّهُۥ مَا فِى ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَمَا فِى ٱلْأَرْضِ ۗ مَن ذَا ٱلَّذِى يَشْفَعُ عِندَهُۥٓ إِلَّا بِإِذْنِهِۦ ۚ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۖ وَلَا يُحِيطُونَ بِشَىْءٍ مِّنْ عِلْمِهِۦٓ إِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضَ ۖ وَلَا يَـُٔودُهُۥ حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ ٱلْعَلِىُّ ٱلْعَظِيمُ ﴾ [1]

سورة بقره جون آخري ٻہ آيتون: ﴿ ءَامَنَ ٱلرَّسُولُ بِمَآ أُنزِلَ إِلَيْهِ مِن رَّبِّهِۦ وَٱلْمُؤْمِنُونَ ۚ كُلٌّ ءَامَنَ بِٱللَّهِ وَمَلَٰٓئِكَتِهِۦ وَكُتُبِهِۦ وَرُسُلِهِۦ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ أَحَدٍ مِّن رُّسُلِهِۦ ۚ وَقَالُوا۟ سَمِعْنَا وَأَطَعْنَا ۖ غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَإِلَيْكَ ٱلْمَصِيرُ ﴿٢٨٥﴾ لَا يُكَلِّفُ ٱللَّهُ نَفْسًا إِلَّا وُسْعَهَا ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا ٱكْتَسَبَتْ ۗ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَآ إِن نَّسِينَآ أَوْ أَخْطَأْنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَآ إِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهُۥ عَلَى ٱلَّذِينَ مِن قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهِۦ ۖ وَٱعْفُ عَنَّا وَٱغْفِرْ لَنَا وَٱرْحَمْنَآ ۚ أَنتَ مَوْلَىٰنَا فَٱنصُرْنَا عَلَى ٱلْقَوْمِ ٱلْكَٰفِرِينَ ﴾ [2]

﴿ فَسَيَكْفِيكَهُمُ ٱللَّهُ ۚ وَهُوَ ٱلسَّمِيعُ ٱلْعَلِيمُ ﴾ [3]

﴿ يَٰقَوْمَنَآ أَجِيبُوا۟ دَاعِىَ ٱللَّهِ وَءَامِنُوا۟ بِهِۦ يَغْفِرْ لَكُم مِّن ذُنُوبِكُمْ وَيُجِرْكُم مِّنْ عَذَابٍ أَلِيمٍ ﴾ [4]

---

۱) **(ترجمو)** الله (اهو آهي جنهن) کان سواءِ ڪو بہ بندگيءَ جي لائق ناهي، اهو سدائين جيئرو ۽ سڀ کي قائم رکندڙ آهي، نڪي ڪيس ڪهل اچي ٿي ۽ نہ ننڊ، جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سندس ئي آهي، ڪير آهي جيڪو وٽس سندس اجازت کان سواءِ سفارش ڪري! جيڪو انهن (ماڻهن) جي اڳيان آهي ۽ جيڪو انهن جي پويان آهي، ان سڀ جي خبر اٿس، ۽ هو سندس مرضيءَ کان سواءِ سندس علم مان ڪجهہ بہ هٿ ڪري نٿا سگهن، سندس (بادشاهيءَ جي) ڪرسي آسمانن ۽ زمين تي چانيل آهي، ۽ انهن جي سنڀال ڪيس نٿي ٽڪائي، ۽ هو سڀ کان مٿانهون ۽ بزرگيءَ وارو آهي.

۲) **(ترجمو)** : رسول ڈانهن جيڪي سندس رب موڪليو، تنهن تي هن ايمان آندو، ۽ مؤمن پڻ، سڀني هڪ الله ۽ سندس ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ رسولن تي ايمان آندو، (چون ٿا تہ) اسين رسولن جي وچ ۾ ڪوبہ فرق نٿا ڪريون، ۽ چيائون تہ : اسان ٻڌو ۽ قبول ڪيو، اي اسان جا ڌڻي! تنهنجي بخشش ٿا گهرون ۽ تو ڈانهن ئي موٽڻو آهي. الله ڪنهن تي بہ سندس طاقت کان وڌيڪ بار نٿو رکي، جيڪي (چڱايون) ڪمايائين، سي ان لاءِ آهن ۽ جيڪي (منڱيون) ڪمايائين، سي مٿس اٿس. (دعا گهرندا آهن تہ :) اي اسان جا ڌڻي! جيڪڈهن اسان پُل يا چُڪ ۾ ڪا خطا ڪريون تہ اسان جي پڪڙ نہ ڪج، اي اسان جا رب! اسان تي اهڙو ڳرو بار نہ رکج، جهڙو تون اسان کان اڳين تي رکيو هو، اي اسان جا پالڻهار! اسان کي اهو بار نہ کڻاءِ جنهن جي کڻڻ جي اسان کي سگهہ ئي نہ آهي، ۽ اسان کي معاف ڪر، ۽ اسان تي رحم ڪر، تون ئي اسان جو سائين آهين، تنهن ڪري ڪافرن جي مقابلي ۾ اسان جي مدد ڪر.

۳) (پوءِ سگهو الله توکي انهن (جي شر) کان ڪافي ٿيندو، ۽ اهوئي سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي).

٤) (اي اسان جي قوم! الله جي سڏيندڙ جو چيو مڃو ۽ ان تي ايمان آڻيو تہ (الله) اوهان جا ڪي گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ ڏکوئيندڙ عذاب کان اوهان کي بچائي ونڊندو).

﴿ وَنُنَزِّلُ مِنَ ٱلْقُرْءَانِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِينَ وَلَا يَزِيدُ ٱلظَّٰلِمِينَ إِلَّا خَسَارًا ﴾ [١]
﴿ أَمْ يَحْسُدُونَ ٱلنَّاسَ عَلَىٰ مَآ ءَاتَىٰهُمُ ٱللَّهُ مِن فَضْلِهِۦ ﴾ [٢] ﴿ وَإِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِينِ ﴾ [٣]
﴿ وَيَشْفِ صُدُورَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِينَ ﴾ [٤] ﴿ قُلْ هُوَ لِلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ هُدًى وَشِفَآءٌ ﴾ [٥]
﴿ لَوْ أَنزَلْنَا هَٰذَا ٱلْقُرْءَانَ عَلَىٰ جَبَلٍ لَّرَأَيْتَهُۥ خَٰشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ ٱللَّهِ ﴾ [٦] ﴿ فَٱرْجِعِ ٱلْبَصَرَ هَلْ تَرَىٰ مِن فُطُورٍ ﴾ [٧]
﴿ وَإِن يَكَادُ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ لَيُزْلِقُونَكَ بِأَبْصَٰرِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا۟ ٱلذِّكْرَ وَيَقُولُونَ إِنَّهُۥ لَمَجْنُونٌ ﴾ [٨]
﴿ وَأَوْحَيْنَآ إِلَىٰ مُوسَىٰٓ أَنْ أَلْقِ عَصَاكَ ۖ فَإِذَا هِىَ تَلْقَفُ مَا يَأْفِكُونَ ﴾ [٩] ﴿ فَوَقَعَ ٱلْحَقُّ وَبَطَلَ مَا كَانُوا۟ يَعْمَلُونَ ﴾ [١٠]
﴿ فَغُلِبُوا۟ هُنَالِكَ وَٱنقَلَبُوا۟ صَٰغِرِينَ ﴾ [١١]
﴿ قَالُوا۟ يَٰمُوسَىٰٓ إِمَّآ أَن تُلْقِىَ وَإِمَّآ أَن نَّكُونَ أَوَّلَ مَنْ أَلْقَىٰ ﴿٦٥﴾ قَالَ بَلْ أَلْقُوا۟ ۖ فَإِذَا حِبَالُهُمْ وَعِصِيُّهُمْ يُخَيَّلُ إِلَيْهِ مِن سِحْرِهِمْ أَنَّهَا تَسْعَىٰ ﴿٦٦﴾
فَأَوْجَسَ فِى نَفْسِهِۦ خِيفَةً مُّوسَىٰ ﴿٦٧﴾ قُلْنَا لَا تَخَفْ إِنَّكَ أَنتَ ٱلْأَعْلَىٰ ﴿٦٨﴾ وَأَلْقِ مَا فِى يَمِينِكَ تَلْقَفْ مَا صَنَعُوٓا۟ ۖ إِنَّمَا صَنَعُوا۟ كَيْدُ سَٰحِرٍ ۖ وَلَا يُفْلِحُ ٱلسَّاحِرُ حَيْثُ أَتَىٰ ﴾ [١٢] ﴿ ثُمَّ أَنزَلَ ٱللَّهُ سَكِينَتَهُۥ عَلَىٰ رَسُولِهِۦ وَعَلَى ٱلْمُؤْمِنِينَ ﴾ [١٣]
﴿ فَأَنزَلَ ٱللَّهُ سَكِينَتَهُۥ عَلَيْهِ وَأَيَّدَهُۥ بِجُنُودٍ لَّمْ تَرَوْهَا ﴾ [١٤]
﴿ فَأَنزَلَ ٱللَّهُ سَكِينَتَهُۥ عَلَىٰ رَسُولِهِۦ وَعَلَى ٱلْمُؤْمِنِينَ وَأَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ ٱلتَّقْوَىٰ ﴾ [١٥]
﴿ لَّقَدْ رَضِىَ ٱللَّهُ عَنِ ٱلْمُؤْمِنِينَ إِذْ يُبَايِعُونَكَ تَحْتَ ٱلشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِى قُلُوبِهِمْ فَأَنزَلَ ٱلسَّكِينَةَ عَلَيْهِمْ وَأَثَٰبَهُمْ فَتْحًا قَرِيبًا ﴾ [١٦]
﴿ هُوَ ٱلَّذِىٓ أَنزَلَ ٱلسَّكِينَةَ فِى قُلُوبِ ٱلْمُؤْمِنِينَ لِيَزْدَادُوٓا۟ إِيمَٰنًا مَّعَ إِيمَٰنِهِمْ ﴾ [١٧]

---

١) (۽ اسين اهڙو قرآن نازل ڪريون ٿا، جيڪو مؤمنن لاءِ شفا ۽ رحمت آهي ۽ ظالمن لاءِ نقصان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ وڌائيندو آهي).
٢) (بلڪ ماڻهن سان ان تي حسد ڪندا آهن جيڪو الله کين پنهنجي فضل سان ڏنو آهي).
٣) (۽ جڏهن مون بيمار ٿيندو آهيان تہ اهو (الله)ئي مون کي شفا ڏيندو آهي).
٤) (۽ مؤمن ماڻهن جي دلين کي (الله) ٺاريندو).
٥) (چؤ تہ اهو (قرآن) جن ايمان آندو آهي تن لاءِ هدايت ۽ شفا آهي).
٦) (جيڪڏهن اسان هن قرآن کي ڪنهن جبل تي نازل ڪريون ها تہ ضرور ان کي الله جي خوف کان عاجزي ڪندڙ، پرزا پرزا ٿي پوندڙ ڏسين ها).
٧) (پوءِ نظر ورائي ڏس، ڪٿي ڪا ڦوٽ ڏسين ٿو؟).
٨) (۽ ڪافر جڏهن قرآن ٿا ٻڌن تڏهن ائين ٿو لڳي جو اجهو ٿا تيز نظرن سان تنهنجا پير ڪيڏي ڇڏين، ۽ چون ٿا تہ هيءُ (پيغمبر) تہ پڪ چريو آهي).
٩) (۽ موسىٰ ڏانهن وحي موڪليوسون تہ پنهنجي لٺ اڇلاءِ، تہ اها تنهن مهل ئي سندن گهڙيل جادوءَ کي ڳهندي وئي).
١٠) (پوءِ سچ ثابت ٿيو ۽ جيڪي انهن ڪيو ٿي سو ڪوڙو ٿيو).
١١) (پوءِ اتي هار کاڌائون ۽ ذليل بنجي ويا).
١٢) (چيائون تہ: اي موسىٰ! يا تون (پنهنجو ڏارو) اڇلاءِ يا پهريون اسان اڇلايون. چيائين تہ: ڀل توهان ئي اڇلايو، پوءِ ڏسندي ئي سندن رسا ۽ سندن لٽيون سندن جادوءَ سبب ڪيس ائين لڳو جو ڇڪ ڊوڙن پيون. تنهن تي موسىٰ پنهنجي دل ۾ ڪجهہ ڊپ محسوس ڪيو. چيوسونس تہ: نہ ڊڄ، پڪ تون ئي مٿانهون ٿيندين. ۽ جيڪي تنهنجي ساڄي هٿ ۾ آهي سا اڇلاءِ، تہ جو ڪجهہ ٻٽايو اٿئون تنهن کي ڳهي ويندي، جو ڪجهہ ٻٽايو اٿئون سو رڳو جادوگر جو ڊوڳ آهي ۽ جادوگر جتان بہ اچي ڪامياب ٿيڻو ئي ناهي).
١٣) (پوءِ الله پنهنجي رسول ۽ مؤمنن تي پنهنجو سڪون نازل ڪيو).
١٤) (پوءِ الله مٿس پنهنجو سڪون لاڙو ۽ اهڙن لشڪرن سان مدد ڪيائينس جن کي اوهان نہ ٿي ڏٺو).
١٥) (پوءِ الله پنهنجي رسول ۽ مؤمنن تي پنهنجو سڪون لاڙو ۽ کين پرهيزگاريءَ جي ڳالهہ تي قائم رکيائين).
١٦) (بيشڪ الله مؤمنن کان (ان وقت) راضي ٿيو، جڏهن وڻ هيٺان توسان بيعت ٿي ڪيائون، پوءِ جيڪي سندن دلين ۾ هو سو ڄاتائين، پوءِ مٿن آڻٽ لاڻائين ۽ کين هڪ ويجهي سوڀ انعام ۾ ڏنائين).
١٧) (الله) اهو ئي آهي، جنهن مؤمنن جي دلين ۾ سڪون لاڙو، تہ جيئن سندن ايمان ۾ ايمان بہ يقين جو واڌارو ٿئي).

حديثون :

(اَسْاَلُ اللّٰهَ الْعَظِيْمَ رَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ اَنْ يَشْفِيَكَ)[1] ۷ ڀيرا.

(اُعِيذُكَ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّةِ مِنْ كُلِّ شَيْطَانٍ وَهَامَّةٍ وَمِنْ كُلِّ عَيْنٍ لَامَّةٍ)[2] ۳ ڀيرا .

(اللّٰهُمَّ رَبَّ النَّاسِ اَذْهِبِ الْبَاْسَ اِشْفِ اَنْتَ الشَّافِيْ لَا شِفَاءَ اِلَّا شِفَاؤُكَ شِفَاءً لَا يُغَادِرُ سَقَمًا)[3] ۳ ڀيرا .

(اللّٰهُمَّ اَذْهِبْ عَنْهُ حَرَّهَا وَبَرْدَهَا وَوَصَبَهَا)[4] هڪ ڀيرو.

(حَسْبِيَ اللّٰهُ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ)[5] ۷ ڀيرا .

(بِسْمِ اللّٰهِ اَرْقِيْكَ مِنْ كُلِّ دَاءٍ يُؤْذِيْكَ وَمِنْ شَرِّ كُلِّ نَفْسٍ اَوْ عَيْنِ حَاسِدٍ، اَللّٰهُ يَشْفِيْكَ بِسْمِ اللّٰهِ اَرْقِيْكَ)[6] ۳ ڀيرا.

سور واري جاءِ تي هٿ رکي هينئن چئجي : (بِسْمِ اللّٰهِ. ۳ ڀيرا. اَعُوْذُ بِعِزَّةِ اللّٰهِ وَقُدْرَتِهِ مِنْ شَرِّ مَا اَجِدُ وَاَحَاذِرُ)[7] ۷ ڀيرا.

ڪجھ نوٽ :

(۱) ناظروءَ جي باري ۾ جيڪي خرافات مشهور آهن جھڑوڪ: ان جو پيشاب پيئڻ. ۽ هي ته جيڪڏهن ان کي خبر پئجي ويئي ته ان جو اثر نه ٿيندو. وغيره، اهڙين خرافتن کي سچو نه مڃجي.

(۲) نظر لڳڻ جي ڊپ کان چمڙي جا تعويذ، ڪنگڻ ۽ ڪنڊيلا وغيره پائڻ جائز ناهن. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته : «مَنْ تَعَلَّقَ شَيْئًا وُكِلَ إِلَيْهِ» الترمذي "جنهن ڪا شيءِ لٽڪائي سو ان جي حوالي ٿيو". (ترمذي). ۽ جيڪڏهن انهن ۾ قرآن شريف لکيل هجي ته پوءِ ان ۾ اختلاف آهي. پر انهن جو چڏڻ افضل آهي.

(۳) (ما شاءَ الله تبارك الله) لکڻ، تلوار، چري يا اک چاپڻ يا گاڏيءَ ۾ قرآن شريف رکڻ يا گهرن ۾ کي آيتون لٽڪائڻ، اهي سڀ شيون نظر کي نه ٿيون تاري سگهن. بلڪ ڪڏهن ته اهي حرام تعويذن مان شمار ٿيندیون آهن.

(۴) مريض تي اهو به واجب آهي ته اهو دعا جي قبول ٿيڻ جو يقين رکي. شفاء ٿيڻ ۾ گهٽي دير جو گمان نه ڪري. جيڪڏهن کيس چيو وڃي ته دوائن ۾ شفا آهي پر سڃي زندگي اهي واپرائيندو پوندیون ته گهبرائيندو ئي نه . پر جيڪڏهن جھاڙ ڦوڪ ڪندي ڪجھ عرصو لڳي ويندو ته پٽڪو شروع ڪري ڏيندو. حالانڪ هر حرف جيڪو هو پڙهندو رهندو، تنهن جي بدلي کيس هڪ نيڪي ملندي ۽ اها نيڪي اهڙين ڏهن نيڪين جي برابر هوندي. ان کري گهرجي ته دعا ۽ استغفار ڪندو رهجي ۽ گهٽو صدقو ڪجي. اهو به شفا جو هڪ ذريعو آهي.

(۵) اجتماعي قرآن خواني (جيڪا ماڻهو گڏجي پڙهن ٿا) سنت جي خلاف آهي ۽ ان جي روايت ڪمزور آهي. اهڙيءَ طرح تلاوت يا دعائن جي پريل ڪيستن ٻڌڻ تي پاڙڻ درست نه آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ نيت جو ثبوت نه ٿو ٿئي، جڏهن ته اها جھاڙ رکندڙ لاءِ شرط آهي، جيتوڻيڪ ان جي ٻڌڻ ۾ پلائي آهي. شرعي جھاڙ بار بار پڙهڻ

---

۱) (آءٌ الله عظيم، عرش عظيم جي مالڪ کان سوال ٿو ڪريان ته توکي شفا نصيب ڪري)

۲) (آءٌ توکي هر شيطان، زهريلي جانور ۽ هر لڳندڙ نظر کان الله جي ڪامل ڪلمن جي پناهه ۾ ٿو ڏيان)

۳) (اي منهنجا الله! ماڻهن جا پالڻهار! تڪليف دور ڪر، شفا عطا ڪر، تون ئي شفا ڏيندڙ آهين، تنهنجي شفا کان سواءِ بي ڪا شفا ئي ناهي، اهڙي شفا جيڪا ڪنهن به بيماري کي نه ڇڏي)

٤) (اي الله! هن کان سندس بيماريءَ جي گرمي، سردي ۽ تڪليف دور فرماءِ)

٥) (الله مون کي ڪافي آهي، ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه عبادت جي لائق ناهي، مٿس ئي منهنجو پروسو آهي ۽ اهوئي عرش عظيم جو رب آهي)

٦) (الله جي نالي سان هر ان بيماريءَ کان جا توکي ايذائي ۽ هر نفس يا ساڙولي اک جي شر کان توکي جھاڙ ٿو ڪران، الله توکي شفا عطا ڪري، الله جي نالي سان توکي جھاڙ ٿو ڪران)

۷) (جيڪو ڪجھ محسوس ٿيو ڪريان ۽ جنهن کان ڊجان ٿيو، تنهن جي شر کان الله جي عزت ۽ سندس قدرت جي آءٌ پناهه ٿو گهران)

سنت آهي، جيستائين شفا ٿئي. ها جيڪڏهن ڏڪهي جهاڙ پڙهڻ سان ٺڪجيو ٿو پوي ته ٿورو ٿورو پڙهي ته جيئن تنگ نه ٿئي. باقي ڪنهن آيت ۾ دعا جو خاص عدد ڏهرائڻ دليل کان سواءِ صحيح ناهي.

(٦) واضح رهي ته ڪجهه اهڙيون نشانيون آهن، جن سيني يا ڪن جي ذريعي ڄاڻي سگهبو آهي ته جهاڙ رکندڙ جادوءَ تي عمل ٿو ڪري، قرآن تي نه ٿو ڪري. توڪي اهڙا ماڻهو پنهنجي ظاهري ديندارياءَ سان دوکي ۾ نه وجهن. ڪڏهن اهي پنهنجي ڀيٽي پڙهڻ جي قرآن سان شروعات ته ڪندا آهن پر ڏسندي ئي ڏسندي ان کي بدلائي ڇڏيندا آهن. کي ته مسجدن ۾ به خوب نظر ايندا آهن ته جيئن ماڻهن کي بيوقوف بنائي سگهن. اهڙن کي ڪڏهن ڏسندين ته تنهنجي آڏو الله جو گهٽو ذڪر به ڪندا هوندا. اهي شيون توکي دوکي ۾ نه وجهن. انهن کان خبردار رهجان.

جادوگرن ۾ مدارين جون ڪجهه نشانيون: ✸ مريض کان سندس نالو ۾ سندس ماءُ جو نالو پڇڻ. جڏهن ته نالي ڄاڻڻ نه ڄاڻڻ سان علاج ۾ ڪوبه فرق پيدا نه ٿو ٿئي. ✸ مريض جي ڪن ڪپڙن جي طلب ڪرڻ، جيئن ڪرتو يا گنجي وغيره. ✸ ڪڏهن مريض کان خاص صفتن وارو ڪو جانور گهريو ويندو آهي ته جيئن جنات لاءِ ان کي ذبح ڪيو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن مريض کي ان جو رت به ٿڦيو ويندو آهي. ✸ اهڙن طلسمن ۾ منترن جو لکڻ يا پڙهڻ جن جي معنىٰ ئي سمجهه ۾ نه اچي. ✸ مريض کي اهڙا پنا ڏيڻ، جن ۾ نقشا هجن ۾ نقشن جي وچ ۾ حرف ۾ نمبر لکيل هجن. جن کي تعويذ چوندا آهن. ✸ مريض کي اهو حڪم ڪرڻ ته اونداهي ڪمري ۾ ڪجهه عرصو ماڻهن کان ڌار ٿي ويهي رهي. ان کي (ڏڪ يا اوٺ) چوندا آهن. ✸ مريض کي اهو چوڻ ته ڪجهه عرصي تائين پاڻيءَ کي هٿ نه لائي. ✸ مريض کي ڪا شيءِ زمين ۾ دفن ڪرڻ لاءِ ڏيڻ. يا ڪو پنو ڏيڻ ته ان کي ساڙي پاڻ کي ان جو واس ڏئي. ✸ مريض کي ان جون کي اهڙيون خاص ڳالهيون ٻڌائڻ جيڪي ان کان سواءِ ٻيو ڪو به نه ڄاڻي. يا سندس ڪجهه ڳالهائڻ کان اڳ ئي ڪيس سندس نالي، شهر ۾ بيماريءَ جي خبر ڏيڻ. ✸ مريض جي پهچڻ شرط ڪيس ان جو مرض ٻڌائڻ يا فون يا ٽپال جي ذريعي خبر ڏيڻ.

(٧) اهل سنت جو مذهب آهي ته جن انسان کي وٺندو آهي، ان جو دليل الله تعالىٰ جو هي فرمان آهي: ﴿ٱلَّذِينَ يَأْكُلُونَ ٱلرِّبَوٰاْ لَا يَقُومُونَ إِلَّا كَمَا يَقُومُ ٱلَّذِى يَتَخَبَّطُهُ ٱلشَّيْطَٰنُ مِنَ ٱلْمَسِّ﴾ (جيڪي وياج کائين ٿا، سي ان ماڻهوءَ وانگر اٿندا، جنهن کي شيطان ڇُهي چريو ڪري ڇڏيو هجي) مفسر هن ڳالهه تي متفق آهن ته آيت ۾ (مَسّ) مان مراد شيطاني جنون آهي، جيڪو جن وٺڻ جي ڪري انسان کي پيش ايندو آهي.

تڪملو : جادو : موجود آهي، ان جو اثر قرآن ۾ حديث مان ثابت آهي، جادو ڪرڻ حرام، ڪبيرو گناهه ۾ تمام وڏو ڏوهه آهي، نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي : «اجْتَنِبُوا السَّبْعَ الْمُوبِقَاتِ قَالُوا: يَا رَسُولَ اللَّهِ وَمَا هُنَّ؟ قَالَ: الشِّرْكُ بِاللَّهِ، وَالسِّحْرُ... » متفق عليه. ”ستن هلاڪ ڪندڙن کان بچو. چيائون ته : اي الله جا رسول! اهي ڇا آهن؟ فرمايائين ته : الله سان شرڪ ڪرڻ، جادو ڪرڻ...“. الله تعالىٰ جو فرمان آهي : ﴿وَلَقَدْ عَلِمُواْ لَمَنِ ٱشْتَرَىٰهُ مَا لَهُۥ فِى ٱلْءَاخِرَةِ مِنْ خَلَٰقٍ﴾ ”۽ پڪ ڄاتائون ٿي ته جنهن ان کي خريد ڪيو، تنهن لاءِ آخرت ۾ ڪو حصو ناهي“. جادو به قسم آهي: ١) اهڙيون ڳنڍيون ۽ ڀيٽا، جن جي ذريعي جادوگر جنهن به جادو ڪيل کي نقصان پهچائڻ گهرندو آهي ته ان لاءِ جنن کي استعمال ڪندو آهي. ٢) اهڙيون دوائون جيڪي جادو ڪيل جي بدن، عقل، ارادي ۽ ميلان تي اثر ڪن، جنهن کي : ڀيرائڻ ۽ لاڙڻ چئبو آهي، پوءِ جادو ٽيل ائين پائيندو آهي ته ڇڻ : هيءَ شيءِ ڦري پئي، هيءَ شيءِ چري پئي يا هلي پئي ... وغيره وغيره. پهريون قسم جادو ڪرڻ شرڪ آهي، ڇاڪاڻ ته جن ايستائين جادوگر جي خدمت نه ڪندا آهن جيستائين هو الله تعالىٰ جو ڪفر نه ڪري. باقي ٻيو قسم، هلاڪ ڪندڙ، ڪبيري گناهن مان آهي، جيتوڻيڪ هر شيءِ الله تعالىٰ جي تقدير سان ٿيندي آهي.

دعـــا

سڀي مخلوق فقير ۽ الله جي محتاج آهي. اهو بي پرواهه آهي. مخلوق جي ان کي کاڻ کانهي. الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن تي دعا گهرڻ واجب ڪئي آهي. الله سبحانه وتعالىٰ فرمايو آهي: ﴿ادْعُونِي أَسْتَجِبْ لَكُمْ إِنَّ الَّذِينَ يَسْتَكْبِرُونَ عَنْ عِبَادَتِي سَيَدْخُلُونَ جَهَنَّمَ دَاخِرِينَ﴾ (مون کان دعا گهرو تہ آءٌ اوهان جي دعا قبول ڪندس. بيشڪ جيڪي منهنجي عبادت کان تڪبر ڪن ٿا، سي خوار ٿي جهنم ۾ داخل ٿيندا).

هن آيت ۾ (عبادت) مان مراد (دعا) آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ: «مَنْ لَمْ يَسْأَلِ اللَّهَ يَغْضَبْ عَلَيْهِ» "جيڪو الله کان سوال نہ ٿو ڪري، الله ان تي ناراض ٿو ٿئي". (ابن ماجه). ان سان گڏ الله ﷻ ٻانهن جي ڪائنس دعا گهرڻ سان خوش ٿيندو آهي. ڏانهس زاري ڪرڻ وارن کي پسند ڪندو آهي. ۽ کين پنهنجي قريب ڪندو آهي.

نبي ڪريم ﷺ جي اصحابن ان ڳالهه جو چڱيءَ طرح شعور حاصل ڪري ورتو هو، جنهن ڪري انهن مان ڪوبه الله کان ڪا معمولي شيءِ بہ گهرڻ ۾ گهٽتائي نہ سمجهندو هو ۽ نہ ئي اهي پنهنجا مسئلا مخلوق مان ڪنهن وٽ کڻي ويندا هئا. اهو صرف ان ڪري هو تہ انهن جو پنهنجي رب سان ۽ سندن رب جو انهن سان قرب ۽ تعلق هو. سندن اهو قرب الله جل جلاله جي هن فرمان جو نتيجو هو: ﴿وَإِذَا سَأَلَكَ عِبَادِي عَنِّي فَإِنِّي قَرِيبٌ﴾ (ڏهنج ۽ ٻانهـا توکـان منهنجـي بـاري ۾ پڇـا کـن تـہ منهنجا (ڪين ٻڌاءِ تہ) آءٌ ويجهو آهيان).

دعا جو الله وٽ تمام وڏو مرتبو آهي. دعا الله وٽ وڏي اڪرام واري شيءِ آهي. اها ڪڏهن قضا کي بہ ٽاري ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن قبوليت جا اسباب مهيا هجن ۽ ان جون رڪاوٽون دور هجن تہ جيڪو بہ الله کان دعا گهرندو آهي تہ الله سندس دعا قبول فرمائيندو آهي. ۽ دعا گهرڻ واري کي هيئين شين مان ڪا هڪ عطا ڪندو آهي، جن جو نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي هن قول ۾ ذڪر فرمايو آهي: «مَا مِنْ مُسْلِمٍ يَدْعُو بِدَعْوَةٍ لَيْسَ فِيهَا إِثْمٌ وَلَا قَطِيعَةُ رَحِمٍ إِلَّا أَعْطَاهُ اللَّهُ بِهَا إِحْدَى ثَلَاثٍ: إِمَّا أَنْ تُعَجِّلَ لَهُ دَعْوَتَهُ، وَإِمَّا أَنْ يَدَّخِرَهَا لَهُ فِي الْآخِرَةِ، وَإِمَّا أَنْ يَصْرِفَ عَنْهُ مِنَ السُّوءِ مِثْلَهَا. قَالُوا إِذًا نُكْثِرُ؟ قَالَ: اللَّهُ أَكْثَرُ» أحمد والترمذي. "ڪوبہ مسلمان جڏهن ڪا دعا گهرندو آهي، جنهن ۾ گناهه ۽ رشتن ٽوڙڻ جي ڪا شيءِ نہ هجي تہ الله ان کي تن مان ڪا هڪ شيءِ عطا ڪندو آهي: يا تہ سندس اها دعا جلد قبول ٿيندي آهي يا ان کي سندس لاءِ آخرت جو ذخيرو بنائيندو آهي يا ڪائنس ان برابر ڪا برائي ٽاريندو آهي. صحابن عرض ڪيو تہ: پوءِ نہ اسان گهٽي دعا گهرون؟ پاڻ فرمايائون: الله ان کان گهٽو آهي".

دعا جا قسم: دعا بہ قسم آهي: ۱) عبادت واري دعا. جيئن نماز ۽ روزو. ۲) سوال ڪرڻ ۽ گهرڻ واري دعا.

عملن جي هڪ ٻئي مٿان فضيلت: قرآن پڙهڻ افضل آهي؟ يا ذڪر ڪرڻ يا دعا ۽ ڪجهه گهرڻ؟ قرآن شريف جي تلاوت سڀني عملن کان وڌيڪ افضل آهي، ان کان پوءِ ذڪر ۽ ثنا، پوءِ دعا ۽ ڪجهه گهرڻ. اهو مجموعي طور تي آهي. پر ڪڏهن ڪهڙ درجي واري شيءِ ڪن سببن جي ڪري وڌيڪ درجي واري کان بہ افضل ٿي ويندي آهي. جهڙوڪ: عرفات جي ڏينهن دعا گهرڻ قرآن پڙهڻ کان افضل آهي ۽ فرض نمازن کان پوءِ آيل ذڪر اذڪارن ۾ مشغول ٿيڻ قرآن پڙهڻ کان افضل آهي.

دعا قبول ٿيڻ جا اسباب: ان جا ڪي اسباب ظاهري آهن تہ ڪي باطني:

۱) ظاهري اسباب هي آهن: ان کان اڳ ڪي صالح عمل ڪرڻ، جهڙوڪ: صدقو، وضو، نماز، قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ، هٿ متي کڻڻ، الله جي اهڙي ثناء ڪرڻ جنهن جو پاڻ مستحق آهي، الله جا نالا ۽ سندس صفتون دعا جي مناسبت سان ذڪر ڪرڻ. جڏهن دعا جنت جي طلب لاءِ هجي تہ سندس رحمت ۽ فضل جي ذريعي عاجزي ڪجي. جڏهن مثلا ڪنهن ظالم جي مٿان دعا گهرجي تہ پوءِ (رحمٰن) ۽ (ڪريم) جو اسم استعمال ڪرڻ جي بجاءِ (جبار) ۽ (قهار) جو اسم استعمال ڪرڻ گهرجي. ۽ انهن سببن مان: دعا جي منڊ، وچ ۽ آخر ۾ درود پڙهڻ، گناهن جو اقرار ڪرڻ، الله جي نعمتن جو شڪر ڪرڻ ۽ اهڙن وقتن کي غنيمت ڄاڻڻ، جن جي باري ۾ دليل آيو آهي تہ اهي اجابت جا وقت آهن. اهڙا وقت تمام گهٽا آهن، جن مان ڪجهه هن طرح آهن: ✸ ڏينهن ۽ رات ۾: رات جو آخري ٽيون حصو، جڏهن الله ﷻ دنيا جي آسمان طرف لهي ايندو آهي، اذان ۽ اقامت جي وچ ۾، وضوءَ کان پوءِ، سجدي جي

دوران، نماز جي سلام ڦيرائڻ کان اڳ، نمازن پڙهڻ کان پوءِ، قرآن جي ختم وقت، ڪڪڙ جي بانگ ڏيڻ وقت، سفر ۾، مظلوم ۽ پريشان حال جي دعا گهرڻ وقت، پيءُ جي پنهنجي پٽ لاءِ دعا، مسلمان جي پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ لاءِ پرپٺ دعا ۽ جنگ ۾ دشمن سان سامهون ٿيڻ وقت، الله تعالىٰ دعا قبول فرمائيندو آهي. ✸ هفتي جي ڏينهن ۾ : جمعي جي ڏينهن، خاص ڪري ان ڏينهن جي آخري گهڙيءَ وقت. ✸ مهينن ۾ : رمضان جي مهيني ۾ سحريءَ ۽ افطاري وقت. ليلة القدر ۽ عرفات واري ڏينهن ۾. ✸ برڪت ۽ شرف وارين جاين مان : عام مسجدن ۾، ڪعبة الله وٽ، خاص ڪري ملتزم وٽ، مقام ابراهيم وٽ، صفا ۽ مروه جي مٿان، حج جي ڏينهن ۾ عرفات، مزدلفي ۽ منىٰ ۾ ۽ زمزم جي پاڻي پيئڻ وقت. وغيره.

۲) باطني اسباب: دعا کان اڳ : سچي توبهه ڪرڻ، ماڻهن جا حق واپس ڪرڻ، کاڌو، پيتو، لباس، رهائش، حلال جي ڪمائيءَ مان هجڻ. نيڪيون گهٽيون ڪرڻ، حرام شين کان پاسو ڪرڻ، شهواني خواهشن ۽ مشتبهه شين کان بچڻ وغيره جو اهتمام ڪرڻ. دعا جي وچ ۾: دل جو حضور، الله تي ڀروسو ڪرڻ، پڪي اميد ڪرڻ، ان ڏانهن التجاء ڪرڻ، عاجزي ۽ زاري ڪرڻ، معاملو سندس حوالي ڪرڻ، ۽ ان کان سواءِ ڪنهن ڏانهن نه واجهائڻ ۽ قبوليت جو يقين ڪرڻ.

دعا جي قبول نه ٿيڻ جا سبب: ڪڏهن انسان دعا گهرندو آهي پر اها قبول نه ٿيندي آهي. يا قبوليت ۾ دير ٿيندي آهي. ان جا ڪوڙ سبب آهن. جن مان ڪجهه هن ريت آهن. ✸ الله سان گڏ بين کان دعا گهرڻ. ✸ دعا ۾ گهٽو تفصيل ڪرڻ، جيئن جهنم جي گرميءَ کان، ان جي تنگيءَ ۽ ان جي اوندهه کان پناهه گهرڻ... حالانڪ صرف جهنم کان پناهه گهرڻ ڪافي آهي. ✸ مسلمان جي پنهنجي مٽان يا ٻئي جي مٽان ناحق بد دعا گهرڻ. ✸ گناهه ۽ مائٽي ڇنڻ جي دعا گهرڻ ✸ دعا کي الله جي مرضيءَ تي ڇڏڻ. مثال چئي: اي الله جيڪڏهن تون چاهين ته مون کي معاف ڪر! وغيره. ✸ دعا جي قبوليت ۾ تڪڙ ڪرڻ. مثال چئي: دعا ته گهريم پر قبول نه ٿي. ✸ ٽڪجي پوڻ : يعني ڪڪ ٿي دعا ڇڏي ڏيڻ. ✸ غافل دل سان دعا گهرڻ. ✸ الله جي آڏو ادب نه ڪرڻ. نبي ڪريم ﷺ جن هڪ مرد کي پنهنجي نماز ۾ دعا گهرندي ٻڌو، جنهن نبي ڪريم ﷺ جن تي درود نه پڙهيو، پاڻ فرمايائون: «عَجِلَ هَذَا» "هن تڪڙ ڪئي آهي". پوءِ ڪيس سڏيائون، پوءِ ان کي يا ڪنهن ٻئي کي چيائون: «إِذَا صَلَّى أَحَدُكُمْ فَلْيَبْدَأْ بِتَحْمِيدِ اللَّهِ وَالثَّنَاءِ عَلَيْهِ، ثُمَّ لِيُصَلِّ عَلَى النَّبِيِّ ﷺ ثُمَّ لِيَدْعُ بَعْدُ بِمَا شَاءَ» جڏهن اوهان مان ڪو نماز پڙهي ته ان کي حمد ۽ ثنا سان شروع ڪرڻ گهرجي، ان کان پوءِ نبي ڪريم ﷺ تي صلاة پڙهڻ گهرجي، ان کان پوءِ جيڪو وٽيس تنهن جي دعا گهري". (ترمذي) ✸ اڻ ٿيٽي شيءِ جي دعا گهرڻ. جيئن دنيا ۾ هميشه رهڻ جي دعا گهرڻ. ✸ ۾ تڪلف تڪبندي سان دعا گهرڻ. الله عزوجل فرمايو آهي: ﴿ٱدْعُوا۟ رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً ۚ إِنَّهُۥ لَا يُحِبُّ ٱلْمُعْتَدِينَ﴾ (پنهنجي رب کي زاري سان ۽ ڳجهي طريقي سان سڏيو. ڇاڪاڻ ته اهو حد لنگهندڙ کي پسند نه ڪندو آهي). ابن عباس رضي الله عنه فرمايو: ڏس دعا ۾ تڪبنديءَ کان پاسو ڪج. مون رسول الله ﷺ ۽ سندس اصحابن کي ڏٺو آهي ته اهي ائين ئي ڪندا هئا. يعني اهي تڪبنديءَ کان پاسو ئي ڪندا هئا. (بخاري) ✸ حد کان وڌيڪ بلند آواز سان دعا گهرڻ. الله عزوجل فرمايو آهي: ﴿وَلَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتْ بِهَا وَٱبْتَغِ بَيْنَ ذَٰلِكَ سَبِيلًا﴾ (۽ پنهنجي نماز ۾ نه ڏاڍيان پڙهه ۽ نه ان کي آهستي پڙهه، ان جي وچ وارو رستو اختيار ڪر). عائشه رضي الله تعالىٰ عنها فرمايو آهي ته : "هيءَ (آيت) دعا جي باري ۾ لٿي آهي".

دعا گهرڻ واري کي پنهنجي دعا جي ترتيب هن طرح رکڻ مستحب آهي: ۱) حمد ۽ ثنا. ۲) نبي ڪريم ﷺ جن مٿان دعا. ۳) توبهه ۽ گناهن جو اقرار ڪرڻ. ۴) الله جي نعمتن جو شڪر ڪرڻ. ۵) دعا گهرڻ شروع ڪجي ۽ جامع دعا گهرڻ جو حرص ڪجي. ۽ ائين گهرجي جيئن نبي ڪريم ﷺ ۽ سلف کان ثابت هجي. ۶) نبي ڪريم ﷺ جن جي مٿان درود سان دعا ختم ڪجي.

اهم دعائون جيكي ياد كرڻ گهرجن ۽ جن سان دعا گهرڻ گهرجي:

دعا جي مناسبت	نبي كريم ﷺ جن جون گهريل دعائون ۽ انهن جو ترجمو:
نند کان اڳ ۽ پوءِ	(بِاسْمِكَ اللَّهُمَّ أَمُوتُ وَأَحْيَا)[1]، جڏهن جاڳي ته چئي: (الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَحْيَانَا بَعْدَمَا أَمَاتَنَا وَإِلَيْهِ النُّشُورُ)[2]
نند ۾ گهبرائڻ کان	(أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّامَّاتِ مِنْ غَضَبِهِ وَعِقَابِهِ، وَمِنْ شَرِّ عِبَادِهِ، وَمِنْ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِينِ، وَأَنْ يَحْضُرُونِ)[3]
نند وارو جڏهن خواب ڏسي	جڏهن اوهان مان کو وٽندڙ خواب ڏسي، ته اهو الله جي طرفان آهي، ان کي ان تي الله جو حمد کرڻ گهرجي ۽ پل پين کي ٻڌائي. جيڪڏهن اڻ وٽندڙ خواب ڏسي ته اهو شيطان جي طرفان آهي. ان جي شر کان پناهه گهري. ۽ ان جو کنهن سان ذکر نه کري. ان جو کيس کوبه نقصان نه ٿيندو.
گهر کان نڪرڻ وقت	(اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ أَنْ أَضِلَّ أَوْ أُضَلَّ، أَوْ أَزِلَّ أَوْ أُزَلَّ، أَوْ أَظْلِمَ أَوْ أُظْلَمَ، أَوْ أَجْهَلَ أَوْ يُجْهَلَ عَلَيَّ)[4] (بِسْمِ اللهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللهِ لا حَوْلَ وَلا قُوَّةَ إلا باللهِ)[5]
مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت	جڏهن مسجد ۾ داخل ٿئي ته پهريائين پنهنجو ساڄو پير اندر داخل کري ۽ چوي: (بِسْمِ اللهِ وَالسَّلامُ عَلَى رَسُولِ اللهِ اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي ذُنُوبِي وَافْتَحْ لِي أَبْوَابَ رَحْمَتِكَ)[6]
مسجد مان نڪرڻ وقت	جڏهن مسجد مان نڪري ته پنهنجو کاٻو پير پهريائين کڄي ۽ چوي: (بِسْمِ اللهِ وَالسَّلامُ عَلَى رَسُولِ اللهِ اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي ذُنُوبِي وَافْتَحْ لِي أَبْوَابَ فَضْلِكَ)[7]
گهوٽ کي هي دعا ڏجي	« بَارَكَ اللهُ لَكَ، وَبَارَكَ عَلَيْكَ، وَجَمَعَ بَيْنَكُمَا فِي خَيْرٍ »[8]
جڏهن ڪڪڙ جي بانگ، گڏهه جي هينگ ۽ ڪتي جي پونڪ ٻڌجي	جڏهن به گڏهه جي هينگ ٻڌو: ته الله کان ان جي شر جي پناهه گهرو. چاڪاڻ ته ان شيطان ڏٺو آهي ۽ جڏهن ڪڪڙ جي بانگ ٻڌو: ته الله کان سندس فضل جو سوال کريو. چاڪاڻ ته ان ملائڪ ڏٺو آهي. ۽ جڏهن توهان رات جو ڪتي جي پونڪ ۽ گڏهه جي هينگ ٻڌو: ته الله جي پناهه گهرو.
جيڪو توکي ٻڌائي ته هو توسان الله کارڙ محبت ٿو رکي	حضرت انس رضي الله عنه کان مروي آهي ته هڪ شخص نبي كريم ﷺ جن وٽ وينو هو، ته اتان هڪ شخص گذريو. ته (وينل) چيو: يارسول الله! آءٌ هن سان محبت ٿو رکان. ته نبي كريم ﷺ جن فرمايس: تو کيس ٻڌايو آهي؟ عرض ڪيائين: نه. فرمايائونس ته: کيس ٻڌاءِ. پوءِ اٿي کيس پهتو ۽ چيائينس ته: آءٌ توسان الله خاطر محبت ٿو كريان. ته ان وراٽيس: توسان اهو محبت كري جنهن جي كري تون مون سان محبت ڪئي آهي.
جڏهن کو مسلمان نڇ ڏئي	جڏهن اوهان مان کو نڇ ڏئي ته چئي: **الحمد لله** چوي، ٻيو پاڻ يا ان جو ساٿي کيس چئي: **يرحمك الله** جڏهن اهو سندس لاءِ يرحمک الله چئي ته پوءِ هن کي هي چوڻ گهرجي: **يهديكم الله ويصلح بالكم**. جڏهن کو ڪافر نڇ ڏئي ۽ (**الحمد لله**) چئي ته ان کي رڳو **يهديكم الله** چئجي. ان کي **يرحمك الله** نه چئجي.
مصيبت وقت دعا	✸« لا إِلَهَ إِلا اللهُ العَظِيمُ الحَلِيمُ لا إِلَهَ إِلا اللهُ رَبُّ العَرْشِ العَظِيمِ لا إِلَهَ إِلا اللهُ رَبُّ السَّمَوَاتِ وَرَبُّ الأَرْضِ وَرَبُّ العَرْشِ الكَرِيمِ »[9] ✸« اللهُ اللهُ رَبِّي، لا أُشْرِكُ بِهِ شَيْئًا »[10] ✸« يَا حَيُّ يا قَيُومُ برحمتكَ أَسْتَغِيثُ »[11] ✸« سبحَان اللهِ العَظِيم »[12]
دشمن خلاف دعا	« اللَّهُمَّ مُنْزِلَ الْكِتَابِ وَمُجْرِيَ السَّحَابِ سَرِيعَ الْحِسَابِ اهْزِمْ الْأَحْزَابَ، اللَّهُمَّ اهْزِمْهُمْ وَزَلْزِلْهُمْ »[13]

---

[1] اي الله تنهنجي نالي سان آءٌ مران ۽ جيان ٿو.
[2] الله لاءِ سپ ساراهون، جنهن مئي پڃاڻان اسان کي زنده کيو، ڏانهس ئي موٽڻو آهي.
[3] الله جي مڪمل ڪلمن جي آءٌ پناهه ۾ ٿو اچان، سندس غضب ۽ سزا کان. سندس بانهن جي شر، شيطانن جي واوسن کان ۽ انهن جي مون وٽ اچڻ کان.
[4] اي الله آءٌ هن کان تنهنجي پناهه ۾ ٿو اچان ته: گمراهه ٿيان يا گمراهه کيو ويان. ٺڳي ويان يا ٺيڳيو ويان، ظلم کيان يا ظلم کيو ويان. بي خبر ٿيان، يا بي خبر ٻڌايو ويان.
[5] الله جي نالي سان شروع ٿو کيان، الله تي توکل ٿو کيان، قوت ۽ طاقت صرف ان وٽ آهي.
[6] الله جي نالي سان (داخل ٿيان ٿو) رسول الله ﷺ جي مٿان سلام هجي. اي الله منهنجا گناهه معاف فرماءِ ۽ منهنجي لاءِ رحمت جا دروازا کولي ڇڏ!
[7] الله جي نالي سان (نڪران ٿو) رسول الله ﷺ جي مٿان سلام هجي، اي الله مون کي منهنجا گناهه معاف ڪر. ۽ پنهنجي فضل (رزق) جا دروازا مون لاءِ کولي ڇڏ!
[8] الله تنهنجي لاءِ برڪت فرمائي ۽ تنهنجي مٿان برڪت فرمائي. اوهان کي خير سان گڏ ركي.
[9] کوبه معبود ناهي الله کان سوءِ جيڪو عظيم ۽ بردبار آهي، کوبه معبود ناهي الله کانسواءِ جيڪو عرش عظيم جو رب آهي، کوبه معبود ناهي الله کان سواءِ جيڪو آسمانن ۽ زمين ۽ عرش ڪريم جو رب آهي
[10] الله الله منهنجو رب آهي، ساٿس مان کنهن کي به شريڪ نه ٿو کيان.
[11] اي حَيّ! اي قيوم! آءٌ تنهنجي رحمت جي التجا ٿو كريان.
[12] پاڪ آهي الله جيڪو برتر آهي.
[13] اي الله ڪتاب نازل ڪرڻ وارا! ڪڙن کي جاري ڪرڻ وارا! تڪڙي حساب وٺڻ وارا (دشمن جي) لشڪرن کي شڪست ڏي، اي الله! کين شڪست ڏي ۽ کين لوڏي وڃ.

رات جو ننڊ کان سجاڳ ٿيڻ وقت	جيڪو رات جو سجاڳ ٿئي ۽ هي دعا پڙهي: لا إِلَهَ إِلا اللهُ وَحْدَهُ لا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ المُلْكُ وَلَهُ الحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ، الحَمْدُ لِلّٰهِ وَسُبْحَانَ اللهِ وَلا إِلَهَ إِلا اللهُ وَاللهُ أَكْبَرُ وَلا حَوْلَ وَلا قُوَّةَ إِلا بِاللهِ. [1]
کا مشڪل پيش اچي	« اللَّهُمَّ لا سَهْلَ إِلا مَا جَعَلْتَهُ سَهْلا وَأَنتَ تَجْعَلُ الحزن إذا شِئْتَ سَهْلاً » [2]
قرض جي ادائگيءَ لاءِ دعا	« اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْهَمِّ وَالْحَزَنِ وَالْعَجْزِ وَالْكَسَلِ، وَالْجُبْنِ وَالْبُخْلِ، وَضَلَعِ الدَّيْنِ، وَغَلَبَةِ الرِّجَالِ » [3]
بيت الخلاء وڃڻ جي دعا	جڏهن بيت الخلاء ۾ داخل ٿجي ته چئجي: « اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْخُبُثِ وَالْخَبَائِثِ » [4] جڏهن فارغ ٿي نڪري ته چئي: « غُفْرَانَكَ » [5]
نماز جي وسوسن کان	اهو هڪ شيطان آهي جنهن کي (خنزب) چئبو آهي، جڏهن کيس محسوس ڪرين ته الله جي ان کان پناهه گهر ۽ ٽي ڀيرا پنهنجي کابي پاسي ٽڪ اچلاءِ.
سجدي ۾ هي دعا پڙهڻ گهرجي	✱ « اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي ذَنْبِي كُلَّهُ دِقَّهُ وَجِلَّهُ وَأَوَّلَهُ وَآخِرَهُ وَعَلانِيَتَهُ وَسِرَّهُ » [6] ✱ « سُبْحَانَكَ رَبِّي وَبِحَمْدِكَ اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي » [7] ✱ « اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ وَبِمُعَافَاتِكَ مِنْ عُقُوبَتِكَ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْكَ لا أُحْصِي ثَنَاءً عَلَيْكَ أَنْتَ كَمَا أَثْنَيْتَ عَلَى نَفْسِكَ » [8]
تلاوت جي سجدي جي دعا	«اللَّهُمَّ لَكَ سَجَدْتُ وَبِكَ آمَنْتُ وَلَكَ أَسْلَمْتُ سَجَدَ وَجْهِي لِلَّذِي خَلَقَهُ وَصَوَّرَهُ وَشَقَّ سَمْعَهُ وَبَصَرَهُ تَبَارَكَ اللهُ أَحْسَنُ الخَالِقِينَ» [9]
نماز جي شروعات جي دعا	« اللَّهُمَّ بَاعِدْ بَيْنِي وَبَيْنَ خَطَايَايَ كَمَا بَاعَدتَّ بَيْنَ المَشْرِقِ والمغْرِبِ، اللَّهُمَّ نَقِّنِي مِنْ خَطَايَايَ كَمَا يُنَقَّى الثَّوْبُ الأَبْيَضُ مِنَ الدَّنَسِ، اللَّهُمَّ اغْسِلْنِي بِالْمَاءِ وَالثلْجِ وَالبَرَدِ » [10]
نماز جي پڇاڻيءَ جي دعا	« اللَّهُمَّ إِنِّي ظَلَمْتُ نَفْسِي ظُلْمًا كَثِيرًا وَلا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلا أَنْتَ فَاغْفِرْ لِي مَغْفِرَةً مِنْ عِنْدِكَ وَارْحَمْنِي إِنَّكَ أَنْتَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ » [11]
نماز کان پوءِ	✱ «اللَّهُمَّ أَعِنِّي عَلَى ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِكَ» [12] ✱ «اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْكُفْرِ وَالْفَقْرِ وَعَذَابِ الْقَبْرِ» [13]
جيڪو ڇڪتاءُ ڪري	جنهن سان ڇڪتاءُ ڪئي وئي، ۽ انهيءَ ڇڪتاءُ ڪندڙ کي چيو: جَزَاكَ اللهُ خَيْرًا (الله تو کي سٺو بدلو ڏئي) ته ڇڙ ان سندس تعريف جو حق ادا ڪري ڇڏيو. ۽ ٻئي کي جواب ۾ هيئن چوڻ گهرجي: وجزاك تو کي به بدلو ڏئي. يا چئيس: وإياك تو کي به.
جڏهن مينهن ڏسجي	« اللَّهُمَّ صَيِّبًا نَافِعًا » [1] ٻه يا ٽي دفعه چئجي. « مُطِرْنَا بِفَضْلِ اللهِ وَرَحْمَتِهِ » [2]

---

[1] "الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه عبادت جي لائق ناهي، اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ ناهي، سارو جهان ان جو آهي، سڀ تعريف به ان جي آهي، ۽ اهو هر شيءِ تي وڏي وس وارو آهي. سڀ تعريف الله جي آهي، ۽ الله پاڪ آهي، ۽ ان کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، الله تمام وڏو آهي، ۽ الله کان سواءِ نه ڪو حيلو آهي ۽ نه وس". ان کان پوءِ چئي: اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي "اي منهنجا الله! مون کي بخش". يا ٻي ڪا دعا گهرجائين ته سندس دعا قبول ٿيندي. پوءِ جيڪڏهن وضو ڪري نماز پڙهيائين ته سندس نماز قبول ڪئي ويندي.

[2] اي الله کابه شيءِ آسان ناهي جيستائين تون ان کي آسان نه ڪرين. تون ڏکيائيءَ کي، جڏهن گهرندو آهين، ته آسان ڪري ڇڏيندو آهين.

[3] اي الله، آءٌ تنهنجي پناهه ۾ ٿو اچان ڏک ۽ غم کان، مجبوريءَ ۽ سستيءَ کان، بزدلي، ۽ بخل کان، قرض ۾ ونجي وڃڻ ۽ ماڻهن جي غلبي کان.

[4] اي الله آءٌ پليتي ۽ پليتن کان تنهنجي پناهه ۾ ٿو اچان.

[5] تنهنجي بخشش ٿو گهران.

[6] اي الله منهنجا گناهه معاف ڪر، سڀ گناهه، ننڍا هجن يا وڏا، پهريان هجن يا پويان، ظاهر هجن يا ڳجها.

[7] پاڪ آهي تنهنجي ذات اي پالڻهار، پنهنجي حمد جي صدقي اي الله مون کي معاف فرماءِ.

[8] اي الله آءٌ تنهنجي رضامندي جي صدقي تنهنجي ڏمر کان پناهه ٿو گهران. ۽ تنهنجي معافي سان تنهنجي سزا کان پناهه ٿو گهران. ۽ توسان تنهنجي پناهه ۾ ٿو اچان. آءٌ تنهنجي ساراهه جو حق نه ٿو ادا ڪري سگهان. بس تون ائين ئي آهين جيئن تو پنهنجي ساراهه پاڻ ڪئي آهي.

[9] اي الله تولاءِ ئي سجدو ڪيو اٿم، توتي ئي ايمان آندو اٿم، تولاءِ ئي فرمانبرداري ڪئي اٿم، منهنجو منهن ان کي سجدو ٿو ڪري جنهن کيس پيدا ڪيو آهي، جنهن کيس صورت بخشي آهي، سندس ڪن ۽ اکيون کوليون آهن. الله برڪت وارو آهي، بهترين خالق آهي.

[10] اي الله! منهنجي ۽ منهنجي خطائن جي وچ ۾ ائين دوري فرماءِ جيئن ته مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ دوري فرمائي آهي. اي الله! مون کي گناهن کان ائين صاف ڪرڻ فرماءِ جيئن اڇو ڪپڙو ميرنهن کان صاف ٿيندو آهي. اي الله! منهن جي (گناهن کي) پاڻي، برف ۽ ڳڙي سان ڌوئي ڇڏ.

[11] اي الله! مون پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو آهي، تمام گهڻو ظلم، توکان سواءِ ٻيو ڪوبه گناهه نه بخشيندو آهي، تنهن ڪري پنهنجي طرفان مون کي معاف فرماءِ! مون تي رحم فرماءِ، تون ئي معاف ڪندڙ ۽ باجهارو آهين.

[12] اي الله منهنجي مدد فرماءِ پنهنجي ذڪر، شڪر ۽ سهڻي عبادت ڪرڻ تي.

[13] اي الله آءٌ توکان ڪفر، محتاجيءَ ۽ قبر جي عذاب کان پناهه ٿو گهران.

جڏهن تيز هوا گهلي	« اللّهُمَّ إِنِي أسألك خَيْرَهَا وخير مَا فيْها وخير ما أرسلت به، وأعوذُ بكَ مِنْ شَرِّهَا وَشَرِّ مَا فيها وشَرِّ ما أرسلت به » [3]
جڏهن چنڊ ڏسجي	« اللّهُمَّ أهلّه عَلَيْنَا باليمن والإيمَانِ والسَّلامَةِ وَالإِسْلامِ، هِلالُ خيْرٍ ورُشدٍ، رَبِّيْ وَرَبُّكَ اللّهُ » [4]
مسافر کي الوداع چوڻ وقت	« أَسْتَوْدِعُ الله دِينَكَ وَأَمَانَتَكَ وَخَواتيمَ عَمَلِكَ » [5] مسافر ان جو هنن لفظن سان جواب ڏئي: « أَسْتَوْدِعُكُمُ الله الَّذِيْ لا تَضيْعُ وَدَائعُهُ » [6]
کا چڱي يا لڳي شيءِ ڏسڻ وقت	نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن کا اهڙي شيءِ ڏسندا هئا جيڪا کين پسند هجي ته هي دعا پڙهندا هئا: « الحَمْدُ لِلّه الّذي بِنِعْمَتِهِ تَتِمُّ الصَّالحاتُ » [7] ۽ جڏهن کا اهڙي شيءِ ڏسندا هئا جيڪا کين ناپسند هجي ته هي دعا پڙهندا هئا : « الحَمْدُ لِلّه على كلّ حال » "هر حال ۾ الله جي تعريف آهي".
سفر جي دعا	« اللّهُ أَكْبَر، اللّهُ أَكْبَر، اللّهُ أَكْبَر ﴿ سُبْحانَ الذِي سَخَّرَ لَنَا هَذَا وَمَا كُنَّا لَهُ مُقْرِنِينَ ۞ وَإِنَّا إِلَى رَبِّنَا لَمُنقَلِبُونَ ﴾ اللّهُمَّ إِنَّا نَسْأَلُكَ فِي سَفَرِنَا هَذَا الْبِرَّ وَالتَّقْوَى، وَمِنْ الْعَمَلِ مَا تَرْضَى، اللّهُمَّ هَوِّنْ عَلَيْنَا سَفَرَنَا هَذَا وَاطْوِ عَنَّا بُعْدَهُ، اللّهُمَّ أَنْتَ الصَّاحِبُ فِي السَّفَرِ وَالْخَلِيفَةُ فِي الأَهْلِ، اللّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ وَعْثَاءِ السَّفَرِ وَكَآبَةِ الْمَنْظَرِ وَسُوءِ الْمُنْقَلَبِ فِي الْمَالِ وَالأَهْلِ. [8] **جڏهن موٽجي ته اهي مٿيان جملا به چئجن ۽ انهن ۾ هيءَ لفظ به وڌائجن:** آيِبُونَ تَائِبُونَ عَابِدُونَ لِرَبِّنَا حَامِدُونَ. [9]
بستري داخل ٿيڻ وقت	« اللّهُمَّ أَسْلَمْتُ نَفْسِي إِلَيْكَ وَفَوَّضْتُ أَمْرِي إِلَيْكَ وَأَلْجَأْتُ ظَهْرِي إِلَيْكَ رَهْبَةً وَرَغْبَةً إِلَيْكَ لا مَلْجَأَ وَلا مَنْجَا مِنْكَ إِلا إِلَيْكَ آمَنْتُ بِكِتَابِكَ الَّذِي أَنْزَلْتَ وَبِنَبِيِّكَ الَّذِي أَرْسَلْتَ » [10] ✸ « الحَمْدُ لِلّه الَّذِي أَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَكَفَانَا وَآوَانَا فَكَمْ مِمَّنْ لا كَافِيَ لَهُ وَلا مُؤْوِيَ » [11] ✸ « اللّهُمَّ قِنِيْ عَذَابك يَوْمَ تَبْعَثُ عِبَادك » [12] ✸ « سُبْحَانَكَ اللّهُمَّ رَبِّي بِكَ وَضَعْتُ جَنْبِي وَبِكَ أَرْفَعُهُ إِنْ أَمْسَكْتَ نَفْسِي فَاغْفِرْ لَهَا وَإِنْ أَرْسَلْتَهَا فَاحْفَظْهَا بِمَا تَحْفَظُ بِهِ عِبَادَكَ الصَّالِحِينَ » ✸ [13] پنهنجي بنهي هٿن تي ڦوڪي ۽ معوذتين پڙهي ۽ بنهي کي پنهنجي جسم تي ڦيرائي ڇڏي. جيستائين هر رات سورة (الم) سجده ۽ سورة ملک نه پڙهي تيستائين نه سمهي.

---

[1] اي الله فائديمند پيٽ ڪج.

[2] الله جي فضل ۽ ياڃهه سان برسات ٿي آهي. جيڪا دعا وٽي سا گهرجي، مينهن وسڻ وقت دعا قبول پوندي آهي.

[3] اي الله! ان جي پلائي، جيڪو ڪجهه منجهس آهي ان جي پلائي ۽ جنهن مقصد لاءِ موڪلي وئي آهي تنهن جي پلائيءَ جو آڻ توکان سوال ٿو گهران. ان جي شر کان، جيڪو ڪجهه منجهس آهي ان جي شر کان ۽ جنهن مقصد لاءِ موڪلي وئي آهي تنهن جي شر کان آڻ تنهنجي پناهه ٿو وٺان.

[4] اي الله! ان کي اسان تي برڪت، ايمان، سلامتي ۽ اسلام سان اپار. شل پلائي ۽ هدايت وارو چنڊ ٿي. (اي چنڊ) منهنجو ۽ تنهنجو رب الله آهي.

[5] تنهنجي دين، تنهنجي امانت ۽ تنهنجي عملن جي پڇاڙيءَ کي آڻ الله جي حوالي ٿو ڪريان.

[6] آڻ اوهان کي ان الله جي امانت ۾ ٿو ڏيان، جنهن جون امانتون ڪڏهن ضايع نه ٿيندڙيون آهن.

[7] "سڀ تعريف الله جي آهي، جنهن جي نعمت سان چڱيون شيون پوريون ٿيندڙيون آهن".

[8] الله سڀ کان وڏو آهي، الله سڀ کان وڏو آهي، الله سڀ کان وڏو آهي، پاڪ آهي اها ذات جنهن اسان لاءِ هن سواري کي تابع بڻايو جڏهن ته اسان کي ان تي قابو پائڻ جي طاقت نه هئي ۽ اسان پنهنجي رب ڏانهن موٽندڙ آهيون. اي الله! اسان توکان، پنهنجي هن سفر ۾ نيڪيءَ ۽ تقويٰ جو سوال ٿا ڪريون ۽ اهڙن عملن جي گهر ٿا ڪريون، جن کان تون راضي ٿين. اي الله! اسان تي اسان جو هيءُ سفر آسان فرماءِ. ان جي دوري اسان کان ويڙهي ويجهي ڪر. اي الله تون ئي اسان جو سفر ۾ ساڻي آهين ۽ گهر وارن جو سنڀاليندڙ آهين. اي الله آڻ تنهنجي پناهه ٿو وٺان سفر جي اوڪاين، بري منظر، ۽ مال ملڪيت ۽ اهل وعيال ڏانهن بري حال ۾ موٽڻ کان.

[9] اسان موٽندڙ، توبهه ڪندڙ، عبادت ڪندڙ ۽ پنهنجي رب جي ساراهه ڪندڙ آهيون.

[10] اي الله ! مون پنهنجي جان تنهنجي حوالي ڪيم، پنهنجو معاملو تنهنجي حوالي ڪيم. پنهنجي پٺ تو ڏانهن موٽايم، تو ڏانهن ڏڃندي ۽ شوق رکندي، توکان پناهگاهه ۽ ڇوٽڪاري جي جاءِ توکان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽ ناهي. تنهنجي ڪتاب تي ايمان آندم جيڪو تو نازل ڪيو ۽ تنهنجي نبيءَ تي ايمان آندم جنهن کي تو موڪليو.

[11] سڀ تعريفون ان الله لاءِ جنهن اسان کي کارايو، پياريو، اسان لاءِ ڪافي ٿيو ۽ اسان کي جاءِ ڏنائين، ڪيترائي آهن جن لاءِ ڪو به سنڀالڻ وارو ۽ پناهه ڏيڻ وارو ڪونهي.

[12] اي الله! مون کي پنهنجي عذاب کان بچاءِ، جڏهن تون پنهنجا ٻانها اٿاريندين.

[13] پاڪ آهي تنهنجي ذات اي الله، اسان جا رب! تنهنجي ئي سهاري پنهنجو پاسو رکيو اٿم ۽ تنهنجي ئي مدد سان اهو ڪٽندس. جيڪڏهن تون منهنجو ساهه روڪي ونين ته ڪيس معاف ڪجانءِ، جيڪڏهن ان کي ڇڏين ته ان جي حفاظت ڪجانءِ جيئن تون پنهنجي صالح ٻانهن جي حفاظت ڪندو آهين.

نماز لاءِ نڪرڻ وقت

« اللّهُمَّ اجْعَلْ فِي قَلْبِي نُورًا، وَفِي لِسَانِيْ نُورًا، وَفِي سَمْعِي نُورًا، وَفِي بَصَرِي نُورًا، وَمن فَوْقِي نُورًا، وَمن تَحْتِي نُورًا، وَعَنْ يَمِينِي نُورًا، وَعَنْ شِمَالِيْ نُورًا، وَمن أَمَامِي نُورًا، وَمن خَلْفِي نُورًا، وَاجْعَلْ في نَفسيْ نُورًا، وَأَعْظِمْ لِيْ نورًا، وَعَظِّمْ لِيْ نُوْرًا، وَاجْعَلْ لِيْ نوْرَا وَاجْعَلْنِيْ نُوْرَا اللَّهُمَّ أَعْطِنِيْ نُوْرًا وَاجْعَلْ فِيْ عَصَبِي نُورَا وَفِيْ لَحْمِي نُوْرَا، وَفِيْ دَمِي نُورَا، وَفِي شَعَرِي نُوْرَا، وَفِيْ بَشَرِي نُوْرَا »[1]

استخاره جي دعا

جڏهن اوهان مان کو ڪنهن ڳالهه جو ارادو ڪري ته ان کي گهرجي ته ٻه رکعتون نماز نفل پڙهي، ان کان پوءِ چئي: « اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْتَخِيرُكَ بِعِلْمِكَ، وَأَسْتَقْدِرُكَ بِقُدْرَتِكَ، وَأَسْأَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ، فَإِنَّكَ تَقْدِرُ وَلا أَقْدِرُ، وَتَعْلَمُ وَلا أَعْلَمُ، وَأَنْتَ عَلامُ الْغُيُوبِ، اللَّهُمَّ فَإِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ هَذَا الأَمْرَ(ثُمَّ تُسَمِّيهِ بِعَيْنِهِ) خَيْرًا لِي فِي دِينِي وَمَعَاشِي وَعَاقِبَةِ أَمْرِي ـ أو قال: عَاجِلِ أَمْرِي وَآجِلِهِ ـ فَاقْدُرْهُ لِي وَيَسِّرْهُ لِي ثُمَّ بَارِكْ لِي فِيهِ، وَإِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ أَنَّ هَذَا الأمر شَرٌّ لِي فِي دِينِي وَمَعَاشِي وَعَاقِبَةِ أَمْرِي ـ أَوْ قَالَ فِي عَاجِلِ أَمْرِي وَآجِلِهِ ـ فَاصْرِفهُ عني واصْرِفْنِي عَنْهُ وَاقْدُرْ لِي الْخَيْرَ حَيْثُ كَانَ ثُمَّ رَضِّنِي بِهِ »[2]

ميت لاءِ جامع دعا:

« اللَّهُمَّ اغْفِرْ لَهُ وَارْحَمْهُ، وَعَافِهِ وَاعْفُ عَنْهُ، وَأَكْرِمْ نُزُلَهُ وَوَسِّعْ مُدْخَلَهُ، وَاغْسِلْهُ بِالْمَاءِ وَالثَّلْجِ وَالْبَرَدِ وَنَقِّهِ مِنْ الْخَطَايَا كَمَا نَقَّيْتَ الثَّوْبَ الأَبْيَضَ مِنْ الدَّنَسِ، وَأَبْدِلْهُ دَارًا خَيْرًا مِنْ دَارِهِ، وَأَهْلاً خَيْرًا مِنْ أَهْلِهِ وَزَوْجًا خَيْرًا مِنْ زَوْجِهِ، وَأَدْخِلْهُ الْجَنَّةَ، وَأَعِذْهُ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ ومِنْ عَذَابِ النَّارِ »[3]

غم دور ڪرڻ جي دعا:

پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي: "اوهان مان ڪنهن کي ڪڏهن به ڪو غم ۽ ڏک رسيو پوءِ هيئن چيائين: "مَا أَصَابَ أَحَدًا قَطُّ هَمٌّ وَلا حَزَنٌ فَقَالَ: اللَّهُمَّ إِنِّي عَبْدُكَ وَابْنُ عَبْدِكَ وَابْنُ أَمَتِكَ نَاصِيَتِي بِيَدِكَ مَاضٍ فِيَّ حُكْمُكَ عَدْلٌ فِيَّ قَضَاؤُكَ أَسْأَلُكَ بِكُلِّ اسْمٍ هُوَ لَكَ سَمَّيْتَ بِهِ نَفْسَكَ أَوْ عَلَّمْتَهُ أَحَدًا مِنْ خَلْقِكَ أَوْ أَنْزَلْتَهُ فِي كِتَابِكَ أَوْ اسْتَأْثَرْتَ بِهِ فِي عِلْمِ الْغَيْبِ عِنْدَكَ أَنْ تَجْعَلَ الْقُرْآنَ رَبِيعَ قَلْبِي وَنُورَ صَدْرِي وَجِلاءَ حُزْنِي وَذَهَابَ هَمِّي. إِلا أَذْهَبَ اللهُ هَمَّهُ وَحُزْنَهُ وَأَبْدَلَهُ مَكَانَهُ فَرَحًا. ته الله ان جو اهو غم ۽ ڏک ختم ڪري ڇڏيندو ۽ کيس ان جي بدلي خوشي عنايت ڪري ڇڏيندو".

---

[1] اي الله! منهنجي دل ۾ نور پيدا فرماءِ، منهنجي زبان، منهنجي ڪنن، منهنجي اکين ۾ نور پيدا فرماءِ، منهنجي مٿان، منهنجي هيٺان، ساڄي، کاٻي، اڳيان، پويان نور پيدا فرماءِ، منهنجي اندر ۾ نور پيدا فرماءِ، منهنجي لاءِ نور ڪي وڌاءِ، مون کي نور عطا ڪر، مون کي روشن ڪر، منهنجي اعصابن ۾ نور پيدا فرماءِ، منهنجي گوشت ۾، منهنجي رت ۾، منهنجي وارن ۾ ۽ منهنجي کل ۾ نور پيدا فرماءِ!

[2] اي الله آءٌ توکان تنهنجي علم جي ذريعي پلائي طلب ٿو ڪيان، تنهنجي قدرت جي وسيلي توکان طاقت ٿو گهران، توکان تنهنجي فضل جو سوال

ٿو ڪيان. بيشڪ تون قدرت رکين ٿو، آءٌ قدرت نه ٿو رکان، تون ڄاڻين ٿو، آءٌ نه ٿو ڄاڻان ۽ تون غيبن جو وڏو ڄاڻڻ وارو آهين. اي الله! جيڪڏهن تون ڄاڻين ٿو ته هيءُ معاملو (ان جو نالو ڪٽجي) منهنجي لاءِ بهتر آهي، منهنجي دين، منهنجي معاش ۽ منهنجي معاملي ۾ نتيجي جي لحاظ کان - يا چئي: منهنجي معاملي جي تڪڙي ۽ دير واري انجام جي اعتبار کان - ته ان کي منهنجي لاءِ مقدر فرماءِ، ان کي منهنجي لاءِ آسان فرماءِ، ۽ پوءِ ان ۾ منهنجي لاءِ برڪت پيدا فرماءِ، پر جيڪڏهن تون ڄاڻين ٿو ته هيءُ معاملو منهنجي دين، معاش، ۽ نتيجي جي لحاظ کان - يا چئي: منهنجي معاملي جي تڪڙي ۽ دير واري انجام جي اعتبار کان - ته ان کي مون کان ٽاري ڇڏ ۽ مون کي ان کان ڦيري ڇڏ، ۽ خير ۽ پلائي جتي به هجي منهنجو مقدر بناءِ، پوءِ مون کي ان جي ذريعي خوش ڪري ڇڏ.

[3] (اي الله هن کي بخش ۽ هن تي رحم ڪر، هن کي عافيت ڏي، هن کي معاف ڪر، هن جي جوڳي مهمان نوازي ڪر، هن جي رهٽي ڪشادي ڪر، هن کي پاڻي، برف ۽ ڪڙي سان ڌوئي ڇڏ، هن کي خطائن کان ائين صاف ڪر جيئن اڇو ڪپڙو ميرنهن کان صاف ڪبو آهي، هن کي سندس گهر کان پلو گهر عطا ڪر ۽ سندس اهل کان پلو اهل عطا ڪر ۽ گهرواري سندس گهر واري کان پلي عطا ڪر ۽ هن کي جنت ۾ داخل ڪر ۽ قبر جي عذاب ۽ دوزخ جي عذاب کان پناهه ڏي).

نفعي بخش واپار

الله تعالىٰ انسان کي مڙني مخلوقات جي مٿان فضيلت عطا ڪئي آهي، ڪيس ڳالهائڻ جي نعمت خاص طور عطا ڪئي آهي، ان جو ذريعو زبان کي بنايو اٽائين، اها هڪ اهڙي نعمت آهي جيڪا پلائي ۽ برائي ٻنهي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿي. جنهن ان کي خير ۾ استعمال ڪيو، ان کي دنيا جي سعادت ۽ جنت ۾ بلند مرتبا نصيب ٿيندا ۽ جنهن ان کي شر ۾ استعمال ڪيو، تہ ان کي ٻنهي جهانن ۾ هلاکتن سان منهن ڏيڻو پوندو. بهترين مشغولي جيڪا قرآن پڙهڻ کان پوءِ اختيار ڪرڻ گهرجي سا الله جو ذڪر آهي.

الله جي ذڪر جي فضيلت: ان باري ۾ گهڻيون حديثون آيون آهن. جن مان هڪ نبي ڪريم ﷺ جن جو هيءُ فرمان آهي: : «أَلَا أُنَبِّئُكُمْ بِخَيْرِ أَعْمَالِكُمْ، وَأَزْكَاهَا عِنْدَ مَلِيكِكُمْ وَأَرْفَعِهَا فِي دَرَجَاتِكُمْ، وَخَيْرٍ لَكُمْ مِنْ إِنْفَاقِ الذَّهَبِ وَالْوَرِقِ، وَخَيْرٍ لَكُمْ مِنْ أَنْ تَلْقَوْا عَدُوَّكُمْ فَتَضْرِبُوْا أَعْنَاقَهُمْ وَيَضْرِبُوْا أَعْنَاقَكُمْ؟ قالوْا: بَلَىْ يَا رَسُولَ اللهِ. قَالَ: ذِكْرُ اللهِ» الترمذي "ڇا اوهان کي اوهان جي عملن مان سڀ کان پلو عمل ٻڌايان، جيڪو اوهان جي بادشاهه (الله) وٽ وڌيڪ پاڪيزه ۽ اوهان جي درجات ۾ واڌاري جو سبب هجي ۽ اوهان لاءِ سون ۽ چاندي خرچ ڪرڻ کان وڌيڪ بهتر هجي، اوهان لاءِ هن کان بہ پلو هجي جو اوهان پنهنجي دشمن سان دوبدو ٿيو پوءِ اوهان انهن جا گردن لاهيو ۽ اهي اوهان جا گردن لاهين؟ چيائون تہ : هائو (ضرور ٻڌايو). پاڻ فرمايائون: الله جو ذڪر". (ترمذي). ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جو هيءُ فرمان تہ: «مَثَلُ الَّذِي يَذْكُرُ رَبَّهُ وَالَّذِي لا يَذْكُرُ رَبَّهُ مَثَلُ الحَيِّ وَالمَيِّتِ» متفق عليه "ان شخص جو مثال جيڪو پنهنجي رب جو ذڪر ڪري تو ۽ جيڪو ذڪر نہ ٿو ڪري، زنده ۽ مئل جي مثال آهي". ۽ هڪ قدسي حديث ۾ الله عزوجل جو فرمان آهي تہ : «أَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِي بِي، وَأَنَا مَعَهُ إِذَا ذَكَرَنِي فَإِنْ ذَكَرَنِي فِي نَفْسِهِ ذَكَرْتُهُ فِي نَفْسِي، وَإِنْ ذَكَرَنِي فِي مَلَأٍ ذَكَرْتُهُ فِي مَلَأٍ خَيْرٍ مِنْهُمْ، وَإِنْ تَقَرَّبَ إِلَيَّ بِشِبْرٍ تَقَرَّبْتُ إِلَيْهِ ذِرَاعًا» البخاري "آءٌ پنهنجي بانهي سان اهو ئي ورتاءُ ڪندو آهيان، جهڙو هو مون ۾ گمان ڪندو آهي ۽ جڏهن هو مون کي ياد ڪري تو تہ آءٌ ساڻس گڏ هوندو آهيان، جيڪڏهن هو مون کي پنهنجي دل ۾ ياد ٿو ڪري تہ آءٌ ڪيس پنهنجي دل ۾ ياد ٿو ڪريان ۽ جيڪڏهن هو مون کي ڪنهن ميڙ ۾ ياد ٿو ڪري تہ آءٌ ڪيس اهڙي ميڙ ۾ ٿو ياد ڪيان جيڪو انهن کان پلو آهي. جيڪڏهن هو مون ڏانهن گرانٽ ويجهڙائي ڪندو تہ آءٌ ڪيس هٿ جيترو قريب ٿيندس". ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي تہ : «سَبَقَ الْمُفَرِّدُونَ، قَالُوا: وَمَا الْمُفَرِّدُونَ يَا رَسُولَ اللهِ؟ قَالَ: الذَّاكِرُونَ اللَّهَ كَثِيرًا وَالذَّاكِرَاتُ» مسلم " (مفرّد) گوءِ کٽي ويا. صحابن عرض ڪيو تہ : يارسول الله (مفرد) ڪير آهن؟ فرمايائون : الله جو گهڻو ذڪر ڪندڙ مرد ۽ عورتون". نبي ڪريم ﷺ جن جو هيءُ فرمان، جنهن ۾ پاڻ پنهنجي ڪنهن صحابيءَ کي وصيت فرمائي رهيا هئا: «لا يَزَالُ لِسَانُكَ رَطْبًا مِنْ ذِكْرِ اللهِ» الترمذي "هميشہ تنهنجي زبان الله جي ذڪر سان تازي رهڻ گهرجي". انهن کان سواءِ ٻيون بہ ان سلسلي جون ڪوڙ حديثون آهن.

اجرن ۾ اضافو: صالح عملن جو اجر بہ ائين وڌايو ويندو آهي جيئن قرآن جي قرائت جو اجر وڌايو ويندو آهي. اهو واڌارو ٻن ڳالهين جي ڪري ٿيندو آهي. ۱- ان ايمان، اخلاص، الله جي محبت ۽ ان جي لوازمات جي اعتبار کان جيڪي دل ۾ پيدا ٿيندا آهن. ۲- دل جي ذڪر ۾ مشغوليءَ ۽ تفڪر جي اعتبار کان، ان ڪري ذڪر صرف زبان سان نہ هڻڻ گهرجي. جڏهن ان ۾ ڪمال حاصل ٿيندو تہ الله تعالىٰ مڙئي برايون مٽائي، ڪامل اجر عطا فرمائيندو. ان ۾ ڪمي بہ انهن ئي لحاظن کان ٿيندي آهي.

ذڪر جا فائدا: شيخ الاسلام فرمايو آهي تہ : دل لاءِ ذڪر ائين آهي جيئن مڇيءَ لاءِ پاڻي. مڇي جڏهن پاڻيءَ کان ڌار ٿيندي تہ ان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟

- ان سان الله جي محبت، قرب، رضا، سندس توجهه، خوف، ان ڏانهن رجوع ۽ سندس اطاعت ۾ مدد حاصل ٿيندي.
- دل مان غم ۽ پريشاني ختم ٿيندي ۽ خوشي حاصل ٿيندي. دل زنده ٿيندي، سگهاري ۽ صاف ٿيندي.
- دل خالي ۽ بکي رهندي آهي، ان جو پورائو صرف ذڪر سان ئي سگهندو آهي. منجهس سختي هوندي آهي، ان کي الله جي ذڪر کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ ڳاري نرم نہ ڪري سگهندي آهي.

- ذڪر دل جي شفا، سندس دوا، قوت ۽ اهڙي لذت آهي، جنهن جهڙي ٻي ڪا لذت ئي ڪانهي ۽ ان کان غفلت دل جي بيماري آهي.
- ذڪر جي گهٽتائي منافقيءَ جو دليل آهي. ان جي ڪثرت ايمان جي قوت جو دليل ۽ الله جي سچي محبت جي نشاني آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪو ڪنهن سان محبت ڪندو آهي تہ ان جو ذڪر گهٽو ڪندو آهي.
- ٻانهو جڏهن سڪ ۾ ذڪر جي ذريعي الله وٽ سڃاڻ حاصل ڪندو آهي تہ سختيءَ جي حالت ۾ الله کيس سڃاڻيندو آهي، خاص طور موت ۽ سڪرات وقت.
- ذڪر الله جي عذاب کان نجات جو سبب آهي، سڪون جي نازل ٿيڻ، رحمت جي پالوٽ ٿيڻ ۽ ملائڪن جي استغفار جو سبب ٿيندو آهي.
- ان جي ڪري زبان کي فضول ڳالهين، گلا، چغلخوري، ڪوڙ، ۽ ٻين مڪروه ۽ حرام ڳالهين جي فرصت نہ ملندي آهي.
- ذڪر سپ کان آسان، افضل ۽ وڏي شان واري عبادت آهي ۽ اهو جنت جي وٽن جي چڪي آهي.
- ذڪر ڪرڻ واري ۾ هيبت، مٺاس، منهن جي تازگي پيدا ڪندو آهي، اهو دنيا، قبر ۽ قيامت ۾ نور آهي.
- ذڪر ڪرڻ وارو الله جي رحمت ۽ سندس ملائڪن جي دعا جو مستحق ٿيندو آهي. الله تعالىٰ پنهنجي ملائڪن آڏو ذڪر ڪرڻ وارن تي فخر ڪندو آهي.
- عمل ڪرڻ وارن مان انهن ۾ الله جو گهٽو ذڪر ڪرڻ وارو وڌيڪ افضل آهي، تنهن ڪري پلو روزيدار، روزي ۾ الله جو گهٽو ذڪر ڪرڻ وارو آهي.
- مشڪلات آسان ڪندو، ڏکيائيون ٽارينڊو، مشقتن ۾ هلڪائي ڪندو، رزق وڌائيندو، بدن کي قوت عطا ڪندو آهي.
- شيطان کي تڙيندو، ان جون پاڙون اکوڙي ڇڏيندو، ڪيس خوار ۽ ذليل ڪندو آهي.

روزانو صبح ۽ شام جا وظيفا

م	روز جو وظيفو	تعداد ۽ وقت	اثر ۽ فضيلت
1	آيت الكرسي[1]	صبح شام، ننڊ کان اڳ ۽ فرض نمازن کان پوءِ	شيطان ويجهو نه ايندو، جنت ۾ داخل ٿيڻ جو سبب بہ آهي
2	سورة بقرة جون آخري بہ آيتون.[2]	هڪ پيرو رات جو ✸ ۽ گهر ۾ جنهن وقت چاهي پڙهڻ گهرجن.	هر شر کان بچڻ لاءِ کافي آهن
3	سورت اخلاص، معوذتين (الفلق ۽ الناس)[3]	٣ دفعا صبح ٣ دفعا شام	هر شيءِ کان کافي آهي.
4	بسم الله الذي لا يضر مع اسمه شيء في الأرض ولا في السماء وهو السميع العليم[4]	٣ پيرا صبح ٣ پيرا شام	کا مصيبت اوچتو نه ايندي. نه کا شيءِ نقصان ڏيندي.
5	أعوذ بكلمات الله التامات من شر ما خلق.[5]	٣ صبح، ٣ شام ۽ جڏهن کنهن بہ جاءِ تي ترسجي	جاين ۽ ماڳهن کي هر نقصان کان بچائڻ لاءِ کوت آهي.
6	حسبي الله لا إله إلا هو عليه توكلت وهو رب العرش العظيم.[6]	٧ صبح، ٧ شام	آخرت ۽ دنيا جي اهم معاملن لاءِ کافي آهي.
7	رضيت بالله ربًا، وبالاسلام دينًا، وبمحمد ﷺ نبيًا.[7]	٣ صبح، ٣ شام	الله تي حق آهي تہ ان جي پڙهندڙ کي راضي رکي.
8	اللّٰهُمَّ بك أصبحنا وبك أمسينا وبك نحيا وبك نموت وإليك النشور.[8] **۽ شام جو:** اللّٰهُمَّ بك أمسينا وبك أصبحنا وبك نحيا وبك نموت وإليك المصير.[9]	صبح جو پڙهجي شام جو پڙهجي	هن جي پڙهڻ بابت حديثن ۾ ترغيب آئي آهي.
9	أصبحنا على فطرة الإسلام، وكلمة الإخلاص، ودين نبينا محمد ﷺ وملة أبينا إبراهيم حنيفًا مسلمًا وما كان من المشركين.[10]	صبح جي وقت پڙهجي	نبي ڪريم ﷺ پاڻ اها دعا پڙهندا هئا.
10	اللّٰهُمَّ مَا أَصْبَحَ بِي مِنْ نِعْمَةٍ أَو بِأَحَدٍ مِنْ خَلْقِكَ فَمِنْكَ وَحْدَكَ لا شَرِيكَ لَكَ فَلَكَ الْحَمْدُ وَلَكَ الشُّكْرُ.[11] **شام مهل:** (مَا أَصْبَحَ بِي) جي جاءِ تي (مَا أَمْسَى بِي) (شام ٿيندي مون کي ملي آهي) جا لفظ پڙهجن.	صبح مهل پڙهجي	ان سان ڏينهن ۽ رات جو شڪر ادا ٿي ويندو.

---

١ ﴿ ٱللَّهُ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ٱلۡحَيُّ ٱلۡقَيُّومُۚ لَا تَأۡخُذُهُۥ سِنَةٞ وَلَا نَوۡمٞۚ لَّهُۥ مَا فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَمَا فِي ٱلۡأَرۡضِۗ مَن ذَا ٱلَّذِي يَشۡفَعُ عِندَهُۥٓ إِلَّا بِإِذۡنِهِۦۚ يَعۡلَمُ مَا بَيۡنَ أَيۡدِيهِمۡ وَمَا خَلۡفَهُمۡۖ وَلَا يُحِيطُونَ بِشَيۡءٖ مِّنۡ عِلۡمِهِۦٓ إِلَّا بِمَا شَآءَۚ وَسِعَ كُرۡسِيُّهُ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضَۖ وَلَا يَـُٔودُهُۥ حِفۡظُهُمَاۚ وَهُوَ ٱلۡعَلِيُّ ٱلۡعَظِيمُ ﴾

٢ ﴿ ءَامَنَ ٱلرَّسُولُ بِمَآ أُنزِلَ إِلَيۡهِ مِن رَّبِّهِۦ وَٱلۡمُؤۡمِنُونَۚ كُلٌّ ءَامَنَ بِٱللَّهِ وَمَلَٰٓئِكَتِهِۦ وَكُتُبِهِۦ وَرُسُلِهِۦ لَا نُفَرِّقُ بَيۡنَ أَحَدٖ مِّن رُّسُلِهِۦۚ وَقَالُواْ سَمِعۡنَا وَأَطَعۡنَاۖ غُفۡرَانَكَ رَبَّنَا وَإِلَيۡكَ ٱلۡمَصِيرُ ٢٨٥ لَا يُكَلِّفُ ٱللَّهُ نَفۡسًا إِلَّا وُسۡعَهَاۚ لَهَا مَا كَسَبَتۡ وَعَلَيۡهَا مَا ٱكۡتَسَبَتۡۗ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذۡنَآ إِن نَّسِينَآ أَوۡ أَخۡطَأۡنَاۚ رَبَّنَا وَلَا تَحۡمِلۡ عَلَيۡنَآ إِصۡرٗا كَمَا حَمَلۡتَهُۥ عَلَى ٱلَّذِينَ مِن قَبۡلِنَاۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلۡنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهِۦۖ وَٱعۡفُ عَنَّا وَٱغۡفِرۡ لَنَا وَٱرۡحَمۡنَآۚ أَنتَ مَوۡلَىٰنَا فَٱنصُرۡنَا عَلَى ٱلۡقَوۡمِ ٱلۡكَٰفِرِينَ ﴾

٣ انهن سورتن جو ترجمو سنڌي ترجمي واري قرآن شريف ۾ ڏسڻ گهرجي

٤ ((ترجمو) الله جي نالي سان، جنهن جي نالي سان زمين ۽ آسمان ۾ کابہ شيءِ نقصان نہ ٿي ڏئي سگهي، ۽ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.)

٥ ((ترجمو) آءٌ الله جي کامل ڪلمن جي پناهہ گهران ٿو سندس مخلوق جي شر کان.)

٦ ((ترجمو) الله مون کي کافي آهي، آن کان سواءِ ٻيو کوبہ عبادت جي لائق ناهي، مٿس ئي منهنجو پروسو آهي، ۽ اهوئي عرش عظيم جو ڌڻي آهي.)

٧ ((ترجمو) آءٌ الله تعالىٰ کي رب، اسلام کي دين ۽ محمد ﷺ کي رسول مڃڻ تي راضي آهيان.)

٨ (ترجمو) اي الله! تنهنجي توفيق سان صبح ڪيوسون ۽ تنهنجي توفيق سان ئي شام ڪئي سون، تنهنجي حڪم سان جيئرا ٿيندا آهيون ۽ تنهنجي مرضيءَ سان ئي مرندا آهيون، ۽ توڏانهن ئي اٿڻو آهي.

٩ (ترجمو) اي الله! تنهنجي توفيق سان شام ڪئي سون ۽ تنهنجي توفيق سان ئي صبح ڪيو سون، تنهنجي حڪم سان جيئرا ٿيندا آهيون ۽ تنهنجي مرضيءَ سان ئي مرندا آهيون، ۽ توڏانهن ئي موٽڻو آهي.

١٠ (ترجمو) اسان اسلامي فطرت، اخلاص واري ڪلمي، اسان جي نبي محمد ﷺ واري دين ۽ اسان جي ابي ابراهيم عليه السلام - جيڪو يڪطرفو مسلمان هو ۽ مشرڪن مان نہ هو - جي ملت تي صبح ڪيوسون.

١١ (ترجمو) اي الله! جيڪا بہ نعمت مون کي يا تنهنجي ڪنهن بہ مخلوق کي صبح ٿيندي ملي آهي، سا تو اڪيلي طرفان آهي، تنهنجو کوبہ شريڪ ناهي، تنهن ڪري تنهنجي لاءِ ئي تعريف آهي، ۽ تنهنجو ئي شڪر آهي.

11	اللهُمّ إنِّيْ أَصْبَحْتُ أُشْهِدُكَ وَأُشْهِدُ حَمَلَةَ عَرْشِكَ وَمَلاَئِكَتِكَ وَأَنْبِيَائَكَ وَجَمِيْعِ خَلْقِكَ بِأَنَّكَ أنتَ اللهُ لاَ إِلٰهَ إلاّ أَنتَ وَأَنّ مُحَمَّدًا عَبْدُكَ وَرَسُوْلُكَ. [1]	۽ شام جو پڙهڻ وقت (أصْبَحْتُ) جي جڳهه تي (أمْسَيْتُ) (مون شام ڪئي) پڙهجي	۴ دفعا صبح جو پڙهجي ۴ دفعا شام جو پڙهجي	جنهن ان کي چار ڀيرا پڙهيو الله کيس جهنم کان نجات ڏيندو
12	اللّهُمَّ فاطر السموات والأرض عالم الغيب والشهادة رب كل شيء ومليكه أشهد أن لا إله إلا أنت، أعوذ بك من شر نفسي ومن شر الشيطان وشركه وأن أقترف على نفسي سوءًا أو أجرَّه إلى مسلم. [2]	صبح شام ۽ سمهڻ وقت		شيطان جي وسوسن کان بچاءَ لاءِ.
13	اللّهُمَّ إني أعوذ بك من الهم والحزن وأعوذ بك من العجز والكسل وأعوذ بك من الجبن والبخل وأعوذ بك من غلبة الدين وقهر الرجال. [3]	هڪ ڀيرو صبح هڪ ڀيرو شام		ڏک ۽ غم ختم ٿي ويندو ۽ قرض لهي ويندو.
14	اللّهُمَّ أَنْتَ رَبِّي لا إِلَهَ إِلا أَنْتَ خَلَقْتَنِي وَأَنَا عَبْدُكَ وَأَنَا عَلَى عَهْدِكَ وَوَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ أَبُوءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَيَّ وَأَبُوءُ لَكَ بِذَنْبِي فَاغْفِرْ لِي فَإِنَّهُ لا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلا أَنْتَ. [4]	هي سيد الاستغفار آهي. صبح شام پڙهجي		جنهن اها دعا يقين سان ڏينهن جو پڙهي ۽ پوءِ ان ڏينهن مري ويو يا رات جو پڙهيائين ۽ ان رات مري ويو ته اهو جنتي آهي.
15	يا حي يا قيوم برحمتك أستغيث أصلح لي شأني كله ولا تكلني إلى نفسي طرفة عين. [5]	صبح شام پڙهجي		نبي ڪريم ﷺ جن حضرت فاطمه رضي الله عنها کي ان جي وصيت فرمائي هئي.
16	اللّهُمَّ عافني في بدني، اللّهُمَّ عافني في سمعي، اللّهُمَّ عافني في بصري، اللّهُمَّ إني أعوذ بك من الكفر والفقر، اللّهُمَّ إني أعوذ بك من عذاب القبر لا إله إلا أنت. [6]	۳ دفعا صبح ۳ دفعا شام		نبي ڪريم ﷺ جن اها دعا پڙهندا هئا.
17	اللّهُمَّ إني أسألكَ العفو والعَافيةَ في الدنيا والآخرة، اللّهُمَّ إني أسألكَ العَافيةَ في ديني ودنياي وأَهْلي ومالي، اللّهُمَّ اسْتُرْ عوْراتي وآمِنْ رَوْعاتي، اللّهُمَّ احْفظني مِنْ بين يديَّ ومن خَلْفي وعن يميني وعن شمالي ومنْ فوْقي وَأَعوذُ بعظمتك أن أُغتالَ منْ تَحْتي. [7]	صبح شام		نبي ڪريم ﷺ جن صبح شام هي ڪلمات پڙهڻ ڪڏهن به نه وساريندا هئا.
18	سبحان الله وبحمده عدد خلقه، ورضا نفسه، وزنة عرشه، ومداد كلماته. [8]	ٽي دفعا صبح جو		فجر کان وٺي سج اپرڻ تائين ذڪر ۾ ويهڻ کان هيءَ پلي آهي.

---

[1] (ترجمو) اي الله! بيشڪ مون صبح ڪيو، آءٌ توکي، تنهنجي عرش جي کڻندڙن، تنهنجي سڀني ملائڪن، تنهنجي پيغمبرن ۽ تنهنجي سڀني مخلوق کي هن ڳالهه تي شاهد بنايان ٿو ته بيشڪ تون ئي الله آهين، توکان سواءِ ٻيو ڪوبه عبادت جي لائق ناهي، ۽ محمد ﷺ تنهنجو بانهو ۽ رسول آهي.

[2] (ترجمو) اي منهنجا الله! آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ وارا، هر ڳجهه ۽ ظاهر کي ڄاڻڻ وارا، هر شيءِ جا ڌڻي ۽ بادشاهه ! مون گواهي ٿو ڏيان ته توکان سواءِ ڪوبه عبادت جي لائق ناهي، آءٌ پنهنجي نفس جي شر ۽ شيطان جي شر ۽ ان جي ڇڙ کان تنهنجي پناهه ٿو وٺان ۽ هن کان به ته آءٌ پاڻ سان ڪا برائي ڪريان يا اها ڪنهن مسلمان تي مڙهيان.

[3] (ترجمو) اي الله! بيشڪ آءٌ هر ڏک ۽ غم کان تنهنجي پناهه ٿو گهران ۽ عاجزي ۽ سستيءَ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران ۽ بزدلي ۽ بخيليءَ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران ۽ قرض جي غلبي ۽ ماڻهن جي ڏاڍ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران.

[4] (ترجمو) اي الله! تون ئي منهنجو ڌڻي آهين، توکان سواءِ ڪوبه عبادت جي لائق ناهي، تون منهنجو خالق آهين ۽ آءٌ تنهنجو بانهو آهيان، پنهنجي وس آهر تنهنجي معاهدي ۽ واعدي تي قائم آهيان، جيڪو ڪجهه مون ڪيو آهي ان جي برائيءَ کان تنهنجي پناهه ٿو گهران ۽ جيڪا تون مون تي نعمت ڪئي آهي، آءٌ ان جو اقراري آهيان، ۽ آءٌ پنهنجي ڏوهن جو به اقراري آهيان، سو مون کي بخش، ڇاڪاڻ ته توکان سواءِ ڪير به گناهه بخشي نه سگهندو آهي.

[5] (ترجمو) اي سدائين زندهه رهڻ وارا ۽ سڀ کي قائم رکڻ وارا ! تنهنجي رحمت کي ٻاڏايان ٿو، تون منهنجا سڀ ڪم درست ڪر ۽ مون کي اک ڇنڀ لاءِ به منهنجي نفس جي حوالي نه ڪج.

[6] (ترجمو) اي الله! مون کي منهنجي بدن ۾ عافيت ڏي، اي الله! مون کي منهنجي ٻڌڻ ۾ عافيت ڏي، اي الله! مون کي منهنجي ڏسڻ ۾ عافيت ڏي، اي الله! مان تنهنجي پناهه ٿو گهران ڪفر ۽ سڀائيءَ کان، اي الله! مان تنهجي پناهه ٿو گهران قبر جي عذاب کان، توکان سواءِ ڪوبه عبادت جي لائق ناهي.

[7] (ترجمو) اي الله! آءٌ توکان پنهنجي دين، پنهنجي دنيا، پنهنجي اهل ۽ پنهنجي مال جي عافيت ٿو گهران، اي الله ! منهنجا عيب ڍڪ ۽ مون کي گهبراهٽن کان امن ڏي، اي الله! منهنجي حفاظت ڪر، منهنجي اڳيان، منهنجي پويان، منهنجي ساڄي، منهنجي کاٻي، ۽ منهنجي مٿان ۽ آءٌ تنهنجي عظمت جي پناهه ٿو گهران هيٺان مارجي وڃڻ کان.

[8] (ترجمو) آءٌ الله جي پاڪائي، سندس ساراهه سان گڏ ٿو بيان ڪريان، سندس مخلوقات جي ڳڻتي، سندس رضامندي، سندس عرش جي وزن ۽ سندس ڪلمن جي مس جيتري.

ڪجھ اھڙا قول ۽ فعل جن بابت گھٽو ثواب بيان ڪيو ويو آھي

مـ	فضيلت وارو قول يا فعل	ان جي اجر ۽ ثواب بابت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو فرمان
١	لا إله إلا الله وحده لا شريك لـه لـه الملك وله الحمد وهو على كل شيء قدير	جنهن اهو ڏينهن ۾ سؤ دفعا پڙهيو تہ ان لاءِ ڏاھ ٻانھا آزاد ڪرڻ جو اجر آھي ۽ ان لاءِ سؤ نيڪيون لکيون ويندیون ۽ ڪائنس سو برايون ميٽايون ويندیون. ۽ ان ڏينهن شام تائين ان لاءِ شيطان کان پناھ ۽ بچاءَ ٿيندي. جنهن ھيءُ پڙهيو تنهن کان ٻيو ڪوبہ افضل عمل وارو نہ چئبو سواءِ ان جي جنهن هن کي ان کان وڌيڪ پڙهيو هجي.
٢	سبحان الله العظيم وبحمده	جنهن اھا دعا پڙھي ان لاءِ جنت ۾ ھڪ ڪجي پوکي ويندي
٣	سبحان الله وبحمده، سبحان الله العظيم	جنهن (سبحان الله وبحمده) سؤ دفعا چيو، ان جون خطائون معاف ٿي ويندیون، ڇو نہ سمنڊ جي جھڳ مثل هجن. قيامت جي ڏينهن ڪوبہ ماڻهو اهڙو نہ ايندو جنهن ان کان بهتر ڪجھ آندو هجي سواءِ ان جي جنهن اهو ان جيترا يا ان کان وڌيڪ دفعا پڙهيو هجي. ٻہ ڪلما آھن، جيڪي زبان تي هلڪا، ترازوءَ ۾ ڳرا ۽ رحمان کي پيارا آھن، اھي آھن : سبحان الله وبحمده سبحان الله العظيم.
٤	لا حول ولا قوة إلا بالله	ڇا آءٌ توکي جنت جي ڪاٽن مان ھڪ ڪاٽ جو ڏس ڏيان؟ عرض ڪيم تہ : هائو. پاڻ فرمايائون : لاحول ولاقوة الابالله.
٥	جنت جو سوال ڪرڻ ۽ جهنم کان پناھ گھرڻ	جنهن الله تعالىٰ کان ٽي ڀيرا جنت گھري تہ جنت چوندي آھي: اي الله! انهيءَ کي جنت ۾ داخل ڪج، ۽ جنهن ٽي دفعا جهنم کان پناھ گھري تہ جهنم چوندي آھي: اي الله! انهيءَ کي جهنم جي باھ کان بچائج.
٦	مجلس (ڪچهريءَ) جو ڪفارو	جيڪو ڪنهن اهڙي مجلس ۾ ويٺو، جنهن ۾ ڪائنس تمام گھٽيون غلط ڳالهيون ٿي ويون، پوءِ ان مجلس مان اٿڻ کان اڳ هي دعا پڙھيائين : سبحانك اللّٰهُمَّ وبحمدك اشهد ان لا اله الاانت استغفرك واتوب اليك. تہ ان جا ان ڪچهريءَ وارا سڀ گناھ معاف ٿي ويندا.
٧	سورة ڪهف جون چند آيتون ياد ڪرڻ	جنهن سورة ڪهف جون شروع واريون ڏاھ آيتون ياد ڪيون، اهو دجال جي فتني کان حفاظت ۾ رهندو.
٨	نبي ڪريم ﷺ جن تي درود پڙھڻ	جنهن مون تي هڪ دفعو صلاة پڙهي، الله ان تي ڏاھ دفعا رحمتون موڪليندو، سندس ڏاھ گناھ معاف ڪندو ۽ سندس ڏاھ درجا بلند فرمائيندو.
٩	قرآن شريف مان ڪن آيتن جي تلاوت ڪرڻ	جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ پنجاھ آيتون پڙھيون، سو غافلن مان نہ ڳڻيو ويندو، جنهن سؤ آيتون پڙھيون سو فرمانبردارن مان شمار ٿيندو، جنهن ٻہ سؤ آيتون پڙھيون، تنهن سان قيامت جي ڏينهن قرآن پاڪ جھيڙو نہ ڪندو ۽ جنهن پنج سؤ آيتون پڙھيون، ان لاءِ اجر جو قنطار (وڏو ڍڳ) لکيو ويندو. (قل هو الله احد) قرآن جي ٽئين حصي جي برابر آھي.
١٠	مؤذن (بانگن) جو ثواب	بيشڪ جن، انسان ۽ جيڪا ٻہ شيءِ مؤذن جو آواز ٻڌي ٿي، سا قيامت جي ڏينهن ان بابت شاھدي ڏيندي. بانگا قيامت جي ڏينهن سيني کان اوچي ڳاڻ وارا هوندا.
١١	اذان وقت مؤذن وارا لفظ دھرائڻ ۽ اذان کان پوءِ واري دعا	جنهن بانگ ٻڌندي چيو: اللّٰهُمَّ رَبَّ هَذِهِ الدَّعْوَةِ التَّامَّةِ، وَالصَّلاةِ الْقَائِمَةِ، آتِ مُحَمَّدًا الْوَسِيلَةَ وَالْفَضِيلَةَ، وَابْعَثْهُ مَقَامًا مَحْمُودًا الَّذِي وَعَدْتَهُ. تہ قيامت جي ڏينهن ان لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي.
١٢	وضو ڇڪيءَ طرح سارڻ	جنهن پنهنجو وضو ڇڪيءَ طرح ساريو تہ سندس گناھ سندس جسم مان نڪري ويندا، ايستائين جو سندس نَنهن جي هيڻان وارا ٻہ نڪري ويندا.
١٣	وضوء کان پوءِ واري دعا	اوھان مان ڪو ٻہ ماڻهو، جيڪو وضو ڪري ٿو ۽ ناھي ناھي ڪري ٿو يا ڇڪيءَ طرح پورو ڪري ٿو، ان کان پوءِ چئي ٿو : أَشْهَدُ أَنْ لا إِلَهَ إِلا الله وَأَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُ الله وَرَسُولُهُ تہ ان لاءِ جنت جا اٺ ئي دروازا کولليا ويندا، جنهن مان گھرندو داخل ٿيندو.
١٤	وضوءَ کان پوءِ ٻہ رڪعتون نفل	اوھان مان جيڪو ٻہ ماڻهو وضو ڪري ٿو ۽ وضو ناھي ناھي ٿو ڪري، ان کان پوءِ اٿي، دل ۽ دماغ جي حاضري ۽ پوري توجہ سان ٻہ رڪعتون پڙھي ٿو تہ ان لاءِ جنت واجب ٿي وڃي ٿي.
١٥	مسجد ڏانهن گھٽين وڪڻ ڪٽڻ جو اجر	جيڪو جماعت واري مسجد ڏانهن ويو، تہ ھڪ وک ھڪ گناھ کي ميٽيندي ۽ ھڪ وک تي ان لاءِ ھڪ نيڪي لکي ويندي، ويندي ٻہ تہ ورندي ٻہ .
١٦	جمعي جي نماز جي تياري	”جنهن شخص جمعي جي ڏينهن تڙ ڪرايو ۽ پاڻ ٻہ تڙ ڪيو، پوءِ سوير اٿيو ۽ سويروئي وڃي پهتو، پنڌ ڪيائين، سوار تي نہ ويو، وڃي امام جي ويجهو ويٺو ۽ خطبو ٻڌڻ لڳو، ڪا اجائي ڳالهہ نہ ڪيائين، تہ ان کي هر وک تي سڃي سال جي روزن ۽ ان جي راتين جي تراويحن ۽ تهجد جو اجر ملندو“. ”جيڪو ٻہ ماڻهو جمعي جي ڏينهن غسل ڪري ٿو ۽ جيڪا

	ڪرڻ ۾ سوير وڃڻ	پاڪائي ٿي سگهيس، سا ڪري ٿو، پنهنجي تيل مان تيل مکي ٿو يا گهر جي خوشبوءِ مان خوشبو مکي ٿو ۽ پوءِ نڪري ٿو، ۽ ڪن ٻن ڇڻن جي وچ ۾ ويڇو نه ٿو وڃي ۽ ان کان پوءِ جيڪا ٿي سگهيس نماز پڙهي ٿو، امام جي ڳالهائڻ (خطبي) وقت ڪن ڏئي ويهي ٿو ته الله ان جا جمعي کان ٻئي جمعي تائين جا گناهه معاف ٿو ڪري ڇڏي".
۱۷	تڪبير تحريمه ۾ پهچڻ	جنهن الله لاءِ چاليهه ڏينهن جماعت سان ائين نماز پڙهي جو تڪبير اولیٰ کي پهچندو رهيو ته ان لاءِ ٻه نجاتون لکيون ويندیون، جهنم کان نجات ۽ نفاق کان نجات.
۱۸	جماعت سان فرض نماز پڙهڻ	جماعت سان نماز پڙهڻ اڪيلي پڙهڻ کان ۲۷ دفعا وڌيڪ درجا ٿي رکي.
۱۹	عشاء ۽ فجر جي نماز باجماعت پڙهڻ	جنهن عشاء جي نماز جماعت سان پڙهي، تنهن ڇڻ اڌ رات تائين عبادت ڪئي ۽ جنهن صبح جي نماز جماعت سان پڙهي، ته ڇڻ سڄي رات عبادت ۾ گذاريائين.
۲۰	پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ	جيڪڏهن ماڻهن کي اها خبر هجي ته بانگ ڏيڻ ۽ پهرين صف ۾ ڪيترو اجر آهي ۽ اهو بنا مقابلي جي حاصل نه ٿي سگهندو ته هوند ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ڪٽي وجهڻ لاءِ به تيار ٿي وڃن.
۲۱	مؤڪده سنتن جي پابندي ڪرڻ	جنهن ڏينهن رات ۾ ٻارهن رڪعتون پڙهيون ته ان لاءِ جنت ۾ گهر اڏيو ويو. اهي آهن : چار ظهر کان اڳ، ٻه ان کان پوءِ. ٻه مغرب کان پوءِ، ٻه عشا کان پوءِ ۽ ٻه رڪعتون فجر جي نماز کان اڳ.
۲۲	نفلي نماز گهٽي پڙهڻ ۽ اها ڪجهه ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ	الله خاطر گهٽا سجدا ڪرڻ تو لاءِ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته تون الله لاءِ جيڪو به سجدو ڪندين ان سان الله تنهنجو هڪ درجو بلند ڪندو ۽ تنهنجو هڪ گناهه معاف ڪندو. ڪنهن به شخص جي نفلي نماز اٿڻ ۽ جاءِ تي پڙهڻ جتي ڪيس ماڻهو نه ڏسن، سندس ماڻهن جي اکين آڏو پنجويهه پيرا نماز پڙهڻ جي برابر آهي.
۲۳	فجر کان اڳ سنت ۽ فجر جو فرض	فجر جون ٻه رڪعتون سنت، دنيا ۽ جيڪي ڪجهه منجهس آهي تنهن کان بهتر آهن. جنهن صبح جي نماز پڙهي، سو الله جي ذمي ۾ آهي.
۲۴	چاشت جي نماز	اوهان جي هر سَنڈ تي روزانو صبح جو صدقو واجب ٿيندو آهي، ان ڪري هر تسبيح (سبحان الله چوڻ) صدقو آهي، هر حمد (الحمدلله چوڻ) صدقو آهي، هر تهليل (لا اله الا الله چوڻ) صدقو آهي، هر تڪبير (الله اڪبر چوڻ) صدقو آهي، نيڪيءَ جو حڪم ڪرڻ صدقو آهي، برائيءَ کان روڪڻ صدقو آهي، پر ان سڀ کان، اهي ٻه رڪعتون، جيڪي چاشت ۾ پڙهيون وڃن، سي ڪافي آهن.
۲۵	جيڪو نماز واري جاءِ تي ويهي ذڪر ڪندو رهي	ملائڪ اوهان مان هر هڪ لاءِ ايستائين دعا گهرندا رهندا آهن جيستائين اهو پنهنجي نماز واريءَ جاءِ تي ويٺو رهي ۽ وضو سان هجي. هي دعا گهرندا آهن: اي الله ان کي بخش ڪر. اي الله! ان تي رحم ڪر.
۲۶	فجر جي نماز جماعت سان پڙهڻ کان پوءِ سج اپرڻ تائين الله جو ذڪر ڪرڻ، پوءِ ٻه رڪعتون پڙهڻ	جنهن صبح جي نماز جماعت سان پڙهي، ان کان پوءِ ويهي سج اپرڻ تائين الله جو ذڪر ڪيائين، ان کان پوءِ ٻه رڪعتون نماز پڙهيائين ته ان کي حج ۽ عمري جو ثواب، پورو پورو ملندو.
۲۷	جيڪو رات جو جاڳي تهجد پڙهي ۽ پنهنجي گهر واريءَ کي به جاڳائي	جيڪو رات جو جاڳيو ۽ پنهنجي گهر واريءَ کي به جاڳايائين ۽ پوءِ ٻنهي گڏجي ٻه رڪعتون پڙهيون ته ٻئي الله کي گهڻو ياد ڪندڙ مردن ۽ گهڻو ياد ڪندڙ عورتن مان شمار ڪيا ويندا.
۲۸	جنهن رات جو تهجد پڙهڻ جي نيت ڪئي پر ننڊ وٺي ويس	جيڪو به ماڻهو رات جو ڪجهه نماز پڙهڻ وارو هجي پوءِ اها ننڊ جي غلبي جي ڪري نه پڙهي سگهيو هجي، ته الله تعالیٰ ان لاءِ سندس ان نماز جو اجر لکي ٿو ڇڏي ۽ سندس اها ننڊ صدقو ٿي ويندي.
۲۹	بازار ۾ داخل ٿيڻ جي دعا	جيڪو بازار ۾ گهڙڻ مهل هي دعا پڙهندو : (لا إِلَهَ إِلاَّ الله وَحْدَهُ لا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِي وَيُمِيتُ وَهُوَ حَيٌّ لا يَمُوتُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ) ته الله تعالیٰ ان لاءِ ڏهه لک نيڪيون لکندو ۽ ان جا ڏهه لک گناهه معاف ڪندو ۽ ان جا ڏهه لک درجا بلند ڪندو.
۳۰	سبحان الله، الحمد لله، الله اڪبر ۳۳ دفعا ۽ لا اله الا الله سان هر نماز کان پوءِ ان جي پڄاڻي ڪرڻ	جنهن هر نماز کان پوءِ ۳۳ دفعا سبحان الله چيو، ۳۳ دفعا الحمدلله چيو ۽ ۳۳ دفعا الله اڪبر چيو، اهي ٽيا نوانوي، ۽ سؤ پورو ڪندي: لا إِلَهَ إِلا الله وَحْدَهُ لا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ چيائين ته سندس خطائون معاف ٿي ويندیون، چو نه سمنڊ جي جهڳ برابر هجن.
۳۱	هر فرض نماز کان پوءِ آية الڪرسي پڙهڻ	جنهن هر فرض نماز کان پوءِ آية الڪرسي پڙهي ته ڪيس جنت ۾ داخل ٿيڻ کان ڪا به شئي نه روڪيندي سواءِ هن جي ته مٽس موت اچي.
۳۲	بيمار جي عيادت ڪرڻ	جيڪو به مسلمان ڪنهن مسلمان جي صبح جو عيادت ڪري ٿو، ته ان لاءِ ستر هزار فرشتا شام تائين بخشش جي دعا گهرندا رهن ٿا ۽ جيڪڏهن رات جو عيادت ڪيائينس ته ستر هزار فرشتا مٽس صبح ٿيڻ تائين بخشش جي دعا گهرندا رهن ٿا ۽ ان لاءِ جنت ۾ ڪجهه جي وٽن جو هڪ باغ هوندو.
۳۳	مصيبت زده کي ڏسڻ	جنهن ماڻهو ڪنهن مصيبت زده کي ڏسي هيءَ دعا پڙهي : (الْحَمْدُ للهِ الَّذِيْ عَافَانِي مِمَا ابْتَلاكَ بِهِ

	وقت دعا	وَفَضَّلَنِي عَلَى كَثِيْرٍ مِمَّنْ خَلَقَ تَفْضِيْلًا) تہ کیس اها مصیبت نہ رسندي.
٣٤	جنهن مصیبت زده کي تسلي ڏني	جنهن مصیبت ورتل ماڻهوءَ کي تسلي ڏني ان لاءِ ان جھڙو اجر آهي. جیکو ب مؤمن پنهنجي پاءُ کي مصیبت ۾ تسلي ڏئي ٿو، تنهن کي الله عزت ۽ بزرگيءَ جي پوشاڪن مان پهرائيندو.
٣٥	جنازي نماز پڙهڻ ۽ قبرستان ۾ تدفين ٿيڻ تائين ان جي ڪِڏ هلڻ	جیکو جنازي ۾ ان تي نماز پڙهڻ تائين شريڪ ٿيو ان لاءِ هڪ قيراط ثواب آهي. جیکو تدفين تائين حاضر رهيو ان لاءِ ب قيراط آهن. پڇيو ويو ته : ب قيراط ڇا آهن؟ فرمايائون : بن تمام وڏن جبلن جھڙا. ابن عمر رضي الله عنهما فرمايو: اسان ته تمام گھٽا قيراط ضائع ڪري ڇڏيا.
٣٦	الله خاطر مسجدن جي تعمير	جنهن الله خاطر مسجد ٺهرائي، ڇو نہ ڳيري جي آکيري جيتري هجي، ته الله تعالىٰ ان لاءِ جنت ۾ گھر ٺاهيندو.
٣٧	(الله جي راھ ۾) خرچ ڪرڻ	هر ڏينهن، جنهن ۾ ٻانها صبح جو اٺن ٽا ته ب ملائڪ نازل ٿيندا آهن، انهن مان هڪ چوندو آهي: اي الله خرچ ڪندڙ کي اوترو ڏجانءِ. ٻيو چوندو آهي: اي الله روڪي رکندڙ (جي مال) کي ختم ڪجانءِ.
٣٨	صدقو ڪرڻ	"هڪ درهم لک درهمن کان اڳ ڪڍي ويو، چيائون: يارسول الله! اهو ڪيئن؟ پاڻ فرمايائون: هڪ شخص وٽ ب درهم آهن، جن مان هڪ ڪٽي صدقو ڪيائين ۽ ٻيو ماڻهو آهي، جنهن وٽ تمام گھٽو مال آهي، ان پنهنجي مال جي ڪِناري مان لک درهم ڪنيا ۽ صدقو ڪيائين". "ڪوب مسلمان ڪا چڪي هٽي ٿو يا ڪا پوک پوکي ٿو، پوءِ ان مان ڪو پکي يا انسان يا ڪو چوپايو مال کائي ٿو ته اهو ان لاءِ صدقو ٿو ٿئي".
٣٩	بنا فائدي جي قرض ڏيڻ	جیکو ب مسلمان ٻئي مسلمان کي ب پيرا قرض ڏئي ٿو، تنهن جڏ ان مان هڪ دفعو صدقو ڪيو.
٤٠	سجي تي صبر ڪرڻ	جنهن ماڻهوءَ ڪنهن سجي کي مهلت ڏني ته ان لاءِ قرض ڏيڻ واري وقت کان اڳ تائين هر ڏينهن جي عوض صدقو ٿو لکيو وڃي، پوءِ جڏهن قرض ڏيڻ وارو وقت اچي ويو ۽ وري مهلت ڏنائينس ته ان لاءِ هر ڏينهن جي بدلي ٻيٽو صدقو ٿو لکيو وڃي.
٤١	الله جي رستي ۾ هڪ ڏينهن جو روزو	جنهن هڪ ڏينهن الله جي رستي ۾ روزو رکيو، الله سندس چهري کي ستر سال جهنم کان پري ڪري ڇڏيندو.
٤٢	هر مهيني ٽي ڏينهن، عرفات جي ڏينهن ۽ عاشورن جو روزو	هر مهيني ٽي ڏينهن روزو رکڻ، زندگي ۾ جي روزن برابر آهي. ڪائنڊ عرفات جي ڏينهن جي روزي بابت پڇيو ويو پاڻ فرمايائون: گذريل ۽ هن سال جو ڪفارو آهي. ڪائنڊ عاشورن جي روزي بابت پڇيو ويو، فرمايائون : گذريل سال جي گناهن جو ڪفارو آهي.
٤٣	شوال جي ڇهن ڏينهن جو روزو	جنهن رمضان جا روزا رکيا، پوءِ ان جي پٺيان شوال جا ڇهه روزا ب رکيائين ته اهي پوري زماني جي روزن برابر آهن.
٤٤	امام سان گڏ پڃاڻيءَ تائين تراويح نماز پڙهڻ	جنهن ماڻهو امام سان گڏ نماز پڙهي، جيستائين اهو واپس ٿئي ته ان جڏ سڄي رات قيام ڪيو.
٤٥	رمضان ۾ عمرو	رمضان شريف ۾ عمرو حج برابر، يا : مون سان گڏ حج برابر آهي.
٤٦	حج مبرور (مقبول)	جنهن حج ڪيو ۽ فضول ڳالهين ۽ گناهه جي ڪمن کان پاسو ڪيائين ته اهو اهڙو موڪلندو جهڙو ماءُ جي پيٽان جائو آهي. حج مبرور جو بدلو جنت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نہ آهي.
٤٧	ذوالحج جي پهرئين ڏهاڪي ۾ صالح عمل ڪرڻ	ڪنهن ب ڏينهن جو صالح عمل الله کي هنن ڏينهن (ذوالحج جي ڏهن ڏينهن) جي صالح عمل کان وڌيڪ پسند ناهي. چيائون: يارسول الله! جهاد في سبيل الله ب نہ؟ فرمايائون: نہ ئي جهاد في سبيل الله، سواءِ ان شخص جي جيڪو پنهنجو سر ۽ مال ڪٽي نڪتو ۽ ان مان ڪابہ شيءِ موٽائي نہ آندائين.
٤٨	قرباني ڪرڻ	رسول الله ﷺ جن جي اصحابن سڳورن عرض ڪيو ته: يارسول الله! هي قربانيون ڇاهن؟ فرمايائون: اوهان جي ابي ابراهيم عليه السلام جي سنت آهي. چيائون: يارسول الله! اسان جو ان ۾ ڪهڙو فائدو آهي؟ فرمايائون: هر وار تي نيڪي آهي. چيائون: اُن جو يا رسول الله ڇا ثواب آهي؟ فرمايائون: ان جي ب هر وار تي نيڪي آهي.
٤٩	عالم جو اجر ۽ ان جي فضيلت	عالم جي عابد کان ايتري وڌيڪ فضيلت آهي جيتري منهنجي توهان مان ادنيٰ ماڻهوءَ کان مٿي آهي. ان کان پوءِ رسول الله ﷺ جن فرمايو: بيشڪ الله ۽ سندس ملائڪ، آسمان ۽ زمين وارا حتاڪ ڪوليون پنهنجي ٻرن ۾ ۽ مڇيون ب، ماڻهن کي پلائيءَ جي سبق ڏيندڙ لاءِ دعائون ڪندا آهن.
٥٠	الله کان سچي دل سان شهادت گھرڻ	جنهن الله کان سچي دل سان شهادت جو سوال ڪيو، تنهن کي الله شهيدن جي منزلن تي پهچائيندو، ڇو نہ بستري تي ئي مري وڃي.
٥١	الله جي خوف ۾ روئڻ ۽ سندس	ب اکيون آهن، جن کي باهہ نہ ڇهندي : هڪ اها اک، جیکا الله جي خوف ۾ روئي ۽ ٻي اها اک،

	رستي ۾ چوڪيداري ڪرڻ	جيڪا الله جي رستي ۾ رات جو جاڳي چوڪيداريءَ ۾ گذاري.
۵۲	الله تي توڪل ڪرڻ، ڏنبِ ڏيارڻ، قيٽا ركائڻ ۽ بدفاليون چڏي ڏيڻ	نبي ڪريم ﷺ جن تي ننڊ ۾ مختلف امتون پيش ڪيون ويون. پنهنجي امت کي ڏٺائون تہ ان ۾ ستر هزار اهڙا ماڻهو آهن جيڪي جنت ۾ بنا حساب ۽ بناعذاب جي داخل ٿيندا، اهي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي نہ ڏنبِ ٿا ڏيارن، نہ قيٽا ٿا وجهرائن ۽ نہ بدفاليون ٿا وٺن بلڪ پنهنجي رب تي توڪل ڪندا آهن.
۵۳	جنهن جا ننڍا ۽ وڏا مري ويا هجن تنهن جو اجر	جنهن بہ مسلمان جا ٽي ۽ مري ويا، جيڪي بلوغت کي نہ پهتا هجن تہ الله انهن (ٻارڙن) تي سندس رحمت جي برڪت جي ڪري ڪيس جنت ۾ داخل ڪندو.
۵۴	نظر ضايع ٿيڻ ۽ ان تي صبر ڪرڻ	الله تعالىٰ (قدسي حديث ۾) فرمايو آهي: جڏهن آءٌ پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي سندس ٻن پيارين شين سان آزمائيندو آهيان ۽ پوءِ اهو صبر ڪندو آهي تہ آءٌ کيس انهن جي بدلي جنت عطا ڪندو آهيان. پيارين شين مان مراد : ٻہ اکيون آهن.
۵۵	الله جي خوف کان ڪا شيءِ چڏڻ	تون جڏهن بہ ڪا شيءِ الله جي خوف کان چڏيندين تہ الله توکي ان کان پلي عطا ڪندو.
۵۶	اوگهڙ ۽ زبان جي حفاظت ڪرڻ	جنهن مون کي ان جي ضمانت ڏني جيڪا سندس ٻن جاڙين جي وچ ۾ آهي ۽ جيڪا ٻن ٽنگن جي وچ ۾ آهي تہ آءٌ ان لاءِ جنت جو ضامن ٿيندس. (يعني زبان ۽ اوگهڙ).
۵۷	گهر ۾ گهڙڻ ۽ ڪاڏي ڪائڻ وقت بسم الله پڙهڻ	جڏهن ڪو ماڻهو گهر ۾ گهڙندو آهي، پوءِ گهڙڻ وقت ۽ ڪاڏي ڪائڻ وقت الله جو ذڪر ڪندو آهي تہ شيطان (پنهنجي سنگتين کي) چوندو آهي تہ : اوهان لاءِ هتي نہ رات گذارڻ جي جاءِ آهي ۽ نہ رات جي ڪاڏي ڪائڻ جي. ۽ جيڪڏهن گهڙڻ وقت الله جو ذڪر نہ ڪندو آهي تہ شيطان چوندو آهي : اوهان کي رات گذارڻ جي جاءِ ملي وئي. جڏهن ڪاڏي مهل الله جو ذڪر نہ ڪندو آهي تہ چوندو آهي : اوهان کي رات گذارڻ جي جاءِ بہ ملي وئي تہ ڪاڏو بہ ملي ويو.
۵۸	ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ ۽ نئين لباس پائڻ جي دعا	جنهن ڪاڏو ڪاڏو ۽ (الْحَمْدُ الله الَّذِي أَطْعَمَنِي هَذَا وَرَزَقَنِيهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِنِّي وَلا قُوَّةٍ) چيو تہ ان جا اڳيان سڀ گناهہ معاف ٿي ويندا. ۽ جڏهن ڪو نئون لباس پهريائين ۽ (الْحَمْدُ الله الَّذِي كَسَانِي هَذَا وَرَزَقَنِيهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِنِّي وَلا قُوَّةٍ) چيائين (تہ الله سندس اڳيان سڀ گناهہ معاف ڪري چڏيندو).
۵۹	جيڪو گهري تہ الله سندس ڪم ڪار جي تڪليف آسان ڪري	حضرت فاطمہ رضی اللہ عنہا نبي ڪريم ﷺ جن ڪان نوڪر جي گهر ڪئي، تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن بي بي فاطمہ ۽ حضرت علي رضی اللہ عنہما (پنهنجي) کي چيو تہ: ڇا آءٌ اوهان کي ان ڪان وڌيڪ پلو ڏس ڏيان جيڪو توهان مون کان گهريو آهي؟ جڏهن اوهان ٻئي پنهنجي بسترن تي وڃي ليٽو تہ ۳۴ دفعا الله اڪبر چئو، ۳۳ دفعا سبحان الله چئو ۽ ۳۳ دفعا الحمدلله چئو. اهو اوهان لاءِ نوڪر کان بهتر آهي.
۶۰	جماع کان اڳ جي دعا	جڏهن اوهان مان ڪو ماڻهو پنهنجي گهر واريءَ ڏانهن اچڻ گهري تہ چئي: (بِسْمِ الله، اللّهُمَّ جَنِّبْنَا الشَّيْطَانَ وَجَنِّبِ الشَّيْطَانَ مَا رَزَقْتَنَا) پوءِ انهن کي جيڪڏهن ان مان ڪو ٻار نصيب هوندو تہ شيطان ان کي ڪڏهن بہ نقصان نہ ڏيندو.
۶۱	زال جو مڙس کي راضي رکڻ	جڏهن عورت پنج وقت نماز پڙهي، رمضان جا روزا رکي، پنهنجي اوگهڙ جي حفاظت ڪري، پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري ڪري تہ ان کي چيو ويندو: جنت ۾ جنهن دروازي کان گهرين، داخل ٿيءُ. جيڪا بہ عورت فوت ٿي وئي ۽ ڪانئس سندس مڙس راضي هيو تہ اها جنت ۾ داخل ٿيندي.
۶۲	والدين سان پلائي ڪرڻ ۽ مائٽي ڳنڍڻ	"الله جي رضا پيءُ جي رضا ۾ آهي". "جيڪو چاهي تہ سندس رزق ۾ ڪشادگي پيدا ٿئي ۽ سندس عمر ۾ برڪت پوي تہ ان کي پنهنجي مائٽن سان ڳانڍاپو ڪرڻ گهرجي".
۶۳	يتيم جي ڪفالت ڪرڻ	آءٌ ۽ يتيم جي سنيال ڪندڙ جنت ۾ هنن ٻن (آڱرين) وانگر گڏ هوندا سين. وچين ۽ اشهد آڱر ملائي اهي لفظ چيائون.
۶۴	سهڻو اخلاق	بيشڪ مؤمن پنهنجي سهڻي اخلاق سان روزيدار تهجد گذار جو درجو حاصل ڪري وٺندو آهي. آءٌ ضامن آهيان... جنت جي مٿانهين درجي ۾ گهرَ جو ان شخص لاءِ جنهن جا اخلاق سهڻا هوندا.
۶۵	مخلوق تي رحم ۽ شفقت ڪرڻ	الله پنهنجي ٻانهن مان انهن تي رحم ڪندو آهي جيڪي (پاڻ ۾) رحم ڪندڙ هجن. زمين وارن تي رحم ڪيو تہ آسمان وارو اوهان تي رحم ڪندو.
۶۶	مسلمانن جي خير خواهي ڪرڻ	اوهان مان ڪو ايستائين مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين پنهنجي (ٻئي مسلمان) ٻاءُ لاءِ اها شيءِ پسند ڪري جيڪا پنهنجي لاءِ ٿو پسند ڪري.
۶۷	حياءُ	حياءُ هميشه پلائيءَ ئي آڻيندو آهي. حياءُ ايمان جو شعبو آهي. چار شيون پيغمبرن جي سنتن مان آهن : حياءُ، خوشبو، ڏندڻ ۽ نڪاح.

٦٨	سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ	هڪ شخص نبي ڪريم ﷺ جن وٽ آيو ۽ چيائين: السلام عليڪم. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: ڏهه. ان کان پوءِ ٻيو آيو ۽ چيائين : السلام عليڪم ورحمة الله. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: ويهه. ان کان پوءِ ٽيون شخص آيو ۽ چيائين: السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: ٽيهه. يعني نيڪيون.
٦٩	ملاقات مهل مصافحو ڪرڻ	جڏهن به مسلمان پاڻ ۾ ملن ٿا ۽ مصافحو ڪن ٿا ته الله انهن جي الڳ ٿيڻ کان اڳ کين بخشي ڇڏي ٿو.
٧٠	مسلمان جي عزت جو دفاع ڪرڻ	جنهن پنهنجي پاءُ جي عزت (ننگ) جو دفاع ڪيو، الله قيامت جي ڏينهن جهنم جي باهه کان سندس چهري جي حفاظت فرمائيندو.
٧١	صالحن سان محبت ۽ صحبت ڪرڻ	تون ان سان گڏ آهين جنهن سان محبت ڪرين ٿو. انس رضي الله عنه فرمائن ٿا: صحابه ڪنهن به شيءِ تي ايترو خوش نه ٿيا جيترو ان حديث تي خوش ٿيا.
٧٢	الله جي جلال خاطر هڪ ٻئي سان محبت ڪندڙ	(قدسي حديث ۾) الله عزوجل فرمايو آهي ته : منهنجي جلال (عظمت) ۾ هڪ ٻئي سان محبت ڪندڙن لاءِ نور جا اهڙا ممبر هوندا، جو نبي ۽ شهيد به ساڻن ريس پيا ڪندا.
٧٣	مسلمانن لاءِ دعا ڪرڻ	ڪنهن به مسلمان مرد جي پنهنجي پاءُ لاءِ پرپٺ دعا گهرڻ مقبول آهي، ان جي مٿان هڪ فرشتو موڪل ٿيل آهي، جڏهن به هو پنهنجي پاءُ لاءِ پلائي جي دعا گهرندو آهي ته ان جو موڪل فرشتو چوندو آهي: (آمين) ۽ تولاءِ به ان جهڙي دعا هجي.
٧٤	مؤمن ۽ مؤمنياٽين لاءِ بخشش جي دعا گهرڻ	جنهن مؤمن ۽ مؤمنياٽين لاءِ بخشش جي دعا گهري، الله ان لاءِ هر مؤمن ۽ مؤمنياٽيءَ جي بدلي هڪ نيڪي لکندو.
٧٥	رستي تان گندگي هٽائڻ	مون هڪ شخص کي انهيءَ وڻ جي ڪري جنت ۾ گهمندي ڏٺو، جيڪو ان وچ رستي تان ڪٽيو هو، جو ماڻهن کي تڪليف ڏيندو هو.
٧٦	جهيڙو ۽ ڪوڙ ڇڏڻ	آءٌ ان شخص لاءِ وچ جنت ۾ گهر جو ضامن آهيان جيڪو حق تي هوندي به جهيڙو نه ڪري ۽ اهڙي شخص لاءِ وچ جنت ۾ گهر جو ضامن آهيان جيڪو کل پوڳ ۾ به ڪوڙ نه ٻالهائي.
٧٧	ڪاوڙ کائڻ	جنهن ڪاوڙ کاڌي حالانڪ کيس ڪري ڏيکارڻ جي طاقت به آهي ته الله تعالىٰ ان کي قيامت جي ڏينهن خلق جي آڏو سڏيندو ۽ کيس اختيار ڏيندو ته جيڪا حور وٽيس سا کڻي.
٧٨	چڱائي يا برائيءَ سان ياد ڪرڻ	جنهن جي اوهان سڃي ساراهه ڪئي، ان لاءِ جنت واجب ٿي وئي. جنهن کي اوهان برائيءَ سان ياد ڪيو ان لاءِ جهنم واجب ٿي ويو. اوهان زمين تي الله جا شاهد آهيو.
٧٩	مسلمان جي تڪليف دور ڪرڻ، ان تي آسانی ڪرڻ، ان جو ڏَڪ ڏِڪڻ ۽ سندس مدد ڪرڻ	جنهن ڪنهن مؤمن جي دنيا جي تڪليفن مان کا تڪليف هٽائي ته الله ان تان قيامت جي ڏينهن جي تڪليفن مان کا تڪليف دور ڪندو. جنهن ڪنهن سڄي کي ڏر ڏني، الله ان لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ آسانی پيدا فرمائيندو. جنهن مسلمان جو ڏَڪ ڏِڪيو، الله کيس دنيا ۽ آخرت ۾ ڏَڪيندو. الله ٻانهي جي مدد ۾ هوندو آهي، جيستائين ٻانهو پنهنجي پاءُ جي مدد ۾ هوندو آهي.
٨٠	آخرت کي مقدم رکڻ	جنهن آخرت کي پنهنجو مقصد بٽايو ته الله سندس دل کي بي پرواهه ڪري ڇڏيندو، ان لاءِ ڪنڊريل معاملا گڏ ڪري ڇڏيندو ۽ دنيا ڏانهس ذليل ٿي ايندي آهي.
٨١	حاڪر جو عدل، نوجوان جو صالح ٿيڻ، مسجدن سان تعلق، الله ڪارڻ محبت	ست آهن، جن کي الله ان ڏينهن پنهنجي پاڇي هيٺ رکندو جڏهن الله جي پاڇي کانسواءِ ٻيو ڪوبه پاڇو ڪونه هوندو: انصاف پسند حڪمران، اهو نوجوان جيڪو پنهنجي رب جي عبادت ۾ نپنيو هجي، اهڙو مرد جنهن جي دل مسجدن ۾ لٽڪيل هجي، ۽ اهي به مرد جن الله ڪارڻ هڪٻئي سان محبت ڪئي، ان تي گڏ ٿين ٿا ۽ ان تي ئي جدا ٿين ٿا، ۽ اهڙو مرد جنهن کي وڏي منصب واريءَ سهٽي عورت سڏيو ۽ هن چيو: آءٌ الله کان ڊڄان ٿو. ۽ اهڙو مرد جنهن ڪو صدقو ڪيو ۽ ان کي مخفي رکيائين، ايستائين جو کاٻي کي خبر نه رهي ته ساڄي هٿ ڇا خرچ ڪيو، ۽ اهڙو مرد جنهن اڪيلائيءَ ۾ الله کي ياد ڪيو ۽ سندس اکيون هارجي پيون.
٨٢	استغفار ڪرڻ	جيڪو ماڻهو هميشه استغفار ڪندو رهندو، الله تعالىٰ ان لاءِ هر تنگيءَ مان نڪرڻ جو رستو ڪڍندو ۽ هر غم مان ڪشادگي پيدا ڪندو ۽ کيس اتان رزق ڏيندو جتان ان جو وهم گمان ئي نه هوندو.

اهي ڪم جن تي عمل ڪرڻ ڪان جهليو ويو آهي

ڪ	منع ٿيل ڪم	نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جن فرمايو:
١	ماڻهن لاءِ عمل ڪرڻ	(قدسي حديث ۾) الله تعالىٰ فرمايو آهي: آءٌ شريڪن جي شرڪ کان بي پرواه آهيان. جنهن کي عمل ڪيو ءِ ان ۾ مون سان گڏ ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪيائين تہ آءٌ ڪيس ءِ سندس شرڪ کي ڇڏي ڏيندس.
٢	ظاهري اصلاح ءِ باطني فساد	”آءٌ اهڙن ماڻهن کي ڄاڻان ٿو جيڪي قيامت جي ڏينهن تهامه جي جبلن جيڏيون ڇٽيون نيڪيون ڪٽي ايندا، پوءِ الله تعالىٰ انهن کي ڏوڙ ڪري اڏائي ڇڏيندو“. ثوبان عرض ڪيو تہ: اي الله جا رسول! اسان کي انهن جي صفت ٻڌايو، پڌرا ڪري ڏيو، ائين نہ ٿئي جو اسان بہ انهن مان هجڻون ءِ اسان کي خبر ئي نہ هجي. فرمايائون تہ: ”اهي توهان جا پائر ئي آهن، توهان جي چمڙيءَ مان ئي آهن، رات جو بہ ائين عبادت ڪندا آهن جيئن توهان ڪندا آهيو، پر اهي اهڙا ماڻهو آهن جو جڏهن الله جي حرام ڪيلن ڪمن سان اڪيلا ٿيندا آهن تہ انهن جي بيحرمتي ڪندا آهن“.
٣	وڏائي	”اهو ماڻهو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو، جنهن جي دل ۾ **ذري برابر** بہ وڏائي هوندي“. **وڏائي:** حق کي ٺڪرائڻ، يعني ان کي رد ڪرڻ ءِ ماڻهن کي ڏاڪارڻ، يعني انهن کي حقارت سان ڏسڻ کي چئبو آهي.
٤	ڍڳهي گوڏ پائڻ	گوڏ، ڪانچ، قميص يا پٽڪو ڍڳهو پائڻ. ”جنهن وڏائيءَ مان ڪابہ شيءِ لڙڪائي، الله تعالىٰ قيامت جي ڏينهن ان ڏانهن نہ ڏسندو“.
٥	حسد ڪرڻ	پاڻ کي حسد کان بچايو، ڇاڪاڻ تہ حسد نيڪين کي ائين کائيندو آهي جيئن باهہ ڪاٺين کي، يا فرمايائون: جيئن گاهہ کي کائيندي آهي.
٦	وياج	✸ رسول الله ﷺ وياج کائڻ واري ۽ ڪرائڻ واري تي لعنت ڪئي آهي. ✸ وياج جو هڪ درهم، جيڪو ماڻهو جاڻي واڻي کائي ٿو، سو ڇٽيهہ ڀيرا زنا ڪرڻ کان وڌيڪ وڏو گناهہ آهي.
٧	شراب پيئندڙ	✸ شراب جو عادي، جادوءَ تي يقين رکندڙ ۽ مائٽي ڇنندڙ جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. ✸ جنهن شراب پيتو، تنهن جي چاليهہ راتيون نماز قبول نہ ٿيندي.
٨	ڪوڙ ڳالهائڻ	اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ويل (هلاڪت) آهي، جيڪو ان لاءِ ڪوڙي ڳالهہ ٿو ڪري تہ ماڻهو ان تي کلن، ان لاءِ ويل آهي، ويل آهي .
٩	جاسوسي ڪرڻ	جنهن ماڻهن جي ڪا ڳالهہ ڪن ڏئي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هو ڪيس پسند نہ ڪن تہ ان جي ڪنن ۾ قيامت جي ڏينهن پگهريل سيهو پيٽيو ويندو.
١٠	تصوير (فوٽو گرافي)	✸ قيامت جي ڏينهن جن کي سڀ کان وڌيڪ سخت عذاب ڪيو ويندو، سي فوٽو ڪيندڙ هوندا. ✸ ملائڪ اهڙي گهر ۾ داخل نہ ٿيندا آهن جنهن ۾ ڪتو ۽ تصوير هجي.
١١	چغل خوري	چغل خور جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. **چغل خور:** ان کي چئبو آهي جيڪو ماڻهن ۾ فساد جي غرض سان سندن ڳالهيون ڦهلائيندو وتي.
١٢	گلا ڪرڻ	توهان کي خبر آهي تہ گلا چاهي؟ چيائون تہ: الله ۽ سندس رسول بهتر ڄاڻن. فرمايائون: تنهنجو پنهنجي پاءُ کي اهڙي ڳالهہ سان ياد ڪرڻ جيڪا ان کي پسند نہ هجي. چيو ويو تہ: جيتوٽيڪ منهنجي پاءُ ۾ اها ڳالهہ هجي جيڪا آءٌ چوان ٿو؟ فرمايائون: جيڪڏهن اها ان ۾ آهي تہ اها ئي گلا آهي ۽ جيڪڏهن ناهي تہ پوءِ اهو بهتان (تهمت) آهي.
١٣	لعنت ڪرڻ	✸ مؤمن تي لعنت ڪرڻ ان کي قتل ڪرڻ برابر آهي. ✸ هوا تي لعنت نہ ڪريو، ڇاڪاڻ تہ ان کي حڪم ٿيل آهي، ۽ جنهن ڪنهن شيءِ تي لعنت ڪئي ۽ اها ان جي حقدار ناهي تہ اها لعنت ڏانهس موٽندي.
١٤	راز پڌرا ڪرڻ	الله وٽ سڀ کان وڌيڪ قيامت جي ڏينهن بڇڙي مرتبي وارو اهو ماڻهو هوندو جيڪو پنهنجي زال سان ميلاپ ڪري ۽ اها بہ سائس ميلاپ ڪري، پوءِ ان جو راز پڌرو ڪندو وتي.
١٥	بڇڙائي	✸ الله وٽ سڀ کان برو مرتبو قيامت جي ڏينهن ان شخص جو آهي جنهن کي ماڻهو سندس بڇڙائيءَ کان بچڻ جي ڪري ڇڏي ڏين. ✸ انسان جون گهٽيون خطائون سندس زبان ۾ آهن.
١٦	مسلمان تي ڪفر جي تهمت مڙهڻ	جنهن شخص پنهنجي پاءُ کي (اي ڪافر) چيو، تہ اها (تهمت) پنهي مان هڪ تي ورندي. جيڪڏهن اڳيون ائين آهي جيئن هن چيو تہ ٺيڪ، نہ تہ اها مٿس موٽندي.
١٧	پيءُ جي بجاءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن پنهنجي نسبت ڪرڻ	✸ جنهن پنهنجي پيءُ جي بجاءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن ڪوڙي دعويٰ ڪئي ۽ هو ڄاڻي بہ اٿو تہ جنت ان تي حرام آهي. ✸ پنهنجي پيئرن کان منهن نہ مٽيو، جنهن پنهنجي پيءُ کان منهن مٽيو، تہ ان ڪفر ڪيو.
١٨	مسلمان کي خوفزده ڪرڻ	✸ مسلمان لاءِ حلال ناهي تہ پنهنجي مسلمان پاءُ کي ڊيڄاري. ✸ جنهن پنهنجي پاءُ ڏانهن لوهہ جو اشارو ڪيو تہ ملائڪ مٿس لعنت ڪندا آهن، جيستائين هٿيار واپس نہ رکي.
١٩	اسلامي ملڪن ۾ امن وٺندڙ کي قتل ڪرڻ	جنهن معاهدي ٿيل شخص کي ناحق قتل ڪيو، سو جنت جي بوءِ بہ نہ سگهندو، جڏهن تہ جنت جي خوشبوءِ سؤ سالن جي پنڌ تان پئي ايندي.

٢٠	الله جي ولين سان دشمني رکڻ	(قدسي حديث ۾) الله تعالىٰ فرمايو آهي: جنهن منهنجي دوست (وليءَ) سان دشمني ڪئي، آءٌ ان سان جنگ جو اعلان ٿو ڪريان.
٢١	منافق ۽ فاسق کي سردار چوڻ	منافق کي سيد (سردار) نہ چئو! ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهو سيد (سردار) ٿيندو تہ اوهان پنهنجي رب کي ناراض ڪري ڇڏيندؤ.
٢٢	رعيت کي ٺڳڻ	جنهن ٻانهي کي الله کنهن رعيت جو مالڪ بڻايو، جنهن ڏينهن مرڻو هيس تنهن ڏينهن ان حال ۾ مئو جو سندس رعيت سان ٺڳي ڪندو رهيو تہ الله ان تي جنت حرام ڪري ڇڏيندو.
٢٣	بنا علم جي فتويٰ ڏيڻ	جنهن کي بنا علم جي فتويٰ ڏني وئي، ان جو گناهہ ان تي آهي جنهن کيس فتويٰ ڏني.
٢٤	جمعو يا عصر (وچين) نماز ڇڏڻ	✸ جنهن لاپرواهيءَ مان ٽي جمعا ڇڏيا، تہ الله ان جي دل تي مهر هڻي ڇڏيندو. ✸ جنهن وچين نماز ڇڏي، تنهن جا عمل چٽ ٿي ويندا.
٢٥	نماز ۾ ڪوتاهي ڪرڻ ۽ ڇڏي ڏيڻ	✸ اسان ۽ انهن (ڪافرن) جي وچ ۾ جيڪو عهد (فرق) آهي، سو نماز آهي، سو جنهن ان کي ڇڏيو ان ڪفر ڪيو. ✸ ماڻهوءَ ۽ شرڪ ۽ ڪفر جي وچ ۾ سنڊو، نماز ڇڏڻ آهي.
٢٦	نمازيءَ جي آڏو گذرڻ	جيڪڏهن نمازيءَ جي آڏو لنگهندڙ کي اها خبر هجي تہ ان جو گناهہ کيترو آهي تہ هوند ان لاءِ چاليهہ (ڏينهن يا سال) بيهي رهي، اهو ان لاءِ هن کان بهتر آهي جو ان جي آڏو گذري.
٢٧	نمازين کي ايذائڻ	جنهن بصر ٽوم ۽ ڪراٽ (بصرن جهڙا ساوا ڪُنر) ڪاڏا، تنهن کي گهرجي تہ اسان جي مسجد جي ويجهو نہ اچي، ڇاڪاڻ تہ ملائڪ کي انهن شين سان تڪليف ايندي آهن جن سان بني آدم کي تڪليف ايندي آهي.
٢٨	زمين قبائڻ	جنهن هڪ گرانٽ زمين بہ ظلم سان قبائي، الله ان کي قيامت جي ڏينهن ستن زمينن جو طوق پهرائيندو.
٢٩	جيڪا ڳالهہ الله کي ناراض ڪري	بيشڪ ٻانهو ڪڏهن الله جي ناراضگيءَ وارو ڪلمو چئي ويهندو آهي ۽ ان جي پرواهہ ئي نہ ڪندو آهي، تہ اهو کيس ستر سالن تائين جهنم ۾ ڏڪي ويندو.
٣٠	الله جي ذڪر کان سواءِ گهٽو ڳالهائڻ	الله جي ذڪر کان سواءِ گهٽو نہ ڳالهايو. بيشڪ الله جي ذڪر بجاءِ گهٽو ڳالهائڻ دل کي سخت ڪري ڇڏيندو آهي.
٣١	واڌ هڻي ڳالهائڻ	جن تي مون کي وڏو ڪاوڙ آهي ۽ جيڪي قيامت جي ڏينهن منهنجي مجلس ۾ مون کان سڀ کان پري هوندا، سي آهن: گهڻ ڳالهائو (لباڙي)، واڌ هڻي ڳالهائڻ وارا (واتوڙا) ۽ وڏائيءَ مان (ٺاڏ ڪري) ڳالهائڻ وارا آهن.
٣٢	الله جي ذڪر کان غافل ٿيڻ	جيڪي ماڻهو کنهن ڪڇهريءَ ۾ وينا، پوءِ ان ۾ نہ الله جو ذڪر ڪيائون ۽ سندس پيغمبر ﷺ تي درود پڙهيائون تہ اها انهن لاءِ وبال آهي، پوءِ سندس مرضي، عذاب ڪرين يا بخش ڪرين.
٣٣	مسلمان کي ڏسي بدفالي وٺڻ	✸ پنهنجي (کنهن مسلمان) ٻاءُ جي آڏو بدفالي جو اظهار نہ ڪر، متان الله ان تي رحم ڪري تہ ڪي آزمائش ۾ نہ وجهي. ✸ جنهن پنهنجي ٻاءُ کي کنهن گناهہ جو مهڻو ڏنو، اهو اهڙي گناهہ ڪرڻ کان اڳ نہ مرندو.
٣٤	بن مسلمانن جو هڪٻئي سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏيڻ	مؤمن لاءِ اهو جائز ناهي تہ پنهنجي ٻاءُ سان ٽن ڏينهن کان مٿي ڳالهائڻ ڇڏي ڏئي، ۽ جنهن پنهنجي ٻاءُ سان ٽن ڏينهن کان مٿي ويجهو رکيو، پوءِ مري ويو تہ اهو جهنم ۾ داخل ٿيندو.
٣٥	ظاهر ظهور گناهہ ڪرڻ	منهنجي ساري امت کي معافي ملندي، ظاهر ظهور گناهہ ڪندڙ کان سواءِ.
٣٦	بد اخلاقي	بد اخلاقي عمل کي ائين بگاڙيندي آهي، جيئن سرڪو ماکيءَ کي بگاڙيندو آهي.
٣٧	پنهنجو تحفو موتائيندڙ	✸ پنهنجو تحفو موتائيندڙ ان ڪتي وانگر آهي، جيڪو اُلٽي ڪري وري پنهنجي الٽي پاڻ لکيندو آهي. ✸ کنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ اهو جائز ناهي تہ کنهن کي عطيو يا تحفو ڏئي ۽ پوءِ اهو موتائي وٺي.
٣٨	پاڙيسريءَ تي ظلم ڪرڻ	ماڻهو ڏهن رنن سان زنا ڪري، اهو هن کان هلڪو آهي جو پاڙيسريءَ جي زال سان زنا ڪري، ۽ ڪو ماڻهو ڏهن گهرن مان چوري ڪري، اهو هن کان هلڪو آهي جو پاڙيسريءَ جي چوري ڪري.
٣٩	حرام شين ڏانهن نهارڻ	ابن آدم تي سندس زنا مان حصو لکيو ويو آهي، جيڪو لازمي طور ڪيس حاصل ٿيندو. ٻن اکين جي زنا نظر آهي، ٻن ڪنن جي زنا ٻڌڻ آهي، زبان جي زنا ڳالهائڻ آهي، هٿ جي زنا پکڙڻ آهي، پيرن جي زنا پنڌ ڪرڻ آهي، دل خواهش ۽ تمنا ڪندي آهي، اوگهڙ ان کي سچو يا ڪوڙو ڪندي آهي.
٤٠	ڪنهن اهڙي عورت کي هٿ لائڻ جيڪا ان لاءِ حلال نہ هجي	✸ ماڻهوءَ جي مٿي ۾ لوهي سئي ٽنبي وڃي، اها ان لاءِ هن کان بهتر آهي جو هو ڪنهن اهڙي مائيءَ کي هٿ لائي جيڪا ان لاءِ حلال ناهي. ✸ آءٌ عورتن سان مصافحو نہ ڪندو آهيان.
٤١	ڏي وٺ واري شادي	نبي ڪريم ﷺ جن (شغار) بدلي جي شادي ڪان روڪيو آهي. شغار : معنيٰ هڪ ماڻهو پنهنجي ڏيءَ ان شرط تي پرٽائي ڏئي تہ ٻيو پنهنجي ڏيءَ کيس پرٽائي ڏئي ۽ انهن وچ ۾ حق مهر نہ هجي.
٤٢	روح راڙو ڪرڻ	✸ جنهن تي روح راڙو ڪيو ويو تنهن کي قيامت جي ڏينهن ان ڳالهہ تي عذاب ڪيو ويندو. ✸ ميت کي سندس قبر ۾ مٿس ڪيل روح راڙي جو عذاب ڪيو ويندو آهي.
٤٣	غير الله جو قسم کڻڻ	✸ جنهن غير الله جو قسم کنيو، تنهن ڪفر يا شرڪ ڪيو. ✸ جيڪو قسم کڻڻ گهري سو الله جو قسم کڻي يا ماڻ ڪري. ✸ جنهن امانت جو قسم کنيو، سو اسان مان ناهي.

۴۴	ڪوڙو قسم ڪٽڻ	جنهن ڪنهن ٻالهه تي اهڙو قسم ڪنيو، جنهن سان ڪنهن مسلمان جو مال ڦٻائڻ ٿو گهري، ۽ اهو ان ۾ ڪوڙو آهي، تہ جڏهن الله سان ملندو تہ اهو مٿس ڏمريل هوندو.
۴۵	واپار ۾ قسم ڪٽڻ	✸ پاڻ کي واپار ۾ گهٽن قسمن ڪٽڻ کان بچايو، چاڪاڻ تہ اهو سامان تہ نيڪال ڪندو پر ان مان برڪت ختم ڪري ڇڏيندو. ✸ قسم، سامان نيڪال ڪرڻ ۽ ان مان برڪت ختم ڪرڻ جو ذريعو آهي.
۴۶	ڪافرن سان مشابهت ڪندڙ	✸ جنهن ڪنهن قوم سان مشابهت ڪئي، سو انهن مان آهي. ✸ اهو اسان مان ناهي، جنهن اسان جي غير سان مشابهت ڪئي.
۴۷	قبر تي اڏاوت ڪرڻ	رسول الله ﷺ جن قبر کي چوني سان پڪو ڪرڻ، ان تي ويهڻ ۽ مٿس اڏاوت ڪرڻ کان منع فرمائي آهي.
۴۸	ڪُڪي ۽ خيانت ڪرڻ	جڏهن الله قيامت جي ڏينهن اڳين ۽ پوين کي گڏ ڪندو تہ هر ڪُڪي ڪندڙ لاءِ جهنڊو بلند ڪيو ويندو، پوءِ چيو ويندو: هيءُ فلاڻي پٽ فلاڻي جي دوکيبازيءَ جو علَم آهي.
۴۹	قبر تي ويهڻ	اوهان مان کو ڪنهن ڪانڊي تي ويهي، جنهن سان سندس ڪپڑا سڙي پون ۽ کل تائين وڃي پهچي اهو هن کان بهتر آهي جو ڪنهن قبر تي ويهي.
۵۰	اندر اچڻ مهل ويندن جو پاڻ لاءِ اڏي ٻيهڻ پسند ڪرڻ	جنهن ماڻهوءَ کي هيءَ ٻالهه پسند آهي تہ ماڻهو سندس لاءِ اڏي ٻيهن، تہ اهو پل پنهنجي جاءِ جهنم ۾ ناهي.
۵۱	بنا ضرورت جي سوال ڪرڻ	✸ جيڪو ٻانهو سوال جو دروازو کولي ٿو تہ الله ان تي مسڪينيءَ جو دروازو کولي ٿو. ✸ جيڪو ماڻهن کان گهڻ لاءِ سوال ڪري ٿو، تہ اهو رڳو ٽانڊا ٿو گهري، پوءِ ڀل ٿورا ڪري يا گهڻا ڪري.
۵۲	واپار ۾ واڪ ڏئي اڳهه چاڙهڻ	شهري ماڻهو، ٻاهراڙيءَ واري لاءِ نہ وڪڻي، واڪ ڏئي اڳهه نہ چاڙهيو ۽ ماڻهو پنهنجي ٻاڻ جي واپار مٽان واپار نہ ڪري.
۵۳	مسجد ۾ وڃايل شيءِ جو پڇڻ ڏيڻ	جيڪو ڪنهن کي مسجد ۾ وڃايل شيءِ جو پڇڻ ڏيندي ٻڌي تہ چوڻ گهرجيس: الله اها تو کي موٽائي نہ ڏئي. چاڪاڻ تہ مسجدون ان لاءِ نہ ٺاهيون ويون آهن.
۵۴	شيطان کي گار ڏيڻ	✸ "شيطان کي گار نہ ڏيو، ان جي شر کان پناهه گهرو". ✸ هڪ صحابي چئي ٿو تہ آءٌ نبي ڪريم ﷺ جن سان ٻيلهه هيس، اوچتي سندن جانور ٽاپڙجي پيو، جنهن تي مون چيم : (تعس الشيطان) "شيطان مري شال". پاڻ فرمايائون: "شيطان مري شال" نہ چؤ، چاڪاڻ تہ جڏهن تون ائين چوندين تہ هو سيڙجي هن گهر جيڏو وڏو ٿي ويندو آهي ۽ چوندو آهي تہ: اها آهي منهنجي طاقت! پر چؤ: (باسم الله)، چاڪاڻ تہ جڏهن تون ائين چوندين تہ هو مک وانگر ننڍڙو ٿي ويندو آهي. (تعس) معنيٰ : هلاڪ ٿئي، يا : ڪري پئي، يا: ٽاپڙجي، يا: برو ٿئي.
۵۵	بخار کي گار ڏيڻ	بخار کي گار نہ ڏيو، چاڪاڻ تہ اهو بني آدم جا گناهه ائين چاٽيندو آهي جيئن ڏوڻ لوهه جي ڪٽ لاهيندي آهي.
۵۶	گمراهيءَ ڦيلائڻ ۽ ان جي دعوت ڏيڻ	جنهن گمراهيءَ ڏانهن سڏيو، تنهن تي سندس پيروي ڪندڙن جي گناهه جيترو گناهه آهي. انهن جي گناهن مان ڪابه گهٽتائي ڪانه ٿيندي.
۵۷	پيئڻ جي سلسلي ۾ روڪيل ٻالهيون	✸ رسول الله ﷺ جن مشڪ جي منهن مان پيئڻ کان منع فرمائي آهي. ✸ نبي ڪريم ﷺ جن ٻيهي پيئڻ کان سختيءَ سان منع فرمائي آهي. ✸ نبي ڪريم ﷺ جن پاڻيءَ ۾ ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمائي آهي.
۵۸	سون يا چانديءَ جي ٺانو ۾ پيئڻ	سون ۽ چانديءَ جي ٺانو ۾ نہ پيئو، پَٽ ۽ ريشم نہ پهريو، چاڪاڻ تہ اهي دنيا ۾ انهن (ڪافرن) لاءِ آهن ۽ آخرت ۾ اوهان لاءِ.
۵۹	ڪابي هٿ سان پيئڻ	توهان مان ڪوبہ ڪابي هٿ سان نہ ڪائي ۽ نہ پيئي، چاڪاڻ تہ شيطان ڪابي هٿ سان ڪائيندو ۽ پيئندو آهي.
۶۰	مائٽي ڇنڻ وارو	ڇنڻ وارو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. يعني مائٽي ڇنڻ وارو.
۶۱	نبي ڪريم ﷺ جن تي درود شريف نہ پڙهڻ	✸ متيءَ سان نڪ مهٽي اهو ماڻهو جنهن جي آڏو منهنجو نالو ورتو وڃي ۽ مون تي درود نہ پڙهي. ✸ وڏو بخيل آهي اهو شخص، جنهن جي آڏو منهنجو نالو ورتو وڃي ۽ مون تي درود نہ پڙهي.
۶۲	ڪتا پالڻ	جنهن شڪار واري يا چوڪي ڏيڻ واري ڪتي کان سواءِ ڪو ٻيو ڪتو پاليو تہ ان جي اجر مان روزانو ٻہ قيراط گهٽبا.
۶۳	جانورن کي ايذائڻ	✸ هڪ عورت کي ان ٻلي ۽ جي ڪري عذاب ڪيو ويو، جنهن کي ان ٻڌي ڇڏيو هو، جو ان حالت ۾ اها مري وئي. ✸ جنهن ڪري الله ان کي جهنم رسيد ڪري ڇڏيو. جنهن شيءِ ۾ روح آهي، ان کي پنهنجو نشانو نہ بنايو.
۶۴	جانورن کي چڙاٻڏڻ	✸ ملائڪ انهن جا رفيق نہ ٿيندا آهن جن ۾ ڪتو ۽ چڙا هجن. ✸ چڙا شيطان جا ساز آهن.
۶۵	نافرمان کي جڏهن دولت ملي	جڏهن ڏسين تہ الله تعالىٰ ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس مَن پسند گناهن تي دولت بہ ڏئي ٿو، تہ اهو کيس ريٽ آهي، پوءِ پاڻ ﷺ هيءَ آيت تلاوت فرمايائون : ﴿ فَلَمَّا نَسُوا۟ مَا ذُكِّرُوا۟ بِهِۦ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ أَبْوَٰبَ كُلِّ شَىْءٍ حَتَّىٰٓ إِذَا فَرِحُوا۟ بِمَآ أُوتُوٓا۟ أَخَذْنَٰهُم بَغْتَةً فَإِذَا هُم مُّبْلِسُونَ ﴾ (پوءِ جڏهن ان نصيحت کي وساري چڏيائون جيڪا کين ڪئي وئي هئي، تہ اسان مٿن هر شيءِ جا دروازا کولي چڏيا، تانجو جڏهن هو انهن ڏنل شين تي بود اچي ويا تہ اسان کين اوچتي پڪڙ ڪئي، پوءِ ان وقت هو مايوس ٿي پيا).
۶۶	دنيا کي اهميت ڏيڻ	جنهن دنيا کي پنهنجو مقصد بنايو، الله محتاجي کي ان جي اکين آڏو آڻيندو، ان جا معاملات چڙوچڙ ڪري چڏيندو ۽ دنيا کيس اها ملندي جيڪا سندس مقدر آهي.

ڊگهو سفر

تنهنجي منزل : جنت يا جهنم ڏانهن

(يَآيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللهَ وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّاقَدَّمَتْ لِغَدٍ)

اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو، هر ماڻهوءَ کي اهو ڏسڻ گهرجي جيڪو سڀاڻي لاءِ اڳتي ڪيو اٿس.

قبر : آخرت جي پهرين منزل. منافق ۽ ڪافر لاءِ باهه جو ڪڏو آهي، مؤمن لاءِ باغيچو آهي، ان ۾ ٿيندڙ ڪجهه گناهن جي سزا جي باري ۾ حديثون آيل آهن. جن مان ڪجهه هي آهن: پيشاب کان پرهيز نه ڪرڻ، چغلي، مال غنيمت ۾ خيانت ڪرڻ، ڪوڙ، نماز جي بدلي ننڊ ڪرڻ، قرآن نه پڙهڻ، زنا، چوري بازي، وياج، قرض نه موٽائڻ وغيره. هيٺيون شيون ان کان بچائن ٿيون: خالص الله ڪارڻ صالح عمل، ان جي عذاب کان پناهه گهرڻ. سورة ملڪ وغيره پڙهڻ. هيٺيان ماڻهو ان جي عذاب کان بچي ويندا: شهيد، سرحدن جي چوڪي ڏيندڙ، جمعي جي ڏينهن مرندڙ، پيٽ جي سور ۾ مئل وغيره.

صور ڦوڪجڻ: اهو هڪ وڏو سڱ آهي، جنهن کي اسرافيل منهن سان لڳايل آهي، انتظار ۾ آهي ته ڪڏهن ٿو ڪيس ڦوڪڻ جو حڪم ٿئي. گهبراهٽ واري ڦوڪ: الله تعالىٰ فرمايو آهي: (وَيَوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّورِ فَفَزِعَ مَنْ فِي السَّمَوَاتِ وَمَنْ فِي الْأَرْضِ اِلَّا مَنْ شَآءَ اللهُ) (۽ جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو پوءِ جيڪي آسمانن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن سي سڀ ڪنبڻ لڳندا، سواءِ انهن جي جن کي الله بچائڻ گهري) جنهن کان پوءِ پوري ڪائنات فنا ٿي ويندي. چاليهن سالن کان پوءِ ٻيهر اٽارڻ لاءِ صور ڦوڪيو ويندو، الله تعالىٰ فرمايو آهي: (ثُمَّ نُفِخَ فِيهِ اُخْرَىٰ فَاِذَا هُمْ قِيَامٌ يَنْظُرُونَ) (پوءِ وري ٻيو دفعو صور ڦوڪي ويندي ته هو هڪدم اٿي ڪڙا ٿي ڏسڻ لڳندا).

ٻيهر جيئرو ٿيڻ: ان کان پوءِ الله مينهن موڪليندو، جنهن سان جسم ڦٽي پوندا (ڪرنگهي جي پڇاڙي واري هڏي مان) اها نئين پيدائش هوندي، جنهن کان پوءِ موت نه ايندو. اگهاڙا، ننگي پيرن هوندا، ملائڪن ۽ جنن کي ڏسندا، پنهنجي عملن مطابق اٿندا.

حشر: الله مخلوقات کي حساب ڪتاب لاءِ گڏ ڪندو. ان ڏينهن جيڪو تمام وڏي مقدار وارو ۵۰ هزار سالن جو ڏينهن آهي، ماڻهو گهبرايل ۽ نشي جهڙي حالت ۾ اٿندا، جڏ ته سندن دنيا هڪ گهڙي هئي. سڄ هڪ ميل جيترو ويجهو ٿي ايندو. ماڻهو پنهنجي عملن مطابق پگهر ۾ ٻڏل هوندا. ان ڏينهن ڪمزور ۽ ڏاڏا (وڏائي خور) پاڻ ۾ وڙهندا. ڪافر پنهنجي سنگتي، شيطان ۽ پنهنجي عضون سان جهڳڙو ڪندو. هڪ ٻئي تي پيا لعنت ڪندا. ظالم پنهنجا هٿ چٻاڙيندو. جهنم ۷۰ هزار واڳن سان ڪاهي آندو ويندو. هر واڳ ۷۰ هزار ملائڪ ڇڪيندا. جڏهن ڪافر ان کي ڏسندو ته فديو ڏيڻ جي آرزو ڪندو يا مٿي تي وڇ پسند ڪندو. باقي گنهگارن مان زڪات نه ڏيندڙ جو مال باهه تي پوندو، جنهن سان ڪيس ڏنيپو ويندو. تڪبر ڪرڻ وارا ڪِول وانگر اٿندا. دوکي باز، ٺڳي ڪندڙ، مال ڦٻائيندڙ خوار ٿيندو. چور جيڪا چوري ڪئي هوندي سا آڻيندو. لڪل راز پڌرا ٿيندا. باقي پرهيزگار نه گهبرائيندا. بلڪ اهو ڏينهن انهن لاءِ ظهر جي نماز وانگر گذري ويندو.

شفاعت: وڏي: اها اسان جي نبي ﷺ سان خاص آهي، جيڪا پاڻ قيامت جي ڏينهن خلق جي مصيبت ٽارڻ ۽ سندن حساب ڪرڻ لاءِ فرمائيندا. عام شفاعت: جيڪا نبي به ڪندا ته پيا به ڪندا.جهڙوڪ: مؤمنن کي جهنم مان ڪڍڻ ۽ انهن جي درجن کي بلند ڪرڻ لاءِ هوندي.

حساب: ماڻهو صفون ٻڌي الله جي آڏو پيش ٿيندا، کين سندن عمل ڏيکارينڊو ۽ کانئن عملن، عمر، جواني، مال، علم، (عالم ارواح واري) معاهدي، نعمتن، ڪن، اکين ۽ دل جي باري ۾ پڇاڙو ڪندو. ڪافر ۽ منافق کان کين

چينيو ڏيڻ ۾ متن حجت قائم ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي آڏو حساب ورتو ويندو. متن ماڻهو، ڏرتي، ڏينهن، رات، مال، ملائڪ ۽ سندن عضوا شاهدي ڏيندا. جيئن سندن ڏوهه ثابت ٿين ۽ اهي انهن جو اقرار ڪن. ۽ مؤمن کي الله اڪيلو حاضر ڪندو. سندس گناهن جو اقرار ڪرائيندو. جڏهن محسوس ڪندو ته هو هلاڪ ٿي چڪو آهي ته کيس الله فرمائيندو: (دنيا ۾ تنهنجي انهن ڏوهن تي پردو رکيو هيم ۽ اڄ آءٌ توکي اهي معاف ٿو ڪيان). سڀ کان پهريائين محمد ﷺ جي امت جو حساب ٿيندو. سڀ کان پهريائين نماز جو حساب ۽ خونن جا فيصلا ٿيندا.

صحيفن جو اڏامڻ: پوءِ صحيفا اڏامندا. هر هڪ پنهنجو اهڙو اعمالنامو وٺندو جيڪو: (لَا يُغَادِرُ صَغِيرَةً وَلَا كَبِيرَةً اِلَّا اَحْصَاهَا) (نہ ننڍا گناهه ڇڏيندو نہ وڏا. سڀني کي ڳڻي پيش ڪندو). مؤمن سڄي هٿ ۾ ڪٽندو ۽ ڪافر ۽ منافق کي کاٻي هٿ ۾ پٺيان کان ڏنو ويندو.

ميزان (ترازو): ان کان پوءِ خلق جاعمل توريا ويندا ته کين ان مطابق بدلو ڏنو وڃي. اهڙي تارازيءَ ۾ جيڪا حقيقي ۽ تمام باريڪ وزن ڪرڻ واري هوندي، جنهن کي به پڙ هوندا. شريعت جي موافق خالص الله لاءِ ڪيل عمل، ان ۾ ڳرا ٿيندا. ۽ جيڪي شيون ان ۾ ڳريون ٿيندڙيون تن مان : لا الٰه الا الله. سڻا اخلاق، ذڪر، جهڙوڪ: الحمد لله، سبحان الله وبحمده، سبحان الله العظيم. هر هڪ ماڻهو کي سندس چڱائين ۽ برائين جي اعتبار سان بدلو ملندو.

حوض: پوءِ مؤمن حوض تي ايندا. جنهن ان مان پيتو سو ڪڏهن به اڃارو نہ ٿيندو. هر نبيءَ لاءِ حوض هوندو. سڀ کان وڏو حوض محمد ﷺ جو هوندو، ان جو پاڻي کير کان وڌيڪ اڇو، ماکيءَ کان وڌيڪ مٺو ۽ مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار هوندو. ان جا ٽانو سون ۽ چانديءَ جا، ستارن جيترا گهٽا هوندا. ان جي ڏيگهه اردن ۾ ايله کان ويندي (يمن ۾) عدن تائين هوندي. ان جو پاڻي نهر ڪوثر مان ايندو.

مؤمنن جو امتحان: حشر جي آخري ڏينهن ڪافر پنهنجي انهن معبودن جي پٺيان لڳندا جنجي اهي عبادت ڪندا هئا، جيڪي کين جهنم ڏانهن ٽولن جي صورت ۾ ڏورن جي ڌڻن جيان هڪلي پهچائيندا، ڪي پنهنجي پيرن تي ته ڪي منهن پر هلندا. باقي صرف مؤمن ۽ منافق رهندا. الله کين اچي چوندو ته: ڇا جو انتظار ٿا ڪيو؟ چوندا: پنهنجي رب جو انتظار ٿا ڪريون. جنهن کي هو سندس پنيءَ مان سجاڻندا جڏهن الله اها کوليندو. مؤمن سجدي ۾ ڪري پوندا، منافق رهجي ويندا. الله تعالىٰ فرمايو آهي: (يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَيُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُودِ فَلَا يَسْتَطِيعُونَ) (جنهن ڏينهن پني کولي ويندي ۽ سجدي ڏانهن سڏيا ويندا پوءِ نہ ڪري سگهندا). پوءِ ان جي پٺيان هلندا. الله پل صراط ڪڍي ڪندو. ۽ کين نور عطا ڪندو ۽ منافقن کان نور کسي ڇڏيندو.

پل صراط: جهنم تي رکيل هڪ پل آهي. جنهن کي پار ڪري مؤمن جنت ڏانهن ويندا. نبي ڪريم ﷺ ان جي هن طرح وصف بيان فرمائي آهي: ترڪڻ، ٽاپڙجڻ جي جاءِ آهي، جنهن تي پير جي ڪنڊن جهڙا لوها ڪنڊا ۽ چمٽا آهن..... وار کان سنهي ۽ تلوار کان تکي آهي) (مسلم) ان وقت مؤمنن کي عملن مطابق نور عطا ڪيو ويندو، ڪن کي جبل جيڏو، ڪن کي پير جي آڱوٺي جي ڪنڊ جيترو، جنهن سان کين روشني ملندي ۽ پوءِ پنهنجي عملن جي مطابق مؤمن ان تان گذرندا. ڪي مؤمن اک چنبي ۾. ڪي ڪوڙ وانگر، ڪي هوا وانگر، ڪي پکيءَ وانگر، ڪي پلي گهوڙي جي چال وانگر، ۽ ڪي اٺ جي ڊوڙ وانگر، (پوءِ ڪي ڇٽي بچي ويندا، ڪي رهندجي ڇڏائجي ويندا ۽ ڪي جهنم ۾ ڊيڙ ٽي پوندا). (متفق عليه). منافقن کي ڪوبہ نور نہ هوندو. اهي موٽندا، پوءِ مؤمنن ۽ انهن جي وچ ۾ ڪوٽ ڪڍيو ويندو. پوءِ اهي پلصراط ٽپڻ جي ڪوشش ڪندا پر جهنم ۾ وڃي ڪرندا.

جهنر: ان ۾ ڪافر داخل ٿيندا، پوءِ ڪجهه گنهگار مؤمن ۽ پوءِ منافق. هر هزار مان ۹۹۹ ان ۾ داخل ٿيندا. ان کي ۷ دروازا هوندا. دنيا جي باهه کان ۷۰ دفعا وڌيڪ سخت هوندي. ان ۾ ڪافر جو جسم وڏو ڪيو ويندو ته جيئن عذاب چکي، ان جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ ٽن ڏينهن جو پنڌ هوندو، ان جي ڏاڙ احد جبل جيڏي هوندي، سندس ڪل سخت ٽلهي ڪئي ويندي ۽ بدلائي ويندي ته جيئن عذاب چکي. گرم پاڻي پيئندا، جيڪو سندن آنڊا چيري چڏيندو. ٿوهر، (سندن جسمن جو) ريشو ۽ پونءِ انهن جي خوراڪ هوندو. سڀ کان هلڪي عذاب وارو اهو ماڻهو هوندو جنهنجي پيرن هيٺيان ۾ ٽانڊا رکيا ويندا جن سان سندس دماغ ٽڇڪي پوندو. جهنم ۾ ڪل جو پڇڻ، پگهرجڻ، سڙڻ، ڇڪجڻ، زنجير ۽ ڳٽ هوندا. ان جي گهرائي تمام وڏي هوندي، جيڪڏهن ان ۾ نئون ڇاول پار اڇلائجي ته ان جي تري تائين پهچندي ستر سالن کي وڃي پهچي، ان جو پارڻ ڪافر ۽ پٿر هوندا. ان جي هوا گرم لُڪَ هوندي، ان جو پاڇو گرم دونهيندار هوندو، ان جو لباس باهه هوندي، هر شيءِ ساڙي ڇٽ ڪري ڇڏيندي، ڪاوڙ جا ڏڪ پئي پريندي، هينگون پئي ڏيندي، ڪل کي ساڙي هڏن ۽ دل تائين وڃي پهچندي.

قنطرة (پل): (ونگن وانگر پل) نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: مؤمن جهنم مان ڇٽندا ته پوءِ جنت ۽ جهنم جي وچ تي ونگن واري پل تي روڪيا ويندا. انهن کان اتي انهن جي پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي ظلمن جو حساب ورتو ويندو. پوءِ جڏهن اهي نيڪ ۽ صاف ٿي ويندا، ته کين جنت ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني ويندي. ان ذات جو قسم جنهن جي هٿ ۾ محمد (ﷺ) جو ساهه آهي ته هر هڪ جنت ۾ پنهنجو گهر دنيا جي گهر کان وڌيڪ سڃاڻيندو هوندو. (بخاري).

جنت: مؤمنن جو نڪاڻو آهي، ان جي عمارت سون ۽ چانديءَ جي آهي، ان جو گارو مشڪ سان ٽيل آهي. ان جون پٿريون لؤلؤ (موتي) ۽ ياقوت جون ۽ متي زعفران جي آهي، ان جا ۸ دروازا آهن. انهن مان هر هڪ تن ڏينهن جي پنڌ جيترو ويڪرو آهي. پر اهي به انبوهيءَ جي ڪري سوڙها ٿي پوندا. جنت جا ۱۰۰ درجا هوندا، هر درجي جي وچ ۾ آسمان ۽ زمين جيتري وٿي هوندي. فردوس سڀني کان مٿيون هوندو. ان مان ان جون نهرون ڦٽنديون آهن. ان جي ڇت رحمٰن جو عرش هوندو. ان جون نهرون ماکي، کير، شراب ۽ پاڻي جون هونديون. جيڪي بنا کڏن جي پيون وهنديون. جيئن مؤمن چاهيندو تيئن پيو انهن کي هلائيندو. ان جو ڪاڏو هر وقت، ويجهو ۽ وس ۾ هوندو. ان جا خيما وڇان پوري موتين جا هوندا. جن جي ويڪر ست ميل هوندي، ان جي هر ڪنڊ ۾ مؤمن جو ڪٽنب هوندو. جنتي ڳيرو، لسڙات ۽ سرمائي اکين وارا نوجوان هوندا، نه انهن جي جواني فنا ٿيندي نه ڪپڙا پراٽا ٿيندا. نه پيشاب نه پاخانو نه ڪا گندگي. انهن جون ڦٽيون سون جون هونديون. انهن جو پگهر مشڪ جهڙو هوندو. انهن جون زالون سهٽيون، ڪنواريون، پيار ڪندڙ ۽ هم عمر هونديون. سڀ کان پهريائين ان ۾ محمد ﷺ جن داخل ٿيندا. پوءِ انبياء. سڀ کان گهٽ جيڪو تمنئ ڪندو، تنهن کي ڏهه ڀيرا ٻيڻ تي ملندو. جنت ۾ جيڪي خادم هوندا، سي هميشه ڇوڪرات ٽڙيل پکڙيل موتين وانگر هوندا. جنت جي سڀ کان وڏي نعمت الله جو ديدار، سندس رضامندو ۽ هميشه جو رهڻ هوندو.

سٹاء

٠	مهاڳ	٠
١	قرآن مجيد جي تلاوت جي فضيلت	١
٢	قرآن شريف جي آخري ڏهائي جو سنڌي تفسير	٣
٣	مسلمان جي زندگيءَ بابت اهم سوال	٧٥
٤	قلبي اعمال	٩١
٥	هڪ مانيٽي ڳالهه بولهه	١٠٠
٦	لا إلَهَ إلاّ اللّٰهُ جي شاهدي	١١٤
٧	هيءَ شاهدي ڏيڻ ته: محمد ﷺ الله جا رسول آهن	١١٦
٨	پاڪائي	١١٨
٩	عورتن جا احڪام	١٢٢
١٠	اسلام ۾ عورت جو مقام	١٢٤
١١	نماز	١٢٨
١٢	زڪات	١٣٤
١٣	روزا	١٣٧
١٤	حج ۽ عمرو	١٤٠
١٥	مختلف فائدا	١٤٤
١٦	شرعي جهاڙ ڦوڪ	١٤٨
١٧	دعـــا	١٥٥
١٨	اهم دعائون جيڪي ياد ڪرڻ گهرجن ۽ جن سان دعا گهرڻ گهرجي	١٥٧
١٩	نفعي بخش واپار	١٦١
٢٠	روزانو صبح ۽ شام جا وظيفا	١٦٣
٢١	ڪجهه اهڙا قول ۽ فعل جن بابت گهٽو ثواب بيان ڪيو ويو آهي	١٦٥
٢٢	اهي ڪم جن تي عمل ڪرڻ کان جهليو ويو آهي	١٧٠
٢٣	ڊگهو سفر	١٧٣

وضو ڪرڻ جو طريقو

بنا وضوءَ جي نماز پڙهڻ جائز ناهي، وضو لازما پاڪ پاڻيءَ سان ڪرڻ گهرجي. يعني جيڪو پنهنجي اصلي حالت تي باقي هجي، جيئن سمنڊ، ڪوهن، چشمن ۽ نهرن جو پاڻي.

* نوٽ : ٿورو پاڻي پليتي ملڻ سان پليت ٿي ويندو. باقي گهٽو پاڻي، جيڪو (۲۱۰) ليٽرن کان وڌيڪ هجي، اهو پليتي پوڻ جي ڪري رنگ، بوءِ ۽ ذائقي بدلجڻ کان سواءِ پليت نه ٿيندو.

وضو بسم اللّٰه سان شروع ڪبو، هر وضوءَ ۾ پنهي هٿن جو ڌوئڻ مستحب آهي، ننڍ مان اٽندڙ لاءِ پئي هٿ ٽي دفعا ڌوئڻ ضروري آهن.

* نوٽ : وضوءَ جا هڙئي عضوا ٽن دفعن کان وڌيڪ پيرا ڌوئڻ مڪروهه آهي.

ان کان پوءِ گرڙڻي ڪجي، هڪ دفعو ڪرڻ واجب آهي، ٽي دفعا ڪرڻ افضل آهي.

* نوٽ : ۱- گرڙڻي ڪرڻ مهل رڳو وات ۾ پاڻي وجهي ڪڍڻ ڪافي ناهي، بلڪ ان کي زور سان وات ۾ ڦيرائڻ ضروري آهي. 2 – وضوءَ دوران ڏندڻ ڪرڻ مستحب آهي.

ان کان پوءِ نڪ کي پاڻي ڏجي، هڪ دفعو ڏيڻ واجب آهي، ٽي دفعا افضل آهي.

* نوٽ : نڪ کي پاڻي ڏيڻ مهل رڳو ان جو نڪ ۾ وجهڻ ڪافي ناهي، بلڪ ساهه سان سوت ڏئي هڏن تائين پهچائي وري به هٽ سان نه، بلڪ ساهه سان ٻاهر ڪڍڻ ضروري آهي.

ان کان پوءِ پنهنجو منهن ڌوئي. هڪ دفعو ڌوئڻ واجب آهي، ٽي دفعا افضل آهي. منهن جي حد جيڪا ڌوئڻ واجب آهي، سا ويڪر ۾ هڪ ڪن کان ٻئي ڪن تائين. ڊيگهه ۾ متي جي وارن جي پاڙ کان ڪاڏيءَ تائين.

* نوٽ : ڏاڙهي گهاٽي هجي ته خلال ڪرڻ مستحب آهي، چڀي هجي ته واجب آهي.

ان کان پوءِ ٻانهون هڪ دفعو آڱرين کان وٽي ٿوننئين تائين ڌوئجن. ٽي دفعا ڌوئڻ افضل آهي.

* نوٽ : ساڄو کاٻي کان اڳ ڌوئڻ مستحب آهي.

ان کان پوءِ سڄي متي جي مسح ڪجي، اشهد آڱريون پنهي ڪنن جي وٽين ۾ ڦيرائي ۽ پنهي آڱوٺن سان ڪنن جي پاهران مسح ڪري. اهو سڀ رڳو هڪ دفعو ڪجي.

* نوٽ : ۱- متي جي مسح جو واجب مقدار: منهن جي حد کان ڪياڙيءَ تائين آهي. ۲- جيڪي لڙڪيل وار آهن انهن جي مسح واجب ڪانهي. ۳- وار نه هجن ته متي جي ڪل جي مسح ڪبي. ۴- ڪن ۽ وارن جي وچ واري ايڇاڻ جي مسح ضروري آهي

ان کان پوءِ پنهنجا ٻئي پير پيڏين تائين ڌوئي. هڪ دفعو ڌوئڻ واجب آهي، ٽي دفعا افضل آهي.

ڪجهه نوٽ :

۱- وضوءَ جا رڪن چار آهن : ا) گرڙڻي ڪرڻ، نڪ ۾ پاڻي ڏيڻ ۽ منهن ڌوئڻ. ب) ٻئي هٽ ڌوئڻ. ج) متي ۽ پنهي ڪنن جي مسح ڪرڻ. د) پنهي پيرن کي پيڏين تائين ڌوئڻ. انهن عضون جي ڌوئڻ ۾ ترتيب واجب آهي. اڳ پوءِ ڪرڻ سان وضوءُ باطل ٿيندو.

۲- لاڳيتو ڪرڻ به واجب آهي. جيڪڏهن ڪو عضو ايتري تائين نه ڌوتائين جو اڳيون سڪي ويو ته وضوءُ باطل ٿيندو.

۳ - وضوءَ کان پوءِ هيءَ دعا پڙهڻ سنت آهي: اشهد ان لا اله الا لله وحده لاشريک له واشهد ان محمدا عبده ورسوله .

نماز پڑهڻ جو طريقو

جڏهن نماز پڑهڻ جو ارادو ڪري تہ بيهي سڌو ٿي الله اڪبر چئجي. امام اها تڪبير ۽ ٻيون سڀ تڪبيرون ڏاڍيان چوندو تہ جيئن پويان ٻڌن. ٻيا آهستي چوندا. ٻئي هٿ تڪبير شروع ڪرڻ وقت آڱريون ملائي ڪلهن تائين کڻبا. امام جي تڪبير پوري ڪرڻ تي مقتدي تڪبير چوندو.

نوٽ : رڪن ۽ قولي واجب ۾ ايترو ڏاڍيان پڑهڻ واجب آهي جو نمازي پاڻ ٻڌي سگهي. جيتوٽيڪ سري نماز هجي. ڏاڍيان پڑهڻ جو آخري درجو ٻئي کي ٻڌائڻ آهي ۽ آهسته پڑهڻ جو آخري درجو پاڻ کي ٻڌائڻ آهي.



پنهنجي ساڄي هٿ سان کاٻي هٿ جي چنبي يا ڪرائي کي پکڙبو. انهن کي سيني جي هيٺان رکبو. نظر سجدي جي جاءِ تي رکبي. پوءِ حديث ۾ آيل ڪن دعائن سان شروعات ڪبي جيئن (سبحانک اللهم وبحمدک وتبارک اسمک وتعالی جدک ولا اله غيرک)، پوءِ اعوذ بالله پوءِ بسم الله پڑهبي. اهي سڀ ڏاڍيان نہ پڑهبا، پوءِ فاتحہ پڑهبي. مقتدي تي جهري رڪعتن ۾ قراءت ڪرڻ واجب ناهي، پر فاتحہ امام جي ساهہ ڪٽڻ دوران پڑهڻ مستحب آهي، ۽ سري رڪعتن ۾ ب، پوءِ قرآن مان جيڪو آسان لڳي سو پڑهبو. امام صبح جي نماز ۽ مغرب ۽ عشاءِ جي پهرين ٻن رڪعتن ۾ ڏاڍيان تلاوت ڪندو. ٻين ۾ آهستي پڑهندو.

نوٽ : قرآن شريف ۾ جيڪا سورتن جي ترتيب آهي، ان مطابق پڑهڻ مستحب آهي. ان جي ابتڙ پڑهڻ مڪروه آهي. ڪنهن ب سورت جي ڪلمن يا آيتن جي ترتيب ڦيرائي ابتو ڪري پڑهڻ حرام آهي.

ان کان پوءِ تڪبير چئي هٿ کڻي ۽ رڪوع ڪري پنهنجا ٻئي هٿ ٻنهي گوڏن تي ائين رکي جيئن انهن کي پکڙيل هجي. پنهنجون آڱريون کولي. پنهنجي پٺ ڏگهي ڪري ۽ مٿو ان جي برابر ڪري، پوءِ (سبحان ربي العظيم) ٽي دفعا چئي. هن رڪن ملڻ سان رڪعت ملي ويندي.

نوٽ : تڪبير ۽ (سمع الله لمن حمده) چوڻ جو وقت هيٺ مٿي ٽيڙ دوران آهي، ان کان اڳ يا پوءِ ناهي، اهو نماز جي سڀني تڪبيرن ۾ ، ڇاڻي واڻي ان ۾ دير ڪيائين تہ نماز باطل ٿي پوندي.

انکان پوءِ سمع الله لمن حمده چوندي مٿو مٿي کڻي ۽ ٻئي هٿ مٿي کڻي. جڏهن سڌو ٿي بيهي تہ: ربنا ولک الحمد حمدا کثيرا طيبا مبارکا فيه ملءَ السماوات وملءَ الارض وملءَ ماشئت من شيءٍ بعد... پڑهي.

نوٽ : نمازي (ربنا ولک الحمد) تڏهن ٿي جڏهن رڪوع کان پوءِ پوريءَ طرح سڌو ٿي بيهي. ان کان اڳ شروع نہ ڪري ڇاڪاڻ تہ ان جي جاءِ قيام کان پوءِ آهي.

ان کان پوءِ تڪبير چوندي سجدي ۾ هليو وڃجي. پنهنجا ڏورا پنهنجي پاسن کان پري ڪجن. پيٽ رانن کان ۽ رانون پنين کان پري ڪجن. ٻئي هٿ ٻنهي کلهن جي برابر ڪجن. پنهنجي پيرن کي ايو ڪري ٻنهي هٿن جي ۽ پيرن جي آڱرين کي قبلي رخ ڪري، ان کان پوءِ سبحان ربي الاعلیٰ ٽي دفعا پڑهي.

نوٽ : واجب آهي تہ سجدو ستن عضون تي ڪجي: پيرن جي چوٽين، گوڏن، هٿن، پيشاني ۽ نڪ تي. ڪنهن هڪ تي ڇاڻي واڻي بنا عذر جي سجدو نہ ڪيائين تہ نماز باطل ٿي ويندي.

ان کانپوءِ تکبير چوندي متو متي کٹبو ۽ ويهبو. ٻن سجدن جي وچ ۾ ويهڻ جون ٻہ صورتون صحيح آهن. ١ - کپو پير وڃائي ان تي ويهي. سجو ڪوڙي ان جي آگرين کي قبلي ڏانهن ڦيرائي. ٢ - ٻئي پير آپا ڪري ۽ انهن جون آگريون قبلي ڏانهن ڪري ۽ انهن جي ڪڑين تي ويهي. ٽي دفعا: رب اغفرلي چئي. هي وڌائڻ ٻہ جائز آهي: وارحمني واجبرني وارفعني وارزقني وانصرني واهدني وعافني واعف عني. ان کان پوءِ پهرئين وانگر ٻيو سجدو ڏئي. ان کان پوءِ تکبير چئي متو متي کٹجي. پيرن جي پٺن تي سڏو ٽي اٿي بيهجي. ان کان پوءِ پهرين رڪعت وانگر ٻي رڪعت پڙهي.

نوٽ : فاتحہ ايستائين نہ پڙهبي جيستائين پوريءَ طرح اٿي نہ بيهجي. ڇاڪاڻ تہ انجي جاءِ قيام آهي. جيڪڏهن سڏو ٽي بيهڻ کان اڳ پڙهبي تہ اٿي بيهڻ کان پوءِ منڊ کان موتائڻي پوندي، نہ تہ نماز باطل ٿي ويندي.

ٻنهي رڪعتن مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ پهرئين تشهد لاءِ وڃائجي ويهبو. کاٻو هٿ کاٻي ران تي ۽ ساڄو ساڄي ران تي رکبو. ڇيڇ ۽ ٻاڇ کي پکوڙي وچين آڱر ۽ آڱوٺي سان حلقو ٺاهبو ۽ اشهد آڱر سان اشارو ڪبو ۽ تشهد پڙهبو: التحيات لله والصلوات والطيبات--- عبده ورسوله. تائين. انکان پوءِ ٽن ۽ چئن رڪعتن واري نماز ۾ تکبير چئي اٿبو. ۽ هٿ متي ڪٹندو. ٻي نماز ساڳيءَ طرح پڙهبي. البت ان ۾ ڏاڍيان نہ پڙهبو ۽ صرف فاتحہ پڙهبي.

ان کانپوءِ ٽن ۽ چئن رڪعتن واري نماز ۾ آخري تشهد لاءِ ٻنڊڻن پر ويهبو. ان جون ٽي صورتون آهن، سڀئي صحيح آهن. ١) کاٻو پير وڃائي ان کي ساڄي کان پنيءَ هيٺان ٻاهر ڪڍي، ساڄو کوڙي ۽ ٻنڊ زمين تي رکي. ٢) ساڳي پهرين صورت پر ساڄو پير وڃائي. ٣) ساڳي پهرين صورت پر کاٻو پير ران ۽ پنيءَ جي وچ تي رکي. ٻنڊڻن پر صرف آخري ويهڻ وقت ويهبو جنهن نماز ۾ ٻہ تشهد آهن. پوءِ تشهد پڙهبو: التحيات لله... پوءِ نبي ڪريم ﷺ تي صلوات پڙهبي: اللهم صل علىٰ محمد وعلىٰ آل محمد..... ان کان پوءِ مسنون دعائن مان جيڪو وٽيس تنهن سان دعا گهري، انهن مان هي دعا ٻہ آهي : (اعوذ بالله من عذاب النار، وعذاب القبر، وفتنة المحيا والممات، وفتنة المسيح الدجال).

ان کان پوءِ ٻہ سلام ورائبا، ساڄي پاسي نهاريندي چئبو: السلام عليكم ورحمة الله. ائين ئي کاٻي پاسي ٻہ ڪبو. سلام ڦيرائڻ کان پوءِ پنهنجي جاءِ تي وينو، جيڪي دعائون ان موقعي تي پڙهڻ لاءِ حديثن ۾ آيون آهن سي پڙهيون.

علم جي عمل
ڪرڻ لاءِ تقاضا

الله تعالىٰ، نبي ڪريم ﷺ ۽ مؤمنن بنا عمل جي علم جي نندا ڪئي آهي، الله تعالىٰ جو فرمان آهي : ﴿ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ لِمَ تَقُولُونَ مَا لَا تَفۡعَلُونَ ۝٢ كَبُرَ مَقۡتًا عِندَ ٱللَّهِ أَن تَقُولُواْ مَا لَا تَفۡعَلُونَ ﴾ (اي ايمان وارؤ! اها ڳالهه چوڻا چئو جيڪا نه ڪريو. اها ڳالهه الله وٽ وڏي ڪاوڙ جو ڳي آهي، جو اهو چئو جيڪو ڪريو نه ٿا)

ابو هريره رضي الله عنه فرمائن ٿا : "جنهن علم تي عمل نه ڪيو وڃي، ان جو مثال ان ڪاٺ جهڙو آهي جنهن کان الله جا رستي ۾ ڪجهه به خرچ نه ڪيو وڃي". فضيل رحمه الله چون ٿا : "اهو عالم ايستائين جاهل آهي، جيستائين ان علم تي عمل نه ڪري جيڪو پرايو اٿائين". ۽ مالڪ بن دينار رحمه الله جو قول آهي ته : "توسان اهڙو ماڻهو به ملندو جيڪو ڳالهائڻ ۾ هڪ حرف جي به غلطي نه ڪندو، پر سندس عمل سڄو غلط هوندو".

منهنجا مسلمان پاڻ ۽ پيٽ : الله تعالىٰ توکي هن مفيد ڪتاب پڙهڻ جي توفيق ته نصيب فرمائي، پر تنهنجي پڙهڻ جو ڦل ايجان باقي آهي، اهو آهي، جو ڪجهه ان ڪتاب ۾ آهي تنهن تي عمل ڪرڻ.

♋ قرآن شريف جو ڪجهه حصو ۽ ان جو مختصر تفسير تنهنجي آڏو گذري چڪو، انهن آيتن جي جيڪا معنىٰ تو سمجهي، تنهن تي عمل ڪرڻ لاءِ توکي خوب توجهه ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته نبي ڪريم ﷺ جن جا صحابه ڪرام (نبي ڪريم ﷺ کان ڏهه آيتون پڙهندا هئا، ان کان پوءِ ٻيون ڏهه آيتون ايستائين شروع نه ڪندا هئا، جيستائين اڳين آيتن جي علم ۽ عمل کي چڱيءَ طرح سکي نه وٺن، چوندا هئا: اسان علم ۽ عمل گڏوگڏ سکياسين)، شريعت به ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي، الله تعالىٰ جي هن فرمان : ﴿ يَتۡلُونَهُۥ حَقَّ تِلَاوَتِهِۦٓ ﴾ جي تفسير بابت حضرت ابن عباس رضي الله عنه فرمائن ٿا: ان جي مڪمل پيروي ڪندا آهن. قاضي فضيل فرمائن ٿا : قرآن ته لٽو مٽس عمل ڪرڻ لاءِ، پر ماڻهو رڳو ان جي تلاوت کي عمل سمجهي وينا.

♋ نبي ڪريم ﷺ جي سنت مان به ڪجهه حصو تنهنجي آڏو گذريو، ان جي قبول ڪرڻ ۽ مٽس عمل ڪرڻ لاءِ به جلدي ڪر، ڇاڪاڻ ته امت جا صالح ماڻهو جيڪا به شيءِ سکندا هئا تنهن تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي دعوت ڏيڻ ۾ دير نه ڪندا هئا ته جيئن نبي ڪريم ﷺ جي هن فرمان تي عمل ٿي وڃي: (جڏهن آءٌ اوهان کي ڪنهن ڳالهه جو حڪم ڪيان ته وس آهر ان تي عمل ڪريو ۽ جنهن ڳالهه کان روڪيان ته ان کان رڪجي وڃو) متفق عليه. ۽ الله تعالىٰ جي هن فرمان ۾ بيان ڪيل سخت عذاب جي خوف کان : ﴿ فَلۡيَحۡذَرِ ٱلَّذِينَ يُخَالِفُونَ عَنۡ أَمۡرِهِۦٓ أَن تُصِيبَهُمۡ فِتۡنَةٌ أَوۡ يُصِيبَهُمۡ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴾ (انهن کي ڊڄڻ گهرجي جيڪي ان جي حڪم جي ابتڙ هلن ٿا، ته متان ڪنهن فتني ۾ نه ڦاسجي وڃن يا ڪين ڏکوئيندڙ عذاب نه پهچي). انهن مان ڪن جو نموني طور هت ذڪر ٿو ڪجي :

- ام المؤمنين ام حبيبه رضي الله عنها هن حديث جي روايت ڪندڙ آهي : (جنهن رات ڏينهن ۾ ٻارهن رڪعتون پڙهيون، ان لاءِ انهن جي ڪري جنت ۾ گهر بڻايو ويندو) مسلم. فرمائي ٿي ته : (جڏهن کان نبي ڪريم ﷺ جن کان انهن بابت ٻڌو اٿم تڏهن کان نه ڇڏيون اٿم).

- ابن عمر رضي الله عنه هن حديث جو راوي آهي : (ڪنهن به مسلمان وٽ ڪجهه هجي ۽ ان جي وصيت ڪرڻ چاهي ته ڪيس ان جي وصيت لکي پاڻ وٽ رکڻ کان سواءِ ٻن راتين گذارڻ جو حق نه ٿو پهچي). مسلم. فرمائن

ٿا : (جڏهن کان ونِي نبي ڪريم ﷺ جن کان اهو ٻڌو اٿم تڏهن کان ونِي اهڙي رات نہ گذري آهي جو منهنجي وصيت مون وٽ لکيل نہ هجي).

- امام احمد رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا : (جيڪا به حديث لکي اٿم تنهن تي عمل ڪيو اٿم. ايستائين جو جڏهن هيءَ حديث سامهون آئي ته : نبي ڪريم ﷺ جن سگيون هٽايون ۽ ابوطيبه کي هڪ دينار ڏنائون. ته مون به جڏهن سگيون هٽايون ته حجامت ڪندڙ کي هڪ دينار ڏنم).

- امام بخاري رحمۃ اللہ علیہ جو قول آهي : (جڏهن کان خبر پئي اٿم ته گلا ڪرڻ حرام آهي، تڏهن کان ڪنهن جي به گلا نہ ڪئي اٿم. مون اميد ٿو ڪريان ته جڏهن آءٌ الله تعالىٰ سان ملندس ته مون کان ڪنهن جي گلا ڪرڻ جو حساب نہ ونڊندو).

- حديث شريف ۾ اچي ٿو ته : (جيڪو هر نماز کان پوءِ آية الکرسي پڙهندو ته ان کي جنت ۾ داخل ٿيڻ کان موت کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ نہ روڪيندي) نسائي. ابن القيم رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا : (مون کي شيخ الاسلام جي باري ۾ معلوم ٿيو ته انهن چيو: مون به هر نماز کان پوءِ ويسر پوليو کان سواءِ ڪڏهن به نہ ڇڏي اٿم).

♋ جاڻڻ ۽ عمل ڪرڻ کان پوءِ، جيڪا الله توتي نعمت ڪئي آهي ان جي دعوت ڏيڻ به ضروري آهي، پاڻ کي ثواب کان ۽ ٻين کي پلائي کان محروم نہ ڪر، نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي : (جنهن ٻئي کي ڪنهن پلائيءَ جو ڏس ڏنو ته کيس به مٿس عمل ڪندڙ جيترو اجر ملندو) مسلم. ۽ پاڻ ﷺ جن فرمايو آهي : (توهان مان پلو اهو شخص آهي جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري) بخاري. ۽ فرمايائون : (مون کان ٻڌل ٻين تائين پهچايو، جيتوٽيڪ هڪ آيت هجي) متفق عليه. تون جيترو قدر پلائي گهٽي پکيڙيندين اوترو قدر تنهنجو اجر وڌندو، ۽ تنهنجون نيڪيون توکي زندگيءَ ۾ به ملنديون ۽ مرڻ کان پوءِ به ملنديون رهنديون، نبيءِ اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي : (مرڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جو عمل ختم ٿي ويندو آهي، هنن ٽن شين کان سواءِ : هلندڙ صدقو، اهڙو علم جنهن کان فائدو ورتو وڃي ۽ صالح اولاد جيڪو ان لاءِ دعا گهرندو رهي) احمد.

روشني : اسان روزانو ۱۷ ڀيرن کان وڌيڪ سورت فاتحه پڙهندا آهيون، ان ۾ (اَلْمَغْضُوبِ عَلَيْهِمْ) (جن تي ڏمر ٽيل آهي) ۽ (الضَّآلّينَ) (جيڪي گمراهن آهن) تن کان پناهه گهرندا آهيون، پوءِ به انهن جهڙا ڪم ڪندا آهيون : علم پرائڻ ڇڏي ڏيندا آهيون ته جيئن اڻ جاڻائيءَ ۾ عمل ڪيون، ائين گمراهه عيسائين سان مشابهت رکندا آهيون، يا علم ته سکندا آهيون پر ان تي عمل نہ ڪندا آهيون، اهڙيءَ طرح ڏمر ٽيلن يهودين سان مشابهت رکندا آهيون!

الله تعالىٰ کان سؤال آهي ته اسان ۽ توهان کي فائديمند علم ۽ چڱي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

الله ۽ سندس رسول وڌيڪ جاڻن ٿا، وصلىٰ الله وسلم علىٰ سيدنا وحبيبنا محمد وعلىٰ آله وصحبه اجمعين.